# ماڙهو شهر ڀنڀور جا



غلام رباني آگرو

سنڌي ادبي بورڊ

# ماڻهو شهر ڀنڀور جا

**غلام رباني آگرو**

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2012ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون　　فيبروري 2012ع　　تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ڇهه سؤ پنجاهه رپيا
(Price: 650-00)

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميسرز ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچيءَ، مان الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب ’ماٺيو شهر پنهور جا‘ سنڌي ادب جي نامور نثرنگار سائين غلام رباني آگرو جن جي آخري تصنيف آهي، جيڪا پڻ سندن اڳين تصنيفن جيان تحرير جي دلڪشي ۽ اسلوب سبب ڏاڍي دلپذير آهي ۽ لکڻ جو اِهو انداز اتساهيندڙ ادب جو هڪ اهم حصو آهي. پاڻ زندگيءَ جي مختلف مرحلن ۾ تجربي ۽ تلخيءَ جي وِهه کي ماکيءَ ۾ بدلائي عجب جهڙو ڪم ڪيو آهي.

رباني صاحب جي اِها تخليق ڏيهي ۽ پرڏيهي ادبي ثقافتي، سماجي ۽ سياسي شخصيتن جي زندگي جي مختلف رُخن تي روشني وجهي ٿي. پاڻ هن ڪتاب ۾ انهن شخصيتن جي مکيه پهلوئن جا عڪس پنهنجي لکڻيءَ وسيلي پسيا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي ته، ادبي تاريخ تي مشتمل اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرايا وڃن، ته جيئن ادبي تاريخ پڻ محفوظ ٿي سگهي.

سائين رباني صاحب منهنجو محسن آهي ۽ مون سندن زير سايه رهي گهڻو ڪجهه پرايو. اهو سندن ئي شفقت ۽ محبت جو اثر آهي جو اڄ آءٌ هن مقام تي پهتو آهيان. اِها منهنجي خوش قسمتي آهي، جو سائين جن جي هيءَ عظيم تخليق آءٌ بورڊ طرفان پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري رهيو آهيان. آئون بورڊ جي مانواري

چيئرمين جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رهنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي ته، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو ادب سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

| | |
|---|---|
| 1 ربيع الثاني 1433هه | **الهڏتو وگهيو** |
| 24- فيبروري 2012ع | سيڪريٽري |

# انتساب

سنڌ جي مسڪين ماڻهن ڏانهن،
جن جي اکين جا ڳوڙها اگهڻ وارو ڪير بہ ڪونهي.
شيخ اياز جو هي شعر سندن حال جو ترجمان آهي:

**ٻُڪ ۾ ڦُٽي باکَ ۽ ڏُک ۾ گذريو ڏينهن !**

# شڪر ادائي

مون کي هن ڪتاب جي اشاعت جو اُتساهہ عزيزم حڪيم اعجاز حسين چانڊيي ڏياريو جنهن لاءِ سندس مرهونِ منت آهيان. هونئن، ٻين بہ گھڻن ئي دوستن جو شڪر گذار آهيان، جن منهنجي مدد ڪئي. برادرم الطاف آگري ڪن شخصيتن لاءِ گھربل مواد هٿ ڪري ڏنو. تصويرون گھڻي قدر عزيزم عادل راشديءَ عنايت ڪيون. ڪن شعرن جي صحت لاءِ ياءُ نصير مرزا مدد ڪئي. ڪتاب جا پروف مون ڏنا. البت ڪمپوزنگ جو سمورو ڪم نويدالرحمان چنا ۽ ڪرم الاهي چنا وڏيءَ محبت سان سرانجام ڏنو. مان مڙني احبابن جو تهدل شڪر گذار آهيان.

هن ڪتاب ۾ جن بہ شخصيتن جو احوال ڏنل آهي، سي، سڀ معزز ۽ محترم آهن، پر انهيءَ احوال کي سندن سوانحي خاڪا سمجھڻ شايد صحيح ڪونہ ٿيندو ڇو تہ مون ڪنهن بہ شخصيت جي ڄمَ جي تاريخ ۽ هنڌُ، سندس تعليم، شادي ۽ اولاد جا تفصيل وغيره ڪونہ ڏنا آهن، جيڪا ڳالهہ سوانحي خاڪن جي هڪ عام خصوصيت هوندي آهي.

مون انهن مان ڪن سان گھڻو تہ ڪن سا ٿورو وقت گڏ گذاريو. ليڊي ڊايانا جو احوال سو رڳو ڪتابن ۾ پڙهيم، يا وري ٽي. ويءَ تي ڏٺم. گويا، مڙني محترم ۽ معزز شخصيتن بابت هي منهنجا پنهنجا ذاتي تاثرات آهن، جيڪي نهايت ادب ۽ احترام سان، پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪريان ٿو.

**ـ غلام رباني آگرو**

# فهرست

تعارف — حميد سنڌي
پيش لفظ — خليفو حڪيم عبدالحميد چانڊيو
مقدمو — غلام رباني آگرو

## ماٺهو شهر ينيور جا

1. سائين جي ايم سيد 45
2. پير علي محمد راشدي 97
3. پير حسام الدين راشدي 141
4. مخدوم صاحب سجاد حسين قريشي 175
5. ڊاڪٽر اينيمري شمل 197
6. ايلسا قاضي 239
7. سوڀو گيانچنداڻي 249
8. شيخ اياز 265
9. جمال ابڙو 333
10. ڊاڪٽر جي ايم مهڪري 347

| | | |
|---|---|---|
| 11. | شيخ حفيظ | 359 |
| 12. | نورالدين سرڪي | 375 |
| 13. | تنوير عباسي | 387 |
| 14. | حميد سنڌي | 409 |
| 15. | جمال رند | 425 |
| 16. | استاد اظهار حسين | 443 |
| 17. | ارنيسٽ ٽرمپ | 457 |
| 18. | ڊئوڊ چيزمين | 477 |
| 19. | ليڊي ڊايانا | 493 |
| 20. | ڀڳت ڪنور رام | 503 |
| 21. | حسين شاهہ راشدي | 521 |
| 22. | پروين شاڪر | 529 |
| 23. | ڊاڪٽر نجم الاسلام | 545 |
| 24. | محمد حسن پنو | 557 |
| 25. | اعجاز قريشي | 567 |
| 26. | غلام علي | 573 |

اشاعت لاءِ ڏنو فارسي ترجمي جي ايڊيٽنگ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ ڪئي ۽ ان جي ڇپائيءَ لاءِ غلام رباني آگري وڏي محنت ڪئي. قدرت ٻنهي ڄڻن کي هن تاريخي مصحف مبارڪ جي اشاعت جو شرف عطا ڪيو.

سڄي هندستان ۾ سڀ کان اول "سنڌ جي تاريخ" لکي وئي، جنهن جو نسخو اُچ شريف جي هڪ عالم علي ڪوفيءَ هٿ ڪيو ۽ عربيءَ مان اتاري فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. شمس العلماء دائودپوٽي فارسي ترجمو ايڊٽ ڪيو. شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ وري ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد ۽ اردو ترجمو اختر رضويءَ ڪيو. جن کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب ايڊٽ ڪيو. پويان ٻئي ترجما سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا. غلام رباني آگري اردو ترجمي جي ٻئي ڇاپي جو شاهڪار مقدمو لکيو. هن "جهڙا گُل گلاب جا" نالي سنڌ جي هاڪوڪن مشاهيرن تي ٻن جلدن ۾ ڪتاب پڻ لکيو. اهي ٻئي جلد سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا. ان کان پوءِ آگري صاحب ٽيون ڪتاب "سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ" نالي سان لکيو جيڪو پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليہ غوث بهاؤالحق ملتانيءَ ۽ قلندر لعل شهباز جو تذڪرو آهي تنئي ڪتاب ماٺهن کي ايڏا وڻيا، جو بورڊ هاڻي وري نئين سر ڇپايا آهن.

هونئن، رباني صاحب جو پهريون پهريون ڪتاب "آبِ حيات ۽ ٻيا افسانا" هو جيڪو مون، سنہ 1959ع ۾، "زندگي پبليڪيشن" طرفان شايع ڪيو هو. اسان ٻئي تڏهن نوجوان هئاسين. سنڌي ادبي سنگت جا سرگرم ڪارڪن هئاسين ۽ "سنڌ دوست اديبن" جي صفِ اول ۾ هئاسين. اسان سڀ سُڄا سِرَ هئاسين. هڻ ۾ ڪجهہ ڪونہ هو پر، اسان جا حوصلا بلند هئا. قدرت اسان کي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪيو. سنڌي ٻوليءَ کي اصلوڪو درجو مليو ۽ ون يونٽ بہ ڇڄُڻ تي ويو.

ادبي لڳ لاڳاپي کان علاوه اسان ٻنهي جي محبت جي هڪ ذاتي نسبت اها بہ آهي تہ رباني صاحب ڪنڊياري جو ويٺل آهي ۽ مان نوشهري فيروز جو. جيڪو پنهنجي تاريخي مدرسي هاءِ اسڪول لاءِ سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. اسان ٻنهي انهيءَ ئي هاءِ اسڪول ۾ تعليم ورتي. رباني صاحب مون سان پنهنجي ذاتي لڳ لاڳاپي جو ذڪرُ، وڏيءَ محبت سان، پنهنجي هن ڪتاب ۾ مون تي لکيل خاڪي ۾ ڪيو آهي.

مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ سنڌس افسانن جو پهريون پهريون

مجموعو مون ئي ڇپايو. پر، اڳتي هلي، سنڌس ڪي افسانا حشو ڪيولراماڻيءَ "هندستان ٽائيمس" نالي انگريزي اخبار ۾، ڊاڪٽر شمل جرمن زبان ۾، چومنگ (چيني اديبن جي تنظيم جي نائب صدر)، چين جي "شرجئي ويٽشو" (دنيا جو بهترين ادب) نالي رسالي ۾ شايع ڪيا. سنڌس شروعاتي افسانن جو مرڪزي موضوع "اقتصادي ۽ سماجي انصاف" هو ۽ هاڻوڪي وبجهي دور ۾ لکيل ڪن افسانن جو موضوع ماڻهوءَ جون محبتون ۽ حسرتون آهن.

هو ملڪ جي مڃيل ادبي شخصيت آهي. پهريون پهريون سنڌي اديب آهي، جيڪو ٻاهرين ملڪن: چين، هندستان، بنگلاديش ۽ ايران ۾ پاڪستاني اديبن جا وفد پنهنجي اڳواڻي ۾ ادبي ۽ ثقافتي دوري تي وٺي ويو. بنگلاديش جي صدر کيس "سونهري قلم" (GOLDEN PEN) تحفي طور ڏنو ۽ "سرڪاري مهمان" (OFFICIAL GUEST) قرار ڏئي، ملڪ جي مکيہ بندرگاهہ چاٽگام ۽ دنيا جي مشهور سامونڊي ٻيچ (BEACH) ڪاڪسز بازار جو سئر ڪرايو.

هن چين جو ٻہ دفعا دورو ڪيو. پهريون ڀيرو وفد جي ميمبر طور ۽ ٻيو ڀيرو وفد جي اڳواڻ جي حيثيت ۾. چيني اديبن چيني زبان ۾ مٿس مضمون لکيا، جن جا ترجما انگريزي ۽ اردوءَ ۾ اعليٰ پيماني تي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا. دنيا جي مشهور چيني اخبار "PEOPLE'S DAILY" سنڌس مفصل انٽرويو شايع ڪيو. وائيس آف آمريڪا پڻ ادب ۽ ثقافت تي سنڌس انٽرويو نشر ڪيا. پاڪستان جي هڪڙي صدر کيس ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ تمغو ڏنو ۽ ٻئي صدر وري سنڌس تعليمي ذهانت جي اعتراف ۾ شيلڊ ڏني. ڪجهہ عرصو اڳ. آغا خان فائونڊيشن پڻ سنڌس علمي ۽ ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ کيس شيلڊ ڏني.

هو سنڌي ادبي بورڊ ۽ اڪيڊمي آف ليٽرس جو چيئرمين، سنڌ يونيورسٽيءَ جو پرو- وائيس چانسلر ۽ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر رهي چڪو آهي. حڪومت پاڪستان کيس ملڪ جي ڪن مکيہ علمي ۽ ادبي ادارن جي بورڊ آف گورنرز تي ميبر نامزد ڪيو ۽ نيشنل بئنڪ جي قومي انعامن واريءَ ڪميٽيءَ جو جج پڻ نامزد رهيا.

رباني صاحب جو هي ڪتاب سنڌس اڳين ادبي ڪاوشن جوئي تسلسل آهي. مون کي اميد آهي تہ انشاءَ الله سنڌي ادب ۾ هن ڪتاب جي پڌري ٿيڻ سان قابل قدر اضافو ٿيندو.

**حميد سنڌي**

# پيش لفظ

سائين غلام رباني آگري جو نالو مون پهريون دفعو سنہ اٹويهہ سؤ سٺ واري ڏهاڪي ۾ ٻڌو هو. تنهن وقت افساني نگار جي حيثيت ۾ سندس نالو عروج تي هو.

هڪ دفعي رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ جي دعوت تي ڊاڪٽر علي نواز بلوچ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي همراه ويس. رات رهياسين. راڳ رنگ جي محفل هئي. سگهڙن جي ڪچهري جو اهتمام بہ هو. غالباً ٻيڙو فقير ڪنير بہ ساڻ هو. انهيءَ ڪچهريءَ ۾ رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ جي واتان رباني صاحب جي بي انتها تعريف ٻڌم. رباني صاحب تنهن وقت سنڌي ادبي بورڊ ۾ هو يا وري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو - وائيس چانسيلر هو. پوريءَ طرح ياد نہ آهي. پر، رئيس مرحوم جي واتان رباني صاحب جي ايڏي تعريف ٻڌي، ان وقت ئي دل ۾ خواهش پيدا ٿي، تہ ساڻس ملاقات ڪجي ۽ علمي ادبي رهاڻ ڪري حِظ حاصل ڪجي. اها سال سٺهتر چاهتر جي ڳالهہ آهي. ان بعد سالن جا سال گذري ويا، پر، خواهش، خواهش ئي رهجي وئي! رباني صاحب جو ديدار نہ ٿي سگهيو ڇو تہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ هو اسلام آباد هليو ويو ۽ سڄا سارا پندرنهن ويهہ سال اتي هو.

1992ع ۾ برادرم مرحوم علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ "جهڙا گل گلاب جا" ڪتاب عنايت ڪيو. ڪتاب ڇا هو هڪ ادبي شاهڪار هو! مان تہ ڪتاب پڙهي رباني صاحب تي عاشق ٿي پيس. سندس ملاقات ۽ هٿن چمڻ لاءِ دل ۾ بيحد و حساب آرزو ٿي. پر، اسلام آباد واري ڏُوري وچ ۾ ديوار بڻيل هئي.

هڪ دفعي منهنجو فرزند، نورچشم حڪيم اعجاز حسين حيدرآباد کنهن ڪم سان ويو. هو به مون وانگي رباني صاحب جو پروانو هو. سو ڪو وسيلو ڪري، رباني صاحب سان وڃي مليو ۽ منهنجو ڪتاب "سنڌ جو اتر ڪاڇو" کيس پيش ڪيائين. اعجاز چيو ته، "بابا! سائين رباني صاحب ائين مليو جڻ ته سالن جو واقف هجي! پاڻ اخلاق جو اهڙو ئي مجسمو آهي، جهڙو پنهنجي ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" جو مقدمو لکيو اٿس." اُنهيءَ ڪتاب جي مقدمي ۾ رباني صاحب "اخلاق" جي اهميت متعلق گفتگو ڪئي آهي ۽ هن ڪتاب جي مقدمي ۾ وري "ماڻهوءَ جي مزاج" کي موضوع بنايو اٿس. هي ٻئي مقدما اهم آهن.

رباني صاحب سان ملاقات جو ڏاڍو شوق هو. نيٺ عزيزم اعجاز حسين جي دعوت تي، اسان جي ڳوٺ "ماڏي" آيو. ائين ساڻس ملاقات جو رستو پيدا ٿيو جا اسان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي. هن صديءَ جي هڪ منفرد ممتاز اديب جي زيارت به نصيب ٿي ۽ ساڻس دوستانه تعلق به ٿيو. سندس لکڻين ۾ ته مشڪ ۽ عنبر جي خوشبو آهي، پر سندس ڪچهريءَ ۽ علمي گفتن ۾ به گلاب جي گلن جي سرهاڻ آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته اسان ٻنهي کي سنڌ جي قديم تاريخي آثارن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو ان ڪري مان کيس ميان نصير جي ابدي آرامگاهه تي وٺي ويس.

اڳتي هلي خبر پيم، ته آگرو صاحب سنڌ جي هاڪاري حڪيم حاجي محمد آگري جو پوٽو آهي، جنهن جو نالو مون بابا سائين حڪيم عبدالمجيد خان کان ٻڌو هو ته وڏو حاذق حڪيم هو. سندس طبي حڪايتون اڄ به ساهتيءَ جي عوام ۾ رطب اللسان آهن. سندس حڪمت جا ڪي معجزا مون کي مرحوم حافظ محمد بخش خاصخيليءَ به ٻڌايا هئا. هن کان اهو پڻ ٻڌم ته تمام ديندار شخص هو. يارنهن حج ڪيا هئائين. پهريان ست حج ڳوٺ کان مڪي شريف تائين پيادل ڪيائين. پوءِ آگبوٽ رائج ٿيا ته چار حج انهن جي وسيلي ڪيائين. سندن خاندان ۾ علم ۽ دين سان محبت جي روايت تمام قديم آهي. مير علي شير قانع ٺٽويءَ پنهنجي مشهور تاريخ "تحفة الڪرام" ۾ مخدوم عبدالله آگري جو ذڪر سچيءَ سنڌ جي چونڊ مشاهيرن ۾ ڪيو آهي.

حافظ محمد بخش خاصخيلي (مرحوم) ڪنهن زماني ۾ رباني صاحب جي والد ۽ ساهتيءَ جي مجيل استاد. جناب عبداللطيف آگري صاحب سان گڏ پيغمبري پيشي جا فرائض بہ سرانجام ڏنا هئا. حافظ مرحوم استاد عبداللطيف مرحوم جون سڪ سان ڳالهيون ڪندو هو.

رباني صاحب جو هي ڪتاب "ماٺهو شهر ڀنڀور جا" سندس ڪتابن "جهڙا گل گلاب جا" ۽ "سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ" جوئي تسلسل آهي ۽ هن شعر جي مصداق آهي تہ:

یہ وہ گل ہے کہ گلستاں کو بھی جس پہ ناز ہے،
اس کے ہر اک برگ میں دلگیر پنہاں راز ہے۔

مشهور ڪتاب "ديوانِ ظهير فريابي" لاءِ هڪڙي شاعر سهڻي ۽ دلچسپ ڳالهہ ڪئي آهي تہ:

دیوان ظہیر فریابی
در مکہ بجز وز دستیابی

يعني ديوان ظهير فريابي اهڙو ڪتاب آهي، جو هن ڪي مڪي مان بہ چورائي سگهجي ٿو. سائين غلام رباني آگري صاحب جو هيءُ ڪتاب بہ هڪ اهڙو ئي شاهڪار آهي، جنهن لاءِ جيترو لکجي، اوترو گهٽ آهي. سندس قلم جي ڪمال کي سلام پيش ڪرڻ لاءِ هيءُ شعر ياد آيو آهي:

حافظ چہ طرف شاخ نباتیست کلک تو
کش میوہ دلپذیر تر از شہد و شکرست

اي حافظ! تنهنجو قلم ڪهڙي نہ مٺڙي درخت جي لام مان آهي، جنهن جو ميوو ماکيءَ ۽ شڪر کان بہ وڌيڪ دلپسند آهي.

حڪيم خليفو عبدالحميد چانديو

شفاخانہ حڪيم عبدالمجيد
ماڏي ضلعو دادو سنڌ.
5_ ڊسمبر 2007ع

# مقدمو

وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّث
(۽ پنهنجي رب جي نعمت جو بيان ڪر.)
- قرآن شريف

جهانن جي خالق ۽ مالڪ جڏهن مٽيءَ جي مُٺ ۾ ساهہ وڌو هو تڏهن منجهس ڪيئي گيت، سنگيت ۽ نغما پري ڇڏيا هئائين. سو زندگيءَ جو ساز هر دم وڄندو رهي ٿو ۽ منجهانئس نت نوان نوان نغما نڪرندا رهن ٿا.

آدمي، آدم جو تسلسل آهي. مالڪ مون تي مهر ڪئي، جو عدم مان وجود ۾ آندائين، انسان جو جامو عطا ڪيائين ۽ دل جي ڳالهہ بيان ڪرڻ جي نعمت سان نوازيائين.

يونان جي ڏاهي، ارسطوءَ کي انسانذات جو "معلم اول" ۽ مسلمان مفڪر، ابن سينا کي "معلم ثاني" ڪوٺيندا آهن. ارسطوءَ انسان کي "حيوان ناطق" ڪوٺيو جنهن جو مطلب آهي تہ انسان هڪ اهڙو ساهوارو آهي، جيڪو ڳالهائي ٿو- يعني پنهنجي دل جي ڳالهہ بيان ڪري سگهي ٿو. يوناني ٻوليءَ ۾ LOGON جو مطلب "ڳالهہ" آهي. ارسطوءَ چيو تہ "انسان /ZOON) (LOGON/ECHON ڳالهائيندڙ ساهوارو آهي."

پر، ارسطوءَ کان اها ڳالهہ ڳجهي ڪانہ هوندي، تہ ٻيا ساهوارا بہ پنهنجن هم - جنس ساهوارن سان هم - ڪلام ٿين ٿا. مثلاً، ساموندي ماهرن جو چوڻ آهي تہ "مڇيون هڪٻئي کي پنهنجو پيغام ڏيڻ لاءِ اشارا ڏينديون آهن." اسر جي مهل ڪڪڙن جا ٻَس تہ هر هنڌ مشهور آهن. ننڍپڻ ۾ اسان پاڻ اسڪولن ۾ پڙهندا هئاسين تہ:

COCKS CROW IN THE MORN, TO TELL US TO RISE,
HE WHO LIES LATE, SHALL NEVER BE WISE.

ڪڪڙ صبح سان بانگون ڏين ٿا تہ اسان ننڊ مان اٿون،
جيڪو دير تائين سمهندو سو سياڻو ڪونہ ٿيندو.

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري واري سرڪاري گهر ۾ مون محسوس ڪيو تہ اونهاري جي مند ۾، رات جو چئين ساڍي چئين وڳي ڌاران، ڪو تڏو رکي رکي، سريلي ساز وانگر آواز ڪڍندو هو. ڪلاڪ کن ڪان پوءِ پاسي وارن وڻن ٽڻن مان بہ ساڳيا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، تہ چُپ ٿي ويندو هو. پر، جيڪڏهن ڪونہ ايندا هئا تہ پاڻ وري ساڳيا سڏڙا ڪندو هو.

وڏيءَ فجر جو وري هڪ ڪانءُ هوا ۾ هيڏي هوڏي لامارا ڏيندو هو ۽ "ڪان، ڪان" ڪري ٻين ڪانوَن کي جاڳائيندو هو. آخر ۾ جهرڪيون جاڳنديون هيون ۽ وڻن ٽڻن ۾ ڏاڍي وڻندڙ آواز ۾ "چُون، چُون" ڪنديون هيون.

جڏهن آسمان ۾ اوير طرف ڳاڙهاڻ ظاهر ٿيندي هئي، تڏهن مان بورچيخاني منجهان رات جي بچيل ڀاڄيءَ ۽ مانيءَ جا ٽڪرا ڪنهن ٿانوَ ۾ گڏ ڪري، گهر جي صحن ۾ آڻي رکندو هئس. اهو ڏسي، وڻ تي ويٺل ڪانءُ، ڏاڍي زور سان "ڪان، ڪان" ڪندو هو. سندس آواز ٻڌي، امالڪ چئني طرفن کان ڪانوَن جا ولر اچي مانيءَ تي مڙندا هئا.

اهو لقاءُ ڏسي سمجهيم، تہ ڪانوَ جو "ڪان، ڪان" ڪرڻ ٻين ڪانوَن سان ڳالهائڻ جو سندس نمونو آهي. البت، ائين آهي تہ ڪيس ٻين ڪانوَن کي جاڳائڻو هجي، يا مانيءَ لاءِ سڏڻو هجي، پاڻ رڳو "ڪان، ڪان" ڪندو آهي.

❊ ❊ ❊

سنہ 1984ع ۾ مرڪزي ۽ صوبائي سرڪار مون کي سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري مان اسلام آباد "ايڪيڊمي آف ليٽرس" ۾ موڪليو. اهو ادارو سنڌي سليمي اکرن ۾ "پاڪستان ادبي بورڊ" آهي. مون کي پهريائين ڊئريڪٽر جنرل جو ڪم سونپيائون ۽ پوءِ ترقي ڏيئي چيئرمن ڪيائون. پر،

شروع ۾ منهنجو چيئرمن اردو زبان جو مشهور اديب ۽ پاڪستان نيويءَ جو رٽايرڊ ريئر سرجن ايڊمرل شفيق الرحمان هو. جهڙو نالو هئس، اهڙو ئي شفيق انسان هو. مون اهڙو ايماندار سرڪاري عملدار پنهنجي سڄيءَ عمر ۾ ڪونه ڏٺو. آفيس مان پينسل يا اڇو پنو به گهر ڪونه کڻي ويو. ميٽنگ ۾ سرڪاري ماني ڪونه کائيندو هو. پنهنجي گهران آڻيندو هو.

اسان روزانو سندس ڪمري ۾ ماني کائي، ڪچهري ڪندا هئاسين. زندگيءَ جي وسيع تجربي جي ڪري شفيق الرحمان جنهن به ڳالهه تي راءِ ڏيندو هو سا منڊيءَ تي ٺڪ هوندي هئي.

هڪ دفعي چيائين ته، "اوهان ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ گهر اچو ته اوهان جو پاليل ڪتو خوشيءَ مان پڇ لوڏيندو پر غريب کي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ جي يا ڏک جو بس رڳو پڇ لوڏيندو رهندو."

انهيءَ ڳالهه جو مطلب به اهو ٿيو ته ڪانوَ جو "ڪان، ڪان" ڪرڻ ۽ ڪتي جو پڇ لوڏڻ يا مڇين جا ٻين مڇين کي اشارا ڪرڻ ۽ جهرڪين جو "چُون چُون" ڪرڻ، انهن ساهوارن جي ڳالهائڻ جا نمونا آهن. منجهن به ڳالهائڻ جي صلاحيت آهي، پر، اها ايتري ڊيولپ ٿيل ڪانهي. سو ارسطوءَ جي مشاهدي ۾ واقعي وڏو وزن آهي ته:

انسان ٻين ساهوارن کان وڌيڪ شان ۽ شرف وارو
انهيءَ ڪري به آهي جو ڪيس پنهنجيءَ دل جي ڳالهه
ڪرڻ جي وڏي صلاحيت آهي.

انسانذات جي تهذيب جي تاريخ جو پهريون پهريون اهم ڪارنامو اُهو آهي ته ٻوليءَ جو هنر ايجاد ٿيو يعني انسان ڳالهائڻ سکيو. سڀ انسان ڳالهائين ٿا، پر، سڀ هڪجهڙا هوشيار ڪونهن. هڪڙا ٻين کان وڌيڪ قابل آهن. مثلاً، عيسويءَ ويهينءَ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ هندستان ۾ نواب بهادر يار جنگ نالي هڪ مشهور ليڊر هوندو هو جو وڏن وڏن جلسن ۾ تقرير ڪندي، هزارين ماڻهن کي اتي جو اتي ڪِلائي ۽ رئاري سگهندو هو.

تقرير ڪرڻ به ته ڳالهائڻ جو هڪ نمونو آهي. تقرير جي ماهرن وانگر، عالم، اديب ۽ شاعر پڻ ڳالهه ڪرڻ جا بادشاهه ٿين ٿا. سنڌي زبان ۾ اهڙو چٽو مثال شاهه سائينءَ جو آهي. چون ٿا ته ننڍپڻ ۾ جڏهن شعر چوڻ شروع

ڪيائين، تہ سندس والد شاھہ حبيب چيس تہ، "ابا، ڀُلي شاھہ شعر جي اهڙي ڪا زمين چڏي ئي ڪانهي، جنهن ۾ هَـرُ نہ هلايو هجيس."

شاھہ سائينءَ ادب سان چيس تہ، "بابا سائين، جي ائين آهي تہ پوءِ مان جر ۾ جاتون ڏيندس، جن جو ڪو انت ئي ڪونہ هوندو."

شاھہ سائينءَ ڪي هيءَ جهان ڇڏئي صديون گذري ويون آهن. ان ڪان پوءِ بہ سنڌ ڪيئي شاعر پيدا ڪيا آهن. پر، سندس ڪلام اڄ بہ بي مثال بيٺو آهي. ان ڪري ائين ئي چئبو تہ سنڌ ۾ هر دؤر ڀٽائيءَ جو دؤر آهي.

اردو زبان ۾ وري مرزا اسد الله خان غالب بہ وڏو نالو آهي، پر، ڪي ماڻهو مير تقي مير کي پسند ڪن ٿا. مرزا غالب پاڻ بہ چيو آهي تہ:

کہتے ہیں اگلے زمانے میں کوئی میر بھی تھا

هڪ دفعي تنوير اسلام آباد ۾ مون وٽ مهمان هو. تن ڏينهن ۾ سندس مطالعي جو موضوع منصور حلاج هو. مون کيس "مير" جو هڪ شعر ٻڌايو جو کيس ڏاڍو وڻيو:

موسم آیا تو نخلِ دار میں میر
سرِ منصور ہی کا بار آیا

ڪراچيءَ ۾ اين.جي.وي. هاءِ اسڪول جي پاسي ۾ "سعيد منزل" نالي ٻي بہ هڪ ننڍي، پر، سهڻي عمارت آهي، جا ڊاڪٽر سعيد ٿهرائي هئي. مون مرحوم ڪونہ ڏٺو. پر، سندس پٽ، ڊاڪٽر خورشيد سان سٺي ڏيٺ ويٺ هئم. سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس تڏهن اين.جي.وي. هاءِ اسڪول واريءَ بلڊنگ ۾ هوندي هئي. سو ٻئي ٽئي ڏينهن ساڻس ڪچهري ٿيندي هئي. سندس ميز ۽ ڪرسيءَ جي پاسي ۾ ٽپائيءَ تي، هڪ خوبصورت پينٽنگ رکيل هوندي هئي، جنهن کي چتائي ڏسبو تہ منجهس هڪ شخص سوٽ ڪوٽ ۾ نظر ايندو جو آرام- ڪرسيءَ تي آهليو پيو آهي ۽ پنهنجن خيالن ۾ گم آهي. تصوير جي هيٺان مرزا غالب جو هيءُ شعر لکيو پيو آهي:

ہستی کے مت فریب میں آجائیو اسد،
عالم تمام حلقۂ دامِ خیال ہے۔

غالب ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ ڪئي آهي! بلاشڪ، هستيءَ جي بي ثباتيءَ کان انڪار ڪونهي. ماڻهوءَ جي حياتي چڻ تہ پاڻيءَ جو ڪو بوڙيو آهي. اجهو هاڻي هو پر، هوا لڳي تہ هينئر ڪونهي. هن حقيقت جو اظهار اردو زبان جي رابعہ نالي هڪ گمنام شاعره، سهڻن لفظن ۾ ڪيو آهي، سندس تخلص "پنهان" هو. چيو اٿس تہ:

یہ ہونا بھی بقدر یک نفس ہے
ہماری ابتدا کیا انتہا کیا۔

تاهم، اها ڳالهہ مڃڻي پوندي، تہ "هستي" ڪيڏي بہ "بي بقا" ڇو نہ هجي، پر، ان جي حقيقت ۽ اهميت کان بہ انڪار ڪونهي، ٻيءَ صورت ۾، هيءَ ڌرتي ۽ آسمان، سج، چنڊ ۽ تارا، رات ۽ ڏينهن، ڪڪر ۽ مِينهن، وڻ ٽڻ ۽ ساوا ٻوٽا، قسم قسم جا گل، انهن جا رنگَ، سمورا ساز ۽ آواز بي معنيٰ نالا ٿي ويندا.

انگريزي زبان ۾ چوڻي آهي تہ ALL IS MATTER يعني سڀ ڪجهہ مادو آهي. پر، ٻي بہ هڪ چوڻي آهي تہ: ALL IS MIND يعني سڀڪجهہ "سوچ" آهي.

قديم هندستان ۾ شنڪر آچاريہ نالي هڪ وڏو ڏاهو شخص ٿي گذريو آهي. ايڏو تہ عظيم انسان هو جو علامہ اقبال سندس نالو گوتم ٻڌ سان گڏ کنيو آهي. ائين بہ چون ٿا تہ جيئن عالمِ اسلام، ابن عربيءَ جهڙو اعليٰ ۽ افضل ذهن پيدا ڪيو تيئن هندستان جي سرزمين وري شنڪر آچاريہ جهڙو ڏاهو پيدا ڪيو. انگريزن جي زماني ۾ سنڌي درسي ڪتابن ۾ مٿس مضمون هوندو هو جنهن ۾ سندس شڪل ۽ احوال ڏنل هوندو هو. هو بہ چوندو هو تہ "سڀ ڪجهہ ماڻهوءَ جي سوچ يا خيال آهي، جنهن ماڻهوءَ کي سوچ جي صلاحيت ڪانهي، تنهن کي ڪنهن بہ ڳالهہ جو شعور ڪونهي."

هڪڙي دفعي واٽ وٺيون پيئي ويو تہ پري کان مست هاٿي ايندي ڏٺائين. ماڻهن چيو تہ، "ڏسون تہ هاڻي هاٿيءَ کان پاڻ بچائي ٿو يا نہ؟"

شنڪر آچاريہ ڪنڌ پاسي سان لڪي، جان بچائي. جڏهن ماڻهن سوال ڪيس، تہ کين چيائين تہ، "منهنجو واٽ وٺي اچڻ، پنيان هاٿيءَ جو

اچڻ ۽ منهنجو لکي جان بچائڻ ـ اهو سيڪجهہ اوهان جي سوچ ٿي تہ آهي."

❊ ❊ ❊

انسان جو شعوري "گفتو" يا "عمل" سندس سوچ يا خيال جي تابع آهي، انهي جو مطلب اهو ٿيو تہ انسان کي ڳالهائڻ جي جيڪا نعمت مليل آهي، سا بہ دراصل سندس سوچ ۽ خيال جي اظهار لاءِ آهي.

هونئن تہ خيال جي اظهار جا ڪيترائي طريقا آهن. مثلاً مصور بہ تصوير ناهي، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي ٿو. سنگتراش بہ ائين ڪري ٿو. پر، هر شخص پنهنجن خيالن جو اظهار گهڻي قدر ڳالهائڻ وسيلي ڪري ٿو. ڪابہ ڳالهہ بيان ڪرڻ تمام وڏي نعمت آهي، جيڪا قدرت انسان کي عطا ڪئي آهي. قرآن ڪريم جو ارشاد آهي تہ:

**ٻاجهاري رحمان**
**قرآن سيکاريو**
**انسان کي خلقيو**
**کيس بيان ڪرڻ سيکاريو**

ماٺهو ڳالهہ نثر ۾ بيان ڪري يا نظم ۾، ٻنهي صورتن ۾ ڳالهائڻ لاءِ سندس بنيادي ضرورت "لفظ" آهي. لفظ ۾ معنيٰ آهي ۽ معنيٰ ۾ پيغام آهي، ان ڪري لفظ جي "حرمت" يعني "سخن جي سچائي" سڀ کان اهم ڳالهہ آهي.

هڪ اصحابي هوندو هو جو حضور صلي الله عليہ وسلم جن جون حديثون لکندو رهندو هو ٻين ڪن اصحابين چيس تہ "ادا، حضور صلي الله عليہ وسلم جن ڪنهن مهل خوش ويٺا آهن، تہ ڪنهن مهل وري ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ جي خيال ۾ آهن. اوهان ان ڳالهہ جو بہ تہ ڪجهہ لحاظ رکو. سوچي سمجهي حديثون قلمبند ڪريو." ان کان پوءِ اهو اصحابي احتياط ڪرڻ لڳو. پر، ڪنهن ڏينهن مهل موقعو ڏسي، حضور صلي الله عليہ وسلم جن جي ڏيان تي اها ڳالهہ آندائين. پاڻ سڳورن فرمايو تہ:

"تون اڳي وانگر لکندو رهہ. هن زبان مان حق جي ڪلمي کان سواءِ ٻي

ڪا بہ ڳالھہ ڪانہ نڪرندي.“

حضور صلي الله عليہ وسلم جن جو اهو ارشاد، سخن جي سچائيءَ جو معراج آهي، جيڪو اهو ٿي شخص ماڻي سگهي ٿو جو سندن نقشِ قدم تي هلي ۽ پاڻ ۾ اخلاق جي ايڏي تہ بلندي پيدا ڪري، جو سندس قول ۽ فعل ۾ ڪو بہ فرق نہ رهي. پر، عام انسانن ۾ بشري ڪمزوريون آهن. سو پَل ڇِڪ ۾ ڪانئن خطا ٿي وڃي ٿي. ڪي شخص تہ وري جاڻي واڻي ڪنهن نہ ڪنهن مطلب خاطر حق تي پردو وجهن ٿا. ڪوڙ ڳالهائن ٿا. ڪي تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ اونڌا ابتا ڪم ڪن ٿا. کين ڪو بہ حياءُ ڪونهي، اُهي نود آهن. ڏسڻ ۾ ماڻهن جهڙا ماڻهو پر اندر ۾ ابليس آهن. يعني ”اصفل الصافلين“ آهن.

تلسيءَ، رامائڻ ۾ لکيو آهي تہ جڏهن راوڻ سيتا کي ڪٽيا ۾ اڪيلو ڏسي، کيس ڌوهہ سان کڻي ڀڳو تہ رام ۽ لڇمڻ سندس پٺيان پيا. هلندي هلندي کين بن ۾ رات ٿي وئي. اپ ڪارن ڪڪرن سان اڳئي پريو بينو هو ستت، گجگوڙ ٿي، کنوڻ چمڪي ۽ وڏڦڙو وسڻ لڳو. مرون هاسي ۾ هڏڪارون ڏيڻ لڳا. چوڌاري خوف ۽ هراس ڇانئجي ويو. لڇمڻ ننڍو هو سو ڊڄڻ لڳو. رام ڳالهہ سمجهي ويو. سو ٻيهر آسمان ۾ کنوڻ چمڪي، تہ ننڍي ڀاءُ لڇمڻ کي پرڀائڻ لاءِ چيائين تہ:

”لڇمڻ، هن ڪاريءَ رات ۾ کنوڻ ائين ئي چمڪي
ٿي، جيئن ڪميڻي ماڻهوءَ جي روح ۾ ڪڏهن
ڪڏهن اشرافت چمڪي.“

رام جو رايو ائين آهي جيئن ڪوزي ۾ سمنڊ سمايل هجي. مطلب وري بہ اهوئي آهي، تہ سمورا ماڻهو ”اشرف المخلوقات“ ڪونهن. اهو شان ۽ شرف ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿئي ٿو.

پر، اها حقيقت رڳو ماڻهن جي معاملي ۾ ڪانهي، قدرت جو عام نظام ائين ئي آهي. جهنگن ۾ وڻ آهن. جيڪي پاڻ ڦٽن ٿا ۽ پاڻ ئي وڌن ٿا. سنهن سڌن ۽ ڪوڪن جهڙن تکن سيلهہ ڪنڊن وارن ٻيرن جا تہ ٻيلا آهن. توهر ۽ اڪ جهڙن زهريلن ٻوٽن جي بہ ڪمي ڪانهي. ابت ـ ڪنڊڙي، ڪنڊيون ۽ ڪانڊيرا بہ عام جام آهن.

پر، جهنگ جهر ۾ ڪاٿي بہ ڪيلو ۽ ڪينو نظر ڪونہ ايندو. انب،

انگور، ڊاک، ڪشمش، ناسپاتي،نارنگي، صوف، گدرا، گرما، سردا ۽ ڏاڙهون ڳولڻ سان بہ ڪونہ ملندا. اهي توڙي ٻيا ميوا وڏيءَ محنت سان پوکڻا پوندا ۽ ان کان بہ وڏيءَ محنت سان تاتي وڏا ڪرڻا پوندا.

ڪنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ گهوگهاري جا چانور ڏاڍا مشهور هوندا هئا. "سگداسي" سڏبا هئا. هڪ گهر ۾ رڌبا هئا، تہ اوڙي پاڙي ۾ سرهاڻ پکڙجي ويندي هئي. هاڻي بہ باسپتي چانور سٺا آهن، پر، منجهن اها ڳالهہ ڪانهي. ڪنهن شخص سان ڳالهہ ڪيم تہ چيائين تہ، "سگداسي چانور لهن ٿا ٿورا، ٻيو تہ ڪين ڪيڙو لڳي ٿو ۽ آسپاس پوکيل ردي جنسن جو بہ مٿن اثر پوي ٿو. سو هاڻي ماڻهن جو لاڙو اهڙين جنسن ڏانهن ٿيو آهي، جن جي پوکڻ مان ڪين مالي فائدو ٿئي ٿو. سو سگداسي چانور ڪو ٿورڙو پوکجي ٿو."

لاڙڪاڻو ساريال علائقو آهي. اسان جو نوابشاهہ ضلعو (هاڻي نوشهروفيروز) وري ڪڻڪ، ٻاجهر ۽ جوئر جو علائقو آهي. ٿئي اَنَ - پوکون آهن. پر، ڪمند ۽ ڪيهہ ۾ جو مالي فائدو گهڻو آهي، ان ڪري جوئر ۽ ٻاجهر جو تہ نالو ئي نڪري ويو آهي. سياري ۾ ڪڻڪ سوا جا پوکجي ٿي.

اڳي اسان وٽ ڪڻڪ جون بہ مکيہ ديسي جنسون هونديون هيون: هڪ ڳهٽي ۽ ٻي نوڙهي. ڳهٽيءَ جي ماني ڏاڍي نرم، پر، نوڙهيءَ جي مانيءَ ۾ اهو ساءُ ڪونہ هو. تڏهن بہ نوڙهي زور وٺي وئي، ڇو تہ انهيءَ جي پوک مان حقدار ۽ هاريءَ ٻنهي کي مالي فائدو گهڻو ٿيندو هو. آهستي آهستي ڳهٽي تہ غائب ٿي وئي، پر، نوڙهيءَ جو بہ نالو نشان ڪونہ رهيو. پوءِ تہ ڪيئي نيون ولائتي جنسون آيون، جن جا نالائي عجيب آهن: مثلاً سوناريڪا.

ڳوٺ ۾ هڪڙي هاريءَ سان ڳالهہ ڪيم. وڏيءَ ڄمار وارو شخص هو. چيائين تہ، "ڳهٽيءَ ۽ نوڙهيءَ کان بہ اڳي ڪڻڪ جي هڪ ديسي جنس هوندي هئي، جنهن کي "ڪونج" ڪوٺيندا هئا. ڪونج جي ماني صبح جو پچائي رک، تہ سانجهيءَ تائين جهڙي پٽ پٽيهر. مجال آهي جو سندس سواد ۾ ڪو فرق اچي!" تڏو ساهہ پري چيائين تہ، "ڪڻڪ جو اهو ٻج بهشتي ميوو هو."

پڇيومانس تہ، "پوءِ اهڙي سٺي جنس ڇو ختم ٿي وئي؟"

چيائين تہ ”لهندي هئي ٽوري، ٻيون رواجي جنسون جام لهنديون هيون، سو خلق انهن ڏي ڪاهي پئي. ڪونج آهستي آهستي ائين ختم ٿي ويئي، جو ناليِ ڪاڻ بہ ڪانہ بچي. هاڻي تہ ماڻهن کان اهو نالو ئي وسري ويو آهي.“ ـ
مون سندس ڳالهہ مان ائين محسوس ڪيو تہ قدرت جو قانون هيءُ آهي تہ:

**خوبيءَ واري جنس هميشہ محدود ٿيندي. مقدار يا تعداد (QUANTITY) ۾ واڌارو ڪبو تہ خوبي (QUALITY) خود بخود گهٽجي ويندي.**

هيءُ معاملو هوندئن تہ علم اقتصاديات ۽ معاشيات جو ڪو ماهر ئي مؤثر لفظن ۾ سمجهائي سگهندو پر، اهلِ دل انسان تہ ائين ئي چوندو تہ:

**دنيا ۾ ملن ميڙن ۽ سٺن ماڻهن جي هميشہ ڪمي هوندي.**

❊ ❊ ❊

هيءُ ڌرتي ماڻهوءَ جو هڪڙو ئي گهرڙو آهي، جنهن ۾ حياتيءَ جا چار پهر گذاري، عدم جي راهہ وٺي ٿو. جيڪڏهن گهرڙو اڇو اجرو ۽ صاف سٿرو آهي، تہ ڏاڍو سٺو. پر، جي منجهس وڪ وڪ تي ڪنڊا ۽ ڪانڊيرا هوندا، تہ منا ميوا تہ ڇڏيو ڪاٽي ساهہ پنڻ لاءِ ٿڌي ڇانوَ بہ ڪانہ ملندي. سنا ۽ منا ماڻهو تہ ٿيا خوابَ، سي، تہ سڄيءَ حياتيءَ ۾ ملن الائي ڪونہ ملن. انهيءَ آس جي دلپذير تصوير هڪ بيت ۾ ڏٺم. جيڪو مون ”جهڙا گل گلاب جا“ ڪتاب جي مقدمي جي آخر ۾ اڳي ئي ڏنو آهي. پايان ٿو تہ شاهہ سائينءَ جو آهي، فرمايو اٿس:

**آڳم ڪيو اڇن، سڄڻ ساوڻ مينهن جيان،**
**پاسي تن وسن، جي سڀ ڇماندر سِڪيا.**

هوندئن، هن ڌرتيءَ تي ماڻهن جي ڪمي ڪانهي. مٿس پنجن اربن کان بہ وڌيڪ ماڻهو رهن ٿا، پر انهن ۾ سنا ۽ سچا ڪي ٿورڙا آهن. اڪثر ڪوڙا آهن، ڳالهہ هڪڙي ڪندا ۽ پيـر ان جي ابتڙ کڻندا. شايد ماءُ جي پيٽان ئي ابتا ڄاوا هئا. سندن سڄاڻپ اها آهي تہ وڇونءَ وانگر هر ڪنهن کي ڏنگ هڻندا. هر هنڌ فتنو فساد ڪندا. دنيا کي دوزخ بنائي ڇڏيندا. پٽائيءَ بي سبب تہ ڪونہ چيو هوندو تہ:

**پيئر هن پنيور ۾، دوزخ جو دونهون**

سڀ ساهوارا هن ڌرتيءَ جي مٿان ڪونہ ٿا رهن. هڪڙا ان جي مٿان هوا ۾ تہ ٻيا وري هيٺ سمنڊ جي تري ۾ رهن ٿا. پر، ڌرتي سيني کي ساڻ ڪنيو ورهين ۽ ايامن کان ونئي سج جي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي. چون ٿا تہ ڌرتيءَ جهڙا ٻيا بہ آسماني گولا آهن. جيئن بہ ساڳيءَ طرح سدائين سج جو طواف ڪندا رهن ٿا. انهن تي بہ ڪي ساهوارا آهن يا نہ، سا خبر ڪانهي. ائين بہ چون ٿا تہ اسان جي سج وانگر ٻيا بہ ڪيترائي سج آهن. جيڪي بہ پنهنجون پنهنجون دنيائون ساڻ ڪنيون. هل هلان ۾ آهن. هاڻي، ايڏي وڏي جهان ۾ "ماڻهو" تہ تڏهن ئي "اشرف المخلوقات" تسليم ٿيندو جڏهن خدا جي خلقيل هيءَ سموريءَ مخلوق کان اعليٰ ۽ افضل هوندو. انهيءَ ڳالهہ جو دارو مدار سندس مزاج تي آهي.

هڪڙو پکيئڙو هو جيڪو پري کان اڏامندو تي آيو. ڏاڍو ڪو اڃايل هو. پاڻيءَ جي تلاءَ تي اچي ويٺو. هيٺ نوڙي، چهنب سان پاڻيءَ جو ڦڙو ڦڙو ڪٽي پيئندو رهيو پر، هر ڀيري، شڪر ادائيءَ لاءِ آسمان ڏي نماڻين اکين سان نهاريندو رهيو.

سو چئڻ جي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ پکيئڙي جهڙي شناس گهڻن ماڻهن ۾ آهي؟

ماڻهوءَ جو مزاج معلوم ڪرڻ لاءِ مغربي دنيا ۾ هابس، لاڪ ۽ روسو مڃيل ماهر آهن. اسلامي دنيا ۾ ابنِ خلدون بہ تمام وڏو درجو رکي ٿو. انهن مان هڪڙي جٿي ماڻهوءَ کي وحشي جانورن وانگر هڪ جانور قرار ڏنو. ٻئي ان کي ملائڪن وانگر معصوم ڪوٺيو. ٽئين ان کي جهنگلي جانورن ۽ ملائڪن جي وچ تي رکيو پر مون کي ذاتي طرح البرٽ آئنسٽائين جي ڳالهہ وڌيڪ وزندار لڳي. هو عيسويءَ ويهينءَ صديءَ جو وڏي ۾ وڏو سائنسدان هو **"تقدير جي جبر"** واري نظريي جو قائل هو. ماڻهوءَ جي مزاج تي تبصرو ڪندي لکيائين تہ:

> **"ماڻهوءَ جو قول ۽ فعل سندس اندروني ۽ بيروني مجبورين تي منحصر آهي."**

هنن مڙني مفڪرن، ماڻهوءَ جي مزاج بابت پنهنجا نتيجا پنهنجي ذاتي مشاهدي مان ئي ڪڍيا. سو اسان بہ پنهنجي مشاهدي موجب ڏسون، تہ "شهر ڀنيور" جا ماڻهو ڪيئن آهن؟

❊ ❊ ❊

پاڪستان ٺهيو ته اردو ملڪ جي قومي ٻولي ٿي. منجهس ٻه وڏا شاعر ساماٽا: هڪ جوش مليح آبادي ۽ ٻيو فيض احمد فيض. جوش هندستان مان هجرت ڪري آيو هو جتي رابندرناٿ ٽئگور، جگر مراد آبادي، مخدوم محي الدين ۽ مجاز لکنوي‌ءَ جهڙن شاعرن سان ۽ هت پاڪستان ۾ وري پير ذهين شاهه تاجيءَ، فيض احمد فيض ۽ پير حسام الدين راشديءَ جهڙن عظيم عالمن سان قربت ۽ محبت هئس.

هندستان جي حڪومت سندس (جوش مليح آبادي) ادبي خدمتن جي تسليميءَ طور کيس ملڪ جو وڏي ۾ وڏو قومي ايوارڊ به ڏنو هو پر، ڪراچيءَ جي ڪنهن ڪمشنر جي ڳالهين تي لڳي، پنهنجيءَ مرضيءَ سان هندستان مان هليو آيو. اهو ڪمشنر ڪو ٽڳ هو. سو چيائينس ته "جوش صاحب اوهان کي واعدو ڪيل رعايتون ۽ مراعاتون ڪنهن سبب ڪري ملي نٿيون سگهن."

اهو ٻڌي، جوش جون ته ٻه ٻه ويون، ڇهه ٻه ويون. سندس آخري ايام اسلام آباد ۾ ڏاڍي ڏک ۾ گذريا. "يادون ڪي بارات" نالي آتم ڪهاڻي لکيائين. منجهس هڪ هنڌ پنهنجي نئين جي پياري دوست، مانيءَ جي باري ۾ لکيو اٿس، ته مٿس ڏکيا ڏينهن آيا ۽ معاشي طرح ڏاڍو بدحال ٿي ويو. مان ساڻس سڪ سان ملڻ ويس. مون کي ڏسي، اکين ۾ پاڻي اچي ويس. چيائين ته هندستان ـ سرڪار جي "ساهتيه ايڪيڊميءَ (ACADEMY OF LETTERS) کان کيس علمي ۽ ادبي خدمتن جي عيوض ڪا پينشن منظور ڪرائي ڏيان. مون کيس تسلي ڏني ۽ سڌو وزيرِ تعليم ابوالڪلام آزاد وٽ هليو ويس. هن چيو ته "مان ته انهيءَ شخص کي شاعر ئي ڪونه ٿو مڃان."

اهو ٻڌي ڏاڍو مايوس ٿيس. پر، سوچي سوچي وزيراعظم جواهر لعل نهروءَ وٽ هليو ويس. سندس سيڪريٽريءَ چيو ته "وزيراعظم هن وقت سخت مصروف آهي. ملي ڪونه سگهندو."

مون کيس چيو ته، "تون منهنجي اچڻ جو اطلاع ته ڪر."

موٽي آيو ۽ چيائين ته، "جوش صاحب! وزيراعظم اوهان کي فوراً اندر سڏيو آهي." مان ڪمري ۾ گهڙيس، ته پنڊت جواهر لعل نهرو، بيٺو، هڪ اُچي ڊيسڪ تي ڪجهه لکي رهيو هو. مون کيس مانيءَ سان متعارف ڪرايو

۾ سندس ادبي پينشن لاءِ عرض ڪيو. مانيءَ ڪي تہ ڪونہ سڃاڻندو هو. پر، منهنجي ڪري، اتي جو اتي سندس درخواست تي سندس ادبي پينشن جو آرڊر ڪيائين. جوش ڏاڍي ذڪ مان لکيو آهي تہ:

**"مانيءَ ڪي پينشن ملي، تہ پوءِ مون سان ملڻ ڇڏي ڏنائين."**

جنهن ماڻهوءَ زندگيءَ ۾ جيترو ڊگهو سفر ڪيو هوندو، تنهن جو مشاهدو بہ اترويئي اهم هوندو. مليح آباد هڪ ڳوٺ آهي. جوش ڳوٺان نڪتو. آهستي آهستي، سفر ڪندو، هندستان جي گاديءَ دهليءَ پهتو. اتي ڏاڪي بہ ڏاڪي، مٿي چڙهيو ۽ وزيراعظم هائوس تائين وڃي پهتو. جواهر لعل نهرو ۽ ابوالڪلام آزاد ٻئي سندس عزت ڪندا هئا. سو ماڻهوءَ جي مزاج کي سمجهڻ لاءِ سندس مشاهدو اهم آهي. سندس لفظ ڪيڏا نہ اهم آهن تہ "مانيءَ جو مسئلو حل ٿيو تہ مون کي وساري ڇڏيائين!"

پر، جوش وانگر خود اسان مان بہ ڪن شخصن کي ٿورا يا گهڻا اهڙا مشاهدا ٿيا هوندا. مثال طور، مون پنهنجي هڪ ملازم کي اسلام آباد ۾ رهڻ لاءِ سرڪاري گهر وٺي ڏنو. اتي جوءِ ملڻ سولي، پر جاءِ ملڻ ڏکي. سو مون کي ڏاڍي منٿ ميڙ ڪئي هئائين. گهر وٺي ڏنومانس تہ خوش ٿيو. پر، ڪجهہ عرصي کان پوءِ وري آيو ۽ چيائين تہ پنهنجو پلاٽ ورتو اٿم. قرض وٺي ڏيو تہ پنهنجي جاءِ جوڙايان. قرض وٺي ڏنومانس. هڪ ڏينهن اچي ٻڌايائين، تہ جاءِ جوڙائي اٿم. هاڻي ايڪيڊميءَ لاءِ منهنجي جاءِ مون کان مسواڙ تي وٺو تہ قرض لهي. ائين بہ ڪيم تہ چيائين تہ هاڻي اها ئي جاءِ ايڪيڊميءَ جي آفيسر جي حيثيت ۾ مون کي ئي رهائش لاءِ ڏيو. اهو بہ ڪيم. اوچتو هڪ ڏينهن شام جو منهنجي گهر ۾ پنهنجي ماءُ، زال ۽ ٻارڙن کي وٺي اچي پهتو ۽ قرآن شريف کڻي آيو تہ هاڻي نوڪريءَ ۾ وڏو گريڊ بہ وٺائي ڏيو. اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکي هئي. پر، منهنجي اکين اڳيان قرآن ڪريم هو. ڪوشش ڪري، وڏو گريڊ بہ وٺائي ڏنومانس.

هڪ ڏينهن چيومانس تہ، "هاڻي تہ اوهان جا سڀ ڪم پورا ٿي ويا؟"

چيائين تہ، "هن سال اوهان مون لاءِ ڇا ڪيو آهي؟"

اهڙي قسم جا ماڻهو رڳو اسلام آباد ۾ ڪونهن. هر هنڌ آهن. اسلام آباد وانگر، حيدرآباد ۾ بہ ڪنهن ملازم تي مهرباني ڪيم. ڪيس وڏي نوڪري

وٺي ڏنم ۽ پوءِ ڪيس ٻيا فائدا بہ وٺي ڏنم. پر، آخر ۾ احساس ٿيم، تہ منجهس ۽ اسلام آباد واري شخص جي مزاج ۾ ڪو فرق ڪونهي. اهو بہ ڏنم تہ ٻنهي ۾ هڪ ڳالهہ ساڳي هئي. ”ٻئي ميسٽا هئا“ ۽ ڪين ڏسي، مون کي شيخ سعديءَ جو مشاهدو ياد ايندو هو. ”گلستان“ ۾ لکيو اٿس تہ هڪ ڏينهن ڏٺم تہ وڻ جي هيٺان جهرڪ ۽ ڳيرو گڏ ٻيا ٿا چُڳن. اهو لقاءُ ڏسي حيرت لڳم، ويجهو وڃي ڏٺم تہ ٻئي منڊا هئا.

مان سمجهان ٿو تہ جيئن ساهوارن ۽ جاندارن ۾ ٻڻ ٻٽياد کي وڏي اهميت آهي. اصِيلَ ۽ ڪارَ جو فرق آهي، تيئن ماڻهن ۾ بہ آهي. هڪڙا پنهنجي نسلي اثر ۽ پرورش ڪري يا وري ماحول ۽ سنگت ساٿ جي اثر ڪري، بي پروسي ۽ دوکيباز ٿين ٿا. ٻيا وري پروسي جوڳا سچا، سورهيہ ۽ بهادر ٿين ٿا.

خليفي محترم عبدالحميد چانڊئي سال سوا اڳ، هڪ اهم ڪتاب لکيو آهي: ”سنڌ جو اتر ڪاڇو“ منجهس هڪ دلچسپ مثال پڙهيم. حڪيم صاحب لکيو آهي تہ ”مون پنهنجي دواخاني ۾ دواسازيءَ جي ڪم لاءِ پنهنجي پراڻي ڪارڪن عبيدالله ڪنير جي چوڻ تي سندس جاءِ تي هڪ ماڻهو رکيو جنهن مون وٽ بہ ٽي سال ڪم ڪيو مون غريب ماڻهو سمجهي مٿس گهڻيون مهربانيون ڪيون. ارادو هو تہ کيس علم طب بہ پڙهائجي. پر، اوچتو سندس پرَ نڪري آيا. مون کي ڇڏي اسان جي ”ماڏي“ شهر ۾ ٿي پنهنجو دواخانو کوليائين ۽ ”حڪيم“ ڪوٺائڻ لڳو. همراهہ اهڙو تہ منهن مٺيو جو جڻ واقف ئي ڪونہ هو. سندس دواخانو شهر ۾ هلي ڪونہ سگهيو. سو وري ٻئي شهر ۾ وڃي دواخانو کوليائين.

مون ان بعد ٻيو ماڻهو پنهنجي شفاخاني ۾ رکيو. هن يار وري فرمائش ڪئي تہ طب سيکاريو. مون کيس فارسي ڪتاب پڙهايو. اهو سندس سمجهہ کان زور هو. سو اردو ڪتاب شروع ڪرايومانس. کيس ڪو خيال آيو تہ دوائون ناهڻ تہ اچيئي، سکيون اٿم. باقي طب آهي ڪتابن ۾. سو مانڙي ڪري، طب وارو اردو ڪتاب ۽ ٻيا بہ ٽي سنڌي ڪتاب کڻي پڄي ويو! ماڻهن جا اهي افعال ڏسي، منهنجو تہ مٿائن اعتماد ئي کڄي ويو.

حڪيم صاحب لکيو آهي تہ اها ماجرا رڳو ساڻس ڪانہ ٿي. ساڳيو

اهڙو واقعو حڪيم محمد علي امرتسريءَ سان بہ ٿيو هو. وٽس هڪ شخص آيو جنهن چيو تہ، ”مان پاڻ وڏو طبيب آهيان. پر، ڊگري ڪانهيم. ارادو اٿم تہ اوهان وٽ علم جي تحصيل ڪري، سَنَدَ وٺان. مون سندس ڳالهہ وڏيءَ همدرديءَ سان ٻڌي ۽ کيس طب جا ڪتاب پڙهائڻ شروع ڪيم. هڪ ڏينهن ڪنهن نسخي ڏسڻ لاءِ پنهنجو بياض ڪڍيم. هن شخص سمجهيو تہ سڄو راز آهي انهيءَ بياض ۾. ڪنهن ڏينهن مان ٻاهر ويس تہ پٺيان صندوق کُلي پئي هئي. هو بياض کڻي ڀڳو. ويندي ويندي منهنجي شفاخاني جو بورڊ بہ غور سان پڙهندو ويو جنهن تي لکيل هو تہ:

حڪيم محمد علي

سنديافتہ طبيہ ڪاليج دهلي

شاگرد مسيح الملڪ

حڪيم محمد اجمل خان مرحوم

هن ڀانيو تہ اهو ”مرحوم“ لفظ بہ وڏي ڪا سَنَدَ آهي. سو پنهنجو دواخانو کولي، ان جي مٿان ڏهاڪو کن فوٽ موڪري بورڊ تي، پنهنجو نالو هيئن لکيائين:

حڪيم غلام رسول مرحوم

خانداني حڪيم

هٽ هر مرض جو علاج ڪيو ويجي ٿو.

حڪيم غلام رسول، جنهن ڳوٺ ۾ وڃي دواخانو کوليو اتان جي زميندار کي هڪڙو ئي پٽ هو جو ڏاڍو بيمار هو. غلام رسول ڳوٺ ۾ وڃڻ شرط سندس علاج ۾ هٿ وڌو ۽ هڪدم پنهنجي هٿ شفا ڏيکارڻ لاءِ، کيس جمال گهوٽي جو جلاب ڏنائين- غريب ٿڏي تي مري ويو. زميندار اهو سور ڪيئن پي ويو سو تہ معلوم ڪونهي، پر غلام رسول اهڙو ٻيو ڪو ڪِيس ڪري، تنهن کان اڳئي کيس ڏاڍي مار ڏئي، ڳوٺ مان ڀڄائي ڇڏيائين

حڪيم محمد علي امرتسريءَ ان کان پوءِ ماڻهن کي علم طب پڙهائڻ کان توبهہ ڪئي.

خليفي صاحب جي فرزند اعجاز حسين چانڊئي ماڻهوءَ جي مزاج متعلق پنهنجو ذاتي تجربو بيان ڪندي مون کي ٻڌايو تہ مان هڪڙي وڏيري

ڪي ادب جي ڪري، چاچا ڪوٺيندو هئس. هڪ دفعي چاچو هڪ عملدار کي مون وٽ علاج لاءِ وٺي آيو. چيائين تہ، ”صاحب، منهنجو دوست آهي، ڪائنس ڏوڪڙ پئسو وٺڻو ناهي.“

مون چيو تہ، ”چاچا، حاضر. جيئن اوهان جو حڪم.“

مهينو کن تہ اهو عملدار ۽ چاچو مون وٽ گڏ ايندا رهيا. پوءِ چاچو ڪونہ ايندو هو. عملدار اڪيلو دوا وٺي ويندو هو. ٻن ٽن مهينن کان پوءِ آيو چيائين تہ،”هاڻي، منهنجي بدلي ٿيڻ جو امڪان آهي، سو اڳو پوءِ آخرين دوائون ڏئي ڇڏيو.“

مون چيومانس تہ، ”دوا اجا ڪجهہ وقت هلندي، پر اوهان فڪر نہ ڪريو تہ دوا مفت ۾ ملي ٿي، سا، الائي فائدو ڪندي الائي ڪونہ؟“

منهنجا اهي اکر ٻڌي صاحب موصوف کان ڇرڪ نڪري ويو. ڪا دير تہ چپ هو. پوءِ ڌيمي زبان سان چيائين تہ، ”اوهان جو چاچو وڏيرو صاحب تہ مون کان هن مهل تائين دوا جي لاءِ چاليهہ هزار روپيا وٺي چڪو آهي.“

حڪيم اعجاز حسين چيو تہ، ”اهو ٻڌي مان حيران ٿي ويس. ڏاڍو ڏک ٿيم. دل ۾ چيم تہ ماڻهو ڏاڍا اتڪلي آهن. ظاهر ۾ اوهان کي پيا ڪوٺيندا: ”منهنجا مٺڙا“ – ”منهنجا مٺڙا“ پر، اندر ۾ هوندن اتڪلن جا انبار. اتڪلون بہ اهڙيون، جو ڇڻ تہ ڪي ڇُريون آهن. جيڪي هاڻي هاڻي سيراڻ تان لٿيون آهن. جن سان ڪنهن کي بہ ڪُهي ڪباب ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳندي.“

حڪيم اعجاز حسين جو اهو چوڻ تہ ماڻهو مطلب ڪاڻ پنهنجن کي بہ ڪُهي ڪبابُ ڪري ٿو ڏاڍي ڏکوئيندڙ آهي. چون ٿا تہ انهيءَ جي شروعات ڏاڏي آدم جي پٽن ئي ڪئي هئي: قابيل، ڪنهن مطلب ڪاڻ، پنهنجي ڀاءُ هابيل کي ڪهي ڪباب ڪري ڇڏيو. اڳتي هلي، حضرت يعقوب جي پٽن بہ انهيءَ روايت کي تازو ڪيو. پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ حضرت يوسف کي ڪنهن سُڃي ۽ سُڪل کوهہ ۾ ڦٽي ڪري آيا تہ مري کپي ويندو. هنن تہ سوچي سمجهي پڪو ڪم ڪيو پر، هن جا بہ ڪي بخت ڀلا هئا، سو بچي ويو.

ليڪن اهي ٽيا هزارين ورهيه پراڻا، پيغمبر زادن جا قصا، پلن جو اولاد هئا. سندن باري ۾ سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي، متان پُل چُڪ ۾ به ڪا بي ادبي ٿي وڃي. سو عقل جي ڳالهه اها آهي ته زمان توڙي مڪان جي لحاظ کان اورتي اچون ۽ پنهنجي ئي آسپاس ڪي مثال وٺون.

سنڌ جي تاريخ ۾، هونئن ته گهٽائي مثال موجود آهن. پر، سيني کان دلچسپ مثال، سنڌ جي راڻيءَ سونهن پريءَ (ديويءَ) جو آهي. چون ٿا ته جهڙو نالو هئس، تهڙي چوڏهينءَ جو چنڊ هئي. ٻڌ ڌرم جي راجا جي مهاراڻي هئي. سنڌ، تن ڏينهن ۾ آزاد ملڪ هو. جنهن جو جهنڊو ديبل کان ملتان تائين جهولندو هو. راجا ته ٿيو راجا. پر، راڻيءَ جي رعب تاب جي به ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ويتر سندس سونهن جا تجلا اهڙا ته ڪي تکا هئا، جو خبر ناهي جو پکين کي به سندس محلات جي مٿان اڏامڻ جي همت ڪانه ٿيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن محلات ۾ راجا سان گڏ ويٺي هئي ته ڪو منشي دروازي تي آيو. ڪيس راجا کان ڪاغذ صحيح ڪرائڻا هئا. راجا راڻيءَ کي پاسيرو ٿيڻ لاءِ چيو پر، هن لنوائي ڇڏيو. منشي ڪاغذ کڻي راجا وٽ آيو ته شڪل شباهت ۽ ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ راڻيءَ کي وڻي ويو. سو مهل ۽ موقعي تي ڏانهس مرڪي نهاريائين. پر، منشيءَ جي ڪهڙي مجال، جو راجا جي محل ۾ ميري اک کڻي سگهي. هونئن به پڙهيل پنڊت هو. ڇچ نالو هئس. سمورا ويد ۽ شاستر پڙهي پچايا هئائين. سو پاڻ پري رکڻ جي ڪوشش ڪيائين، ليڪن، سونهن پريءَ جي هڪڙيءَ ئي مرڪ ننڊ ڦٽائي ڇڏيس. سٽت ويد ۽ شاستر به وسرندا ويس. تان جو مهل ۽ موقعو ڏسي، پاڻ به راڻيءَ ڏانهن اجايل اکين سان نهارڻ لڳو.

سونهن پري کيس مڪمل طرح مطيع ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجن پيارن هٿن سان پنهنجي "پتي — ديوتا" يعني سنڌ جي راجا کي زهر جي هلڪي هلڪي ستي ڏيڻ شروع ڪئي. راجا گهٽو جتاءُ ئي ڪونه ڪيو. سگهو وڃي بستري تي ڪريو.

اهو ڪم ڪاميابيءَ سان ڪري، راڻيءَ دربار ۾ اعلان ڪيو ته راجا پنهنجيءَ بيماريءَ جي ڪري، ڇچ کي پنهنجو "نائب" مقرر ڪيو آهي، سو سرڪاري ڪمن بابت. راجا جي پاران حڪم احڪام جاري ڪندو.

راجا تہ پنھنجي هوش ۾ ئي ڪونہ هو. ڏينهون ڏينهن ويو ڳرندو. جڏهن سرڳواسي ٿيڻ جي منزل تي پهتو تڏهن راڻيءَ ويجها مٽ مائٽ سندس درشن لاءِ گهرايا. ڪين محلات ۾ مختلف جاين تي ويهاري، هڪڙن ڪي ٻين جي خلاف پڙڪايائين، تہ فلاڻي معاملي ۾ هنن اوهان سان هيئن ڏاڍائي ڪئي هئي. ڪانئن پلؤ ونڻ جو مهل موقعو هي اٿو. هنن ڪي تہ اهڙو وجهہ ڪپندو هو. پاڻ ۾ ائين اٽڪيا، جو هڪٻئي کي ڪهي ڪباب ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانہ ڪيائون.

راڻيءَ، عقلمنديءَ سان ائين سڄو ميدان صاف ڪري، راجا جي سرڳواسي ٿيڻ جو اعلان ڪيو. جڏهن ڪريا ڪرم جون رسمون پوريون ٿيون ۽ ساعت سٺائي ڏٺائين، تڏهن درٻار ڪوٺائي چيائين تہ، ”راجا جي وصيعت موجب، چچ هاڻي شاهي ڇٽ پائي، سنڌ تي حڪومت ڪندو.“

درٻارين، راجا جي آگيا موجب چچ سان وفاداريءَ جو اعلان ڪيو تہ راڻيءَ چچ سان شادي ڪئي. اڳي بہ راڻي هئي، هاڻي بہ راڻي ٿي. پر، جوان مڙس مليس.

چچ هندو هو سو راڻيءَ جي ڪارنامي ڪري، ٻڌ ڌرم وارن جي حڪومت ختم ٿي وئي. سنڌ جي تاريخ ئي بدلجي وئي.

❊ ❊ ❊

چچ ويدن ۽ شاسترن مان ڪجهہ پرايو هو يا نہ، پر، سهڻيءَ راڻيءَ جي صحبت ۾ رچي ريٽو راس ٿيو. سگهو برهمڻ آباد تي ڪاهہ ڪيائين. اتان جو راجا اگهم لشڪر وٺي، سندس سامهون ٿيو. پر، مقابلي جي طاقت نہ ڏسي، قلعي ۾ دروازا بند ڪري وينو. چچ بہ شهر جي چوڌاري نانگ وانگر ڪڙو چاڙهي ويهي رهيو. جٽ باهہ ٻري، اتي سيڪ اچي. راجا اگهم ويو ڳٽنيءَ ۾ ڳرندو. نيٺ سرڳواسي ٿي ويو. بہ چار مهينا گذريا، تہ شهر واسي بہ اچي پريشان ٿيا، تن چچ سان صلح صفائيءَ جي ڳالهہ چوري، هن هائو ڪئي. ڪامياب ۽ ڪامران ٿي، قلعي ۾ گهڙيو. تڏي سيني سان فيصلو ڪيائين تہ راجا اگهم جي سهڻيءَ راڻيءَ سان شادي ڪريان ۽ پوءِ سندس پٽ سربندَ کي ئي راڄڌانيءَ جي پڳ ٻڌايان.

سربند ڳالهہ ٻڌي چيس تہ، ”اسان جي شاهي خاندان ۾ ڪيئي نندين

نيتيون زالون آهن. جيڪي هڪيئي ڪان سونهن ۾ سرس آهن.“

پر، چچ رائيءَ سان همبستر ٿيڻ تي هري ويو هو. سو هاڻي به سيج پلنگ تي راڻي ڪپندي هئس. سربند جي ڳالهه ڪانه مڃيائين. هوڏانهن، سربند جي ماءُ جي ڪن تي ڳالهه پئي ته هڪدم ”هائو“ ڪيائين ۽ هار سينگار ڪري، پنهنجي مڙس جي قاتل سان لائون لڏائين ۽ پهرينءَ رات ئي ساٿس اهڙي ته ريجهي وئي، جو ڪيس پنهنجي اڳئين مڙس جي وفادار سرڪش قبيلن جا نالا ٻڌائي، چيائينس ته هنن هنن کي ڪهي ڪباب ڪر. ته پوءِ توکي ڳڻتي ڳارو ڪونهي: مان به تنهنجي ۽ برهمڻ آباد به تنهنجي.

چچ ائين ئي ڪيو. برهمڻ آباد ۾ سڀ ڪم سولا ڪري پنهنجا پير پختا ڪيائين. سڀ انديشا لاهي، سيج پلنگ تي سربند جي ماءُ جي ياڪرُ ۾ سپُ ٿڪ پڳائين. ائين پنهنجيءَ حڪومت جي پيڙهه پڪي ڪري، ان جون واڳون پنهنجي ويجهي پٽ سربند ۽ پنهنجيءَ راڻيءَ کي سونپي، پاڻ اروڙ ڏانهن واپس وريو جتي وري راڻي سونهن پري سندس انتظار ۾ آسمان جا تارا ڳڻي رهي هئي.

مثيان ٻئي مثال[1] سنڌ جي اولين تاريخ ”چچ نامي“ ۾ موجود آهن. انساني مزاج جا آئينه دار آهن. سنڌ وانگر هند جي تاريخ ۾ به اهڙا بيشمار مثال موجود آهن، جن مان ماڻهوءَ جي مزاج جو پتو پوي ٿو. پر، سيني کان مشهور مثال راڻيءَ نورجهان جو آهي، جنهن پڻ پنهنجي مڙس جي قاتل سان شادي ڪئي هئي.

نورجهان جي مڙس، علي قلي بيگ ۽ جهانگير جو پاڻ ۾ ڪو به تڪرار ڪونه هو. اڪبر بادشاهه علي قلي بيگ کي مهرالنساء سان پرڻائي بنگال جي پاسي پنهنجو نواب ڪري موڪليو. ڪيس مهرالنساء مان هڪ نياڻي به هئي. زال مڙس جو پاڻ ۾ ڏاڍو پيار هو. پر، اڪبر بادشاهه وفات ڪئي ۽ پٽس جهانگير بادشاهه ٿيو ته علي قلي بيگ کي نياپو موڪليائين ته. ”پنهنجيءَ زال کي طلاق ڏي، ته شادي ڪريانس، جو تنڊيڻ ۾ ڏاڍي وڻندي هئم.“

علي قلي بيگ اهو ٻڌي هڪ غيرتمند مرد وانگر مياڻ مان تلوار ڪڍي پر، پاڻ اڪيلو هو ۽ قاصد وٽ شاهي لشڪر هو. تلوارن سان ٻوٽيون ٻوٽيون

ڪري ڇڏيائونس. الزام رکيائونس تہ بغاوت ڪري رهيو هو. بغاوت اها ڪيائين تہ بادشاهہ کي پنهنجي شوق پوري ڪرڻ ڪاڻ، پنهنجي زال پيش ڪانہ ڪيائين.

مهرالنسا پنهنجي مڙس جي قتل جي پاڻ ئي اکين ڏٺي شاهد هئي. سو جڏهن شاهي محلات ۾ پهتي، تہ حالي تہ صدمي جي ڪري، ڪي ڏينهن بيحال هئي. محل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پاسيري ٿي ويئي، پر هڪ ڏينهن آرس پڳائين. عروسي لباس پاتائين. جڏهن شاهي سيج پلنگ تي جهانگير سان ياڪر پاتو هونداڻين، تڏهن علي قلي بيگ تہ ياد آيو هوندس. شايد دل ۾ ائين ئي چيو هونداڻين تہ:

*آسماں ڈوبے ہوئے تاروں کا ماتم کب تلک*

مٿيان مثال، عورت ذات جي مزاج جا آهن. انهن مان پائنجي ٿو تہ رڳو مرد جي ڳالهہ ڪانهي. جيڪڏهن عورت بہ اهڙيءَ پوزيشن ۾ آهي، جو پنهنجي اثر جو فائدو وٺي سگهي، تہ پوءِ پنهنجو مطلب حاصل ڪرڻ ڪاڻ، ڪيس ڪابہ لڄ ليهہ ڪانهي. اڳي بہ ائين هو هاڻي بہ ائين آهي.

تاهم، تاريخي حقيقت اها آهي تہ جيئن تہ دنيا ۾ اڪثر ملڪن ۾ مرد جي برتريءَ (MALE DOMINATION) وارو معاشرو آهي، ان ڪري عورت کي "ثانوي حيثيت" حاصل آهي. کيس مرد جيترا حق حقوق حاصل ڪونہ آهن. ٻڌيءَ چوڙيءَ جو سڄو اختيار مرد وٽ آهي. هر هنڌ، مرد ئي وڏيرو رئيس يا سردار آهي. سنڌ جي اتر. وچولي ۽ لاڙ ۾ اهڙو ڪو نندو وڏو ڳوٺ يا شهر مشڪل ملندو جنهن ۾ چڱمڙسيءَ جي پڳ، مرد جي بدران ڪنهن عورت جي مٿي تي هجي.

پاڪستان، بنگلاديش، هندستان ۽ سري لنڪا (اڳوڻي برٽش انديا جي) چئني ملڪن ۾ عورت پنهنجي پارٽين ۾ پڳ ٻڌي، وزيراعظم يا صدر جي عهدي تائين تہ پهتي آهي پر، اڄ تائين، ڪنهن بہ عورت کي فوج جي سربراهہ جو عهدو ڪونہ مليو آهي.

نالي ۾ تہ هر جمهوري ملڪ ۾ اصولي طرح طاقت جو سرچشمو عوام آهي پر، جيڪڏهن مائوءَ جو چوڻ صحيح آهي تہ، "طاقت بندوق جي ناليءَ

مان نڪرندي آهي." تہ پوءِ اصل طاقت جو سرچشمو فوج آهي. ليڪن تاريخ ۾ اهڙو ڪو مثال ئي ڪونہ ٿو سُجهي، جو ڪنهن بہ ملڪ جي عورتن زالن جو لشڪر ونئي، ٻئي ملڪ جي عورتن سان جنگ ڪئي هجي. دنيا ۾ جنگيون هميشہ مردن جوٽيون آهن. خون خرابُ مردن ڪيو آهي. ڪٿي بہ زور زبردستيءَ ۽ ظلم سان ڏاڍاين هيٺن کي پيڙيو آهي، تہ اهي "ڏاڍا" مرد ئي هئا: عورتون ڪونہ هيون.

تاريخ جي ورقن ۾ اهڙن خونخوار مردن ۾ سڀ کان مشهور مثال چنگيز خان جو آهي جيڪو پاڻ کُليو کلايو چوندو هو تہ "مان ماڻهن تي خدا جو قهر آهيان." اڄ کان ست سؤ ورهيہ اڳ مشرق ۾ چين پاسي، گوبيءَ جي رڻ پٽ ۾ ساماڻو. لُچ لوفر هو. پاڻ جهڙن ٻين بدمعاش جو ٽولو ٺاهيائين. ويو زور وٺندو نيٺ گوبيءَ جي سڄي رڻ پٽ تي قبضو ڪري ويو. پوءِ چين تي حملو ڪيائين ۽ ان کي فتح ڪيائين. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اولهہ طرف اک کنيائين ۽ خوارزم شاهہ جي سلطنت تي حملو ڪيائين. انهيءَ کي بہ فتح ڪيائين. انهيءَ جنگ ۾ اسي لک قيدي ترار سان قتل ڪرايائين. سندس سپاهي جيڪو شهر فتح ڪندا هئا، ان جي سمورن، مردن، زالن ۽ ٻارن کي ترارن سان رڍن ۽ ٻڪرين وانگر زمين تي ليٽائي، ڪهي ڇڏيندا هئا. ڏڪين زالن جا پيٽ چيري، ٻار کي ٻاهر ڪڍي، ترار سان، اڌو اڌ ڪندا هئا. رڳو سهٽيون زالون ڇڏيندا هئا، جيڪي ورهائي کڻندا هئا. سڀ ماڻهو ماري پوءِ ڍور، ڍڳا ۽ ڪتا ٻلا ڪهندا هئا. اهو ڪم ڪري، شهر کي باهہ ڏئي، خاڪ جو ڍير ڪري ڇڏيندا هئا. ويجهو اوڙو ڪنهن واهہ جو وهڪرو ڦيرائي، خاڪ جي ڍير مٿان وهائيندا هئا، تہ شهر جا نشان بہ مٽجي ويندا هئا.

خوارزم شاهہ جي سلطنت کي تباهہ ڪرڻ کان پوءِ سندس اولاد هڪ طرف روس ۽ ٻيا ڪيئي ملڪ فتح ڪيا، تہ ٻئي طرف پاڻ سنڌو نديءَ جي ڪناري تي اچي پهتو پر، اوچتو پنهنجي وطن ۾ بغاوت جي ڪا خبر مليس، سو اوڏانهن موٽيو. ائين سنڌ ۽ هند سندس باهہ کان بچي ويون! البت. واپس ويندي، پشاور کي جهڙپ ڏيندو ويو. سندس لشڪر جتان لنگهندو هو ان جو پتو هيئن پوندو هو تہ آسمان ۾ ڳجهون لامارا ڏيندي نظر ايندي هيون، جو

زمين تي هِت هُت انساني لاشا هوندا هئا. ڪاٿي ماڻهن جون ٽنگون ٻانهون ته ڪاٿي منڍيون پيون هونديون هيون.

چنگيز خان کان پوءِ سندس پوٽو هلاڪو خان ساماڻو. اول اسماعيلين جي قلعي "الموت" کي تهس نهس ڪيائين. ان کان پوءِ بغداد تي ڪاهه ڪيائين. "اسلامي خلافت" کي ختم ڪيائين. مسلمانن جي خليفي کي مارايائين. پوءِ عام ماڻهن جي "ڪوس" جو حڪم ڏنائين. بغداد وارو دجلو درياهه پاڻيءَ جي بدران ماڻهن جي رت سان وهڻ لڳو. ايران جي هاڪاري شاعر شيخ سعديءَ هيءُ دردناڪ مرثيو انهيءَ موقعي تي چيو هو:

*آسمان راحق بود گر خون ببارد بر زمين*
*بر زوال ملک معتصم اميرالمومنين*
*اے محمد ﷺ گر قيامت مي بر آري بر زخاک*
*سر بر آوري قيامت درميان خلق بين*

آسمان کي حق آهي ته زمين تي رت جو مينهن وسائي
معتصم امير المؤمنين جي ملڪ جي زوال تي. محمد ﷺ،
جي قيامت جي ڏينهن اٿندين، ته اٿ ۽ خدا جي خلق تي
هيءَ قيامت ڏس!

هلاڪو خان کان پوءِ تيمور لنگ ساماڻو. جنهن جي ظلم جي داستانن جو ٻه ڇيهه ئي ڪونهي. سندس خاص شوق اهو هوندو هو ته ماڻهو مارائي سندن منڍين جا منارا ٺهرائيندو هو.

ايران ۾ وري نادر شاهه ساماڻو. ڌرمار ڪري، اول جاگيردار ۽ سنڌين وانگر پوءِ پاتاريدار بڻيو. آخر ۾ سردار بڻيو. ويو زور ونندو تان ته وڃي ملڪ جو بادشاهه ٿيو. ايران مان لشڪر وٺي، هندستان تي ڪاهه ڪيائين. دهليءَ ۾ عام ماڻهن جو ايڏو ته ڪوس ڪرايائين، جو شهر جي جاين جي نيسارن مان برسات جي پاڻيءَ وانگر ٽي ڏينهن انساني رت جا ڦوهارا وهندا رهيا.

افغانستان مان شاهه بيگ ارغون سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو. جام نظام الدين جهڙو بهادر بادشاهه فوت ٿي چڪو هو. سندس نڪمو پٽ جام فيروز پڇي ويو. شاهه بيگ ارغون ٺٽي ۾ داخل ٿيو ته ايڏو ته خون خرابو ڪرايائين،

جو شهر ۾ اوندهہ انڌوڪار ٿي ويو. ڏينهن جا ڏينهن، قاضي قاضن جهڙا عالم واڻڙن وانگر پنهنجن مٿن ۾ ماڻٽن کي ڳوليندا رهيا.

اهي سمورا مثال انساني تاريخ جا حقيقي ورق آهن، جن مان ماڻهوءَ جي مزاج جو پتو پوي ٿو. رڳو اسان وٽ ائين ڪونہ هو. نام نهاد متمدن مغربي ملڪن ۾ بہ هني بال، هٽلر ۽ مسولنيءَ جو شغل ۽ شوق رڳو جنگ ڪرڻ ۽ ماڻهو مارائڻ هو. سڪندر بادشاهہ سنڌ ۾ ارڙنهن هزار ماڻهو مارايا.

اها سوين هزارين ورهيہ اڳ جي ڳالهہ آهي. پر، هن دؤر ۾ بہ اهڙن قاتلن جي ڪمي ڪانهي، جيڪي پاڻ ست سمنڊ پار مغربي ملڪن ۾ ويٺا آهن، پر پنهنجي مطلب ڪاڻ مشرقي ملڪن ۾ ماڻهو پيا مارائن ۽ چون ٿا تہ، "اسان هي ڪم امن خاطر ڪريون ٿا."

هاڻي تہ ايٽم بم ايجاد ڪيو اٿن. جنهن کي آمريڪا استعمال بہ ڪيو آهي. پهريون بم 1945ع ڌاري ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جپان جي شهر هيروشيما کي هنيائين، تہ ڏيڍ لک ماڻهو تڏي تي مري ويا. ٻيو بم ناگاساڪي شهر تي هنيائين تہ ٽيهٽ هزار اٺ سؤ چوراسي انسان مري ويا ۽ سٺ هزار زخمي ٿيا.

❊ ❊ ❊

هڪ طرف ماڻهوءَ جا اهي افعال آهن، ٻئي طرف، ماڻهو ئي ڌرتيءَ تي هڪڙو اهڙو ساهوارو آهي، جو عقل جا پر پائي، پڙڪي ڏئي اڏاڻو تہ چنڊ تي وڃي لٿو. زمين تان ٻيهي چنڊ ڏي نهارجي، تہ اها ڳالهہ اعتبار ۾ ئي نٿي اچي، ليڪن ماڻهو نہ رڳو چنڊ تي چهل قدمي ڪري آيو پر، اتان ننڍا وڏا پٿر بہ ميڙي آيو آهي، جي هيرن جواهرن کان وڌيڪ قيمتي آهن. چون ٿا تہ مٿن تحقيق ڪرڻ سان چنڊ جي سڄيءَ عمر ۽ ننڍپڻ کان وٺي هاڻوڪيءَ ڄمار تائين سندس سفر جو سچو احوال معلوم ٿيندو. هڪڙو پٿر اسان جي ملڪ کي بہ مليو آهي. ڪراچيءَ جي قومي ميوزيم ۾ رکيل آهي.

مون ڏٺو آهي. اسڪولي شاگردن جي سليٽ جيتريءَ ڪاٺ جي هڪ تختيءَ ۾ ڪڪڙ جي آني جيترو هڪ شفاف شيشو ڪتل آهي، جنهن ۾ اندر قابو آهي. سنگ مرمر يا سنگ سياهہ وانگر لَسو ۽ سخت ڪونهي، پُرڪٽو لڳي ٿو. رنگ اهڙو اٿس جهڙو ڪاريءَ ۽ واڱڻائيءَ رنگ جي مس ملائڻ سان

نهي. آسمان ۾ چنڊ کي ڏسڻ سان منجهس ڪارا نشان نظر ايندا آهن، جيڪي چون ٿا تہ جبلن ۽ سڪل ماڻرين جا آهن. هيءَ پٽر بہ شايد ڪنهن اهڙي هنڌ جو آهي.

چوڏهينءَ جو چنڊ جڏهن آسمان ۾ چمڪي ٿو تہ ماڻهوءَ جي روح کي ڪيڏو نہ قرار اچي ٿو پر، پاڻيءَ تي وري ان جي ابتڙ اثر ٿئي ٿو. سمنڊ جو نظارو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. پاڻيءَ ۾ ايڏي تہ بيقراري ٿيندي آهي، جو ڇوليون هڪٻئي جي مٿان پيون سٽبيون آهن.

چوڏهينءَ جو چنڊ، آسمان مان اٿر وجهي هيٺ ڌرتيءَ تي سڄي دنيا جي سمنڊن ۾ بي قراري ۽ اٿل پٿل آڻي ٿو تہ، پوءِ ائين سمجهڻ لاءِ واجبي سبب آهي تہ هن جهانَ ۾ هڪڙو وجودُ ٻئي وجود سان ڪنهن نہ ڪنهن حساب ۾ ڳنڍيل آهي. ماڻهوءَ جو حال تہ هيٺو آهي. هوا نہ هجي، تہ ساهہ بہ کڻي نہ سگهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئبو تہ هن جهان جو ڪارخانو ماڻهوءَ جي مرضيءَ موجب ڪونہ ٿو هلي. تڏهن تہ مير تقي مير چيو آهي:

لے سانس بھی آہستہ کہ نازک ہے بہت کام
آفاق کی اس کارگہ شیشہ گری میں

ماڻهوءَ جي ايندڙ منزل ”مريخ“ آهي، جتي پاڻي ملڻ جو امڪان آهي، ڇو تہ نہ رڳو انساني زندگيءَ بلڪ سموريءَ حياتيءَ جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي. ماءُ جي پيٽ ۾ بہ جڏهن پيءُ جو پاڻي پوي ٿو تہ تڏهن ٻارڙو پيدا ٿئي ٿو پوءِ آهستي آهستي سندس نقش نگار ٺهن ٿا. ڄمڻ کان اڳ ئي قدرت ماڻس جي اُرهہ ۾ کير جا چشما پيدا ڪري ٿي. جڏهن ٿڃ ڌائي، منيءَ مرڪ سان ماءُ ڏي نهاري ٿو تہ معصوميت جو ڪيڏو نہ شاهڪار لڳي ٿو. ڪنهن شاعر اها منظر نگاري هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

دھن عیسیٰ پہ ہو جیسی دودھ مریم کی لکیر

اهو ئي معصومڙو جڏهن جوان ٿئي ٿو تہ ڪيس ننڍپڻ کان وٺي جيڪي تلخ ۽ شيرين واقعا پيش اچن ٿا، تن جي آڌار تي هو پنهنجا رويا ٺاهي ٿو. ڪَسُ ڪَسَر ڪائي، هر ڪنهن سان ڳنڍجي رهڻ تي هري وڃي ٿو يا وري

نفرت ڪري ٿو ۽ ڪرڻ سکي ٿو ۽ منتقم مزاج ٿئي ٿو.

منتقم مزاجي مايوسيءَ جو ٻيو روپ آهي. مايوسيءَ ۾ مبتلا ماڻهو ڪنهن به مهل ڪوبه خُلمُ ڪري سگهي ٿو. منتقم مزاج ماڻهو سدائين پاڻ به عذاب ۾ ته ٻيا به سُورن ۾. شريف شخص منتقم مزاج ماڻهوءَ کان پري رهڻ چاهيندو آهي. ڳُڻ ڳُتر ڪائڻ وارو ماڻهو هر دلعزيز ٿيندو آهي ۽ معاشري ۾ کيس مقبوليت ملندي. قرآن شريف جو به ارشاد آهي ته، "احسان جو بدلو احسان آهي."

پر، ماڻهوءَ جي من ۾ خودغرضي ايڏي ته ڪا اونهي آهي، جو هو احسان فراموش به ٿئي ٿو. ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ نيڪ شخص کي ڪنهن ماڻهوءَ اچي چيو ته، "فلاڻي توهان کي گهٽ وڌ پئي ڳالهايو."

هن حيران ٿي چيس ته، "خبر ناهي ته ڇا جي ڪري؟ مون ته مٿس ڪو احسان ڪيو ئي ڪونهي."

عبدالحميد "عدم" اردوءَ جو وڏو شاعر هو. سندس دل تي به اهڙي ڪا واردات ٿي هئي، جو چيو هئائين ته:

وہ جو تیرے فقیر ہوتے ہیں آدمی بے نظیر ہوتے ہیں
تیری محفل میں بیٹھنے والے کتنے روشن ضمیر ہوتے ہیں
ای عدم احتیاط لوگوں سے، لوگ منکر نکیر ہوتے ہیں۔

ماڻهوءَ جي مطلب پرستيءَ، خودغرضيءَ ۽ احسانِ فراموشيءَ کي ڏسي، ڏاهن شخصن انساني معاشري کي جانورن جي عجائب گهر (ZOO) سان ڀيٽيو آهي، جنهن ۾ رڇ، بگهڙ، باندر، چراخ ۽ چيتا، ممون، ممڙا، ڏاڏيون ۽ ڏائڻ، ويس بدلائي، ماڻهن واري پوشاڪ پائي، گهمندا، ڦرندا وتن ٿا.

هونئن به هر شخص، مرد توڙي عورت جي چهري تي الائي ته ڪيترا نقاب پيل آهن. سو ماڻهوءَ جو اصلي چهرو ڏسڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. تنهن ڪري عجائب گهر (ZOO) ۾ جيڪو شخص وڏا وڏا ياڪر پائي ملي ٿو تنهن مان سپ کان گهڻو ڊپ ٿئي ٿو ته متان شيوا جيءَ وانگر هٿ ۾ "واگهه نُک" لڪل هجيس.

انسان کي هن دنيا ۾، جياپي جي لاءِ ڏاڍي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي.

انگريزيءَ ۾ ان کي ڪوٺن ٿا: "SURVIVAL OF THE FITTEST" علامہ اقبال، ان جي روح جو اردو شعر ۾ ترجمو هيئن ڪيو آهي:

ہے جرم ضعیفی کی سزا مرگِ مفاجات

شاهہ سائينءَ وري اها ڳالهہ هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي:

جيئڻ ڪاڻ جيڏيون، وڏا وس ڪيام

جانورن جي عجائب گهر ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڪَلَ بچائڻ لاءِ هر وقت عقل کم آڻڻو پوي ٿو. پر، رڳو عقل جي آڌار تي ٽـڪـڻُ بہ ڏاڍو ڏکيو آهي.

سائنس جو سڄو علم عقل تي ٻڌل آهي، آلبرٽ آئنسٽائين جي هڪ ويجهي دوست ۽ هاڪاري سائنسدانَ، مئڪس پلئنڪ جو هڪ مضمون آهي: The Universe in the light of modern physics هو ان مضمون ۾ لکي ٿو تہ:

"ماڻهوءَ جو عقل قدرت جي قانون تي ڪنهن بہ طرح اثر انداز ڪونہ ٿو ٿئي، ان ڪري اسان مجبور آهيون، تہ هڪ اهڙي "حقيقي جهان" جو تصور ڪريون، جيڪو انساني عقل کان مٿي آهي."

سندس اصل انگريزي اکر هي آهن:

In physics, however as in every other science, common sense alone is not supreme. There must also be a place for reason. Further, the mere absence of logical contradiction does not necessarily imply that every thing is reasonable. Now reason tells us that if we turn our back upon a so — called object and cease to attend to it, the object still continues to exist.

Reason tells us further that both the individual man and mankind as a whole, together with the entire world, which we apprehend through our sense, is no more than a tiny fragment in the vastness of nature, whose laws are in no way affected by human brain.

It is considerations of this kind, and not any logical argument, that compel us to assume the existence of another "world of realty" behind the "world of senses", a world which has existence independent of man.

German essays on science in the 20' century centinum, New York, U.S.A. 1996, edited by wolf gang schirmacher.

هيءَ ڳالهہ ڳوڙي آهي. اڳتي ڪٿندا سون، تہ پاڻ وچي ڪنهن ٻيءَ بادشاهيءَ ۾ نڪرنداسون. تنهن ڪري موتي اچون پنهنجي موضوع تي يعني **"انسان جو مزاج "**.

❊ ❊ ❊

ڪنهن هاريءَ ڳالهہ ڪئي تہ، "اڄ تاڪ منجهند جو هڪ واٽهڙو واٽ وٺيو پئي ويو پر اوچتو منهنجيءَ جهوپڙيءَ ڏي مڙيو ۽ اچي پاڻي گهريائين. مون مٽ ڏانهن اشارو ڪيس. ڏاڍو ڪو اجايل هو. نئون نڪورو مٽ بہ ٿڌي پاڻيءَ سان ڀريل هو. سو هڪبئي پٺيان بہ گلاس ڀري پيتائين. پوءِ خوش ٿي، مون کان موڪلائي، پنهنجي واٽ وٺي روانو ٿيو."

هاڻي منهنجو ائين سمجهڻ صحيح ڪونہ ٿيندو، تہ هاري انهيءَ واٽهڙوءَ کان ڪڏهن نہ ڪڏهن ٿڌي پاڻيءَ جي انهن ٻن گلاسن جو اجورو ضرور وٺندو! سڀ ماڻهو سنگدل ڪونهن. ڪي انهيءَ هاريءَ وانگر رحمدل بہ آهن. ان ڪري اسان کي ماڻهوءَ جي مزاج بابت راءِ قائم ڪرڻ ۾ اها ڳالهہ مجڻي پوندي تہ:

**دنيا ۾ مٺا ميوا ۽ مٺا ماڻهو آهن، اهي ٿورڙا آهن، پر آهن.**

**هيءَ دنيا سندن ئي سونهن ۽ سرهاڻ سان قائم آهي.**

مون بہ اهڙا ڪي ماڻهو ڏٺا. سندن تذڪرو لکيم، جنهن جو نالو رکيم: **"جهڙا گل گلاب جا"**. مخدوم طالب المولي سائينءَ جي خواهش موجب بورڊ کي ڇپڻ لاءِ ڏنم. مان تڏهن اسلام آباد ۾ هئس. ڪتاب ماڻهن کي ڏاڍو وڻيو. مون کي سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن مان الائي ڪيترا قرب جا خط آيا.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٻيو ڪتاب لکيم: **"سنڌ جا بر، بحر، ۽ پهاڙ"**. پير سائين روضي ڌڻيءَ، غوث بهاءُالحق ملتانيءَ ۽ قلندر لال شهباز جو تذڪرو آهي. اهو بہ ماڻهن کي ڏاڍو وڻيو. تازو ٻيو ڇاپو بہ نڪتو اٿس.

ڪجهہ عرصو اڳ، عمرڪوٽ مان هڪ يار چنگاڻي صاحب قرب جا پير ڀري آيو. **"جهڙا گل گلاب جا"** ڪتاب جي تعريف ڪيائين. موتي ويو تہ ڪي مضمون ۽ خط (فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون) موڪليائين، جن مان هڪڙي

خط ۾ لکيل هو تہ "روزانو جيسين انهيءَ ڪتاب جا ڪجھہ صفحا پڙهي نہ سمهان تيسين ننڊ ئي نہ اچي."

اهڙو ئي ٻيو قربائتو خط ٿر مان پلي صاحب لکيو. چيائين تہ: "ادا، صديق سالڪ تي تنهنجو مضمون پڙهي مان تہ روئي وينس." دراصل، پلي صاحب پاڻ وڏو منو ماڻهو آهي. مون سان فقط هڪ دفعو مليو آهي، ان کي بہ گهڻا گهڻا سال ٿيا. پر، سندس قرب وسريو ڪونهي.

سانگهڙ ۾ سورهيہ بادشاهہ جي ورسيءَ جي تقريب هئي. مون کي بہ سڪ سان سڏيائون. مکڻ ماکيءَ جهڙا مٺا محب ماڻهو هئا. ايڏيون عزتون ڪيائون، جو اڃ بہ دل تي نقش آهن. جڏهن ڪانئن اجازت گهريسون، تہ ڪي مهربان ٻاهر ڪار تائين ڇڏڻ آيا. هڪڙي ميزبان موڪلائڻ مهل مون کي چيو تہ: "اوهان "جهڙا گل گلاب جا" ڪتاب لکي سنڌ تي احسان ڪيو آهي." سندس اهي اکر ٻڌي منهنجيءَ دل تي جيڪا ٿي گذري، سا فقط ڀٽائيءَ جي ٻوليءَ ۾ ئي بيان ٿي سگهي ٿي:

سسئيءَ کي سيد چوي، وڏو قرب ڪهي.

ڪيترائي قربدار وري وري پڇندا رهيا آهن، تہ ٽيون جلد ڪڏهن ٿو اچي؟ مڙني ۾ سرفهرست منهنجو ننڍو ڀاءُ حڪيم اعجاز حسين چانڊيو آهي. کيس عرض ڪيم تہ "ادا سائين ڪوبہ جواب ڏيڻ بدران هاڻي ٽيون جلد ئاهي پيش ڪندس."

محترمہ زبيده ميتلو سنڌي ادب جي خواتين لکندڙن ۾ وڏو نالو آهي، مون سان گهڻي زماني کان سٺي دعا سلام اٿس. "جهڙا گل گلاب جا" ڪتاب جا ٻئي جلد پڙهي، قربائتو خط لکيائين. تحسين بہ ڏنائين، ۽ ميار بہ ڏنائين حجت سان لکيائين تہ "ٽئين جلد ۾ ڪن خواتين جو تذڪرو ضرور هجي." مون هن ڪتاب ۾ سندس ڳالهہ جي ڪجھہ تہ پوئواري ڪئي آهي.

انگلستان مان ڪنهن دوست ڪتاب پڙهي ڏاڍو قربائتو خط موڪليو تہ "اوهان کي ڪتاب جي مقدمي ۾ ماڻهوءَ جي مزاج بابت ڳالهہ چٽي ڪرڻ کپندي هئي." ـ سندس مطلب هو تہ "ماڻهوءَ جي مزاج جو اونداهو رخ بہ آهي، جنهن کي اوهان نظر انداز ڪيو آهي ۽ ماڻهوءَ کي رڳو گلابن ۽ رابيلن

سان پيتيو آهي. سڀ ماڻهو اهڙا سرها ڪاتي آهن؟“

بلاشڪ، اها راءِ صحيح آهي، مون اڳيئن ڪتاب جي مقدمي ۾ هابس، لاڪ ۽ روسو جي حوالن سان ماڻهوءَ جي مزاج جي اونداهي رخ بابت اشارا ڏنا هئا. پر، هن ڪتاب جي مقدمي ۾ ته ڪن مشاهيرن جا رايا، ڪي تاريخي مثال ۽ ذاتي مشاهدا چٽيءَ طرح ڏنا اٿم.

ماڻهوءَ جي مزاج متعلق منهنجي پنهنجي راءِ اها آهي ته، اهو تهدار آهي. جيئن بصر جي هڪ کل لاهه ته ٻي ظاهر ٿئي ٿي، تيئن ماڻهوءَ جي مزاج تي به ٿهن مٿان ٿهه آهن. هڪڙو لاهه ته ٻيو ظاهر ٿئي ٿو. هڪ حقيقت ته اها آهي. ٻي هيءَ به آهي ته جيئن ٻيلي ۾ رڳو وڻ ئي وڻ هجن، پر پوءِ به انهن جون شڪليون، جدا جدا نمونن جون آهن، تئين هن دنيا جي ماڻهن جون شڪليون ۽ سندن مزاج به جدا جدا نوع جا آهن.

ماڻهوءَ جو مزاج سيمابي آهي، يعني پاري وانگر آهي. اتي جو اتي بدلجي ٿو. ان جو بنيادي سبب سندس ذاتي مطلب ۽ مفاد آهي. هڪڙو مثال عرض ڪريان ٿو، جنهن ۾ انهيءَ حقيقت جو عڪس نظر ايندو. ڪراچيءَ ۾ ڪاليج ۾ پڙهندو هئس، ته ملڪ ۾ پهريون "مارشل لا“ لڳو جو سڪندر مرزا هنيو جنهن کي ٻاهر ڪڍي، پوءِ ايوب خان پاڻ ملڪ تي قبضو ڪيو. خيرپور جو شهداد سيال نالي هڪ پيارو دوست ڪراچيءَ ۾ گڏ پڙهندو هو. ڳالهه ڪيائين، ته مارشل لا لڳڻ سان ملڪ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ سڪندر مرزا جا وڏا وڏا پوسٽر بزارن ۾ پٽين تي لڳي ويا، ته خلق ۾ هراس پيدا ٿئي.

سيال چيو ته مان تن ڏينهن ۾ خيرپور ۾ هئس. هڪ ڏينهن، ڪو موالي ۽ ملنگ، شهر جي ڪنهن گهٽيءَ ۾ پِٽِ وٽ اچي بيٺو ۽ سڪندر مرزا جي پوسٽر کي چتائي ڏسڻ لڳو. ڪنڌ ورائي مون کي چيائين ته، "ابا، اسان ڏا نيا بادشاهه اي هي؟“

سيال چيو ته، چيومانس ته، "هائو چاچا، اي هي.“

تڏهن هٿ مٿي کڻي چوڻ لڳو ته،"هائو ڙي جوان، تيڏي حشمت! چور چڪار بند. ملڪ وچ امن. دڪانان تي هر شيءِ حاضر. ملهه واجبي. مين تيتون صدقي وجان، تيڏي دائي تون صدقي ٿيوان.“

سيال چيس ته، "چاچا، ٻيا به هڪ حڪم ڏتاهس.“

ملنگ ڪنڌ ورائي پڇيو ته، ”ابا، او ڪهڙا هي؟“
سيال چيس ته، ”چاچا، حڪم ڏتاهس، ته ينگ پيوڻ والان تي پنج هزار رپيا ڏنڊ. ول جيڪو ينگ نان گڏ آفيم به کاوي، اونهان تي ڏهه هزار ڏنڊ.“
اهو ٻڌي موالي ءَ چرڪ پريو! وري سڪندر مرزا جي پوسٽر ۾ جوهه وجهي ڏسڻ لڳو. گهڙي رکي، سيال ڏي نهاري چوڻ لڳو ته ”ابا، شڪل هي ظالمان والي هس.“
ائين چئي پٺون ۽ پاراتا ڏيڻ لڳس: ”اڙي ڪيون ظلم تي چڙهياهين. تيڪون قلندر دي مار پوي! تيڏي بادشاهي چٽ ٿيوي.“
ائين چپن ۾ پُڻ پُڻ ڪندو اڳتي هليو. جڏهن گهٽيءَ جي موڙ وٽان مڙيو ته ڪنڌ ورائي، سڪندر مرزا کي بجو ڏنائينس ۽ پٺيائينس ته ”شاهه مراد دي مار پويس.“

* * *

هڪ دفعي قبلا علامه آءِ آءِ قاضيءَ فرمايو ته: ”ڪا به ٻولي فقط تڏهن ئي زنده رهي سگهندي، جڏهن منجهس حيات - آفرين خيال پيش ٿيندا.“
سندن ڳالهه جو مرڪزي نُڪتو وري به وڃي **”حيات-آفرين-خيال“** بيٺو. دل ۾ چيم ته خيال ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن موضوع متعلق هوندا. انهيءَ تي ياد آيم. ته ڏاهن جو چوڻ آهي ته، ”هن دنيا ۾ انسان جي اڀياس واسطي سڀ کان اهم موضوع خود انسانُ آهي.“
سوين سال اڳ چين ۾ هي به اکر ٻڌ ڌرم جي هڪ قديم مندر مٿان لکيل هئا: **”پاڻ سڃاڻ“**. (KNOW THY SELF)
ڪن جو چوڻ آهي ته اهي اکر ڊيلفيءَ ۾ اپولو جي مندر جي مٿان لکيل هئا. ڪن جو چوڻ آهي ته اهي اکر يوناني فيلسوف ٿيٿا غورث جا آهن. ڪن وري ان کي سياڻي سقراط جو گفتو ڪوٺيو آهي.
اسلامي روايت ۾ به هڪ گفتو مشهور آهي ته، **”جنهن پاڻ سڃاتو تنهن پنهنجو ربّ سڃاتو“**. انهيءَ جو مطلب ته ”خودشناسي“ ۽ ”خدا شناسيءَ“ جو پاڻ ۾ گهرو رشتو آهي. سو انسان جي مطالعي واسطي سڀ کان اهم موضوع واقعي خود ”انسان“ آهي.
مون هن ڪتاب جو موضوع ”ماڻهوءَ جي مزاج“ کي بنايو ۽ اها ڳالهه ذهن ۾ رکي ته ماڻهوءَ جي مطالعي جو موضوع سڀ کان اهم ”خود انسان“ آهي. منجهس ڪن اهڙن ماڻهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهو جن

مون کي تہ متاثر ڪيو پر، بيشمار ماڻهن کي ڪيو.

مون کي ان ڳالهہ جو پورو پورو احساس آهي. تہ ماڻهوءَ جي هٿ وس رڳو ڪوشش ڪرڻ آهي. سو مون دل جي سچائيءَ سان ڪوشش ڪئي آهي. نتيجو تہ مالڪ جي اختيار ۾ آهي. بلهي شاهہ اها ڳالهہ بهتر لفظن ۾ چئي آهي:

ماہِي دا کم پاݨي دينا
بھر بھر مشکاں لاوے
مالک دا کم، گل پھل دينا
لاوے يا نہ لاوے

**غلام رباني آگرو**

حيدرآباد سنڌ

2_ فيبروري 2009

## سائين جي. ايم. سيد

سائين جي ايم. سيد عيسويءَ ويهينءَ صديءَ جي وڏن اڳواڻن ۾ بہ وڏو نالو آهي. سنڌ سندس سچاٽپ هئي، جنهن سان محبت کيس وڏڙن کان ورثي ۾ ملي هئي. سيد حيدر شاهہ سنائي سندس وڏو ڏاڏو هو جو سمن جي بادشاهيءَ ۾ هاڪاري درويش ۽ قومپرست اڳواڻ، مخدوم بلال جو خليفو هو.

چون ٿا تہ سمن جي بادشاهيءَ جو زمانو 1351ع کان1520ع تائين آهي. ڄام نظام الدين سمون مڙني ۾ نامور بادشاهہ هو. کيس ڄام نندو بہ ڪوٺيندا هئا. لڳ ڀڳ پنجاهہ ورهيہ حڪومت ڪيائين. 'ڄام' سمن بادشاهن جو لقب هو. ائين بہ چون ٿا تہ سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت جي سموري زماني ۾ اڄ ڏينهن تائين، اهڙو عادل ۽ بهادر بادشاهہ وري ڪونہ ٿيو.*

نامور تاريخ نويس پير حسام الدين راشدي چوندو هو تہ ڄام نظام الدين سمون صبح سان گهوڙن جي طنبيلي ۾ ويندو هو. سندن پٺيءَ تي هٿڙا گهمائي، چوندو هو تہ "يٽارا، الله اهو ڏينهن نہ آڻي، جو مان ڪنهن تي ظلم ڪرڻ لاءِ اوهان تي سواري ڪريان."

ڄام نظام الدين سمي کي هاڻي "سنڌ جي قومي سورمن" ۾ (National Heroes) سرفهرست ڳڻيو وڃي ٿو. دولهہ دريا خان سندس وزير هو. مخدوم بلال سندس ويجهڙو مٽ مائٽ هو ۽ وڏو درويش هو. سندس بزرگيءَ جون تاريخي روايتون ۽ داستان مشهور آهن.

سائين جي.ايم. سيد، سمن ۽ سومرن جي بادشاهيءَ کي **"سنڌ جي تاريخ جو سونهري دور"** ڪوٺيندو هو.

---

* غلام شاهہ ڪلهوڙو بہ هاڪارو حاڪم هو، پر سندس حڪومت جو عرصو ايڏو وڏو ڪونہ هو.

پير حسام الدين راشدي وري چوندو هو ته سمن ۽ سومرن جي بادشاهي ختم ٿي ۽ سنڌ تي ڌارين حاڪمن يعني ارغونن جو قبضو ٿيو ته "خرابيءَ جو دور" شروع ٿيو.

ارغونن جو سنڌ تي قبضو تڏهن ٿيو جڏهن ڄام نظام الدين سمي هي جهان ڇڏيو. هنن ڀيريون ڀيريون غير انساني ڪم اهو ڪيو جو مخدوم بلاول تي ڪوڙيون تهمتون مڙهي، ڪيس گهاڻي ۾ پيڙائي مارايو.

سائين جي. ايم. سيد جو وڏو ڏاڏو سيد حيدر شاهه سنائي ارغونن جي انهيءَ ڦهري ڪارنامي کان واقف هو. پر، پنهنجي مرشد مخدوم بلاول وانگر سنڌ سان سچو رهيو. ان کي ڌارين جي غلبي کان بچائڻ لاءِ، محمد جونپوريءَ جي پيڙين تي سن وٽ حملو ڪرايائين ۽ ڪيس سنڌ مان نڪرڻ تي مجبور ڪيائين. هو پاڻ کي "امام مهدي" ڪوٺائيندو هو.

❋ ❋ ❋

ماڻهوءَ جي ذهني سانچي ٺاهڻ ۾ ٻه ڳالهيون اهم آهن: هڪ خاندان جو نسلي ۽ نفسياتي اثر، ٻيو آسپاس جو ماحول. سائينءَ جي.ايم. سيد جي ذهن تي به ننڍپڻ ۾ ٿي انهن ڳالهين جو اثر پيو. سن جو شهرُ درياهه جي ڪپ تي آهي ۽ شهر جي اولهه طرف ويهارو ميل پري، ڪير ٿر جبَل آهي، جيڪو عمر ۾ هماليه جبل کان به جهونو آهي. سائين وڏو ٿيو ته سندس مزاج ۾ پهاڙ جي سختي ۽ پاڻيءَ واري نرمي ٻئي نظر آيون.

هڪ به مثال ڏيان ٿو: "ون يونٽ" واري زماني ۾، حيدرآباد جي نواب مظفر کي، غير سنڌين ۽ سائينءَ کي سنڌين جي حمايت ڪري جيل ۾ وڌائون. هڪٻئي جا مخالف هئا پر، جيل ۾ مليا، ته پاڻ ۾ دعا سلام ٿين. سائين جيل مان نڪتو ته سن ۾ نظربند ٿيو. پر، نواب مظفر آزاد ٿيو ته نظربند ڪونه ٿيو. جڏهن جيل ۾ هو تڏهن سائينءَ سان ڪا ايڏي سڪ ٿي وئي هئس، جو آزاد ٿيو ته حيدرآباد مان موٽر ڪٽي نڪرندو هو. سڌو سائينءَ وٽ سن پهچندو هو. ٻه چار ڏينهن وٽس ٽڪي سڪ پوري ڪري ايندو هو.

اهو ٿيو سائينءَ جي طبيعت ۾ نرميءَ جو مثال. هاڻي سندس طبيعت ۾ سختيءَ جو به هڪ مثال ڏيان ٿو.

هندستان سان 1971ع واريءَ جنگ وقت، پاڪستان تي يحيٰ خان وارو




سائين جي ايم سيد

فوجي ٽولو قابض هو جنهن بنگالين کي هيسائڻ لاءِ مٿن "فوجي ايڪشن" (Army Action) ڪيو. اهو ڪم جنرل ٽڪا خان جي ذمي ڪيائون. فوجي ايڪشن ۾ بيشمار بنگالي ماري ڇڏيائون. سندن ڏوهه رڳو اهو هو ته آدمشماريءَ جي انگن اکرن مطابق حق حقوق گهري رهيا هئا. بعد ۾ انهيءَ ڦهري ڪارنامي کي لڪائڻ لاءِ "حمود الرحمان ڪميشن" وهاريائون، جنهن جي رپورٽ تي ڪوبه عمل ڪونه ٿيو.

لنڊن جي روزنامه "ٽيلي گراف" جي نامه نگار خاتون مس ڪليئر هڪ دفعي ٽڪا خان سان آرمي ايڪشن بابت انٽرويو ڪيو ۽ پڇيوَ ته، "اوهان آرمي ايڪشن ۾ ٽي لک ماڻهو ماريا." ٽڪا خان سندس ڳالهه کي رد ڏيندي چيو ته، "اسان رڳو ٽيهه هزار ماريا" روزنامه ٽيليگراف اها خبر ڇاپي ڇڏي، پر، B.B.C بي.بي.سي. پنهنجي اردو ۽ هندي خبرن ۾ چيو ته، "آرمي ايڪشن ۾ ٽيهه لک بنگالي ماريا ويا." بي. بي. سي. اهو انگ، هر سال 1998ع تائين وري وري بيان ڪندي رهي. حڪومت پاڪستان جي ڪنهن به ايجنسيءَ ان جي ترديد ڪانه ڪئي. حوالي لاءِ ڏسو:

Pre- Indepence Indian Muslim Mind- set by Ghulam Kibrria, 2001, city press Karachi.

❊ ❊ ❊

هڪ دفعي مقبول سومري سان اوير پاڪستان جون ڳالهيون نڪتيون. هو منهنجو دوست آهي. 1954ع ڌاران ڪراچيءَ ۾ مون سان گڏ ميٺارام هاسٽل ۾ رهندو هو. صحافيءَ جي حيثيت سان ڪئريئر شروع ڪيائين. پر، اڳتي هلي، صحافت ڇڏي، بئنڪنگ ۾ ويو ۽ حبيب بئنڪ جو سچي ملڪ جو صدر ٿيو. چيائين ته، "يار، هاڻي اسان ڪشمير جي ڳالهه ته ڪريون ٿا. پر، اوير پاڪستان ياد به ڪونهي، جڏهن ته ڪروڙين بنگالي اسان جا نڪي ته مسلمان ڀائر هئا ۽ نه وري پاڪستان جي جدوجهد ۾ اسان سان شامل هئا!"

ٻئي دفعي وري "اسلام آباد ڪلب" جي ڪنهن دعوت ۾ اڳوڻي اوير پاڪستان ۽ هاڻوڪي "بنگلاديش" جو سفير مليو. مان اوير پاڪستان واري ڳالهه ياد ڪري، ساڻس سڪ سان مليس. ڪانئس پڇيم، "اوهان اڄا به ٻن قومن واري نظريي کي مڃو ٿا؟"

جواب ڏنائين تہ، ”مجون ها، تہ پوءِ اوهان سان گڏ هجون ها.“
تڏهن مون چيو تہ، ”بنگلاديش معنيٰ بنگالين جو ديس؟“
چيائين تہ، ”هائو.“

مون چيو تہ، ”پوءِ اولهہ بنگال جا هندو تہ اوهان سان گڏ ڪونهن؟ اُهي بہ تہ بنگالي آهن. مسلم بنگال اڄ بہ هندو بنگال کان جدا بيٺو آهي. ائين ڇو آهي؟ آخر، ٻن قومن واري نظريي جو مطلب ڪهڙو آهي؟“

بنگلاديش جي سفير وٽ انهيءَ ڳالهہ جو ڪو بہ جواب ڪونہ هو. منهنجي منهن ۾ تڪيندو رهيو.

٭ ٭ ٭

فوجي ايڪشن ٿيو تہ بنگالين تي. پر، اولهہ پاڪستان ۾ بہ هراس ڇانئجي ويو. فوجي ٽولي سائينءَ کي سندس ڳوٺ سن ۾ نظربند ڪيو. هڪ ڏينهن پير حسام الدين راشدي مون کي ساڻ وٺي، ڪراچيءَ ۾ ”حيدر منزل“ تي سندس حال احوال وٺڻ هليو. نوڪرن چيو تہ، ”امير حيدر شاهہ سن مان آيو تہ آهي، پر، ٻاهر نڪري ويو آهي.“

اسان پوئتي موٽياسون. ٽريفڪ ڪانہ هئي. بجلي بتين هوندي بہ رستن تي اوندهہ هئي. اوچتو سامهون امير حيدر شاهہ سامهون آيو اسان تي نظر پيس، تہ تڪڙو تڪڙو سڪ سان اچي مليو. پير صاحب پڇيس تہ، ”امير، سيد جي خبر ڪر؟“

امير حيدر شاهہ چيو تہ، ”چاچا، بابو خوش آهي. ڊپ ڊاءُ ڪونهيس. چوي ٿو تہ جنهن کي بہ هيءُ ڪنڌ ڪپڻو هجي، سو هتِ اچي هتان هيٺن ڪپي وڃي. هيءُ ڪنڌ هيٺ ڪونہ جهڪندو!“

سائين حسام الدين شاهہ ٺڏو ساهہ پريو ۽ چيائينس تہ، ”منهنجا سلام ڏجانس.“ ڪار ۾ ويناسون، تہ سچل سائينءَ جو هي شعر پير صاحب جي چپن تي آيو.

”عاشقن کي سُور سختيون، مُحبَ مهمانيون مُڪيون.“

٭ ٭ ٭

سائين پيدائشي طور سيد بہ هو ۽ زميندار بہ. اهي ٻئي ڳالهيون پڻ سڄي عمر سندس سوچ ۽ سياست تي اثرانداز رهيون.

سنڌ جا سيد ٻن شاخن ۾ ورهايل آهن: هڪڙا 'متياروي' ۽ ٻيا 'لڪياروي'. اهي پاڻ کي لڪياري ٻـ ڪوٺائيندا آهن. سائين متيارين واريءَ شاخ مان هو. پوين ڏينهن ۾ جڏهن سن ۾ مسلسل نظربند هو تڏهن ڪتابَ لکندو رهندو هو. گهڻائي لکيائين. ڪي ڇپيا تـ ڪي اڃا بـ اڻ ڇپيل آهن. هڪڙو ڪتاب "متياري سيدن جي شجري بابت لکي رهيو هو. نامور تاريخ نويس، پير حسام الدين راشديءَ سان صلاح مشورو ڪندو رهندو هو. پاڻ ۾ حُجائتا هئا. سو ڪڏهن تـ معلومات ڏيندو هوس، تـ ڪڏهن ٻڌائيندو هئس تـ "سيد، اسان جي وڏڙن ۾ ڪي نالا اهڙا ملن ٿا، جيڪي عربي تـ ڪونهن! مون کي شڪ آهي، تـ اسان ٻاهران ڪونـ آيا آهيون. هتان جا ئي اصلوڪا رهاڪو آهيون."

سائين حسام الدين شاهـ جي اها ڪل پوڳ واري ڳالهہ الائي تـ ڪيئن وڃي پنجاب پهتي! تڏهن لائلپور مان هلڪڙيون اخبارون نڪرنديون هيون، جن جو ڪم ئي هوندو هو مسالي واريون ڇهريون خبرون ڇپڻ. هڪڙيءَ هفتيوار اخبار اها خبر وڏيءَ شدمد سان شايع ڪئي تـ "نامور تاريخ نويس، پير حسام الدين راشدي سنڌ جي سيدن بابت هيئن ٿو چوي!"

سائين ٻن ٽن مهينن کان پوءِ علاج لاءِ سن مان ڪراچيءَ ايندو هو تـ شام جو "حيدر منزل" تي وتس وڏي مجلس ٿيندي هئي. رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي سائينءَ جو دوست هو. کل پوڳ جو شوقين هو. هڪڙي ڏينهن اها اخبار کڻي آيو ۽ اسان سڀني کي وڏي واڪي کلي پڙهي ٻڌايائين.

پاڪستان کان اڳ اسان جي ڳوٺ آڳرن ۾ (پاسي واري ننڍي شهر محبت ديري مان) ريجهومل نالي هڪ هندو گهوڙيءَ صبح مرداني سان بيهہ وڪڻڻ ايندو هو. سندس هوڪو ڏاڍو مزيدار هوندو هو. سُرَ سان چوندو هو تـ "بيهہ، مرچائي ڪوسو."

اسان سڀئي تـ رئيس ڀرڳڙيءَ جي واتان اخبار واري خبر ٻڌي، کلڻ لڳاسين. پر، پير سائين حسام الدين شاهـ راشديءَ اخبار جي ايڊيٽر کي ريجهومل جي سُرَ تارَ ۾، ڪوسيون ڪوسيون گاريون ڏنيون.

* * *

سائين جي.ايم. سيد جوانيءَ ۾ پير رکيو تـ سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن،

ٻنهي ڏرين جي برک شخصيتن سان قرب ۽ محبت جو رستو ٽيس. علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جو ته معتقد ٿي ويو! ڪيس وڏي پٽ امير حيدر شاهه جو اتاليق ڪيائين ۽ ننڍي پٽ تي امداد نالو رکيائين. علامه صاحب جو نالو امداد علي هو. عظيم انسان هو. عيسوي ويهينءَ صديءَ جي سنڌ اهڙا وڏا انسان ورلي پيدا ڪيا.

سنڌ جي هندن ۾ سائينءَ جو گهڻن سان گهاٽو رستو هوندو هو پر گهڻي ۾ گهڻو جيٺمل پرسرام سان هئس. جيڪو راتين جون راتيون وٽس سن ۾ دريا شاهه جي ڪپ تي، سندس بنگلي ۾ اچي رهندو هو.

سانوڻيءَ ۾ درياهه شاهه اوج ۾ ايندو هو ته بنگلي جي ٽلهي تي بيهي نهارڻ سان پري پري تائين رڳو پاڻي ئي پاڻي نظر ايندو هو. پرئين پار ٻيلي جي وٽراهه هلڪيءَ سبز لڪير وانگر، نظر ايندي هئي. سائين ڳالهه ڪندو هو ته، "جيٺمل صبح جو سوير، موڙو ڪٽي، ٽلهي تي اچي ويهندو هو ۽ سج ابرڻ جو منظر ڏسندو هو. ٿڌي ٿڌي هير پئي لڳندي هئي. درياهه شاهه ڏيرج سان وهندو رهندو هو. جيٺمل پرسرام شاهه سائينءَ جو هيءُ بيت وري وري جهونگاريندو رهندو هو:

**ناسيندي نگاهه پهرين ڪج پرينءَ ڏي**

علامه صاحب توڙي جيٺمل ٻئي صوفي مسلڪ جا ماڻهو هئا. سائين به صوفين جي آستانن جو پانڌيئڙو هو. اڳتي هلي، جمشيد نسروانجيءَ جي سنگت ۾ ايني بسنت جي ٿياسافيءَ کان به متاثر ٿيو. جمشيد پارسي هوندو هو. انهن ٽنهي شخصن يعني علامه صاحب، جيٺمل ۽ جمشيد نسروانجيءَ جو سائين جي ذهني نشوونما ۾ وڏو اثر هو.

پر، مون مٿي ٻڌايو آهي ته سائين سيد به هو ۽ زميندار پڻ. سنڌ جا وڏيرا شوقين ۽ گهڻي قدر هندو سيٺين جا قرضي هوندا هئا. ڇو ته پنهنجن اجاين سجاين خرچن لاءِ، ڪانئن گڏيل وياج تي قرض وٺندا هئا.

وڏيرن جي فضول خرچيءَ جو هڪ قصو مشهور آهي. اجا پاڪستان ڪونه ٿيو هو ته جيوٽيءَ نالي هڪ ڳائڻيءَ ڏاڍو نالو ڪڍيو. ڇون تا ته Gipsy Girl هئي. ٽلهي ۾ ڪاري هئي. هڪڙي وڏيري ڪيس پنج سؤ روپيه ڏيئي، ساڻس هڪ رات جو سودو ڪيو. ڪنهن ٽُڪَ ٻُجو ڪيس، ته ڪنهن

ڪاريءَ مينهن سان ڪٽي ”منهن ڪارو“ ڪرين هان. تڏهن وڏيري چيس تہ ”ميان، ماٺهو ائين چوندا تہ وڏيرو وڏي ڳالهہ آهي! جيوٽيءَ سان رات گڏ گذاري اٿس.“

گڏيل وياج ڳاٽي توڙ ٽئي ٿو. جيڪو هڪ دفعو انهيءَ ۾ ڦاٿو تنهن جو مٿو ويو. اڪثر وڏيرا قرضدار ٿيندا ويا. جڏهن قرض لاهي ڪونہ سگهندا هئا، تہ هندو سيٺيون ڊڪريون ڪرائي، سندن زمينون نيلام ڪرائيندا هئا يا وري ڪائنئن پڳڙن مٽ تي خريد ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت، ڪيترا وڏيرا ڪنگال ٿي ويا. ٻئي طرف، هندو سيٺيون ويا ٿُلها ٿيندا.

* * *

سنڌ جي اهڙن وڏيرن ۾ ڪي سيد سڳورا بہ هوندا هئا، جيڪي خانداني يا ذاتي لڳ لاڳاپي ڪري سائينءَ کي ويجهو هوندا. سو ڪيس سندن حال تي قياس ايندو هو. پلا جي انهن مان ڪي ڪيس پنهنجو وڏو سمجهي، پري ڪان پنڌ ڪري، وٽس مدد لاءِ هلي ايندا هوندا، تہ سائينءَ جي ننڊ ڦٽي پوندي هئي!

خدا ٿو ڄاڻي تہ اصل سبب اِهو هئو يا ڪو ٻيو جو ”سڀ ۾ پرين پسڻ وارو“ ۽ ”صوفين جي آستانن جو پاندي ڙو“ سائين جي. ايم. سيد بہ رفتي رفتي، هندڪيءَ ۽ مسلمانڪيءَ ”فرقيوارانہ سياست“ ڏي مائل ٿيو. پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ جي ٻئي جلد ۾، ان باري ۾ هيئن لکيو اٿس:

> **”آءُ ان وقت رد عمل جي گهوڙي تي سوار هئس. پنهنجين اڳوڻين صوفيانہ روايتن کي وساري، مسلم ليگ جي فرقي وارانہ سياست جو شڪار ٿي ويس.“**

سائينءَ گهڻين ڳالهين ۾ وري وري ”رد عمل“ محاوري جو استعمال ڪيو آهي. ان کي انگريزيءَ ۾ REACTION چئبو. پر، سائين کي ٻڌائڻ ڪپندو هو تہ ”رد عمل ڇاجو؟“

حقيقت جيئن بہ هجي، سائينءَ جي مسلم ليگ ڏي مائل ٿيڻ جو هڪ سبب تہ اهو ٿيو. ٻيو سبب هيءَ بہ هوندو تہ سنڌ ان زماني ۾ گڏيل هندستان جو هڪ صوبو هئي، جنهن جون سياسي، مذهبي ۽ سماجي تحريڪون ان

تي اثرانداز ٿينديون هيون. مثال طور خلافت تحريڪ. ليڪن ويهينءَ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ هندوستان ۾ ڪانگريس زور هئي. منجهس هندو ۽ مسلمان ٻئي هئا. ليڪن، اڳواٽي هندن جي هٿن ۾ هئي. ٻي مکيه پارٽي مسلم ليگ هئي، جيڪا رڳو مسلمانن جي هئي پر، سنڌ ۾ تمام آهستي آهستي اپري رهي هئي.

مسلم ليگ جو بنياد وجهندڙ اصل شخص سر سلطان محمد آغا خان هو انگريز سندس سرپرستي ڪندا هئا، پر هن پنهنجي انهيءَ اثر کي گڏيل هندوستان ۾ پنهنجن همـ مذهب مسلمانن جي ڀلي لاءِ ڪم آندو. انهيءَ دور جي سياسي حالتن کي خيال ۾ رکي، هن هندن ۽ مسلمانن لاءِ (SEPARATE ELECTORATE) ”جدا چونڊن“ جو اصول سن 1906ع ڌاران قبول ڪرايو جيڪو اڳتي هلي، هندستان کي ورهائڻ ۽ پاڪستان ٺاهڻ جو بنياد بڻيو.

انگريزن 1857ع واري بلوي مان اهو سبق سکيو هو تہ هاڻي هندوستان تي حڪومت رڳو هندن ۽ مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ سان ڪري سگهنداسون، ان ڪري، هو هندن ۽ مسلمانن ۾ هڪٻئي لاءِ نفرت جو ٻج ڇٽيندا ويا. ٻج ساوا سلا ڪيا ۽ ٻوٽا وڏي وڻ ٿيا. آخر اهڙو ڏينهن بہ آيو جو هندو ۽ مسلمان هڪٻئي جي رت جا پياسا ٿي ويا. انگريزن جي سياست جو ڪمال اهو هئو تہ پاڻ تہ 1947ع ۾ هندستان ڇڏي ويا. پر، هندن ۽ مسلمانن کي اهڙو تہ ويڙهائي ويا، جو اڄا تائين هڪٻئي جي ڏاڙهيءَ پٽ ۾ لڳا پيا آهن. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ بہ هندستان ۽ پاڪستان ۾ ٽي چار جنگيون تہ لڳي چڪيون آهن.

پر، سنڌ ۾ مسلم ليگ جي آهستي آهستي اپرڻ جو هڪ مکيہ سبب اهو بہ هو تہ سنڌ صوفين جي سرزمين هئي، جن هندن ۽ مسلمانن کي سٽن پاڙيسرين، بلڪ ڀائرن وانگر گڏ رهڻ ۽ پاڻ ۾ پيار ڪرڻ جو درس ڏنو هو. قلندر شهباز انن ڀهرن ۾ رڳو هڪ دفعو مٽي ماني کائيندو هو جنهن جي پچائڻ جو شرف بہ سيوهاڻي هندن جي هڪ خاندان کي حاصل هوندو هو.

سنڌ ۾ الائي تہ ڪيترن هندن جا مرشد مسلمان هوندا هئا! ٻنهي ڌرين جا لڳ لاڳاپا تمام سٺا هوندا هئا. پر، اها بہ حقيقت هئي، تہ سنڌ جا اڪثر

پڙهيل ڪڙهيل هندو گهڻو ڪري ڪانگريس جي پاسي هوندا هئا. اهو ڏسي، ڪن مسلمان سياستدانن سنڌ ۾ مسلم ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ، ڄاڻي ٻجهي، سکر ۾ لاڙڪاڻي جي پاسي هندو-مسلم فساد ڪرايا. ڪنور جهڙا سنت ڪُهايا ۽ الله بخش سومري جهڙا اعليٰ انسان مارايا.

مسجد منزل گاهه وارو فساد ته سنڌ جي ڌرتيءَ تي زلزلو هو. انهن فسادن جو نتيجو اهو نڪتو ته هندن ۽ مسلمانن ۾ نفرت وڌي وئي ۽ مسلم ليگ زور ورتو. انهيءَ فساد جي مفصل احوال لاءِ آزاد قاضيءَ جو ڪتاب پڙهڻ گهرجي، (جيڪو ساگر پبليشنگ هائوس جو ڇپايل آهي) ليڪن، مون کي ايترو پڪيءَ طرح معلوم آهي ته:

> **مسجد منزل گاهه واري فساد جو هڪ مکيه ڪارڻ سنڌ جي وزيراعليٰ شهيد الله بخش سومري جي وزارت هئي، جيڪو قومپرست هو. کيس ڪانگريس جي حمايت هئي، ان ڪري مسلم ليگين جي ساڻس پوٽ ڪانه هئي. هنن سندس وزارت ڪيرائڻ لاءِ مسجد منزل گاهه واري فساد جي سازش ڪئي.**

شهيد الله بخش سومري جي وڏي فرزند رحيم بخش سومري جي مون سان محبت هئي، تنهن وفات کان سال ٻه اڳ، مون کي ٻڌايو ته، "سائين جي.ايم.سيد سن ۾ نظربند هو پر سرڪار کان موڪل وٺي، شڪارپور آيو. مون وٽ ٻه ٽي راتيون ٽڪيو. پراڻي زماني جون ڳالهيون ٻڌايائين. بابا جي تربت تي هليو. دعا گهريائين ۽ چيائين ته:

> **"الله بخش تون صحيح هئين. اسان غلط هئاسون. مان توکان پنهنجيءَ غلطيءَ ۽ گناهه جي معافي وٺڻ آيو آهيان."**

❊ ❊ ❊

سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ اڻبڻت جون ٽيون سبب هيءَ هو ته انگريزن سنه 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪري، ان کي بمبئي پرڳڻي سان ملائي، "ون يونٽ" ڪري ڇڏيو هو. بمبئيءَ ۾ هندن جي اڪثريت هئي. سنڌ ۾ وري

مسلمانن جي هئي پر، سنڌ جا هندو بمبئيءَ جي هندن سان ملي، بامبي پريزيڊنسيءَ ۾ ميجارٽي (Majority) ٺاهي ويندا هئا. سو سنڌ جا مسلمان سدائين ٽوٽي ۾ هوندا هئا. انهيءَ ڪري سنڌ جي مسلمانن بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ جي تحريڪ هلائي.

عجيب ڳالهہ آهي تہ تحريڪ جي شروعات هڪ سنڌي هندوءَ سيٺ هرچند راءِ ڪئي! سندس خاندان سنڌ ۾ وڏيءَ حيثيت وارو هو. پر، سائين جي.ايم.سيد لکيو آهي تہ، "جڏهن هندن ۽ مسلمانن جا انهيءَ سوال تي اختلاف وڌي ويا تہ خود سيٺ هرچند راءِ بہ پنهنجي موقف تان ڦري ويو. هندن جو پاسو وٺي ورتائين."

بهرحال، جڏهن سنڌ ۾ تحريڪ زور ورتو تہ انگريز سرڪار مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ٻنهي ڌرين جي عيوضين جون لنڊن ۾ ميٽنگون ڪوٺايون، جيڪي Round Table Conferences "گول ميز ڪانفرنسون" نالي سان مشهور آهن. هندن جو بنيادي موقف اهو هو تہ سنڌ جدا صوبو ٿيندي تہ مالي طرح ٽوٽ ۾ هوندي. هلي ڪونہ سگهندي. هندن جي ماهر، ايس.پي چبلاڻيءَ اها ڳالهہ ثابت ڪرڻ لاءِ انگ اکر گڏ ڪري، پنهنجو ڪيس ٺاهيو.

مسلمانن جا عيوضي گهڻا ئي هئا، جن ۾ سائين جي.ايم.سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي، خانبهادر محمد ايوب کهڙي، پير علي محمد راشديءَ ۽ سيد ميران محمد شاهہ جا نالا گهڻا مشهور آهن. سر شاهنواز ڀٽي بہ پاڻ ملهايو. ليڪن، حقيقت اها آهي تہ سڄيءَ سنڌ جا مسلمان انهيءَ تحريڪ ۾ تمام سرگرم هئا.

هندن ڪيس هارايو. مسلمانن کٽيو سنڌ آزاد ٿي. مسلمانن جي عيد ٿي وئي. پر، هندو مسلم نفرت وڌي وئي. انگريزن کي تہ اها ئي ڳالهہ کپندي هئي. دورانديش هئا. ظاهري طرح، تہ هنن هندن ۽ مسلمانن جي عيوضين جون ڳالهيون ٻڌي، سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جو انصافي انصاف فيصلو ڪيائون، پر پنهنجن سياسي سببن ۽ مفادن کي خيال ۾ رکي، اهو فيصلو دراصل هو اڳي ئي ڪري چڪا هئا. "گول ميز ڪانفرنسون" رڳو ڏيکاءَ خاطر هيون. سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ ۾ وري بہ پس پرده مکيہ رول سر سلطان محمد آغا خان ادا ڪيو. هُو وڏو سياسي دماغ هو ۽ سنڌ ۾ وڏو

عرصو گذاريو هئائون. ڪيس سنڌ سان محبت هئي. سندس خاندان بہ سنڌ کي ڪونہ وساريو آهي.

سر سلطان محمد آغا خان جي ويجهن ساٿين ۾ سرفهرست چوڌري سر ظفرالله آهي ۽ سيد امجد آهن. ٻنهي ڄڻن بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ واريءَ تحريڪ ۾ وڏو رول ادا ڪيو. پاڪستان ٺهيو تہ سر ظفرالله ان جو پهريون پهريون وزير خارجہ مقرر ٿيو. انگريزن ۽ آمريڪين جو پيارو ماڻهو هو هِت، انهيءَ ڳالهہ جو هڪڙو ثبوت پيش ڪريان ٿو.

انگريزن جي حڪومت ۾ هڪ آءِ. سي.ايس. عملدارُ مسرت حسين زبيري، انگلنڊ ۾، سر سيموئيل هور، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا سان مليو. هن پڇيس تہ، "توکي ڪاٿي مقرري ملي آهي؟"

نوجوان آفيسر زبيريءَ چيس تہ "پنجاب ۾"

سر سيموئيل چيس تہ، "ڏاڍو خوشنصيب آهين!"

زبيري صاحب چيس تہ، "سو وري ڪيئن؟"

سر سيموئيل چيس تہ، "سر ظفرالله انهيءَ ئي صوبي جو آهي. توکي بہ اتي ئي مقرري ملي آهي. منهنجي ساڻس خط و ڪتابت آهي. هو رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي سلسلي ۾ هِتِ آيل هو."

زبيري صاحب چيس تہ "ائين تہ ڪانئس بہ وڏيڪ مشهور ۽ آزمودگار ماڻهو بيا بہ هئا. مثال طور، سرتيج بهادر ساپروُ مسٽر جناح ۽ سرسري نواس شاستري"

مسٽر زبيريءَ "VOYAGE THROUGH HISTORY" نالي پنهنجين يادگيرين جي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ سر سيموئل منهنجي ڳالهہ ڪٽي چيو تہ، **"اها ڳالهہ ٺيڪ ٿو ڪرين، تہ پوءِ خود آغا خان بہ هو پر سر ظفرالله جهڙو اثر ڪنهن بہ ڪونہ وڌو."**

سر آغا خان جو ٻيو نمبر ساٿي، سيد امجد علي شاهہ، لاهور جي ريلوائي ٺيڪيدار ۽ برک شخصيت، سر مراتب علي شاهہ جو وڏو فرزند هو. هاڻي گذاري ويو آهي. سر مراتب علي شاهہ جو خاندان ملڪ جي ٻاويهن امير ترين خاندانن ۾ شمار ٿئي ٿو. سيد امجد علي شاهہ پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ صنعت ۽ خزاني جو وزير ٿيو. سندس ننڍو ڀاءُ سيد واجد

علي شاهہ قائداعظم ۽ لياقت عليءَ ٻنهي.کي ويجهو هوندو هو ۽ سياست ۾ سرگرم هوندو هو. منهنجي سائنس ميل ملاقات آهي. هاڻي ڇهانوي سالن جي عمر جو آهي. سياست کان پاسيرو آهي. البت، عام ڀلائيءَ جا خيراتي ڪم ڪندو آهي. لاهور ۾ گلاب ديوي اسپتال ۽ ڪراچيءَ ۾ لياقت نيشنل اسپتال جي بورڊ آف گورنرز جو چيئرمين آهي. ”آل پاڪستان هلال احمرس ۽ اولمپڪس“ جو صدر بہ آهي.

هو ملڪ جي مشهور علمي ۽ ادبي اداري ”ثقافت اسلاميہ لاهور“ جي بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين بہ آهي. سائين حسام الدين شاهہ ”اداره ثقافت اسلاميہ“ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر هوندو هو. انهيءَ اداري جي علمي ڪم جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو. پير صاحب جي وفات کان پوءِ، سيد واجد علي شاهہ مون کي اداري جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر ڪيو. محمد ميان سومري، گورنر سنڌ، مون کي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ڪيو تہ سيد واجد علي شاهہ مون کي خط لکيو جيڪو مهراڻ رسالي جي سنہ ٻہ هزار ٻہ جي پرچي نمبر 3 ۽ 4 ۾ ڇپيل آهي:

لاهور

3_ سيپٽمبر 2002ع

پيارا آگرا صاحب،

مون کي اوهان جو تاريخ 12_ آگسٽ وارو خط مليو جنهن ۾ اوهان کي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مقرر ڪرڻ واري خوشخبري ڏنل آهي. منهنجون دلي مبارڪون!

مون کي خاطري آهي، تہ اوهان پنهنجي دل ۽ دماغ جي صلاحيتن سان بورڊ کي ڀرپور ترقي ڏياري، بلنديـن تي پهچائيندا.

”مهراڻ“ جو پرچو مليو اٿم، جنهن ۾ پڙهڻ جو ”دلچسپ مواد“ آهي.

قربن سان،

سيد واجد علي

گذريل سال، تاريخ 11 سيپٽمبر واريءَ ميٽنگ ۾ سيد واجد علي شاهہ صدارت لاءِ اچي ڪونہ سگهيو. سندس فرزند سيد شاهد عليءَ ٻڌايو تہ ”بابا

جي صحت ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي آهي. گهر کان ٻاهر نڪري ڪونه ٿو. ان ڪري ميٽنگ ۾ اچڻ کان معذور آهي." اها ڳالهه ٻڌي، سڀني ميمبرن کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

سر مراتب علي شاهه جو ننڍو پُٽ سيد بابر علي شاهه وري معين قريشي وزيراعظم جي زماني ۾ وزير خزانه ٿيو. کيس به ڪتابن جو شوق آهي. پاڪستان ۽ هندوستان جي مسلم ثقافت ۽ مشاهيرن بابت تمام معياري ڪتاب ڇپايا اٿس. مون کي سڄو سيٽ تحفي طور ڏنائين ۽ چيائين ته "سنڌ جي مشاهيرن جو تذڪرو ناهي ڏي، ته مان پئڪيجز طرفان ڇپايان."

پئڪيجز ملڪ جي وڏي ۾ وڏي پريس آهي. پاڻ ان جو مالڪ آهي. پنهنجي وڏي پيءُ، سيد واجد علي شاهه وانگر "عام ڀلائي" جا گهڻئي ٻيا بيشمار ادارا پڻ قائم ڪيا اٿس، جيڪي گهڻو ڪري صحت، علم ۽ تعليم جا آهن.

سنڌ جي وڏن خاندانن ۾ سڪين ستابن ماڻهن: وڏيرن، ميرن ۽ پيرن جا شوق ۽ شغل وري ٻيا آهن. هو قلم ۽ ڪتاب کان پاڻُ پري رکندا آهن. اسڪول ۽ اسپتال ڪونه ٺهرائيندا آهن. البت، پنهنجي "قوتِ باهه" وڌائڻ لاءِ سون ۽ چانديءَ جي ڪشتن تي پاڻيءَ وانگر پئسا وهائيندا آهن.

سُريتيون ويهاريندا آهن. ڪڪڙ ويڙهائيندا آهن. سوئر ۽ رڇ تي ڪتا ٻڇائيندا آهن. انهيءَ کي سنڌ جو ڪلچر سمجهندا آهن.

سيد بابر عليءَ جي ڌيءُ سيده حنا خانيوال ۾ پنهنجي پريس کولي آهي. منهنجي ساڻس دعا سلام ٿي، ته هن مون کي پنهنجي وڏي چاچي، سيد امجد علي شاهه سان ملايو جيڪو تڏهن پنجاسي ورهين جو هو. مون کي "سنڌ جي جدائيءَ واري تحريڪ ۽ گول ميز ڪانفرنس" جو **"پس پرده احوال"** ٻڌايائين. مون اهو احوال **"سنڌ جي جدائيءَ جي تحريڪ"** جي عنوان سان، مهراڻ رسالي ۾ هڪ مضمون ۾ ڇپائي ڇڏيو.

سيد امجد عليءَ شاهه مون کي صاف صاف لفظن ۾ ٻڌايو ته **"سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ ۾ اصل رول وري به سر سلطان محمد آغا خان ادا ڪيو جيڪو انهن ڏينهن ۾، لنڊن ۾ بادشاهه جي بڪنگهام محلات ۾**

رهندو هو."

سنڌ ۾ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ واري تحريڪ بلڪل ائين ئي "حقيقي عوامي تحريڪ" هئي، جيئن لاهور کان جدا ٿيڻ لاءِ "ون يونٽ واري تحريڪ".

سائين جي. ايم. سيد" سنڌ جي جدائي" واريءَ تحريڪ ۾ وڏو رول ادا ڪيو. ان تحريڪ بابت هڪ ننڍو پر ڏاڍو اهم ڪتاب ڇپايو اٿس، جنهن ۾ سنڌ ۾ انهيءَ تحريڪ جو اثر ۽ سچو اندروني احوال ڏنل آهي. ڪتابڙو دراصل، سندس آتم ڪهاڻيءَ جو هڪ باب آهي، جيڪا متعدد جلدن ۾ لکي اٿس.

بهرحال، سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي ۽ آزاد صوبو ٿي، ته عام چونڊون ٿيون مسلمانن پنهنجا عيوضي چونڊيا. هندن پنهنجا چونڊيا. ان کان پوءِ ته هندن ۽ مسلمانن جي "سياسي طور" گڏجي سياسي ڪم ڪرڻ جو امڪان ختم ٿي ويو.

هاڻي، جيڪڏهن سائين جي. ايم. سيد انهيءَ سبب ڪري به مسلم ليگ ڏي مائل ٿيو ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي. پاڻ سنڌ ۾ هندو- مسلم نفاق وڌائڻ ۽ مسلم ليگ جي زور وٺڻ بابت پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ هيئن لکيو اٿس:

> **هندو مسلم نفاق کي زور وٺائڻ لاءِ اتر سنڌ جي ڪن مسلم ليگي ڪارڪنن هڪ نئون مسئلو قبر مان کوٽي ڪڍيو. سکر شهر ۾ مغل دور ۾ ٺهيل ڪي عمارتون موجود هيون، جن مان ڪن ۾ انگريزن آفيسون قائم ڪيون هيون. انهن ۾ هڪ ننڍ عمارت منزلگاهه واري مسجد هئي. ان لاءِ سکر جي مسلمانن سوال اٿاريو ته اها مسجد آهي، تنهنڪري مسلمانن جي حوالي ڪئي وڃي. شهر کان ٿوري پاسيري هئي ۽ ان جي پر ۾ ايتري آبادي به ڪانه هئي، جو نماز لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.**
>
> **مسلم ليگين کي پتو هو ته الله بخش سومري جي وزارت جو دارومدار هندو ميمرن جي ووٽن تي هو. مسجد منزلگاهه جي تحريڪ هلائڻ وارن جو مکيه مطلب به الله بخش سومري جي وزارت ڪيرائڻ هو.**

”مسجد منزلگاهہ“ انڪري ڪوٺيندا هئس, جو اڳي واپار درياهہ رستي هلندو هو. ٻيڙيون ملتان مان واپاري مال کڻي هلنديون هيون, تہ سکر اچي منزل ڪنديون هيون. سو انهيءَ زماني جي مغل سرڪار مسلمان واپارين جي سهوليت لاءِ اها مسجد ٺهرائي هئي.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ, سکر شهر جي وڏن وڏن هندو سيٺين جون جوان ۽ خوبصورت زالون رنگبرنگي ريشمي ساڙهيون پائي, هار سينگار ڪري, عطر عنبير مکي, هندن جي دستور موجب, سنجها ويل پاٺ پوڄا لاءِ ٻيڙين ۾ چڙهي, انهيءَ هنڌ تان ساڌ ٻيلي واري مندر ۾ وينديون هيون, جتي اها قديم مسجد زبون حالت ۾ بيٺي هئي.

نوجوان مسلمان مرد بہ ڇاڪي واٽي روزانو شام جو انهيءَ هنڌ تي اچي ڳاهٽ ٽيندا هئا ۽ هندو زالن کي ڏسي, عشقيہ ڪلام چوندا هئا. اها صورتحال هندن ۽ مسلمانن لاءِ ڇڪتاڻ جو سبب ٿي پئي.

هاڻي, جيڪڏهن الله بخش سومري اها مسجد مسلمانن کي ڏني, تہ هندو ميمبر مٿس ناراض پئي ٿيا, جي نٿي ڏني, تہ مسلم ليگين کي اسلام جي نالي تي, مسلمانن کي ڀڙڪائڻ جو موقعو پئي مليو. آخر ائين ئي ٿيو.

> مسلم ليگين سنڌ جي مسلمانن کي ڀڙڪايو. سائينءَ پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ, ”آغا غلام نبي پٺاڻ شڪارپور مان سوَن ماڻهن جو جٿو وٺي آيو جن سکر ۾ ستياگره ڪئي. هزارين ماڻهو جيلن ۾ ويا. اهي جيلن مان ڇٽا, تہ سکر ۾ هندن ۽ مسلمانن جو فسادُ ٿيو جنهن ۾ سوين انسان ڪُسي ويا. هاڻي انهيءَ کي مسجد منزلگاه وارو فساد ڪوٺن ٿا.“

آغا غلام نبي پٺاڻ, سائينءَ جو خاص ماڻهو هو. پڇاڙيءَ تائين ساڻس قرب جو رستو هئس. مون سان گڏجي وٺس سن بہ هلندو هو. حقيقت ائين ئي هوندي, جيئن سائينءَ سندس باري ۾ لکيو آهي, ليڪن, تازو سنڌي ادبي بورڊ سائينءَ ڏانهن علامہ آءِ. آءِ.قاضيءَ جي خطن جو ڪتاب ”ساهڙ جا سينگار“ نالي سان ڇاپيو آهي, جنهن ۾ ايڪيتاليهہ نمبر خط جي هيٺان, سائينءَ هيءُ نوٽ هنيو آهي:

**”مان مسلم ليگ ۾ داخل ٿيس, تہ مسجد منزلگاهہ لاءِ**

> ستياگرهہ شروع ڪئيسون. علامہ آءِ آءِ قاضي، پڻ جمشيد نسروانجي ۽ دادا چيئمل وانگر، ستيا گرهہ تحريڪ ۾ منهنجي شريڪ ٿيڻ جي خلاف هو. ڇو تہ خوف هئس، تہ انهيءَ تحريڪ مان هندو مسلم ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي
> ليڪن، مان ان وقت انڌ جي گهوڙي تي سوار هئس. سو ڪنهن جي بہ ڪا بہ ڪانہ ٻڌم."

سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ مسجد منزلگاهہ واري فساد کان اڳ ايڏو نفاق ڪونہ هو. خود هندُ ۾ بہ، شروعاتي دور ۾ تہ جناح صاحب ڪانگريس ۾ هوندو هو. سنڌ ۾ مسلم ليگ جو بنياد دراصل، رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ وڏو جيڪو وڏو سنڌ دوست ۽ قومپرست هو. اسان جو نوجوان سياسي اڳواڻ، نواب يوسف ٽالپر سندس خاندان سان تعلق رکي ٿو.

انهيءَ زماني ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا جلسا بہ گڏ ٿيندا هئا. ڪيترا مسلمان اڳواڻ ڪانگريس ۾ هئا، پر، ان جي منافقت ڪري، آخر الڳ ٿيا. حاجي سر عبدالله هارون پهريون پهريون سنڌي اڳواڻ هو جنهن ڪانگريسي هندن جي قول ۽ فعل ۾ فرق ڏسي، ڪراچيءَ ۾ 1938ع ۾ سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس گهرايو. جنهن جي صدارت جناح صاحب ڪئي سائين جي. ايم سيد انهيءَ اجلاس ۾ اهم رول ادا ڪيو. سندس ساٿيءَ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ منجهس هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو جو اڳتي هلي، لاهور واري"Pakistan Resolution" "پاڪستان ٺهراءُ" جو بنياد بڻيو. جيڪو 23 مارچ تي هڪ وڏي جلسي ۾ پاس ٿيو هو. هاڻي، انهيءَ جلسي واريءَ جاءِ تي "مينار پاڪستان" ناهيو اٿن.

❊ ❊ ❊

سيد ذوالقرنين زيديءَ نالي، تعليم کاتي جي هڪ پروفيسر ۽ اديب، قائداعظم جي رفيقن سان انٽرويو ڪيا هئا. انهن جو هاڻي ڪتاب ڇپيو آهي. زيدي صاحب "سيد حسين امام" جي انٽرويو ۾ لکيو آهي تہ:

> جي. ايم. سيد سنڌ ۾ مسلم ليگ کي ائين ئي مٿي کنيو ۽ عروج تي آندو جيئن شهيد حسين سهرورديءَ بنگال ۾ ڪيو هو.

ذوالقرنين زيديءَ سائينءَ جي باري ۾ مٿيون بيان سيد حسين امام واري انٽرويو جي هڪ فوٽ نوٽ ۾ ڏنو آهي. زيدي صاحب ڪنهن زماني ۾ نوابشاهه جي ڪاليج ۾ به استاد هو.

سائين جي. ايم. سيد جا انهيءَ زماني ۾ ويجهڙا ساٿي ڪير هئا، تنهن جي مون کي ڪا به خبر ڪانهي. پر، ايترو سو معلوم اٿم ته سندس حلقي ۾ سيد ميران محمد شاهه ۽ پير علي محمد راشدي به مکيه ماڻهو هئا. ٻئي سيد هئا ۽ سياست ۾ سرگرم هئا. راشدي صاحب ته مسلم ليگ کي سنڌ ۾ زور ونائڻ لاءِ ڪيئي ڪارناما ڪيا. چون ٿا ته مسجد منزلگاهه واري فساد ڪرائڻ ۾ به بنيادي طرح سندس ئي ذهن ڪارفرما هو. وڏي آفت هو. سائينءَ کي تمام ويجهو هوندو هو. هونئن ته راشدي صاحب، حاجي سر عبدالله هارون کي به ويجهو هو جيڪو سنڌ ۾ مسلم ليگ جو مکيه اڳواڻ هو. پر، اهو ڦڏي جڏي کان پري هوندو هو.

سائين جي. ايم. سيد جي حلقي جو ٽيون مکيه ماڻهو شيخ عبدالمجيد سنڌي هو پنهنجي دلي شوق ۽ لاڙي سان مسلمان ٿيو هو. تمام جوشيلو جوان هو. سندس سرپرست، هاڪارو قومپرست اڳواڻ آنربل غلام محمد ڀرڳڙي هو.

لعل بن يوسف "آتم ڪهاڻيءَ" ۾ لکيو آهي ته ڀهرين سنڌي اخبار رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ شايع ڪئي هئي.

شيخ صاحب سنڌ ۾ وڏي شهرت انهيءَ ڪري حاصل ڪئي، جو سر شاهنواز خان ڀٽي کي، عام چونڊن ۾، سندس گهر لاڙڪاڻي ۾ وجي ٺلهه ماريائين. سڄيءَ سنڌ ۾ ڌڌڪو ٿي ويو. ليڪن، انهيءَ کان علاوه، شيخ صاحب سنڌ جي بمبئي کان جدائيءَ واريءَ تحريڪ ۾ به تمام اهم رول ادا ڪيو هو. سنڌ آزاد ٿي، ته روزانه "الوحيد" جو "آزاد نمبر" ڪڍيائين، جو هاڻي تاريخي دستاويز آهي. سنڌي زبان جي ڪا به اخبار وري اهڙو شاندار ڪارنامو سرانجام ڏئي ڪونه سگهي آهي.

سائينءَ جي قريبي ساٿين ۾ محمد علي شاهه جو نالو به هميشه وڏي احترام سان ورتو ويندو. پاڪستان ٺهڻ واري زماني ۾ سنڌ جو وزير هو. ڏيري جي معزز شخصيت، سائين الله آندي شاهه جو وڏو فرزند هو جنهن مسلمانن

جي ٻارن لاءِ نوشهري فيروز واري مشهور مدرسي هاءِ اسڪول ۾ ان جي هاسٽل ٺهرائي هئي. مون بہ انهيءَ ئي اسڪول ۾ مئٽرڪ تائين تعليم ورتي هئي. محمد عثمان ڪيڙو غلام نبي ڏاهري ۾ سندس ننڍو ڀاءُ نور نبي، علي نواز ٻوهيو عبدالفتاح وسٽڙو ڊاڪٽر عبدالڪريم عباسي، غلام حيدر مبيجو ۾ منهنجا ٻيا ڪيترا پيارا يار مون سان گڏ پڙهندا هئا ۾ هاسٽل ۾ بہ گڏ رهندا هئا. جنهن جي عمارت پهرين تاريخ جي چنڊ وانگر اڌ گول جي شڪل ۾ ٺهيل هئي، مٿس مٿان ننڍي سفيد پٿر تي سنہ 1905ع جو ڪتبو لڳل هوندو هو.

سائين الله آندو شاهہ پنهنجي دور جي وڏي شخصيت هو. وائسراءِ جي صلاحڪار ڪائونسل جو ميمبر هو. سندس پوٽو سيد ظفر علي شاهہ هاڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر آهي. اڳي ان جو ڊپٽي اسپيڪر رهي چڪو آهي. سياستدان آهي. پر، ڊپلوميسي يا ٺڳي ڪونہ ڪندو آهي. سنئين سڌي ڳالهہ ڪندو آهي. وڏو زميندار آهي، پر، لچ ۾ لوفر ڪي پاڻ کان پري رکندو آهي. پنهنجيءَ سنڌ۔ دوستيءَ ڪري مشهور آهي. وڏيرن واريون گندي‍ون عادتون ڪونہ اٿس. منو ماڻهو آهي. مون سان محبت اٿس. پنهنجي والد سائين محمد علي شاهہ وانگر، سائين جي.ايم.سيد جو عقيدتمند آهي.

ڳالهہ پئي هلي، تہ سائين جي.ايم.سيد ڪهڙن سببن ڪري، مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيو هوندو؟ بهرحال، جڏهن شريڪ ٿيو تہ پهنجيءَ لياقت، صلاحيت ۾ دوستن جي مدد سان انهيءَ ۾ ايڏو تہ غلبو حاصل ڪيائين جو سنڌ صوبي جي ليگ جو صدر ٿيو.

سائين ڪڏهن ڪڏهن اسان سان انهيءَ زماني جون ڳالهيون ڪندو هو. ڪراچيءَ ۾ 1938ع واريءَ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جي موقعي تي ڪراچيءَ ۾ ڪوئنايل ڪانفرنس جو ذڪر تہ وڏيءَ دلچسپيءَ سان ڪندو هو. چوندو هو تہ"اسان جناح صاحب جو لارين، موٽرن، ٽانگن، اُٺَ گاڏين، گهوڙي سوار ڪارڪنن ۾ هزارين پيادل ماڻهن سان اهڙو تہ شاندار جلوس ڪڍيو جهڙو ڪراچيءَ نہ اڳي ڏٺو هو ۾ نہ هاڻي ڏسندي، ماڻهن جو جوش خروش ڏسڻ وٽان هو. هڪڙو هوائي جهاز سمورو وقت، جلوس جي مٿان گل ڇٽي رهيو هو."

هت هيءَ اهم ڳالهہ نوٽ ڪرڻ کپي تہ 1936ع ۾ سنڌ آزاد ٿي. ہہ سال پوءِ 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ وارو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اهو ٺهراءُ پاس ٿيو جيڪو ہہ سال پوءِ لاهور واري پاڪستان ٺهراءُ PAKISTAN RESOLUTION جو بنياد بڻيو. وري انهيءَ کان ٽي سال پوءِ سائين جي.ايم.سيد "الاتوهار" ڪري سنڌ اسيمبليءَ ۾ ٽين مارچ 1943ع تي پاڪستان ٺاهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. جو هيءَ آهي:

This house recommends to Government to convey to His Majesty's Government, through His Excellency the Viceroy, the sentiments and wishes of this province, who have religion, philosophy, social customs, literature, traditions, political and economic theories of their own, quite different from those of the Hindus.

They are justly entitled to the right as a single "Separate Nation", to have "National States" of their own, carved out in the zones, where they are in majority, in the subcontinent of India.

Therefore, they emphatically declare that no constitution shall be acceptable to them, that will place the Muslims under the central Government dominated by another nation, in order to play their part freely on their own distinct lines, in the order of things to come. It is necessary that they have national independent status of their own.

Hence, any attempt to subject the Muslims of India under one central Govt. is bound to result in civil war, with grave and unhappy consequences.

مون کي ائين سمجهڻ لاءِ ڪافي سبب آهن تہ اهو "پاڪستان - ٺهراءُ" سائينءَ کي پير علي محمد راشديءَ لکي ڏنو هو. راشدي صاحب "پڪو مسلم ليگي" هو. هندن جو دلي دشمن هو. عمر جي پوئين حصي ۾ سندس سوچ ۾ ڦيرو آيو. "اهي ڏينهن اهي شينهن" ڪتاب ۾ اڳوڻي دور جو تجزيو ڪندي اعتراف ڪيو اٿس تہ "اسان جي دور ۾ صحيح سياسي سوچ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ٺي هئي پر، اسان کيس سڃاڻي ڪونہ سگهياسون."

سندس اهي لفظ مسلم ليگ واري سندس اڳوڻي مسلڪ جي نفي ڪن

ٿا.

عبيدالله سنڌي هميشہ مسلم ليگ کان پري رهيو. تازو مٿس ”ڊان“ اخبار ۾ ”Dream of A Sindhi“ ”سنڌيءَ جو خواب“ عنوان هيٺ هڪ مضمون ڇپيو آهي، جنهن ۾ سندس ”سياسي تخيل“ بابت حيرت انگيز ڳالهيون ڪيل آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو بين الاقوامي ليول جو عظيم انقلابي اڳواڻ هو. ليڪن، هند ۽ سنڌ جي مسلمانن سندس قدر ڪونہ ڪيو.

بهرحال، سائين جي.ايم.سيد سڄي هندستان ۾ پهريون پهريون مسلم ليگي اڳواڻ هو جنهن سنڌ جي چونڊيل صوبائي اسيمبليءَ ۾ پاڪستان - نهراءُ پاس ڪرايو. هن تاريخي حقيقت مان انهيءَ زماني ۾ سندس سياسي طاقت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو!

زمانو بهرحال، هڪ حال تي قائم ڪونہ آهي. سائين پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ وٽ معتوب ٿيو. ان ڪري بي يارو مددگار ٿي ويو هو. ”حيدر منزل“ تي هڪ دفعي پير حسام الدين شاهہ راشديءَ دوستن جي وڏيءَ محفل ۾ کيس چيو تہ، ”سيد، توئي سنڌ جي هندن کي ڌڙڪا ڏنا هئا، تہ اسان توهان جو سنڌ مان تڏو پٽي، سک جو ساهہ کڻنداسون.“

سائينءَ پير صاحب کي ڪو بہ جواب ڏئي ڪونہ سگهيو.

❊ ❊ ❊

14 آگسٽ 1947ع تي، پاڪستان ٺهيو. سنڌ جي هندن جو تڏو پٽجي ويو. هو پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي، اکين ۾ ڳوڙها کڻي، هندستان روانا ٿيا. هڪڙو نظارو مون کي اڃا ياد آهي.

سنہ 1953ع ۾ مان ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هئس. سنڌي ادبي سنگت نهي هئي، جنهن جو سرگرم ڪارڪن هئس. پر، منجهس مکيہ ماڻهو بہ هئا: نورالدين سرڪي ۽ دادا موتيرام، جنهن ”رتن جوت“ نالي هڪ يادگار ڪتاب لکيو هو. منجهس سيٺ هرچند راءِ جي خاندان جو احوال آهي. دادا موتيرام پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪدم هندوستان ڪونہ ويو. ڪجهہ سالن کان پوءِ لڏپلاڻ جي تياري ڪيائين. اول بمبئيءَ ويو. پوءِ شولاپور ۾ گهر ڪري وڃي ويٺو. هاڻي گذاري ويو آهي. سندس روانگيءَ کان اڳ مان

ڪراچيءَ ۾ ڪانئس موڪلائڻ ويس. سندس گهر ڪچهري ڪئيسون. مون کيس چيو ته، ”اوهان کان موڪلائڻ ۽ يادگار تصويرون ڪڍڻ لاءِ ڪئميرا کڻي آيو آهيان.“

اسان سندس گهر مان نڪتاسين، سمنڊ جي ويجهو نيٽيءَ جيٽيءَ وٽ تصويرون ڪڍيون، گهر موٽي آياسين. دادا موتيرام مون کان وڏي عمر وارو شخص هو. پر، جڏهن مون کان پاڪر پائي موڪلايائين، ته اوڇنگارون ڏئي رُنو.

سنڌ جا هندو، اهڙيءَ طرح، هزارن ورهين کان به وڌو عرصو سنڌ ۾ رهڻ کان پوءِ، پاڙون پٽيل وڻن وانگر هيءَ ڌرتي ڇڏي ويا.

❊ ❊ ❊

تاريخ جو وهڪرو هر هنڌ ۽ هميشه ڏاڍو پيچيده رهيو آهي. سنڌو درياهه جي ورن وڪڙن سان ان کي تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي، جنهن جو صحيح اندازو فوڪر فرينڊشپ هوائي جهاز جي سفر ۾ درياءَ واري سيٽ تي ويهي سکر ايئرپورٽ جي ويجهو جهازن جي هيٺ لهڻ مهل، درياءَ جي ورن وڪڙن کي جاچڻ سان ٿيندو آهي. مون گهڻا دفعا ڏٺو آهي. ڏاڍو دلچسپ آهي. انهيءَ منظر ۾، سنڌو نديءَ جي ورن وڪڙن سان گڏ خود سنڌ جي تاريخ جو نقشو پڻ ذهن ۾ ايندو آهي.

انگريزيءَ ۾ Rise and fall of nations عنوان تي اهم ڪتاب لکيل آهن، جن ۾ جاٺايل آهي ته قومن جي عروج ۽ زوال جا ڪيئي ڪارڻ ٿين ٿا. عام طرح ميدانن جا رهاڪو صلح ۽ سانت وارا سڌا آهن ۽ پهاڙن جا رهاڪو ويڙهاڪ ۽ جنگجو. پر، سنڌ ۾ هندن جي حڪومت جو بنياد وجهندڙ چچ ته ڪنهن به جنگجو قبيلي مان ڪونه هو. پنڊت سيلائج جو پٽ هو. قلم، ڪاغذ، پستڪ ۽ پوٿين سان واسطو هئس. تير ۽ ترار کان پري هو. شڪل شباهت ۾ سو ناهوڪو هو. سنڌ جي ٻڌ ڌرم جي تڏهوڪي راجا جي راڻي سونهن پري (يا ديوي) مٿس مست ٿي پئي. اول مڙس کي زهر ڏئي ماريائين. پوءِ پنهنجي يار چچ کي تخت ۽ تاج وني ڏنائين. آخر ۾ ساڻس شادي ڪيائين.

چچ جون فوجون اتر ۾ پنجاب فتح ڪري وڃي ڪشمير وٽ پهتيون.

جنهن کي هن سنڌ جي سلطنت جي اترئين سرحد قرار ڏنو. اولهہ ۾ بلوچستان جي چڱي علائقي کي فتح ڪيائين. پير علي محمد راشديءَ جي لکيل انگريزي ڪتابڙي "Story of sufferings of Sindh" "سنڌ جي سورن جي ڪهاڻي" ۾ سلطنت سنڌ جي سرحدن جو احوال ڏنل آهي. بلوچي اڪيڊميءَ جي ڇپايل تاريخ ۾ بہ ٿورو گهڻو آهي. بهرحال، سلطنت سنڌ جو وڏو دٻدٻو هو. عربي تاريخن ۾ "السنڌ والهند" لفظ بي سبب ڪونہ آيا آهن.

اسلام جي اڪابرن ۾ امام محمد باقر پڻ قرآن ڪريم جي ڪن آيتن جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ "سنڌ ۽ هند" لفظ استعمال ڪيا آهن. حوالي لاءِ ڏسو ڪتاب " EARLY SHI'I THOUGHT: THE TEACHINGS OF IMAM MUHAMMAD AL - BAQIR: BY ARZINA LAL WANI-LONDON" "سيرت ابن هشام" ۾ لکيل آهي تہ يمن جو هڪ سردار ايران جي ڪسريٰ وٽ دانهن کڻي ويو. تن ڏينهن ۾ ايران "سپر پاور" هو. شهنشاهہ کي ڪسريٰ ڪوٺيندا هئا. يمن جي سردار ادب سان چيس تہ، "سائين منهنجي ملڪ تي غير ملڪي قبضو ڪري ويا آهن. اسان جي واهر ڪريو!"

ڪسريٰ پڇيس تہ، "ڪهڙا غير ملڪي؟ سنڌي يا حبشي؟"

يمن جي سردار چيس تہ "سائين، حبشي."

اهي ڳالهيون تاريخي لحاظ کان اهم آهن. پر، انهن کان بہ اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ سنڌ جڏهن اسلام جي روشنيءَ کان منور ٿي تہ پوءِ ڇا جي ڪري سنڌين فتوحات ڪونہ ڪيون؟ عرب مسلمان ٿيا تہ جاڏي ڪاڏي فتوحات ڪندا ويا. پر، سنڌي مسلمان ٿيا، تہ پنهنجو دفاع بہ ڪري ڪونہ سگهيا! ڪڏهن ڪين ڪو ڪٽيندو رهيو تہ ڪڏهن ڪو. ست سئو سال اڳ، ملتان جو حاڪم قباچہ سڄيءَ سنڌ تي حڪومت ڪندو هو. انگريزن جي حڪومت ۾ تہ سنڌ بامبي پريزيڊنسيءَ ۾ مدغم ٿي وئي. جدا صوبي واري حيثيت بہ ڪانہ رهيس!

هن ڏکوئيندڙ حقيقت جو آخر ڪهڙو سبب آهي تہ اڳوڻي "سلطنت سنڌ" آهستي آهستي سڪڙبي اچي ڏهرڪيءَ جي پرسان، ريتيءَ وٽ بيٺي ۽ بيٺل پاڻيءَ جي دٻي وانگر، هڪڙو صوبو ٿي وئي؟... افسوس آهي تہ سنڌ

جي اڳواڻن ۽ هاڻوڪن تاريخ نويسن هن اهم سوال تي نہ سوچيو آهي ۽ نہ وري جواب ڏنو آهي.

هاڻي تہ سنڌ جو جيڪو رعب تاب آهي، سو هر ڪنهن جي اکين اڳيان آهي!

❊ ❊ ❊

بهرحال، 1947ع ۾ سنڌ جا هندو رهاڪو پنهنجو وطن ڇڏي ويا. قدرت ڪنهن بہ قوم سان بي انصافي ڪانہ ڪندي آهي. شايد، انهيءَ تاريخي حقيقت جو اصل سبب اهو هو تہ هندن مان قومي ڪردار ختم ٿي ويو هو. منهنجي دوست، سيٺ منگهن مل جو چوڻ آهي تہ "رات ڏينهن پئسي ڪمائڻ جي لوڀ ۽ لالچ ۾ هئا. ائين ڪٽي ڇڏجي، تہ پئسي جا پٽ ٿي ويا هئا."

تازو "روشني پبليڪيشن" "سنڌ ورڪين" تي هڪ اهم ڪتاب شايع ڪيو آهي. سنڌ ورڪي سيٺيون پرديس ۾ پئسو تہ جام ڪمائيندا هئا، پر، رڳو پيا پئسو ڪمائيندا هئا. پيو ٿيو پلو. ورهين جا ورهيہ گهرن کان پري رهندا هئا، تہ بشري ڪمزورين ڪري ڪيترن هندن تي، مثلاً سنڪيانگ جي پاسي، رَنون ويهاريندا هئا، جن مان ڪين حرامي ٻار بہ ٿيندا هئا. سنڌ ۾ شڪارپور جهڙن شهرن ۾ سندن پنهنجون پرين جهڙيون سهڻيون زالون زالاڻيءَ ضرورت جي پورائيءَ لاءِ نرا ڪنيون وتنديون هيون.

سنڌي ادبي بورڊ لطف الله گجراتيءَ جو هڪ ننڍو پر ڏاڍو اهم ڪتاب ڇپيو آهي، جيڪو انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌ ۾ آيو هو. ترجمو قادر بخش نظاماڻيءَ ڪيو آهي. منجهس شڪارپور جي هندو حسينائن جي شغل ۽ شوق جا احوال ڏنا اٿس. اهو بہ لکيو اٿس تہ هڪ هندو عورت ايڏي تہ سهڻي هئي، جو افغانستان جو بادشاهہ پڄائي ويس.

❊ ❊ ❊

1857ع کان وٺي 1947ع تائين، پورن 100 سالن جو عرصو هندن توڙي مسلمانن لاءِ سياسي جدوجهد جو تمام اهم زمانو آهي. ٻنهي ڌرين جي جدوجهد آخرڪار جنهن نقطي تي وڃي منتج ٿي، اهو پير علي محمد راشديءَ مختصر ليڪن معنيٰ خيز لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. لکيو اٿس تہ:

**هند کي سوراج ۽ سنڌ کي پاڪستان نصيب ٿيو.**

سنڌ جي تاريخ جي هن نئين باب ناھڻ ۾ جيڪي نهايت نمايان آهن، تن مڙني ۾ سائين جي.ايم.سيد جو نالو مٿي آهي. پر، پاڪستان ٺهيو تہ سندس بخت پاسو ورايو. مٿي عرض ڪيو اٿم تہ مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ يعني پاڪستان جي باني، قائداعظم محمد علي جناح سان اختلاف ٿيس. چون ٿا تہ مکيہ سبب هي هو تہ سائينءَ عام چونڊن ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽن لاءِ جن اميدوارن جا نالا ڏنا هئا، تن مان ڪن کي مليون، تہ ڪن کي ڪونہ مليون. اهي سڀ وڏيرا هئا ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪي سيد سڳورا بہ هئا. ان باري ۾ سيد ذوالقرنين زيديءَ پنهنجي ڪتاب ۾ خانبهادر کهڙي جي انٽرويوءَ ۾ هيئن لکيو آهي تہ:

> **کهڙي صاحب جناب جي.ايم.سيد بابت انٽرويوءَ ۾ چيو تہ هن 1945ع ۾ جناح صاحب کي چڏي ڏنو هو. سبب اهو هو تہ سيد صاحب چونڊن ۾ پنهنجيءَ پسند جي ماڻهن کي ليگ جون ٽڪيٽون ڏيارڻ تي گهريون. جناح صاحب چيو تہ ائين مناسب ڪونهي. سو ٻنهي ۾ اختلاف ٿي پيو.**

جيڪڏهن کهڙي صاحب جي راءِ صحيح آهي تہ پوءِ ائين چئبو تہ سائينءَ ليگ جي صدارت قربان ڪئي، پر، سيدن ۽ وڏيرن سان ياري نڀائي.

سائينءَ جي خاص معتمد، پير علي محمد راشديءَ جو چوڻ اهو آهي تہ سيد صاحب جو تن ڏينهن ۾ سڄيءَ سنڌ جي ٻين سياستدانن کان جناح صاحب سان گهرو لڳ لاڳاپو هو. انهيءَ ڪري ئي سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو صدر هو. في الحال خاموشي اختيار ڪري ها ۽ جناح صاحب سان اختلاف نہ ڪري ها. پوءِ مهل ۽ موقعو ڏسي جناح صاحب کان ڪي وڏيڪ اهم ڳالهيون مڃائي ها، جن مان سنڌ کي وڏو فائدو پهچي ها.

پر، پارٽ وري ردعمل جي چڪر ۾ آيو! جناح صاحب جي سامهون ٿيو. جناح صاحب جي طاقت توڙي مزاج جي کيس خبر هئي. هن ڪاوڙ ۾ مسلم ليگ مان ڪڍي ڇڏيس. راشدي صاحب ائين بہ لکيو آهي تہ، ”سيد جي مسلم ليگ مان پاڙ پٽڻ ۾ سر غلام حسين بہ وڏو رول ادا ڪيو.“

بهرحال، ٽڪيٽون ورهائڻ بعد چونڊون ٿيون. مسلم ليگ جي ٽڪيٽ

تي، جناح صاحب جي مرضيءَ موجب، قاضي محمد اڪبر سائينءَ جي مقابلي ۾ بينو ءِ في الحال ڪٿيائين، پر، سائينءَ عدالت ۾ اپيل وڌي، تہ قاضي محمد اڪبر جي پَٽِ وائکي ٿي پئي. هن ڪوڙن ووٽن ڪري نہ رڳو هارايو، پر، سندس عزيز پير الاهي بخش مرحوم جي وزارت بہ هلي وئي.

سائين ڪامياب ٿيو. هونئن، سنڌ ۾ پير الاهي بخش تعليم جي وزير جي حيثيت ۾ ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو هو. سندس نالو اڄا پيو ڳائجي. سنڌ کي تعليم کاتي جو اهڙو وزير وري ڪونہ مليو. سنڌ ۾ بالغن جي تعليم بہ پير صاحب شروع ڪئي هئي. ماڻهو ان ڪري اڄا سندس نيڪي ڪندا آهن.

ليڪن، اليڪشن ۾ سائينءَ جي اها ڪاميابي، سنڌ جي بدليل سياسي صورتحال جي منظرنامي ۾، **"بي وقعت"** هئي. سن واريءَ هڪڙيءَ سيٽ جي ڪهڙي اهميت هئي؟ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ تہ اقتدار انهن وٽ هو، جيڪي مسلم ليگ جا ڪرتا ڌرتا هئا. سو سائينءَ جي سياسي اوج ۽ اقبال جو سج لهڻ لڳو ليڪن، افسوس آهي تہ سائين پوءِ بہ بدليل سياسي صورتحال تي غور ڪونہ ڪيو. اڳي وانگر، ردعمل جي چڪر ۾ رهيو. مسلم ليگ جي مخالفت ڪيائين. پاڻ کي هيڪاري هيٺو ڪيائين، ڇو تہ مسلم ليگ جي مخالفت معنيٰ جناح صاحب جي مخالفت! مسلم ليگ ۾ تہ قائداعظم جو فرمان **"قولِ فيصل"** جي حيثيت رکندو هو.

سائين وري وري چوندو رهيو آهي تہ مون **"ردعمل"** جي چڪر ۾ ائين ڪيو. دراصل، ڪيس صاف چوڻ کپندو هو تہ 'مون ضد ۾ اچي هيئن ڪيو.' مٿس ڪا بہ ميار ڪانہ اچي ها، ڇو تہ ضد سندس مزاج جو "اهم انگ" هو.

ڪو بہ ماڻهو پنهنجو مزاج يا فطرت بدلائي نٿو سگهي. هندستان جي هاڪاري عالم، مفڪر ۽ سياسي اڳواڻ ابوالڪلام آزاد هڪ هنڌ لکيو آهي تہ. **"عمر هاڻي انهيءَ منزل تي پهچي چڪي آهي، جو ان کي ٽوڙي تہ سگهجي ٿو پر موڙي نٿو سگهجي."**

* * *

هن پس منظر ۾، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سائينءَ جون سياسي سرگرميون هڪ مخالف اڳواڻ واريون وڃي بچيون. پر، شڪر جو پيرزادي عبدالستار جي ايامڪاريءَ ۾ ڏاهپ کان ڪم ورتائين. ساڻس تعاون ڪري،

سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪافي سنا ڪم ڪري ورتائين.

جڏهن سنڌ "ون يونٽ" ۾ مدغم ٿي، ته مخالفت ڊر ۾ هوندي به ٽوڙڻ اسيمبلي ميمبرن جي ٽيڪ تي اولهه پاڪستان جي اسيمبليءَ کان "ون يونٽ" ٽوڙائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايائين. اهو ڏسي حڪمران ٽولو ڏڇي ويو ته، "مارا هي ته ڪو خطرناڪ ماڻهو آهي!"

جنرل ايوب خان مارشل لا هڻي، "ون يونٽ" کي بچائي ورتو. پر، اسيمبليون ڇٽ ٿي ويون. جمهوريت جي پاڙ پٽجي وئي. آمريت جو در کلي ويو. تاريخ جو هڪ ورق وري ويو.

سائين اول قيد ٿي ويو. پوءِ "سن" ۾ نظربند ٿيو. آزاد ٿيو ته "بنديخاني جا ڏينهن" نالي مضمون لکيائين، جيڪو "مهراڻ" ۾ ڇپيل آهي. دلچسپ آهي. پڙهڻ وٽان آهي.

پوءِ سرڪار جي نظر ۾ معتوب رهيو. ڪڏهن ڪڏهن دل جي علاج لاءِ، سو ٿورن ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ اچڻ جي موڪل ملندي هئس. ليڪن، ورهين جا ورهيه نظربند رهيو. هڪ دفعي ڪراچيءَ آيو ته مان ۽ حسام الدين شاهه وٽس وينا هئاسون. ڳالهيون ٻوليون ڪندي چيائين ته، "سن ۾ هفتو کن اڳ لئبرريءَ ۾ ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڪنيم، ته منجهانئس 'پاڪستان ٺهراءُ' جو اهو مسودو نڪري آيو جيڪو سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاس ڪرايو هئم."

حسام الدين شاهه چيس ته "سيد، اهو پڙهي، تو ڪيئن محسوس ڪيو؟"

سائينءَ ڏک ۾ چيس، ته قاضي قاضن ياد آيو:

سي ئي سيلهه ٿيام، پڙهيام جي پاران،
اکر اڳيان ايري، واڳون ٿي وريام.

مون کي اڄ به ياد آهي ته سائين شعر پڙهي ڪا دير چپ ٿي ويو. نماڻيون اکيون سان آسمان ۾ گهوريندو رهيو. ماحول ڏاڍو ڏکوئيندڙ ٿي ويو. سائين حسام الدين شاهه جون اکيون آليون ٿي ويون. صورتحال ڏاڍي ڳوري ٿي وئي. اسان سائينءَ کان ادب سان موڪلائي، ڪار ۾ ويناسون، ته حسام الدين شاهه ٺڏو ساهه ڀريو. پاڻ به ڏاڍي ڏک سان قاضي قاضن جي مصرع جهونگارڻ لڳو:

**اکر اڳيان ايري، واڳون ٿي وريام.**

❊ ❊ ❊ ❊

سائينءَ ٽيهارو ورهيه قيد ۽ نظربنديءَ ۾ گذاريا. پاڪستان ۾ ڪنهن به سياستدان ايڏو عرصو اسيريءَ ۾ ڪونه گذاريو. ملڪ جي ڪنهن به مرڪزي يا صوبائي حڪومت سندس اڳوڻين خدمت کي ڏسي، سائنس مهر ۽ محبت جو سلوڪ ڪري، کيس پنهنجي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. ٻيو ته نهيو شهيد ذوالفقار علي خان ڀٽو سائينءَ جي فرزند، امير حيدر شاهه سان گهرو گهاٽو هوندو هو. ٻئي ڄڻا ايوب خان جي ايامڪاريءَ ۾ قومي اسيمبليءَ جا ميمبر هوندا هئا. ڀٽو صاحب وٽس ڪراچيءَ گهر ايندو هو سائينءَ کي "چاچا" ڪوٺيندو هو. پر، جڏهن پاور ۾ آيو ته سياسي مصلحتن ڪري هن به ٻين وانگر، چاچي کي نظربند رکيو. البت، قاضي فيض محمد کي آزاد ڪيو. توڙي جو هو بنگلاديش نهڻ کان پوءِ اندرا گانڌيءَ جي مدد سان ڍاڪا ۾ شيخ مجيب الرحمان سان ملي آيو هو ۽ واپسيءَ تي لنڊن رستي، ڪراچيءَ آيو هو. اول گرفتار ٿيو هو ۽ ڪجهه عرصو پوءِ پنهنجي ڳوٺ هالاڻيءَ ۾ نظربند ٿيو هو.

هالاڻي اسان جي ڳوٺ کان ڇهه ميل پري آهي. مان سائنس گهر وڃي مليس. پنهنجي سفر ۽ مجيب سان ملاقات جا حال احوال ذري پرزي ڏنائين. قاضي صاحب نهايت مخلص ماڻهو هو.

قيد، بند ۽ مسلسل نظربندي وڏو ذهني عذاب آهي. سنڌ گريجوئيٽس جي اڳواڻ، سليمان شيخ مون سان ڳالهه ڪئي ته هڪ دفعي اسان سائينءَ سان سن کان ڪراچيءَ پئي آياسين. پوليس به گڏ هئي. کيس دل جي علاج لاءِ ڪراچيءَ وڃڻ جي موڪل ملي هئي. سخت گرمي هئي. سن کان ٻهاڙي پونو لتاڙي، حيدرآباد ٽپي، ڪراچيءَ واري رستي تي چڙهياسين، ته کيس اڃ لڳي. سليمان شيخ چيو ته بس اسٽاپ تي گاڏيون جهلي، ڪوڪا ڪولا جي بوتل لاءِ ڊوڙياسين جو صاف پاڻي پيڻ لاءِ ساڻ ڪونه هو. ڪوڪاڪولا ڪانه ملي. سائين ڪراچيءَ تائين اڃارو هليو. سخت گرميءَ ۽ دل جي دوري ڪري پگهر ۾ شل ٿي ويو. بلڪ، ماندو ٿي ويو. ڏاڍي ڏکوئيندڙ صورتحال هئي. جڏهن ڪراچيءَ حيدر منزل تي پهتاسين، تڏهن مس مس وڃي کيس ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس نصيب ٿيو.

جنرل ايوب خان مارشل لا ذريعي پاور ۾ آيو هو. پر، جڏهن ڏهه سال

لاڳيتي حڪومت ڪيائين، تہ ماڻهن کي ڳڪ ڪري وڌائين. حالتون خراب ٿيون، تہ ملٽريءَ ۾ جنرل يحييٰ خان بہ سندس خلاف سازش ڪئي. سو جنرل ايوب پاڻ ئي کيس اقتدار سونپي، پاسيرو ٿي ويو.

جنرل يحييٰ اقتدار ۾ آيو تہ سندس عام شهرت ٿي تہ شراب ۽ عورت جو شوقين آهي. ايوب خان جي پٽ گوهر ايوب پنهنجي تازو ڇپيل يادگيرين جي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ هڪ "فوجي انٽرويو ٽيم" جي ميمبر کيس چيو تہ "عام تاثر آهي، تہ اوهان جي عورتن سان گهڻي رغبت آهي؟"

جنرل يحييٰ خان جواب ڏنس تہ "جيڪڏهن مڙس پاڻ ئي پنهنجون زالون آڻي، مون کي پيش ڪن، تہ منهنجو ان ۾ ڪهڙو قصور؟"

* * *

سنہ 1958ع وارو مارشل لا عام طرح، جنرل ايوب خان جي نالي سان مشهور آهي. پر، درحقيقت، سڪندر مرزا هنيو هو جيڪو هڪ اعليٰ عملدار جي عهدي تان ترقي ڪري، وچي صدر ٿيو هو. ملڪ ۾، مارشل لا هڻي جيڪا وزارت ناهيائين، تنهن ۾ سنڌ مان ذوالفقار علي ڀٽي کي وزير ڪيائين. هو تڏهن بلڪل نوجوان هو. انگلنڊ مان تازو تازو بئريسٽر ٿي آيو هو. سنڌ ۾ اجا مشهور ڪونہ ٿيو هو. پر، منجهس سنڌ سان محبت هئي، چون ٿا تہ کيس وزارت ۾ کڻڻ جو هڪ مکيہ سبب سندس والد بزرگوار سر شاهنواز ڀٽي جو سياسي اثر هو ۽ ٻيو سبب بيگم نصرت ڀٽو هئي، جيڪا بہ سڪندر مرزا جي بيگم ناهيد مرزا وانگر اصل نسل ۾ ايراني هئي ۽ سندس ساهيڙي هئي.

ناهيد مرزا ڪوئيٽا ۾ هڪ ايراني سفارتڪار جي بيگم هئي. سونهن توڙي سمجهہ ۾ تمام تيز هئي. سندس مداحن، پرستارن ۽ عاشقن جي لائين لمبي هئس. انهن ۾ هڪڙو شخص ملڪ جي ٻاويهن اميرَ خاندانن مان هو. مان بہ کيس سڃاڻان. ٻيو شخص سڪندر مرزا هو. هوءَ ٻنهي کي خوش رکندي هئي پر، آخرڪار مڙس کان طلاق وٺي، سڪندر مرزا سان شادي ڪيائين.

* ڀٽي صاحب جي وزير ٿيڻ جو پس منظر ايوب خان جي پٽ گوهر ايوب جي تازو شايع ٿيل ڪتاب ۾ ڏنل آهي. ڪتاب هاڻي اردوءَ ۾ بہ ڇپيو آهي. دلچسپ آهي.

قدرت الله شهاب، گورنر جنرل غلام محمد جي ڏڙ ڪان وٺي، ”ايوان اقتدار“ جي ”غلام گردشن“ ۾ گهٽو ايندو ويندو هو. سرڪاري ڪامورو هو. پنهنجين يادگيرين جي ڪتاب ”شهاب نامہ“ ۾ لکيو اٿس، تہ ايوان صدر جي ڪنهن دعوت ۾ مردن ۽ خواتين جي مجموعي ۾ سڪندر مرزا ڪنهن خوبصورت خاتون سان رازدارانہ گفتگو ڪري رهيو هو تہ اوچتو ناهيد مرزا سامهون آئي. سڪندر مرزا تہ هيڏي هوڏي کسڪي ويو. ناهيد مرزا انهيءَ خاتونءَ کي اچي سنگهن تي ڪنيو جنهن چيس تہ، **”هو تہ رڳو منهنجي ساڙهيءَ جي تعريف ڪري رهيو هو.“**

ناهيد مرزا ڇهڙ ڏئي چيس تہ، ”هائو مون کي بہ ساڙهيءَ جي ساراهہ ڪري ڦاسايو هئائين.“

سڪندر مرزا وڏو گُرگ هو. ملڪ ۾ مسلم ليگ جو ڪم اهڙو لاٿائين، جو وري اڳي وانگر اُسري ڪانہ سگهي. ”ريپبليڪن پارٽي“ ناهيائين ۽ پنهنجا پير پختا ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۾ آمريڪين جو اثر وڌايائين. ملڪ کي سندن سياسي معاهدي ”بغداد پئڪيٽ“ ۾ ڦاسايائين سو ملڪ انگريزن کان آزاد ٿيو تہ وري آمريڪين جي ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ٿي ويو ايتريقدر جو بعضي تہ ملڪ هلائڻ لاءِ وزيراعظم بہ آمريڪا مان امپورٽ ٿيڻ لڳا.

ملڪ مان اصولي سياست تہ ڪڏهوڪو ختم ٿي وئي هئي. سڪندر مرزا نام نهاد سياستدانن مشتاق احمد گرماڻيءَ، چوڌري محمد عليءَ ۽ غلام محمد جهڙن جغادرين جو بہ ڪم لاٿائين ون يونٽ ناهيو هڪڙن هو. پر، ان کي استعمال سڪندر مرزا ڪيو. هڪڙو بيان ڪيائين تہ ”ون يونٽ اسٽيم رولر آهي، جيڪو بہ ان جي مخالفت ڪندو سو واريءَ جا ذرڙا ذرڙا ٿي ويندو.“ اهو بيان ڪيدي، قائداعظم جي ساٿيءَ، قلات جي خان، احمد يار خان کي سڏائي چيائين تہ، ”تون ون يونٽ جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪر، تہ مان توکي تنهنجي رياست موٽائي ڏيان.“

هن ائين ڪيو تہ قلات تي فوجون چاڙهي موڪليائين، جن احمد يار خان کي قيد ڪيو. سڪندر مرزا انهيءَ ٿي واقعي کي بهانو بنائي، استعمال ڪيو ۽ ملڪ ۾ مارشل لا هنيو. سندس ارادا تہ اجا بہ وڏا هئا. پر، قسمت

ساٿ ڪونہ ڏنس. جنرل ايوب خان جي خلاف بہ ڪا سازش ڪيائين.* سو پڪڙجي پيو. هن رات جي اونداهيءَ ۾ ڪيس ۽ ناهيد مرزا کي جلاوطن ڪري، ڪوئيٽا مان هوائي جهاز ۾ چاڙهي لنڊن موڪليو. پاڻ ڏنڊو کڻي ملڪ جو والي ٿي ويٺو. سُتت پاڻ کي پروموشن ڏني، اول فيلڊ مارشل ٿيو ۽ پوءِ صدر ٿيو. سياست جو يونيفارم پائڻ لاءِ، مسلم ليگ ناهيائين. پر، ان کي تہ سڪندر مرزا چٽ ڪري ويو هو. سا، ايوب خان جي زور لائڻ ڪانپوءِ بہ سابقي اڳوڻي حال ۾ ڪانہ آئي. ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي: ڪائونسل ليگ ۽ ڪنويشن ليگ. ايوب خان ڪنويشن ليگ جو سرپرست ٿيو. ملڪ ۾ سرڪاري مسلم ليگ ناهڻ جو رواج ائين پيو.

هونئن تہ جناح صاحب پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پاڻ ئي انهيءَ راءِ جو هو تہ مسلم ليگ جو مقصد پاڪستان ناهڻ هو. هن اهو حاصل ڪيو. هاڻي، مسلم ليگ جي ضرورت ڪانهي. ٻيون سياسي پارٽيون ٺهن، جيڪي ملڪ جي مسئلن ۽ معاملن کي نبيرن. پر، گهڻائي اڳوڻا مسلم ليگي اڳواڻَ ساڻس شامل راءِ ڪونہ هئا. لياقت علي خان مرڻي ۾ اڳيرو هو چاڪاڻ تہ وزيراعظم جي حيثيت ۾ سرڪاري مسلم ليگ جي اڳواڻ ٿيڻ جو اميدوار هو سو مسلم ليگ ختم ڪانہ ٿي. پر، اڳيون زور بہ ڪونہ ورتائين، جيڪي ان کي ”سرڪاري ليگ“ طور قائم رکڻ جي حق ۾ هئا. تن جو خيال هو تہ جيئن هندستان ۾ آزاديءَ کان پوءِ بہ ”ڪانگريس“ هڪ سياسي جماعت آهي، بلڪل ائين ئي مسلم ليگ جو وجود بہ پاڪستان لاءِ لازم ملزوم آهي.

سائين جي. ايم. سيد، مسلم ليگ مان خارج ٿيو تہ اول ان جي مخالفت ڪيائين. اڳتي هلي، ٻين قومپرست اڳواڻن: مولانا عبدالحميد ڀاشاني (بنگال) ميان افتخار الدين (پنجاب) عبدالصمد اڇڪزئي (بلوچستان) عبدالغفار (سرحد) ۽ پنهنجي سنڌي ساٿين سان گڏجي، نيشنل عوامي پارٽيءَ ناهڻ ۾ ٻهرو ورتائين. پارٽي ٺهي ۽ ڪجهہ عرصو ڪم بہ ڪيائين. پر، ملڪ جي ٻنهي حصن ۾ پاڪستان کان اڳ واريءَ مسلم ليگ يا ڪانگريس جهڙي حيثيت اختيار ڪري ڪانہ سگهي. اوير

---

* انهيءَ سازش جو ڪجهہ احوال بہ گوهر ايوب جي ڪتاب ۾ موجود آهي.

پاڪستان جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ ته اها اسان وٽ فقط سرحد ۽ بلوچستان تائين رهجي وئي، جا "نعپ" جي نالي سان اجا مشهور آهي. عبدالغفار خان جي اولاد جي اثر هيٺ آهي.

سائين انهيءَ نتيجي تي وڃي پهتو ته "ڪابه آل پاڪستان جماعت" سنڌ توڙي ٻين ننڍين صوبن جي حفاظت ڪري ڪانه سگهندي، ڇو ته پنجاب سموري ملڪ تي ڇانئجي ويو آهي. لٺ بانئو سندس هٿ ۾ آهي. اسان جي ڪابه حيثيت ۽ وقعت ڪانهي. مثال ڏيئي چوندو هو ته "سنڌ جا حق پائمال ڪرڻ وارو صوبو پنجاب آهي. پيپلس پارٽي جي اڳواٽي سنڌين وٽ آهي پر، اها پنجاب کي ڪڏهن به ناراض ڪونه ڪندي، ڇو ته اقتدار جي طلبگار آهي، جيڪو پنجاب جي مدد کان سواءِ ڪونه ملندس."

سائينءَ ۽ ٻين مسلم ليگي اڳواڻن وڏين اميدن سان پاڪستان ٺاهيو هو. لاهور واري جلسي ۾ "پاڪستان نهراءُ" سر فضل حق پيش ڪيو هو جيڪو بنگالي هو. سنڌ اسيمبليءَ ۾ "پاڪستان نهراءُ" سائينءَ پاس ڪرايو هو. ٻئي غير پنجابي هئا. ليڪن، پاڪستان ٺهيو ته پنجاب جا جغادري سياستدان مشتاق گرماڻيءَ، ممتاز دولتانه ۽ غلام محمد، مُلڪ جي سفيد سياه جا مالڪ ٿي ويا. بنگالين کي سندن اڪثريت کان محروم ڪرڻ ۽ ننڍين صوبن سنڌ ۽ بلوچستان جي زمينن ۽ قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ "ون يونٽ" ناهيائون. ممتاز دولتانه انهيءَ جو هڪ "خفيه دستاويز" لکيو جيڪو ان زماني ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو هو.

هن پسمنظر ۾ اڳتي هلي، اها صورتحال ٿي ته جيڪو سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جو نالو ڪڻندو هو سو "متعصب" ۽ ملڪ جو غدار ڪوٺيو ويندو هو.

* * * *

هڪ ڏينهن مان شام جو "حيدر منزل" تي سائينءَ سان ملڻ ويس. ڏاڍو اداس ويٺو هو. ٻڌايائين ته، "اڄ راشدي صاحب سان ملڻ ويو هئس. پر، ڪونه مليو." سندس اها ڳالهه ٻڌي مون کي حيرت لڳي!

راشدي صاحب جوانيءَ جو وڏو عرصو سائينءَ سان سنگت ۾ گذاريو هو. انهيءَ زماني ۾ ٻئي ڄڻا ڪهڙين ڪهڙين سياسي سرگرمين ۾ مشغول هوندا هئا. تنهن جو اندازو سندس خطن جي انهيءَ ڪتاب سان ٿئي ٿو

جيڪو سائين، سن ۾ پنهنجيءَ نظربنديءَ واري زماني ۾ ڇپايو هو. اول ڪتاب جون ڪجهہ قلمي ڪاپيون ٺهرائي مڪيہ علمي ۽ ادبي مرڪزن ۽ پنهنجن خاص خاص احبابن کي موڪليون هيون، ڇو تہ تن ڏينهن ۾ فوٽو اسٽيٽ ڪاپين جو رواج ڪونہ هو.

راشدي صاحب پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هميشہ انهن سان گڏ رهيو جيڪي پاور ۾ هوندا هئا. جڏهن سائين معتوب ٿيو تہ هو ڪيس ڇڏي ويو هو. ايتريقدر جو ون يونٽ ٺاهڻ جي ڦهري ڪارنامي ۾ شريڪ ٿيو هو. پر، خبر ناهي تہ پوءِ بہ ڪهڙي سبب ڪري سائينءَ کي منجهس وڏيون اميدون هيون؟ تڏهن تہ ساڻس ملڻ ويو هو؟ اها ڳالهہ اهم آهي سو ان جي وضاحت لاءِ هيٺ ڪجهہ احوال عرض ڪريان ٿو.

سائين 1960ع واريءَ نظربنديءَ جي دوران رڳو ڪتاب لکندو رهندو هو ڇو تہ سنڌي وڏيرا ۽ سياستدان ڪيس مسلم ليگ جي مخالفت ڪرڻ کان پوءِ ڪڏهوڪو اڪيلو ڇڏي ويا هئا. فقط سنڌي ترقي پسند اديب (جيڪي مُٺ جيترا ماڻهو هئا) ساڻس رابطي ۾ هوندا هئا. سائين اسان جو امامُ هو. سائينءَ پاڻ بہ ”جنب گذاريم جن سين“ ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ. **”مون کي ملڪ ۽ قوم جي مستقبل لاءِ وري بہ ترقي پسند اديبن ۽ عوام ۾ اميدون آهن.“**

چوٿين مارچ واري واقعي کان پوءِ اول سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ پوءِ سڄيءَ سنڌ جا نوجوان شاگرد پڻ سائينءَ جي جهنڊي هيٺ جمع ٿي ويا. سنڌن نعرو **”جيئي سنڌ“** هوندو هو. اهو نعرو تہ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ هنيو هو. پر، قافلي جو سپهہ سالار تہ سائين جي ايم سيد هو.

سنڌي اديبن، شاعرن ۽ شاگرن سالن جا سال سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جلسا جلوس ڪيا. نيٺ، سنڌ ۾ تہ ون يونٽ جي خلاف باهہ پکڙجي وئي. سنڌي ٻوليءَ واريءَ تحريڪ ان تي پيٽرول هارڻ وارو ڪم ڪيو. هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ آيو جو سڄيءَ سنڌ ۾ ”سن جو سائين، جيئي سدائين“ نعرو شهرن توڙي ڳوٺن ۾ عام ٿي ويو.

اهو ڏسي، ملڪ تي حڪمران يحيىٰ خان جي فوجي ٽولي جا ڏيڏر ڍرا ٿي ويا. بنگالي اڳي ئي باهہ ٿيا ويٺا هئا. ماڻهوءَ کي هميشہ پنهنجا ڪُڏا

ڪرتوت اڳيان ايندا آهن. سو فوجي ٽولي سمجهي ورتو ته هاڻي "ون يونٽ" ڊاهڻ ۽ "عام چونڊون ڪرائڻ" کان سواءِ ٻيو ڪوبه رستو ڪونهي.

يحييٰ خان جي فوجي ٽولي کي اهي ٻئي ڪم مجبوراً ڪرڻا پيا.

عام چونڊن جو اعلان ٿيو ته ملڪ جي مڙني مکيه سياسي جماعتن جي اڳواڻن کي ريڊيي تي قوم کي خطاب ڪرڻ ۽ پنهنجو پنهنجو پروگرام ۽ منشور پيش ڪرڻ جي دعوت ڏنائون.

سائين جي. ايم. سيد ملڪ جي ڪنهن به سياسي جماعت جو اڳواڻ ڪونه هو. پر، سنڌ ۾ ون يونٽ جو مخالف ناميارو ليڊر هو. ان ڪري يحييٰ خان جي فوجي ٽولي کيس به ملڪ جي ٻين وڏن ليڊرن وارو مانُ مرتبو ڏنو. سائينءَ به قومي پارٽين جي اڳواڻن وانگر قوم کي ريڊئي تان خطاب ڪيو.

انهيءَ پسمنظر ۾ حيدرآباد شهر ۾ هالن جي مخدوم صاحب جي سول لائينس واري بنگلي نمبر 3 ۾ وڏو ۽ اهم جلسو ٿيو جنهن ۾، سنڌي وڏيرن ۽ سياستدانن، پنهنجي طرفان، توڙي پنهنجن ابن ڏاڏن طرفان، ون يونٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڏيڻ ڪري، سنڌ جي عوام کان معافي گهري!. جلسي جي صدارت سائينءَ ڪئي. سڄيءَ سنڌ جا وڏيرا ۽ سياستدان سندس پيرن ۾ پيا هئا. هو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هڪ دفعو وري سنڌ جو بي تاج بادشاهه ٿي ويو! اسان تڏهوڪا نوجوان ترقي پسند اديب، شاعر ۽ سمورا نوجوان شاگرد اڳواڻ به وڏيءَ لئه ۾ آياسين.

سنڌي محب وطن اديب ۽ ناميارا شاگرد نوجوان اڳواڻ انهن ڏينهن ۾ مون سان ڏاڍا گهرا گهاٽا هوندا هئا. رات ڏينهن اسان جون ميل ملاقاتون ٿينديون هيون.

مخدوم صاحب جي بنگلي تي جلسي واريءَ رات ته اڪثر دوست ۽ ساٿي ڳاڏي ڪاتي ۾ منهنجي ٺي "امين منزل" واري گهر اچي سمهيا هئا. ڪنهن کي کٽ ملي، ته ڪو پٽ تي ليٽيو. ڪنهن کي رلهي ملي، ته ڪنهن چادر ڪنئي. ڪنهن کي ڪمبل نصيب ٿيو. مان دير دير سان گهر موٽيس. ڏٺم ته منهنجي سمهڻ لاءِ هنڌ بسترو ڪونه هو. سيئي ٽڪل ۽ ستل هئا.

صبح سان گهر جي ٻاهران سائي رنگ جي موٽر اچي بيٺي. منجهس پير الاهي بخش آيو هو. کيس سفيد سلوار قميص ۽ ڳاڙهي ترڪي ٽوپي

پاتل هئي. مون کيس چيو تہ اسان تڙ تڪڙ ۾ تيار تي سائينءَ وٽ اچون ٿا.

جلسي ٿيڻ کي گهڻو عرصو ڪونہ گذريو هو تہ ٻڌڻ ۾ آيو راشدي صاحب اچي سائينءَ کي پاسو ڏنو آهي! اول تہ ڪنهن کي بہ انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار ڪونہ آيو. ڇو تہ سائين ڪليو ڪلايو چوندو هو تہ، **"ون يونٽ ٽاهڻ جو ڏوهہ کهڙي کي تہ بخش ڪري سگهجي ٿو پر راشديءَ کي ڪونہ ڪبو."**

جڏهن راشدي صاحب سان سائينءَ جي ناهہ جي ڳالهہ گهٽي مشهور ٿي، تہ حيدرآباد ۾ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ جي رهائشگاهہ تي تاريخي ميٽنگ ٿي. هڪ طرف سائين هو ۽ ٻئي طرف سندس عقيدتمند سمورا مکيہ سنڌي ترقي پسند اديب، شاعر ۽ سنڌي ناميارا نوجوان شاگرد اڳواڻ هئا. مان بہ ساڻن گڏ ميٽنگ ۾ موجود هئس. نوجوانن کي "ون يونٽ" جي معمارن کهڙي صاحب ۽ راشدي صاحب تي باهيون هيون، سو انهن بابت تہ ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا.

پر، سائينءَ کين صاف صاف چيو تہ:

(1) مون کي ڇڏيو تہ مان پنهنجيءَ سياسي مصلحت موجب کهڙي ۽ راشديءَ کي پاڻ سان گڏ ڪٽان.

(2) جيڪڏهن اها ڳالهہ اوهان کي پسند ڪانهي، تہ مون کي ڇڏي ويو.

ڪنهن زماني ۾ ريشمان نالي هڪ ڳائڻي (Gipsy Girl) هڪ ڪلام ڳائيندي هئي، جنهن جي هڪ مصرعہ هوندي هئي تہ:

میں تو گلیاں دے ککھاں نال رل گئی

سائينءَ جو شڪو جواب ٻڌي، سڀ سنڌي قوم پرست اديب، شاعر ۽ نوجوان شاگرد اڳواڻ بہ گهٽين جي ڪکن وانگر رلي ويا. ڪٽو ڪٽو ٿي ويا. سيني جو سالن جو پورهيو خاڪ ۾ ملي ويو! سائينءَ جي مخالفت تہ ڪير بہ ڪري ڪونہ سگهيو پر اسان جو محاذ ٽٽي ويو.

سائينءَ سان جوڀي صاحب ۽ منهنجي نيازمنديءَ ۾ پوءِ بہ ڪو فرق ڪونہ آيو. پر، مون سنڌ جي آسمان تي گهرا گهاٽا ڪارا ڪڪر ڏٺا.

سائين تمام آرام ۽ اطمينان سان پنهنجي رٿيل پروگرام موجب، قومي اسيمبليءَ واريءَ سيٽ تي بينو ۽ هيٺ صوبائي سيٽ تي راشدي صاحب کي

بيهاريائين پٽي صاحب پيغام موڪليس ته. "اوهان جي مقابلي ۾ پنهنجو **ماڻهو ڪونه بيهاريندس، پر اوهان راشدي صاحب مان هٿ ڪڍو." سائينءَ** اها ڳالهه به قبول ڪانه ڪئي.

هڪ ڏينهن، مان سائينءَ وٽ ويٺو هئس، ته راشدي صاحب ڪنهن ڳوٺ ۾ اليڪشن جي ورڪ ڪري، رات جو جيپ ۾ آيو ۽ سائينءَ کي پري کان وڏي واڪي پئو ٻڌائين: "G.M. WE ARE WINNING!"

جڏهن چونڊن جو نتيجو نڪتو ته سائينءَ ۽ راشدي صاحب ٻنهي هارايو.

پٽي صاحب کٽيو ۽ اڳي پوءِ پاور ۾ آيو. راشدي صاحب اهو ڏسي، مانڊڙي ڪري، سائينءَ کي اڪيلو ڇڏي، وڃي پٽي صاحب جي ويجهو ويٺو جنهن وزارت اطلاعات ۽ نشريات ۾ پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيس. سائين جي.ايم. سيد سن ۾ نظر بند ٿيو.

تاريخ جو هڪ ورق وري ويو.

※ ※ ※

سائين جي.ايم. سيد هونئن ته جڏهن کان وني جناح صاحب سان سامهون ٿيو هو تڏهن کان ئي سرڪاري عتاب هيٺ آيو هو. پر، جيڪڏهن حالتن جو OBJECTIVE ANALYSIS معروضي جائزو ونبو ته نظر ايندو ته جناح صاحب سان "اختلاف" ته پين به گهڻن ڪيو هو جن ۾ سندس ڪن مکيه ساٿين جا نالا به کڻن ٿا. ذوالقرنين زيديءَ لکيو آهي ته هو خود لياقت علي خان مان ايڏو ته مايوس ٿي چڪو هو جو چيائين ته "وزيراعظم ٿيڻ جي لائق ڪونه هو." زيدي صاحب وڌيڪ لکيو آهي ته خود لياقت علي خان به چيو ته. "بڙي ميان، مون کي وزيراعظم جي عهدي تان هٽائي، بنگال جو گورنر ڪري موڪلي رهيو هو."

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جناح صاحب ۽ لياقت عليءَ جا اختلاف عام مشهور ٿي چڪا هئا.

جناح صاحب وفات ڪئي ته لياقت علي پاور ۾ آيو. سندس حڪم موجب ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان محترمه فاطمه جناح جي تقرير اڌ مان ڪاٽي وئي. چون ٿا ته جناح صاحب ۽ لياقت عليءَ جي اختلافن جو حقيقي

سبب محترمہ فاطمہ جناح ۽ بيگم رعنا لياقت عليءَ جا اختلاف هئا.

جڏهن مرڪزي حڪومت ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪٽڻ ۽ الڳ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو تڏهن سنڌ جي چونڊيل چيف منسٽر خانبهادر کهڙي ان جي مخالفت ڪئي هئي ۽ مرڪزي حڪومت جي سامهون ٿيو هو تہ ڪيس بہ ڊسمس ڪيو ويو هو.

سو قائداعظم سان اختلاف تہ ٻين بہ گهڻن جڻن ڪيو هو. پر، اهي سائينءَ وانگر هميشہ لاءِ معتوب ڪونہ ٿيا هئا. انهيءَ جو اصل سبب اهو هو تہ پاڻ سمورو وقت سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪندو هو.

”جنب گذاريم جن سين“ ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ محمد امين کوسي جي احوال ۾ لکيو اٿس تہ:

(1) جڏهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪيو ويو تہ مون کي سن ۾ نظر بند ڪيو ويو.

(2) ون يونٽ ناهڻ وقت اول قيد ڪيائون، پوءِ سن ۾ نظربند ڪيائون.

(3) ايوب خان واري مارشلا وقت مون کي وري نظربند ڪيائون.

(4) مون سمگلنگ ڪانہ ڪئي هئي. عهدا ڪونہ گهريا هئم، پرمٽون وٺي ملڪيت ڪانہ وڌائي هئم. وطن سان غداري ڪانہ ڪئي هئم.

(5) سنڌ ۾ مسلم ليگ کي زور وٺايو هئم ۽ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو نهراءُ پاس ڪرايو هئم.

(6) منهنجو ٻيو ڪوبہ قصور سواءِ هِنَ جي ڪونہ هو تہ **”مان سدائين سنڌ جي حقن جو آواز اٿاريندو هئس.“**

❊ ❊ ❊

انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ لارڊ ويول هندستان جو وائسراءِ هو. سائينءَ انٽرويو گهريس. منظور ڪيائين. مون ان جو احوال پڙهيو آهي.

WAVELL THE VICEROY'S JOURNAL ۾ لکيل آهي تہ **”انٽرويو مونولاگ هو“** يعني هڪ طرفي گفتگو هئي.

سائين جي.ايم. سيد سمورو وقت سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪندو رهيو. هندستان جو وائسراءِ خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. هاڻي جيڪو شخص

هندستان جي وائسراءِ سان ائين ڳالهائي ٿي سگهيو سو ٻين سان بہ ائين ئي ڳالهائيندو.

پر هت اهم ڳالهہ اها آهي تہ سائين انهيءَ سنڌ جي ڳالهہ ڪري رهيو هو جنهن تي وڏيرا ڇانيل هئا. منجهن دم خم تہ هئو ئي ڪونہ. اڳڙين جا گڏا هئا. سي، ڏکيءَ مهل، سنڌس پنيرائي لاءِ اڳتي ڪونہ آيا. پويان پير ڪري ويا. سائين بي يار و مددگار رهجي ويو.

سائينءَ کان اها ڳالهہ مخفي ڪانہ هوندي، تہ سنڌي سماجهڙن جي اها پراڻي رِوش آهي، تہ ڏکيءَ ويل پنهنجي ساٿيءَ جي مدد ڪونہ ڪندا آهن. هيڪاري کيس نقصان رسائيندا آهن. پلا ٻيو نہ تہ کانئس پاسو ضرور ڪندا آهن. پر، اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ پاڻ سنڌ جي وڏيرن ۽ خاص ڪري سيدن سڳورن لاءِ سُورَ سهندو رهيو! هنن اشرافن تہ ڪڏهوڪو اهو رستو ئي ڇڏي ڏنو هو جتان پارنهن ڪوهن تي بہ سَڙَ شهر ڏي ڪو گس ڀيچرو ويندو هو. اهو ڏسي، دل تي جيڪا واردات گذري هوندس، تنهن جو ڪجهہ اظهار پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾، هنن لفظن ۾ ڪيو اٿس:

مون پنهنجي ايامِ سياست ۾، ناپختہ دماغيءَ ڪري ڪيئي غلطيون ڪيون هونديون. سو جڏهن پوئتي نظر ڪريان ٿو تہ سِرُ ندامت کان هيٺ ٿيو وڃي، پر ان ساري معاملي ۾ مون کي جي ڪابہ ڳالهہ آٿت ڏيندي رهي آهي، اها هيءَ آهي تہ مان هميشہ خود مطلبيءَ، قوم فروشيءَ، بزدليءَ ۽ وڪامي وڃڻ کان پري رهيو آهيان.

اجتماعي خطائون گهٽيون ٿيون هونديون، پر اهڙيون خطائون تہ دين جي بزرگن ۽ سياستدانن کان بہ ٿيون آهن. ذڪ هن ڳالهہ جو اٿم تہ پراوا تہ ٺهيو ليڪن پنهنجن بہ جيڪو ورتاءُ ڪيو تنهن جو مستحق ڪونہ هئس.

ڪنهن بہ سنڌي اخبار کي جرئت ڪانہ ٿي، تہ منهنجيءَ ڊگهيءَ نظربنديءَ جي سڄي عرصي ۾ پنهنجي ڪنهن مضمون ۾ منهنجو نالو کڻي.

سنڌ جي ڪنهن بہ **شخص** کي خيال ڪونہ آيو تہ ڪنهن بہ سياسي جلسي ۾، منهنجيءَ نظربنديءَ تي احتجاجي نهراءُ پاس ڪرائي.

ڪيترا ڏسٽا وائسٽا دوست مون سان ملاقات ڪرڻ ڪونہ آيا، بيماريءَ ۾ طبيعت پڇڻ ڪونہ آيا. قضين تي عذر خواهيءَ لاءِ ڪونہ آيا. ڊپ ٿين تہ متان ملڪ جا حاڪم مٿن ناراض ٿين.

ڪهڙا قصا بيان ڪري ڪهڙا ڪريان؟ هڪ عزيز عملدار (اهو بہ سنڌ جو سيد سڳورو هو) جنهن کي مون، ڊپٽي ڪليڪٽر ڪرايو هو سو ساڍن ستن سالن جي عرصي ۾ (منهنجي ڳوٺ جي ويجهو رهڻ جي باوجود) بيماريءَ ۾ بہ پڇڻ ڪونہ آيو.

ٻئي سنڌي روينيو عملدار اسان تي غيرواجبي ڏل مڙهي ڇڏي، ڪيس معقول سبب ڏئي اپيل ڪئيسون، تہ رد ڪري ڇڏيائين. ڪمشنر کي اپيل ڪئيسون، پر جيستائين ان جو فيصلو ٿئي، تنهن کان اڳ مختيارڪار کي گهرائي چيائين تہ، ”ضبطي ڪئي وڃي.“

هڪ دفعي علاج لاءِ ڊاڪٽر جي اجازت سان ڪراچيءَ ويس. اجا بيماريءَ جي حالت ۾ هئس، تہ ان ساڳئي **سنڌي عملدار** ڳوٺ موٽڻ لاءِ مجبور ڪيو تہ پاڻ پنجابي حاڪمن وٽ سرخرو ٿئي.

**هڪ سنڌي ڊاڪٽر** منهنجيءَ بيمار والده کي ڏسڻ لاءِ سن آيو تہ هزار روپيا في گهريائين، پر **هڪ غير سنڌي ڊاڪٽر** ڪيئي دفعا بنا اُجوري جي سن آيو ۽ والده جو علاج ڪري ويو.

هِڪُ پيرُ سائين مون سان محبت جو اظهار ڪندو هو پر، بيماريءَ ۾ مون وٽ لڙي ڪونہ آيو تہ متان سي. آءِ. ڊي مٿس رپورٽ ڪري

**جنين لاءِ مياس، سي ڪانڌي ڪين ٿيا.**

* * *

سائينءَ **”سنڌي سباجهڙن“** جا پرڪار پڌرا ڪيا آهن، مان بہ سندس ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ هڪڙو مثال ڏيان ٿو تہ سائينءَ زندگيءَ ۾ ڪيڏو

ڏکُ ڏنو.

سنڌ يونيورسٽي اهم ادارو آهي، سو گهڻن ئي سببن ڪري سرڪار مٿس نظر رکندي آهي. هاڻي ته ڄامشورو به ضلعو ٿيو آهي. پر، اڳي دادو ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس.پي مسلسل يونيورسٽيءَ جو چڪر لڳائيندا هئا. سنه 1976ع ۾ اياز وائيس چانسيلر هو ۽ مان پرو- وائس چانسلر. اياز پنهنجيءَ پڪائيءَ لاءِ مشهور هو. جڏهن سکر ۾ وڪالت ڪندو هو، تڏهن مقبول صديقي، حنيف، رشيد ڀٽي ۽ سندس ٻيا دوست کيس ”شائلاڪ“ ڪوٺي چيڙائيندا هئا.

دادوءَ جو ڊپٽي ڪمشنر يا ايس.پي ۽ ايس.ڊي.ايم، جڏهن يونيورسٽيءَ جي چڪر تي ايندا هئا، تڏهن کين اياز وٽ چاءِ جي ڪوپ جي به اميد ڪانه هوندي هئي، سو سندن ٿاڪ منهنجي آفيس هوندي هئي، جتي سدائين سندن خاطر تواضع ٿيندي رهندي هئي.

هڪڙو ايس.ڊي.ايم. ته مون سان ڏاڍو گهرو گهاٽو ٿي ويو. مون سان گڏجي اڪثر اياز وٽ به سرڪاري ڪم سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ هلندو هو. هڪ دفعي اياز وٽ ويهاسين ته هو صوف کائي رهيو هو. ايس.ڊي.ايم سان ڪم ڪار جي ڳالهه ٻولهه ڪيائين. پاڻ سڄو وقت صوف کائيندو رهيو. پر، کيس چاءِ جي ڪوپ جي سڪٽي صلاح به ڪونه ڪيائين. سو پوءِ جڏهن به اهو ايس.ڊي.ايم ملندو هو ته کِلي پڇندو هو: ”صوفن واري ماڻهوءَ جي خبر ڪر؟“

بهرحال، اهو ايس.ڊي.ايم. به اڳي پوءِ بدلي ٿي ويو. هڪ دفعو سڪرنڊ ۾ سندس آفيس ۾ ساڻس ملاقات ٿي، جو مان حيدرآباد مان ڪنڊياري جي پرسان پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هئس. پوءِ ڪيئي ورهيه وري ڪونه ملياسين. جڏهن اسلام آباد ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر هئس، ته هڪ ڏينهن آفيس ۾ اچي مليو. اسان جي آفيس جي پاسي ۾ ”گريٽ وال“ نالي هڪ سٺي چيني هوٽل هوندي هئي، کيس ان ۾ لنچ ڪرايم. ماني کائيندي، **”سنڌ يونيورسٽي“** ۽ ان سان گڏ **”جيئي سنڌ تحريڪ“** جو ذڪر نڪتو. ايس.ڊي.ايم ٻڌايو ته. ”مان ايس.ڊي.ايم جي عهدي تان پروموٽ ٿي، دادوءَ جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيس. سائين جي.ايم.سيد

اهو ئي سن ۾ نظربند هو. ٻارهين ٻارهين مهيني پنهنجيءَ سالگرهہ جي موقعي تي وڏو جلسو ڪندو هو. جنهن ۾ جيئي سنڌ سان وابستہ نوجوان اديب ۽ شاگرد اڳواڻ سياسي تقريرون ڪندا هئا. سرڪار تي ڇوهہ چنبڙيندا هئا. اها ڳالهہ سرڪار کي ڏکي لڳندي هئي.

چيائين تہ هڪ ڀيري سائينءَ جي سالگره کان ڪجهہ ڏينهن اڳي چيف منسٽر هائوس ڪراچيءَ مان فون آئي، تہ وزيراعليٰ سنڌ اوهان سان ڳالهائيندو. مان ڪڙو تڙو ٿي ويٺس. اوچتو وزير اعليٰ جو ڪڙڪو ڪن تي پيو: ”سن ۾ سالگره جون سڀ رپورٽون منهنجي اڳيان آهن. سياڻي وري سالگره جو جلسو ٿيندو ۽ اهي ئي ساڳيون تقريرون ٿينديون. پوءِ تو انهيءَ بڪواس کي بند ڪرڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟“

”سائين مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟“

”مان ڇا ٿو ڪري سگهان!“ چيف منسٽر ميز تي مڪ هڻي واڪو ڪيو: ”هينئر دادوءَ مان نڪر. سڌو سن وڃ. پوڙهي کي گرفتار ڪري دادوءَ وٺي وڃ.“ وزير اعليٰ صاحب غصي ۾ اهو حڪم ڏئي، زور سان فون بند ڪري ڇڏي.

ايس.ڊي.ايم. چيو تہ مان تہ حڪم ٻڌي، وائڙو ٿي ويس! پر، بيماريءَ جو بهانو ڪري، اوڏيءَ مهل درخواست ڏئي، موڪل تي هليو ويس.

اها ڳالهہ ٻڌي، منهنجا بہ هٿ پير ٺري ويا.

مون واري دوست چيو تہ. ”توکي خبر آهي تہ سائين سنڌ جي سيدن سڳورن تان قربان پيو ويندو هو؟“

مون چيو تہ. ”هائو“

کِلي چيائين تہ. ”اهو وزيراعليٰ بہ سنڌ جو هڪ سيد سڳورو هو.“

* * *

پيو اهڙو مثال ياد ٿو اچيم. پر اهو سائينءَ جي هڪ غير سنڌي عقيدتمند جو آهي. ليڪن، ماڻهوءَ جو مزاج معلوم ڪرڻ لاءِ توجهہ جوڳو آهي.

هڪ دفعي سائينءَ جي اصرار تي پير حسام الدين شاهہ راشديءَ رني ڪوٽ ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو. پاڻ دل جو بيمار هو. سو جناح اسپتال جي

ايڊمنسٽريٽر، ڪرنل ڊاڪٽر خواجه عبدالرشيد سان دوستي رکي هئائين، محمد حسين پنهور، جويي صاحب ۽ مون کي به گڏ وٺي هليو. سن ۾ سائينءَ جي درياهه واري بنگلي تي به تي ڏينهن وڃي ٽڪياسين.

سائين وڏو مهمان نواز هو. اسان جون ڪي خدمتون ڪيائين! سن ۾ نوڪرياڻيءَ کي مانيءَ جي خاص ٽريننگ ڏياري هئائين. سا، روزانو نوان نوان طعام تيار ڪندي هئي، پوڙ پلاءَ ۽ چاشني ته هر ڪو چاهي. هوءَ ته الائي ڪيترن طعامن جي ڪاريگر هئي! ڪڪڙيون روسٽ ڪرڻ ۽ انهن جي پيٽ ۾ چانور ۽ خشڪ ميوا پرڻ ۾ خاص مهارت هئس. قسمَ قِسم جا ڪوفتا، ڪباب ۽ مڇيءَ جا نمونا ٺاهيندي هئي. منجهند جو هڪڙا ته رات جو ٻيا. آئيس ڪريم ٺاهڻ تي ته خاص ملڪو هُئس. پستن جي هڪ خاص پڊنگ ٺاهي، نارنگيءَ ۾ وجهندي هئي، ٻاهران ائين لڳندو هو ته نوڪرَ مانيءَ کان پوءِ ٻئي ميوي سان گڏ، نارنگين جي ڊِشِ پڻ پري ڪٽي آيا آهن. نارنگي ڪپ ته اندران پڊنگ نڪرندي هئي. ايڏي ته لذيذ هوندي هئي، جو مون کان ان جو ذائقو اڃا ڪونه وسريو آهي.

اسان صبح جو نيرن ڪري جيپن ۾ سن کان رني ڪوٽ وياسين پوءِ اتان ميريءَ تائين اُنن تي وياسين، ڇو ته تڏهن ميريءَ تائين جيپن جو رستو ڪونه هو. سائينءَ وڏي خيال سان اسان جي گهمڻ گهترڻ جو اڳواٽ سڄو بندوبست ڪيو هو. رني ڪوٽ ڏسي، سن موٽياسين. رات جي ماني کائي سائينءَ جي درياهه واري بنگلي جي ٿلهي تي موڙا وجهي، ڪچهري ڪرڻ ويٺاسين. تارن پرئي آسمان هيٺان ٿڌيءَ هير ۾ ڪچهري ڪندي ڏاڍو مزو آيو. مکيه موضوع "رني ڪوٽ" هو. اسان سيني پهريون ڀيرو ڏٺو هو.

مون کي ان کان پوءِ گهڻئي دفعا رني ڪوٽ ڏسڻ جو موقعو مليو. آخرين دفعو ته سال به اڳ، جرمن سفير، پنهنجيءَ مسز ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي قانصل جنرل جرمن خوبصورت خاتونءَ کي ساڻ وٺي اچي حيدرآباد ۾ مون وٽ ڪڙڪيو ته، "اسان کي رني ڪوٽ ڏيکار."

"مان نہ مان میں تیرا مہمان!" مان ڦاسي ويس، ڇڻ ته رني ڪوٽ آڳرا قوم جي ماڻهن ٺهرايو هو ۽ هاڻي مان ئي ان جو والي وارث آهيان.

جرمن سفارتخاني سان منهنجو پري جو لڳ لاڳاپو هو جيڪو

پندرنهن سال اڳ، ڊاڪٽر شمل جي ڪري ٿيو هو. تڏهن اسلام آباد ۾ رهندو هئس. بهرحال منهن ڏيٺو پيو. هٿ پير هنيم. دوست ۽ مهربان ڪم آيا. سڪيورٽيءَ جو سڄو انتظام ته پوليس جي ذمي هو جنهن جي مٿان ملٽري انٽيليجنس جي نظر هئي. غير ملڪي مهمان رني ڪوٽ ڏسي خوش ٿي ويا. الله سائينءَ منهنجي عزت ۽ آبرو رکي.

رني ڪوٽ ڏسڻ کان پوءِ سن ۾ سائينءَ جي بنگلي تي رات جو گهٽي گفتگو ڪرنل رشيد ۽ سائينءَ جي وچ ۾ ٿيندي هئي. ٻئي ڄڻا وري اهو سوال اٿاريندا هئا، ته رني ڪوٽ ڪڏهن ۽ ڪنهن ٺهرايو هوندو؟ چوندا هئا ته اڳئين زماني ۾ جڏهن آمد رفت جي سهولت ڪانه هئي ۽ ترڪون ڪرينون ۽ بار ڍوئڻ جون ٻيون وڏيون گاڏيون ڪونه هيون، تڏهن پنجن هزارن مزورن گڏجي ڪم ڪيو هوندو ته مس مس وڃي ”ديوارِ چين“ جهڙو هيءُ هيبتناڪ قلعو ٺهيو هوندو. سنڌ تي جن گهراڻن حڪومت ڪئي، تن ۾ ايتري طاقت ته ڪنهن وٽ به ڪانه هئي! سو ٻنهي ڄڻن جو متفقه رايو هوندو ته رني ڪوٽ ايران جي ”هخامنشي حڪمرانن“ يا وري ان کان به اڳ ڪنهن ٻيءَ طاقتور حڪومت ٺهرايو هوندو.

ميرن سان منسوب روايت بابت سنڌن متفق رايو اهو هو ته، ”ميريءَ جي مرامت ڪرائي هئائون، جا اڄا به پري کان پڌري بيٺي آهي. منجهس شڪار لاءِ وڃي ٽڪندا هئا.“

محمد حسين پنوهر کِلي چيو ته، ”ميرن پنهنجي تختگاهه لاءِ به حيدرآباد ۾ غلام شاهه ڪلهوڙي واري ٺهرايل قلعي ۾ اک وڌي. منجهس به ڪو قابلِ ذڪر محل ماڙي ٺهرائي ڪونه سگهيا. عام خاص ماڻهن سان ملڻ واسطي ڪو ”ديوانِ عام“ ۽ ”ديوانِ خاص“ ٺهرائڻ ته سنڌن سوچڻ کان مٿيري ڳالهه هئي! بلوچستان مان آيا هئا. جبل ۽ جهنگ جا ماڻهو هئا، جتي محل ماڙيون ڪونه هونديون هيون. لانڍين ۾ گذر بسر ڪندا هئا. اهي ڳالهيون هر ڪنهن کي معلوم آهن.“

سن واريون اهي تاريخي ڪچهريون مون کي زندگيءَ ڀر ياد رهنديون.

سٺي سنگت، سٺو ڪاڏي سٺيون ڳالهيون، علم ۽ عقل جا نُڪتا، چرچا گهڻا، کل ٻوڳ، نقل نظير، سنڌ جون ڳالهيون ۽ سنڌ جون روايتون، سنڌ جي ثقافتي ورثي جا داستان ۽ انهن جا راوي وري سائين جي.ايم.سيد ۽ پير حسام الدين راشديءَ جهڙا اعليٰ انسانَ... زندگيءَ ۾ موسم بهار جا اهڙا ڏينهن ٿورڙا نصيب ٿيا.

ڪراچيءَ موٽياسين، ته ڪرنل خواجه عبدالرشيد ريسرچ ڪري، اقبال ايڪيڊميءَ جي تحقيقي رسالي ۾ ”رني ڪوٽ“ تي انگريزيءَ ۾ مضمون ڇپايو جو بعد ۾ هنڌين ماڳين ان جي شهرت جو باعث بڻيو. تيسين رني ڪوٽ ڪنهن کي ياد به ڪونه هو.

وقت بادشاهه آهي. صبح جو جيڪو سج ايري ٿو اهو الائي ته ڪيڏي اُٿل پُٿل آڻي ٿو. سنڌ به انهيءَ قدرتي قانون جي تابع آهي. سائين جي.ايم.سيد، پير حسام الدين راشدي ۽ محمد حسين پنوهر هاڻي هي جهان ڇڏي ويا آهن. سو منهنجيون هي ڳالهيون به ماضيءَ جا داستان آهن. پر، انهن ۾ ”عبرت جا سامان“ به آهن. سو هيئن، ته سنڌ جي محب وطنَ، محترم احمد علي قريشيءَ سنه 2003ع ۾ سائين جي.ايم.سيد جي ياد ۾ سئو سوا سو صفحن جو انگريزيءَ ۾ هڪ سپنڊڙو ڪتاب ڇپايو آهي. جنهن ۾ سائينءَ جي هنن عقيدتمندن جا مضمون وڌا اٿس: (1) سيد غلام مصطفيٰ شاهه (2) ڊاڪٽر جي.ايم.مهڪري (3) محمد حسين پنوهر (4) محمد ابراهيم جويو (5)يوسف هارون، (6) مظهر يوسف (7) قمرالزمان شاهه ۽ (8) غلام رباني آگرو.

پنوهر صاحب پنهنجي مضمون ۾، سائينءَ جي دعوت تي سن وڃڻ ۽ رني ڪوٽ ڏسڻ جو ذڪر ڪيو آهي. لکيو اٿس ته:

> مان محمد ابراهيم جويي، حسام الدين شاهه راشديءَ، غلام رباني آگري ۽ ڪرنل خواجه عبدالرشيد سان گڏ سن ويس. ڪرنل خواجه عبدالرشيد رني ڪوٽ بابت پنهنجي مضمون ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، اهو گهڻي قدر اهو ئي آهي، جيڪو اسان سان گڏ سائينءَ ڪان سن ۾ رهائش دوران ٻڌو هئائين.

سائين ڪجهه عرصي کان پوءِ دل جي تڪليف ڪري، سرڪاري اجازت سان ڪراچيءَ آيو. گهڻي عرصي کان انهيءَ بيماريءَ جي علاج لاءِ ڊاڪٽر سان ملڻ لاءِ ڪراچيءَ ايندو رهندو هو.

پنوهر صاحب لکيو آهي ته ڪرنل خواجه عبدالرشيد اجا جناح اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر هو. ڪراچيءَ ۾ سائينءَ جي آمد جو ٻڌي، خوش ٿيو ۽ سندس مانَ ۾ دعوت ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ مون کي ۽ پير حسام الدين راشديءَ کي به سڏيائين. اسان سندس دعوت ۾ شريڪ ٿياسين. هو چڱو وقتُ، سائينءَ جي ساراهه ڪندو رهيو. پر، جڏهن سائينءَ پنهنجيءَ دل جي بيماريءَ جو ذڪر ڪيو ۽ جناح اسپتال ۾ علاج لاءِ ڪيس چيو ته هن انڪار ڪيو ۽ چيو ته، ”مان اسپتال ۾ ملڪ جي دشمن جو علاج ڪري نٿو سگهان!“

پنوهر صاحب وڌيڪ لکيو آهي ته، ”خواجه صاحب جي ڳالهه ٻڌي، پير سائين حسام الدين شاهه جي دل کي ڌڌڪو آيو.“

ائين ٿي هوندو. ڪتاب ۾ ڳالهه پڙهي، مان به وائڙو ٿي ويس! ليڪن پنوهر صاحب ائين به لکيو آهي ته، ”مان ڀايان ٿو ته خواجه صاحب تي سندس اعليٰ عملدارن جو دٻاءُ هوندو، تڏهن هن ائين چيو هوندو.“

مان به ائين ٿي سمجهان ٿو. هونئن ڀلا، خواجه صاحب پنهنجي ئي دعوت ۾ سائينءَ کي ائين ڪيئن ٿي چئي سگهيو ته، ”تون ته ملڪ جو دشمن آهين، سو تنهنجو جناح اسپتال ۾ علاج ڪونه ڪندس!“

هن ان مهل ائين چيو هوندو ته مان جاچ جوچ ڪيان، ته اسپيشل وارڊ يا پرائيويٽ وارڊ ۾ ڪي ڪمرا خالي آهن وغيره وغيره. پوءِ ٻئي ڏينهن پنهنجي ڪنهن بالادست کي اها ڳالهه ٻڌائي، ڪانئس منظوري گهري هوندائين. جنهن چيو هوندس ته، ”تون پاڪستان جي مخالف سياستدان کي پاڻ وٽ علاج لاءِ ڪيئن داخل ڪندين؟ سرڪار ان ڳالهه جو الائي ڪهڙو اثر وٺندي!“

اهو ٻڌي، هو ڏجي ويو هوندو ۽ پاڻ ڇڏائڻ لاءِ پير حسام الدين يا ٻئي ڪنهن سان پنوهر صاحب جي بيان ڪيل ڳالهه. ڪنهن رمز سان ڪئي هوندائين جنهن کي بهرحال صدمو رسيو هوندو.

هي ٽيون خواجہ صاحب جي ڳالهه جون تاويلون. اصل ڳالهه تہ اها آهي تہ هن سائينءَ سان پير ڪونہ پريو!

خواجہ رشيد تہ ٺيو هڪ معمولي ملازم. پر، سائين جڏهن ايڏو عليل ٿيو جو سندس حياتيءَ جي جدول سالن ۽ مهينن تان لهي، اچي ڏينهن تي بيٺي، تڏهن ملڪ جي سرڪار کيس ساڳيءَ جناح اسپتال ۾ داخل ڪيو. ليڪن، مٿانئس پوليس جو پهرو پوءِ بہ ڪونہ هٽايو! نہ وري ٻاهرئين ملڪ ۾ علاج لاءِ وڃڻ جي اجازت ڏني. سنڌ تي سنڌين جي حڪومت هئي. سائينءَ ڪسمپرسيءَ ۾ دم ڏنو.

هاڻي، لاهور واري "پاڪستان نهراءَ" جا تہ رات ڏينهن دهل پيا ٿا وڃن. پر، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سائين جي.ايم.سيد جي پاس ڪرايل نهراءَ جو ڪير نالو ئي ڪونہ ٿو کڻي، جڻ تہ اهو نهراءُ يو.پي يا سي.پيءَ جي پاسي ڪنهن اسيمبليءَ پاس ڪيو هو. اهو دردناڪ منظر ڏسي، گرهوڙي فقير ياد اچي ٿو:

**ماءُ ڏني مون ماٽ مڙهين ۾، جوڳي جيڪس ويا جبروت.**

<u>اج سنڌ تي جيڪي ڪارا ڪڪر آيا آهن، تن ۾ اميد جو ڪِرڻو (Silver lining over the dark cloud) وري بہ اهو ئي پيغام آهي، جو سائينءَ سنڌ جي نوجوان نسل کي ڏنو آهي. پٺائيءَ جي پلارن اکرن ۾ هيئن آهي تہ:</u>

**جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍيرِ، تيئن مون ۾ ماروئڙن سين.**

* * *

سائينءَ کي سنڌ جي ذرتيءَ، سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ قدرتي نظارن سان عشق هو. رني ڪوٽ سان محبت بہ ان ڪري هئس. عزيزم اعجاز چانڊيي ٻڌايو تہ "گورخ" بہ سائين جي.ايم.سيد جي دريافت آهي. ان جو صحيح نالو "گورغ" آهي، يعني "ٻوندن جي وسڪاري وارو هنڌ."

عزيزم منظور پنوهر، قائد عوام يونيورسٽيءَ ۾ اسٽوڊنٽس افيئرس جو

ڊئريڪٽر آهي. هن مون کي ٻڌايو تہ سائين پاڪستان کان گهڻو گهڻو اڳ، راشدي صاحب سان گڏ، خچرن تي چڙهي، گورغ ڏسي آيو هو. ٻڌايائين تہ "اونهاري ۾ بہ ايڏو سيءُ هو جو اسان سوڙيون پائي ڪچهري ڪئي."

سائينءَ سڀ ڳالهيون سوچي، سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جي تحفظ لاءِ "سنڌي ادبي بورڊ" ناهيو ۽ شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۽ پيغام تي ذاتي طرح، تحقيق لاءِ "ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز" ناهيو. ٻيا بہ ڪيئي اهڙا شاندار ڪم ڪيائين. جن جا تفصيل هت ڏئي ڪونہ ٿو سگهان.

سن ۾ پنهنجي گهر هڪ سٺي لئبرري ناهيائين. جنهن ۾ هڪ دفعي اسان کي اهم ڪتابن سان گڏ، جناح صاحب ۽ ابوالڪلام آزاد جا خط ۽ تارون بہ ڏيکاريائين.

جيڪڏهن جناح صاحب جا سائينءَ ڏانهن اهي تاريخي خط ڇپبا، تہ رتبو اسان جو وڏندو ۽ دوست دشمن کي خبر پوندي، تہ اسان جو سائين بلڪ سڄيءَ سنڌ جو سائين، ڪيڏي پايي جو ليڊر هو پر افسوس آهي تہ اهي تاريخي خط هاڻي سڙي، ڳري، ڀُري ويندا. پر ڪڏهن ڪونہ ڇپبا! اسان سائين جا ڪيڏا نہ احمق عقيدتمند آهيون!

❊ ❊ ❊

سائينءَ زندگيءَ جو پويون پهر سن ۾ ڪتابن لکندي گذاريو. جڏهن اهي سڀ ڪتاب سليقي سان ڇپبا. تڏهن ئي وڃي اسان جي ايندڙ نسلن کي سائينءَ جي عظمت جو اندازو ٿيندو. سائينءَ جو پوٽو سيد جلال محمود شاهہ لائق انسان ۽ وڏو دانشور آهي. مون کي ساڻس دلي محبت آهي. هڪ دفعي ڪراچيءَ جي جلسي ۾ مون سندس هڪ لاجواب تحقيقي مقالو ڪانئس ٻڌو آهي. کهڙي صاحب جي لائيف تي لکيل ڪتاب جي تقريب هئي. سائينءَ جي ڪتابن جي اشاعت جي ڪم ۾ هٿ وڌو اٿس. خدا کيس ڪامياب ڪندو.

سائينءَ جا هن وقت تائين جيڪي بہ ڪتاب ڇپيا آهن. تن ۾ "جنب گذاريم جن سين" مڙني ۾ اهم آهي. سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي.

مون کي فخر آهي تہ انهيءَ ڪتاب تيار ڪرڻ ۽ ڇپائڻ ۾ شروع کان آخر تائين، جويو صاحب ۽ مان ٻئي ڄڻا سائينءَ جا ٻانهن ٻيلي هئاسين.

علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب ۽ بيگم طاهره آغا جون تصويرون ۽ حياتيءَ جو احوال تہ مون ٿي ڪانئن ورتي، سائينءَ کي موڪليو هو. علامہ صاحب مون کي جيڪو پنهنجو احوال لکايو هو، تنهن ۾ بہ ٽي پيرا گراف روڪايا هئائين.

"جنب گذاريم جن سين" ڪتابُ درحقيقت سنڌ جي زميندارن، پيرن فقيرن، صوفين ۽ سجاده نشينن، عالمن ۽ اديبن، سماجي ڪارڪنن ۽ سياسي اڳواڻن جو تذڪرو آهي. سائين جي.ايم.سيد جي سنڌ اها ٿي هئي. پاڻ ان جي تصوير انتهائي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان چٽي اٿس. انهيءَ ٿي سنڌ جي سياست ۽ خدمت ۾ زندگي گذاريائين.

❊ ❊ ❊

سنڌ جي وڏن خاندانن ۽ مخلص ماڻهن ۾ حاجي سر عبدالله هارون پاڪستان ٺاهڻ ۾ وڏو رول ادا ڪيو. سندس وڏو فرزند، يوسف هارون، پاڪستان ٺهڻ واري زماني ۾ سنڌ جو چيف منسٽر هو. اڳتي هلي، تڏهوڪي اولهہ پاڪستان يعني هاڻوڪي پاڪستان جو گورنر ٿيو هو. مٿس غداريءَ جو الزام تہ لڳي نٿو سگهي. سائينءَ جي رحلت تي "ڊان" اخبار ۾ پنهنجي تعزيتي مضمون ۾ سائينءَ کي خراج عقيدت پيش ڪندي، لکيو اٿس تہ:

> **"سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ جدوجهد ڪيائين. پنهنجن اصولن تي قائم رهيو. ڪابہ لالچ ڪيس خريد ڪري ڪانہ سگهي. دنيا جي ڪا بہ طاقت ڪيس پنهنجي موقف تان هٽائي ڪانہ سگهي. آخرين دم تائين سنڌ جو ساٿ ڏنائين."***

يوسف هارون کي ڪنهن جي بہ تعريف ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. ملڪ جي امير ترين ۽ حڪمران خاندانن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن سائينءَ سان سچائيءَ جا جيڪي لفظ لکيا آهن، سي سندس دل جو آئينو آهن.

❊ ❊ ❊

1960ع واري ڏهاڪي ۾ سائين سَن ۾ نظربند هو تہ مهيني ماسي سندس ڪونہ ڪو ماڻهو ذاتي ڪمن ڪارڻ سان خط پٽ کڻي مون وٽ ٿي

---

* يوسف هارون جو اهو تعزيتي مضمون بہ محترم علي احمد قريشيءَ جي انگريزي ڪتاب ۾ شامل آهي.

ايندو هو. توڙي جو حفيظ قريشيءَ جهڙو سائينءَ جو سچو عقيدتمند به حيدرآباد ۾ موجود هوندو هو. سرڪار نامدار جويي صاحب کي اول جيڪب آباد ۽ پوءِ ڪوهاٽ جي پاسي جلاوطن ڪيو هو.

مان سائينءَ جا ڪم ڪاريون دل و جان سان سرانجام ڏيندو هئس، پر، هڪ دفعي مان پاڻ ڪنهن ڪم ۾ پريشان ٿيس. "سنڌي سڀاجهڙا" رڳو هاٿي نه پر هميشه پنهنجن محسنن لاءِ مسئلا پيدا ڪندا آهن. مولانا قاسميءَ مون سان ڳالهه ڪئي، ته عربن جي حڪومت ۾ به سنڌي عالم مديني ۾ رهندا هئا. هڪڙي حاڪمن وٽ چغليون هڻي ٻئي کي آزار ۾ آندو.

بهرحال، مون پنهنجي مسئلي متعلق سائينءَ کي خط لکي موڪليو. فوراً جواب موڪليائين. نيري رنگ جي سنهي پيڊ پيپر تي لکيل هو. جنهن جي آخر ۾، حافظ شيرازيءَ جو هڪ شعر لکيو هئائين ته:

**"غم نه ڪر، زمانو سدائين هڪ حال تي قائم ڪونهي."**

رڳو همدردي ڪانه ڪيائين، پنهنجيءَ نياڻيءَ، سيده درشهوار کي بيگم دائودپوٽا وٽ موڪليائين، جنهن سنڌي ادبي بورڊ جي صدر کهڙي صاحب سان ملاقات ڪري، منهنجي مشڪلات دور ڪرائي.

گهڻا گهڻا سال پوءِ مان اسلام آباد ۾ هئس، ته سيده درشهوار (مرحومه) مون وٽ تشريف فرما ٿي. مانيءَ گره وڏائين ۽ ٻڌايائين ته پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ 'شاهه لطيف چيئر' تي آهي ۽ انهي ئي ڪم جي سلسلي ۾ اسلام آباد آئي آهي. مون واسطيدار ڪاموري سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ وس آهر سندس مدد ڪئي. سيده نهايت نيڪ خاتون هئي. دعا آهي ته الله پاڪ کيس جنت ۾ جايون ڏي!

* * *

قدرت جا مون تي وڏا ڪرم آهن. منهنجا گهڻا ئي محسن آهن. انهن مڙني ۾ ڪير به سائينءَ کان وڌيڪ ڪونه هو. سائين دلير شخص هو. سندس سخن لوهه تي ليڪو هو. مون جوانيءَ جو وڏو عرصو سندس شفقت جي ڇانوَ هيٺ گذاريو. سندس اثر هيٺ، پنهنجي جواني بلڪ سڄي زندگي سنڌ جي ڀلائيءَ واسطي وقف ڪري ڇڏيم. اپري سيري حال آهَر هميشه ۽

هر هنڌ سنڌ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيس.

سائين سان سن توڙي ڪراچيءَ ۾، سنگت سان توڙي اڪيلائيءَ ۾، ڪيئي ڪچهريون ڪيم. انهن جون يادگيريون ۽ عڪس دل تي ائين ثي اڪريل اٿم، جيئن تاج محل جي ديوارن تي سنگمرمر جا گُل.

جڏهن به سائينءَ جي سڪ لڳندي هئم، ته ڪنهن نه ڪنهن يار سان، ڪار ۾ چڙهي، سن هليو ويندو هئس. ڪڏهن ته بس ۾ اڪيلو به هليو ويندو هئس. هڪ دفعي سن ويس. سائينءَ کي اطلاع مليو ته گهر ۾ مانيءَ جو چئي، هڪدم بنگلي تي هليو آيو. ٽي چار ڪلاڪ ڪچهري ڪئيسون. پوءِ منجهند جو ماني آئي. کائي ته ورياسين. پر گرميءَ جي مهل هئي. سن ۾ بجلي ڪانه هئي. اهڙو پکهر آيو جو سائين ته ململ جي چولي ۾ به وهنجي ويو.

وقت ڪيڏو نه تيزيءَ سان گذري ٿو. اڄ ڪنڌ ورائي پوئتي نهاريان ٿو، ته ائين پيان ٿو ته جڻ اهو ڪالهوڪو ڏينهن آهي.

❊ ❊ ❊

جڏهن سائينءَ هي جهان ڇڏيو ته سندس خاڪي جسم تدفين کان اڳ، سَن شهر جي ٻاهران شيشي جي تابوت ۾ آڻي، ماڻهن جي ديدار لاءِ رکيائون. مون کي ٻاهران ئي ٻاهران شاهه محمد شاهه ملي ويو. ماڻهن جي هجوم ۾ حفاظت خاطر ٻانهن کان جهلي، وٺي هليو ۽ شيشي جي تابوت جي پرسان بيهاريائين! غمزده ماڻهن جا الائي ته ڪيڏا هشام هئا. منهنجي اکين جا ڳوڙها ته خبر پڻ کان پوءِ الائي ته ڪيڏيءَ مهل سُڪي ويا هئا. اداس اداس نظرن سان سائينءَ جي چهري جو طواف ڪندو رهيس.

❊ ❊ ❊

غالباً، 1980ع واري ڍاڪي ۾، حڪومت مون کي پاڪستان جي اديبن جي وفد جو اڳواڻ ڪري، چين جي ادبي ۽ ثقافتي دؤري تي موڪليو. دؤري پوري ٿيڻ کان پوءِ، چيني ميزبان اسان جي وفد کي ملڪ جي گاديءَ بيجنگ ۾ چيئرمن مائوجي "يادگار هال" "Memory Hall" ۾ وٺي هليا. هال جي ٻاهران بيشمار ماڻهو هڪ وڏيءَ ڊگهيءَ قطار ۾ پنهنجي واري جي انتظار ۾

بيٺا هئا، پر، غير ملڪي مهمانن هئڻ ڪري، اسان کي ٻين کان اول اندر موڪليائون. هال جي وچ ۾، شيشي جو تابوت رکيو هو ۽ انهن ۾ چيئرمن مائوءَ جو خاڪي جسم خلق جي ديدار لاءِ رکيو هو.

مون کي پنهنجي عظيم انسانن جو آخرين ديدار ائين ئي نصيب ٿيو. ٻئي جبل جيڏا انسان هئا. تاريخ ساز هئا. زندگي پنهنجن اصولن موجب ئي گذاريائون. ايندڙ نسلن لاءِ مثال ڇڏيائون.

مون جڏهن شيشي جي تابوت ۾ سنڌن خاڪي جسم ڏٺو ته ائين محسوس ڪيم ته **"هو ابدي آرام ۾ هئا."**

هاڻي جڏهن به اهي ٻئي نظارا ياد ايندا اٿم، ته سنڌ جي شاعر جا شيرين شعر چپن تي ايندا آهن:

مون ڇا ڇا مڙس مٽير ڏٺا،
مون ويندي تن جا پير ڏٺا،
جي ڪيئي سج اُڀاري ويا،
جي ڪيئي سج سمائي ويا.

---

مون ڌرتي تنهن جا ڏِڱ ڏٺا،
مون تن جا لويل لڱ ڏٺا،
جن وڙهندي وڙهندي جان ڏني،
سي وارو ويرَ وڃائي ويا.

★

## پير علي محمد راشدي

پير علي محمد راشدي ويهين صديءَ ۾ سنڌ جي هڪ منفرد ۽ مشهور شخصيت هو. سڄي عمر قلم، ڪتاب، اخبار ۽ صحافت سان گڏ گذاريائين. هڪ دفعي مون کي چيائين ته، ”ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ”زندگيءَ ۾ گهڻا ٽڪا ٽُڪر استعمال ڪئي هوندم؟“

سڄي عمر اخبار نويسيءَ سان ڪنهن نه ڪنهن طرح دل جي تار ڳنڍيل رکيائين. هڪ دفعي مون کانئس سوال ڪيو ته، ”اوهان اخبار نويسيءَ ۾ ڪنهن کان متاثر ٿيا؟“

جواب ڏنائين ته، ”ابوالڪلام آزاد کان.“

پر، اصل دل سياست سان هئس. سياست سولو ڪم ڪونهي. راشدي صاحب جي شخصيت کي سمجهڻ به سولو ڪونهي. اياز هڪ لافاني شعر ۾ اهڙيءَ پيچيده شخصيت جي تصوير هيئن ڪڍي آهي:

مان ئي ٻڙڇي، مان ئي گهاءُ، مان ئي وار وجود تي
مان ئي هان پڇتاءُ، مان ئي پيار پرينءَ جو

❊ ❊ ❊

1952ع ۾، مان ۽ تنوير عباسي حيدرآباد جي ٿليليءَ واري ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. تنوير جو ڪو دوست هو جنهن کي ”عاربي“ ڪوٺيندو هو. ڪاليج ۾ پڙهندو هو پر غريبي حال سببان نوڪري به ڪندو هو. چوندو هو ته، ”آفيس ۾ ڪڏهن ڪڏهن واندڪائي ملندي اٿم، ته پير علي محمد راشديءَ جو پرسنل فائيل ويهي پڙهندو آهيان، جيڪو ڇڱي موچاري جاسوسي ناول کان وڌيڪ دلچسپ هوندو آهي.

مون کي سندس ڳالهه ٻڌي ياد آيو ته انگريزن جي حڪومت ۾ رچرڊ

برٽن نالي هڪ اعليٰ عملدار سنڌ ۾ آيو هو. وڏي آفت هو. ڪيئي ڪارناما ڪيائين. قدرت ڪيس غير معمولي ذهن ڏنو هو. اهڙن عملدارن کي ”برطانوي سلطنت جا معمار“ (BUILDERS OF THE BRITISH EMPIRE) ڪوٺيندا هئا.

پير علي محمد راشدي رچرڊ برٽن جي جوڙ جو مَلهُہ هو.

مون سندس نالو انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ ٻڌو هو. تڏهن ٻار هئس. ڪنڊياري تعلقي ۾ يئونرن جي سنڌي اسڪول ۾ سنڌي چوٿون درجو پڙهندو هئس. والد صاحب کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هوندو هو. سو مان بہ اسڪول مان ايندو هئس تہ سندس ڪتابن مان ڪونہ ڪو ڪٿي پڙهندو هئس. هڪ دفعي هڪڙو ڪتاب آندائين، جنهن تي ستت، بندش پئجي وئي ڇو تہ منجهس پنجاب پرڳڻي تي ٽوڪ ٺهول هئي. مثال طور ڪتاب جي هڪ باب جو عنوان هو: ”آئي ٽانڊي ڪاڻ، بورچياڻي ٿي ويٺي“.

ڪتاب جو نالو هو: ”فرياد سنڌ.“ ۽ ان جو لکندڙ پير علي محمد راشدي هو.

❋ ❋ ❋

سنہ 1954ع ۾، حيدرآباد جي قليلي ڪاليج ۾ سال بہ تعليم وٺي، مان ڪراچيءَ هليو ويس. تيسين راشدي صاحب جي شخصيت جا منهنجي ذهن تي گهڻئي پاڇا پيا هئا. اسان جي پاسي هالاڻيءَ جي شهر ۾ اسماعيل نالي ٺيڪدار هو. تنهن ڳالهہ ڪئي، تہ ڪنڊياري ۾ مختيارڪار جي آفيس ۾ ويٺا هئاسين، تہ وڏي ٻيگڙ سان هڪ ڳوناٽو جٽ آيو ۽ لڳو هِڻ هُن کي منٿون ڪرڻ تہ، ”مون کان منائيءَ جا ڏهہ ويهہ رپيا وٺو پر، پلاٽي ڪري هيءَ ڪم ڪري ڏيو.“

ٺيڪدارن ڇڙٻون ڏئي ڀڄائي ڪڍيس، تہ وڃي آفيس جي ڪمپائونڊ وال تي ويٺو. پوءِ خبر پئي، تہ اهو ڳوناٽو جٽ ڪونہ هو پر،سنڌ سرڪار جو روينيو وزير هو. جيڪو پنهنجي موٽر ڪار آفيس کان ٿورو پرڀرو بيهاري، لڪي، ويس مٽائي، رشوتي ڪامورن جو شڪار ڪرڻ آيو هو. وزير صاحب جو نالو هو پير علي محمد راشدي.

❋ ❋ ❋

ڪراچيءَ ويس. تہ اتي سڀ کان اول مون کي ڊئريڪٽر انڊسٽريز جي آفيس ۾ ڪلارڪي ملي ۽ پوءِ سنڌ سيڪريٽريٽ جي فنانس کاتي ۾. مون وانگر ٻيا بہ گھڻئي سنڌي شاگرد تڏهن ائين ڪندا هئا. تہ نوڪري بہ ڪندا هئا ۽ پڙهندا بہ هئا. رهندا هئا ميتارام هاسٽل ۾ يا وري جناح ڪورٽس ۾. مثال طور: مان ميتارام هاسٽل ۾ رهندو هئس تہ سائين سيد غوث علي شاهہ جناح ڪورٽس ۾. سنڌي شاگردن جي تڏهن بہ سياست ۾ دلچسپي هوندي هئي. اولهہ پاڪستان جي سڀني صوبن کي ختم ڪري، يڪو هڪ صوبو "ون يونٽ " ٺاهڻ جون رات ڏينهن ڳالهيون ٻڌڻ ۾ آهيون. سنڌ جو وڏو وزير پيرزادو عبدالستار صاحب هو. ون يونٽ جي خلاف هو. انهيءَ آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻارنهن وزير ڪنيا هئائين، تہ گھڻا اسيمبلي ميمبر حمايتي هجن. پر، ون يونٽ جو طوفان ڏاڍو ڪو زوردار هو. ايڏي طاقتور وزارت بہ هڪ ڏينهن وڏي وڻ وانگر اوچتو اچي پٽ تي پئي! بہ ماٺهو سنڌ جي سفيد ۽ سياهہ جا مالڪ ٿي ويا: هڪ خانبهادر کهڙو ۽ ٻيو پير علي محمد راشدي.

کهڙو صاحب ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ محتاط هوندو هو. پر، راشدي صاحب جي زبان اگھاڙي ترار هئي، جنهن جا هڪ بہ مثال ڏيان ٿو: راشدي صاحب وزارت جو قسم کڻي، ڪار تي جهنڊو هڻي، وڏيءَ ڪروفر سان پنهنجيءَ آفيس وٽ موٽر ڪار مان اچي لٿو. مٿي ۾ ميراٽي ٽوپي ۽ ڪلهن تي ٿئي واري لونگي پيل هئس. چيلهہ تي هَٿَ رکي، ٻارنهن ئي وزيرن جي خالي آفيسن ڏانهن نهاري چيائين تہ: "مار هيءَ سڄو چڪلو ڪڇي ويو!"

سنڌ سرڪار جي پريس کاتي ۾، منهنجو هڪ دوست هو، نوڪري ڪندو هو. راشدي صاحب مٿس ڪم رکيو هو تہ سنڌي اخبارن ۾ ون يونٽ جي باري ۾ جيڪي بيان ۽ مضمون ڇپجن، سي گڏ ڪري مون کي ڏي، تہ توکي ڪو سٺو عهدو ڏيندس.

هو يارُ خوش ٿيو ۽ مواد گڏ ڪندو رهيو. تان تہ چڱو عرصو گذري ويو. اوچتو هڪ ڏينهن ٻڌائين تہ راشدي صاحب تہ صوبائي وزارت ڇڏي، مرڪز ۾ ٿو وڃي. سو تڙ تڪڙ ۾ فائيل ڪڇ ۾ کڻي، سڌو سندس بنگلي تي پهتو. راشدي صاحب ان مهل پنهنجو سامان ٽرڪن ۾ رکائي رهيو هو. هن يار کيس فائيل پيش ڪيو ۽ ياد ڏياريو تہ، "اوهان سٺي عهدي ڏيڻ جو واعدو

ڪيو هو.“

راشدي صاحب چيس تہ، ”بابا، بروقت ڪم پورو ڪري تون ڪونہ آئين، هاڻي مان ڪهڙا ڪچا پٽيان؟“

❋ ❋ ❋

سنہ 1956ع، حيدرآباد جي هومسٽيڊ هال ۾ ريڊيو اسٽيشن جو افتتاح ٿيو. مان مهمانن جي ٽئينءَ صف ۾ ويٺل هئس. پهرينءَ صف ۾ تقريب جو مکيہ مهمان وڏيءَ لئہ سان ويٺو هو. اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير عزت مآب پير علي محمد راشدي.

مون ڪيس پهريون دفعو ڏٺو. رنگ جو ڪجهہ سانورو قد جو بندرو عمر پنجاهہ سٺ ورهين جي وچ ۾، خاڪي رنگ جي سلوار قميص ۽ خاڪي پٽڪو. ڪلهن تي اهائي نٽي واري لونگي. پن جي بيڙي پِي رهيو هو جيڪا گهڙيءَ گهڙيءَ وسامي ٿي وئي ۽ ريڊئي پاڪستان جو هاڪارو ڊائريڪٽر جنرل، مسٽر بخاري، پنهنجي وزير باتدبير کي خوش ڪرڻ لاءِ، پڀن تي هلندو ادب ۽ نياز سان سندس اڳيان اچي، ماچيس جي تيلي ٻاري ٿي بيٺو.

بخاري صاحب جو ريڊيو اسٽيشن تي وڏو رعب ۽ دٻدٻو هو. ڪامورا سندس ڊپ ۾ ڪَنن جي پاپڙين ۾ هَٿَ وجهندا هئا. پر راشدي صاحب جي اڳيان سندس پنهنجا هوش حواس بہ خطا هئا.

❋ ❋ ❋

راشدي صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات 1958ع ڌاري ٿي. مان آڪٽوبر 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيس. سندس ننڍو ڀاءُ پير حسام الدين راشدي عالم هو ۽ بورڊ جو ناليوارو ميمبر. منهنجي ساڻس گهري گهاٽي ٿي وئي. پير علي محمد راشدي تن ڏينهن ۾ مرڪزي حڪومت جي وزارت ڇڏي، فلپائينس ۾ پاڪستان جو سفير مقرر ٿيو هو. اوچتو ڀاڻس سائين حسام الدين شاهہ کي دل جو دورو پيو. سو ڪراچيءَ آيو تہ ڀاءُ کي علاج لاءِ ولايت وٺي وڃان.

مان حسام الدين شاهہ جي طبيعت معلوم ڪرڻ لاءِ سندس گهر ويس، تہ راشدي صاحب لئبرريءَ ۾ ويٺو هو. ٻنهي ڀائرن جا مهانڊا ڏاڍا ملندڙ هئا. مان ڀلجي پيس، سو حسبِ دستور ساڻس سڪ سان ڀاڪر پائي مليس. هو

پڻ منجهي پيو تہ هيءُ اوپرو شخص مون کي ايڏو ڇُجائتو ڇو ٿو پوي!

ستت مون کي پنهنجيءَ ڀُل جو احساس ٿيو. ٻہ چار سال پوءِ ڪيس وڌيڪ ويجهو ٿيس، تہ پنهنجيءَ ڀُل جو پختو يقين ٿيو. پير علي محمد راشدي پنهنجي ننڍي ڀاءُ پير حسام الدين راشديءَ کان سراسر مختلف ماڻهو هو. ڪنهن زماني ۾ پاڻ ”مشرق و مغرب“ جي عنوان سان ”جنگ“ اخبار ۾ ڪالم لکندو هو. منهنجي خيال موجب، ٻنهي ڀائرن جي مزاج ۾ بہ ”مشرق ۽ مغرب“ جيڏو مفاصلو هو. پنهنجيءَ راءِ جي تصديق لاءِ هڪ دفعي پنهنجي دوست رحيم بخش سومري کان سوال ڪيم، جو ٻنهي ڀائرن سان سندس تمام پراڻا دوستانہ لڳ لاڳاپا هئس. چيائين تہ:

> ”سائين حسام الدين شاهہ وڏيءَ ڳڻ ڳوت وارو مڙس هو. هرڪنهن ڪنهن سان ڪونہ ٺٺائيندو هو. پر، راشدي صاحب ڏاڍو ڏکيو ماڻهو هو. بدلجندي دير ڪونہ ڪندو هو سوچي سمجهي ڪيس ويجهو وڃبو هو.“

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب سان منهنجي پهرين ڪچهري تڏهن ٿي، جڏهن پاڻ فلپائينس مان چين ۾ سفير ٿي ويو هو. ڪراچيءَ آيل هو ۽ سائين حسام الدين شاهہ جي جمشيد روڊ واري گهر تي ٽڪيل هو. سانجهيءَ جي مهل هئي. لئبرريءَ جي اڳيان ٻاهر ٿلهي تي رکيل آرام ڪرسين مان هڪڙيءَ تي ويٺو هو. سيم سان ڀريل سنڌي جُتي، بوسڪيءَ جو پهرياڻ ۽ هرڪ جي سلوار پاتل هئس. پائيپ ڇڪي رهيو هو.

اها ڪچهري عمر ڀر ياد رهندي. ڪيئي قصا ٻڌايائين. رات جي ماني گڏ کارايائين ڏاڍو قرب ڏنائين. تن ڏينهن ۾ هندستان مان ”ڪونج“ نالي هڪ سنڌي رسالي جي ايڊيٽر مون کان سنڌ جي اديبن وٽان ”ڪُونج“ تي مواد وٺي موڪلڻ جي مدد گهري هئي. راشدي صاحب کي موڊ ۾ ڏسي، مون کانئس ”ڪونج“ تي مضمون گهريو. چيائين تہ ”صبح جو اچجانءِ.“ ڀانيم تہ مڙئي آسرو ڏنائين. پر، ٻئي ڏينهن صبح جو وٽس ويس، تہ مضمون اڳيئي تيار هو. رات جو الائي ڪيڏيءَ مهل سمهيو هو ۽ ڪيڏيءَ مهل اٿي، قلم هٿ ۾ ڪنيو هئائين!

پر، ڪو مضمون لکيو هئائين! جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو ”مقدمہ لطيفي“، الله بچائي سمي جو ”سَير ڪوهستان“ ۽ محمد اسماعيل عرساڻيءَ جو ”بدنصيب ٺٽي“، سدائين سنڌي ادب جا ’لافاني يادگار‘ رهندا، تيئن راشدي صاحب جو اهو مضمون بہ هر دور ۾ سنڌي نثر جو شاهڪار تسليم ڪيو ويندو. ”مهراڻ“ رسالي ۾ ڇپيل آهي.

* * *

سائين جي.ايم. سيد چوندو هو تہ، ”قدرت راشدي صاحب کي دل ۽ دماغ جي وڏي ڏات ڏني هئي. هڪ مثال ڏنائين تہ جناح صاحب ڪراچي آيو هو. مون کي چيائين تہ، ”سيد، فلاڻي سياسي مسئلي تي بيان ٺاهي اچ تہ اخبارن کي جاري ڪريان.“

تن ڏينهن ۾ سائين جي.ايم. سيد، سنڌ مسلم ليگ جو صدر هو ۽ راشدي صاحب آفيس سيڪريٽري. ڪراچيءَ ۾ سائينءَ جي بنگلي ”حيدر منزل“ ۾ رهندو هو. پاڪستان اڃا گهڻو پري هو.

سائينءَ مون کي ٻڌايو تہ، ”مون جسٽس طيبجيءَ کي جناح صاحب جي بيان جو ڊرافٽ ٺاهي ڏيڻ لاءِ چيو ڇو تہ جناح صاحب انگريزي زبان جي معاملي ۾ گهڻو محتاط هوندو هو ۽ طيبجيءَ جي انگريزيءَ جي هاڪ هوندي هئي. جسٽس طيبجيءَ ڏينهن ٻن جي وڏيءَ محنت ڪان پوءِ ڊرافٽ تيار ڪري ڏنو. مان صبح جو سوير اٿيس، تہ راشدي صاحب بہ ننڊ مان جاڳيو. اکيون مليندو آيو ۽ چيائين تہ، ”سيد، اڄ صبح سان ٺاڪوڙا وڏا اٿئي. ايڏو سوير ڪاڏي ٿو وڃين؟“

مون ڳالهہ ٻڌايس. چيائين تہ اهو بيان تہ ڏيکار. ايتري ۾ نوڪر سندس چانهہ جو ڪوپ آڻي ڏنو. ڍڪ پريائين ۽ پن جي ٻيڙي دکايائين. طيبجيءَ وارو مضمون پڙهيائين ۽ ٽائيپ رائيٽر ۾ ڪاغذ وڌائين. مان ڪجهہ دير ڪان پوءِ بنگلي مان ٻاهر نڪتس، تہ پاڻ بہ تڪڙو تڪڙو پٺيان آيو تہ، ”مان بہ جناح صاحب وٽ هلندس.“

جڏهن جناح صاحب وٽ پهتاسين، تہ مون طيبجيءَ جو لکيل بيان سندس اڳيان رکيو. جناح صاحب بيان هيڪر پڙهي، ٻيهر پڙهيو تہ راشدي صاحب بہ کيسي مان پنهنجو ٽائيپ ڪيل پنو ڪڍي ڇيس تہ، ”صاحب!



پير علي محمد راشدي

مان بہ اوھان جي بيان جو ڊرافٽ ناھي آيو آھيان.“

جناح صاحب اول تہ ڏانھس حيرت مان نھاريو. ھو ايڏي حجت پسند ڪانہ ڪندو ھو پر ڪانئس ڪاغذ وٺي پڙھيائين. تہ سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجھہ دير ڪان پوءِ، طيبجيءَ جو ڊرافٽ مون کي موٽائي ڏنائين ۽ راشدي صاحب واري بيان تي صحيح وجھي، چيائين تہ "شاھہ صاحب! ھيءُ بيان جاري ڪري ڇڏيو.“

مون مٿي سندس ڪتاب "فرياد سنڌ" جو ذڪر ڪيو آھي. راشدي صاحب انھيءَ ۾ ھڪ ھنڌ لکيو آھي تہ "ھڪ ڏينھن سنڌ پنجاب جي ڪالوني ٿي ويندي،“ سائين جي.ايم. سيد ڏي لکيل خطن ۾ پنھنجي اھا ئي ڳالھہ دليل دلائل سان کولي بيان ڪئي اٿس. تڏھن سندس ڳالھہ تي ڪنھن بہ غور ڪونہ ڪيو. ھاڻي اھا ئي ڳالھہ ٿي آھي. تہ پنجاب مان بہ جيڪا بلا نازل ٿئي ٿي مثال طور ڪارخانن جو زھريلو پاڻي، سو پري پنڌ تان پڇندو اچي ٿو تہ سنڌ ڏي واٽ ڪٿان ويندي؟ منڇر ڍنڍ ڪٿان ويجھو ٿيندي؟

انوري فارسي زبان جو شاعر ھو. سندس ھڪ شعر آھي تہ "آسمان مان جيڪا بلا نازل ٿئي ٿي، اھا پڇندي اچي ٿي تہ انوريءَ جو گھر ڪاٿي آھي؟“

راشدي صاحب کي سياسي معاملن جو وڏو فھم ۽ ادراڪ ھوندو ھو. سو جناح صاحب پنھنجي بيان جي سياسي مقصدن جي خاطري ڪري پوءِ ئي سندس لکيل بيان تي صحيح وڌي ھوندي.

سائين جي.ايم. سيد ۽ راشدي صاحب وڏو زمانو نھايت گھرائپ ۽ گھاٽائپ ۾ گڏ گذاريو. انھيءَ عرصي دوران ٻئي ڄڻا ھڪٻئي سان جام جھٽ ھئا. رات ڏينھن جن سياسي سرگرمين ۾ مشغول ھوندا ھئا، تن جي باري ۾ ھڪٻئي کي خط پٽ لکندا رھندا ھئا. اھو سلسلو راشدي صاحب جي فلپائينس ۾ سفير مقرر ٿيڻ کان پوءِ بہ جاري رھيو.

مون مٿي عرض ڪيو آھي تہ سندس زبان اگھاڙي تلوار ھوندي ھئي.
ھو سائينءَ ڏانھن پنھنجن خطن ۾ بہ حرڪت بازيءَ کان ڪونہ مڙندو ھو.

جڏھن سائين جي.ايم.سيد پنھنجي ڳوٺ سَنَ ۾ نظربند ھو تہ ھن ڳڻ ڳوٺ ڪري، سندس انھن پراڻن خطن جا قلمي نسخا ٺھرايا ۽ ادبي ادارن ۽ خاص خاص احبابن کي موڪليا. ھڪ نسخو مون کي بہ عنايت ڪيائين.

مون بروقت منڍ کان آخر تائين پڙهيو. انهن خطن مان اهو ئي تاثر تي مليو تہ ان دور جو راشدي صاحب وڏو "سنڌ دوست" هو. گهڻن سالن کان پوءِ خطن جو اهو ئي قلمي نسخو سائين جي.ايم. سيد. ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. پر، ڇپيل ڪتاب ۾ قلمي نسخي جا ڪي حصا ڪونہ هئا. مثل طور جيئي سپاهيملاڻيءَ جو ذڪر غائب هو. هُوءَ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر هئي. اول الله بخش سومري ڪي ويجهي هئي. سندس شهادت کان پوءِ سائين جي.ايم.سيد سان دعا سلام ٿيس. ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي وئي. سائين سندس ڳالهيون ڏاڍيءَ سڪ سان ڪندو هو.

راشدي صاحب پنهنجيءَ حرڪتي طبيعت موجب، 6 جون 1958ع تي، سائينءَ کي فلپائينس مان هڪ خط لکيو هو تہ. "ڪالهہ ڪراچيءَ جي هڪ اخبار جو پراڻو پرچو اچي مليو جنهن ۾ لکيل هو تہ:

"نصيب دشمنان" اوهان کي دل جي تڪليف ٿي پئي آهي. هاڻي سر دست، سوال آهي اوهان جي علاج جو. سو ان باري ۾ هيٺيون صدري نسخو جيڪو سو فيصدي سوديشي ۽ سنڌي ٻوٽين جو مرڪب آهي، استعمال فرمائي ڏسندا، تہ شايد فائديمند ٿئي.

هو الشافي

....... ٻوٽي جا گل، 6 ماسا .... گاهہ جا پراڻا پن 2 ماسا ..... ڇوڏن جو ٻورو، 4 ماسا .... عرقِ گلاب 3 ماسا.

انهن کي ڪُٽي، ڇاڻي، عرق "عشق مجاز" سان پي ڇڏيندا، تہ دردِ دل دفعي ٿي ويندو.

راشدي صاحب هانگ ڪانگ مان بہ سائينءَ کي خط لکندو هو. 28 فبروريءَ 1958ع تي اتان لکيل هڪڙي خط ۾ بہ ڇيڙخاني ڪئي اٿس. شروعات هنن جملن سان ڪئي اٿس:

ديش ڀڳت، سنڌ پوشڪ، ياءُ سئد، سدا ياشنہ.

هت اوهان جي پراڻن مودين يعني شريمتيءَ جيئي سپاهيملاڻيءَ جي آڪهہ جا ڪارونيار ڪٽڪ ڏسي پنهنجي اڳوٽي پوتر سييتا ۽ شد سنڌي ڀاشا سان محبت وارا

سڙي ويل سلا وري من اندر مورجي پيا آهن. تنهن ڪري پيارا
هن چنيءَ جو مهڙ "نمشتي" سان ڪيان ٿو.
خط ڏکهو آهي راشدي صاحب انهيءَ جي پڇاڙي هنن لفظن سان ڪئي آهي:
"سو ياڻو اهي آهن حال، هينئر جهاج جو ٽائيم آهي.
منيلا وڃي رهيو آهيان. چني پوري ڪريان ٿو. رامي رام.
اوهان جو شيواڌاري
آئو للو ممو ههو
ددو ررو ڇڇو ددو.

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب عَجَب انسان هو! ڇا بهمڻ جي ڳوٺڙي ۾ سندس ننڍپڻ جا ڏينهن، ڇا سکر ۾ سندس اخبار نويسي ۽ ڏک ڏاڪڙا. هڪ هنڌ لکيو اٿس ته "سمهڻ لاءِ کٽ ڪانه هوندي هئي. ماني کائڻ لاءِ پئسو ڪونه هوندو هو. ساڌ بيلي جي مندرن مان هندن جا خيراتي چولا پرساد وٺي گذر ڪندا هئاسين." انهيءَ حال ۾، "هفتيوار سنڌي اخبار" جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيو. حياتيءَ جي سمنڊ ۾، ٽلڪندو ٽلڪندو زماني جون ٺڦڙون کائيندو، وڃي ڪراچيءَ جي روزانه انگريزي اخبار "سنڌ آبزرور" جو ايڊيٽر ٿيو.
چون ٿا ته اسڪول ۾ انگريزيءَ جا چار درجا به ڪونه پڙهيا هئائين. البت، پنهنجي ڳوٺ بهمڻ جي پرسان، نصرت ريلوائي اسٽيشن جي بابوءَ کان انگريزيءَ جا ڪي سبق ورتا هئائين ۽ ڪانئس ٽائيپ ڪرڻ به سکيو هو. شرارتي انهيءَ عمر ۾ ئي هو. هڪ ڏينهن ريلوائي بابو گهر ويو ته پاڻ سندس غير موجودگيءَ جو فائدو وٺي، ٽڪيٽون ٺاهيائين ۽ انهن کي استعمال ڪري، سڄي هندستان گهمي آيو.
پر، وڏو ٿيو ته الائي ڪيئن انگريزيءَ تي ايڏو عبور حاصل ڪيائين جو "ڊان" جي ايڊيٽر الطاف حسين سان چوٽون ڪاڏائين، ڪيس شڪست ڏنائين ۽ سڄي ملڪ جي اخبار نويسن جي انجمن جو صدر ٿيو. ٻاهرين ملڪن ۾ صحافين جا وفد وٺي ويو. "هندستان - پاڪستان جائنٽ پريس ڪميشن" جو چيئرمن چونڊيو ويو. آخرڪار، حڪومتِ پاڪستان جو وزير اطلاعات ۽ نشريات وڃي ٿيو.

جڏهن انگريزي روزنامہ سنڌ آبزرور (SINDH OBSERVER) جو ايڊيٽر هو تڏهن منهنجو دوست غلام قادر لاکير وٽس سب ايڊيٽر هوندو هو. ڳالهہ ڪندو هو تہ شڪار جو شوقين هوندو هو. سانجهيءَ مهل، جيپ ۾ موٽندو هو. ڏڏڙ ۾ لٽيو پيو هوندو هو. آفيس ۾ ايندو هو. لمليٽ گهرائي بيڙي دکائيندو هو ايڊيٽوريل لکي هليو ويندو هو. ان جو پروف بہ ڪونہ پڙهندو هو.

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب جو انگريزي ٻوليءَ تي ايڏو عبور، سندس غير معمولي ذهانت جي باوجود، سوچڻ وٽان آهي! اچرج جهڙي ڳالهہ آهي.

چيني ماڻهو چوندا آهن تہ، ”دنيا جي سڀ کان قديم ۽ وڏي ۾ وڏي درسگاهہ ’تجربو‘ آهي.“ راشدي صاحب بلاشبہ وڏو تجربيڪار هو. ننڍيءَ ڄمار ۾ ”الراشد“ اخبار ڪڍيائين. پوءِ سکر ۾ خانبهادر کهڙي جي اخبار ”زميندار“ ۾ ڪم ڪيائين. ”صبح سنڌ“ اخبار ڪڍيائين. اهي سڀ اخبارون هيون تہ سنڌيءَ زبان ۾. پر صحافت ۾ تہ تجربو ٿيس. خانبهادر کهڙي جي سکر واريءَ اخبار ۾ آغا نظر علي ايڊيٽر سان گڏجي جيڪو عرصو ڪم ڪيائين، تنهن جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ ۾ ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان ڪيو اٿس ۽ انهن ڏينهن ۾ سکر شهر ۾ هندڪي ۽ مسلمانڪي سياست جي چِڪتاڻ جو بہ چٽن لفظن ۾ ذڪر ڪيو اٿس، جو سندس ذاتي تجربي ۽ مشاهدي تي مبني آهي.

هاڻي بہ ننڍين ننڍين شهرن ۾ هفتيوار سنڌي اخبارن جا ايڊيٽر ڏاڍا ڏاها هوندا آهن. عام ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري، ماڻهوءَ جي مزاج جا ماهر ٿي ويندا آهن.

راشدي صاحب سنڌي اخبارن جي تجربي پرائڻ کان پوءِ ”Muslim Voice“ ۽ روزانہ ”Sind Observor“ جو ايڊيٽر ٿيو. ٻئي انگريزي اخبارون هيون. ان ڪري ذهن ۾ سوال اٿي ٿو تہ هن ٻهمڻ جي پِر مان ”نصرت ريلوائي اسٽيشن جي بابوءَ کان رڳو ڪجهہ انگريزي سبق وٺڻ جي آڌار تي ايڏو عبور حاصل ڪري ورتو جو روزانہ انگريزي اخبارون ايڊٽ ڪيائين؟ ائين تہ ڪونهي تہ ڪنهن اسڪول ۾ بہ باضابطہ انگريزي پڙهيو هو؟“

تازو مون کي ان سلسلي ۾ ڪجهہ ”معتبر معلومات“ مليون آهن، جنهن

مان انهيءَ شڪ کي وڏي تقويت ملي ٿي، ان ڪري انهيءَ ڳالھ جو البت تفصيل سان ذڪر ڪريان ٿو.

❊ ❊ ❊

انگريزن جي حڪومت ۾ "ضلعو" مکيہ انتظامي يونٽ هوندو هو. ضلعي جي وڏي عملدار کي "ڪليڪٽر" ڪوٺيندا هئا. سو ان ڪري جو سندس مکيہ ڪم زمين جي ڍل وصول ڪرڻ هوندو هو. ڍل سان قانوني معاملا بہ واسطو رکن ٿا، ان ڪري ڪليڪٽر کي "ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ" (D.M.) جا اختيار بہ حاصل هوندا هئا. نہ فقط ايترو پر، ڪيس ضلعي ۾ ٻين سيني کاتن جي عملدارن تي بہ سبقت حاصل هوندي هئي. هونئن تہ تعليم کاتي جو ضلعي عملدار پنهنجا فل اختيار استعمال ڪندو هو. صحت کاتي، ٻيلي کاتي ۽ انجنيري کاتن جا ضلعي عملدار بہ ائين ڪندا هئا. پر، ڪليڪٽرُ، سندن کاتن ۾ بہ دخل ڏيڻ جو اختيار رکندو هو.

سڀ ڪليڪٽر I.C.S يعني انڊين سول سروس جا عملدار هوندا هئا. ڪي انگريز هوندا هئا، پر ڪي ڏيهي ماڻهو بہ هوندا هئا. البت، انهيءَ عهدي لاءِ جيڪو بہ ڏيهي ماڻهو رکندا هئا، تنهن جي رڳو ڊگري ڪانہ ڏسندا هئا. سندس خانداني درجي ۽ حيثيت جو بہ خيال رکندا هئا. اڪثر ڪري، وڏن خاندانن جا ماڻهو انهيءَ عهدي لاءِ چونڊيندا هئا. انگريزُ ذاتي لياقت سان گڏ، ماڻهوءَ جو بڻ بنياد بہ ڏسندو هو.

ڪليڪٽرَ، پنهنجي ضلعي جا حاڪم هوندا هئا. چرندڙ پرندڙ ماڻهوءَ تي نگاھ رکندا هئا. هر ڪليڪٽر اهڙن شخصن بابت پنهنجا تاثرات قلمبند ڪندو هو ليڪن، ٽائيپ ڪونہ ڪرائيندو هو. پين سان لکندو هو تہ ٻئي ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي. ڪليڪٽر اهي تاثرات جنهن ڪتاب ۾ لکندا هئا، تنهن کي عام طرح Blue Book ڪوٺيندا هئا. هر ڪليڪٽر جڏهن هڪڙي ضلعي مان بدلي ٿي، ٻئي ۾ ويندو هو تڏهن "بِلُو بُڪُ" هڪ خفيہ دستاويز وانگر، ٻئي ڪليڪٽر کي هٿ ۾ ڏئي ويندو هو تہ ڪيس جن ماڻهن سان ضلعي ۾ واسطو پوندو تن جي باري ۾ مستند معلومات مليس.

انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ جتي ٻيو انتظام ڍلو ٿي ويو اتي ضلعن جا گزيٽيئر ۽ "بلُو بُڪَ" بہ رلي ويا. اڳتي هلي، بلُو بُڪَ لکڻ جو رواج ئي ختم

ٿي ويو. ملڪ ملير ٿي ويو.

تازو مون کي لاڙڪاڻي ضلعي جي بلُو بُڪَ جي فوٽو اسٽئٽ ڪاپي مومن ٻلي نالي دوست کان ملي آهي، جو ماهوار انگريزي رسالي " The Reporter" جو ايڊيٽر آهي.

"بلو بڪ" جا پنا جو اٿلايم، تہ هڪڙي صفحي جي مٿان راشدي صاحب جو نالو نظر آيو. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جيڪي ڪليڪٽر هڪٻئي کان پوءِ مقرر ٿيا هئا، تن مٿس پنهنجا تاثرات درج ڪيا آهن. ليڪن، مان انهن منجهان فقط هڪڙي ڪليڪٽر جو نوٽ هت ڏيان ٿو جنهن پنهنجيءَ صحيح هيٺان تاريخ ڪانہ وڌي آهي، پر، ڪانئس پوءِ جيڪو لاڙڪاڻي ۾ ڪليڪٽر آيو آهي، تنهن پنهنجيءَ صحيح جي هيٺان، پهرين مارچ 1931ع تاريخ وڌي آهي. راشدي صاحب تي جنهن ڪليڪٽر نوٽ لکيو آهي، تنهن جو نالو حامد علي آهي، هيئن لکيو اٿس:

**Ali Muhammad Shah Rashdi of Bahman**

Has passed Cambridge junior examination from Deiradun. Traveled a good deal in India, Iraq etc. Intellegent, cunning, un-scrupulous, Treacherous and unreliable, as a friend. Chief Editor of Rashdi organ "Al-Rashid", which is a bio-monthly, written in a very ornate style.

Mr. Rashdi has many irons in the fire.

Sd:/- Hamid Ali

هن ڳالهہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ راشدي صاحب "ديران دون" ۾ جونئر ڪئمبرج تائين تعليم ورتي هئي. هاڻي ڏسجي تہ انگريزن جي ڏينهن ۾ ديرادون ڇاجي ڪري مشهور هو؟

اهو شهر نہ تمام وڏو هو ۽ نہ وري ننڍڙو هو. ڪلڪتي جي پاسي هو. هندستان جي نوابن ۽ راجائن جا ناراض ڪٽنب پنهنجي شاهي خاندان سان اختلافن ڪري لڏي ويندا هئا ۽ منجهس رهائش اختيار ڪندا هئا.

راشدي جو ڏاڏو پير شاهہ وڏو داناءُ ۽ دور انديش شخص هو. سکيو ستابو هو. راشدي صاحب توڙي سائين حسام الدين شاهہ هميشہ سندس ڳالهيون سڪ سان ڪندا هئا. جناح صاحب کي سندس والد بزرگوار هڪ انگريز دوست جي مشوري تي ئي اعليٰ تعليم لاءِ انگلنڊ موڪليو هو.

ممڪن آهي تہ مرحوم پير شاھہ بہ پنهنجي وڏي پوٽي پير علي محمد راشديءَ کي بہ ڪنهن انگريز ڪليڪٽر جي صلاح تي يا پاڙيسري پٽن زميندارن جي ڪنهن بزرگ جي مشوري تي انگريزي تعليم لاءِ ديرادون تعليم لاءِ موڪليو هجي.

جيڪڏهن راشدي صاحب ديرا دون ۾ تعليم ورتي، تہ انگريزي محاوري تي سٺي دسترس حاصل ٿي هوندس. ڇو تہ هڪ تہ انگريزن جي حڪومت ۾ تعليم جو وڏو معيار هو. ٻيو تہ راجائن ۽ نوابن جا ٻارَ جنهن شهر ۾ (جونئر ڪئمبرج) تائين تعليم پرائيندا هوندا، انهيءَ جي اسڪولن ۾ جيڪي انگريز مرد يا زالون پڙهائينديون هونديون، سي بہ وڏيون ماهر هونديون. انهيءَ پسمنظر ۾ معاملي کي ڏسبو تہ ڇئبو تہ راشدي صاحب ننڍپڻ ۾ اعليٰ درجي واري ڪنهن اسڪول ۾ تعليم پرائي ۽ انگريزيءَ ۾ سنڌس پيڙھہ پڪي ٿي.

هاڻي جڏهن صفا سچ ٿي وئي آهي ۽ سنڌ ۾ تہ تعليم جو ڪم ٺي لهي ويو آهي. تڏهن بہ ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهيل ۽ او- ليول يا — A Level پاس ڪيل شاگردَ انگريزيءَ ۾ وڏي مهارت رکن ٿا. اهڙن ٽن چئن کي مان سڃاڻان. ٽئي عورتون آهن. پهرين هڪڙي پروفيسر رفيعہ محمد علي، جيڪا اڄڪلهہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پرو-وائيس چانسيلر آهي. انگريزي زبان جي وڏي ماهر آهي. ٻي مسز شيرين خان، جنهن منهنجي چونڊ تي سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو انگريزي ترجمو ڪيو هو. سا بہ انگريزي زبان تي وڏو ملڪو رکي ٿي، ايتريقدر جو ڪراچيءَ ۾ آمريڪي ڪلچرل سينٽر وارا جڏهن ثقافتي پروگرام ڪرائيندا هئا، تہ شيرين خان کي پروگرام هلائڻ لاءِ عرض ڪندا هئا. مسز شيرين خان جو ڪٽنب افغانستان جي شاهي خاندان مان هو ۽ ڪن اختلافن ڪري، ديرادون ويو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هجرت ڪري ڪراچيءَ آيو.

ٽين خاتون خود راشدي صاحب جي بيگم، ممتاز راشدي هئي، جا ڍاڪا ۾ ڪانوينٽ اسڪولن ۾ تعليم پرائي، انگريزيءَ جي ماهر ٿي هئي. غالباً ڪجهہ عرصو پئرس جي پاڪستاني سفارتخاني ۾ پريس اتاشي بہ هئي. راشدي صاحب سان شاديءَ کان پوءِ "ڊان" ۾ ڪڏهن ڪالم لکندي هئي. ڪجهہ عرصو اڳ گذاري وئي. ڪيس انگريزي زبان تي وڏو ملڪو هو.

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب اول فلپائنس ۾ چين ۾ سفير ٿيو. سندس سياسي فهم ۽ ادراڪ ۾ تہ ڪو شڪ ئي ڪونهي. ظاهر آهي تہ ڏارين ملڪن جي سفارتخانن ۾ ڪيس رڳو انگريزي ڪم ايندي هوندي. پٽو صاحب وزير خارجہ ٿيو تہ راشدي جي نوڪري سندس سٺي ڪم ڪان پوءِ بہ (وزير خارجہ سان اٽيڪٽ ڪري) لوڏن ۾ آئي. نيٺ نوڪريءَ تان لٿو. ڪجھہ عرصو هانگ ڪانگ ۾ رهيو. اتان "جنگ" اخبار لاءِ "مڪتوبات مشرق بعيد" عنوان سان ڪالم لکندو هو. جن ۾ اڪثر ڪري صدر ايوب خان جي حڪومت تي نڪتہ چيني ڪندو هو.

هڪ دفعي، قاضي محمد اڪبر صاحب، راشدي صاحب جي وڏي فرزند حسين شاهہ ۽ مون کي شاديءَ جي دعوت تي سڏيو. دعوت پنهنجي گهر ۾ ڪيائين. پٽو صاحب، ايوب خان جو وزيرِ خارجہ هو سو دعوت ۾ مکيہ مهمان هو ۽ اتفاق سان اسان جي اڳيان واريءَ صف ۾ اچي ويٺو. هال ۾ چاليهارو کن معزز ماڻهو هئا. پٽي صاحب ڪنهن مهل ڪنڌ ورائي پوئتي اسان ڏي نهاريو. حُسين شاهہ تي نظر پيس تہ چيائينس تہ، "تنهنجو والد اسان جي حڪومت جي خلاف مضمون لکي ٿو."

ائين چئي، جويي صاحب ڏي نهاري چيائين تہ، "سنڌ جي تاريخ جو برطانوي دور راشدي صاحب کي لکڻ لاءِ ڏيو ۽ انهيءَ جو معاوضو غير ملڪي سڪي ۾ پنجاهہ هزار ڏيوس."

پٽو صاحب بہ ٿي گلاس تہ اڳيئي چاڙهي آيو هو. بہ ٿي اسان جي اڳيان بہ خالي ڪيائين. اسان کي اهو حڪم ڏئي، حسين شاهہ کي ميار ڏنائين تہ، "ڏس تہ مان توهان لاءِ ڇا ٿو ڪريان ۽ توهان جو والد صاحب اسان جي پاڙ ڪيئن پيو پٽي؟"

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب اڃا چين ۾ سفير هو تہ ڪنهن سبب سان ڏينهن ٻن لاءِ ڪراچي آيو هو. سائين ميران محمد شاهہ مون سان گڏ سائٽس ڪچهري ڪرڻ هليو. ٻنهي کِل ڀوڳ پئي ڪيا، تہ ڪنهن مهل، راشدي صاحب ڪڙڪو ڪري چيو تہ، "ميران محمد شاهہ! هماليہ جبل جي مٿان نڪا نڪيءَ لاءِ ٻهمڻ ۾ چاول پارڙي کي داد نٿو ڏئين!"

انهن ڏينهن ۾ چين ۽ هندستان جون هماليہ جبل جي مٿان سرحدي جهيڙي ڪري، چڪريون لڳيون هيون. راشدي صاحب جو اشارو انهن ڏانهن هو. چين جي وزيرِ خارجہ سان سندس مسلسل ملاقاتون ٿينديون هيون، جن جو مقصد اهو هو تہ "پاڪستان انهيءَ موقعي مان ڪشمير ۾ ڪهڙو فائدو وٺي گهري ٿو؟"

مسز ممتاز راشديءَ مون کي ٻڌايو تہ راشدي صاحب اوچتو بيمار ٿي پيو هو سو ڪڏهن ڪيس پيغام ڏيڻ وٺڻ لاءِ چين جي وزيرِ دفاع وٽ موڪليندو هو. نڪيتا خرسچوف کي ڪشمير واريءَ ڳالهہ جي ڪٽڪ پئجي وئي، تنهن راشدي صاحب کي دعوت موڪلي تہ "روسي رڇن جي شڪار لاءِ ماسڪو اچو."

مسز ممتاز راشديءَ چيو تہ راشدي صاحب ايوب خان کي خرسچوف وارو اطلاع ڏنو تہ هُو دڄي ويو. ڳالهہ ٻڌڻ شرط پير پوئتي ڪيائين ۽ چين جي وزيرِ خارجہ جي ڏنل اشارن مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ورتائين.

بعد ۾ راشدي صاحب جي فرزند عزيزم عادل راشديءَ بہ ساڳي اهڙي ڳالهہ ڪئي.

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب جڏهن فلپائين ۾ سفير هو تہ سنڌيءَ ۾ سنڌ جي يادگيرين جو هڪ ڪتاب لکيو هئائين. سائين حسام الدين شاهہ اسان کي ان جو مسودو ڇپڻ لاءِ آڻي ڏنو. ڪتاب جو نالو هو: "اهي ڏينهن، اهي شينهن." چين ۾ ٻئي ٻيو ڪتاب لکيو هئائين: "چين جي ڊائري". ٽيون ڪتاب وري انگريزيءَ ۾ لکيو هئائين، جيڪو آڪسفورڊ پريس، جي ڪراچي برانچ شايع ڪيو آهي.

"چين جي ڊائري" سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ڇپائي آهي. جيڪڏهن راشدي صاحب منجهس چين ۾ ان دؤر جي سياسي حالتن جو تذڪرو ۽ تجزيو ڪري ها، تہ اهو ڪتاب اڄ جيڪر وڏو ڪارائتو ٿئي ها، ڇو تہ چين دنيا جو اهم سوشلسٽ ملڪ آهي، پر ڪتاب ۾ گهڻو ڪري هتان هُتان جون هلڪڙيون ڳالهيون لکيائين، جن مان ڪي، نموني طور هي آهن:

انقلاب کان اڳ چين جي مهاراڻي ڊوگر پنهنجيءَ چمڙيءَ کي تازو رکڻ لاءِ روزانو صبح سان، کير وارين زالن جي ٿڃ جي پيالي پيئندي هئي، جنهن ۾ موتين جو خاڪو ملايو ويندو هو. ٿڃ جي پڪي پختي بندوبست لاءِ صحتمند عورتون هر وقت محلات ۾ موجود هونديون هيون.

❊ ❊ ❊

اڄ شام جو منهنجي سفارتخاني جو مسٽر ”هو“ آيو. ڪجهه دير تائين ناس جي دٻلين جي لسٽ ٺاهيسون. اسان اڄ تائين 126 ناس جون دٻليون گڏ ڪيون آهن.

❊ ❊ ❊

مسٽر ”هو“ ٻڌايو تہ انقلاب کان اڳ چين جو شانگهائي شهر عياشيءَ جو اڏو هوندو هو. شهر جي آدمشماري اڌ لک هئي، تن ۾ رنڊين جو تعداد پنجن هزارن کان مٿي هو.

❊ ❊ ❊

فرانس جي بادشاهہ لوئي پندرهين تي جنهن ماڻهوءَ حملو ڪيو هو تنهن کي جڏهن قتل تي ڪيائون تہ قتل گاهہ جي چوڌاري، گهرن جي بالڪنين مان امير مردن ۽ عورتن تماشي خاطر قتل جو نظارو پئي ڏٺو.

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب جي شڪار واري انگريزي ڪتاب توڙي ”چين جي ڊائري“ جو ڪوبہ قدر ڪونہ ٿيو. پڙهندڙن ٻنهي ڪتابن کي نظرانداز ڪيو. البت، راشدي صاحب پرديس ۾ سنڌ کي سڪ سان ساري، ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ نالي جيڪو ڪتاب لکيو هو ان جو وڏو قدر ٿيو.

ڪتاب جي نالي بابت راشدي صاحب پاڻ مون کي هڪ نقل ٻڌايو تہ ڪنهن زماني ۾ پير سائين روضي ڌڻيءَ جو مدن نالي هڪ هندو مريد هوندو هو جو رات جو جهنگ ۾ عبادت ڪرڻ ويندو هو. هيڪر، خليفن پير صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين، جهنگ ۾ شينهن آهي. متان ڪنهن مهل مدن ور چڙهي وڃيس! پير صاحب مدن فقير سان احوال ڪيو جنهن هٿ

پڇڻ مرشد کي ادب سان عرض ڪيو تہ:

جنهن جي رات، تنهنجو ڏينهن،

جنهن جو مدن، تنهنجو شينهن!

مون اهو بيت ڪتاب جي اندرئين ٽائيٽل تي ڇاپي ڇڏيو.

ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي تلڪ چاڙهيءَ واريءَ پراڻيءَ پريس ڇپيو. مون پهرين چوويهن صفحن جا پروف راشدي صاحب کي مرحوم حافظ مبارڪ علي شاهہ جي گاڏي کاتي واري گهر "موتي محل" ۾ ڏيکاريا هئا. ڪيس منجهن هڪ بہ غلطي نظر ڪانہ آئي. پروفن پڙهڻ جو ڪم مان بہ ڪندو هوس پر، يار محمد ابن حيات پنوهر بہ متن نظرثاني ڪندو هو. سرورق جي ڪور ڊزائين ع.ق. شيخ ٺاهي هئي.

ڪتاب شايع ٿيو تہ ان جي هنڌين ماڳين تعريف ٿي! مرحوم شير محمد نظاماڻي ٿنڊي قيصر جوويٽل هو. سنڌيءَ توڙي فارسيءَ جو عالم هو. ڪتاب جي تعريف ۾ اهڙا اکر چيائين جي مان لکي نٿو سگهان.

هڪ ڏينهن بورڊ ۾ ويٺو هوس، تہ ڪنهن ڪراڙي شخص ڪراچيءَ مان فون ڪئي. ٿلهي ۽ گهگهي آواز ۾ چيائين تہ "بابا، راشدي صاحب جيڪو ڪتاب لکيو آهي: "جيڏا ڏينهن، تيڏا شينهن" ان جي ڪا ڪاپي تہ موڪليو." اهو بزرگ پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت ۾ وزير دفاع، شعبان ميراڻيءَ جي خاندان مان هو.

سنڌي ادبي بورڊ سوين ڪتاب ڇپايا آهن. پر، ڪوبہ ڪتاب اهڙيءَ تيزيءَ سان ڪونہ وڪاڻو جهڙو "اهي ڏينهن، اهي شينهن!" اها رڪارڊ جي ڳالهہ آهي.

راشدي صاحب جهڙو جهان ديدو شخص، سڄيءَ عمر جي تجربي جي باوجود شايد انهيءَ سبب ڪري ائين سمجهي ويٺو تہ پاڻ قلم جي زور سان سنڌ جي ماڻهن جي من ۾ جادو جاڳائي ڇڏيو اٿس. سو هاڻي جيڪي بہ لکندو ويندو سنڌ جا ماڻهو انهيءَ کي اکيون ٻوٽي، قبول ڪندا ويندا ـ اها سندس ڀل هئي.

انهن ڏينهن ۾ ون يونٽ جي خلاف مهم زورن تي هئي. نوجوان اديبن ۽ شاگردن جا ٽولا حيدرآباد جي قلعي ۾ هوشو شيديءَ جي قبر تي گل وجهڻ

ويندا هئا. راشدي صاحب حيدرآباد جي هڪ اخبار ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا ته "هوشو شيديءَ جي قبر قلعي ۾ ڪانهي. مياڻيءَ جي قبرستان واري پاسي آهي. اوڏانهن ڳولجي."

سنڌي اديب ۽ شاگرد سنڌس اصل مقصد سمجهي ويا. ته هو ڪين تيز ذيڻ گهري ٿو. تن اچي ڪيس تنقيدي مضمونن ۾ ورايو. خاص ڪري ڊاڪٽر الانا تمام اهم مضمون لکيا. راشدي صاحب خاموش ٿي ويو.

مون راشدي صاحب تي جيڪي تنقيدي مضمون ۽ تحريرون پڙهيون آهن، تن سيني ۾ دلچسپ تحرير ناز سنائيءَ جي هئي، جنهن ۾ ڪنهن ٽلهي متاري ماستر جو مثال ڏنو هئائين، جيڪو ڪڏو تپڻ لاءِ ٻين سان شرط پڇائڻ واسطي پري کان ڪو وظيفو پڙهندو ڊوڙندو ٿي آيو پر، ڪڏي وٽ پهتو ته تپي ڏيڻ سان امالڪ منجهس وڃي ڪِريو!

الطاف گوهر نالي اردو زبان جي هڪ جغادري اديب پڻ "ايوب خان" نالي پنهنجي ڪتاب ۾ پڻ راشدي صاحب تي تنقيد ڪئي آهي. الطاف گوهر جي ڀُٽي صاحب سان سٺي دعا سلام هئي. سنڌس وڏو مداح هو. پر، ڀُٽو صاحب پاور ۾ آيو ته جيل ۾ وڌائينس.

الطاف گوهر لکيو آهي ته راشدي صاحب فلپائينس ۾ سفير ٿيو ته "آمريڪي سنڌس دشمن هئا." ممڪن آهي ته ائين هجي. پر، اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، ته آمريڪا جي مخالفت کان پوءِ راشدي صاحب چين ۾ پاڪستان جو سفير ڪيئن ٿيو؟

انهيءَ ڳالهه کان به اهم ڳالهه هيءَ آهي ته اسان اهڙي همت ڪڏهن ڪئي، جو آمريڪين کي ناراض ڪريون؟ پنهنجي فلپائينس جي سفير کي ترقي ڏئي، چين جو سفير مقرر ڪريون! چين تڏهن به فلپائينس کان وڏيڪ اهم ملڪ هو. هاڻي به آهي. شروع کان آمريڪا جي پوٽ به ڪانه اٿس.

بهرحال، راشدي صاحب اڳي پوءِ وري "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ڪتاب ڏي موٽ کاڌي ان جو ٻيو ۽ ٽيون جلد لکيائين. پر، انهي دؤران هڪ اهڙو ڪم ڪيائين، جو منهنجي ساڻس جيڪا ذاتي سڪ هئي، تنهن تي به پاڻي ڦيري ڇڏيائين. هڪ ڏينهن مان ڪراچيءَ ۾ وٽس ويس ته چيائين: "ٽئي جلد بابت راءِ ڏي."

مون ان جا ڪي ٿورڙا تڪر پڙهيا هئا، پر ڪونہ وڻيا ها، جو انهن ۾ ”آمد“ نہ پر ”آورد“ وارو معاملو هو. سو، مون ڪيس چيو تہ، ”رات ڪتاب پڙهي، صبح جو اوهان کي راءِ ڏيندس.“

ٻئي ڏينهن صبح جو مون ڪيس چيو تہ، ”خانبهادر کهڙي واري مضمون ۾ اوهان لکيو آهي تہ جنرل ايوب، يورپ ۾ هو تہ ڪيس خيال آيو تہ ملڪ جي مسئلن حل ڪرڻ ۽ خاص ڪري بنگالين جي وات بند ڪرڻ جو مؤثر طريقو هيءُ آهي تہ اولهہ پاڪستان جا صوبا ختم ڪري، اتي بہ هڪ صوبو ڪجي، يعني ”ون يونٽ“ ناهي، اولهہ ۽ اوير پاڪستان جي ٻن صوبن کي PARITY (برابريءَ) جي بنياد تي هلائجي.“

چيو تہ، ”اوهان پڙهندڙن کي گويا اهو تاثر ڏيڻ گهرو ٿا تہ ”ون يونٽ“ ٺاهڻ ۾ کهڙي صاحب يا توهان جو ڏوهہ ڪونہ هو اهو تہ فوج جي تڏهوڪي ڪمانڊر ان چيف جو فيصلو هو. ليڪن، اوهان اها ڳالهہ وساري ويٺا آهيو تہ هن وقت بہ ملڪ ۾ فوج جي حڪومت آهي. متان جنرل ضياء اوهان جي ڳالهہ جو ڪو منفي اثر وٺي.“

راشدي صاحب منهنجي راءِ ٻڌي، حالي تہ ونجي ويو! پوءِ رازداريءَ ۾ ٻڌائين تہ: ”هاڻي هيئن ڪر، جو ڪتاب مان کهڙي وارو مضمون ڪڍي ڇڏ. مان ٻيو مواد موڪليان ٿو. اهو وجهي، وچ وارا سمورا خالي صفحا پورا ڪري ڇڏ. هاڻي کهڙي صاحب وارو مضمون ٽئين جلد ۾ وجهنداسين. تيسين جنرل ضياء جي فوجي حڪومت ٿي ڪانہ رهندي. بس، حيدرآباد پهچي، مواد لاءِ ماڻهو موڪل.“

مان حيدرآباد موٽي آيس. راشدي صاحب ڏي ماڻهو موڪليم. موٽي آيو ٻڌايائين تہ: ”سائين خانبهادر کهڙو تہ ڏاڍو ڪو عجيب ماڻهو آهي!“

مون چيو تہ، ”ڇا ٿيو؟“

چيائين تہ، ”راشدي صاحب سان مليس. جنهن چيو تہ: ”بابا، ڇا ڪريان! خانبهادر کهڙو ڪالهہ لاڙڪاڻي مان پراڻن ڪاغذن سان پريل ڪاٽ جون ڪيئي پيٽيون ڪڍائي آيو آهي، تہ هي سمورا احوال منهنجي مضمون ۾ وجهہ، سو لاچار آهيان. سڀ ڪاغذ پڙهي، کهڙي صاحب وارو مضمون نئين سر لکڻو پوندم. تيسين اوهان سندس مضمون هن جلد مان

ڪيڍي ڇڏيو ۽ انهيءَ جي جاءِ تي نئون مواد وجهو. اهو مواد مون وٽان ڪٽي وڃ. کهڙي صاحب وارو مضمون ڪتاب جي ٽئين جلد ۾ وجهنداسين.“

مون کيس چيو تہ، ”ادا، ڪتاب جو لکندڙ راشدي صاحب آهي، جيڪا سندس مرضي. اسان ڇا ٿا ڪري سگهون؟“

اسان راشدي جو موڪليل موادُ ڪمپوز ڪرڻ شروع ڪيو. ٻيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ جي اُونَ ڪانہ ڪئي. اسان کي تہ دل ۾ ڪو بہ غير گمان هو ئي ڪونہ. هوڏانهن، راشدي صاحب ڪو کهڙي صاحب کي سبز باغ ڏيکاريا هئا تہ، خانبهادر! مون توهان تي اهڙو تہ شاندار مضمون لکيو آهي، جو توهان جي دامن تان ون يونٽ جو داغ ڌوئي ڇڏيندو. تاريخ جي صفحن ۾ اوهان کي اڇو اجرو ڪري بيهاريو اٿم.

”سو کهڙو صاحب ٻئي جلد جي اشاعت جو سخت انتظار ڪري رهيو هو. ٻيو جلد شايع ٿيو تہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو چيئرمن سائين شاهہ محمد شاهہ (مرحوم) ڪنهن ڪم سان ڪراچيءَ ويل هو. پاڻ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هوندو هو تہ کهڙو صاحب بورڊ جو صدر هو. سو تڏهن کان وٺي، ڪڏهن ڪڏهن کهڙي صاحب سان ملندو رهندو هو. شاهہ صاحب مون کي فون ڪئي تہ، ”سائين، ڪالهہ کهڙي صاحب سان مليس. ڪا ڳالهہ ڪيائين. پنهنجن جي هنيل آهي، پر اُلڪي جي ڳالهہ ڪانهي. الله ڪندو تہ سڀ خير ٿيندو. مون معاملو درست ڪري ڇڏيو آهي.“

مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي ڪانہ آئي. ٻئي ڏينهن شاهہ صاحب حيدرآباد موٽي آيو ۽ ڳالهہ ڪيائين تہ، ”خانبهادر کهڙي وٽ ويو هوس. ڳالهين مٿي ڳالهين نڪتيون. بورڊ جو ذڪر نڪتو تہ پڇيائين تہ، ”شاهہ صاحب، سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪو مهاجر آفيسر آيو آهي ڇا؟“

مون چيو تہ: ”سائين سيڪريٽري تہ غلام رباني آگرو آهي. جيڪو پڪو سنڌي (SOLID SINDHI) آهي. اوهان واري بورڊ ئي کيس مقرر ڪيو هو. ڳالهہ ڪهڙي آهي؟“

خانبهادر کهڙي چيو تہ، ”راشدي پنهنجي ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ مون تي ڏاڍو ڪو شاندار مضمون لکيو هو پر ڪالهہ آيو سو ڳالهہ ڪيائين تہ، خانبهادر! ”بورڊ ۾ ڪو اهڙو ڪٽر سيڪريٽري آيو آهي. جنهن جي اوهان

سان اٽيٽت آهي جو اوهان وارو مضمون ڪتاب مان ڪيئي اجلائي ڇڏيو اٿس!“
هاڻي اوهان ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي چئي سندس ڳڻ مهت ڪرائي ڇڏيو!“

شاهه صاحب جي واتان اها ڳالهه ٻڌي مان ته وائڙو ٿي ويس!

مون کي اڄ به ياد آهي ته منهنجو اهو ڏينهن ائين گذريو جيئن ڪو ماڻهو پنڪين ۾ هجي. ڪا ڳالهه نه وڻي، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن ڏک ۾ ٻڏندو ويس. دل ۾ چيم ته ”راشدي صاحب ۽ سندس ڀاءُ سائين حسام الدين شاهه جي زندگي ڀر خدمت ڪئي اٿم. ان ڳالهه جي کيس ذري پُرزي خبر آهي. پنهنجي ڪتاب جي ٻئي جلد مان کهڙي صاحب جو مضمون پاڙ ڪڍائي، هاڻي وري الزام اسان تي هڻي رهيو آهي!

ڪيئي ڳالهيون ياد آيون.

جڏهن مان حيدرآباد جي سول لائينس جي بنگلي نمبر: 3 ۾ بورڊ جي آفيس ۾ رهندو هوس ته راشدي صاحب ڪراچيءَ کان دادوءَ ايندي ويندي ڏيهرو مون وٽ ڪندو هو ۽ ڏينهن ٿاري اڳتي ويندو هو. ڪڏهن پنهنجي فيمليءَ ۽ نوڪرن چاڪرن سان گڏ ايندو هو. ٻه ٽي ڪتا پڻ ساڻ هوندا هئس. بورڊ جون آفيسون حيدرآباد شهر مان ڪڇي جامشوري ۾ آيون، ته اتي به اها رسم ۽ ريت قائم رکيائين. مان، وس آهر سندس خدمت ڪندو هئس. هڪ دفعي مان ڪراچيءَ ويل هئس. پاڻ اوچتو آيو. منهنجي ننڍي ڀاءُ شبير فون تي اطلاع ڏنو مون کيس هدايت ڪئي ته راشدي صاحب جي خدمت ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏجي.

شبير لنچ جو ته خاطر خواهه انتظام ڪيو پر، موڪلائڻ مهل کيس بامبي بيڪريءَ جا درجن ڪيڪ پيش ڪيائين. اهو ڏسي راشدي صاحب چيس ته ”بابا، تو ته ڪِيڙُ ڪيو آهي. ايڏو خرچ!“

اهي ڳالهيون ياد آيون، ته هيڪاري ڏک ٿيو بهرحال مسئلو ته به اڪين اڳيان موجود هو. سوچ ويچار ڪري، رات جو خط لکيم، جيڪو منهنجو هڪ اعتماد وارو ماڻهو کڻي ڪراچيءَ روانو ٿيو. صبح جو موٽيو احوال ڪيائين ته ”سائين حسام الدين شاهه جي جاءِ تي خط ڏنم. ڪجهه دير کان پوءِ مسز ممتاز راشدي صاحبه کي لارينس روڊ واري بنگلي تان گهرايائون. آئي ته مون کي سجاتائين ۽ کيڪاريائين. اندر وئي دير دير سان ٻاهر

نڪتي، پر، ڳڻتيءَ ۾ ورتل هئي. سو مان پاڻيان ٿو تہ سائين حسام الدين شاهہ اوهان جو خط ڪيس ڏيکاريو هو."

مسز ممتاز راشدي مون کي پاڻينديءَ هئي. هڪڙو ٿورو تہ اهڙو ڪيائين، جو عمر ڀر ياد رهندو. ڪنهن زماني ۾ بُڪيءَ (KIDNEY) جي بيماريءَ ۾ مبتلا هئس. ڪراچيءَ ۾ سڏيائين ۽ منهنجو علاج وڏي توجهہ سان ڪرايائين. اڳتي هلي، اهڙا ٻيا بہ ڀلائيءَ جا پير کنيائين. مثلاً مون کي مجيب پٽ جائو تہ سنڌ جي دستور موجب، ٻارڙي لاءِ ڪپڙن جو وڳو وٺي، تحفي طور، اسلام آباد مان، هوائي جهاز رستي حيدرآباد موڪليائين. جڏهن مان اسلام آباد ايڪيڊميءَ ۾ مقرر ٿيس تہ پاڻ اتي بہ پيرو پرينديءَ هئي. منهنجي ننڍيءَ ڀيڻ سان دل هئس. گهر ۾ اچڻ سان ڪيس چاءِ ڪبابن جي فرمائش ڪندي هئي.

دراصل ڳالهہ آهي ماڻهوءَ جي اخلاق جي! ماڻهو اخلاق جي وسيلي ئي ٻئي انسان کي پنهنجو مطيع ڪري سگهي ٿو. مون سان جيڪي پير پريائين، سي منهنجن ويجهن دوستن کان بہ ڪونہ پڳا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن هلڪو سلڪو ڪم چوندي هئي، جو ڪري ڇڏيندو هوس. مثلاً ڪڏهن سوسيءَ جي زالاڻن وڳن، ڪڏهن پرت پريل سنڌي زالاڻن رَون، تہ ڪڏهن ڪن ٻين شين لاءِ فرمائش ڪندي هئي.

سو سمجهيم تہ سائين حسام الدين شاهہ ڪيس منهنجو خط پڙهايو هوندو تہ ضرور ڪيس ڳڻتي ٿي هوندي.

منهنجو شڪ صحيح نڪتو. ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ مان صبح سان سندس فون آئي: "رباني صاحب، تون ڪراچي اچين، تہ سڌو اسان وٽ اچجانءِ."

پاڻ ڳالهائي بس ڪيائين تہ راشدي صاحب جو ڪڙڪو ٻڌم: "بابا، اهو شاهہ محمد شاهہ ڪير آهي؟ وتي ٿو غلط فهميون ڦهلائيندو!"

مون راشدي صاحب کي ڪوبہ جواب ڏيڻ بدران خاموش رهڻ مناسب سمجهيو. البت، خانبهادر کهڙي وٽ وڃڻ جو پروگرام پڪو رکيم.

ڪراچيءَ ويس، تہ سڌو خانبهادر کهڙي وٽ هليو ويس. قرب ۽ شفقت سان مليو. شربت پيارائين. بورڊ جا حال احوال ورتائين. مون سندس

مضمون جو ذڪر ڪيو تہ ڳالهہ لنوائي ويو. لئمبرڪ جي ڪتابن جو ذڪر ڪيائين. جڏهن ساٽس بيهر مضمون جو ذڪر ڪيم ۽ ڪيس ٻڌايم تہ راشدي صاحب تہ هيئن چئي پاڻ اسان ڪان بئي جلد مان اوهان تي لکيل پنهنجو مضمون ڪڍايو آهي، تہ مُرڪڻ لڳو.

مون ڪيس اهو تہ ڪونہ ٻڌايو تہ اوهان جي ڌيءُ حميده، بورڊ ۾ منهنجي گهر اوهان جو مضمون ونڻ آئي هئي، جو چيائين تہ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻو اٿم. مون ڪيس چيو تہ سياڻي پريس مان گهرائي اوهان کي موڪلي ڏيندس. هوءَ هلي وئي تہ مون راشدي صاحب کي فون ڪري حميده کي مضمون ڏيڻ لاءِ موڪل گهري کهڙو صاحب سندس دوست هو. پر، حميده کي ڪِنُو اکر ڪڍي، مون کي چيائين تہ متان ڪيس منهنجو مضمون ڏنو اٿئي!

ڪجهہ دير رکي، تمام آرام ۽ اطمينان سان مون کي چيائين تہ، "بابا، مان راشدي صاحب جون سوين اٽڪلون سڃاڻان! تون ڪابہ ڳڻتي نہ ڪر. رڳو هيترو ٻڌاءِ، تہ تئين جلد ۾ مون وارو مضمون ايندو؟"

مون چيو تہ: "سائين اجازت ڏيو تہ مان اڄ ئي ٻئي جلد کي ڦاڙائي، ان ۾ اوهان وارو مضمون وجهان."

کِلي ڏنائين. چيائين تہ، "نہ، اهڙو ڪم نہ ڪجانءِ، بس، جڏهن ٽيون جلد ڇپجي، تہ ان ۾ وجهي ڇڏجانءِ."

مون ائين ئي ڪيو. پر، کهڙي صاحب جي قرب ۽ اخلاق مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. مان سندس بنگلي تان سڌو راشدي صاحب جي بنگلي تي ويس. اڪيلو ئي اڪيلو ويٺو هو.

"چا پيئنديؤن؟"

"ڪجهہ ڪونہ"

"ماني کائينديؤن؟"

"نہ"، مون ڪيس ٽِڪائيءَ سان چيو "مان آيو آهيان، هاڻي ڦاهي تي چاڙهيو!"

"بابا، ڪير ڪونہ ٿو ڪنهن کي ڦاهي تي چاڙهي! ٻڌاءِ تہ چا پيئنديؤن؟ سيون – اپ پيئنديؤن يا چانءِ؟"

مان اتي هليو آيس. وقت هر زخم جو علاج آهي. زمانو گذري ويو– زخم ڇٽي ويو پر، راشدي صاحب جو ڏنل داغ هميشہ لاءِ رهجي ويو.

❊ ❊ ❊

ڪتاب جو ٽيون جلد ڇپجڻ شروع ٿيو تہ مون ان مان هٿ ڪڍي ڇڏيو. بورڊ جي پريس ۾ هڪ اشراف ماڻهو هو. راشدي صاحب سڌو سنئون ساڻس لڳ لاڳاپو رکيو. کيس آسرو ڏنو هئائين تہ، **"ڪتاب سٺو ڇپيو تہ توکي سونو قلم انعام ۾ ڏيندس."**

جڏهن ڪتاب ڇپجي پورو ٿيو تہ مون کي چيائين تہ، **"اوهان اها ڇپ ڪٿان ڳولي پريس ۾ ويهاري آهي؟"**

ٽئين جلد جي پروفن ۾ هڪ دفعي ڪجهہ دير پئي. الله بخش پٽيوالو راشدي صاحب وٽ ڪراچيءَ ويو ۽ کيس پروف ڏنائي، وٺائنس شربت جو گلاس پيءِ، موٽي آيو ۽ چيائين تہ پروف سائينءَ کي هٿ ۾ ڏئي آيس. راشدي صاحب پروفن ۾ دير لاءِ مون کي تہ ميار ڪانہ ڏني! پر دل جي باهہ ڪڍڻ لاءِ چٺي لکيائين تہ:

> **"اوهان جو پٽيوالو آيو. دروازي جي ٻاهران پروف بنگلي ۾ اندر اُڇلائي هليو ويو. اوهان مولانا قاسميءَ کي سمجهايو تہ پنهنجيءَ سونهاريءَ جو خير گهري، تہ آئنده پروفن ۾ دير نہ وجهي."**

اها چٺي شايد اڃا عزيزم الطاف آگري وٽ پئي آهي. پڙهي، مون کي ڏک ٿيو. سائين قاسمي صاحب بورڊ جو چيئرمين هو. پر، دين جو عالم بہ هو. رحيم بخش سومري جو قول ياد آيو تہ **"راشدي صاحب ڏکيو ماڻهو آهي. سوچي سمجهي کيس ويجهو وڃبو آهي."**

❊ ❊ ❊

"اهي ڏينهن، اهي شينهن" جي ٽن جلدن جي ڇپائيءَ دوران راشدي صاحب جي سڀاءَ جا جيڪي ٻيا تجربا ٿيا، سي هاڻي وسري ويا اٿم. پر هڪڙو اڃا ياد اٿم.

پهرئين جلد ۾ پاڻ سڀ کان اول سر شاهنواز ڀٽي تي ويهن ٻاويهن صفحن جو مضمون لکيو هئائين. پر، اڳتي هلي، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي سان سندس اختلاف وڌي ويا. سو مون کي ڪراچيءَ مان فون ڪيائين، تہ "ڪتاب مان سر ڀٽي وارو مضمون ڪڍي ڇڏ." سندس اصل اکر هي هئا: "اهو مضمون ڇاپي، مان کيس لافاني IMMORTAL چو ڪيان!"

مون سندس چوڻ موجب مضمون ڪيڏي چڏيو. ڪتاب ڇپجي ويو. چڱو وقت گذري ويو. پنو صاحب پاور ۾ آيو ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ٿيو. هڪ ڏينهن راشدي صاحب ڪراچيءَ مان صبح سان سوير فون ڪئي، "بابا، سر پنّي وارو مضمون ڪاٿي؟"

"سائين، مون وٽ آهي."

"مهرباني ڪري محفوظ رکجانءِ. ڪنهن کي ڏيکارجانءِ نہ."

انهيءَ ڏينهن، سندس ڳالهائڻ ۾ مکڻ ۽ ماکيءَ وارو ميٺاج هو. وچ تي الله جو ڏينهن ئي هڪڙو گذريو. ٻئي ڏينهن، ٿاڪ منجهند مهل، آفيس جي عمارت هيٺان "پان" "پان" ٿي. ماٺهو ڏاڪڻ تي چڙهي مٿي آيو تہ راشدي صاحب اوهان کي هيٺ سڏي رهيو آهي. سائيرڙي رنگ جي وڏي ڪار بيٺي هئي. راشدي صاحب اڳيان ڊرائيور جي پاسي ۾ سيٽ تي ويٺو هو ۽ سائين حسام الدين شاهہ پٺينءَ سيٽ تي ويٺو هو.

"بابا، سر پنّي وارو مضمون؟"

"مون وٽ آهي."

"ڪٿي اچ."

مون مضمون جي فوٽو ڪاپي ڪرائڻ ۽ سانڍڻ بہ بداخلاقي سمجهي. مان اهي نڳيون ڪونہ ڄاڻان پر، مضمون پڙهيو هئم. ان جو شروعاتي حصو اڃان ياد اٿم.

بهرحال، مٿي آفيس ۾ ويس. ڪبٽ مان، مضمون ڪيڏي آٽي ڏنومانس. ڪاري رنگ جي صدري پاتل هئس. مضمون وڏي احتياط سان ويڙهي، ان جي اندرئين کيسي ۾ وڌائين تہ سائين حسام الدين شاهہ مون کي چيو تہ "ڪار ۾ ويهہ"

ڪار هلي، راڻي باغ جي پرسان حنيف صديقيءَ جي گهر وٽ بيٺي. اندر وياسين. حنيف صديقيءَ کي ڪو اڳي ئي اطلاع ڪيو هئائون. ماني نهرايون ويٺو هو. سندس فرزند شفيع اسان جون پولورائڊ ڪئميرا سان تصويرون ڪيون. راشدي صاحب ڪئميرا جي تعريف ڪئي. حنيف صديقيءَ اتي جو اتي ڪئميرا ڪٽي کيس نذر ڪئي.

گذريل زمانن جون ڳالهيون نڪتيون. حنيف سڪ سان ساٿس نندپڻ جا داستان بيان ڪندو رهيو ۽ کيس ڪڏهن "علي محمد" تہ ڪڏهن "علي

محمد شاهہ“ ڪوٺيندو رهيو. نِنديپڙ جا اهي قصا ڪندي، دل پرجي آيس، اکين مان ڳوڙها وهي آيس.

حنيف صديقي پنهي پائرن جو نِنديپڙ جو ساٿي هو. ساڻن پڇاڙيءَ تائين سڪ قائم رهيس. پراڻا يار ڏاڍا پيارا ٿيندا آهن. حنيف کي ڪتابن پڙهڻ جو شوق هو. سائين حسام الدين شاهہ چوندو هو تہ. ”اسان پنهي پائرن کي انهيءَ ڏڳ سان لائڻ وارو ماڻهو حنيف صديقي هو.“

حنيف صديقيءَ جي گهر مان نڪتاسين، تہ راشدي صاحب چيو تہ. ”رباني، جي ڪراچيءَ گڏيو هلين، تہ ڪچهري ڪندا هلون.“

مون چيو: ”سائين، هلو.“

ڪراچيءَ روانا ٿياسين. رستي تي دلچسپ ڳالهيون ڪيائين. مکيہ موضوع زال ذات هئي. سنڌي مسلمان ۽ هندو زالن جي نفسيات تي تبصرو ڪيائين. مسلمان زالن کي ”دوزخ جا اُلا“ ۽ هندو زالن کي ”بهشت جون حورون“ ڪوٺيائين. مثال ڏنائين تہ واڻيو سڄو ڏينهن هٽ هلائي، گهر پهتو تہ جوٽس کٽ تي ويهاري، پيرن مان جوتو لاهي، نيم گرم پاڻيءَ جي بالٽيءَ ۾ پير رکندس، تہ گهٽيءَ وهڪ ڪري جيڪو ٿڪُ ٿيو هوندس، اهو لهيس. پوءِ پيرن کي انگوڇي سان اُگهي، هوريان هوريان زور ڏيندس، تہ قرار اچيس. واڻيو چيلهہ ڏکهي ڪندو تہ پاڻ ڊوڙ پائي، گرم گرم ڦلڪا ڪڍي ونندي ۽ اچي پيار مان چونديس تہ، ”گوبند جا پيءُ ڦلڪو تہ کاءُ.“ واڻيو اٿندو تہ اڳيان پيو انگوڇو وڇائي، هڪڙي ڪٽوري ۾ ٻوڙ تہ ٻئي ۾ ڀاڄي، تہ ٽئين ۾ دال اڳيان رکندس. ان سان گڏ ڪا سٺي شيءِ، مثال طور صوفن جو مربو يا انبڙين جو اچار پاپڙ ۽ ٿڌو پاڻي! واڻيو فرحتي گرهہ وجهي کٽ تي ليٽندو تہ وري پيرن کي زور ڏيندس تہ اک لڳيس.

هوڏانهن مسلمان هاري ڪاڙهي تتي ۾ ٻنيءَ ۾ هر ڪاهي، گهر موٽندو. پگهر پيو ڳڙندس گهر اندر وک وجهندو تہ جوٽس ڪيس ڏسي انهيءَ ئي ٻار کي ٽڪڻ تي چنبو هڻندي، جنهن جو مٿو تازو پاڪيءَ سان ڪوڙيل هوندو. چورو پرڙات ڪندو تہ پاڻ بہ واڪو ڪندي: ”مٺا، دال نہ کائيندين، تہ پلاءُ کائيندين؟ وڃي پٺين کي چئہ.“

ويچارو مسلمان ٿڌو ساهہ پري ويهي رهندو.

❊ ❊ ❊

وقت گذرندي دير ڪانہ ٿي لڳي. ڪجھہ سالن ڪان پوءِ، مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو- وائيس چانسيلر مقرر ٿيس. حنيف صديقي هيءَ جهان ڇڏي ويو. هڪ ڏينهن پنس شفيع پنهنجيءَ ڌيءَ جي ڪنهن معاملي ۾ مدد وٺڻ لاءِ آفيس ۾ ملڻ آيو. مون قرب سان چيس تہ "راشدي صاحب اڄ ڪلھہ صدرِ پاڪستان، ڀُٽي صاحب جو صلاحڪار آهي. ساڻس بہ صلاح ڪريون."

چيائين تہ "چاچا، منهنجي ڌيءَ اسلام آباد ويئي هئي. پورا پندرنهن ڏينهن سندس ئي گهر ۾ ٽڪيل هئي. پر راشدي صاحب ڪونہ مليس."

جڏهن اهو سڄو احوال ٻڌايائين، تہ مان ڏک ۾ ويڙهجي ويس. حنيف صديقيءَ جي گهر ۾ دعوت جو منظر ۽ سندس سڪ ڀريا سڏڙا ياد آيا: **"علي محمد شاهہ، او علي محمد شاها!"**

❊ ❊ ❊

سنہ 1976ع کان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت دوران ڪي دلچسپ مشاهدا ٿيا. سو مون ڊائري لکڻ شروع ڪئي. ان مان هڪ ورق هت نقل ڪريان ٿو:

> ڪالهہ صبح جو غلام نبي ميمڻ اڳوڻو وزير قانون، مغربي پاڪستان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي پٽ جي داخلا لاءِ مون سان ملڻ آيو. ان سلسلي ۾ ہ چار دفعا اڳ پڻ آيو آهي. معاملي ۾ ڪو اٽڪاءُ آهي. هر دفعي ساڻس سندس ڪچهري ٿيندي آهي. هن ڀيري منهنجيءَ مدد سان سندس ڪم ٿي ويو. خوش ٿيو. ڪچهري ڪندي ٻڌايائين تہ ايوب خان جي دؤر ۾ جڏهن پاڻ ون يونٽ واري دور ۾ نواب ڪالا باغ جي حڪومت ۾ وزير قانون هو تڏهن راشدي صاحب سان اهو طئہ ٿيو هو تہ هو ايوب خان جي حمايت ۾ اخبارن ۾ آرٽيڪل لکندو ۽ موٽ ۾ کيس پندرنهن سؤ رپيا ماهيانو معاوضو رهائش لاءِ گلبرگ ۾ بنگلو ۽ اچڻ وڃڻ لاءِ ڪار ملندي. هن چيو تہ انهي خرچ پکي جو سڄو بار ڪراچيءَ جي سيٺ دائود تي رکيو ويو هو جنهن جا نواب ڪالا باغ سان گهرا مراسم هئا.

غلام نبي ميمڻ صاحب ٻڌايو تہ راشدي صاحب جا مضمون ڪڏهن ڪنهن جي نالي سان تہ ڪڏهن ڪنهن جي نالي سان ڇپبا هئا. هڪ مضمون سندس (غلام نبيءَ ميمڻ) جي نالي ۾ بہ ڇپيو هو جنهن ۾ فاطمہ جناح جي مخالفت ڪيل هئي، جا صدر محمد ايوب خان سان چونڊن ۾ بيٺي هئي. ان ۾ صدر ايوب خان پنهنجي هٿ سان هي اکر وڌايا هئا تہ "محترمہ فاطمہ جناح کان پڇيو وڃي تہ هن پاڻ قائداعظم يادگار (مقبري) جوڙائڻ لاءِ ڪل ڪيتري امداد ڏني آهي؟"

غلام نبي ميمڻ چيو تہ مضمون جي اشاعت بعد اردو پريس ۾ ان جي مخالفت ٿي، سو صدر ايوب چيو تہ "راشدي صاحب جا مضمون مون لاءِ چڱي ڳالهہ نہ آهن، انهن کي بند ڪيو وڃي."

❊ ❊ ❊

ميمڻ صاحب جي مٿين ڳالهہ ٻڌي مون کي ياد آيو تہ تن ڏينهن ۾ مان سنڌي ادبي بورڊ جي سالياني گرانٽ جاري ڪرائڻ لاءِ لاهور ويو هوس. راشدي صاحب فلئٽيز هوٽل ۾ ٽڪيل هو. سائين حسام الدين شاهہ جي چوڻ تي مان ساڻس ملڻ ويس. پاڻ ڪمري ۾ ڪونہ هو. ڪو ٽائيپسٽ انگريزي مضمون ٽائيپ ڪري رهيو هو. راشدي صاحب ڪي علمي ۽ ادبي ڪتاب وٺي آيو هو. مان اهي ڏسڻ لڳس، تہ ايتري ۾ پاڻ بہ اچي ويو. چڙ مان چيائين تہ: "WHAT ARE YOU DOING HERE"

اُهي اکر ٻڌي مان هڪو ٻڪو ٿي ويس! ڪيس چيم تہ "لاهور سرڪاري ڪم سان آيو هئس. واپس پئي ويس. پر، سائين حسام الدين شاهہ جي چوڻ موجب، اوهان سان ملڻ هيڏي آيس."

اهو ٻڌي اول تہ ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ڏسندو رهيو. پر، پنهنجي چڪ محسوس ڪري منهنجي دل پرچائڻ لاءِ ڏاڍي قرب سان چيائين تہ "ڪيئن ڪتاب وٺيئي؟"

مون ٿڌائيءَ سان چيو تہ "سٺا آهن." ائين چئي اٿي هليو آيس. پر، ڪيترا ڏينهن ارمان رهيو تہ وٽس ويس ڇو؟

توررن ڏينهن بعد غلام نبي ميمڻ جي نالي ۾ "پاڪستان ٽائيمس" ۾ هڪ آرٽيڪل شايع ٿي، جنهن ۾ صدر ايوب خان جي حمايت ۽ فاطمه جناح جي مخالفت هئي. مون کي ميمڻ صاحب جي ڳالهه ٻڌي خيال آيو ته لاشڪ ته اها ئي آرٽيڪل فليٽيز هوٽل ۾ ٽائيپ ٿي رهي هئي. راشدي صاحب کي انديشو ٿيو ته متان مون ڏسي ورتي هجي!

بهرحال، اهي آرٽيڪلس پنهنجيءَ جاءِ تي رهيون. راشدي صاحب، غلام نبي ميمڻ ۽ نواب ڪالاباغ سان گڏ سازش ڪري، ايوب خان جا ڪَنَ پريا. نواب ڪالا باغ، پِيَرِ صاحب جو سخت دشمن هو پِيَرِ صاحب جا پيا به جبرا دشمن هوندا. ليڪن، راشدي صاحب پڻ پنهنجون اٽڪلون هلايون. آخر، هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو ايوب خان، پِيَرِ صاحب کي وزارت خارجه تان لاهي ڇڏيو.

* * *

راشدي صاحب انگريزن جي ڏينهن ۾ ته ان کان به وڌيڪ تمام خوفناڪ ڪم ڪيو هو. آخر، ماڻهو جو سنڌس نالو ٻڌي ڇرڪندا هئا. تنهن جا ڪي ته سبب هئا. رحيم بخش سومري جي ڳالهه ۾ واقعي وڏو وزن هو ته بدلجندي دير ڪونه ڪندو هو.

پاڻ غير معمولي ماڻهو هو ۽ ڪيس غير معمولي ماڻهو ئي وڻندا هئا. مثلاً سيد جمن شاهه حُقائي، حافظ مبارڪ علي شاهه (نابينا)، نانگو شاهه ۽ ٻيا. مون ٽئي ڏٺا. هر هڪ پنهنجيءَ جاءِ تي وڏي 'رپ' هو.

راشدي صاحب هڪ ڏينهن ڪراچيءَ مان فون ڪئي ته منهنجي دادوءَ واري فارم لاءِ نانگي شاهه کان ڪجين جي چڪين جي پڇا ڪري، فوراً جواب ڏي.

مان نانگي شاهه جي پڇا ڪري، ڦليليءَ جي پاسي ۾، سنڌس اوتاري تي پهتس. وڏيءَ عمر ۽ وڏيءَ ڏاڙهيءَ وارو هڪ شخص مليو. وٽڪار ۽ ٽڏڪار ڪاڻ وڏا وڏا وڻ رکي، جهنگل ۾ منگل ڪري ڇڏيو هئائين. پر، بندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب جي من ۾ ٻي. سڀ وڻ ڪلر جي ڪري، سُڪي نوٽ ٿي ويا. سائين نانگو شاهه سُڪا ٿُڙ ڏسي تڏا ساهه پريندو رهيو. سنڌس ڇپن تي اهو جملو هو جيڪو فاطمه جناح جي اليڪشن ۾ هارائڻ

حقيقت الائي ڪيئن آهي، پر ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. تہ سنڌ، پير علي محمد راشديءَ جهڙا ذهين ۽ شاطر ماڻهو ڪي ٿورڙا پيدا ڪيا. پيراڻو پر غريباڻو ٻار هو. سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل "اهي ڏينهن اهي شينهن" جي سنڌي ادبي بورڊ واري ڇاپي جي پهرئين جلد جي پنئين پاسي تي ڪتي سان گڏ ڇپيل تصوير ان حقيقت جو عڪس آهي.

هو سنڌ جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ انهيءَ ئي مٽيءَ ۽ پاڻي تي پليو هو جتي اڄ بہ اُس ڪانو ڪتي، اڪ، ڪنڊيءَ ۽ ڪانڊيري جو منظر عام آهي. اهو منظر ڏسي، ماڻهوءَ جو هيانءُ ئي ماندو ٿي ويندو آهي. عام محاوري موجب، تعليم نصيب ڪانہ ٿيس. جيسين ڏاڏو حيات هيس، تيسين ڳوٺ ۾ ڪوٺ جي اجهي ۾ اوٺ مزو ڏنس. پوءِ "اپڻي گهوٺ تہ نشا ٿيوي" جي اصول تي عمل ڪيائين. ڳوٺ ڇڏي شهر جي واٽ ورتائين. سفر جي راهہ پاڻ گهڙيائين.

مون اڳ ۾ بہ چيو آهي تہ سندس زبان اگهاڙي ترار وانگر هوندي هئي. همسفرن جو جيڪو مشاهدو ماڻيائين، ان جي آڌار تي عام ماڻهن کي ٽن حصن ۾ ورهايائين: هڪڙا "چاڪر" ٻيا "چوڪر" ۽ ٽيان "چل ڪُستہ زن."

پر، سنڌ جي صدين کان لتاڙيل ڳوٺن جي مسڪينن ماڻهن سان محبت هئس. جڏهن روينيو وزير هو، تڏهن هڪڙي ڪتابڙي ڇپائي ورهايائين، تہ سنڌ ۾ هيترا لک ايڪڙ زرعي زمين آهي، جنهن تي مُٺ جيترن ماڻهن جو قبضو آهي! هوڏانهن لکين هاري آهن، جن وٽ هڪ جريب بہ ڪونهي. سندن گذران جو ترجمان ڀٽائيءَ جو قول آهي:

**"آٽين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏهاڙي سومرا."**

اها ڇوپڙي ان ڪري ڇپائي هئائين، جو سنڌ مان جاگيرداريَ نظام جي پاڙ پٽڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. ڇوپڙيءَ جي مٿان هڪ بکايل ٻڪريءَ جي تصوير هئي، جا ڪنهن وڻ مان سائو پَنُ پٽڻ لاءِ ڪُر ڪڍي بيٺي هئي. بکايل ۽ ڏکايل سنڌ جي اها لاجواب علامتي تصوير اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان آهي.

راشدي صاحب، وڏيري کي سنڌي ماڻهو جووڏي ۾ وڏو دشمن سمجهندو هو. چوندو هو تہ جيسين سنڌ ۾ وڏيرا آهن، تيسين مسڪين ماڻهو سک جو ساهہ ڪونہ کڻندا.

پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ۾ وڏيرن، پيرن ۽ ميرن کي ننديو اٿس. سائين جي.ايم. سيد ڏانهن لکيل خطن ۾ به اها ئي ڳالهه ڪئي اٿس. هڪ خط ۾ ڪين "مِرون" ڪوٺيو اٿس! سائينءَ کي لکيو اٿس ته انهن مِرن لاءِ پاڻ کي پريشان نه ڪريو. ڇڏيون ته پنڪا پڌيون، لاهور جي گهٽين ۾ پيا ڌڪا کائين. (اهو خط ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ واري زماني جو لکيل آهي)

سائين حسام الدين شاهه هڪ دفعي مون کي چيو هو ته. "سوشلسٽ خيالن جا نوجوان اڄ جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا اهي علي محمد شاهه مون سان ٽيهه ورهيه اڳ ڪندو هو!"

راشدي صاحب ايوانِ اقتدار ۾ پير پائڻ کان ڪئين ورهيه اڳ "STORY OF THE SUFFERINGS OF SINDH" "سنڌ جي سورن جي ڪهاڻي" نالي سان انگريزيءَ ۾ به هڪڙو ڪتابڙو لکيو هو جو خانبهادر کهڙي جي نالي ۾ شايع ٿيو هو. کيس مسڪين سنڌين سان محبت هئي، انهيءَ ڪري، وڏيرن جي پاڙ پٽڻ ۽ سنڌ جي بي رحم جاگيردارنه معاشري کي بدلائڻ جو عزم ڪري اُٿيو هو. پر، کين ڪجهه ڪونه ڪري سگهيو ڇو ته انگريزَ پوتارن کي جاگيرون ۽ وڏيون زمينداريون ڏئي، سندن پير پختا ڪري ويا.

پٽي صاحب به سوشلزم جون ڳالهيون ته گهڻيون ڪيون، پر عملي طرح ڪجهه به ڪري ڪونه سگهيو. سندس حڪومت ۾ ته سنڌ جا وڏيرا هيڪاري زور وٺي ويا.

انگريزن کان آزادي ملي، ته هندستان ۾ جاگيرداري ۽ زمينداري ختم ٿي وئي.

تازو .B.B.C تي سنڌ جي اتر جي پاسي بدامنيءَ بابت، انٽرويو هليو. ماڻهن کُليو کُلايو چيو ته "اسان جي پاسي خون خرابي ۽ ڦرلٽ جا مکيه ڪارڻ به آهن: هڪ سردارُ ۽ ٻيو پوليس عملدارُ."

هندستان ۾ زميندار ختم ٿيا، ته جمهوريت زور وٺي وئي. پاڪستان ۾ ائين ڪونه ٿيو ته وڏيرو وڏو قَدُ ڪري ويو ۽ جمهوريت ختم ٿي وئي.

آمريڪا جي هڪ اهم اخبار به اعتراف ڪيو آهي ته. "پاڪستان ۾ ٽي چار طاقتور ڌريون آهن، جن ۾ هڪ وڏا وڏيرا، سردار ۽ خان آهن."

سو راشدي صاحب، سنڌ جي عام ماڻهوءَ سان محبت ۽ وڏيري سان

نفرت هوندي ۽ ڪجهه ڪري ڪونه سگهيو ته مٿس ميار ڪانهي.

راشدي صاحب جي ذاتي زندگي سنڌي ڪلچر جي قالب ۾ ڍلتيل هئي. پڪي راڳ (CLASSICAL MUSIC) جو عاشق هو. جڏهن وفاقي وزير اطلاعات ۽ نشريات هو ته ڳوين جي سرپرستي ڪندو هو. منيلا ۾ سفير هوندو هو ته ۾ سنڌي ڪافيون ڳائي، رڪارڊ ڪرائي، سائين حسام الدين شاهه کي ڪراچيءَ موڪليون هئائين. مون ٻڌيون. سندس آواز ۾ ڏاڍو سوز هو. هڪڙي ڪافي جا هي اکر ياد اٿم:

سمجهه سياڻا، سوڍل يار سياڻا،

او سوڍل يار سياڻا!

تازو ڪراچيءَ ۾ راشدي صاحب جي ننڍي فرزند عادل شاهه راشديءَ سان گڏ پنهنجي مشترڪ دوست جلال لانگاهه وٽ ٻيون سندس ڪافيون ٻڌم. پاڻ جڏهن مينلا ۾ سفير هو ته بي.بي.سي. کي سنڌي راڳ تي ڪو اڌ ڪلاڪ جو انٽرويو ڏنو هئائين. ڪافيءَ جو پسمنظر ٻڌايو هئائين، ته هيئن ڪيٽيءَ ۾ چوڏاري ساوڪ هئي. پاٽيءَ جي چنبي جي پرسان چادرون وڇائي ويٺا هئاسون. چوڏاري لوا هئا، جن واڱڻائي رنگ جو ٻور جهليو هو. نظارو ڏاڍو سهڻو هو. ڏاڏي جي هڪ دوست اسان جي دعوت ڪئي هئي ۽ مانيءَ کان پوءِ هيءَ ڪافي سنڌي سازن تي ٻڌائي هئي، ان کان پوءِ اها ڪافي پاڻ ڳائي هئائين.

❊ ❊ ❊

لنڊن ۾ انگلستان جي راڻيءَ سان ملاقات مقرر ٿيس. اعليٰ درجي جي انگريزي لباس هوندي به هوائي جهاز رستي، سنڌ مان پراڻي طرز جي زريءَ سان ڀريل ميراڻي ٽوپي گهرايائين، جا ملاقات مهل بڪنگهام پئليس ۾ پائي ويو. هُو ذاتي زندگيءَ ۾ تاجي پيٽي سنڌي هو.

قدرت سندس ساهه سنڌ جي ڌرتيءَ سان سنهيءَ سٽيءَ سان سبي ڇڏيو هو. سيم سان ڀريل جتيون، ميراڻيون ٽوپيون، ململ جا پٽڪا ۽ ٽٽي جون لونگيون شؤق سان پائيندو هو. ڪريون - اي (CRAVEN-A) سگريٽ بدران پن جون ٻيڙيون ڇڪيندو هو. انگريزي طرز تي ڪانٽن ۽ ڇرين بدران، سنڌي نموني، هٿن سان ماني کائيندو هو.

مٽيرن جو آچار، سرنهن جو ساڳ، ڪڪڙ جو پلاءُ، تتر جو ٻوڙ ۽ پڪل

تلور کي بهشت جون نعمتون پائيندو هو. شراب ڪباب کي سچي عمر ويجهو ڪونہ ويو نہ وري رنڊين جو راڳ ٻڌائين. پر سنڌ سان ايڏي عشق هوندي بہ "ون يونٽ" جهڙي ڪُڌي ڪم ۾ هٿ وڌائين. تہ پنهنجو دامن هميشہ لاءِ داغدار ڪري ڇڏيائين. اهو داغ سچي عمر ڌوئي ڪونہ سگهيو. اهو ئي سبب آهي، جو پاڻ بہ پوءِ کهڙي صاحب وانگر سنڌ جي سياست ۾ وري اُڀري ڪونہ سگهيو.

سائين جي.ايم. سيد ڏانهن پنهنجي خطن ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ جيڪو دليل ڏنو اٿس، اهو تمام ڪمزور آهي. حفيظ قريشيءَ صحيح چيو هو تہ. "رڳو فردَ مظلوم ڪونہ ٿيندا آهن. قومون بہ مظلوم ٿينديون آهن. راشدي صاحب جون وڏيرن تي باهيون هيون. پر. ون يونٽ ٺاهي، هن رڳو وڏيرن کي لاهور جا ڌڪا ڪونہ کارايا. سڄيءَ سنڌي قوم کي مظلوم ڪري ڇڏيو!"

سائين جي.ايم سيد مون سان ڳالهہ ڪئي تہ پيرزادي صاحب، خانصاحب کيهر، راشدي صاحب ۽ قاضي محمد اڪبر کي پنهنجيءَ وزارت مان ڪنهن سياسي سبب ڪري ڪڍي ڇڏيو. راشدي صاحب جي "انا" مجروح ٿي هن انهيءَ بيعزتيءَ جو انتقام وٺڻ لاءِ سٽون سٽڻ شروع ڪيون. موقعي جو انتظار ڪندو رهيو. جڏهن ڪٽڪ پيس تہ ڪي پنجابي سياستدان بنگالين کي منهن ڏيڻ لاءِ ملڪ ۾ ٻنهي پاسي ٻہ صوبا ٺاهي، سڄو قصو برابريءَ (PARITY) جي بنياد تي هلائڻ گهرن ٿا تہ راشدي صاحب وٽي ساٿن شامل ٿيو.

سنڌ صوبي کي اولهہ پاڪستان جي يڪي صوبي ۾ مدغم ڪرڻ لاءِ پنجابين کي ٻيو مؤثر مددگار خانبهادر کهڙو نظر آيو هن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي مخالفت ڪئي هئي. لياقت عليءَ وارن چونڊيل سنڌي وزير اعليٰ هوندي بہ کيس ٻسمس ڪيو ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو. کهڙي صاحب سنڌ لاءِ ايڏي قرباني ڏني. پر. سنڌي وڏيرن ان جو قدر ڪونہ ڪيو. وڏيرو هميشہ سرڪار پرست ٿيندو آهي. کهڙو صاحب دلي طرح مجروح ٿيو ويٺو هو. موقعي جي انتظار ۾ هو. جڏهن پنجابي سياستدانن خاطري ڏنس تہ اسان سنڌين کي ون يونٽ ۾ سڀ حق ڏينداسين تڏهن هو ون يونٽ ٺاهڻ لاءِ آماده ٿي ويو. ائين ون يونٽ جي معمارن کي پنهنجي مرضي

جا گهربل ماٺهو ملي ويا ۽ کهڙي صاحب ۽ راشدي صاحب کي ٻه پنهنجن وڏيرن کان انتقام وٺڻ جو موقعو ملي ويو. سنڌ ۾ پيرزادي صاحب جي وزارت ختم ٿي وئي. راشدي صاحب، خانبهادر کهڙي سان گڏ پاور ۾ آيو.

سائين جي.ايم. سيد انهيءَ ڳالهه تي تبصرو ڪندي چيو ته، **"کهڙي کي ون يونٽ جو گناهه بخشي سگهجي ٿو ليڪن راشديءَ کي نه."**

ون يونٽ جي مخالفت ڪري، سائين جي.ايم.سيد سالن جا سال نظربند هو. جڏهن ون يونٽ ٽُٽو ته لڏ ۾ آيو. سنڌ جي نوجوانن ئي ورهين جا ورهيه محنتون ڪري، ڪيس سنڌ جو هيرو ڪيو هو. وڏيرا ۽ سيد سڀورا ته ڪڏهو ڪو ڇڏي ويا هئس. پر، حيرت آهي ته جڏهن راشدي صاحب پاسو ڏنس، ته نوجوان اديب، شاعر ۽ شاگرد اڳواڻ وسري ويس. بلڪه ون يونٽ ٺاهڻ ۾ راشدي صاحب جو ڏوهه به وسري ويس. جيئن راشدي صاحب چيس، تيئن ڪيائين.

سائينءَ کي ائين آسانيءَ سان نوجوانن کان ڦيرائي وجهڻ واقعي راشدي صاحب جو ڪمال هو!

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب جي "انا" ۽ "ارڏائيءَ" جا ڪيئي داستان ٻڌا اٿم. ڪي خود کانئس، ڪي سائين جي. ايم. سيد کان، ڪي سائين حسام الدين شاهه کان، ڪي حاجي مولابخش سومري کان، ڪي رحيم بخش سومري کان ۽ ڪي سندس فرزند حُسين شاهه کان. پر، انهن ۾ هڪڙو به ڪتاب ۾ لکڻ جهڙو ڪونهي! ڏاڍا ڏکوئيندڙ آهن. راشدي صاحب وڏي آفت هو. صحيح معنيٰ ۾ "ٻرندڙ جبل" (Volcano) هو.

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب آسمان مان "من وسلويٰ" جي نازل ٿيڻ جي اُميد ڪانه رکندو هو. چوندو هو ته "جَوَ پوکبا ته ڪڻڪ ڪانه لڀي." پاڻ پنهنجيءَ پتيءَ جو ڪم وڏي محنت سان سرانجام ڏيئي، نتيجي لاءِ قسمت جي فيصلي جو انتظار ڪندو هو. هميشه چوندو هو ته، **"ڳوٺ پڇندي آهي عقل سان."**

سندس ڪتاب "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ۾ شاهڪار آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ وڏيرڪي زندگيءَ جي جيڪا تصوير ڪيڏي اٿس، انهيءَ تي،

ٽي.وي لاءِ شاندار فلم نهي سگهي ٿي. پر ايڏي صلاحيت هوندي بہ هن سائين جي.ايم.سيد وانگر ڪوبہ ادبي ادارو يا ’ٻٽ شاهہ ثقافتي مرڪز‘ جهڙو ادارو قائم ڪونہ ڪيو ٿوڙي جو پڪي راڳ جو شوقين بہ هو. سنڌ سنڌس پايي جو صحافي نہ اڳي پيدا ڪيو هو ۽ نہ وري ڪانئس پوءِ ڪيو آهي، پر پاڻ سنڌي زبان ۾ ڪا روزاني اخبار بہ جاري ڪري ڪونہ سگهيو. ورندو سنڌ جي اڪيليءَ قومي اخبار "الوحيد" کي بہ "ون يونٽ" ٺاهڻ لاءِ بند ڪيائين، جا ان جي مخالفت ڪري رهي هئي. "اهي ڏينهن اُهي شينهن" ڪتاب ۾ قيصر خان بوزدار جي قصي ۾ **"اخلاقي قدرن ۽ قدرتي انصاف"** جي موضوع تي دلچسپ گفتگو ڪئي اٿس. ان ۾ سنڌس پنهنجي سياءَ جو اولڙو بہ نظر اچي ٿو.

شيڪسپيئر جي نقادن جو هڪ دلپسند موضوع اهو آهي تہ انگريزي زبان جو هي هاڪارو شاعر قدرتي انصاف جو قائل هو يا نہ؟

راشدي صاحب پڻ ساڳيو سوال اٿاريو آهي ۽ پنهنجو مشاهدو ٻڌايو آهي تہ: **"ظاهر تہ اهو ئي نظر اچي ٿو تہ چور چٽو وڃي ٿو ۽ ياڳيو ٻڌو وڃي ٿو."**

سنڌي زبان ۾ ورلي ڪي "اهلِ قلم" هوندا، جن جي نگاهہ راشدي وانگر انساني سوچ جي بنيادي مرڪزن تائين پهتي هوندي. زندگيءَ جا بنيادي مسئلا ڇيڙيندو تہ هو پر اونهو ڪونہ ويندو هو. سرسري طور سماپت ڪري ڇڏيندو هو.

راشدي صاحب دنياداريءَ جي معاملن کي "آئيڊيلسٽ" (IDEALIST) انداز سان ڏسڻ بدران "پريڪٽيڪل" (PRACTICAL) نقطہ نگاهہ کان پرکيندو هو. منهنجو خيال آهي تہ:

**"ٿتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ" بدران، "ڇن جو ڇانورڙو پسند ڪندو هو."**

* * *

هيڪر ڪراچيءَ مان مون کي پيغام موڪليائين تہ "مانيءَ جو بندوبست ڪر، هوٽل ۾ ڏينهن ٺاري، دادوءَ هليا وينداسين." مون ڳوري ماني ڪرائي. آيو تہ ڪائي ڏؤ ڪري، سمهي پيو. گرميءَ جي مند هئي. وري شام جو ملياسين، تہ دادوءَ وڃڻ جو ارادو بدلايائين ۽ مون کان پڇيائين تہ "ڪاڏي گهمڻ هلون؟"

مون سوچي چيو تہ "علامہ قاضي صاحب وٽ هلون." فورا جواب ڏنائين تہ "انهيءَ وٽ پنهنجو وقت ڪير وڃائيندو؟"

پر، جڏهن علامہ صاحب وفات ڪئي، تہ مٿس "جنگ" اخبار ۾ جيڪو مضمون لکيائين، اهو جويي صاحب سنڌيءَ ۾ "عبرت" اخبار ۾ ترجمو ڪري ڇپايو ۽ نوٽ هنيو تہ "هن مضمون مون کي بار بار روئاريو."

❊ ❊ ❊

ماڻٽن سندس نالو علي محمد رکيو هو. پاڻ پنهنجي اولاد جا جيڪي نالا رکيائين، سي سندس مذهبي لاڙي ۽ حُسنِ ذوق جا آئينہ دار آهن، مثلاً حَسن، حُسين، حُسنا، محسن، عادل، عنادل ۽ ٻيا.

راشدي صاحب اخلاقي قدرن جي شڪست کي مڃڻ ۽ آئيڊيلسٽ نہ هجڻ جي باوجود روحانيت جو قائل هو. مون کيس ڪڏهن بہ نماز يا تسبيح پڙهندي تہ ڪونہ ڏٺو پر هڪ دفعي جڏهن ساڻس روحانيت بابت بحث ڪيم، تہ پڇيائين: "تون اينٽم بم جي قوت کي مڃين ٿو؟"

مون چيو "هائو."

پاڻ چيائين تہ "چڱو مان توکي اينٽم بم جو نسخو آڻي ڏيان ۽ مسالو بہ موجود ڪري ڏيان، تہ اينٽم بم ٺاهي سگهندين؟"

"نہ" مون کيس صاف جواب ڏنو.

چيائين تہ "روحانيت جو مثال بہ ائين آهي. اها ڳالهہ تنهنجي ۽ منهنجي سمجهہ کان مٿي آهي، پر حقيقت آهي."

ٻئي دفعي مون سندس گهر ۾ ڪانئس نماز پڙهڻ لاءِ مصلو گهريو. نماز پڙهي بس ڪيم، تہ مون کي چيائين تہ: "توکي هڪ وظيفو ڏسيان، اهو پڙهي ڇڏيندو ڪر." قرآن ڪريم جا ڪي الفاظ هئا.

قرآن تہ سچو ئي نور آهي، پر مان نماز جو قائل آهيان، سو سندس صلاح تي عمل ڪونہ ڪيم. پر، ائين سمجهيم تہ پاڻ شايد پنهنجي ليکي اهو وظيفو پڙهندو آهي.

ليڪن، انهن خيالن ۽ عقيدن جي باوجود، تاريخي واقعن جو نتيجو ڪڍڻ ۾ بيباڪ هوندو هو. هڪ دفعي مولانا قاسميءَ ۽ مون سان ڪچهري ڪندي، چين جي سوشلسٽ اڳواڻن جي وفات کان پوءِ سندس ڏاڍي تعريف

ڪيائين.

مون ساڻس اختلاف ڪندي چيو ته، ”مائوءَ جي گهر واريءَ جو ڪهڙو حشر ڪيائون؟“

اهو ٻڌي، ٺهه ٺهه چيائين ته، ”تو وارا پاڻ ۾ ڪونه وڙهيا هئا؟“

❊ ❊ ❊

هڪ دفعي سندس ياءُ سائين حسام الدين شاهه مون کي چيو ته، ”علي محمد شاهه جهڙن ماڻهن جي سوچ ڌرتيءَ ۾ زلزلا آڻيندي آهي“.

ٻئي دفعي، سندس گهرواريءَ، مسز ممتاز راشديءَ مون کي چيو ته:

MY HUSBAND IS A COLD-BLOODED POLITICIAN

راشدي صاحب هڪ دفعي پاڻ مون کي چيو ته، ”سنڌ جا ماڻهو ان ڏينهن کان ڊڄن، جڏهن دشمن، منجهن قوت وجهڻ لاءِ، ٻروچ ۽ سمات جو سوال اٿاريندو.“

ٻئي دفعي مون کي صلاح ڏنائين ته، ”ماڻهن تي سوچي پروسو ڪجانءِ، غلام فريد چيو آهي ته:

**”بيوفا پـرا ڪنون، ڪُتا يار ڪريجي.“**

اهي ڳالهيون ورلي ڪندو هو. گهٽ ڳالهائيندو هو. سدائين سوچيندو رهندو هو. پائيپ ڇڪيندو رهندو هو.

هڪ دفعي ٻڌايائين ته جڏهن اطلاعات جي وفاقي وزارت ڇڏي هئم، تڏهن استعفيٰ لکي، ڪاري صاحب وٽ کڻي ويو هوس. جڏهن ساڻس مليس، ته پنو پادر مان ڪڍي، سندس سامهون ميز تي رکيم.

پاڻ موج ۾ هوندو هو ته سندس ڪچهري ڏاڍو مزو ڏيندي هئي. هڪ دفعي مان ۽ محترم اسدالله شاهه حسيني، سرڪاري ڪم سان اسلام آباد هئاسين. پاڻ به اتي هو. اسان کي رات جي ماني‌ءَ جي دعوت ڏنائين. ماني کائڻ کان پوءِ ڪچهري شروع ٿي. الائي ڪهڙو ريچڪ آيس، سو اچي ٿو غريب اسدالله سان چرچا ڳُهيا شروع ڪري. جيترو مون کي قرب ڏنائين، اوترو ئي اسدالله شاهه کي پٽايائين. پر، سندس چرچو گهٻو نهايت شگفته ۽ شائسته هو.

❊ ❊ ❊

پٽي صاحب جي حڪومت ۾ جڏهن پاڻ اسلام آباد ۾ مشير هو تڏهن ڪنهن شخص مون سان ڳالهه ڪئي ته "راشدي صاحب دلي طرح خوش ڪونه آهي."

سٽت، منهنجو سرڪاري ڪم سان اسلام آباد وڃڻ ٿيو. سندس ئي گهر ۾ رات جو ماني کاڌيسون. اڪيلا ٿياسون ته ڪنڌ ورائي، مون ڏي نهاري، غمگين لهجي ۾ چيائن ته: **"رباني، جلاوطنيءَ جا هي ڏينهن به گذري ويندا."**

اسلام آباد ۾ مولانا ڪوثر نيازي منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو. گهرو گهاٽو ٿي ويو. اطلاعات جو وزير هو. راشدي صاحب سندس ئي وزارت ۾ پٽي صاحب جي مشير جي منصب تي هو. هڪ دفعي مون ۾ ڪم پيس. مون سندس ڪم بروقت ڪيو چاءِ گهرائي ۽ ڪانئس راشدي صاحب بابت راءِ ورتي. چيائين ته:

**"راشدي صاحب جيڏين اعليٰ صلاحيتن جو مالڪ هو ايڏيون سازگار حالتون ڪيس ڪونه مليون."**

صوبي سرحد جي هاڪاري اڳواڻ، خان عبدالغفار خان جي وڏي پٽ غني خان پنهنجي ڳوٺ "ناڙي" ۾ منهنجي دعوت ڪئي. شاندار ماني کارايائين ۽ اڌ رات تائين اهڙي ئي يادگار ڪچهري ڪيائين. ڪنهن ڳالهه تي گفتگو ڪندي چيائين ته:

**"ويهينءَ صديءَ جي سنڌ چار غير معمولي ذهين شخص پيدا ڪيا: هڪ الله بخش سومرو، ٻيو جي.ايم. سيد، ٽيون پير علي محمد راشدي ۽ چوٿون ذوالفقار علي ڀٽو."**

ملتان جو مخدوم، سجاد حسين قريشي صاحب پنجاب جو گورنر هو. مون سان محبت هئس. هڪ دفعي مان وٽس گورنر هائوس لاهور ۾ تڪيل هئس. راشدي صاحب جي ڳالهه نڪتي، مخدوم صاحب چيو ته:

**"پير علي محمد راشدي، نيپولين بوناپارٽ جي ليول جو ماڻهو هو پر، سندس پُٺ مضبوط ڪانه هئي. ننڍي صوبي جو ماڻهو ٿي پيو."**

مون ساڻس زندگيءَ جو جيڪو عرصو گذاريو ان ۾ اهو مشاهدو ڪيم تہ راشدي صاحب زمين تي وک سوچي سمجهي وجهندو هو. ڪنهن بہ معاملي تي جيڪا راءِ ڏيندو هو سا، پڪي پختي هوندي هئي. اهڙي ئي پڪي پختي جهڙا رُڪ مان ٺهيل ريلوائي پٽا. جنهن ڳالهہ ۾ پڪو ارادو ڪري، هٿ وجهندو هو ان کي توڙ تي پهچائيندو هو.

هڪ دفعي منهنجي اڳيان ڪنهن شخص فون تي چيس: "دمادم مست قلندر"، اهو پيٽي صاحب جو مشهور نعرو هوندو هو.

راشدي صاحب تڏي تي جواب ڏنس: "پنيس پاڙ قلندر."

پيٽي صاحب کيس سفارت تان لهرايو هو. راشدي صاحب، نواب ڪالا باغ سان مليو، پيٽي صاحب لاءِ ڪڍون ڪوٺيون. نيٺ کيس وزارتِ خارجہ تان لهرايو. ساڻس سنئون سڌو پلئہ ڪيائين. پر، ايڏي دشمنيءَ کان پوءِ بہ جڏهن پيٽو صاحب پاور ۾ آيو ۽ ملڪ جو صدر ٿيو، تہ راشدي صاحب کي پنهنجو مشير مقرر ڪيائين ۽ نهايت نازڪ معاملن ۾ ساڻس صلاح ڪندو هو جن مان ڪن جي مون کي بہ خبر آهي.

❊ ❊ ❊

مون کيس پويون دفعو تڏهن ڏٺو جڏهن اسپتال مان غالباً اڌ رنگي جي بيماريءَ مان صحتياب ٿي نڪتو هو. مان سندس وڏي پٽ، حُسين شاهہ سان ملڻ ويو هئس. جو منهنجو دوست هو. راشدي صاحب بہ پنهنجو گهر ڇڏي، وٽس ئي ٽڪيل هو. "علي رضا هائوس" بنگلي جو نالو هو. آڳر جو هڪ حصو ڇپر هئي ۽ پٽي تي سيمنٽ جو پلاسٽر هو.

سياري جي مند هئي. راشدي صاحب تڙڪي تي، ڪرسي وجهي ويٺو هو. مون کي ڏسي، ڪنڌ مٿي ڪنيائين. سجاتائين ۽ کيڪاري، هيٺي آواز ۾ چيائين تہ "ويهہ."

پاسي ۾ بہ ٽي خالي ڪرسيون پيون هيون، مان هڪڙيءَ کي ڇڪي ويٺس. بيماريءَ ڪري، ڳري، بت ۾ هلڪو بلڪ ضعيف ٿي ويو هو. پوين ڏينهن ۾، پراڻن دوستن مان فقط علي قطب شاهہ سندس سنگ ساٿ ڏنو هو. پر،

انهيءَ مهل تہ ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ ڪو بہ وٽس نظر ڪونہ آيو. اڪيلو ئي اڪيلو اداس ويٺو هو. مون کي اهي ڏينهن ياد آيا جڏهن ڇا تہ سندس رعب تاب هوندو هو. هڪ ڀيري ساڻس ڪا ڳالهہ نڪتي هئي، تہ چيائين: "ڪم ڪيئن نہ ڪندو؟"

مون چيو تہ، "سائين افسوس آهي تہ اوهان وٽ پاور ڪونهي."

اهو ٻڌي، چيائين تہ، "پر، ماڻهن ۾ ڏرُ تہ آهي؟"

اها ڳالهہ سورنهن آنا صحيح هئي. ماڻهن ۾ سندس ڏاڍو ڏر هوندو هو. پر، هاڻي تہ اهو وقت بہ وهندڙ پاڻيءَ وانگر وهي ويو هو. هوئن بہ وهندڙ پاڻيءَ ۽ لهندڙ پاڇن تي ڪهڙو ڀروسو؟

انهيءَ ڏينهن مون کيس سراسر اداس ۽ مايوس ڏٺو. سمورو وقت هڪ اڪيلي انسان وانگر، سيمنٽ جي سخت ۽ بي مهر ڪاري فرش ڏانهن تڪي رهيو هو.

زندگي جڏهن نامهربان ٿئي ٿي، تڏهن ماڻهوءَ کي ان جو عڪس سيمنٽ جي شڪل پلاستر ۾ بہ آئيني وانگر چٽو نظر اچي ٿو.

مون کي سندس مرجهايل چهرو ڏسي، "اهي ڏينهن، اهي شينهن" ڪتاب جي پيش لفظ ۾ سندس اکر ياد آيا تہ، "منهنجي حياتي ائين پئي گذري آهي، جيئن واچوڙي جي وچ ۾ ڪک. نہ واچوڙو ڇڏيس، نہ ڪک قرار وٺي." ان کان پوءِ پيتائيءَ جي هڪ سٽ ڏني اٿس. سڄو شعر هيئن آهي:

هلايو تہ هلي هلان، بيهاريو تہ بس،
واڳ ڏٺي تنهنجي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي؟

مان ڇڳيءَ ڇڳيءَ دير تائين وٽس ويٺو رهيس. هو پنهنجن خيالن ۾ گم هو. الائي تہ ڪاٿي هو؟ سو مانِ آهستي آهستي اٿيس، تہ متان سندس خيال ۾ خلل پوي، پبن تي هلندو هلندو گيٽ مان ٻاهر نڪتس.

صبح جي مهل هئي. چوڌاري چپ چاپ هئي. رات جو رستي تي وڻن جا سڪل پن ڪريا هئا. جن جي مٿان هلڻ ڪري، منجهانئن عجب آواز ٿي

نڪتو. اوري پري ڪير بہ ڪونہ هو. سامهون واري بنگلي جي اڳيان هڪڙو سو پنجابي چوڪيدار حُقو ڇڪي رهيو هو ۽ سلطان باهوءَ جي مشهور ڪافي ڏاڍي ذڪ ۾ ڳائي رهيو هو:

**تاڙي مار اڏار نہ باهو اسان آپ اڏڻ هاري هون.**

**اسان آپ اڏڻ هاري هون.**

**اسان آپ اڏڻ هاري هون.**

★

# پير حسام الدين راشدي

پير حسام الدين شاهہ راشدي عيسوي ويهينءَ صديءَ ۾ سنڌ جو اهو مشهور تاريخ نويس هو جنهن سنڌين کي ارغونن، ترخانن ۽ مغل حاڪمن جي ظلمن کان واقف ڪيو. ڌارين کان نفرت ڪرڻ ۽ پنهنجن سان پيار ڪرڻ جو درس ڏنو. سندس پورهيو سجايو ٿيو. ڪيترائي سنڌي نامور اديب، شاعر ۽ دانشور پيدا ٿيا، جن وطن سان محبت جي واٽ ورتي. نياز همايونيءَ هڪ دفعي مون کي ٻڌايو تہ هن پير صاحب کان ئي متاثر ٿي، هي لافاني لفظ لکيا هئا:

حق موجود، سدا موجود
سنڌ موجود، سدا موجود

شيخ اياز پڻ پنهنجي هڪ ڪتاب جو انتساب پير صاحب جي نالي ڪيو ۽ لکيو هو تہ "سندس روح مان مون کي اروڙ جي مٽيءَ جي خوشبو ٿي اچي." جڏهن مينهن وسندو آهي تہ مٽيءَ مان عجب خوشبو نڪرندي آهي. اياز ڪيترائي دفعا مون سان گڏجي پير صاحب وٽ حاضري ڏيڻ هليو هو.

❊ ❊ ❊

الله سائينءَ، پير صاحب کي گهڻين ئي خوبين سان نوازيو هو پر هڪ عالم ۽ محقق جي حيثيت ۾ سنڌ جي تاريخ جو احوال گڏ ڪرڻ ۽ ڇپائڻ سندس دلپسند شغل هو. محنتي ۽ ايماندار شخص هو. پنهنجي ڪم ۾ وڏي محنت ڪندو هو. ڪا بہ "غير مستند ڳالهہ" لکڻ کان پاڻ بچائيندو هو.. "مستند معلومات" سونَ جي ذرڙن وانگر گڏ ڪري، پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪندو هو. سندس همعصر گهڻن عالمن ۾ اها خوبي ڪانہ هئي. ڪي تہ ڄاڻي واڻي سنڌ جي تاريخ کي مسخ ڪندا هئا. مثال طور سنڌ جي اڳوڻيءَ

عظمت واريءَ تهذيب جي نشانن. ڪاهوءَ جي دڙي ۽ لوهم جي دڙي وغيره کي تہ سندن نالن سان سڏيندا هئا، پر "موهن جي دڙي" کي تعصب جي ڪري "مئن جو دڙو" ڪوٺيندا هئا! جڏهن تہ ڪاهوءَ جو دڙو ۽ لوهم جو دڙو جيئرن جاڳندن ماڻهن جا شهر آهن. تعصب ماڻهوءَ جي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏيندو آهي. هو انڌو ٿي ويندو آهي، پر جيڪي تعصب کان آجا هوندا آهن، سي سچ لکندا آهن. مثال طور "موهن جو دڙو" ڪوٺيندا هئا.

ڪنڊياري تعلقي ۾، اسان جي ڳوٺ جي پر سان ٻهليمن جو دڙو هوندو هو جو ڪنهن زماني ۾ ٻهليم قوم جا ماڻهو اتي رهندا هئا. ٻهليم قوم اڄا سنڌ ۾ گهڻن هنڌن تي آباد آهي ۽ نهايت مهذب آهي. ممتاز محقق، حڪيم خليفي عبدالمجيد خان چانڊيي پنهنجي تازي لکيل لاجواب ڪتاب "**سوانح حيات غيبي خان چانڊيو**" ۾ تہ ڪيترائي اهڙا پراڻا ڦٽل شهر ڏسيا آهن، جيڪي پنهنجن پراڻن نالن سان سڏجن ٿا، جيئن هاڪڙي جو دڙو سماگر جو دڙو ۽ شاهہ ننڌل جو دڙو وغيره.

پير صاحب ۾ بہ تعصب ڪونہ هو تہ پاڻ موهن جي دڙي کي انهيءَ ئي نالي سان ڪوٺيندو هو ۽ فخر سان چوندو هو تہ:

**"موهن جو دڙو سنڌ جي اڳوڻيءَ عظمت جو روشن نشان آهي!"**

❊ ❊ ❊

مان زندگيءَ جو وڏو عرصو پير صاحب سان گڏ گذاريو. ڪتاب لکڻ جو سندس طريقو اهو هو تہ اول پنهنجي پراجيڪٽ جو نقشو ٺاهيندو هو. پوءِ بسم الله ڪندو هو. گويا، تحقيقي ڪم سائنٽيفڪ نموني ۾ ڪندو هو. جيڪي لکندو هو تنهن تي بار بار نظرثاني ڪندو هو. جيڪي غلطيون نظر اينديون هئس، تن جي درستيءَ ۽ مسودي جي صاف ڪاپي اتارڻ جو ڪم، فارسي ڪتابن جي صورت ۾، مولوي اعجاز الحق قدوسيءَ يا حبيب الله راشديءَ کي ڏيندو هو. ٻئي ڄڻا سنڌي ادبي بورڊ ۾ نقل نويس هئا. ٽيون نقل نويس مولوي محمد صديق "ماهر" هوندو هو. جيڪو سنڌي هو ۽ عربي نسخن جي نقل نويسيءَ جو ماهر هو. سندس سنڌي، ٽوٽي فارسي ۽ عربي اکر موتيءَ جا داڻا هوندا هئا. جڏهن جويي صاحب کيس بورڊ مان فارغ ڪري ڇڏيو تہ ڊاڪٽر الانا فوراً کيس سنڌالاجيءَ ۾ روزگار سان لاتو غريب ڏکين



پير حسام الدين راشدي

ڏينهن ڏسڻ کان بچي ويو.

پير صاحب نقل نويسيءَ جي، ڪم ۾ چڪ اصل برداشت ڪونہ ڪندو هو. هڪڙو مثال مون کي ياد آهي. هڪ دفعي مولوي اعجازالحق قدوسيءَ سندس ڏنل مواد جا ويهہ پنجويهہ صفحا اتاريا مون کان پڇيائين تہ، ”ڪاڏي تا وڃو؟“

مون چيو تہ، ”پير صاحب وٽ، ڪو ڪم چيو هئائين.“

چيائين تہ، ”مان بہ هلان ٿو جو هي اتاريل ڪاغذ ڪيس ڏيڻا اٿم ۽ نوان ڪاغذ ڪانئس وٺڻا اٿم.“

اسان ٻئي ڄڻا ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي بورڊ جي آفيس مان سرڪاري جيپ ۾ چڙهي پير صاحب جي رهائشگاهہ ”بيت الضيا“ جمشيد روڊ ڪراچي روانا ٿياسين. ٻانيان ٿو يارهين، سادي يارهين بجي صبح جو ٽائيم هوندو. اُتي پهتاسين تہ نوڪر پير صاحب وٽ وٺي هليو. پاڻ پنهنجيءَ لئبرريءَ ۾ ڪو ڪتاب ويٺي لکيائين. اسان سندس ميز جي سامهون ڪرسين تي وڃي ويٺاسون. هن اسان کي ڏٺو پر خاموشيءَ سان لکندو رهيو. جڏهن سڄو صفحو لکي پورو ڪيائين، تہ ڪنڌ مٿي ڪڍي، اسان ڏانهن نهاريائين ۽ مولوي صاحب کان پڇيائين تہ، ”جيڪي ڪاغذ ڏنا هئم، سي نقل ٿي ويا؟“

مولوي صاحب جي وات ۾ پان هو. سو جواب ڏيڻ بدران ساڻ آندل ڪاغذ سندس اڳيان رکيائين. پير صاحب اهي ڪاغذ پڙهڻ شروع ڪيا. پهرئين ٻي صفحي ۾ ڪا چُڪَ نظر آيس، سو اول تہ مولوي صاحب ڏانهن ڪاوڙ ۾ نهاريائين... پوءِ پينَ ڪڍي چُڪ درست ڪيائين. ٻيو صفحو ورايائين، تہ ان ۾ بہ ڪا هڪ اڌ چُڪ نظر آيس، نرڙ ۾ گُهنج وجهي، اها بہ درست ڪيائين. ٽين چُڪ نظر آيس، تہ غصي ۾ ٻاهہ ٿي ويو. ڪاغذ ڦاڙي، چار ٽڪر ڪري، ردي ٽوڪريءَ ۾ اڇلايائين ۽ مولوي صاحب کي چيائين تہ: ”چلي جائو.“

مولوي صاحب ڪرسيءَ تان اٿيو تہ مان بہ اٿيس. ٻئي ڄڻا موٽي بورڊ جي آفيس ۾ پهتاسون. رستو ڏکيو هو. پر، مولوي صاحب ويچاري کان ٻيو پان کائڻ بہ وسري ويو.

هونئن. پير صاحب کي مولوي صاحب سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. پاڻ مولوي صاحب کان سواءِ منجهند جي ماني ڪونہ کائيندو هو. مولوي صاحب پاڻ وقت تي نہ پهتو تہ پير صاحب روزانو کيس موٽر موڪلي، بورڊ جي آفيس مان پنهنجي گهر گهرائي وٺندو هو.

جويي صاحب پنهنجي هڪ مضمون ۾ پير صاحب کي "محنت ڪش محقق" ڪوٺيو آهي. پير صاحب جي باري ۾ صحيح راءِ اها ئي آهي. مان ان ڳالهہ جو اڪين ڏٺو شاهد آهيان. خاص ڪري، ٿن ڪتابن "مقالات الشعراء" ۽ "تذڪره شعراءِ ڪشمير" توڙي "تحفتہ الڪرام" (فارسي) جي ايڊيٽنگ تي وڏي محنت ڪئي هئائين! اهي ٽئي ڪتاب سنڌس علمي عظمت جا يادگار آهن. 'مقالات الشعراء' جو ڏڪ تہ پڇائي ويو پر "تذڪره شعراءِ ڪشمير" تي رات ڏينهن جيڪا هڻ هٽان ڪيائين، تنهن جي نتيجي طور کيس دل جو دورو پيو.

"تاريخ مظهر شاهجهاني" بہ اوڏيءَ ئي محبت سان ايڊٽ ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ اٽي ويئيءَ اها ڳالهہ سنڌس زبان تي هوندي هئي تہ **"مغلن جي حڪومت ۾ سنڌ تي ڏاڍو ظلم هو."** هڪ ڏينهن مون کي چيائين تہ "ڪتاب ۾ راڻيءَ نورجهان جو شجرو ڏيئي، ڏيکارڻ گهران ٿو تہ سنڌس مٽ مائٽ، سڄي هندستان ۾ اهم سرڪاري عهدن تي قابض ٿي ويا هئا. سنڌس پنهنجا اکر هي هئا: **"نورجهان جو خاندان سڄي مغل هندستان ۾ ڪينسر وانگر پکڙجي ويو هو."**

جڏهن نورجهان جو شجرو ڻاهڻ شروع ڪيائين تہ پڻس جو جدا ڻاهيائين ۽ ماڻس جو جدا. بئي شجرا هاڻي سنڌس ايڊٽ ڪيل ڪتاب "مظهر شاهجهاني" ۾ موجود آهن. انهن شجرن لاءِ الائي تہ ڪٿان ڪٿان معلومات گڏ ڪيائين ۽ آخر ۾ انهن کي انهيءَ نقطي تي وڃي پهچايائين، جتي ملڪہ نورجهان جو جسماني پيڪر، هن دنيا ۾ تشريف آوريءَ لاءِ اچا سنڌس وڏڙن جي رت ۾ ابتدائي جزن جي صورت ۾ بہ ظهور پذير ڪونہ ٿيو هو.

پير صاحب ڪتابن وانگر، انهن جا مقدما بہ وڏيءَ محنت ۽ ايمانداريءَ سان لکندو هو. "سير العارفين" جو مقدمو سنڌس محنت ۽ اورچائيءَ جو هڪ سهڻو مثال آهي. اهڙو ئي ٻيو مثال مير علي شير قانع جي سوانح حيات

وارو مضمون آهي، جو "تحفتہ الڪرام" جي اردو ايڊيشن ۾ ڇپيل آهي. سنڌ جي هاڻوڪن موجوده محبِ وطن اديبن کي انهن تي تبصرا لکڻ گهرجن، تہ اسان جو نئون نسل پنهنجي تاريخي ورثي کان واقف ٿئي.

اسان کي نئين نسل کي سمجهائڻ گهرجي تہ "مخلص انسان آسمان مان نازل ڪونہ ٿيندا آهن. هن ڌرتيءَ تي ئي جنم وٺندا آهن." پير صاحب جي وفات کان پوءِ موجوده دور جو سچو پچو عالم ۽ محقق قريشي حامد علي خانائي آهي، پر سندس قدر ڪونہ ٿيو آهي. سائين قاسمي صاحب کي ان ڳالهہ جو پورو پورو احساس هو. قريشي صاحب جي ڪم جي ڏاڍي تعريف ڪندو هو.

پير صاحب جي لکيل مقدمن ۾ اجا بہ هڪ مکيہ مثال "حديقتہ الاولياء" جو آهي. جنهن ۾ سيوهڻ جي مشائخن جي باري ۾ معلومات ڏني اٿس. انهيءَ مقدمي ۾، هن اهڙن تذڪرن جي فهرست مختصر جائزي سميت ڏني آهي، جيڪي سنڌ ۾ **تصوف جي تاريخ** لکڻ لاءِ بنيادي ماخذ (BASIC SOURCES) جي حيثيت رکن ٿا.

سنڌ ۾ سومرا خاندان ۽ پيتا خاندان قلندر شهباز جا عقيدتمند آهن. انهيءَ پسمنظر ۾، هڪ دفعي رحيم بخش سومري، پير صاحب جي وفات کان پوءِ مون کي چيو هو تہ:

> "جڏهن سنڌ جا مڙئي موجوده وطن فروش محقق ۽ بي ضمير عالمَ مري ويندا، تڏهن پير صاحب جا ڪتاب 'سونهاريءَ سنڌ جي تعمير نو' لاءِ نئين نسل کي ڪم ايندا. سنڌ جا اهلِ دل انسان سندس ابدي آرامگاهہ تي ريشم ۽ ڪيمخواب جا پَڙَ چاڙهيندا ۽ سنڌي مائرون پنهنجن ٻچن تي دودي سومري وانگر، "حسام الدين" نالو سڪ ۽ عقيدت سان رکنديون."

❊ ❊ ❊

پير صاحب زندگيءَ ۾ ڏکيا ڏينهن بہ ڏٺا. ڪيس 1958ع ۾ دل جو پهريون دورو پيو. پوءِ تہ بہ ٽي دفعا پيو هو هڪ دفعو لاهور ۾ پيو هو جتي پاڻ علامہ اقبال قومي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ ويو هو. هڪ مهاجر عالم مون سان

ڳالهہ ڪئي، تہ اسان شام وارو اجلاس پورو ڪري اٿياسين. پرل ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ ٽڪيل هئاسين. ڪانگريس جا ڪي نمائندا مغرب جي نماز لاءِ وضُو ڪرڻ "سئمنگ پول" تي وڃي ويٺا ۽ ڪي وري هوٽل ڏي هليا. پير صاحب پنهنجي کِل ڀوڳ واري مزاج موجب، ڪو گفتو ڪڍيو. جو ٻڌي، هڪ ترڪ نمائندي تلاءَ تي وضو ڪندي ڏانهس غصي مان گهُوري، چيو تہ "خيال ڪر! هو سريع الحساب اٿئي!"

پير صاحب گهبرائجي ويو. هوٽل ۾ وياسين. هو پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ مان پريرو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي داخل ٿيس، تہ فون جي گهنٽي وڄي رهي هئي. رسيوَر کنيم، تہ پير صاحب هو چيائين تہ، "جلد اچ". موٽي سندس ڪمري ۾ ويس تہ پگهر ۾ شل هو. کيس دل جو سخت دورو پيو هو.

غالباً اهو 1977ع جي موسم سرما جو واقعو آهي. مان تڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو ـ وائيس چانسيلر هئس. خبر ٻڌم تہ هڪدم هوائي جهاز رستي لاهور پهتس. صبح جا يارهن، ساڍا يارهن ٿيا هوندا، سخت سيارو هو. پير صاحب جي طبيعت ڪجهہ سڌري هئي، سو کيس "انتهائي نظرداريءَ" جي وارڊ مان ڪڍي، پرائيويٽ روم ۾ منتقل ڪيو هئائون. پر ڪمرو تمام ٿڌو هو. سنگ مرمر جو فرش هڪ تہ پراڻو هيو تہ ڏاڍو ٿڌو هو. پير صاحب پنهنجي پائنتي، ڊاڪٽر شمن شاهہ راشديءَ سان گڏ، بجليءَ جي هيٽر جي اڳيان ويٺو هو. مان ساڻس مليس ۽ ڪرسي کڻي گڏ ويٺس. ماحول ڏاڍو افسرده هو. ڪا دير ٽئي ڄڻا خاموش رهياسين. آهستي آهستي ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي، تہ سڄو ڏينهن ڳالهين ۾ گذري ويو. شام جو مان ڪانئس موڪلائي حيدرآباد موٽيس. پيو ڪوبہ سنڌي اديب يا سنڌ مان ڪنهن علمي، تعليمي ۽ ادبي اداري جو نمائندو پنهنجي عظيم سنڌي تاريخ نويس کان پڇڻ ڪونہ آيو. اها ڳالهہ ان ڪري اهم آهي جو پير صاحب اول ۽ آخر هڪ سنڌي اديب، عالم ۽ محقق هو. سندس اٿي ويٺي عالمن ۽ اهلِ قلم ماڻهن سان هوندي هئي. سياسي ڳالهين ۾ وڏي دلچسپي هئس ۽ سنڌي سياستدانن ۾ سائين جي.ايم. سيد ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان دل هئس. هڪ دفعي سائين جي.ايم.سيد کي چيائين تہ، "مان اوهان جي سياسي ڪمن ۾ شريڪ تہ برابر ڪونہ ٿو ٿيان، پر، انهن جو اڪين ڏٺو شاهد تہ آهيان."

حقيقت بہ اها ئي آهي. سياست سندس وڏو پاءُ، پير علي محمد راشدي ڪندو هو. پر، جڏهن سائين جي.ايم. سيد ڪراچي ايندو هو تہ پاڻ سائين حسام الدين شاهہ "حيدر منزل" تي روزانو وٽس ايندو هو. ٻيا ڏهہ ٻارنهن ڄڻا بہ ايندا هئا. رات جو يارهين ٻارهين ڌاران محفل برخواست ٿيندي هئي. 1958ع واريءَ مارشل لا کان پوءِ سائين نظربند ٿيو تہ ڇهہ ست مهينا لاڳيتو پنهنجي ڳوٺ سن ۾ هوندو هو. دل جو مريض هو سو مسلسل درخواستن کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽرن کي ملڻ لاءِ مس مس موڪل ملندي هئس. انهن ڏينهن ۾ پير صاحب ڪڏهن ڪڏهن سن هلندو هو ۽ وٽس ڏينهن بہ ٽڪندو هو. سائين مهمانداريءَ ۾ حد ڪري ڇڏيندو هو. جيڏو سخي ۽ سچو انسان هو اوڏو وڏو ميزبان هو. سنڌي ڪلچر جي شاندار روايتن جو پاسبان هو.

سائينءَ جي چوڻ تي هڪ دفعي "رني ڪوٽ" ڏسڻ وياسين. ان ٻيري جناح اسپتال جو ڪرنل خواجہ عبدالرشيد بہ اسان سان گڏ هو جنهن ان تي ٻهريون ٻهريون اهم تحقيقي مضمون لکيو جو انگريزيءَ ۾ اقبال ايڪيڊميءَ جي رسالي ۾ ڇپيو. انهيءَ مضمون جي ڇپجڻ کان پوءِ ئي وچي خبر پئي، تہ رني ڪوٽ ڪيڏو نہ قديم آهي! هونئن، ماڻهو ڏُڪا هڻندا رهندا هئا، تہ رني ڪوٽ اڳوڻو نيرون ڪوٽ آهي. ڪي عقل جا اڪابر چوندا هئا تہ "ميرن نهرايو هو."

محمد حسين پنوهر هڪ دفعي سني ڳالهہ ڪئي. چيائين تہ ميرن ٻيا ڪهڙا تعميراتي ڪارناما سرانجام ڏنا؟ هنن تہ فقط "ميريءَ" جي ننڍڙي قلعي جي مرامت ڪرائي هئي، جو شڪار جا شوقين هئا. اتي وڃي ٽڪندا هئا.

❊ ❊ ❊

پير صاحب، سائين جي.ايم. سيد وانگر، ذوالفقار علي ڀٽي جي سهري، احمد خان ڀٽي کي بہ ڪوڏايو ويجهو هو. سائين جي.ايم. سيد مون کي کلي چوندو هو تہ، "حسام الدين شاهہ، لٽي ڪپڙي، کائڻ پيئڻ، پيو تہ نهيو شام جو ڪراچيءَ جي صدر بزار ۾ هواخوريءَ جون عادتون سڀ احمد خان ڀٽي کان پرايون اٿئي." مون پير صاحب سان اها ڳالهہ ڪئي تہ پاڻ بہ کِلِي ڏنائين. احمد خان ڀٽو مون ڪونہ ڏٺو پر، چون ٿا تہ اعليٰ درجي جا سُوٽ سبائيندو

هو. لتي ڪپڙي جو ٻيو اهڙو شوقين مير علي احمد خان ٽالپر هو. پر، ذوالفقار علي ڀٽو مڙني کان وڌيڪ هو.

احمد خان ڀٽي جي قرب ڪري، پير صاحب ذوالفقار علي ڀٽي کي ٻه ويجهو هو. ڀٽو صاحب جڏهن پاور ۾ آيو تہ وڏي ڀاڙس، پير علي محمد راشديءَ سان سخت سياسي اختلافن هوندي ٻہ، سائين حسام الدين شاهہ سان دوستي نڀائيندو آيو. جڏهن پير صاحب جي گهر واري، بيبي زليخا گذاري وئي، تہ ڀٽي صاحب جي وڏي گهر واري، يعني احمد خان ڀٽي جي نياڻي امير بيگم، پير صاحب کي سندس ڪراچيءَ واري گهر تعزيت ڏيڻ آئي هئي. انهيءَ موقعي تي پير صاحب مون کي شام جي چانءِ تي حلوو کارايو ۽ ٻڌايو تہ ڪرڙ جي ڪوئلن مان ٺهيل آهي. امير بيگم تحفي طور کڻي آئي آهي.

مون چاليهہ سال اڳ، پنهنجي ڳوٺ آڳرن کان منو ڪوهہ پري، ڀئونرن جي پرائمري اسڪول ۾ گڏ پڙهندڙ هڪ شاگرد کان ٻڌو هو تہ لاڙڪاڻي جي پاسي ڪرڙ جي ڪوئلن مان حلوو ٺهندو آهي، پر، اعتبار ڪونہ آيو هو. سو سندس ڳالهہ ڪانہ مڃيم. هن چيو تہ، ”تون منهنجيءَ ڳالهہ تي اعتبار نٿو ڪرين؟“

مون چيو تہ اعتبار جهڙي ڳالهہ ئي ڪانهي، پر هاڻي جو ڪائي ڏٺم تہ، اعتبار ڪرڻو پيو.

ڀٽي صاحب پير صاحب کي ٽويوٽا ڪار جي پرمٽ بہ موڪلي هئي. هونئن بہ ڀٽو صاحب سندس خاص خيال رکندو هو. ڪيس چاچا ڪوٺيندو هو. ڪنهن شخص شرارت ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبرن مان پير صاحب جو نالو ڪاٽايو. سنڌي سڀاجهڙا سڀ کان اول انهن جا پير ڪڍندا آهن، جيڪي سنڌ جي خدمت ڪندا آهن. پير صاحب تہ بورڊ جو معمار هو ڀٽي صاحب کي انهيءَ شرارت جي خبر پئي، تہ فوراً سندس نالو بورڊ جي ميمبرن ۾ شامل ڪرايائين.

پير صاحب جي سنڌ جي سياستدانن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سان بہ ذاتي محبت هوندي هئي. ساڻس حُجائتو بہ هو پر سندس وڏو ادب ڪندو هو. هاڻي ٻئي ڄڻا مڪليءَ ۾ مخدوم محمد هاشم جي پيرانديءَ ۾ ابدي آرام

۾ آهن. پير صاحب وفات کان اڳ مڪليءَ جا درجن کن دورا ڪيا هئا ۽ آخر ۾ شيخ صاحب جي پاسي ۾ پنهنجي ابدي آرامگاهه پسند ڪيائين. شيخ صاحب وڏي شخصيت هو، پر سنڌ سندس قدر ڪونه ڪيو. سندس آخري ايام سک ۾ ڪونه گذريا. فقط سندس پنهنجن پر گهور لڌس.

پير صاحب، رئيس غلام مصطفيٰ پرڳڙيءَ ۽ سائين ميران محمد شاهه سان به ڏاڍو حُجائتو هو. سندن ميل ملاقات ۽ ڪچهري اڪثر ڪري، سائين جي.ايم. سيد جي ڪراچيءَ واري بنگلي تي ٿيندي هئي.

هڪ دفعي سائين جي.ايم. سيد وٽان اٿيا ته سندس ئي ڪار ۾ سائين ميران محمد شاهه ۽ پير صاحب بحث مباحثو ڪندي پاڻ ۾ اٽڪي پيا. مان به موٽر ۾ موجود هئس. جڏهن سال به گذريو ته اتڪل سان ٻنهي جو پرچاءُ ڪرايم. سائين ميران محمد شاهه منهنجي مشوري تي حيدرآباد ۾ پنهنجي گهر پير صاحب جي شاندار دعوت ڪئي، جنهن ۾ ڪراچيءَ جو ايراني سفارتڪار ۽ عالم، آقا ماهيار نوابي پڻ شريڪ ٿيو.

زندگيءَ جي پوئين زماني ۾ پير صاحب جي دوستي تاجپور جي نواب نور احمد خان لغاريءَ سان ٿي، ته پوءِ پير صاحب ڪو عرصو ڊاڪٽرس ڪالونيءَ ۾ سندس رهائشگاهه تي ٽِڪندو هو. پير صاحب جي ئي چوڻ تي، شاهه ايران جي وزيرِ ثقافت، نواب صاحب ۽ مون کي ايران گهمڻ جي دعوت موڪلي هئي. اسان ايران ۾ عالمن ۽ محققن تي پير صاحب جو وڏو اثر ڏٺو.

❊ ❊ ❊

سنڌ جي بزرگن عالمن ۽ اديبن ۾ پير صاحب جي پهرين پهرين ميل ملاقات شايد مولوي دين محمد وفائيءَ سان ٿي هئي. انهيءَ ئي نسبت سان سندس وفات کان پوءِ پٽس، علي نواز وفائيءَ سان به رستو هيس. پر، مولوي دين محمد کان به اڳ سندس ادبي ناتو حنيف صديقيءَ سان ٿيو هو جو ٻنهي پائرن جو ننڍپڻ جو ڏاڍو پيارو دوست هو. مولوي دين محمد وفائيءَ ”تذڪره مشاهيرِ سنڌ“ لکيو آهي، جو سندس وفات کان پوءِ پير صاحب ايڊٽ ڪيو ۽ اسان سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڇپيو. ڪتاب تي پير صاحب جو لکيل ”پيش لفظ“ پڙهڻ وٽان آهي.

اڳوڻي زماني جي ٻين اهڙن بزرگن ۾ پير صاحب جا محمد امين کوسي

۽ ڪراچيءَ جي ڇِپي الانا سان گهرا گهاٽا لاڳاپا هئا. جنهن جي انگريزيءَ جي ڏاڍي ساراهه ڪندو هو. محمد امين کوسي سان تہ گهڻو حُجائتو هوندو هو. هنهي جو لڳ لاڳاپو بہ تمام پراڻو هو. محمد امين خان پنهنجن دوستن کي خطاب ڏيندو هو. پير صاحب کي "دانائي راز" جو خطاب ڏنائين.

پير صاحب سنڌ جي هاڪاري عالم شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو ادب ڪندو هو. علامہ آءِ آءِ قاضي سان تہ جُهڪي ملندو هو ۽ کيس "سائين" يا "قبلا سائين" ڪوٺيندو هو. هڪ ڀيري ايران مان موٽيو تہ اخبارن ۾ خبر آئي تہ اتي "نيوران محلات" ۾ شاهہ ايران سان طويل ملاقات ڪيائين. حيدرآباد آيو تہ ٻئي ڄڻا گڏجي علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب سان ملڻ وياسين. رات جو علامہ صاحب مون کي فون ڪئي تہ، "ابا، حسام الدين هاڻي ملي ٿو بادشاهن سان، سو سندس روش ۾ مڙئي ڪجهہ فرق آيو آهي."

مون پير صاحب سان ڳالهہ ڪئي. کِلي چيائين تہ: "يارا مون کي بہ ڪالهہ ملڻ مهل اهو احساس ٿيو. علامہ صاحب سان سدائين جُهڪي، نياز نوڙت، سان ياڪر پائي ملندو آهيان. پر، هن ڀيري سهو ٿي وئي آهي، ان جو ڏوراپو مليو آهي. مون کي ان ڳالهہ جو احساس آهي. علامہ صاحب اسان جو وڏو آهي. اها شڪايت ستت دور ڪندس."

پير صاحب جي سائين غلام مصطفيٰ شاهہ سان بہ تمام گهري گهاٽي دوستي هوندي هئي. ايوب خان واريءَ مارشل لا کان پوءِ جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي ڌڪ هڻڻ لاءِ هڪ غلط قاعدو نهيو، تڏهن سنڌ ۾ ان جي خلاف وڏي تحريڪ هلي. نيٺ، سنڌي ٻوليءَ جو اصلوڪو درجو بحال ٿيو ان تحريڪ ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ بيشمار سڄڻن عام خاص ماڻهن، غير معمولي محنت ڪئي. مخدوم سائين طالب المولى، سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ پير صاحب راولپنڊيءَ ويا. پٽي صاحب سان اڳي ئي سندن لڳ لاڳاپو هو. ساڻس حالي احوالي ٿيا. پٽي صاحب ڪئبنيٽ ميٽنگ ۾ پاڻ ملهايو. خدا کيس ڪامياب ڪيو. سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي پوزيشن بحال ٿي وئي. هونئن بنيادي طرح، اها سنڌي عالمن، اديبن، دانشورن ۽ سڄي عوام جي ڪاميابي هئي، سو سنڌ ۾ هر هنڌ شادمانا ٿي ويا.

هت اها ڳالهہ سمجهڻ کپي، تہ اها ڪاميابي هڪ خاص سياسي پسمنظر ۾ نصيب ٿي. حاڪمن سڄي ملڪ تي اردو قومي ٻولي مسلط ڪئي هئي. بنگالين ۾ بي آرامي پيدا ٿي، جو اتي اردو ڳالهائيندڙ اتي ۾ لوڻ برابر هئا. بنگالي شاگردن پنهنجي مادري زبان بنگاليءَ جي حق ۾ مظاهرا ڪيا. حڪومت ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ بدران مٿن گولين جا وسڪارا ڪيا. سوين شهيد ٿي ويا. ڍاڪا ۾ شهيدن جا منارا ٺهي ويا. اوير پاڪستان ۾ "احساسِ محرومي" وڌيو. بنگالين پنهنجا سياسي ۽ معاشي حق گهريا، جن کان کين محروم ڪرڻ ۽ اولهہ پاڪستان جي ننڍين صوبن ۾ ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ "ون يونٽ" ناهيو ويو. "سازشي سياستدانن" سوچيو تہ ملڪ جي اوير ۽ اولهہ ۾ ٻنهي صوبن کي پيرٽيءَ برابريءَ جي اصول تي هلائبو تہ بنگالين کي اڪثريت کان محروم ڪبو ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ننڍين صوبن جي ڦرلٽ ۾ بہ آساني ٿيندي. بنگالين اڳتي هلي ڇهن پائنٽن جو مطالبو ڪيو. اهو ڪونہ مڃيو ويو تہ سڌو سنئون "بنگلاديش" جو نعرو هنيائون. آخرڪار ملڪ بہ ٽُڪر ٿي ويو. بنگلاديش ٺهي ويو. جنرل ايوب حڪومت سنڌي ٻوليءَ کي چٿڻ جي ڪوشش ڪري ها تہ هت بہ حالتون وڌيڪ خراب ٿين ها.

سن 1961ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ مان سڀ سنڌي سياستدان ڪڍيائون. سنڌ جو اهم علمي ۽ ادبي ادارو حيدرآباد جي هڪ غير سنڌي ڪمشنر کي هلائڻ لاءِ ڏنائون. سنڌس حڪم تي، سنہ 63-1962ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون، آفيسون حيدرآباد ڪچي ويون. پير صاحب جي ڪوشش سان ڪمشنر چيئرمنيءَ تان هٽايو ويو. پٽي صاحب، پير صاحب جي صلاح سان هالن جي مخدوم صاحب کي بورڊ جو چيئرمن ڪرايو. سو بورڊ جي ڪارڪنن پنهنجي چيئرمن مخدوم صاحب جي بنگلي، نمبر 3، سول لائينس ۾ اچي خيما کوڙيا. پير صاحب انهن ڏينهن ۾ مهيني ماسي ايراني عالمن کي اتي وٺي ايندو هو. اسان سنڌن دعوتون ڪندا هئاسون. آقاي فروزانفر، آقاي عبدالحسين زرين ڪوب سان منهنجي ميل ملاقات ٿي. وڏا محقق ۽ وڏا عالم هئا.

مون هڪ دفعي پير صاحب ۽ ايراني عالم، ڊاڪٽر علي اڪبر جعفريءَ کان رسول اڪرم ﷺ جن جي سيرت نگار ڊاڪٽر حميدالله جي تعريف ٻڌي، پر سنڌس ديدار سائين غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي

وسيلي حيدرآباد ۾ نصيب ٿيو. البت، اسلام آباد ۾ ساڻس ڪجھ ملاقاتون ٿيون. پاڻ پئرس ۾ رهندو هو ساڻس خط و ڪتابت ٿي. مون کي آخري خط به پئرس مان لکيائين. پوءِ آپريشن ٿيس، ته ڊيٽس آمريڪا ڪٽائي ويس ۽ لکيائين ته هاڻي دعا جو وقت آهي. حڪيم سعيد مون کي ٻڌايو ته کيس به پويون خط اهڙو ئي لکيو هئائين.

جيڪڏهن ڪو شخص مون کان سوال پڇي ته پير صاحب سان تنهنجو ورهين جا ورهيه هيڏو ويجهو رستو هو ٻڌاءِ ته سنڌ جي عالمن ۽ اديبن ۾، سڀ کان گهڻو مانُ ڪهڙي شخص جو ڪندو هو؟ ته مان بنا هبڪ جي جوبي صاحب جو نالو ڪڻندس. جوبي صاحب سان سندس ڪچهريءَ جا موضوع مختلف هوندا هئا. سندس ڪچهرين جوبي صاحب جي ذهن تي ڪهڙو اثر ڇڏيو سو ته مون ڪانئس ڪڏهن به ڪونه پڇيو آهي، پر پير صاحب هڪ پيري پنهنجا تاثرات بيان ڪنديءَ مون کي چيو ته، "اسان کي سنڌ دوستيءَ جا سبق جوبي صاحب ڏنا."

هونئن، سندس ذاتي دوستن ۾ ٽي نالا سرِفهرست آهن: هڪ آغا بدرالدين دراني، ٻيو رحيم بخش سومرو ۽ ٽيون ممتاز حسن. انهن ۾ ڊاڪٽر ائنيمري شمل کي شامل ڪونه ڪبو ڇو ته هوءَ پير صاحب جي ايڏي ته وڏيڪ ويجهي هئي، جو ائين ڪٿي چئجي ته سندس فيملي ميمبر هئي.

❋ ❋ ❋

1958ع ۾ پير صاحب دل جي دؤري کان پوءِ، پنهنجن پيرن تي بيهڻ جهڙو ٿيو ته پنهنجي وڏي ڀاءُ، پير علي محمد راشديءَ وٽ، علاج لاءِ منيلا هليو ويو جو اتي پاڪستان جو سفير هو. منيلا ۾ ڪو آمريڪي ڊاڪٽر سندس علاج ڪندو هو. اتان پير صاحب مون کي ڊگها ڊگها خط لکندوهو۔ ـ ڏهن ويهن صفحن جا.

مان پايان ٿو ته پرديس ۾ ماڻهوءَ کي جڏهن وطن جي سڪ لڳي ٿي، تڏهن کيس ڪو اهڙو ماڻهو کپي، جنهن سان ويهي دل جون ڳالهيون ڪري. سندس انهن خطن جو اصل سبب اهو ئي هو. افسوس آهي ته مان اهي خط سانڍي ڪونه سگهيس. ٽن چئن سالن کان پوءِ ضايع ٿي ويا. منجهن ڏاڍا دلچسپ حوال هئا. پر، بنيادي ڳالهه اها هئي ته پير صاحب مون کي انهن جي

اشاعت کان روڪيو هو ليڪن مون کي انهن خطن لکڻ جو شرف ان ڪري بخشيائين جو ائين ٿي سمجهيائين تہ:

تم پاس ہوتے ہو، گویا دوسرا نہیں ہوتا۔

منيلا وڃڻ کان اڳ پاڻ ماهيانہ مقرر معاوضي تي بورڊ لاءِ ڪم ڪندڙ معزز عالم هو. هيو عالم شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو هو. ان زماني ۾ بورڊ هر هڪ کي هزار هزار رپيا ماهيانو "اعزازيہ" ڏيندو هو. موجوده دؤر ۾ اهو گهٽ ۾ گهٽ ڏهن هزارن جي برابر ٿيندو. هئي ڇٽا. پنهنجي ليکي، پنهنجي گهر ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪم ڪندا رهندا هئا. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ مان استعيفا ڏني تہ بورڊ کيس بہ پنهنجو اسڪالر مقرر ڪيو. کيس ماهيانو اعزازيہ ہہ هزار رپيا ملندو هو جيڪو هاڻوڪي زماني ۾ شايد ويهارو هزار ٿيندو. بورڊ جو صدر کهڙو صاحب ۽ نائب صدر سائين جي. ايم. سيد هو. ميمبرن ۾ تڏهن ڪوبہ اهڙو جاهل تہ هوندو ڪونہ هو جو ائين چوڻ جي جرئت ڪري تہ ايڏيءَ پگهار وارن عالمن يا عهديدارن کي مقرر ڪرڻ لاءِ بورڊ جي آئين ۾ ڪا شق تہ رکيل ئي ڪانهي. حقيقت، بورڊ جي آئين ۾ وضاحت سان لکيل آهي، تہ بورڊ ڪي بہ ملازم مقرر ڪري سگهي ٿو. پير صاحب پاڻ چوندو هو تہ "ميران محمد شاهہ سچ ٿو چوي تہ اسان بہ هڪ طرح بورڊ جا ملازم آهيون."

بورڊ جا ميمبر ان زماني ۾ وڏا عالم ۽ معتبر ماڻهو هوندا هئا. گوگڙو گجر ۽ بصر وانگر ڪونہ هوندا هئا. اسان ملازم انهن پگهاردار اسڪالرن جو وڏو احترام ڪندا هئاسين. اهو سونهري زمانو هوندو هو. علم ۽ تجربي جو قدر هوندو هو. هاڻي، صورتِحال ان جي ابتڙ آهي. سنڌ ۾ مثالي ڪلچر جون شاندار روايتون هاڻي ختم ٿي رهيون آهن. "ادب" جي جاءِ "بي ادبي" ورتي آهي: ورهين جي ساٿين ۽ دوستن سان نڱي ڪرڻ ۾ دير ئي ڪانہ ٿي لڳي! پير صاحب جو وڏو ياءُ پير علي محمد راشدي چوندو هو تہ:

**بيوفا پرا ڪنون، ڪتا يار ڪريجي.**

❊ ❊ ❊

پير صاحب حيدرآباد ايندو هو تہ رٽز هوٽل ۾ اچي ٽڪندو هو. اديبن جو وٽس ميڙو مچندو هو. اهڙن اديبن ۾ سگهڙن ۾ جويو صاحب، بيڙو فقير، تنوير عباسي، جمال رند، نياز همايوني ۽ شيخ علي محمد تہ مقرر ايندا هئا. پر، سائين غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، مولانا گرامي، حميد سنڌي، اسدالله شاهہ حسيني بہ پيرو پريندا هئا. بيا بہ ڪيئي يار ايندا هئا. جن جا نالا وسري ويا اٿم. پر اهو ياد اٿم تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر رضي الدين صديقي پڻ وٽس حاضري ڏيڻ ايندو هو.

پير صاحب جي پوين سالن ۾ شيخ علي محمد سان محبت ٿي وئي، جو روزانہ "عبرت" جو ايڊيٽر هو ۽ بورڊ جو ميمبر پڻ. اسان جي ڪچهريءَ جو اختتام رات جي مانيءَ تي ٿيندو هو. جيڪا هميشہ شيخ علي محمد ڪراچي هوٽل تي، يا وري لجپت روڊ تي، واڻئي واريءَ هوٽل ۾ ڪارائيندو هو. هڪڙي دفعي شيخ صاحب، پير صاحب سان ڪوريءَ جي "جهوپڙا هوٽل" جي مانيءَ جي تعريف ڪئي. اسان پير صاحب سان گڏ ڊنبلو ڪري وياسين ڪوريءَ جي هوٽل تي ماني کائڻ. ماني واقعي سٺي هئي، پر موٽڻ مهل جنهن گهٽيءَ مان لنگهياسين، تنهن مان ڪتان باجن جا آواز پيا اچن، تہ ڪتان طبلن جي ٿاپ. جڏهن اهو آلاپ ڪن تي پيو تہ، "سن وي بلوري اک واليا" تڏهن وڃي خبر پئي تہ مار! اسان تہ ڪنهن "ڪاڪ محل" مان لنگهي رهيا آهيون!

شيخ علي محمد هر دفعي پير صاحب جي لاءِ هڪ ويلو گهر ماني ڪرائيندو هو ۽ ڏاڍي اهتمام سان بندوبست ڪندو هو. بہ ٽي ڄڻا سڏيندو هو. مون کي ۽ جويي صاحب کي خاص طرح ياد ڪندو هو. جڏهن مان اسلام آباد ويس، تہ مون وٽ اتي بہ شيخ صاحب ايندو هو. سينيٽر ٿيو هو. پير صاحب ۽ مير علي احمد خان ٽالپر سان سندس وضعداري پڇاڙيءَ تائين قائم رهي. بلڪ، شيخ صاحب ۽ سائين شاهہ محمد شاهہ جي ڪري ئي مير علي احمد خان ٽالپر جي مون سان بہ محبت ٿي وئي. اسلام آباد ۾ وزير دفاع هو تہ اتان خط لکندو هو. حيدرآباد گهمڻ ايندو هو تہ آسپاس جي ڳوٺن ۾

دعوتن تي وٺي هلندو هو. نهايت نفيس ذوق وارو هو. فيض احمد فيض سان محبت هئس. سنڌي عالمن ۾ پير صاحب جي وڏي عزت ڪندو هو. ساڻس ملڻ ايندو هو ۽ سندس لئبرريءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري ڪندو هو سندن ڪچهريءَ جو موضوع 'سنڌ جي تاريخ' هوندو هو.

❊ ❊ ❊

پير صاحب جي مڙني دوستن ۽ احبابن ۾ رحيم بخش سومرو ساڻس سيني ڪان وڌيڪ حُجائتو هوندو هو. هڪ ڏينهن نيرن ڪري موٽر ڪاهي سڌو وٽس ويو ته، "هل ته هلي صدر مان چڪر ڏئي اچون."

پير صاحب ڪو لکڻ پڙهڻ جي موڊ ۾ هو سو جواب ڏنائينس ته، "هت گهر ۾ ئي ڪٺي ٿا چاءِ يا ڪافي پيون. مان واندو ڪونه آهيان. ٺٽي جي عالم مير علي شير قانع جو اهم قلمي ڪتاب ايڊٽ ڪري رهيو آهيان."

رحيم بخش چيس ته، "ميان، ڪو شرم ڪر! خدا جا بندا، پراوا نسخا چورائي، پنهنجي نالي پيو ڇپائين ۽ چوين ٿو ته اهم ڪم پيو ٿو ڪريان."

اهو ٻڌي، پير صاحب کِلي ڏنو. ٻئي ڄڻا صدر روانا ٿيا.

ڪراچيءَ ۾، ڪو زمانو رحيم بخش روزانو شام جو اچي مون کي موٽر ۾ کڻندو هو. پوءِ ٻئي ڄڻا وڃي پير صاحب کي گهران کڻندا هئاسين. اتان ڪڏهن هيڏي ته ڪڏهن هوڏي هليا ويندا هئاسين. اڪثر، 'هِل پارڪ' تي ويندا هئاسين. اتي ڪلاڪ ٻه گهمي ڦري، رات جو نوين ڏهين ڌاران، محمد علي سوسائٽيءَ واري چونڪ تي، ڇڪن تڪا ۽ نانَ کائيندا هئاسين. آخر ۾ "اسپينزر" جي آئس ڪريم کائي، واپس موٽندا هئاسين.

ڪڏهن ڪڏهن رحيم بخش اسان کي ڪار ۾ شام جي مهل، پراڻيءَ ڪلفٽن تي هواخوريءَ ۽ پسار ڪرڻ لاءِ وٺي ويندو هو. ڪيئي ڳالهيون نڪرنديون هيون. گهڻا قصا انگريزن واري اڳوڻي زماني جا هوندا هئا. اهي ڏينهن ڏاڍا پيارا هئا. وري نه ايندا. اهي ماڻهو ئي موڪلائي ويا.

هڪ ڏينهن رحيم بخش مون سان ڳالهه ڪئي، ته اڄ صبح جو تمام سوير، پير صاحب منهنجي گهر آيو. نوڪر چاڪر سڀ سمهيا پيا هئا. مان

سندس واڪن تي اڪيون ملينديون ننڍ مان اٿيس.

چيائين تہ، ”وڏو نالائق آهين، اجا سمهيو پيو آهين! جلدي ڪر، چاءِ ٺهراءِ.“

مون ڊرائنگ روم کوليو ۽ چاءِ ٺهرائي. چيائين تہ: ”پچ تہ سهي، تہ صبح جو ايڏو سوير ڇو آيو آهيان؟“

مون چيو تہ، ”يلا، ڏيو حال احوال؟“

چيائين تہ، ”فلاڻي وزير جي بيوه تنهنجو ڇوڙ مڃيندي؟“

مون چيس تہ، ”مڃيندي“

تڏهن چيائين تہ، ”چوينس تہ مون سان شادي ڪري“

مون چيس تہ، ”حاضر، چوانس ٿو.“

مون چاءِ جو ڍُڪ پي، پَتي جي بيڙي دکائي.

چيائين تہ: ”سوچين ڇا ٿو؟“

چيو مانس تہ، ”سوچيان ٿو تہ اوهان جو ساٿس شادي ڪندا، تہ هن عمر ۾ ساٿس ”شريعت وارو ڪم“ ڪري سگهندا؟“

اهو ٻڌي، ڪاوڙجي باهہ تي ويو. واڪو ڪري چيائين تہ. ”وڏو ڪو نالائق آهين! اها ڪا ڳالهہ ٿو ڪرين؟“

مان خاموش رهيس. پاڻ بہ خاموش رهيو. جڏهن ٿڏو ٿيو تہ چيائين تہ، **”رحيم، تون جائي ٿو چوين. بس، منهنجيءَ ڳالهہ کي وساري ڇڏ.“**

❊ ❊ ❊

پير صاحب جا مرحوم گل حسن ’احسن‘ ڪربلائيءَ سان بہ پراڻا لڳ لاڳاپا هئا. هو مرحوم تڏهن ريڊئي پاڪستان تي نوڪري ڪندو هو ۽ پير صاحب سان اڪثر ملڻ ايندو هو. تنڊي آغا جا اهي مرزا صاحبان سنڌ جي مير صاحبن کي ڏاڍا ويجها هوندا هئا ۽ وٽن سندن گهڻا حال احوال هوندا هئا. مرزا گل حسن ڪربلائي، پير صاحب کي ميرن جي ڪتبخانن جا قلمي ڪتاب بہ ڏيکاريندو هو.

مير صاحبن ۾ پير صاحب جو ڊاڪٽر نور محمد خان ٽالپر سان وڏو لڳ لاڳاپو هوندو هو، جو يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو ۽ آخرين ٽالپر تاجدار

جو اولاد هو. پير صاحب سندس تمام وڏي عزت ڪندو هو. ڪيس هميشہ "مير سائين" ڪوٺيندو هو.

هڪ دفعي مسز ممتاز راشديءَ جي چوڻ تي مان وٽس ٻہ آمريڪي عورتون وٺي ويس، جن کي سنڌ جي ميرن جي بيگمن جي لباسن ۽ زيورن ڏسڻ جو شوق هو ۽ خاص ان واسطي ڪراچيءَ مان ڪار ۾ آيون هيون. مير نور محمد ٽالپر اسان کي لطيف آباد واري تاريخي بنگلي ۾ چاءِ پياري. قيمتي قلمي نسخا ڏيکاريائين. هڪ لڪڻ ڏيکاريائين، جنهن جي منڍي ۾ ننڍي دوربين لڳل هئي. هڪ مردانہ صدري ڏيکاريائين، جنهن تي سونَ جي تار سان پرت جو ڪم ٿيل هو. سچن موتين جو هڪ قيمتي هارُ ڏيکاريائين ۽ ٻڌايائين تہ اسان زالاڻا زيوَر ۽ لباس ڪونہ ڏيکاريندا آهيون. البت، بندوقون ۽ تراريون ڏيکاريائين جن تي فارسي شعر اُڪريل هئا. سڀ سامان تاريخي هئا. انگريزن جي آمد کان اڳ حڪمران ميرن جا هئا.

❋ ❋ ❋

پير صاحب جي سنڌ جي نوجوان اديبن ۽ دانشورن ۾ غلام محمدلاکي ۽ تنوير عباسيءَ سان وڏي محبت هئي. پوئين زماني ۾ سچل جي ميلي ۾ هر سال ادبي ڪانفرنس جي صدارت لاءِ سڏيندا هئس. پاڻ سڀ سرڪاري انتظام ڇڏي، تنوير جي گهر وٽس وڃي ٽِڪندو هو. هڪ ٻہ جڻو پيو ٻہ ساڻ هوندو هئس.

جوش مليح آبادي ۽ جگر مراد آبادي ان دؤر ۾ هندستان جا وڏا شاعر هئا. جوش، سڪندر مرزا ۽ اي.تي نقويءَ جي زماني ۾ پاڪستان لڏي آيو. پر، جگر ڪونہ آيو. جوش جو نالو گهڻو وڃيل هو. هونئن ٻہ اردو زبان جا ڳالهائيندڙ پنهنجن عالمن ۽ اديبن ۽ شاعرن جو وڏو قدر ڪندا آهن. سنڌي سڀاجهڙن وارو ساڙ ڪونہ ڪندا آهن.

جوش ٻئي ٽئين ڏينهن پير صاحب سان گڏجي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ ايندو هو. مخصوص نشست ٿيندي هئي. وڏيءَ "گهن گرج" سان ڪلام ٻڌائيندو هو. سندس شعر پڙهڻ جو انداز انوکو هوندو هو.

اهڙو مون ٻئي ڪنهن به شاعر ۾ ڪونه ڏٺو. هڪ دفعي منجهند جو پير صاحب جي گهر آيو. هن چيس ته. ”جوش صاحب. غلط وقت تي آيا آهيو هيءَ منهنجي ماني کائي آرام ڪرڻ جي مهل آهي.“

اهو ٻڌي، جوش چيس ته. ”پير صاحب، ڳالهه ئي اهڙي هئي.“

پير صاحب چيس ته. ”ڪهڙي ڳالهه؟“

چيائنيس ته. ”اڄ پنجين بجي منهنجي نياڻيءَ جو نڪاح آهي.“

پير صاحب چيس ته. ”اڳي ڳالهه ڪيو ها. پر، حاضر ايندس“

جوش چيس ته. ”اوهان کي ئي ته ان ڳالهه جو سڄو بندوبست ڪرڻو آهي، انهيءَ ڪري هن وقت آيو آهيان.“

پير صاحب چيو ته مان ڳالهه ٻڌي وائڙو ٿي ويس. فوراً ممتاز حسن کي فون ڪيم، سو نيشنل بئنڪ مان پڳو. تڏهن بئنڪ جو M.D هوندو هو. ٻه چار پيا دوست به ونيون آيو. وٽ وٺان تي وئي. تنبو تولان لڳا. کجور ۽ نُقُلَ ورهائڻ جو بندوبست ٿيو ۽ نڪاح خوان کي سڏ ٿيو. تڏهن وڃي جوش جي نياڻيءَ جو پنجين بجي شام جو نڪاح ٿيو.

جوش جا پويان ڏينهن اسلام آباد ۾ گذريا. اتي ئي وفات ڪيائين. مون پير صاحب سان سندس محبت ڪري سندس تربت سنگمرمر سان نهرائي ۽ مرحوم قاضي عبدالمجيد جي چوڻ تي سندس خاندان کي ان زماني ۾ هزارين رپيا مالي مدد ڏنم.

قاضي محمد اڪبر ۽ قاضي عبدالمجيد عابد ٻنهي جي مون سان محبت هئي. حيدرآباد جون مجيل معزز سنڌي شخصيتون هيون. مير برادران ۽ قاضي برادران جي زندگيءَ ۾ حيدرآباد ۾ سنڌين جو ڪنڌ مٿي هوندو هو. پاڻ جهان ڇڏي ويا، ته اوندهه ٿي ويئي، حيدرآباد ۾ سنڌي يتيم ٿي ويا.

پشاور ۾ مولانا عبدالقادر، ڊئريڪٽر پشتو ايڪيڊمي جي تربت به ائين نهرايم ۽ سندس گهر واريءَ جي مدد ڪيم. سبب فقط اهو هو ته اهو عالم ۽

محقق بہ پير صاحب جو دوست هو.

ڪراچيءَ جي اديبن ۾ پير صاحب کي گهڻي محبت ڊاڪٽر رياض الاسلام، محمود الحسن صديقيءَ ۽ مشفق خواجہ سان هئي. انهن ٽنهي جو وڏو احترام ڪندو هو. ٽئي ڄڻا بہ سندس پرستار هئا. مئي جيئري ساٿس نڀايائون. پير صاحب مشفق خواجہ کي پاڪستان جو "حقيقي محقق" مڃيندو هو. سندس تمام وڏي عزت ڪندو هو.

پير صاحب جي وفات کان پوءِ اردوءَ جي هڪ اديب تاريخ نويس هڪ ڪتاب لکيو جنهن ۾ پير صاحب تي تهمت مڙهيائين تہ "پئسا ڏئي، مسڪين مهاجر اديبن کان ڪتاب لکائيندو هو ۽ پنهنجي نالي ڇپائي پاڪستان ۽ ايران جي سرڪار کان فائدا وٺندو هو."

ڪنهن بہ سنڌي اديب شاعر کي تہ ڪيس رد ڏيڻ جي توفيق ڪانہ ٿي. ڪي تہ خوش ٿيا هوندا. "سنڌي سڀاجهڙا" جو ٿيا. ليڪن، مشفق خواجہ پاڻ ملهايو "تڪبير" رسالي ۾ شاندار مضمون لکي، انهيءَ اردو دانشور کي ڀڄڙو ڪيائين. سنڌي محاوري موجب "لاڪ لاٿائينس."

ڪراچيءَ جي اردو اديبن ۾ قاضي احمد ميان جهوناڳڙهي، شاهد احمد دهلوي، جميل جالبي، حڪيم سعيد، شان الحق حقي، ڪرنل خواجہ عبدالرشيد، ابوالليث صديقي، حميد ڪاشميري ۽ ايوب قادري سندس خاص دوستن جي حلقي ۾ شامل هئا. عيش ٽونڪيءَ سان چرچا تہ گهڻا ڪندو هو.

حُسين شاهہ بہ هڪ دفعي جمشيد روڊ واريءَ جاءِ تي عيش ٽونڪيءَ، حبيب الله رشديءَ ۽ مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جو وڏو دنگل ڪرايو هو. رشديءَ الزام هنيو هو تہ "مولانا عبدالواحد سنڌيءَ تي چاندي چڙهيل آهي."

❊ ❊ ❊

پير صاحب جون آثار قديمہ کاتي ۾ محمد ادريس صديقيءَ سان تہ ٺهيہ دليون هيون. پر، ڊاڪٽر رفيق مغل، مرزا محمود بيگ ۽ ايم.اي غفور بہ

ڏاڍا ويجها هئس. غفور بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ اوڏانهن هليو ويو ۽ آثار قديمہ کاتي جو ڊئريڪٽر مقرر ٿيو. مون کي بنگلاديش جي دوري ۾ "ڍاڪا شريٽن هوٽل" ۾ اچي مليو. سمورو وقت پير صاحب جون ڳالهيون ڪيون سين.

لاهور جي اردو اديبن ۽ دانشورن مان مولانا غلام رسول مهر، عبدالله چغتائي، مولوي شفيع، سيد عبدالله، ڊاڪٽر وحيد قريشي، اي ڊي اظهر ۽ حنيف رامي سان مراسم هئس. سڀ پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي اعليٰ انسان هئا.

غلام قادر ڊڪڻ، اياز ۽ حسين شاهہ جو دوست هو. چوندو هو تہ اياز راشدي وڏو آرٽسٽ بہ آهي ۽ عالمن ۽ فنڪارن جو قدردان بہ آهي. ان ڪري عبدالله چغتائي جڏهن پير صاحب سان ملڻ لاءِ لاهور کان ڪراچيءَ ايندو آهي تہ اياز موٽر ڪاهي ڪيس ايئرپورٽ تان وٺي ايندو آهي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ ٽِڪائيندو آهي. اياز چغتائي صاحب جي اچڻ شرط سندس لمبي اوورڪوٽ جي کيسن ۾ جيڪو سامان هوندو هو مثال طور باٽا جو سپاٽو چانديءَ جي ڏند کوٽڻي، ڪاٺ جي اڳٹ وجهڻي، ٽٽ برش پيست ۽ ڪنجين جو ڇڳو وغيره سڀ سليقي سان ٺاهي پنهنجي ڪمري ۾ رکندو هو.

عبدالله چغتائي 'تاج محل' واري مغليہ اڏاوتي فن جو ماهر ۽ ڄاڻو هو. جنهن تي مستند ڪتاب لکيو هئائين. سندس ڀاءُ عبدالرحمان چغتائي ملڪ جو مڃيل آرٽسٽ هو.

پير صاحب ۽ حنيف رامي، مرڪزي اردو بورڊ لاهور ۾ نوڪري ڪندا هئا. پنهنجون ڀريون ڀريون موٽر ڪارون فوڪسي ڪمپنيءَ کان اوڌر تي قسطن ۾ ورتيون هئائون.

پٽي صاحب، ايوب خان جي خلاف تحريڪ هلائي تہ حنيف نوڪري ڇڏي سياست ۾ ويو. اول پنجاب جو وزير خزانہ ۽ پوءِ چيف منسٽر ٿيو پر پير صاحب جي ڪري مون سان بہ محبت ٿيس. مان ڪيس هڪ دفعي پٽائيءَ جي روضي تي وٺي ويو هوس. لاهور ويس تہ پنهنجي بيگم وٺي آيو. ٻنهي ڄڻن مون کي "شيزان ڪانٽينينٽل" ۾ دعوت کارائي. حنيف رامي لاهور ۾

منهنجن ڪن پنجابي دوستن جا ڪم ڪيا. ڪيس دوستيءَ جي شناس هئي.

مولانا غلام رسول مهر وڏو عالم ۽ صحافي هو. تحريڪ پاڪستان ۾ پير علي محمد شاهه راشديءَ جو ساٿي هو. پير صاحب جي ڪري مون سان محبت ٿي ويس. مون کان عمر ۾ وڏو هو. وٽس ويندو هئس. عاليشان چاءِ پياريندو هو ۽ حلوو کارائيندو هو. ابوالڪلام جو معتقد هو. سنڌس علمي عظمت جون ڳالهيون ٻڌائيندو هو.

لاهور جي شيخ غلام علي سنز وارن جي به پير صاحب سان وڏي محبت هئي. آچر ڏينهن، مولانا مهر کي ساڻ وٺي، سڀ لاهوري دروازي وٽ "نعمت ڪده" هوٽل ۾ دعوت کائڻ هلندا هئا. هڪ دفعي مون کي به وٺي هليا. ابوالڪلام آزاد ۽ علامه اقبال جا دلچسپ قصا ڪهاڻيون ٻڌايائون. پير علي محمد راشديءَ کي ڏاڍيءَ سڪ سان ياد ڪيائون.

پير صاحب پشاور جي اديبن مان، پشتو ايڪيڊميءَ جي ڊئريڪٽر، مولانا عبدالقادر سان گهرو گهاٽو هو ۽ ولي خان جي وڏي ڀاءُ غني خان جو مداح هو جو پشتو جو وڏو شاعر هو. پشتو زبان جا ننڍا وڏا شاعر مٿس مفتون هوندا هئا. راجا ماڻهو هو. مون کي پنهنجي ڳوٺ 'ناڙيءَ' دعوت تي سڏيائين. شاندار ڊنر کارايائين ۽ اڌ رات تائين ڪچهري ڪيائين. پنهنجيءَ زندگيءَ جو احوال ۽ عشقن جو داستان، ائين ٻڌايائين، جو ڄڻ ته منهنجو ورهين جو يار هو. نظريي جي لحاظ کان "انسان ـ دوست" هو. ان ڪري جيل به ڪاٽيا هئائين.

مون پشاور ۾ سنڌس مانَ ۾ ٻه جلسا ڪيا: هڪ پشتو مشاعرو ڪرايم، جنهن جو ڪيس مکيه مهمان ڪيم. ٻئي دفعي، ساڻس پشاور ۾ "شام" ملهايم. انهيءَ جلسي ۾، صوبي سرحد جا سردار ۽ خان، قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر، اعليٰ عملدار ۽ معزز شهري سڏيم. جلسو خيبر پرل ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ ڪيم. ويهڻ جي جاءِ ڪانه بچي. صدارت جي لاءِ سرحد جي گورنر، امير گلستان جنجوعه کي سڏيم. هن پنهنجيءَ تقرير ۾ غني خان کي زبردست خراج تحسين پيش ڪئي، پر جڏهن غني خان تقرير ڪئي ته جنجوعه جو شڪريو ته ادا ڪونه ڪيائين، بلڪ ڪيس ٽوڪ هنيائين ته "يارَ پناڻ ۽ جنجوعه ڪڏهن کان پاڻ ۾ مٽ مائٽ ٿيا. جو تون منهنجي ايڏي

تعريف ٿو ڪرين!“

غني خان هڪ دفعي فيمليءَ سميت اسلام آباد آيو. پنهنجيءَ نُنهن نگينہ ۽ سندس ٻارڙن کي هندستان وٺي ٿي ويو جو ڪين سندن نانيءَ (ٽاٽا ڪمپنيءَ جي هڪ پارسي خاتون) جي ملڪيت ورثي ۾ ملي هئي. ٽِڪيا جنرل اعظم جي ياءُ وٽ، پر، رات جي ماني منهنجي گهر کاڌائون. ڪچهريءَ ۾ سنڌ جو ذڪر نڪتو تہ، غني خان مون کي سڪ سان چيو:

"پير صاحب نهايت شريف انسان هو."

غني خان جي جلسي وانگر، ڪوئٽيا ۾ جسٽس مريءَ، ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ پنجاب ۾ پروفيسر شريف ڪنجاهيءَ جي مانَ ۾ بہ جلسا ڪرايم. انهن جلسن ڪرائڻ ۾ منهنجو مکيہ مقصد پاڪستان جي علائقائي ٻولين جي اهميت جو شعور پيدا ڪرڻ هو. جو ايڪيڊميءَ ۾ منهنجي مقرريءَ کان اڳي رڳي 'اردو نوازي' ٿيندي هئي.

ملتان جي دوستن ۾ پير صاحب جي مداحن ۾ سرفهرست بہ نالا ايندا: هڪ مخدوم ملتان سجاد حسين قريشي صاحب ۽ ٻيو ممتاز حسن خزانہ آفسير. اتي بہ پير صاحب حيدرآباد وانگر نوجوان اديبن ۾ پنهنجا پرستار پيدا ڪيا. جن ۾ ٽي نالا تہ اهم آهن: هڪ (مرحوم) خان رضواني، ٻيو غضنفر مهدي ۽ ٽيون مظهر عارف. جو بعد ۾ ايوان صدر ۾، ڪنهن عهدي تي مقرر ٿي آيو. ٽئي مون سان گهرا گهاٽا هئا.

ملتان جي مخدوم صاحب سجاد حسين قريشيءَ جي تہ پير صاحب ۽ مون سان ڏاڍي محبت ٿي وئي. راتين جون راتيون سندس گهر ۾ ڪچهري ڪندي گذري ويندي هيون. مخدوم صاحب جا سنڌ جي وڏن وڏن خاندانن سان لڳ لاڳاپا هئا ۽ سنڌي عوام سان محبت هئس. ٿر ۾ مريد هئس. انهن جي ڏکن ۽ سورن جو ذڪر ڪري چوندو هو تہ، "مسڪينن جو هڪ ئي تہ مکيہ مسئلو آهي: پيئڻ جو پاڻي." هڪ دفعي مون سان ڏاڍي ڏک سان ڳالهہ ڪيائين تہ، "نوجوان نينگرين جي سڄي عمر پاڻيءَ جي تـڙ تان گهر تائين پاڻيءَ جا دلا آڻڻ ۽ نيڻ ۾، واريءَ تي هلندي هلندي، گذري وڃي ٿي."

ڪراچيءَ جي احبابن ۾ پير صاحب جو هڪ پشاوري پناڻ وڏو دوست هوندو هو. ڪيس آغا صاحب ڪوٺيندا هئا. ڪنهن وڏي ريلوائي ٺيڪيدار

جو فرزند هو: کيس ڇهه ڀائر هئا. هڪ ولي خان جي ڀيڻ سان شادي ڪئي. ٻيو ترڪيءَ ويو ۽ مصطفيٰ ڪمال پاشا ۽ انور پاشا کي ويجهو ٿيو پر ٻنهي جي جهيڙي ۾ ترڪيءَ ۾ شهيد ٿيو. ٽيون ڀاءُ آغا صاحب هو. چين جي شهر شانگهائيءَ ۾ وڏيءَ هوٽل جو مالڪ هو. اتي سوشلزم آيو تہ برما لڏي آيو ۽ ٽيڪ ووڊ جو ڪروڙن رپين جو واپار ڪندو هو. اتي حالتون ناسازگار ٿيس، تہ ڪراچيءَ هليو آيو. انگريزن جي زماني ۾ ٻيو نمبر پراڻي نهيل هوٽل نارٿ ويسٽرن ورتائين. هوٽل ۾ يورپي ۽ مشرقي طرز جي کاڌي جا هال هوندا هئا ۽ وڏا رهائش جا ڪمرا هوندا هئا، جن تي "بوگن ويلا" جون خوبصورت وليون چڙهيل هونديون هيون. ڀرسان "پرل ڪانٽيننٽل" هوندي هئي، جتان نوجوان انگريز ٽائيپ ۽ ٻين ملڪن جون خوبصورت ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا، ريشمي قميصن ۽ جينس ۾ ايندا هئا. ڪڏهن پاڪستاني تہ ڪڏهن يورپي هالن ۾ ماني کائيندا هئا. ڏاڍو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو.

آغا صاحب کي ٻہ پٽ هئا ۽ هڪڙي ڌيءُ هئي، نالو هئس مهرالنسا. ڇوڏهينءَ جو چنڊ هئي. هوٽل ۾ اچ وڃ ڪري، آغا صاحب جي پير صاحب سان دوستي ٿي وئي. پوءِ مون سان بہ محبت ٿي ويس. مهرو بہ اسان ٻنهي سان گهري گهاٽي ٿي وئي. هڪ ڏينهن شام جو لڪندي، لڪندي، منهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ لڄ سان مرڪي چيائين تہ، "تو ۾ ڪم اٿم."

مون چيو تہ، "حڪم ڪر؟"

ڪِلي چيائين تہ، "منهنجي شادي ڪراءِ."

مون چيو "حاضر."

چيائين تہ، "پير صاحب جي هڪ عزيزه بہ انهيءَ ڇوڪري ۾ دلچسپي رکي ٿي ڇوتہ ڇوڪرو سنڌي آهي. سندس پيءُ سيشنس جج آهي."

مون پير صاحب سان ڳالهہ ڪئي. چيائين تہ، "حاضر. مهروءَ جي شادي ڪرايون ٿا." اسان جي ڪوشش سان مهروءَ جي شادي ٿي وئي. هوءَ هاڻي آمريڪا ۾ آهي. هڪڙو پٽ ڄائو اٿس. مون سان هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾ ملي آهي.

اسلام آباد جي اديبن ۾ پير صاحب جا بہ وڏا مداح هئا: هڪ ممتاز مفتي، جيڪو "علي پور ڪا ايلي"، "هند_ ياترا" ۽ ٻين ڪتابن جو مصنف

هو. قدرت الله شهاب جي حلقي جو ماڻهو هو. مون سان سڪ هئس. پير صاحب جو تہ وڏو مداح هو. بيمار ٿيو تہ مون ايڪيڊميءَ مان سندس مالي مدد ڪئي.

پير صاحب جو ٻيو مداح ممتاز عالم ۽ آثار قديمہ جو ماهر، ڊاڪٽر احمد حسن داني هو. پير صاحب وصيعت ڪئي هئي تہ سندس وفات کان پوءِ، سندس لکڻ واري ڪرسي ڊاڪٽر دانيءَ کي ڏني وڃي. اسلام آباد ۾ ڊاڪٽر داني منهنجو بہ گهاٽو يار ٿي ويو. اسان جون هفتي ڏهين ڏينهن محفلون ٿينديون هيون. "قراقرم" بين الاقوامي سيمينار ۾ گڏ هئاسين. اسي اسڪالر هئا: چاليهہ مرد ۽ چاليهہ زالون هيون، ليڪن، فقط زالون سڀ يوروپي هيون. سيمينار پورو ٿيو تہ سڀ گڏجي شاهراهہ ريشم ڏئي، خنجراب (چين جي سرحدي چونڪي) تائين گهمڻ وياسين. خواتين ۾ جرمن سفير جي ڏيءَ ۽ سندس هڪ سهيلي بہ شامل هيون. ٻئي جوان ۽ نهايت خوبصورت هيون. کين قميص جي مٿان گرم سئيٽر ۽ جينس پاتل هيون. مون تہ بہ ڪوٽ پاتا هئا، جن ۾ هڪ اوورڪوٽ بہ هو. سو مون کي سمورو وقت چيڙائينديون رهيون. سيمينار کان سال بہ پوءِ جرمن سفير جي ڏيءَ جي سهيلي يورپ مان آئي ۽ مون سان اچي ملي. چيائين تہ پاڪستان ۾ رهائش دوران 'هُنزا' رياست جي تاريخ تي ريسرچ ڪندي هئس. ان جو ڪتاب ڇپايو اٿم. مون کي ڪتاب جي ڪاپي تحفي طور ڏنائين. جرمن زبان ۾ هو. پر تلخيص انگريزيءَ ۾ هئس. چيائين تہ جرمن سفير جي چوڻ تي توسان ملڻ آئي آهيان تہ مون کي ريسرچ مڪمل ڪرڻ لاءِ وزيراعظم کان اجازت وٺي ڏي تہ 'هُنزا' وڃان. مون سائين غلام مصطفيٰ شاهہ سان ڳالهہ ڪئي جو تعليم جو وزير هو. پر، سندس ڪم ڪرائي ڪونہ سگهيو.

راولپنڊيءَ ۾ پير صاحب جو گهرو گهاٽو رستو برگيڊئير افنديءَ سان هوندو هو. جنهن جي والده افغانستان جي بادشاهہ ظاهر شاهہ جي ڀڻاٽ هئي. منجهس شاهي خاندان وارو وقار هو. هڪ دفعي مان ۽ پير صاحب سندن گهر ۾ پندرنهن ڏينهن ٽڪياسين- هر ويلي تي، ڊنر ٽيبل تي نئين ڪراڪري ۽ نوان نوان طعام! بيگم صاحبہ گلاب ۽ موتئي جي گلن جي شوقين هئي. سندس پُٽ برگيڊئر افنديءَ جي اهليہ سر سڪندر حيات

وزيراعليٰ پنجاب جي ڀائٽي آهي. افندي هاڻي منهنجو ڀائن جهڙو يار ٿي ويو آهي. سال ٻہ ٿيا تہ سرڪار ڪيس ڪنهن خفيہ ڪم سان چين موڪليو. مون کان مدد گهريائين. مون چين ۾ هڪ دوست کي خط لکيو جو اتي ڪيس ڏاڍو ڪم آيو. افندي موٽيو تہ ڏاڍا ٿورا مڃيائين. اسان جي هاڻي ٻہ پاڻ ۾ خط و ڪتابت آهي.

هندستاني اديبن ۾ پير صاحب جا هونئن تہ گهڻن سان لڳ لاڳاپا هئا، پر ٻہ ڄڻا مون کي خاص طرح سان ياد اچن ٿا: هڪ مالڪ رام ۽ ٻيو سيد صباح الدين عبدالرحمان. ٻئي جبل جيڏا عالم هئا. ليڪن، پير صاحب جا عقيدتمند هئا. مالڪ رام هو تہ هندو پر عربيءَ ۽ فارسيءَ جو گوهر هو. ايتريقدر جو مولانا ابوالڪلام آزاد جهڙي دنيا ڀر جي مڃيل مذهبي عالم جا ڪتابَ، مثلاً "غبارِ خاطر"، "تذڪره" ۽ ٻيا ايڊٽ ڪيائين. هو انهن ڏينهن ۾ ساهتيہ ايڪيڊمي دهليءَ ۾ اردو شعبي جو سربراهہ هو. اڳ ۾ مصر ۾ هندستان سرڪار جو سفارتڪار هو. هاڻي وفات ڪري ويو آهي.

مالڪ رام پاڻ ٻہ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. سندس هڪ ڪتاب **"وه صورتين الاهي"** تہ تمام مشهور آهي. مون هندستان مان گهرائي پڙهيو آهي. لاجواب ڪتاب آهي. هن پنهنجن همعصر اديبن تي ٻيو بہ سٺو ڪتاب اردوءَ ۾ لکيو آهي، جو هاڻي مون کي لنڊن مان هڪ علم دوست موڪليو آهي. اجڪلهہ اهو پڙهي رهيو آهيان. **اهو علم دوست شخص بہ سنڌ جي عالمن ۾ فقط پير صاحب جي ئي علم ۽ تحقيق جو مداح آهي.**

مالڪ رام پنهنجين نياڻين جا نالا اسلامي رکيا. نشست برخواست عالمن واري هئس. هندو هوندو هو تڏهن بہ روز قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندو هو. نيٺ مسلمان ٿي ويو هو. جڏهن مصر ۾ سفارتڪار هو تہ پير صاحب سان خط و ڪتابت ڪندو هو. ٻنهي جي پاڻ ۾ وڏي محبت هئي. سندس ڪيئي علمي خط پير صاحب وٽ محفوظ آهن. اديءَ شميم کي وڌيڪ خبر آهي.

سيد صباح الدين عبدالرحمان، هندستان جو هاڪارو عالم هو. علامہ شبلي نعمانيءَ جي قائم ڪيل اداري "دارالمصنفين" جو صدر هو. ماهوار "معارف" رسالو بہ ايڊٽ ڪندو هو جيڪو عيد هجي تہ چا، محرم هجي تہ

چا، دهليءَ ۾ دنگو فساد هجي تہ چا، امن امان هجي تہ چا، هر حالت ۾ مقرر تاريخ تي شايع ٿيندو هو. اصول پرست انسان هو. هر قسم جي تعصب کان پاڪ صاف هو. صحيح معنيٰ ۾ محقق ۽ عالم هو. ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو. پير صاحب سان ڏاڍي گهري دوستي هئس. منهنجي ساڻس ملاقات بہ پير صاحب وٽ ٿي. جڏهن پير صاحب وفات ڪري ويو تہ مٿس هڪ مفصل مضمون لکيائين، جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي. مون سان محبت ٿي ويس. ڪراچيءَ آيو تہ مان کيس حيدرآباد وٺي آيس، جتي پير صاحب جي ياد ۾ شاندار ليڪچر ڏنائين. ڊاڪٽر فرمان فتح پوري بہ گڏ هو. موٽ تي ٺٽي وارو رستو ڏئي وياسين. سنڌ جي تاريخي شاهجهاني مسجد وٽ تصويرون ڪڍايونسين.

يورپي عالمن ۽ اديبن ۾، سرفهرست، پروفيسر ڊاڪٽر ائنيمري شمل جو نالو ايندو ۽ نهايت ادب ۽ احترام سان کنيو ويندو. ڊاڪٽر شمل لاءِ اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ هوءَ جرمن هئي يا سنڌي؟ ليڪن، سنڌ ۽ سنڌيءَ ۾ دلچسپي پير صاحب جي ڪري ئي ورتائين.

- پر، ٻين يورپي عالمن سان پير صاحب جا لڳ لاڳاپا فقط خيرسگاليءَ تائين محدود هئا. مثال طور لنڊن ۾ سائمن ڊگبي يا آمريڪا ۾ ٽئڪسٽن ويلر. ٻئي "سنڌ سيمينار" (1975ع) ۾ آيا هئا. ڊگبيءَ مون کي پنهنجو هڪ ڪتاب تحفي طور ڏنو هو جنهن جو موضوع هو: "مغل هندستان ۾ گهوڙي جي اهميت." ڊگبي برٽش ميوزيم ۾ اعليٰ عهدي تي فائز هو.

پير صاحب جا گهڻي ۾ گهڻا دوست ايران ۾ هئا. انهن ۾ آقاي سعيد نفيسي تہ خير تمام وڏي شخصيت هو. مون ڪونہ ڏٺو پر، پاڻ علي اڪبر جعفريءَ، منوچهر ستوده، خدابنده لو جعفر محجوب، ايرج افشار ۽ لطف الله هنرفر سان بہ تمام گهرو گهاٽو هو. پروفيسر فروزان فر ۽ ڊاڪٽر عبدالحسين زرين ڪوب سان بہ گهرا گهاٽا تعلقات هئس، ماهيار نوابي، يوسف ڪيوان شڪوهي، رشيد فرزانہ پور، آغا ضيائي ۽ محمد حسين تسبيحي تہ کيس گهڻو ويجها هئا. مون سان بہ ڏاڍا گهرا گهاٽا ٿيا.

اسلام آباد ۾ بدلي ٿي ويس تہ ايراني سفارتخاني جا اعليٰ عملدار انهيءَ ئي نسبت سان مون کي دعوتن ۾ سڏيندا هئا. سهڻا قيمتي ايراني

قالين تحفي طور ڏيندا هئا. علمي ڪتابن تي منهنجا رايا ڇاپيندا هئا. هڪ اهڙو سهڻو ڪتاب "ميراثِ جاودان" نالي سان پاڪستان تي ڇاپيائون. بلاشڪ، ان ڳالهہ ۾ منهنجون ساڻن محبتون بہ شامل هيون. پر، "صبح جي اها ٿڏي هير" اصل ۾ تہ پير صاحب جي پار ڪان ئي آئي هئي!

شاهہ ايران جي وڏيءَ ڀيڻ شمس جو خاوند، آغا پهل بود، پير صاحب جو عقيدتمند هو. پير صاحب ڪانئس حيدرآباد وارو "خانءِ فرهنگ" قائم ڪرايو هو پير صاحب جي وفات ڪان پوءِ ڊئريڪٽر آغا رشيد، فرزانہ پور ۽ آغا ڪيوان شڪوهي ۽ آغا ضيائي مڙني معاملن متعلق فقط مون سان مشورو ڪندا هئا. وڏا يار ويس هئا.

افغانستان جي عالمن ۾ مون کي پير صاحب جو هڪ ئي دوست سُجهي ٿو: آقاي عبدالحئي حبيبي، جنهن سنڌي ادبي بورڊ لاءِ "تاريخ تازه نواءِ معارڪ" ايڊٽ ڪيو آهي. سڪندر مرزا واري زماني ۾ افغستان مان خودبخود جلاوطني اختيار ڪري، پاڪستان هليو آيو. هت حڪومتِ پاڪستان جو "سروش" رسالو ڪڍندو هو. مون سان گڏ، "پاڪستان پبلڪيشن" ۾ ڪم ڪندو هو سو دوست ٿي وياسين. پير صاحب جي وفات ڪان پوءِ مون پير صاحب جو ئي ايڊٽ ڪيل تاريخ "تحفتہ الڪرام" (فارسي) تحفي طور کيس ڪابل موڪليو هو. پنهنجي حڪومت سان ناهہ ٺيس، تہ موٽي افغانستان ويو. ان ڪان پوءِ افغانستان ۾ ڪيئي انقلاب آيا آهن. خبر ناهي تہ ڪاٿي آهي. زنده آهي يا وفات ڪري ويو. تاريخ جو وڏو عالم هو.

افغانستان ۾ حبيبيءَ ڪان علاوه پير صاحب جا ٻيا ڪهڙا اديب دوست هئا، تن جي مون کي خبر ڪانهي. پر، اتان جي شاهي خاندان جون ٻہ خواتين، پير صاحب جي دعوتن ۾ ايندي‌ون هيون. سندن خاندان، ڪابل مان لڏي ديرادون هليو ويو هو. فارسي ڳالهائيندو هو. اهو انگريزن جو زمانو هو. پاڪستان پوءِ ٺهيو سندن خاندان ڪراچيءَ لڏي آيو. ٻئي خواتين نهايت مهذب، اعليٰ تعليم يافتہ ۽ تمام خوبصورت هيون. وڏيءَ جو نالو شيرين خان ۽ ننڍيءَ جو ثريا خان هو. شيرين خان سان منهنجي دعا سلام گهري گهاٽي ٿي وئي. انگريزي زبان جي ماهر هئي. منهنجي چوڻ تي چوندڊ سنڌي لوڪ

ڪهاڻين جي ڪتاب جو انگريزي ترجمو ڪيائين، جو ايڪيڊمي آف ليٽرس ۽ سنڌي ادبي بورڊ گڏجي ڇاپيو. ڪتاب جو پيش لفظ جويي صاحب لکيو. جو بورڊ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ سائين مخدوم صاحب صحيح ڪيو. مخدوم صاحب وڏيءَ ڳڻ ڳوت وارو اعليٰ شخص هو. سو پيش لفظ لکڻ جو ڪم سوچي سمجهي جويي صاحب کي سونپيائين. ڇو ته ڪنهن به عالم تي اعتبار ڪونه هئس.

پير صاحب جي قريبي حلقي ۾ ٻي اهڙي غير ملڪي اعليٰ تعليم يافته خاتون گلشن خاڪي هئي. آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ "تقابل اديان" پڙهائيندي هئي. مون سان حُجائتي هئي، سو سانس چرچا گهڻا ڪندو هوس ۽ جلد شادي ڪرڻ جو مفيد مشورو ڏيندو هئس. کِلي مُڪون هڻندي هئي. ويچاري هاڻي سخت بيمار آهي، ولايت ۾ آهي.

❊ ❊ ❊

هن دنيا ۾ انسان مقرر مدي لاءِ اچي ٿو. پر، ان کي "دائمي حقيقت" سمجهي، منجهس پنهنجي ننڍي دنيا ٺاهڻ لاءِ هيڏي هوڏي ڊوڙي ٿو. هيءَ دنيا رڃ آهي. انهيءَ ڪري، رڃ کي هنديءَ ۾ "مرگهه ترشنا" ڪوٺيندا آهن "OLD MAN AND THE SEA" هيمنگوي جي هڪ ناول جو نالو آهي. سندس چوڻ آهي ته انسان، هن جهان ۾ ائين ئي بيوس، حيران ۽ سرگردان آهي، جيئن ٻيڙو ماٺهو سمنڊ ۾! سندس ڏينهڙا پڄي اچن ٿا. تڏهن انهن مان ڪيتريون اهي ڳالهيون جن جي پٺيان سڄي عمر ڊوڙندو رهيو سي، ڪيس سراسر بي معنيٰ لڳنديون آهن. مون سان ڪنهن دوست ڳالهه ڪئي ته پير صاحب جو وڏو ڀاءُ، پير علي محمد راشدي، جڏهن ٻٽي صاحب جي ايامڪاريءَ ۾ وزارتِ اطلاعات ۽ نشريات ۾ مشير مقرر ٿيو ته ڪيس دستور موجب اسلام آباد ۾ سرڪاري گهر الاٽ ٿيو. واسطيدار ڪامورو وٽس ويو ۽ ادب سان ڪانئس پڇيائين ته، "سائين، اوهان جي سرڪاري گهر ۾ ڪهڙو فرنيچر رکجي؟"

جواب ڏنائينس ته، "اهڙو هجي، جو جڏهن هي گهر ڇڏڻو پوي، ته ڪا به حسرت نه ٿئي."

سائين حسام الدين شاهہ جڏهن هي جهان ڇڏيو تڏهن الائي ڪهڙيون حسرتون دل ۾ کڻي ويو. بظاهر، هن لڳ ڀڳ منو سؤ ورهين جي ڄمار ماڻي. نِنڍپڻ ۾ ڪا خاص تعليم ڪانہ ملي هئس، ليڪن، پنهنجيءَ ڪوشش سان سنڌيءَ، اردوءَ ۽ فارسيءَ تي عبور حاصل ڪيائين. انگريزي بہ سِکيو. اُٺ ڪتابن جا پڙهيائين ۽ اُٺ ڪتابن جا لکيائين. حڪومتِ پاڪستان کيس ستاره امتياز ڏنو. ايران جي بادشاهہ کيس ملڪ جو اعليٰ علمي اعزاز "نشانِ سپاس"، درجہ اول ڏنو. ايڏي عزت پير صاحب کان نہ اڳي نہ پوءِ، ٻئي ڪنهن بہ سنڌي عالم جي ڪيائين.

ايڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد ۾ چيني اديبن جا وفد ايندا هئا تہ مان کين مڪليءَ ۾ پير صاحب جي مزار تي وٺي ويندو هئس. هو سمورن اعزازن سان سندس مزار تي گلن جون چادرون چاڙهيندا هئا ۽ علمي ڪارناما ٻڌي، حيرت ۾ پوندا هئا. ڊاڪٽر شمل تہ جڏهن بہ پاڪستان ايندي هئي تہ هميشہ پاڻ مرادو مون سان گڏ، مڪليءَ تي هلندي هئي ۽ پير صاحب جي مزار تي حاضري ڏيندي هئي.

پير صاحب پنهنجي علمي قد و قامت جي وسيلي روس، آمريڪا، يورپ، افغانستان، ايران، ۽ ٻين ملڪن ۾ پنهنجا پرستار پيدا ڪيا. بين الاقوامي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن جي صدارت ڪيائين. پنهنجو نانءُ نيڪي پيدا ڪيائين ۽ دنيا ۾ سنڌ جو منهن بہ مٿي ڪيائين! پر، سنڌ جي بي رحم معاشري ۾ جيڪڏهن حُسين شاهہ سندس ياد ۾ ڪا تقريب رکي، تہ واهہ. نہ تہ ٻارهين مهيني ڪوبہ ادارو پنهنجي ليکي سندس تربت تي رڳو هڪڙو گل رکڻ وارو بہ ڪونهي!

هاڻي تہ حُسين شاهہ بہ هي جهان ڇڏي ويو! سڄي خاندان جون علمي روايتون لڏي ويون.

اسان وٽ عالمن ۽ اديبن جو قدر ڪونهي. رچرڊ برٽن جي راءِ آهي تہ "سنڌي ماڻهن ۾ حسد ۽ ساڙ آهي." انهيءَ ماجرا جو سبب سمجهڻ لاءِ منهنجي دوست، محمد حسن ڀُٽي هڪ دلچسپ ڳالهہ ٻڌائي. چيائين، "گهڻا

سال ٿيا تہ در محمد ناريجي، علامہ قاضي صاحب کان سوال ڪيو هو تہ "قبلا، ائين ڇو آهي؟"

علامہ صاحب جن فرمايو "عالمن جو قدر ادارا ڪندا آهن جڏهن ادارن ۾ ننڍا ماڻهو وڏين ڪرسين تي ويهندا آهن، تہ علم ۽ عالمن جي بي قدري ٿيندي آهي."

مون سنڌي ادبي بورڊ ۾ انهيءَ حقيقت جو مشاهدو ڪيو پر سنڌ جي مشاهيرن ۽ قومي سورمن جي ناقدري جو وڏيءَ ليول تي مشاهدو ڪرڻو هجي، تہ روپاماڙيءَ ۾ دودي سومري ۽ مڪليءَ ۾ دولهہ دريا خان جي ابدي آرامگاهن جو حال وڃي ڏسجي. فردوسي ياد ايندو:

*چغد نوبت می زند بر گنبذ افراسیاب*

❊ ❊ ❊

منهنجي والد صاحب هي جهان ڇڏيو تہ ڊاڪٽر شمل جرمنيءَ مان خط ۾ لکيو تہ:

> **"رباني، ماڻهوءَ جي مٿي تان سندس والدين جو سايو هٽي ٿو تہ هو پاڻ کي انهيءَ پکيئڙي جي مثال پائيندي ٿو جنهن کي پڃري مان ڪڍي، فضا ۾ کُليل هوا ۾ اڇلائي ڇڏجي، جتي ڪيئي خونخوار پکي هيڏي هوڏي لامارا ڏيندا رهن ٿا."**

مون بہ والد صاحب جي وفات کان پوءِ ائين ئي محسوس ڪيو. زندگيءَ جا سوين مسئلا گر ڪٽي بيٺا. پر پير صاحب منهنجي مٿي تي ٻاجهہ ڀريو هٿ ائين رکيو جو مون محسوس ڪيو تہ بابا سائينءَ جي رحلت جي باوجود مان ڇورو ڇنو ڪونہ ٿيو آهيان. اوکيءَ سوکيءَ ۾ منهنجي سار سنڀال لڌائين، غم ۽ خوشيءَ ۾ ساٿ ڏنائين. سخي ۽ سچو انسان هو. منهنجو مربي ۽ محسن هو. هڪ دفعي خان عبدالغفار خان جي عزيز يونس جو ڪتاب پڙهي رهيو هئس. جيڪو سڄي عمر جواهر لعل نهروءَ وٽ رهيو سندس وفات کان پوءِ اندرا گانڌيءَ وٽ عمر گذاريائين. ڪتاب انگريزيءَ ۾ آهي.

نالواٽس
"PERSONS, PASSIONS AND POLITICS"
ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ:

> "مان جڏهن بہ ڪنهن معاملي ۾ پريشان ٿيندو هئس، تہ سڏو جواهر لعل نهروءَ وٽ هليو ويندو هئس. هو هندستان جو وزيراعظم هو. پر، مون لاءِ پيءُ وانگر هو. ڳالهہ ٻڌي، منهنجي مشڪل دور ڪندو هو ۽ پوءِ ٽڏو ساهہ پري چوندو هو تہ "يونس، تون ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسين ٿو تہ سڏو مون وٽ اچين ٿو. مان تنهنجا مسئلا ڪجهہ حل ڪريان ٿو ۽ ڪن ۾ مشورو ڏيان ٿو. پر، اڄ جڏهن مهاتما گانڌي هن جهان ۾ ڪونہ آهي، تہ مان ڏکئي وقت ۾ ڪنهن وٽ وڃان؟"

مون يونس جو ڪتاب اتي بند ڪيو ۽ نارٿ ويسٽرن هوٽل مان ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي سڏو پير صاحب جي رهائشگاهہ تي پهتس. ساڻس اها ڳالهہ ڪيم. چيومانس تہ، "مان بہ تہ اوهان کي ائين ئي تنگ ڪريان ٿو".

هو ڪو ڪتاب ايڊٽ ڪري رهيو هو. ٿڏو ساهہ پري اُٿيو. موٽر ۾ ويناسون، صدر ۾ اچي چڪر ڏنوسون. آئيس ڪريم کاڌيسون. موٽي سندس گهر آياسين، منجهند جي ماني کاڌيسون. پاڻ وچي آرامي ٿيو ۽ مان موٽي هوٽل تي آيس. پر، شام جو وري ٻئي گڏ هئاسين.

اڄ اهڙا اعليٰ انسان ڪاٿي آهن؟ هاڻي ڏک سک ۾ منهنجون اجايل اکڙيون ڪيس ئي ڳوليندڻيون آهن. واجهائي، واجهائي، نيٺ ٿڪجي، مايوس ٿي، مون وٽ موٽي ايندڻيون آهن.

پير صاحب، "حديقتہ الاولياء" جي مقدمي ۾، پنهنجي ڪنهن مرحوم پياري دوست جي ياد ۾، عربي زبان جي شاعر لبيد جا ڪي دلآويز شعرَ ڏنا آهن. هاڻي پير صاحب کي ياد ڪري، اهي ئي شعرَ منهنجي چپن تي ترِي ايندا آهن:

اهي وسڻون، جتي پَلُ پَهَر، آجهاپ ڪندا هئاسين،
۽ رهاڻيون ڪندي وقتَ گذاريا سين، سي ويرانا ٿي ويون!
ماڻهن ۽ محفلن مان ساٿ ڏٽي سرواڻ هليو ويو.
رجام وارين ٽڪرين جي پِڪَ ۾ اڄ انهن جا نشان بہ ڪونہ رهيا.
مهينا ۽ سال گذري ويا.
بهار جون بوندون بار بار پيون.
ڪيترائي پيرا اُترَ پارَ جا ڪارا ڪَمَر ۽ ڪَڪَرَ.
اُنهن ويرانن تي وڏڦڙا وَسائي ويا.

★

# مخدوم صاحب سجاد حُسين قريشي

مخدوم سجاد حسين قريشي، ملتان جي غوث، بهاؤالحق جي درگاهہ جو سجاده نشين هو. هڪ دفعي مون کانئس پڇيو تہ، ”سنڌ ۾ غوث کي بهاؤالحق ڪوٺين ٿا ۽ پنجاب ۾ بهاؤالدين... سو ڇو؟“ چيائين تہ، ”ٻئي لقب آهن، سندن اصل نالو تہ ’ذڪريا‘ هو.“

سنڌ ۾ غوث جا معتقد ۽ مريد ٿر جي پاسي اچا چڱي وڏي تعداد ۾ آهن، پر ڪنهن زماني ۾ تہ اُتر، وچولي ۽ لاڙ ۾ اهڙو ڪو هنڌ مشڪل هوندو جتي نہ هجن. هڪڙي پيري مخدوم صاحب خود پير حسام الدين راشديءَ ۽ مون سان انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڪئي هئي. اسان غوث جي عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ ويا هئاسين. بعد ۾ سائين قاسمي صاحب ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب پڻ ويا هئا.

ملتان ۾ ممتاز حسن نالي هڪ خزانہ آفيسر هوندو هو جو مون کان سنڌي ادبي بورڊ جا تاريخ تي ڇپايل ڪتاب گهرائيندو هو سو هن ڪري، جو ماضيءَ ۾ سنڌ ۽ ملتان جا لاڳاپا تمام گهرا ۽ گهاٽا هئا. ملتان هاڻي پنجاب جو حصو آهي، پر، ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو حصو هوندو هو. اهو ئي سبب هو جو محمد بن قاسم ان کي فتح ڪيو هو. ملتان ۽ اُچ شريف سنڌ جي اترئينءَ سرحد جا بہ اهم شهر هئا.

قلندر شهباز کي وصال ڪئي تقريباً ست سؤ سال گذريا آهن. هو جڏهن بہ هت آيو هو تہ اول ملتان هليو ويو هو ۽ اُتي غوث بهاؤالحق وٽ وڃي رهيو هو. سيوهڻ پوءِ آيو هو تڏهن بہ ملتان، سيوهڻ وانگر سنڌ جو شهر هو.

غوث پاڪ، قلندر شهباز، بابا فريد ۽ اُچ شريف جو بخاري بزرگ، دين اسلام جي تبليغ لاءِ پري پري هليا ويندا هئا. اهي ڳالهيون بہ اسان سان

مخدوم صاحب ڪيون هيون. ائين بہ چيائين تہ اتر ۾ بعضي تہ بخارا، اولھ ۾ بلوچستان جي دور دراز شهرن ۽ اوڀر ۾ برما تائين بہ هليا ويندا هئا. ذڪر ۾ تہ عربي سمنڊ هو.

ملتان ۾ انهيءَ زماني ۾ قباچہ جي حڪومت هئي. سنڌ سندس هٿ هيٺ هئي، جنهن تي ست راڻا، سندس نائبن جي حيثيت ۾، مختلف پرڳڻن تي راڄ ڪندا هئا. برهمڻ آباد واري پرڳڻي تي راڻو جسودن (يا جسوڏن) آڳرو راڄ ڪندو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي لافاني ڪلام ۾ ڪيس ڳايو آهي:

جسوڏن جهڙو جوانُ، ڪونہ ڏسان ڏيهہ ۾!

مون سان اها ڳالهہ ڀهريائين مير محمد بخش ٽالپر (ميرپورخاص واري) ڪئي هئي ۽ ثابتيءَ طور سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي ڇپايل "سنڌ جي تاريخ" ڏيکاري هئائين. بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب سلسلي ۾ ڇپيل هڪ ڪتاب ۾ تفصيلُ پڙهيم.

غوث بهاؤالحق ملتانيءَ جي پوٽي رڪنِ عالم جي احوال ۾ وري اها دلچسپ ڳالهہ پڙهيم تہ پاڻ مشهور سياح ابن بطوطا کي ٻڌايو هئائين تہ "اسان اصل نسل ۾ سنڌي آهيون."

رڪنِ عالم پنهنجي ڏاڏي غوث بهاؤالحق وانگر وڏي شخصيت هو. هن وانگر پاڻ بہ سڄي هندستان جو "شيخ الاسلام" (Chief Justice) مقرر ٿيو هو. بادشاهہ دهليءَ ۾ نظام الدين اولياءَ جي شهرت ۽ طاقت کي ڏڪ هڻڻ لاءِ کيس دعوت ڏئي گهرايو هو. هو وڏي مذهبي عالم هئڻ سان گڏ وڏو سياسي ذهن بہ هو. سو بادشاهہ جي دعوت تي دهليءَ تہ ويو پر نظام الدين اولياءَ سان دوستي ڪري ملتان موٽيو.

ملتان جو اُنهيءَ زماني ۾ وڏو اوج ۽ اقبال هو. لاهور جي ڪا حيثيت ئي ڪانہ هئي. اهو ئي سبب آهي جو داتا گنج بخش علي هجويريءَ، ٽينءَ صدي هجريءَ ۾ لاهور لاءِ لکيو هو تہ:

"يکي از مضافات ملتان است"

(لاهور ملتان جي پسگردائيءَ وارين وسندين مان هڪ آهي.)

اهي تہ ٽيون اڳوٽي زماني جون ڳالهيون، پر جمعو جمعو اٺ ڏينهن اڳ، انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ بہ ملتاني هندو واپاري جڏهن بمبئيءَ ويندا هئا تہ اُتي ”سنڌي“ سڏبا هئا. بلڪ، برطانوي دور جي گزيٽيئرن ۾ ائين بہ لکيل آهي تہ بمبئيءَ جا واپاري، سنڌي هندو واپارين ۽ ملتان جي هندو واپارين ۾ فرق ڪونہ ڪندا هئا. ٻنهي کي ”سنڌي“ سڏيندا هئا. ممتاز حسن خزانہ آفيسر ملتان انهيءَ ئي سبب ڪري، مون کان سنڌي ادبي بورڊ جا تاريخ تي ڇپيل ڪتاب گهرائيندو هو. انهن جي مطالعي کان پوءِ پير سائين حسام الدين شاهہ جو معتقد ٿي ويو. مون پير صاحب سان سندس غائبانہ تعارف ڪرايو. ان کان پوءِ ممتاز پير صاحب کي سڌو خط پٽ لکيا ۽ سندس رضامنديءَ سان مخدوم صاحب سان ڳالهہ ٻولهہ ڪيائين. جنهن غوث جي عرس جي موقعي تي پير صاحب کي ”ادبي ڪانفرنس“ ۾ ”چيف گيسٽ“ طور دعوت ڏئي، ملتان سڏيو.

پير صاحب ملتان مان موٽيو تہ مخدوم صاحب جي شخصيت کان ايڏو تہ متاثر ٿي آيو، مون کي حيدرآباد مان ڪراچيءَ سڏيائين ۽ سفر جا ذري پرزي جا حال احوال ڏنائين. مخدوم صاحب جي ايڏي تہ تعريف ڪيائين، جو مان بہ غائبانہ سندس عقيدتمند ٿي ويس.

ٻئي سال پير صاحب وري ادبي ڪانفرنس ۾ ملتان ويو تہ مون کي ساڻ وٺي ويو ۽ مخدوم صاحب سان متعارف ڪرايائين. مون پرپٺ پير صاحب کان سندس جيڪا تعريف ٻڌي هئي، اها سؤ فيصدي صحيح هئي. مون کي سندس حضور ۾ باريابيءَ جو شرف ائين نصيب ٿيو. پر، بعد ۾ تہ ورهين جا ورهيہ سندس قرب جي ڇانوَ ۾ گذريا. هاڻي جڏهن هن جهان ۾ ڪونہ آهي تہ سندس ڳالهيون ياد ايندريون اٿم.

اهو چٽيءَ طرح ياد اٿم تہ ممتاز حسن خزانہ آفيسر ملتان شروعات وارين ٻن ٽن ڪانفرنسن جي موقعي تي پهرن جا پهر ڪچهريون ڪرڻ ايندو هو. ڏاڍو قرب ڏنائين. پر ان کان پوءِ هو وري نظر ڪونہ آيو ۽ نہ وري خط پٽ لکيائين. پر هڪ لاجواب تحفو ڏنائين. هڪ بيت ٻڌايائين، جو ملتان ۽ ٺٽي جي قديم لاڳاپن جي نشاني آهي:

## جڏهن نتي تي ناهہ ڪيو ۽ آڏيو تي ملتانُ،
## تڏهن سؤ سهيلين ساڻ مون متي ڍوئي ڪوٽ جي

ملتان تمام قديم شهر آهي. مخدوم صاحب ان جي تارخ بيان ڪندو هو تہ پرهلاد ڀڳت جي مندر جو خاص طرح ذڪر ڪندو هو جو اجا بہ غوث جي درگاهہ سان لڳو لڳ بينو آهي. مخدوم صاحب چوندو هو تہ "هيءُ شايد اهو ساڳيو مندر آهي، جنهن ۾ محمد بن قاسم بُت ڀڳو هو ۽ بيشمار هيرا، جواهر، سون ۽ چانديءَ جا انبار هٿ ڪيا هئا." مون کي ذهن تي اهو بہ هلڪو دَئو آهي، تہ مخدوم صاحب اسان کي ايئن بہ چيو هو تہ پرهلاد جو مندر "سورج ديوتا" جو مندر هو. ائين بہ ٻڌايو هئائين تہ هندن ۽ مسلمانن ۾ ايڏي تہ رواداري هئي، جو غوث جي درگاهہ جي تعمير ٿيڻ کان پوءِ بہ هندو نهايت آرام ۽ اطمينان سان مندر ۾ پاٺ پوڄا ڪندا هئا ۽ مسلمان پنهنجون رسمون ادا ڪندا هئا.

سنڌ ۾ قرمطين منصوري ۽ ملتان کي پنهنجي هٿ هيٺ آندو پر محمود غزنويءَ ٻنهي شهرن تي حملو ڪيو ۽ قرمطين کي تهس نهس ڪري ڇڏيو. ليڪن حيرت جي ڳالهہ آهي تہ ايڏي وڏي واقعي بابت مخدوم صاحب اسان سان ڪڏهن بہ ڪا ڳالهہ ڪانہ ڪئي.

هونئن مخدوم صاحب هر موضوع تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هو اهو نہ پڇجي تہ ڪهڙن ڪهڙن موضوعن متعلق ڳالهائيندو هو اهو پڇجي تہ اهڙو ڪهڙو موضوع هوندو هو جنهن تي ڪونہ ڳالهائيندو هو. پاڻ صحيح معنيٰ ۾ معلومات جي کاڻ هو. مذهبي ۽ تاريخي موضوع تہ سندس مطالعي جا هوندا هئا. پر "رولس رائيس" ڪارن جي ساخت بابت بہ مڪمل اعتماد سان معلومات ڏيندو هو- هڪ دفعي سنڌ جي خاندانن سان پنهنجن لاڳاپن جو ذڪر ڪيائين ۽ ٻڌايائين تہ اليڪشن جي معاملن ۾ هڪبئي جي اميدوارن کي مدد ڏيڻ ۾ سنڌن لاڳاپو هالن جي مخدوم خاندان سان هو.

مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ صاحب جيئن مخدوم نوح جي گاديءَ جي حرمت ۽ پنهنجيءَ شخصيت جي اهميت وڏي شانَ سان برقرار رکي، مخدوم سجاد حسين قريشي صاحب وري غوث جي درگاهہ جو تقدس ۽

پنهنجيءَ شخصيت جو وقار، وڏي شانَ مانَ سان برقرار رکيو. مان انهيءَ حقيقت جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. هاڻي وري قسمت ٻنهي خاندانن کي ويجهو آندو آهي، ٻئي پيپلس پارٽيءَ ۾ شامل آهن.

مون کي اهو به پڪيءَ طرح معلوم آهي ته مخدوم صاحب جي گهڻي ۾ گهڻي قرب ۽ محبت ڪنڊياريءَ واري غلام حيدر وساڻ مرحوم سان هوندي هئي.

ماڻهن ۾ اهو ئي شخص مقبول بلڪ هردلعزيز ٿئي ٿو جنهن جو اخلاق اعليٰ آهي. مخدوم صاحب اعليٰ اخلاق جو مثال هو. ننڍي وڏي سان هڪجهڙو هوندو هو. منجهس پيرن ۽ شيخن مشائخن وارو مخرج ڪونه هوندو هو. سنڌ ۾ ڪن پيرن جي خاندانن متعلق موجوده دؤر ۾ ڪيئي خرافات ٻڌبيون آهن. رڳو ۽ سوئر تي ڪتا ڇڏائڻ ته سندن خاص شوق ۽ شغل آهن، پر ڪن هنڌن تي پيرن جي خاندانن جي نئين نسل ته شراب نوشيءَ ۽ بدڪاريءَ ۾ به نالو ڪڍيو آهي. اجا به ٻين وري سنڌ ۾ اتر جي پاسي ملڪيت جي تڪرار ڪري هڪٻئي کي مسجدن ۾ به بندوقون هنيون آهن. اهي سڀ ڳالهيون اخبارن ۾ به آيون آهن ۽ زبان زد عام خاص آهن. اهڙن پيرن ۽ درگاهن سان ماڻهن جي جيڪا دلي محبت ۽ عقيدت هوندي، سا به هر ڪنهن کي ساري پئي آهي! منجهن جيڪا ڪاني ڪرامت آهي، سا به خلق رات ڏينهن وينئي تي ڏسي!

هڪ طرف اسان وٽ صورتحال اها آهي، ٻئي طرف مخدوم صاحب جا ٻئي پٽ وڏو شاهه محمود قريشي توڙي ننڍو پاڻس اسان ڏٺا ۽ سندن ڳالهيون ٻڌيون. مخدوم صاحب سندن تربيت ائين ڪئي، جو پاڻ پنهنجي زمينن ۾ وجي ٽريڪٽر هلائيندا هئا. خانداني تربيت جا ماڻهوءَ جي ذهن تي وڏي هوندي گهرا اثر ٿين ٿا. جيڪو لاڏلو ۽ دادلو ٿي پلبو سو وڏي هوندي به ڪونه سڌرندو.

مخدوم صاحب جي اهليه مرحومه جنرل شير عليءَ جي خاندان مان هئي. سندس رحلت کان پوءِ مخدوم صاحب ٻي شادي ڪانه ڪئي. اسان وٽ ورلي ڪو اهڙو هوندو جنهن ايڏي اخلاق جو مظاهرو ڪيو هوندو. هونئن اسلامي شريعت ۾ ته چئن شادين جي به اجازت آهي.

انگريزن جي زماني ۾ سر رڊلي سنڌ ۾ ڪليڪٽر ۽ روينيو ڪمشنر ٿي رهيو هو. سنہ 1976ع ۾ مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو وائيس چانسيلر هئس تہ سنڌ گهمڻ آيو. پڊو ٿي ويو هو پر اجا اٿڻ ويهڻ ۾ ڪڙو تڙو هو. زال کي بہ ساڻ وٺي آيو هو اها بہ پڊي ٿي وئي هئي، پر، وڏي ڳالهہ تہ ٻنهي اکين کان ويهي وئي هئي. صفا ويچاري انڌي هئي. سنڌيءَ ۾ عام پهاڪو آهي تہ، "انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين!" پر، رڊلي جي اخلاق کي آفرين ڏجي، جو انڌيءَ زال کي بہ سنڌ گهمڻ لاءِ ساڻ وٺي آيو. ڪيس اُتاريندو وهاريندو بہ پاڻ هو. مون سان آفيس ۾ ملڻ آيا. ڏٺم تہ ڪيڪ پيسٽري ڪٽي، ٽڪرا ڪري، پليٽ ۾ وجهي ڪانٽو هٿ ۾ ڏنائينس تہ کائڻ ۾ ڪا ڏکيائي نہ ٿئيس. اهو لقاءُ ڏسي مون دل ۾ چيو تہ، "جيڪڏهن انگريزن اڌ دنيا تي حڪومت ڪئي تہ هُو واقعي ان جي لائق بہ هئا."

منهنجي نياڻي پنهنجي مڙس سان گڏ انگلينڊ، ڪمپيوٽر سائنس ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ وئي آهي. تازو مهيني کن لاءِ آئي هئي. پڇيومانس تہ، "هِتان جي ماڻهن ۽ ملڪ" جي اُتان جي ماڻهن ۽ ملڪ ۾ ڪهڙو مکيہ فرق آهي؟ اول تہ تڪڙ ۾ جواب ڏنائين تہ، "هِتان جي دنيا ٻي آهي، اُتان جي ٻي آهي، بہ جدا جهان آهن." گهڙي رکي چيائين تہ، "مکيہ فرق، مون کي تہ هي نظر آيو تہ "انگريز ڪوڙ ڪونہ ٿا ڳالهائن. ڪوڙ ڳالهائڻ سندن سمجهہ کان مٿيري ڳالهہ آهي. چا بہ ٿي پوي، سچ ڳالهائيندا. ان ڳالهہ جي پرواهہ ڪونہ ڪندا تہ سچ ڳالهائڻ ڪري، مون کي فائدو ٿيندو يا نقصان؟"

قبلا علامہ آءِ.آءِ.قاضي بہ ساڳي ڳالهہ ڪندو هو. پر، چوندو هو تہ، "انگريز جڏهن سئيز واهہ ٽپي هن طرف اچي ٿو تہ پنهنجا سڀ اخلاقي قدر ڇڏي اچي ٿو."

* * *

مخدوم سجاد حسين قريشي انگلينڊ مان اعليٰ تعليم پرائي آيو هو يا نہ اُنهيءَ ڳالهہ جي مان نہ ترديد ڪري سگهان ٿو نہ تصديق. پر، ايترو اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ هو انگريزي ايتريءَ ئي رواني‌ءَ سان ڳالهائيندو هو جيتري اُردو. سرائڪي تہ سندس مادري زبان هئي، پر سنڌيءَ ۾ بہ ڳالهائي ويندو هو. سنڌي سمجهندو تہ ربئي مان سؤ پئسا هو. هڪ دفعي ڪوٽر جي

پاسي ويو هو. مان ساڻس ملتان ۾ مليس ته، ڏاڍي ڏک مان چيائين ته، ”رباني، تر ۾ وڏي ۾ وڏو مسئلو پيئڻ جو پاڻي آهي. ويچارين جوان نينگرين جي چمار پيئڻ جي پاڻي آڻڻ ۾ گذري وڃي ٿي. فجر جو گهڙا کڻي وڃن. پهر ڏينهن گذريءَ ته موٽي اچن. شام جو وري کڻي وڃن. سانجهيءَ ڌاران موٽن.“

ملتان ۾ پهرينءَ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي عام دستور موجب، مون کي به لفافو ڏنائين، پر مون نه ورتو. ٻانهون ٻڌيون مانس. تڏهن سرائڪيءَ ۾ چيائين ته، ”يلا، پاڪر کڻي اچان.“

”پاکر“ نيٺ سنڌي لفظ آهي. مخدوم صاحب کي سنڌي ڪلچر تي وڏو درڪ هو.

غوث جي عرس ۾ اسي سيڪڙو ماڻهو سنڌ مان ايندا هئا. انهن ۾ عام ماڻهو به هوندا هئا، ته بيٺل سکيا ستابا به هوندا هئا. غريب ماڻهن جي سنڌ مان ملتان ڏي اچ وڃ جي سهولت لاءِ سرڪار کي خاص ريل گاڏيون هلائڻيون پونديون هيون. مخدوم صاحب ٻڌايو ته اُنهن زائرين کان علاوه، غوث جي مريدن جو هڪ ٽيون به وڏو تعداد آهي، جيڪو سنڌ جي مختلف ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن مان پيادل ملتان ايندو ويندو آهي. اُهي ”پانڌي“ سڏبا آهن. گهران ڪٽڪ جي ٿُلهي اَتي جا منا روٽ پچرائي، سفر جي ثمر طور ساڻ کڻندا آهن. سنڌن سفر جون راهون ۽ رستا مقرر هوندا آهن، جن تي منزلون هڻندا، ساهي پٽيندا، نيٺ ملتان پهچندا آهن. مخدوم صاحب اُنهن پانڌين جي غوث پاڪ سان عشق ۽ عقيدت جو ڏاڍيءَ سڪ سان ذڪر ڪندو هو. مون ننڍپڻ ۾ اهي پانڌي ڏٺا. ڏهن ٻارنهن ورهين جو ٻار هئس. نوشهري ضلعي جي ڪنڍياري تعلقي ۾ اسان جي ڳوٺ آڳرن کان ميل پنڌ جي مفاصلي تي محبت ديري جتوئيءَ جو ننڍو شهر آهي. منجهس انگريزي تعليم لاءِ مڊل اسڪول هوندو هو جيڪو هندن پنهنجي هڙان خرچ ڪري ٺهرايو هو. اها پاڪستان ٺهڻ کان سال ڪن اڳ جي ڳالهه آهي. مان به روزانو پنهنجي ڳوٺ مان بين ٻارن سان گڏ انهيءَ اسڪول ۾ پڙهڻ ويندو هئس. غالباً انگريزي ٻئي درجي ۾ هئس. تڏهن سنڌي چار درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ انگريزيءَ جي پهرئين درجي ۾ داخلا ملندي هئي، پر ٻار جي پيڙهه پڪي ڪرڻ لاءِ سنڌي چئن درجن کان هڪ سال اڳ ”ٻاراڻو درجو“ به پڙهائيندا

هئا. انگريز ويا تہ اهي قاعدا قانون ختم ٿي ويا. پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ وري بہ تعليم جو ڀرم قائم هو پر ويجهيءَ ڇڪ ۾ سنڌ ۾ تعليم جو رڳو نالو وڃي بچيو.

هڪڙي ڏينهن ٻين شاگردن سان گڏ، اسڪول پوري ٿيڻ کان پوءِ، واپس ڳوٺ پئي ويس تہ شور ٻڌڻ ۾ آيو. ڪنڌ ورائي پوئتي جو ڏسون تہ ڊنب ماڻهن جو آهي، جيڪي پيرين پيادو پيا اچن. پر، نڪي تہ وک وک ۾ ۽ نڪي وري ڊوڙ پيا اچن. ڇوها ڇوها پيا اچن ۽ رکي رکي نعرو پيا هڻن: "دمبهو". سنڌن نعري جو آواز ڏاڍو سُريلو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ، ماڻهن جو اهو ڊنب اسان کي اچي سٽائو ٿيو. اسان ٻار ڏڪ سان پاسو وٺي بيناسون. ڊنب ۾ سڀ غريب ماڻهو هئا ۽ پيرين اگهاڙين هئا. ڪلهن تي هر ڪنهن کي هڪ ننڍڙي ڳنڍ ٻڌل هئي. جڏهن اُهو ڊنب اڳتي لنگهي ويو تڏهن ڪنهن ڳالهہ ڪئي تہ "غوث جا پانڌي" آهن، عرس تي ملتان وڃي رهيا آهن.

انهيءَ کان مهينو ماسو اڳ مان اسڪول مان گهر موٽيس، تہ ٻيپهريءَ جي مهل پاڙي اوڙي جي زالن جو ڊنب پنهنجي گهر جي ويرانڊي ۾ ڏٺم. سڀ پاسي وارن غريباڻن گهرن جون هارين جون زالون هيون. نڪر جي اُکريءَ جي چوڌاري مُهريون ڪنيون بيٺيون هيون، جن سان منجهس ڪجهہ ڪُٽي رهيون هيون. پوءِ خبر پيم تہ غوث جا روٽ پچائڻ لاءِ اُکريءَ ۾ ٿُلهي آٽي يا ڪڻڪ جي سَنهي ڏاري ۾، ڳُڙ، سونف ۽ ٻيون شيون وجهي ڪُٽي رهيون هيون. جڏهن ڪُٽي بس ڪيائون تہ تئي تي ٿُلها روٽ پچايائون. مون بہ روٽ جو ٽڪرو کائي ڏٺو ڏاڍو سوادي هو.

ملتان ۾ مخدوم صاحب جي رهائشگاهہ "دولت گيٽ" وٽ هوندي هئي. هڪ وڏي سنڌي سليمي نموني جي بہ ماڙ جاءِ هوندي هئي. ٻاهران سادي هئي، پر اندر ڇڙ تہ محلات هئي! منجهس بيشمار ڪمرا هئا، جي محلات جي ڪمرن وانگر سينگاريل هئا. ملتان ۾ "شيشا ڪاري" جو ڪم ٿيندو آهي. ننڍا ننڍا شيشا، ڪنهن مسالي ۾ ملائي، پٿين تي پلستر ڪن ٿا. پِٽ لسي بہ ٿئي ٿي ۽ منجهس لڳل شيشا ڏاڍا سهڻا بہ لڳن ٿا. مخدوم صاحب جي رهائشگاهہ جو هيٺيون طبقو مهمان خانو هوندو هو جنهن ۾ وڏي خوبصورت ڊرائنگ ۽ ڊائننگ هال سان گڏ بيڊروم هوندا هئا. مهمان خاني

مخدوم صاحب سجاد حسین قریشی



مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ غلام رباني آگرو گفتگو ۾ مصروف

جي سيني ڪمرن ۾ غاليچا وڇايل هوندا هئا. جن جي مٿان نهايت نفيس ۽ قيمتي فرنيچر پيل هوندو هو. رهائشگاهہ جي مٿئين طبقي ۾ سندس فيملي رهندي هئي.

مخدوم صاحب جي مهمان خاني ۾ سندس سُڪيا ستابا معتعقد ۽ مريد بہ ڪونہ رهندا هئا. ورلي ڪي شخص هوندا. جن کي اهو شرف حاصل ٿيندو هوندو. ليڪن، مخدوم صاحب، پير صاحب ۽ مون کي انهيءَ مهمان خاني جي بيڊ روم ۾ ٽڪائيندو هو. اسان واري بيڊ روم ۾ بہ پلنگ ۽ هڪ صوفا سيٽ رکيل هوندو هو. فرش جي مٿان غاليچي تي پيلي ۽ ڳاڙهي رنگ جا وڏا سهڻا گل هوندا هئا. سڀ بيڊ روم هوادار ۽ روشن هوندا هئا. اسان جي پاسي ۾ جيڪو بيڊ روم هو. تنهن ۾ وري بلو رنگ جو غاليچو وڇايل هو ڪمري جي وچ ۾ بلو رنگ جو ڊبل پلنگ ۽ صوفا سيٽ رکيل هو. جنهن تي بہ بلو رنگ جي ”شيشا ڪاري“ جو ڪم ٿيل هو. ڪمري جي چئني پتين تي بہ بلو رنگ جي ”شيشا ڪاري“ جو ڪم ٿيل هو.

اسان واري بيڊ روم جي اڳيان، ”ڪاريڊور“ جي نموني تي، هڪ قسم جو ڪمرو هو. جنهن ۾ سامهون اندر اچڻ جو دروازو هو ۽ پاسن کان صوفا سيٽ رکيل هئا. مخدوم صاحب ڏينهن جو اُتي عام خاص ماڻهن سان ڪچهري ڪندو هو. ڪاريڊور واري ڪمري جي هڪ پاسي ڊرائنگ روم هوندو هو. جنهن ۾ مخدوم صاحب فقط خاص خاص ماڻهن سان ڪچهري ڪندو هو. پاڻ غاليچي تي فرشي نشست ڪندو هو. سامعين سندس چوڌاري طول وهاڻن تي ٽيڪ ڏئي وهندا هئا. هونئن ٻنهي ڪمرن ۾ قيمتي ۽ نفيس فرنيچر پيل هوندو هو. ڊرائنگ روم جي ڪاريڊور واري ڪمري جي سامهون واري پاسي سان ڊائننگ روم هوندي هئي، جنهن ۾ ويهارو کن ماڻهن جي ضرورت جيتري ڊگهي ڊائننگ ٽيبل پيل هوندي هئي. اُتي ئي مخدوم صاحب اسان سان گڏ روزانو ماني کائيندو هو. بعد ۾ هڪ دفعي مون انهيءَ ڊائننگ روم ۾ مخدوم صاحب جي هڪ خاص دعوت ۾ لنچ کاڌي، جنهن جو مکيہ مهمان صدر جنرل ضياء الحق هو. ڪن مهمانن ڪرسين تي ويٺي ماني ٿي کاڌي تہ ڪن وري انگريزي اسٽائيل تي بيٺڙ ٿي کاڌي. مخدوم صاحب انهيءَ دعوت ۾ پاڻ ڪبابن جو ڊش کڻي هر ڪنهن کي ڏيندو جڏهن مون

وٺ آيو تہ مون کيس چيو تہ، ”سائين، اوهان پاڻ تہ ماني کائو ئي ڪونہ ٿا.“ مرڪي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنائين تہ، ”هن عمر ۾ (سائيڪو سال) مان اهڙي ڳوري ماني کاوان تہ پنهنجي قبر ڏندن سان کوٽيندس.“

عرس جي موقعي تي رهائشگاهہ جو سچو آڳر (جو شاميانن سان ڍڪيل هوندو هو) ۽ ويرانڊو ٻئي ماڻهن سان ڀريل هوندا هئا. اُنهن جي آمهون سامهون روڊ جي ٻئي پاسي ٿهيل ٻئي نمبر مهمان خاني ۾ ٽڪيل ماڻهو رکي رکي ”غوث جا دمبها“ هڻندا رهندا هئا.

هڪ دفعي مخدوم صاحب اسان کي سمجهايو تہ اهو نعرو ”دمبهو“ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پر اصل ۾ چون ٿا تہ ”مدد ڪر يا غوث بهاول الحق“ سُرَ ۾ اکر اهڙا تہ گڏي چون ٿا، جو اسان کي ”دمبهو“ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. چيائين تہ غوث جا پانڌيءِ عرس جي موقعي تي، سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن مان غوث جا اهي ”دمبها“ هڻندا، ملتان پهچندا آهن. مون کي سندس ڳالهہ ٻڌي، ٽيهارو کن سال اڳ محبت ديري جتوئي جي اسڪول مان ڳوٺ موٽندي، ماڻهن جو اهو ڌنب ياد آيو. جيڪو غوث جا ”دمبها“ هڻندو رستي سان چوهو پئي ويو.

مخدوم صاحب سان پير صاحب ۽ منهنجي محبت جي رسم و راهہ جيئن پوءِ تيئن وڌندي رهي. ادبي ڪانفرنس ۾ مخدوم صاحب جا خاص مهمان اسان ۽ ڪي ہہ چار ٻيا هوندا هئا. پر، اهي اسان وانگر مخدوم صاحب سان گڏ ماني ڪونہ کائيندا هئا. مرشد جي ڪري سندس ادب ڪندا هئا. مخدوم صاحب روزانو پاڻ سچو ڏينهن عرس تي آيل مريدن جي انبوهن ۾ مشغول هوندو هو. تقريباً سومهاڻيءَ مهل آجو پاجو ٿي، اسان جي بيڊ روم ۾ ايندو هو. انگريزي محاوري ۾ ائين چئجي تہ صحيح معنيٰ ۾ Relax ٿي ايندو هو. اول ماني کائيندا هئاسون، پوءِ بيڊ روم ۾ ڪچهري ڪندا هئاسون.

هڪ دفعي اسان سان اندر اوريائين، چيائين تہ ملتان زرخيز علائقو آهي. هتان جي ڪپهہ (Cotton) دنيا ۾ مشهور مصر واريءَ ڪپهہ (Egyptian Cotton) جهڙي عمدي آهي. پر، اسان نڌڻڪا آهيون. نہ سنڌي پنهنجو سمجهن ٿا نہ پنجابي پنهنجو ڪن ٿا. پنجابين تہ ملتان جي سڄي علائقي کي هاڻي Colonize ڪري ڇڏيو آهي. اسان ملتاني سرائڪي ڳالهائيندڙ

ڪاتي جا ڪونہ رهيا آهيون. اقليت ۾ آهيون.

محترمہ بينظير ڀُٽي اها رمز سمجهي ورتي. جڏهن وقت آيو تہ مخدوم شاهہ محمود قريشيءَ جي مٿي تي هٿ رکيائين.

مخدوم صاحب جي ڪچهري هڪ رنگ جي ڪانہ هوندي هئي. دنيا جهان جون ڳالهيون نڪرنديون هيون. هڪ دفعي تصوف جي سلسلن ۾ پيرن فقيرن جو ذڪر نڪتو. مخدوم صاحب چيو تہ، ”رباني، پيرن فقيرن جو لهہ لحاظ فقط هت هندستان ۾ پاڪستان ۾ آهي. ايران ۾ وچ اوڀر ۾ تمام سخت دل ماڻهو آهن. نياز نوڙت مان ڪونہ ڄاڻن. تصوف جيڪو رواداريءَ جو سبق ۾ ميٺ محبت جو درس ڏنو انهيءَ جا اثر رڳو اسان وٽ نظر ايندا.“ سنڌ جي پيرن فقيرن تي تبصرو ڪندي چيائين تہ، ”وتن وڏو ”پروٽوڪال“ (Protocal) آهي. اسان برهمڻ ڪلاس جا ماڻهو آهيون. پر، خدا جي تہ سڄي خلق قابل احترام آهي. ايڏو مخرج ڇالاءِ؟ ڇو ٻيا انسان ڪونهن؟“

ائين ڳالهيون ڪندي ٽپ ڏئي اُٿيو. منهنجي واچ ڪا هيٺ صوفا سيٽ وٽ ڪِري پئي هئي، سا کڻي مون کي ڏنائين. مان سنڌس اعليٰ اخلاق ڏسي حيران ٿي ويس. هو زبان سان مون کي چٽي تي سگهيو تہ، ”پٽ تان پنهنجي واچ کڻي وٺ.“

ٻئي دفعي، وري ماڻهوءَ جي مزاج تي شاندار تبصرو ڪيائين ۽ سلطان باهوءَ جو مشهور ڪلام وڏيءَ لئہ سان ڳائي ٻڌايائين:

دل درياهہ، سمندر ڏونگهي
ڪون دليان دا ڄاڻي؟ هُو...!

مخدوم صاحب جون پير صاحب ۽ مون سان ڪچهريون رات جو نائين ڏهين شروع ٿينديون هيون تہ ٻي ٽين وڳي رات تائين جاري رهنديون هيون. ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ چانءِ جي گرم گرم ڪوپ جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي. مخدوم صاحب ڏاڪڻ تي چڙهي، مٿي گهر ويندو هو ۽ پاڻ چانءِ ناهي کڻي ايندو هو. ڪنهن بہ نوڪر يا گهر ڀاتيءَ کي تڪليف ڪونہ ڏيندو هو. سندس ناهيل چانءِ ۾ عجب لطف هوندو هو. هڪ دفعي ان جو سبب ۽ نسخو ٻڌايائين. چانءِ جي ٻن چمچن سنن براندن جي شڪل پتي مڪس

ڪندو هو. انگليند جي مشهور ”ٽيٽلي ٽي- ليمن فليور“ ٻہ منجهس ملائيندو هو. چاءِ جو تازو پاڻي بجليءَ جي ٿرماس ۾ گرم ڪندو هو. مقرر مداءَ ۽ مقدار ۾ منجهس پتي ۽ کير وجهندو هو. اهڙي تہ چاءِ ناهيندو هو جو ڏڪ پرڻ سان لطف اچي ويندو هو. چاءِ ناهڻ جو سنڌ ۾ اهڙو ذوق پير تراب علي شاھ کي بہ هوندو هو. سائين قاسمي صاحب ٻڌايو تہ هو وري منجهس مُشڪ جو چمچو گهمائيندو هو.

مخدوم صاحب جي ڪچهريءَ جي خاص وصف اھا هئي تہ جنهن موضوع تي ڳالهائيندو هو تنهن تي معلومات جا درياھ وهائي ڇڏيندو هو.

جڏهن مان ٻهريون دفعو ملتان ويس تہ حيدرآباد جي گاڏي کاتي واريءَ ”امين منزل“ ۾ رهندو هئس. منجهس قلعي مان مٿيءَ وارو پاڻي ايندو هو. مون کي گڙدي جا ايذا تہ سخت سور پيا جو اصل ڪهڪائجي ويس. پير صاحب مخدوم صاحب سان اھا ڳالھ ڪئي. هن گڙدي جي سور جا مختلف سبب بيان ڪندي اهڙو تہ معلوماتي ليڪچر ڏنو جو چڱو ڀلو ڊاڪٽر بہ ڏئي ڪونہ سگهندو.

مخدوم صاحب ڪچهرين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪل ڀوڳ جون ڳالهيون بہ ڪندو هو. ايڏي شگفتہ مزاجي مون زندگيءَ ۾ ورلي ڏٺي. پاڻ وجيھ شڪل صورت وارو ۽ نهايت وڻندڙ هوندو هو. پر، جڏهن کل ڀوڳ ڪندي مرڪندو هو. تڏهن تہ گلاب جو گل لڳندو هو. ڊاڪٽر شمل جي بہ اھا ئي راءِ هئي. مخدوم صاحب جڏهن کل ڀوڳ واريون ڳالهيون ٻڌائيندو هو تہ هوءَ کلي کلي ساڻي تي پوندي هئي. پنجاب جو گورنر هو تڏهن بہ ملتان وانگر ڊاڪٽر شمل ۽ مون وٽس راتين جون راتيون گورنر هائوس ۾ گڏ گذاريون. ڊاڪٽر شمل جو لڳ لاڳاپو بہ سالن کان هئس. پر، جڏهن هُوءَ مون سان ٻهريون دفعو گورنر هائوس ۾ هلي، ساڻس ملي، تڏهن مخدوم صاحب سندس اعزاز ۾ شاندار لنچ ڏني، جنهن ۾ پنجاب جا قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر ۽ لاهور جا معزز شهري سڏايائين. چاليهارو کن معزز مهمان هئا. سروس لنچ هئي. لنچ کان پوءِ مهمان موڪلائي ويا تہ مخدوم صاحب، ڊاڪٽر شمل ۽ مان هڪ وڏي هال ۾ ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. لاهور جو گورنر هائوس بہ پشاور جي گورنر هائوس وانگر ڀيڪيدار آهي ۽ شاندار عمارت آهي.

مخدوم صاحب ان جي تعمير جي تاريخ بيان ڪئي ۽ هڪ دلچسپ ڳالهہ ٻڌائي. چيائين تہ "جنهن هنڌ اسان هينئر ڪچهري ڪري رهيا آهيون، اُتي هيٺ هڪ ڪمرو آهي، جنهن ۾ هڪ قبر آهي!" اها ڳالهہ ٻڌي اسان تہ وائڙا ٿي وياسون! پاڻ نوڪر کي سڏ ڪيائين ۽ "ڏاڪڻ وارو خفيہ ڪمرو" کولڻ لاءِ چيائين. نوڪر ڪجهہ دير کان پوءِ موٽي آيو ۽ چيائين تہ "سائين هلو." اڳيان مخدوم صاحب، پٺيان ڊاڪٽر شمل ۽ مان. تنئي گورنر هائوس جي پٺئين پاسي کان وڃي هڪ ڪمري جي دروازي اندر داخل ٿياسين، جنهن ۾ هيٺ وڃڻ لاءِ سنگمرمر جي هڪ ڊگهي ڏاڪڻ هئي. ڏاڪا لهڻ ۾ سولا هئا. اسان هيٺ وڃي هڪ وڏي هال ۾ داخل ٿياسون. ايترو ئي وڏو ويڪرو ۽ ڪشادو هو جيترو ۾ مٿي ڪچهري ڪري رهيا هئاسون.

لاهور ۾ جنهن شخص جهانگير بادشاهہ جو مقبرو ۽ انهيءَ جي وچ ۾ هڪ هال ۾ سنگمرمر سان ٺهيل سندس مزار ڏٺي هوندي، اهو ئي تهخاني واري هال جي وچ ۾ ٺهيل مزار جو صحيح اندازو لڳائي سگهندو. تهخانو نڪي تہ اونداهو هو ۽ نہ وري اسان کي منجهس ڪا مونجهہ ٿي. منجهس مزار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ هو. سو ڏاڍو پراسرار ٿي لڳو.

واپس موٽي وري اچي مٿي هال ۾ ويٺاسون. مخدوم صاحب چيو تہ "مزار جي ڪا بہ حقيقت معلوم ڪانہ آهي. طرزِ تعمير جي لحاظ کان ڪمرو ۽ مزار مغل دور جا ٺهيل آهن. غالباً ان زماني جو لاهور ۾ مغلن جو گورنر يا امير اُتي دفن ٿيل آهي. انگريزن پنهنجيءَ بادشاهيءَ ۾ جڏهن گورنر هائوس ٺهرايو تہ منجهس اهو ڪمرو ۽ مزار بہ ڄاڻي ٻجهي شامل ڪري ڇڏيائون. علامتي انداز ۾، "سڄي مغل هندستان جي تهذيب ۽ تاريخ" کي "اوراقِ پارينہ" قرار ڏنائون، ۽ تهخاني ۾ بند ڪيائون."

مخدوم صاحب اهو بہ ٻڌايو تہ "هيءُ هال، جتي پاڻ هينئر ڪچهري ڪري رهيا آهيون، سو گورنر هائوس جي نقشي موجب، انگريز گورنرن جي ايامڪاريءَ ۾ "بال روم ڊانس هال" طور استعمال ٿيندو هو. انگريز خوبصورت منڊمون ۽ گورا صاحب اُتي عيش عشرت ڪندا هئا، شراب پيئندا هئا، پنهنجن منڊمن ۽ محبوبائن سان گڏ ڊانس ڪندا هئا. هال ۾ هر طرف مردن جون مستيون ۽ حسينائن جا ٽهڪا هوندا هئا. سندن انهيءَ شوق

۾ شغل جي ڪري، تهخاني واريءَ مزار ۾ ابدي آرام ۾ ستل مغل گورنر يا اميرَ جي روح کي راحت پهچندي هئي يا اذيت، سو ڪيئن چئجي!“

لاهور جي گورنر هائوس ۾ مخدوم صاحب جي رهائش سان منهنجي ٻي به هڪ يادگيري وابستہ آهي. مان جنهن ڪمري ۾ ٽڪيل هئس، ان ۾ چوڏاري سينگار جا الاهي سامان رکيل هئا. سيني کي غور سان ڏٺم، ڏاڍا سهڻا هئا. پر، هڪڙي شيءِ خاص طرح ڏاڍي وڻيم. ميز تي هڪ سُهڻڙي سِپَ رکيل هئي، جنهن تي شاھہ ڀٽائيءَ جو روضو اُڪريل هو. دل ۾ چيم تہ سنڌ جي ڪلچر ڪاتي وارا، هن قسم جون سوکڙيون ٺهرائي، ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، سڻن مضمون نگارن ۾ مقررن توڙي تقريب جي مکيہ مهمان کي، ڪيمخواب جي ننڍين دٻين ۾ وجهي ڏين، تہ سٺو. پر، اها ڳالھہ ڪين خيال ۾ ڪيئن اچي؟ لاهور جي انارڪلي بزار ۾ اها سِپَ کڻي ويس. تصويرون فريم ڪندڙ دڪاندارن ۾ صرافن جي گهڻن ئي دڪانن تي ڏيکاريم، پر ڪنهن بہ اهڙو نفيس ڪم ٺاهي ڏيڻ لاءِ ”هائو“ ڪانہ ڪئي. سو اسلام آباد آيس تہ بئگ ۾ وجهي کڻي آيس. ارادو هو تہ ڪراچيءَ ۾ ڪلچر کاتي وارن کي نموني طور ڏيکاريندس، پر موقعو ڪونہ مليو.

ستت، مهيني ماسي کان پوءِ اسلام آباد مان وري لاهور اچڻ ٿيو ۽ گورنر هائوس ۾ وڃي رهيس. صبح جو ناشتي کان پوءِ گورنر هائوس جو هڪ عملدار آيو ۽ ادب سان چيائين تہ، ”سائين، گذريل ڀيري اوهان جي سامان ۾ هڪ آرٽ جو پيس گڏجي ويو آهيو، سو تہ مهرباني ڪري واپس ڪندا.“ مون سندن سنڀال ۽ دانائيءَ تي داد ڏنو. پر، دل ۾ پڇتايم تہ ساڻس ڳالھہ ڪري کڻي وڃان ها تہ سٺو هاڻي، هو الائي ڇا سمجهندو؟ ٻئي دفعي امانت کيس واپس ڏنم ۽ ان سان گڏ پنهنجي طرفان چانديءَ جي فريم ۾ شاھہ سائينءَ جي روضي جي هڪ تصوير بہ لاهي گورنر هائوس لاءِ تحفي طور ڏنم.

مخدوم صاحب هڪ ڀيري گورنر هائوس ۾ ڪچهري ڪندي چيو تہ، ”رباني، مان هت هڪ ننڍو سوٽ ڪيس کڻي آيو آهيان. تہ جڏهن ويڃو پوي تہ ڪا بہ حسرت نہ ٿئي.“

مون چيو تہ، ”سائين، اوهان جي اها ئي ڳالھہ سنڌي زبان جي هڪ

چوٽيءَ ۾ ٻڌي اٿم:

”مَڏِي ميرَ سهراب جي، ٻہ ڏندڙ، تين ٽَڏِيا“

مخدوم صاحب لاهور جو گورنر ٿيو تنهن کان اڳ ملڪ جي سينيٽ جو ڊپٽي چيئرمن هو. سندس ٻنهي مقررين جو سبب جنرل ضياء هو جو ملتان ۾ ڪو عرصو ڪور ڪمانڊر هوندو هو ۽ مخدوم صاحب سان تمام سٺي سلام دعا هئس. پر، منهنجو ذاتي رايو اهو آهي تہ مخدوم صاحب کي جنرل ضياء جي قرب جي باوجود اهي عهدا قبول ڪرڻ نہ کپندا هئا، ڇو تہ هڪ تہ پارٽ سياسي ذهن ڪونہ هو. ٻيو تہ قسمت هونئن ئي سندس وڏو شانُ ڪيو هو. ها! سندس والد بزرگوار مخدوم مُريد حسين واقعي وڏو سياستدان هو ٻنهنجيءَ انهيءَ راءِ لاءِ سبب عرض ڪريان ٿو:

اسلام آباد ۾ هڪ ڏينهن مسٽر الاهي بخش سومري فن ڪئي تہ، ”ڪراچي ايئرپورٽ تي رحيم بخش تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.“

مون کيس چيو تہ ”اينڊڙ فلائيٽ ۾ وڃان ٿو.“ الاهي بخش سومرو صاحب تڏهن مرڪزي وزير هو ۽ رحيم بخش سنڌ ۾ صوبائي وزير. بهرحال، ٽڪيٽ گهرائي وڃي جهاز ۾ ويٺس. ڪراچي ايئرپورٽ تي رحيم بخش سومرو واقعي منهنجو منتظر هو. اتي ئي ”اسڪاءِ روم ريسٽارنٽ“ ۾ وٺي هليو. سئنڊوچز ۽ ڪافي گهرائيسون. ڪائي ٻِي سندس ڪار ۾ ويهي روانا ٿياسون. شام جي مهل هئي. آسمان ۾ شفق جي لالاڻ هئي، موسم ڏاڍي سٺي هئي.

جنرل رحيم الدين بلوچستان جي گورنريءَ مان فارغ ٿيو هو تہ سنڌ جو گورنر ٿيو هو. سندس بيگم ثاقبہ جي مون سان گهٽي ڏيٺ ويٺ هئي. پاڪستان جي وزيرِ تعليم ڊاڪٽر محمود حسين جي ڌيءَ ۽ ڪنهن زماني ۾ هندستان جي صدر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي ڀائٽي آهي، جو علامہ آءِ.آءِ.قاضي جو معتقد هوندو هو. سو جنرل رحيم الدين سان بہ منهنجي ڪجهہ دعا سلام هئي. جڏهن اڌ رستي تي آياسين تہ رحيم بخش کان پڇيم تہ ”ڪاڏي ٿا هلون؟“ چيائين تہ ”هالين.“

ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ هالين اچي پهتاسون. مخدوم صاحب کي اڳي ئي اطلاع مليل هو سو منتظر هو. ڪمري ۾ خلاصا ٿي ويناسون تہ نوڪر

مير پورخاص وارو قوتي جو حلوو پڪوڙا ۽ گرم گرم چاءِ کڻي آيو.

رحيم بخش مخدوم صاحب کي چيو تہ، "سائين، رباني ۽ کي "ضامن" ڪري وٺي رهيو آهيان، جو معلوم اٿم تہ اوهان جي سالس گهٽي آهي."

مخدوم صاحب فرمايو تہ، "يلا حال احوال ڏيو."

رحيم بخش چيو تہ، "جنرل ضياء جو عرض آهي تہ اوهان پنجاب جي گورنري قبول ڪريو."

مخدوم صاحب خاموش ٿي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ چيائينس تہ، "مان بيمار ماڻهو آهيان."

رحيم بخش چيو تہ، "سائين، اوهان کي رڳو جهنڊي کي سال ۾ هڪ ڀيرو دفعو سلامي ڏيڻي پوندي."

مخدوم صاحب چيو تہ، "مان اڻ پڙهيل ماڻهو آهيان. انگريزي ڪونہ ڄاڻان."

رحيم بخش چيس تہ، "ڪم ڪار سڄو منشي ڪندا اوهان کي رڳو صحيح ڪرڻي پوندي."

تڏهن مخدوم صاحب چيس تہ، "پرائي صوبي ۾ گورنري ڪري مان پنهنجي صوبي ۾ ماڻهن جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهندس؟"

رحيم بخش چيو تہ، "جنرل ضياء جي مرضي آهي تہ ملڪ جي مفاد خاطر سنڌ جو معتبر ماڻهو پنجاب جو گورنر ڪجي ۽ پنجاب جو سنڌ ۾ ڪجي. سو جنرل رحيم الدين جا آرڊر تہ اڳي ئي جاري ٿي چڪا آهن ۽ هن سنڌ جي چارج بہ ورتي آهي."

مخدوم صاحب چيس تہ، "چڱو اوهان هن فون نمبر تي لنڊن فون ڪريو. ڏاڏا سائينءَ سان ڳالهايو. جيڪو سندس رايو اهو منهنجو فيصلو."

مون کي انهيءَ قصي جي اڳي ڪابہ خبر نہ هئي. هاڻي جو ڳالهہ ٻڌم تہ دل ۾ چيم تہ پنجاب ۾ تہ ملتان جو مخدوم صاحب اڳي ئي گورنر آهي. ڪيس جنرل ضياء ئي مقرر ڪيو آهي. سندس دوست بہ آهي. پوءِ ڪيس هٽائي هالن جي مخدوم صاحب جي مقرري ڇو ٿو ڪري؟ انهيءَ ڳالهہ تي سوچيم تہ ياد آيم تہ علامہ آءِ آءِ قاضي سياست جي نالي کان بہ نفرت ڪندو هو.

بهرحال اسان مخدوم صاحب کان موڪلائي پاٽوٽ ۾ شاهہ محمد

شاهه وٽ وڃي رات جي ماني کاڌي. رحيم بخش جو غوث بخش بزنجي جي ڪري ساڻس به لڳ لاڳاپو هوندو هو ۽ اڳواٽ ڪيس اطلاع ڪيو هئائون. مون سان سائين جي.ايم. سيد جي ڪري شاهه محمد شاهه جي ته هونئن ئي هميشه محبت رهي آهي.

هالن جي مخدوم صاحب انهيءَ ڳالهه ٻولهه کان پوءِ پنجاب جي گورنري ڪانه ورتي. ملتان جو مخدوم صاحب به ڪو گهڻو عرصو پنجاب جو گورنر ڪونه رهيو. مون کي سندس آخري ديدار به ملتان ۾ نصيب ٿيو.

❋ ❋ ❋

نثار ميمڻ منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي. معين قريشيءَ جي حڪومت ۾ وزير هو. وزيراعظم ساڻس "سنڌ ۾ احساس محرومي" جي ڳالهه ڪئي نثار چيس ته، "اها ڳالهه ته نوشته ديوار آهي." انهيءَ زماني ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سنڌ جو ميمبر هئو ئي ڪونه. نثار وزيراعظم کي چيو ته، "رڳو سياسي مقصد خاطر مقرريون نه ڪجن. ڪي ته ماڻهن جي لياقت کي به ڏسي ڪجن." معين قريشيءَ ساڻس اتفاق ڪيو ۽ مون کي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيائين. ڪميشن ۾ اڳي سڀ سول عملدار (رٽائرمينٽ) کان پوءِ ميمبر مقرر ٿيندا هئا. جنرل ضياء تي رٽائرڊ فوجي جنرل به وڌايا هئا: جنرل پي.ڊي.خان، ليفٽيننٽ جنرل اختر ناز ۽ ميجر جنرل قيوم. انهن ۾ پي.ڊي.خان سان ته منهنجي دوستي ٿي وئي، پر ميجر جنرل قيوم جي نياڻيءَ جو ڪو ڪم هو. سندس مدد ڪيم. ته اهو به گهرو گهاتو ٿي ويو.

جنرل قيوم ۽ مان ڪميشن جي ڪنهن انٽرويو لاءِ لاهور وياسين. انٽرويو مان واندا ٿي ايئرپورٽ تي آياسين ته ساڻس ڳالهه ڪيم ته ڪيئي سال اڳي مان هڪ دفعي لاهور ايئرپورٽ تي لٿس. لاهور ۾ مخدوم صاحب جي بنگلي تي فون ڪيم. هو اتي ئي هو. سڌو ايئرپورٽ تي هليو آيو ۽ مون کي وٺي "پرل ڪانٽينينٽل" هوٽل تي هليو. ڊنر ڪارايائين ۽ هِتان هُتان جا حال احوال ڏنائين. اها ڳالهه ميجر جنرل قيوم سان ڪيم ته ٻاڌ ٻڌايائين ته مخدوم صاحب گورنريءَ تان فارغ ٿي ملتان ويو ته ڪجهه عرصي کان پوءِ کيس دل جو دورو پيو ۽ هاڻي فالج ٿيو آهي. مان اهو ٻڌي هڪدم سندس

مزاج پرسيءَ لاءِ ميجر جنرل قيوم سان گڏ ملتان هليو ويس. مخدوم صاحب کي اطلاع مليو تہ ٻئي ڏينهن اسان کي لنچ تي سڏيائين. لنچ کائي سنڌس ڊرائنگ روم ۾ ڪچهري ڪئيسون تہ پير صاحب جي صحبت ۾ ساڻس گڏ گذريل ڏينهن ياد آيا. **سنڌس ڪچهري اڳي وانگر دل بهار هئي.** پر افسوس **آهي تہ ان جا رابيل ۽ گلاب ڪومائجي ويا هئا.**

مخدوم صاحب سان ان کان پوءِ ميل ملاقات جي سعادت مون کي وري نصيب ڪانہ ٿي. پر جڏهن "سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ" ڪتاب لکيم تہ ساڻس رابطو ڪيم ۽ ڇپائيءَ کان اڳ ڪتاب جي ڊمي ڪاپي ملاحظي لاءِ موڪليم، جو منجهس پير سائين محمد راشد روضي ڌڻيءَ ۽ قلندر شهباز سان گڏ غوث بهاؤالحق جو تذڪرو آهي. سنت نياپو موڪليائين تہ "ڪتاب ٺيڪ آهي، ڇپائي ڇڏيو." مون ڪتاب ڇپائي ڇڏيو. ڪيس ڪاپي پهتي، تہ پڙهيائين يا ڪنهن سنڌي مريد کان وري وري پڙهائي، ٻڌائين ۽ ڏاڍو ڪو خوش ٿيو. مون کي پنهنجي هڪ معتقد هٿان مٺائيءَ جو دٻو شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو ڪو ڪتاب ۽ تسبيح تحفي طور موڪليائين.

اهو مون سان سنڌس آخرين رابطو هو.

مون کي مخدوم صاحب جي رحلت جي خبر ڪانہ پئي. ملتان ۾ ڪنهن ياد ڪونہ ڪيو. مان بہ رب جي رضا تي راضي رهيس.

❋ ❋ ❋

مهراڻ جي ايڊيٽر نفيس احمد شيخ ڪجهہ عرصي کان پوءِ مخدوم صاحب تي مضمون لکي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ سنڌس هڪ خوبصورت رنگين تصوير بہ موڪليائين. مان ڪا دير تہ تصوير ڏسندو رهيس. گذريل ڏينهن ياد آيا. اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. پر، مضمون لکڻ جي همت ڪانہ ٿي. ناشاد سان معذرت ڪيم. ڳالهہ کي ورهيہ وري ويا. هاڻي، وري فون ڪيائين تہ مخدوم صاحب جي هڪ خاص تصوير هٿ ڪئي اٿم. اها موڪليان ٿو. مضمون لاءِ تہ اڳي بہ بار رکيو هئم. مون تصوير ڏٺي. ياد آيو تہ عرس جي موقعي تي هڪ خاص تقريب ٿيندي هئي. مخدوم صاحب ان ۾ صبح جو اهو لباس پائي ايندو هو. سنڌس مريدن ۽ معتقدن جو وڏو هجوم هوندو هو. تقريب جو اهو سڄو منظر اکين اڳيان اٿم. منجهس جيڪو روح پرور نظارو

ڏنو هئم. انهيءَ جو احوال توڙي مخدوم صاحب کان ٻُڌل ڪيئي تاريخي واقعا هن مضمون ۾ بيان ڪري ڪونہ سگهيو آهيان: مثال طور فيلڊ مارشل ايوب خان جي مخدوم صاحب سان ملتان ۾ ملاقات ۽ ڪمشنر ملتان جون مخدوم صاحب کي آزيون نيازيون تہ متان سندس بسترو گول ڪرائي ڇڏي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي نڪيتا خروشچوف سان ڪريملن ۾ تاريخي ملاقات ۽ قومي اسيمبليءَ جي هڪ بنگالي اسپيڪر جو مخدوم صاحب سان گڏ وچ اوڀر وارن ملڪن جو دورو. جنهن جي احوال ٻڌائڻ لاءِ ڊاڪٽر شمل، مخدوم صاحب کي وري وري منٿون ڪندي هئي ۽ جڏهن هُو پنهنجي مخصوص مزاحيہ انداز ۾ اهو دلچسپ داستان ٻڌائيندو هو تہ ٻڌي، کلي کلي، ساٽي تي پوندي هئي.

تازو اقبال اڪيڊميءَ ڊاڪٽر شمل جي جرمن زبان ۾ لکيل سوانح حيات جو انگريزي ترجمو شايع ڪيو آهي. منجهس سنڌ مان پير صاحب ۽ پنجاب مان مخدوم صاحب جون تصويرون ڏنيون اٿس.

مخدوم صاحب حيدرآباد آيو تہ ٽي دفعا مون کي ياد ڪيائين. مان اهو احوال بہ هن مضمون ۾ لکي ڪونہ سگهيو آهيان. پهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ جي گاڏي ڪاٽي واري آفيس ۾ ايترو تہ سوير آيو هو جو اجا ٻهاري بہ ڪانہ آئي هئي. ٻيو دفعو ڪوٽڙي ريلوائي اسٽيشن تي ملڻ لاءِ پيغام موڪليائين. پاڻ گاڏيءَ ۾ ويٺو هو ٻاهران ماڻهن جا هشام هئا ۽ "غوث جا دمبها" لڳي رهيا هئا. مان وڏيءَ مشڪل سان وٽس پهتس. پر مليو تہ ڏاڍو خوش ٿيو. ٽيون دفعو بورڊ جي چار شوري واري بنگلي ۾ آيو. مون وٽ ناشتو ڪيائين. مون چاليهارو کن مهمانَ سندس اعزاز ۾ سڏيا هئا. جيئن ئي سندس ڪار بنگلي جي گيٽ تي پهتي، تہ مان تڪڙو تڪڙو وڃي ساڻس ادب سان مليس. ڇڪي، سڪ سان ڀاڪر پاتائين. سندس قرب ڏسي بي اختيار ڀٽائي ياد آيو:

**گندُ جنين جي گوڏ ۾ ڀاڀوڙا پوشاڪَ،**
**اُنين جي اوطاقَ، راجا ريجهي آئيو.**

مخدوم صاحب جن هاڻي هن دنيا ۾ ڪونہ آهن. مون پنهنجين مڙني

ڪوتاهين جي باوجود، دل جي سموري سچائيءَ سان، سنڌن ياد ۾ هي حرف لکيا آهن. شايد اجا بہ انهيءَ فرض ادائيءَ ۾ ڪوتاهي ٿئي ها، پر، ناشاد قرب ڪري يادگيري ڏياري. مخدوم صاحب جن سان سنڌس غائبانہ سڪ ڏسي مون کي متس ڏاڍو پيار آيوءِ مير تقي مير جي مشهور مصرع چپن تي آئي:

"افسوس تم کو میر سے صحبت نہیں رہی۔"

★

# داكتر ائنيمري شمل

ٽن جرمن عالمن، مردن ۽ عورتن جا سنڌ تي احسان آهن: ارنيسٽ ٽرمپ، ايلسا قاضي ۽ ڊاڪٽر ائنيمري شمل. ٽنهي سنڌ جي علم ۽ ادب تي اهڙو شاندار ڪم ڪيو جو هميشہ ياد رهندو.

ڊاڪٽر شمل سان منهنجي ملاقات 1958ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي. هوءَ سيد عبدالواحد جي دعوت تي آئي هئي، جيڪو پيلي ڪاٺي جو رٽايرڊ عملدار هو ۽ اقبال ايڪيڊميءَ جو ميمبر هو. ڊاڪٽر شمل سان جرمنيءَ ۾ مليو هو ۽ ڪراچيءَ اچڻ جي دعوت ڏني هئائينس. پير سائين حسام الدين شاهہ راشديءَ ۽ جسٽس جاويد اقبال سان بہ سندس ملاقات انهيءَ ٿي سال ائين ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي. تڏهن اقبال ايڪيڊمي ڪراچيءَ ۾ هئي. ٻئي ڄڻا انهيءَ جا سرگرم ميمبر هئا.

ڊاڪٽر شمل 1938ع ڌاران علامہ اقبال جو فارسي ڪلام پڙهيو هو. سو تڏهن کان وٺي، سندس شخصيت ۽ پيغام ۾ دلچسپي هئس، بعد ۾ پاڻ هڪ ترڪ سان شادي ڪري مسلمان ٿي هئي. اسلامي نالو جميلہ پسند ڪيائين. پر، اڳتي هلي زال مڙس طلاق ڏئي الڳ ٿيا. ترڪ مڙس جي ڪري، مولانا روميءَ کان آشنا ٿي وئي هئي. پر، وقت گذرڻ سان ساڻس ڏاڍي عقيدت ٿي ويئي هئس. ڪيس هميشہ "اسان جو مولانا" ڪوٺيندي هئي. اهو تہ هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ علامہ اقبال ۽ شاهہ ڀٽائي بہ روميءَ جا عقيدتمند هئا. سو ڊاڪٽر شمل جي اڳتي هلي منجهن پڻ دلچسپي پيدا ٿي.

✲ ✲ ✲

مغربي ماڻهو هر سال پنهنجي ڄمر جو جشن ملهائيندا آهن. اسان وٽ بہ ڪي سڪيا ستابا ماڻهو اهي شاهاڻا شوق ڪندا آهن، پر سنڌ جي ڏتڙيل

ماڻهن جو حال تہ هر ڪنهن کي ساريو پيو آهي:

"بک ۾ ڦٽي باک ۾ ڏک ۾ گذريو ڏينهن."

ڊاڪٽر شمل، پنهنجيءَ هڪڙيءَ سالگرہ جو جشن ڪراچيءَ ۾ ملهايو. مون کي پير سائين حسام الدين شاهہ راشدي انهيءَ تقريب ۾ وٺي هليو. ڇهين ستين بجي شام جي مهل هئي. سالگرہ جي جشن ۾ جيڪي مهمان سڏيل هئا، سي، دستور موجب، سوکڙيون پاکڙيون وٺي آيا هئا. مان هالن جي جنڊيءَ جي رنگين فريم سان هڪ خوبصورت آئينو وٺي ويو هئس. ٻيا وري ٻيون سوکڙيون پاکڙيون وٺي آيا هئا. ايترو ياد اٿم تہ سنڌ جو نيڪ مرد، مير غلام علي خان ٽالپر، چانديءَ جو ٽي - سيٽ (TEA-SET) وٺي آيو هو. کيس بلُو رنگ جو ڏاري دار فل سوٽ پاتل هو. ڪن ڪن ماڻهن جي منهن تي اشرافت ۽ عظمت جو عڪس نظر ايندو آهي. مير صاحب اهڙو ئي شخص هو. ٻيا بہ ڪافي معتبر ماڻهو آيا هئا.

پير سائين حسام الدين شاهہ راشديءَ مون کي ڊاڪٽر شمل سان متعارف ڪرايو تہ چوڻ لڳي تہ، "ڪراچي شهر جا پراڻا پاڙا ۽ بازارون ڏسڻ جو شوق اٿم." تن ڏينهن ۾ بورڊ جيپ ورتي هئي، سو جيڪڏهن هوءَ گهٽو اشتياق ڏيکاري ها، تہ مان کيس ڪاري در ۽ مٺي در وارو علائقو ڪڏي مدرسي وارو پاسو ۽ ڪياماڙي وغيرہ آسانيءَ سان ڏيکاري سگهان ها. ليڪن، ٻيهر نڪي تہ هن ڳالهہ ڪئي ۽ نہ وري مون ذڪر ڇوريو. پر، قدرت جي ڪارخاني ۾ عجب راز ۽ اسرار آهن. ڪي ڪي لفظ ۽ خواهشون "پيشنگوئيون" ٿينديون آهن. اسان ٻنهي مان ڪنهن کي خواب خيال بہ ڪونہ هو تہ اڳتي هلي مان ئي کيس نہ رڳو ڪراچي پر سڄو پاڪستان گهمائيندس، پر هتِ اڳتي وڌڻ کان اڳ اها ڳالهہ چٽي ڪرڻ گهران ٿو تہ ڊاڪٽر شمل، سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ جيڪا بہ دلچسپي ورتي، سا سموري پير صاحب جي دوستيءَ جي ڪري، هو کيس سنڌ گهمائڻ لاءِ سڀ کان اول ڳڙهي ياسين وٺي ويو جتي سندس دوست، آغا بدرالدين خان درانيءَ، ڊاڪٽر شمل جون ڏاڍيون خاطرداريون ڪيون ۽ موڪلائڻ مهل کيس زنانن زيورن جو سونو سيٽ تحفي طور ڏنائين. سنڌ جي ڏاهن چيو آهي تہ:

ڪِلاوڻُ، پِلاوڻُ، عجبُ دلبري



ڊاکٽر ائنيمري شمل

ڊاڪٽر شمل جي اڳتي هلي، سنڌي ٻوليءَ ۾ دلچسپي وڌي، ته ان ۾ خط لکڻ لڳي. هڪ ٻه خط مون کي به لکيائين. هوئن نه ته انگريزيءَ ۾ لکندي هئي. مون سندس هڪ سنڌي خط ٻارن جي ”گل ڦل“ رسالي ۾ ڇاپيو جو مان ”اعزازي طرح“ ايڊٽ ڪندو هئس. هوئن، سنڌي ادبي بورڊ ۾ 1959ع کان منهنجو اصل ڪم اسسٽنٽ سيڪريٽري جي عهدي جو هو. ستت، سنڌيءَ ۾ هڪ مضمون به موڪليائين، جو پڻ ”گل ڦل“ رسالي ۾ ڇاپيم. پاڻ اڳتي هلي، منهنجي افساني ”پن پوڙين پاتال ۾“، جمال ابڙي جي افساني ”ڪار مُنهون“ ۽ محمد حُسين ڪروڙيتيءَ جو ڪو افسانو جرمن زبان ۾ ترجمو ڪري، ”پاڪستاني افسانن جي انتخاب“ ۾ ڇپايائين. اسان ٽنهي کي جرمنيءَ ۾ واترمئن جون ٺاهيل، ڪاري رنگ جون ٽي قيمتي خوبصورت انڊيپينون ۽ ڪتاب جون ٽي ڪاپيون موڪليائين. گهڻو پوءِ جرمنيءَ ۽ هندستان جي ڪن ناشرن گڏجي ”هندستاني ادبيات“ تي متعدد جلدَ انگريزيءَ ۾ ڇاپڻ جو پروجيڪٽ ٺاهيو جنهن ۾ سنڌي ادب وارو جلد ڊاڪٽر شمل لکيو. ان ۾ پڻ سنڌي ادب واري جلد ۾، جديد لکندڙن ۾ منهنجو ۽ شيخ اياز جو ذڪر ڪيو اٿس. بعد ۾ جڏهن عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي سوانح عمري لکيائين ته ان ۾ به منهنجو ذڪر ڪيائين. اقبال ايڪيڊميءَ اُن جو جرمن مان انگريزيءَ ۾ ترجمو شايع ڪرايو. مون کي ان ڪتاب جي ڪاپي ڪراچيءَ ۾ گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي جرمن ڊائريڪٽر، مسز زمان ڏني. ادب واري جلد ۾ جديد لکندڙن ۾، منهنجو ۽ شيخ اياز جو ذڪر ڪيو اٿس. بعد ۾ جڏهن عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي سوانح عمري لکيائين ته ان ۾ به، منهنجو ذڪر ڪيائين، اقبال ايڪيڊميءَ ان جو جرمني مان انگريزي ۾ ترجمو شايع ڪيو آهي.

ڊاڪٽر شمل، شاهه سائينءَ ۽ اردو شاعر خواجه مير درد (ٻنهي تي گڏ) انگريزيءَ ۾ هڪ معياري ڪتاب پڻ لکيو. اهو ڪتاب مون کي پاڻ ڏنو هئائين، هڪ دوست پڙهڻ ڪاڻ ڪٺي ويو پر، موٽائي ڪونه ڏنائين. سائين غلام مصطفيٰ شاهه سان ڳالهه ڪيم، تنهن ان دوست کان ته ورتو پر، مون کي موٽي ڪونه مليو. هاڻي سائينءَ مرحوم جي ڪراچيءَ واريءَ لئبرريءَ ۾ موجود آهي. ڪتاب جو نالو آهي: PAIN AND GRACE. پٽ شاهه ثقافتي

مرڪز کي ڪتاب جي شاهه سائين واري حصي جو سنڌي ترجمو شايع ڪرڻ ڪپندو هو. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي نيڪي ٿئي ها پر، اهڙن ڪمن ڪرڻ لاءِ عقل، محبت ۽ محنت ڪپي.

عمر جي پوين ڏينهن ۾ پاڻ شاهه سائينءَ جي چونڊ ڪلام جو جرمن زبان ۾ ترجمو ڪري رهي هئي ۽ هڪ حصو شايع به ڪيو هئائين، اهو ڪتاب به جرمنيءَ ۾ ڇپيو. مون کي به ڪاپيون ڏنيون هئائين. هڪ ڪاپي اجا مون وٽ آهي. انهيءَ ڪتاب جي ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ به "ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز" جو ساٿس ڪوبه تعاون ڪونه هو. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز کي ان جرمن ترجمي جي خبر به ڪانه هوندي، البت ڊاڪٽر شمل، علامه اقبال تي جيڪو به ڪم ڪيو اهو اقبال ايڪيڊميءَ وڏي توجهه ۽ محنت سان شايع ڪيو.

ڊاڪٽر شمل، پاڪستان جي علاقائي ٻولين ۽ ادب تي انگريزيءَ ۾ هڪ تمام سٺو ڪتاب لکيو آهي. مون کي ڪاپي ڏني هئائين، جا محفوظ اٿم. پر، سندس خط محفوظ ڪري ڪونه سگهيس. مون وٽ سندس بيشمار خط هئا. ڊاڪٽر شمل سنڌ تي ليڪچر ڏنا هئا ۽ ڪجهه مضمون لکيا هئا. مون کيس صلاح ڏني ته اهي گڏ ڪري، ڪتاب ڇاپجي. صلاح وڻيس. ڪتاب ناهي ڏنائين Pearls from the Indus نالي سان. مون سنڌي ادبي بورڊ مان ڇاپيو. کيس رايلٽيءَ جي ادائگيءَ لاءِ ڪجهه "نذراني جي" پيشڪش ڪيم ته ذڪ ۾ چيائين: "رباني، آئنده اهڙي ڳالهه نه ڪجانءِ."

ڊاڪٽر شمل، هڪڙي سال پاڪستان آئي، ته پير صاحب کيس مڪليءَ وٺي ويو. اتي ٻيا ڪي دوست به سڏيل هئا، جن مان مرڪزي فنانس سيڪريٽري، ممتاز حسن، سيد عبدالواحد ۽ آرڪيالاجيڪل کاتي جي عملدار ولي الله جا نالا مون کي ياد آهن. مڪليءَ ۾ آثار قديمه کاتي جي ريسٽ هائوس ۾ منجهند جي ماني کائي ڪچهري ڪرڻ ويناسين، ته ڳالهيون ڪندي ڪنهن چيو ته "اقبال وڏو شاعر هو ۽ ڪنهن چيو ته شاهه ڀٽائي!!" وڏي بحث مباحثي کان پوءِ، ولي الله کان راءِ ورتائون، جو آرڪيالاجيءَ جو ته ماهر هو پر، وڏو عالم به هو. چيائين ته: "ٻنهي جي ڀيٽ اجائي آهي. هڪڙي وسندي ڇڏي، وڃي سُڃَ وسائي. کيس سڏيندا ئي هئا:

شاهہ عبداللطيف تارڪ. عام روايت موجب پڙهيل لکيل ڪونہ هو. پر، وڏو شاعر، مفڪر ۽ اهل الله هو.“

”هيو شخص (علامہ اقبال) جديد دؤر جو پڙهيل ڪڙهيل اعليٰ تعليم يافتہ شخص هو. اردوءَ سان گڏ فارسيءَ جو شاعر هو. ولايت مان پڙهي آيو هو. سياسي معاملن ۾ دلچسپي رکندو هو.“

”هاڻي، اوهان پاڻ ٻڌايو تہ ٻنهي جي پاڻ ۾ ڪهڙي ڀيٽ؟“

ولي الله جي اها راءِ ٻڌي، پير صاحب پنهنجيءَ ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ وڃي ڪيس نرڙ تي چمي ڏنائين. پير صاحب جي انهيءَ عمل جي ڪري ماحول اهڙو تہ ڳنڀير تي ويو جو سيد عبدالواحد ساڙ ۾ سهي ڪونہ سگهيو. سو هڪ ڏاڍو بڇڙو ڪم ڪيائين. ڊاڪٽر شمل، جنهن ڏينهن جرمنيءَ وڃي رهي هئي، تنهن ڏينهن ايئرپورٽ تي وڃڻ مهل پيتي کٽڻ وئي. ڏسي تہ چاقوءَ سان ڦاٽي پيئي آهي ۽ سونن زيورن جو جيڪو سيٽ پاڻ ڪراچيءَ مان خريد ڪيو هئائين، سو غائب آهي! انهيءَ سيٽ جا پئسا ڪيس اقبال ايڪيڊميءَ علامہ جي هڪ ڪتاب جي ترجمي جي رايلٽيءَ طور ڏنا هئا. سيد عبدالواحد کي ساڙ رڳو ان ڪري هو جو هُوءَ (ڊاڪٽر شمل)، علامہ اقبال سان گڏ هميشہ شاهہ ڀٽائيءَ جو تذڪرو بہ ڪندي رهندي هئي.

ڊاڪٽر شمل، پير صاحب سان گڏ ڪار ۾ ويني. ڪراچيءَ ايئرپورٽ ويندي، رستي تي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايائينس. جڏهن ڪيس جهاز ۾ اماڻي، مان ۽ پير صاحب موٽياسين، تہ پير صاحب وري مون سان سڄي ڳالهہ ڪئي، پر منع ڪيائين تہ ٻئي ڪنهن سان نہ ڪجانءِ.

سيد عبدالواحد هيو بڇڙو ڪم اِهو ڪيو تہ ون يونٽ جي گورنر نواب ڪالاباغ کي چؤ چواءِ ڪرائي، سنڌ ۾ ڊاڪٽر شمل جي اچڻ تي بندش وجهايائين. انهن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ ون يونٽ جو ڏاڍو ڏهڪاءُ هو. ماڻهو سنڌ جو نالو کڻڻ کان ئي ڪيٻائيندا هئا. ٽپال کاتي سرڪيولر جاري ڪيو هو تہ خطن جي ائڊريس ۾ سنڌ لفظ لکڻ بہ ڏوهہ آهي. اياز بي سبب تہ ڪونہ چيو هو:

**سنڌڙي تنهنجو نانءُ وٺو ڪاريهر تي پير پيو.**

پير صاحب لاهور ۾ هو. مون کي فون ڪيائين تہ: ”ڊاڪٽر شمل جي خاطرداريءَ لاءِ اوهان ۽ حُسين شاهہ پاڻ ۾ صلاح ڪري، ٻہ چار دوست

گڏجي، ڪراچي ايئرپورٽ تي وچي ساڻس ملو جو هُوءَ تہ سرڪاري بندش جي ڪري، ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري ڪانہ سگهندي.“

اسان ڪي سنڌي ڳاڻا ۽ وڄائڻا ساڻ کنيا ۽ گـُلاب جي گلن جا ڪارا ورتا. حُسين شاهہ، اياز راشدي، مان، علي نواز وفائي، غلام قادر ڏکڻ ۽ ٻيا دوست ٻن چئن موٽرن ۾ ايئرپورٽ روانا ٿياسين. رستي تي وفائيءَ جي موٽر خراب ٿي پئي. غلام قادر ڏکڻ چيو تہ ”اياز راشدي ساڻس گڏ وينو هو سو سندس ڪار خراب ٿي تہ امالڪ ٽپو ڏئي هيٺ لٿو ۽ اچي اسان سان گڏ وينو. وفائيءَ، اياز راشديءَ جي مشوري تي ئي خاص انهيءَ موقعي لاءِ ”سنڌي ڪلچر جي نمائش ڪرڻ لاءِ“ نـتي جي لونگيءَ مان صدري سبائي پاتي هئي. اياز اڪيلو ڇڏي آيس تہ ڏاڍو ڏک ٿيس. سو ڪاوڙ مان صدري لاهي رستي تي اڇلايائين! سنڌي سڀاجهڙن ڪي پرپٺ ست سريون ٻڌايائين. پر، ڪو بہ واهہ وسيلو نہ ڏسي، واٽهڙن ڪي چار پئسا ڏئي، ڪار کي ڌڪا ڏياري، چالوڪيائين ۽ شوڪارا پريندو پوئتي موٽي ويو.“

غلام قادر ڏکڻ جي اها ڳالهہ ٻڌي، اسان کي بہ ڏک تہ ڏاڍو ٿيو پر، اياز راشدي انهيءَ معاملي ۾ خاموش رهيو. البت، حُسين شاهہ ايترو چيو تہ هي رَوِش اياز جي ٻي وفائيءَ ڪري هئي. بهرحال ڊاڪٽر شمل جي جهاز لهڻ جو ٽائيم ٿي ويو هو. سو ماٺ ميٺ ۾ اسان سڀ سڌو ايئرپورٽ هليا وياسين.

ڊاڪٽر شمل جهاز مان نڪتي. تڏهن سو هاٺوڪو ايئرپورٽ ڪونہ ٺهيو هو. پراڻي ايئرپورٽ جي گنبذ واريءَ اڳوٺيءَ عمارت ۾ آئي، تہ غاليچي تي اسان جا وهاريل فنڪار شروع ٿي ويا. مٿس گل ڇٽيا وِيا ۽ ڪلهن تي پٽ جون لونگيون پئجي ويون. سازن جي ڌڌڪي تي، سنڌي راڳ جي محفل شروع ٿي وئي. ڏاڍي خوش ٿي. جڏهن اسان کان موڪلايائين تہ سندس چهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. ڊاڪٽر شمل ان کان پوءِ مهل موقعي سان ڪراچيءَ ايندي رهي. خدا ڪيو جو اڳتي هلي، مٿانئس بندش بہ لهي وئي.

1977ع ۾ ڪراچيءَ آئي، تہ مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو - وائيس چانسيلر هئس. ڪيس ڪار ۾ ڪراچيءَ مان ڄامشوري وٺي آيس ۽ آرٽس فئڪلٽيءَ واري آڊيٽوريم ۾ ليڪچر ڏياريم. ڊاڪٽر شمل ”وڏو نالو“ سچو

هال استادن ۽ شاگردن سان ڀرجي ويو. سنڌس ليڪچر تاڙين جي گونج ۾ پورو ٿيو. يونيورسٽيءَ مان ڪيس گهر وٺي آيس. منجهند جي ماني ڪارائي، شام جو ڪار ۾ ڪچهري ڪندا وري واپس ڪراچيءَ وياسين.

* * *

هڪ دفعي پير صاحب سان گڏ سيوهڻ گهمڻ وياسين. موٽ تي بورڊ جي آفيس ۾، ڄامشوري ۾ مون وٽ لٿا. چاءِ پيتائون. چوڻ لڳي ته، "رباني، رستي تي اهڙي ته اڃ لڳم، جو نڙيءَ ۾ اصل ڪنڊا پئي چُڀيم."

اهو ٻڌي پير صاحب کِلي ڏنو. چيائين ته، "اڃ ته مون کي به ڏاڍي لڳي هئي، پر، سن ۾ موٽر ڪانه روڪيم ۽ رستي تي تڏهن اهڙي ڪا هوٽل هئي ڪانه، جتي لمليت پي سگهون."

اڳتي هلي، مون کي سنڌس شڪايت دور ڪرڻ جو موقعو مليو. سو هيئن ته پير صاحب جي هِن جهان ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هڪ دفعي وري پاڻ مون کي سيوهڻ وٺي هلڻ جي فرمائش ڪيائين. مرحوم عبدالله ميمڻ، تڏهوڪي ڪمشنر حيدرآباد کي چئي، سيوهڻ جي قلعي وارو ريسٽ هائوس رزرو ڪرايم. ڊاڪٽر شمل، حُسين شاهه وٽ ٽڪيل هئي. جنهن جي بيگم، اديءَ شميم، پامفريٽ مڇي تري ۽ مانيءَ پانَ نرم گرم اوڦراٽا پچايا. مان پانيان ٿو ته هُوءَ سنڌ جا روايتي- ست- پڙا اوڦراٽا به پچائي چاڙهي. لنچ باڪس کڻي، اسان ڪراچي- ڪئنٽ اسٽيشن تان بولان ميل ۾ اچي چڙهياسين. مون ايئرڪنڊيشنڊ ڪوپي رزرو ڪرايو هو. منجهس آرام سان ماني کاڌيسين. ڏاڍو ساءُ هئس. ڊاڪٽر شمل ڇري ڪانٽو کڻي، هر گهڙيءَ، انگريزيءَ ۾ چوي ته:

"هيڏي اڃ منهنجي مڇڙي، ته توکي کاوان."

سچ لهي ٻڌي رهيو هو ته اسان به وڃي سيوهڻ لٿاسين. پوليس جو هڪ اعليٰ عملدار پنهنجي اتالي سان گڏ اسان جي استقبال لاءِ اڳي ئي اسٽيشن تي موجود هو. ريسٽ هائوس ۾ وٺي هليو. هٿ منهن ڌوئي، پهريائين روضي تي حاضري ڏنيسون، رب پاڪ کان دعا گهريسون. مون ڊاڪٽر شمل سان ڪمپني ڪرڻ لاءِ مسز مهتاب راشديءَ کي به چيو هو.

ريسٽ هائوس تي آياسين. سيوهڻ جي ايس.ڊي.ايم. مسٽر عبدالجبار

عباسيءَ جهڙي سني ڊنر ڪرائي، اهڙي ئي يادگار ڪچهري ڪئي. هڪڙي سنڌي سماجهڙي جو قصو ٻڌايائين، تہ هيئن سيوهڻ ۾ آيو. ريسٽ هائوس ۾ ٽڪيو. وڏي سرڪاري عهدي تي هو. عاليشان ماني ڪرايم. ڊنر ٽيبل تي سمورو وقت، مون کي UNIVERSAL SOUL بابت ليڪچر ڏيندو رهيو ۽ فلسفي ۽ روحانيت جا سبق ڏيندي رکي رکي چوندو رهيو تہ اها برياني ۽ بہ تي ڪباب کڻي ڏي" ڊاڪٽر شمل اهو ٻڌي اچي کِل ۾ ٽڪي.

صبح جو سوير، اسان وري روضي تي وياسين، جو اتي ان مهل اُنن تي نغارا وڄائيندا اهن. ڊاڪٽر شمل کي اِهو منظر ڏسڻ جو خاص شوق هو. ان جون تصويرون ورتائين. ٻئي ڏينهن سيوهڻ مان وري بہ بولان ميل رستي واپس ڪراچيءَ پهتاسين.

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل هڪڙي سال ڪراچيءَ آئي، تہ مون کيس چيو تہ، "هٽلر جو ڪتاب" "مين ڪيف" (منهنجي جدوجهد) الائي ڪٿان ملندو؟"

پڇيائين تہ، "ڇو؟"

مون چيو تہ، "ادبي بورڊ جو ڇپائيءَ لاءِ منظور ٿيل آهي. پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهہ کي ترجمي لاءِ مليل آهي، پر سندس دلچسپي ڪانهي. مون کي چيو اٿس تہ "تون وڃي ترجمو ڪر." منهنجي ان ترجمي ۾ دلچسپي ان ڪري آهي، جو ٻي مهاڀاري لڙائي تاريخ جو تمام وڏو واقعو آهي. هٽلر جي ڪتاب مان معلوم ٿيندو تہ هن پنهنجي نقطءِ نگاهہ جي وضاحت لاءِ منجهس ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون آهن."

ڊاڪٽر شمل چيو تہ، "IT IS A BAD BOOK"

مون اندازو لڳايو تہ هُوءَ ان مهاڀاري لڙائيءَ جي زماني ۾ 23 يا 24 سالن جي هوندي، سو ڪتاب جي ڳالهہ ڇڏي، کيس چيم تہ، "ڊاڪٽر صاحب، اوهان کي چٽي سانير هوندي تہ ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ جي زماني ۾ جرمنيءَ ۾ اندروني حالتون ڪيئن هيون؟"

هن ڪو جواب ئي ڪونہ ڏنو. مان ٻيهر ڪانئس سوال ڪرڻ وارو هئس، پر، اکيون کڻي جو ڏسان تہ چهري تي ڏک جا ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا اٿس. اکيون پرجي آيون اٿس، ۽ آرام ڪرسيءَ تي ڪنڌ پوئتي ڪري، ٽڏا

ٽڏا ساهہ پٽي پريا! مون کي ٻيهر سوال ڪرڻ جي همٿ تہ ڪانہ ٿي. دل ۾ پڇتايم، تہ ’مون ساڻس اها ڳالهہ ڇو ڪئي!‘

ياد آيم تہ ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هئم تہ هٽلر جي فوج ۾ آفيسرن جو هڪ بارودي گروپ عورتن جي ڪاليجن ۾ ڪلاس ۾ ويٺل نوجوان شاگرديائين ۽ سندن استاد عورتن کي خطاب ڪري چوندو هو تہ ”جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ جرمنيءَ کي صحتمند پٽن جي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري، جن محب وطن خواتين کي حاملہ ٿيڻ لاءِ مردن جي ضرورت آهي، تن جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ هي نوجوان فوجي مرد اوهان وٽ هلي آيا آهن.“

اسلام آباد ۾ سندس جرمن دوست، ڪئرن سان ملاقات ٿي مون سان گهري گهاتي هئي. ٻڌايائين تہ ”جنگ جي زماني ۾ جرمنيءَ جون حالتون ڏاڍيون خراب هيون. اسان اُن زماني ۾ اهڙا ڏک ڏٺا، جي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. خدا شال دشمن کي بہ اهڙا ڏينهن نہ ڏيکاري!“ چيائين تہ ”ويلن جا ويلا بُک ۾ گذرندا هئا.انين انين ڏينهن ڊبل روٽي ملندي هئي. امڙ چاڪو ڏيندي هئي، تہ وٽن تان ڪچڙا ڇوڏا لاهي اچو. اهي ديڳڙيءَ ۾ ڪاڙهي، اسان کي سوپ جا پيالا ڀري پيڻ لاءِ ڏيندي هئي، جو ڪائڻ پيڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪونہ هوندو هو.“

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل جي پير صاحب سان دعا سلام ٿي، تہ اها رڳوسنڌ جي تاريخ، تصوف، تذڪري ۽ ادب تائين محدود ڪانہ رهي، پر انساني مزاج جي فطري تقاضائن موجب، هڪٻئي جي خانگي زندگيءَ ۾ بہ دلچسپي وٺڻ شروع ڪيائون. آمريڪا ۾ ڊاڪٽر شمل جا بہ ٽي پيارا شاگرد هئا. انهن ۾ علي آساڻي نالي هڪ لائق نوجوان هو جيڪو مون سان ڪراچيءَ ۾ مليو هو. پر، ٻي هڪ پياري شاگرديائي هئس، جنهن لاءِ سندس خيال هو تہ پير صاحب جي خاندان ۾ فلاڻي نوجوان سان سندس شادي ٿئي، تہ سٺو. نالو هئس گلشن خاڪي. ڊاڪٽر شمل جي مرضيءَ موجب پير صاحب سان ڳالهہ ڪيم، پر هو پنهنجي خاندان جي جنهن نوجوان سان انهيءَ ڇوڪريءَ جي شاديءَ جو خواهشمند هو، تنهن سان وري اها ڇوڪري شادي ڪرڻ تي راضي ڪانہ هئي. سو ڳالهہ اتي ئي رهجي وئي. سال بہ ٿيا، تہ پير صاحب

جي پائنٽي شمن شاهہ راشديءَ ڳالهہ ڪئي تہ گلشن سخت بيمار آهي. غالباً ڪينسر اٿس. گلشن، شمن کي ٿي پيار ڪندي هئي ۽ ساڻس ٿي شادي ڪرڻ تي راضي هئي.

❊ ❊ ❊

جڏهن پير صاحب پاڻ ڪئنسر جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو تہ مون کي اطلاع مليو تہ، "ڪراچيءَ اچ. سياٽي آپريشن آهي." ڪراچيءَ پهتس تہ خبر پيم تہ ڊاڪٽر شمل بہ جرمنيءَ مان پهچي وئي آهي. ۽ پيار علي الانا وٽ ٽڪيل آهي. ساڻس مليس تہ پريشان هئي. چيائين تہ، "خدا ڪري جو MALIGNANT نہ هجي! پر، جڏهن رپورٽ آئي تہ ڊاڪٽر شمل جو انديشو صحيح ثابت ٿيو. پير صاحب کي گلي THYROID جو ڪينسر هو.

پير صاحب اسپتال مان نڪرڻ کان پوءِ، هڪ ڏينهن مون کي شام جو نارٿ ويسٽرن هوٽل ۾ وني هليو ۽ رازداريءَ ۾ ٻڌايائين تہ ويهارو ورهيہ اڳ جنگهہ ۾ ڳوڙهي ٿي هئم. جا ڊاڪٽرن جي چوڻ تي بروقت ڪڍائي هئم. اهڙيءَ طرح ڪينسر ڏانهن اشارو ڏنائين. بهرحال، سندس ٽرائيڊ جا ڪيئي آپريشن ٿيا. هڪڙي ڀيري، هو اسپتال مان موٽيو هو جو مان حيدرآباد مان وٽس پهتس. ادب سان رڳو ايترو چيومانس تہ، "سائين، طبيعت ڪيئن آهي؟"

اکين مان ڳوڙها وهي آيس. چيائين تہ: "ياءِ، ڊاڪٽرن جو ڇُرو آهي ۽ منهنجو گلو آهي."

جڏهن پير صاحب ڪئنسر ۾ بلڪل ونجي ويو، تڏهن ڪراچيءَ ۾ روس جي سفارتخاني جي "FRIENDSHIP HOUSE" ادبي ۽ ثقافتي مرڪز جو نائب صدر هوندو هو. صدر فيض احمد فيض هوندو هو. روس وارن پير صاحب کي علاج لاءِ ماسڪو موڪليو. اتي ڊاڪٽرن سڄي جي سڄي "THYROID" مشينن وسيلي ڪڍي ڇڏي.

حُسين شاهہ راشدي بہ پنهنجي چاچي پير صاحب سان، گڏ ماسڪو ويو هو. مون سان اتان جي "برفيءَ" جي تعريف ڪندو هو. چيائين تہ چاچا اسپتال ۾ آرامي ٿيندو هو تہ مان هيٺ هوٽل ۾ اچي برفي کائيندو هئس. ڏاڍي سستي ۽ سٺي هوندي هئي." ائين چئي مٺان چيائين تہ، "مٺان اها ڳالهہ

ڪنهن روسي ڪامريڊ سان ڪرين!"

مون چيو ته، "ڇو؟"

چيائين ته، "اصل ڪونه ميجيندا ۽ مون کي گاريون ڏيندا."

❊ ❊ ❊

ٻارنهن مهينن کان پوءِ ايران ۾ ڪا بين الاقوامي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي هڪ اجلاس جو صدر پير صاحب ٿيو. پاڪستان موٽي آيو ته خوشيءَ مان چيائين ته، "رباني، گذريل سال جنهن تاريخ تي ماسڪو جي اسپتال ۾ غم ۽ گوندر ۾ ليٽيو پيو هئس. هن سال، ساڳيءَ ئي تاريخ تي تهران ۾ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ وڏي ٺٽ سان صدارتي ڪرسيءَ تي ويٺو هئس."

- پر، انسان لاءِ هن دنيا ۾ خوشيءَ جون گهڙيون گهٽ آهن ۽ ڏک جا ڏينهن ڊگها آهن. ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته:

"FOR MEN LIKE US THERE IS NO SEASON
BUT THE SEASON OF SORROW"

سال ٻن کان پوءِ ڊاڪٽرن، پير صاحب کي چيو ته، "ڪئنسر وري منهن ڪڍيو آهي، ۽ اها جسم جي ٻين حصن ۾ به پکڙجي چڪي آهي."

اِهو ٻڌي مان به پريشان ٿيس. ڪراچيءَ ويس ۽ کيس عرض ڪيم ته "علاج لاءِ لنڊن وڃو."

چيائين ته، "پئسا ڪٿان آڻيان؟"

مون چيو ته، "ٻنيءَ جو ٻارو وڪڻو."

چيائين ته، "ڪير وٺندو؟"

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر پيم ته ڊاڪٽر شمل کيس لکيو آهي ته، "جرمنيءَ هليا اچو ته مان اوهان جو علاج ڪرايان." اهو ٻڌي، وري ڪراچيءَ موٽيس ۽ پير صاحب کي چيم ته، "جلد جرمنيءَ وڃو."

**پير صاحب اهلِ دل انسان هو. دلنواز دوست هو سچو سخي ۽ ڏاهو شخص هو منهنجي ڳالهه ٻڌي، چُپ ٿي ويو. پوءِ ڏاڍي ڏک مان مون ڏي نهاري چيائين ته "رباني، عقل ڪر. مان اهڙو بداخلاق آهيان، جو هاڻي رن- زال وڻ وڃان، ته منهنجو علاج ڪرائي!"**

❊ ❊ ❊

قدرت کي ائين منظور هو جو هڪ ڏينهن پير سائين هي جهان ڇڏي ويو. مون لاءِ تہ آسمان تي غم جا ڪارا ڪڪر چڙهي ويا. منهنجا ڪيئي مهربان ۽ محسن، هڪ هڪ تي هن جهان مان اڳي ئي موڪلائي ويا هئا. نواب نور احمد خان لغاري جهان ڇڏي ويو هو. امداد جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر مجتبيٰ جوڻيجو موڪلائي ويا هئا. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي رحلت جو داغ تہ دل تان لهڻ جوئي ڪونہ هو:

**داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين.**

عين انهيءَ وقت، قسمت منهنجو داڻو پاڻي اسلام آباد لکيو هو سو اتان سرڪاري سڏ ٿيو. اهو بہ سنڌي ادبي بورڊ جهڙو ادارو هو. ائين ڪٺي چئجي تہ **"پاڪستان ادبي بورڊ"** هو. هڪ ڏينهن آفيس ۾ صدر پاڪستان جو فرمان آيو تہ:

> حڪومت پاڪستان، جرمنيءَ جي مستشرقہ ڊاڪٽر ائنيمري شمل کي ملڪ جو **"سرڪاري مهمان"** قرار ڏنو آهي. هُوءَ يورپ ۾ پاڪستان جي جڻ تہ سفير آهي. سو جڏهن بہ پاڪستان اچي، تڏهن سندس خاص خيال رکجي ۽ کيس پاڪستان جا مختلف علائقا گهمڻ لاءِ سڀ سهوليتون ڏجن.

وزارت تعليم، صدر جو اهو فرمان، ايڪيڊمي آف ليٽرس ڏي موڪليو جنهن جو ڊئريڪٽر جنرل تہ مان هئس، پر، چيئرمن هو ملڪ جو مشهور اردو مزاحيہ نويس ۽ پاڪستان نيويءَ جو رٽايرڊ ريئر سرجن ايڊمرل شفيق الرحمان. پٽيوالو ڊوڙندو آيو تہ، 'چيئرمن سڏي رهيو آهي. جلد اچو.'

وٽس ويس تہ فرمان منهنجي اڳيان رکي، پريشانيءَ مان چيائين تہ، "يار، **هن ڪراڙيءَ مان ڪيئن ڦاٽاسين؟"**

مون کيس تسلي ڏني تہ توهان ڳڻتي نہ ڪريو مان پاڻهي کيس منهن ڏيندس. اهو ٻڌي اهڙو تہ خوش ٿيو جو ڪِلي ڇوڙڻ لڳو تہ، "ماڻهو سرڪاري نوڪري تڏهن ڪري، جڏهن آفيس ۾ آگري جهڙا ساٿي هجن."

مون پنهنجي آفيس ۾ اچي سرڪاري فرمان اکر اکر ڪري پڙهيو. ٻن صفحن ۾ هو ۽ شروع ۽ آخر ۾ مٿس **"خفيہ"** (CONFIDENTIAL) جا ٺپا لڳل

هئس. منجهس نهايت نازڪ ڳالهيون لکيل هيون. جن جو مقصد ڊاڪٽر شمل کي پاڪستان ڏانهن مائل ڪرڻ هو. ڇو ته اسان جو پاڙيسري ملڪ به اهڙي ڪوشش ڪري رهيو هو. اتان جي وزيراعظم، ڊاڪٽر شمل کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ هڪ بي بها سونو تحفو به ڏنو هو جو هن دهليءَ مان موٽندي، مون کي ڪراچيءَ ۾ ڏيکاريو هو. مون کيس مشورو ڏنو ته، "هت ڪنهن سان به ڳالهه نه ڪجو." هن ائين ئي ڪيو.

مون صدر پاڪستان جو فرمان پڙهي، ڊاڪٽر شمل کي خط لکي موڪليو ته فارسيءَ ۾ چوندا آهن ته. "اوهان جو ٻيو حڪم ڪهڙو آهي؟"

خوش ٿي لکيائين ته. "رباني، سيف الملوڪ واري ڍنڍ ڏسڻ جو سالن کان شوق اٿم. جيڪا چون ٿا ته ايڏي ته خوبصورت آهي، جو چنڊ جي چوڏهينءَ رات اتي پريون ناچ ڪرڻ ايندڀون آهن."

مون ڪوشش ڪئي. خدا ڪامياب ڪيو ۽ سيف الملوڪ ڍنڍ تي وڃڻ لاءِ آرميءَ کان ڪرايي تي هيلي ڪاپٽر ملي ويو. ڊپٽي ڪمشنر کي ساڻ ڪنيم. هڪ ڏينهن، سڌو وڃي ڍنڍ جي ڪناري تي لٿاسين. سيارو هو. ڍنڍ اڌ برف هئي ۽ اڌ پاڻي! پر اهو به اهڙو شفاف جو ليئو پاءِ، ته منجهس آسمان جا ڪڪر پيا ڏسجن!

سيف الملوڪ ڍنڍ جڻ ته بيضوي شڪل جو هڪ وڏو پيالو آهي، جيڪو قدرت، ٽڪرن مان تاڪي ناهيو آهي. ڍنڍ جي سونهن ڏسي، اعتبار آيو ته برابر چوڏهينءَ جي رات، پريون 'ڪوهه قاف' مان اڏامي، اتي رقص ڪرڻ ايندڀون هونديون!

ڊاڪٽر شمل دوربينيءَ سان، هيڏي هوڏي واجهائڻ لڳي. مون کلي چيس ته، "ڊاڪٽر صاحبه پريون رڳو رات جو ايندڀون آهن."

پاڻ کِلي چيائين ته. "پر، مون واري دوربين رڳو ڏينهن جو ڪم ڪندي آهي."

ڍنڍ ڏسي، فوٽا ڪڍي وڃي جيپن ۾ ويناسين. پرسان سرڪاري ريسٽ هائوس ۾ وڃي لٿاسين. جو درياءَ جي ڪناري تي جڻ ته هڪ ننڍڙو بهشت آهي. چون ٿا ته ست بهشت پيا به آهن، پر اهي الائي ڪاٿي آهن؟

ڪمشنر لنچ جو وڏي خيال سان انتظام ڪيو هو. ٻيو ته نهيو پر، اُترين

علائقن جي مشهور مڇي ”ٽرائوٽ“ بہ ڪاڏي جي ٽيبل تي رکائي هئائين، جيڪا تمام مهانگي آهي ۽ فقط اميرن لاءِ آهي. صحيح معنيٰ ۾ DELICACY آهي. ڪائڻ کان سواءِ ان جي ذائقي جو صحيح اندازو ڪونہ ٿيندو. پر، جبلن جي وچ ۾، سو بہ وري درياءَ جي ڪناري تي ريسٽ هائوس جو نظارو اهڙو تہ وڻندڙ هو جو مون کان تہ ماني ئي وسري وئي! وس پڄي ها، تہ منجهس ۾ بہ چار ڏينهن ٽڪي پوان ها. بهشت جو ٽڪرو هو.

❊ ❊ ❊

ٻئي سال سڪردوءَ وياسين. ڊاڪٽر شمل جي جرمن دوست ڪيترن مٺمئن ۽ مجيب بہ گڏ هئا. مشهور معروف هوٽل شنگريلا ۾ وڃي ٽڪياسين. تمام سني پر تمام مهانگي آهي. درحقيقت، شادي ڪيل ننڍين نيٽن جوڙن جي لاءِ آهي، جن جي هر رات چوڏهينءَ جي رات هوندي آهي. هوٽل جي اڳيان هڪ خوبصورت تلاءُ نهيل هو جنهن ۾ ڪنول جا گل ٽڙيا بيٺا هئا. منظر اهڙو تہ سهڻو هو جو مان شام جو ڪلاڪ بہ اتي ڪرسي رکي ويهي رهيس. رات جو جڏهن بستري ۾ ليٽيس، تہ گذريل زمانا ياد آيا ۽ دل جي آسمان تي ڪنول جو هڪ سفيد گُل اُڀري آيو. ٻتائي ياد آيو:

**اڳڻ تازي، ٻاهر ڪنڊيون، پڪا پَٽِ سُونهن،**

**سُرهي سيج، پاسي پرين، مَڙُ پيا مينهن پَوَنِ،**

**اسان ۽ پرين، شل هئن برابر ڏينهڙا.**

ٻئي سال وري ٻيهر اسان سڪردو وياسين. تاريخي هنڌ آهي، جو اتان سنڌو درياءُ پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿو. اسان کي آرميءَ جون گاڏيون ايئرپورٽ تي وٺڻ آيون، سي ميل بہ ميل درياءَ جي پيٽ مان هليون. درياءُ سياري جي ڪري سُڪو پيو هو. آرميءَ وارن شام جو اسان جي دعوت ڪئي. ۽ صبح جو وري ”ست پارا“ ڍنڍ تي وٺي ويا ۽ منجهس ٻيڙيءَ ۾ سير ڪيوسون. ٻُلجان نٿو تہ آرميءَ وارا سڪردوءَ ۾ ئي اسان کي پولو راند ۾ بہ مکيہ مهمان ڪري وٺي ويا. پولو دلچسپ راند آهي، ليڪن، ”ڪرڪيٽ“ اسان جو قومي ڪلچر آهي. تاريخ جي محققن کي تحقيق ڪرڻ گهرجي تہ قائداعظم ۽ علامہ اقبال ڪرڪيٽ ۾ ڪيترو ڪمال ڪيو هو؟ يا ڪين ڪا دلچسپي ئي ڪانہ هئي. ان کي فقط راند سمجهندا هئا.

❊ ❊ ❊

هڪڙي سال ڪاغان ۽ ٻئي سال سوات وياسين. ٻئي علائقا هڪٻئي کان وڌيڪ سرسبز ۽ سهڻا آهن ۽ منجهن ايڏي ساوڪ ۽ سبزي هئي، جو اکين تي بہ اعتبار نہ اچي. قدرتي نظارن جي سونهن جي انتها هئي. ڪاغان ۽ سوات جا اهي سفر ڪڏهن ڪونہ وسرندا. خاص طرح والي ۽ سوات جي محل ۾ چاءِ- پارٽي. ڊاڪٽر شمل ٻاهر نڪتي، تہ پنهنجو تاثر بيان ڪندي مون کي چيائين تہ. "هر هنڌ، مقامي ثقافتي روايتن ۾ اسلامي اثرات جي آميزش آهي. اها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، ليڪن، سوات ۽ ڪاغان، سئٽزرلئنڊ جي سهڻن کان سهڻن علائقن جون سڪون ٽا لاهين."

هُنزا ۾ اسان ڳوناٽي زندگيءَ جو منظر ڏسڻ لاءِ هڪ رات تنبن ۾ گذاري، صبح جو سوير مان مسجد ڏي نماز پڙهڻ هليو ويس، تہ ڊاڪٽر شمل ۽ ڪئرن پنڌ ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪتيون ۽ ڳوٺ جي غريب دڪاندار کان پڇيائون تہ. "اوهان وٽ صبح جي بانگ ڪهڙي وقت ايندي آهي؟"

هن معصوم شخص کين جواب ڏنو تہ، "ڪڏهن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي تہ ڪڏهن ڪانہ، ڇو تہ بانگ ڏيڻ واري کي ٿي ننڊ وٺي ويندي آهي."

❊ ❊ ❊

ڪاغان، سوات ۽ هنزا گهمڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر شمل چيو تہ. "رباني، ڪو بندوبست ڪر، تہ ايندڙ سال چترال هلون."

مان پاڻ بہ چترال ڪڏهن ڪونہ ويو هئس، جيتوڻيڪ اتان جا اديب هر ييري دعوتون ڏئي ويندا هئا. چترال جو مکيہ مسئلو اهو آهي تہ اُتي رهڻ لاءِ سٺي هوٽل ڪانهي، پر مون ڊاڪٽر شمل کي خاطري ڏني ۽ سوچ ويچار ڪري، آرميءَ جي ريسٽ هائوس ۾ رهائش جو بندوسبت ڪيم. اهو ٻڌي، جرمن سفير ۽ سندس بيگم چيو تہ، "اسان بہ تو سان گڏ هلنداسين." ڊاڪٽر شمل وٽن تڪيل هئي ۽ مون سان بہ سندن سٺي ڏيٺ ويٺ هئي. اسان سيئي گڏجي چترال وياسين. مجاهدن کي خچرن تي هٿيار ڪٽي افغانستان ۾ روسين سان وڙهڻ لاءِ ويندي ڏٺوسون. مجاهد ماڻهن جهڙا ماڻهو هئا. عام ماڻهوءَ ۽ مجاهد ۾ مون کي تہ ڪوبہ فرق نظر ڪونہ آيو. شايد مجاهد جو اصل بارودُ، بندوق بدران سندس مٿي ۾ پريل هوندو آهي.

مون موقعي جو فائدو وٺي سيد احمد شهيد جي مزار تي حاضري ڏني.

ڪوبہ ماٺهو ڪونہ هو. سراسر سچ هئي. مزار شريف محمد هاشم ٺٽويءَ جي مزار وانگر خالص شرعي نموني تي ٺهيل هئي. ان موقعي تي وري عزيز مون سان گڏ هو.

چترال ۾ ڪافر قلاش سياهہ پوش عورتن جو رقص بہ ڏٺوسون. غريبن تي عياش ڪامورن جو ڏاڍو ظلم هو. نہ تہ ڪين عزت ڀريو روزگار ڪمائڻ جو موقعو هو ۽ نہ وري سندن خواتين جي عزت ۽ عصمت سلامت هئي: سندن سونهن هنن لاءِ عذاب ٿي پئي هئي. هڪڙيءَ جوانڙيءَ تہ ڊاڪٽر شمل سان پنهنجا ڏک بيان ڪندي روئي ڏنو ۽ چيو تہ "هڪ تہ سرڪاري عياش ڪامورن جو عذاب آهي. انهيءَ عذاب جي مٿان وري ملڪ جي هڪ اسلامي جماعت تہ اسان جو جيئڻ هيڪاري حرام ڪري ڇڏيو آهي." اهو ٻڌي ڊاڪٽر شمل ڏاڍي اداس ٿي وئي!

* * *

چترال جي منڊ ۽ موسم، مجيد لاهوريءَ جي محاوري موجب، "محبوب جي مزاج ۽ سنڌ جي سياست وانگر بي ڀروسي آهي." سو جڏهن موٽڻ جي تياري ڪئيسون تہ روزانو خوشخبري ملندي هئي تہ اڄ پشاور کان جهاز ايندو. پر، ٽي ڏينهن لاڳيتو موسم جي اوچتو مٽجڻ ڪري ڪونہ آيو. جڏهن انتظار ڪري ڏاڍا ڪڪ ٿياسين، تہ مون پنهنجي ميزبان ميجر کي چيو تہ "اسان کي لواري ٽاپ رستي ڪاغان پهچايو."

هنن بندوبست ڪيو تہ سفر جو آغاز ٿيو. اسان کي جدا جدا جيپ ۾ وهاريائون. منهنجيءَ جيپ ۾ عزيز مون سان گڏ وينو. رستو تہ هئو ئي ڪونہ، پر، آرميءَ وارا نقشن جي مدد سان، پٿرن جي مٿان هلندا رهيا. الائي تہ ڪٿان ۽ ڪاڏي هليا ۽ ڪيترا ڪوهہ هليا. نہ وڻ نہ ٽڻ. نہ ساوڪ نہ ڪا ويجهو اوڏو وسندي. رڳو پٿر ئي پٿر گول ۽ لسا. شايد ڪنهن سڪل نئن يا نديءَ جي پيٽ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين. جنهن جا پٿر برساتن لسا ڪري ڇڏيا هئا. بهرحال الائي تہ ڪيترن ڪلاڪن کان پوءِ، اچي لواري ٽاپ وٽ پهتاسين.

فوجي گاڏيون جبل وٽ هلي بيٺيون. چيائون تہ جبل چوڏهن هزار فٽ بلند آهي. منجهند جي مهل هئي. آسمان نظر ڪونہ ٿي آيو ڇو تہ سخت

مينهن وسي رهيو هو. اسان جي ميزبانن جيپن جي مٿان ڇٽيءَ وانگر پلاسٽڪ جو پردو جهليو، وسندي مينهن ۾ بہ اسان کي گرما گرم لنچ کارائي. ڊاڪٽر شمل کِلي چيو تہ، ”هيءَ لنچ سيني کي هميشہ ياد رهندي.“

ماني کائي جبل تي چڙهائيءَ جو سفر شروع ڪيوسون. سڄي شام سفر ۾ گذري وئي. رات ٿي وئي. ڏهن ٻارنهن هزارن فوٽن جي بلنديءَ تي پهتاسين تہ برسات ۽ برف جي ڪري، گاڏيون ترڪڻ لڳيون. مون تہ اهڙو خوفناڪ سفر سڄيءَ زندگيءَ ۾ ڪونہ ڪيو آهي، مَس مَس لواري ٽاپ جي چوٽيءَ تي پهتاسين، تہ لڱن ۾ ساهہ پيو. اوچتو جرمن سفير فرمائش ڪئي تہ ”هن سفر جي يادگار تصوير ڪڍايون.“ سندس بيگم بہ ڳالهہ جي تائيد ڪئي. سيءُ اهڙو هو جو جيپن ۾ ويٺي بہ ٿڌيءَ هوا جڻ تہ ڇرين سان ٻُت پئي چيريو. اڌ رات جي مهل هئي. لاچار ڏڪندا ڏڪندا هيٺ لٿاسين ۽ تصوير ڪڍائيسين.

جبل جي چوٽيءَ تي پهچڻ کان پوءِ هيٺ لهڻ جو سفر شروع ٿيو. وري ڪيئي ڪلاڪ لڳي ويا. خدا ڪيو جو خير سان وڏي اسر مهل اچي ڪاغان جي ريسٽ هائوس ۾ منزل انداز ٿياسين. فوج جي انتظام ڪري، سيءَ کان بچڻ لاءِ باهہ جا ٻَنڊ اڳي ئي پئي ٻريا. هر قسم جا کاڌا ۽ پيتا تيار رکيا هئا. کائي پي بسترن ۾ ليٽياسين، تہ منجهند جو اٿياسين. سفر جو ٿڪ لهي ويو. ناشتو ڪيوسون تہ اسان جون پنهنجون موٽرون بہ پهچي ويون، جن ۾ چڙهي اچي اسلام آباد پهتاسون.

✻ ✻ ✻

چترال ڏسڻ کان پوءِ ورندي سال چولستان ڏسڻ وياسين. مون ان جي ايم.ڊي آفتاب شاهہ کي بندوبست لاءِ چٺي ڇڏيو هو. انهيءَ سفر ۾ مجيبُ مونَ سان گڏ هو. چولستان جي سوليءَ سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي هيءَ آهي تہ سنڌ واري ٿر جي هڪ ٽڪندي چوٽي، پنجاب ۾ داخل ٿئي ٿي، جنهن کي ”چولستان“ ڪوٺن ٿا. منجهس واريءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڀٽون آهن. سنڌ واري ٿر ۾ ڀٽون وڏيون آهن.

چولستان ۾ لال سنهارا قومي پارڪ بہ ٺاهيو اٿن، جنهن ۾ سَون جي تعداد ۾ هرڻ ڇڏيا اٿن. منجهس ننڍڙو ZOO بہ ٺاهيو اٿن. ان ۾ گهڻا ئي جانور

ڏٺاسون. هڪ جانور ٻلي کان وڏو ۽ ڪتي کان ڪجهه ننڍو هو. ٻجري ۾ قرار ڪونه ٿي آيس. مستن وانگر هيڏي هوڏي پئي ڦريو. چيائون ته، "ڏاڍو خطرناڪ آهي. اسان لڳ جي منڊ ۾ ٻه پيرا، هڪ هڪ مادي سندس ٻجري ۾ وڌي. اول ته ساڻس دل کولي محبت ۽ لڳ ڪيائين. اهو مزو ونيءَ رات جو ڪين ننڊ ۾ ڏسي، کائي ڇڏيائين. صبح جو ٻجري ۾ ويچارين جا رڳا هڏا پيا هئا."

چولستان جا ڪي نظارا خاص ڪري، تاريخي پراڻا قلعا ۽ سانجهيءَ مهل، چشمن تي سون هزارن اُٺن جو اچي گڏ ٿيڻ ۽ پاڻي پيئڻ - ڏاڍا دلفريب آهن. آفتاب شاهه اتي ئي شام جي چاءِ جو بندوبست ڪيو هو. هڪ چشمي جي پرسان واريءَ جي پٽ تي غاليچا وڇارايا هئائين ۽ انهن تي ريشمي طول وهاڻا رکايا هئائين. کائڻ پيئڻ لاءِ تازو ۽ سڪل ميوو ڪيڪ ۽ بسڪيٽ ٿڌي پاڻيءَ جون بوتلون ۽ گرم گرم چاءِ جا ٿرماس رکايا هئائين. اسان حالي ته غاليچن تي آهلي پياسين. ساهي پٽي، آرام سان چاءِ پيئيسون پري پري هرڻن ڇالَ پئي ڏنا. آسمان ۾ شفق جي لالاڻ هئي. ڏاڍو وڻندڙ نظارو هو.

آفتاب باذوق شخص هو. ڊاڪٽر شمل مون کي ڪن ۾ آهستي چيو ته، "توکي خبر آهي ته سعديءَ تنهنجن اهڙن دوستن لاءِ ڇا چيو آهي؟"

مون چيو ته، "نه"

تڏهن چيائين ته:

"همه آفتاب بينم، همه آفتاب گويم."

آفتاب شاهه شاعر به هو. سو چاءِ پيئيسون ته چولستان جي واريا سن پٽن مان ڪيڏي اچي سنڌودرياءَ جي ڪناري تي پنجند ريسٽ هائوس ۾ ٽڪاياائين. شاندار ڊنر سان گڏ "انڊس واٽر" جو بندويست به ڪيو هئائين. **"انڊس واٽر"** محاورو ڊاڪٽر شمل ايجاد ڪيو هو. ڪيف ۽ سرور ۾ ڊنر کائي پي، ڏاڍي سني ننڊ ڪئيسون.

پنجند وٽ پنجاب جا پنج ئي درياءَ گڏجن ٿا. اڳتي سنڌو درياءُ اسان ڏي اچي ٿو جو اڳوڻي زماني ۾ تمام وڏو هوندو هو. ساوڻ جي منڊ ۾ ايڏو ته منجهس پاڻي هوندو هو جو درياهه جو ٻيو ڪنارو ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو هو. آفتاب شاهه درياهه ۾ صبح جو سوير اسان جي سير جو بندويست به ڪيو

هو. تڏڙي هير پئي لڳي. پيڙيءَ جي هلڪن هلڪن لوڏن ۾ ڏاڍو مزو آيو. انهيءَ وقت مون کي هڪ فارسي شعر ياد آيو:

**"هيءَ دنيا بهشت تي سگهي ٿي، بشرطيڪ**
**منجهس انصاف هجي. ڪنهن ڏاهي چيو آهي**
**ته بهشت اهڙو هنڌ آهي، جتي ڪنهن جو به**
**ڪنهن ۾ ڪو به ڪم ڪونه پوندو:**
**"ڪسي را ڪسي ڪارِ نه باشد"**

※ ※ ※

ڊاڪٽر شمل ۽ مون ورهين جا ورهيه اهي سير ۽ سفر گڏ ڪيا. هر هڪ سفر تي پورو "سفرنامو" لکي سگهجي ٿو. انهن سفرن دوران هوءَ ڪنهن به ڊائريءَ يا ڪتاب ۾ نوٽس ڪانه وٺندي هئي. شايد فقط ذهني تاثر قائم ڪندي هئي. هاڻي ڪتاب انگريزيءَ ۾ ڇپيو آهي. جنهن ۾ انهن سفرن کي ياد ڪري هڪ هنڌ لکيو اٿس ته:

Ghulam Rabbani Agro slowly rose on the ladder to a higher position and was a loyal companion to me on many tours and travels. I shared many a amusing event with him.

ڪتاب ۾ پير صاحب ۽ سندس ڀاءُ راشدي صاحب کي ته گهڻو ياد ڪيو اٿس، پر حيرت آهي ته سيد عبدالواحد کي به ياد ڪيو اٿس، جنهن کيس گهڻو ڏکايو هو. اهڙيءَ طرح اها به دلچسپ ڳالهه آهي ته، "جنرل ضياءَ کيس اسٽيٽ گيسٽ" قرار ڏنو. تنهن جو نالو به ڪونه ڪنيو اٿس، پر، ڀُٽي صاحب کيس چاءِ جو ڪوپ پياريو تنهن کي ياد ڪيو اٿس. سائين جي.ايم.سيد کي به ياد ڪيو اٿس. ڪتاب ۾ ڪي تصويرون به وڌيون اٿس. پر، انهن ۾ سنڌ جي اديبن مان پير صاحب جي ۽ ليڊرن ۾ سائين جي.ايم.سيد ۽ ڀٽي صاحب جي ڏني اٿس. سنڌ ۾ ڪٿ تي رلهيءَ تي ويهي تصوير ڪيدائي اٿس ۽ ٻي اُٺ تي سوار ٿي. ڪتاب جو نالو آهي: ORIENT AND OCCIDENT. انگريزي ترجمو ڪٿرن متمئن ڪيو آهي جا اسان ٻنهي جي دوست آهي. ڪتاب اقبال اڪيڊميءَ ڇاپيو آهي. منجهس علامه اقبال جو ذڪر ته گهڻو ڪيو اٿس، پر، سنڌ کي ياد ڪيو اٿس ۽ لکيو اٿس ته:

> مون کي پنهنجيءَ سنڌ (MY SINDH) سان عشق آهي.
> مون ان جا گهڻا ڳوٺ ڏٺا آهن ۽ سنڌ جي اوليائن ۽
> درويشن جي روضن تي حاضري ڏني آهي. سنڌي ڳائڻن ۽
> موسيقارن سان منهنجي دل تي وئي آهي. مون چوڏهينءَ
> جي رات ٻيڙين ۾ سندن ڪلام ٻڌا آهن."

ڊاڪٽر شمل، مشرق ۽ مغرب ۾ گهڻائي سفر ڪيا. هُوءَ سئيڊن، ترڪي، امريڪا، ڪوويت، بحرين، شام، اردن، مصر، سوڊان، تيونس، موراڪو يمن سعودي عرب، ايران، افغانستان، وچ اشيا، پاڪستان، هندستان، انڊونيشيا، روس، پئرس ۽ لنڊن وئي، بادشاهن، وزيراعظمن، عالمن ۽ اديبن سان ملاقاتون ڪيائين، پر جڏهن زندگيءَ جون يادگيريون لکڻ ويٺي ته ڪيس "پنهنجي سنڌ" ۽ سنڌي ڪلام ياد آيا. چو ته جيئن پاڻ ئي لکيو اٿس، ڪيس پنهنجيءَ سنڌ سان عشق هو.

❊ ❊ ❊

هڪ سال ڊاڪٽر شمل مون کي فرمائش ڪئي ته هنگلاج هلون. هنگلاج جو سفر ڏاڍو ڏکيو آهي. سو سندس فرمائش پوري ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پيم. وري به آرميءَ کان ڪراچي تي هيلي ڪاپٽر ورتم. اسلام آباد مان هوائي جهاز ۾ چڙهياسين. ڪوئيٽا وچي لٿاسين. اتان سبيءَ وياسين. اتان جي ڪمشنر اسان جي دعوت ڪئي هئي. مون سان گڏ قراقرم جي سيمينار ۾ همسفر هو ۽ ڊاڪٽر شمل جو ته گهڻو واقف هو.

سبيءَ ۾ مند ۽ موسم اجا نيڪ هئي. فيبروريءَ جون ٿڌڙيون ٿڌڙيون راتيون هيون. گرمي شروع ڪانه ٿي هئي. ريسٽ هائوس جي باورچيءَ چيو ته "سائين، سبيءَ ۾ فيبروري پورو ٿيو ته گرميءَ منهن ڪڍيو. بس، ڏسندي ڏسندي اهڙي حالت ٿي ويندي، جو يارهين بجي صبح جو مکيه بازار ۾ بيهي گولي هلايو ته ڪنهن کي به ڪانه لڳندي، چو ته ڪو ماڻهو هوندو ئي ڪونه."

مون چيو ته "يار، پوءِ ته صبح سويري هن وڻندڙ موسم ۾ اسان کي ڪا گرم گرم چاءِ پيار."

هن ريسٽ هائوس جي سبزه زار تي آرام ڪرسيون آڻي رکيون ۽

ڊاڪٽر شمل، ڪٽرن ۾ مون لاءِ چاءِ ناهي ڪٽي آيو. ڪٽرن ڪتليءَ مان ڪوپن ۾ چاءِ اوتي رهي هئي، تہ مان مٿي وڻن ڏي نهاري رهيو هوس.

ڪٽرن چيو تہ، "چاءِ پيءُ. وڻن ڏي ڇا تو ڏسين؟"

مون چيو تہ، "اسان ڪان اڳ هِتِ هڪ بيو مهمان ڪرسي وجهي ويٺو هو ۽ وڻن کي تڪي رهيو هو. آلي قميص ۾ آلي شلوار پاتل هئس. سِرُ تہ نهيو پر مٿي جي قراقلي ٽوپي بہ آلي هئس. مون کي ڏسي چوڻ لڳو تہ، هنن وڻن ۾ چار پنج هزار ڪانوَ ويهن ٿا. مان ڪرسي وجهي، چاءِ جو ڪوپ پيئڻ وينس، تہ هنن حرامزادن مٿان پنهنجا پچ مٿي ڪيا. سڄو ڪوپ پرجي ويو ۽ لٽا ڪپڙا ڪِنُ ٿي ويا. هاڻي، پاڻ ڌوئي پائي آيو آهيان."

ڊاڪٽر شمل اهو ٻڌي اهڙي کِلي، جو چاءِ پيئندي اڙي پئي! جرمنيءَ مان بہ خط ۾ لکندي هئي تہ، "پنجن هزارن ڪانوَن وارو اهو شخص توکي وري گڏيو؟"

* * *

سڀيءَ مان نڪري، موٽرن ۾ هيلي ڪاپٽر جي پيڊ تي اچي رهيا هئاسون تہ ڳالهہ ڪيائين تہ، "رباني، گذريل سال لنڊن ۾ هئس، تہ سيد عبدالواحد جي ننهن ملڻ آئي. سس جا سلام ڏنائين ۽ خط سان گڏ هڪ پارسل ڏئي ويئي. جڏهن موڪلائي ويئي تہ کولي ڏٺم. اندران زيورن جو سيٽ نڪتو. سڄو سونو هو."

مون حيران ٿي چيو تہ، "اهو ساڳيو جو هن مرحوم ڪراچيءَ ۾ اوهان جي پيٽي ڦاڙي چورايو هو؟"

چيائين تہ، "نہ، پر، اهڙو ئي سونَ جو نهيل ۽ قيمتي هو. چٺيءَ ۾ سندس گهرواريءَ لکيو هو تہ منهنجي مرحوم مڙس کي معاف ڪري ڇڏيو. غلطيون انسانن کان ٿينديون آهن."

مون کيس چيو تہ، "ڊاڪٽر صاحب، اندرا اوهان کي جيڪو سونو تحفو ڏنو هو سو بہ لاجواب هو."

چيائين تہ، "ڪهڙو تحفو؟ مون کي تہ اندرا گانڌيءَ ڪوبہ تحفو ڪونہ ڏنو هو."

مون کي سندس جواب ٻڌي حيرت لڳي، جو جڏهن مون کي اهو تحفو

ڏيکاريو هئائين، تہ مون ئي کيس منع ڪئي هئي تہ پاڪستان ۾ ڪنهن سان بہ اها ڳالهہ نہ ڪجو. پاڻ تہ اندرا جون اهڙيون نازڪ ڳالهيون ڪيون هئائين جي ڪتاب ۾ لکڻ جهڙيون ڪونهن. دل ۾ چيم تہ "انسان جو مزاج الائي ڪيئن آهي؟"

اسان ڪار مان لهي، هيلي ڪاپٽر ۾ سوار ٿياسين. بلوچستان وارا جبل ٽپي، وڃي لس بيلي لٿاسين. انهن جبلن جي چوٽين تي ننڍا ننڍا ميدان آهن، جن ۾ ماڻهن جا گهر آهن. مون کي حيرت لڳي تہ اهي ماڻهو اتان هيٺ ڪيئن لهن ٿا ۽ مٿي چڙهڻ ۾ تہ ڪين سڄو ڏينهن لڳي ويندو. اولي، سولي، کي منهن ڪيئن ڏين ٿا؟

❊ ❊ ❊

لس بيلي جو ڊپٽي ڪمشنر علي رضا وڏو مهمان نواز هو. خاص ڳالهہ اها تہ لوڪ ناچ ڏيکاريائين، جهڙا شايد آفريڪا جي ڪن قبيلن ۾ اجا هجن. سنڌ ۾ اسان لوڪ ناچ ۽ لوڪ گيت جو نالو ٻڌو آهي. لس بيلي ۾ سنڌي ٻولي عام جام هئي. بلڪ، هئي ئي سنڌي ٻولي. رات جو ماني ڪائي واندا ٿياسين، تہ ڊاڪٽر شمل ڪَنَ ۾ سرٻاٽ ڪيو تہ "رباني، هت سنڌي هندو گهڻا آهن. ٽڪاڻي ۾ هلي سنڌي راڳ ٻڌون."

مون چيو تہ "ڊاڪٽر صاحب توکي اهي خبرون ملائڪ ٻڌائن ٿا ڇا؟"

بهرحال، علي رضا ڊپٽي ڪمشنر سان ڳالهہ ڪيم. فوراً فوج جو هڪ اعليٰ عملدار ساڻ ڪنيائين. سڌو وڃي ٽڪاڻي پهتاسون. هندن پاپڙ پاٽي ۽ ميوو آندو. ڊاڪٽر شمل جي فرمائش تي صوفي شاعرن جا ڪلام ٻڌايائون. دريا خان جو هي شعر اڃا ياد اٿم:

**بهشت دلاسو دوزخ دڙڪو ڊاهہ ويا سڀ ڍهي،**
**شاهہ حُسَنَ تنهنجي شوق ۾، لاڳاپا ويا لهي!**

رات جو دير دير سان ريسٽ هائوس تي موٽياسين، تہ فوجي عملدار ڪَنَ ۾ اچي چيو تہ "سائين اوهان جي وڏي مهرباني."

مون حيران ٿي چيس تہ "ڪهڙي؟"

چيائين تہ "اوهان اهو قرب نہ ڪريو ها، تہ اسان کي هندن جي ٽڪاڻي ۾ اندر وڃڻ جو موقعو ڪيئن ملي ها."

❊ ❊ ❊

صبح جو هيلي ڪاپٽر ۾ چڙهي، اچي هنگور نديءَ جي منهن وٽ SEA SCOUTS جي هيلي پيڊ تي لٿاسين. ريسٽ هائوس ۾ چاءِ پي، جيپن ۾ سوار ٿياسين ۽ هنگور نديءَ جو پيٽ ڏيئي اُتي پهتاسين، جتي اُٺ اسان لاءِ تيار بيٺا هئا.

هيلي ڪاپٽر مان لهي، اُٺ تي چڙهڻ ۾، سيني کي ڏاڍي ڪِل آئي. اُٺ آهستي آهستي هلندا هلندا، اچي آساپوريءَ وٽ پهتا. هنگلاج جا زيارتي اُتي پنهنجي دل جي ڪا نه ڪا آس ڪندا آهن. ڊاڪٽر شمل، ڪٽرن ۾ مون ناريل اڇلايو ۽ رسم موجب آس ڪئي، پر ڪنهن جي به آس پوري ڪانه ٿي. هنگلاج جي زيارتين جي هڪ رسم هئي جا اسان به ادا ڪئي.

ڊپٽي ڪمشنر علي رضا، هنگلاج جي بريفنگ ڏيڻ لاءِ هڪ پنڊت وهاريو هو جنهن سڄي روايت ٻڌائي ۽ اهو به چيو ته سري رامچندر، گرو گورک ناٿ، گرو نانڪ ۽ شاهه يٽائي هت آيا هئا.

مون کي جنهن ڳالهه ڏاڍو متاثر ڪيو سا اها هئي ته هنگلاج ۾ ايڏو ته سڪون هو جو ڪنهن پکيءَ جو آواز به ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيو. سانت ئي سانت هئي. غار جي اڳيان شفاف پاڻيءَ جو تلاءُ هو. هنگلاج جي غار ۽ ان جي اردگرد سانت ۽ سڪون، روح جي راحت گيان لاءِ آئيڊيل (IDEAL) هنڌ هو. مستقبل ۾ ڪوان جي بيڙي پوڙي، ته اها جدا ڳالهه آهي.

هنگلاج برصغير جو هڪ قديم مذهبي زيارتگاهه آهي. چون ٿا ته حضرت ابراهيم عليه السلام واري زماني جو آهي. منهنجو خيال آهي ته مٿس اهو نالو هنگور نديءَ تان پيو آهي. لسانيات جي ماهرن جو رايو آهي ته ڪي اچار بدلجن ٿا. اسان وٽ ان جو هڪ مثال "ڪراچي" آهي. جڏهن ڳوٺڙو هئي ته منجهس مهاڻن ۽ ڪولاچي قبيلي جي ماڻهن جا گهر گهڻا هئا. سو ڪولاچي ڪوئيندا هئس. ڪولاچي قبيلو اڃا سنڌ ۾ عام جام آهي. ٽر جي پاسي مرحوم خان محمد پنهور اسان کي ٺٽو ڪولاچيءَ ۾ جلسي تي وٺي ويو هو. اسان جي پنهنجي ڳوٺ کان ميل به پري ڪولاچين جو ڳوٺ آهي. خود ڪراچيءَ ۾ بوٽ بيسن وٽ "مائي ڪولاچي روڊ" آهي.

لام بدلجي "ر" ٿيو ته ڪولاچي بدلجي ڪراچي ٿي. هنگور به ائين ئي هنگلاج ٿيو هوندو. مان چين ويس ته چيني مون کي "غلام ربانيءَ" بدران

”غلام لباني“ ڪوٺيندا هئا. منهنجو پٽ عزيز آگرو چين پڙهڻ ويو ته سندس چيني دوست کيس ”آگلو“ ڪوٺيندا هئا. آگرو ڪونه ڪوني سگهندا هئا. اها ماجرا اسان جو ڊاڪٽر الانا سولائيءَ سان سمجهائي سگهندو.

هندستان جي قديم تاريخ ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جو سچو فلسفو انهيءَ ڳالهه تي ٻڌل آهي ته ماڻهوءَ کي نرواڻ يا ڇوٽڪارو (PEACE OF MIND) تڏهن نصيب ٿيندو جڏهن ”خواهش“ ختم ڪندو پر هنگلاج ۾ ته قصوئي ابتڙ نظر آيو. ”آسا پوري“ ڪيڏو نه معنيٰ خيز نالو آهي! ۽ گوتم ٻڌ جي فلسفي جي صاف ترديد آهي ته ڪابه خواهش ۽ آس نه ڪبي ته دنيا جي سورن مان ڇوٽڪارو ملندو.

شاهه سائين سامين سان گڏجي هنگلاج ويو هو. ڪنهن شخص ٽوڪ ڪري چيو ته:

**ڪوڙا سامي، ڪوڙا سامين پنڌ،**
**هوت آهي هر هنڌ، هو هليا هنگلاج ڏي**

شاهه سائينءَ جڏهن اهو بيت ٻڌو ته فرمايائين ته:

**سچا سامي، سچا سامين پنڌ،**
**هوت آهي هر هنڌ، هنن ڏٺو هنگلاج ۾.**

هنگلاج ڏسي، وري اچي هيلي ڪاپٽر ۾ سوار ٿياسين ۽ ڪراچي ۾ ايئرفورس جي اڏي تي اچي لٿاسين. رات ڪراچيءَ جي پرل ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ٽڪياسون يا شيريٽن ۾، اهو ياد ڪونهي.

* * *

هڪڙي پيري ڊاڪٽر شمل اسلام آباد ۾ آيل هئي. جنرل رحيم الدين جي اهليه، بيگم ثاقب صاحبه مون کي چيو ته، ”صبح جو يارهين ڏاران مون وٽ چاءِ پيئو ته ڏاڍو سٺو.“ جنرل رحيم الدين سال ٻه اڳي بلوچستان جو گورنر هوندو هو. سندس بيگم صاحبه سان منهنجي دعا سلام هئي. هوءَ اسلام آباد ۾ مون کي سوکڙيون پاکڙيون موڪليندي رهندي هئي: ڪڏهن ميوو ۽ مٺايون ته ڪڏهن گلدستا. پاڪستان جي پهرئين پهرئين وزير تعليم، مرحوم ڊاڪٽر محمود حسين جي ڌيءَ ۽ هندستان جي اڳوڻي صدر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي ڀائٽي آهي.

بيگم صاحبه سان ”هائو“ ڪيم. ڊاڪٽر شمل اشارو ڏنو ته رات جو

ڪوبہ پروگرام نہ رکجو. مان واندي ڪانہ آهيان. مون ائين ئي ڪيو. ٻئي ڏينهن صبح جو ناشتو ڪري، ڪا انگريزي اخبار پڙهيم. تہ منجهس خبر ڇپيل هئي تہ. "ڊاڪٽر شمل ڪالهہ رات جرمن سفارتخاني ۾ حڪومت جي مخالف ڌر جي اڳواڻ بينظير ڀٽي کي مانيءَ تي سڏيو هو."

بيگم ثاقبہ جي گهر چاءِ لاءِ ويندي، ڊاڪٽر شمل ڪا ۾ اها اخبار ڏني. مون کي چيائين تہ "توکان ڪير پڇي، تہ چئجانس تہ هارورڊ ۾ مون سان ملل ملاقات هيس."

بيگم ثاقبہ وٽ چاءِ پي، اسان اسلام آباد ايئرپورٽ تي وياسين ۽ لاهور روانا ٿياسين. ملتان جو مخدوم سجاد حسين قريشي گورنر پنجاب هو. ٻئي ڄڻا گهرا گهاٽا هئاسين. مخدوم صاحب لنچ تي قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر، اعليٰ عملدار ۽ لاهور جا معزز شهري سڏيا هئا. چاليهارو کن مهمان هئا. سروس لنچ هئي. وڏو ٺٺ ڪيو هئائين. ماني ڪائي اُٿياسين. مهمان موڪلائي ويا، تہ مخدوم صاحب سان ڪچهري ڪئيسون. باغ و بهار شخصيت جو مالڪ هو. ماڻهوءَ تي جادو ڪري ڇڏيندو هو. انگريزي، اردو، سنڌي ۽ سرائڪي ڳالهائيندو هو. ڪل يوڳ تہ سنڌس گفتگو ۾ گلاب جي گلن وانگر ترڙندا هئا. مون زندگيءَ ۾ اهڙو ٻيو سخن سنج ماڻهو فقط هڪ ڏٺو. دادو ضلعي ۾، ماڏي ۾ خليفو حڪيم عبدالحميد خان چانڊيو. پر، افسوس آهي تہ مخدوم صاحب جڏهن پنجاب جو گورنر ٿيو، تہ مٿس مون هلڪو اثر ڏٺو. صحيح معنيٰ ۾ وڏو انسان هو. ڪيس پاور جو اثر وٺڻ نہ کپندو هو. اقتدار اڇٽي وڇٽي شيءِ آهي ۽ ڏاڍي بڇڙي بلا آهي. ماڻهوءَ جو مٿو خراب ٿي وڃي ٿو. جڏهن پاور ڇڏائجي ويس تہ احساسِ محرومي ٿيس ۽ مخالف دشمنيءَ تي لهي آيس ۽ فالج جو عارضو ٿي پيس.

مان اهو ٻُڌي وٽس حاضري ڏيڻ ويس. فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ۽ منهنجو ساٿي ميجر جنرل عبدالقيوم بہ گڏ هو. مخدوم صاحب وٽ ماني ڪاڌيسون ۽ مجلس ڪئيسون. سنڌس ڪچهري اڳي وانگر دل بهار هئي. پر افسوس تہ ان جا گلاب ۽ رابيل ڪومائجي ويا هئا.

❊ ❊ ❊

لاهور ۾ ڊاڪٽر شمل ۽ مان مخدوم صاحب سان گڏ. گورنر هائوس ۾

صبح جو ناشتو ڪري، اسلام آباد واپسيءَ لاءِ تيار ٿي رهيا هئاسين، تہ مخدوم صاحب اڪيلو منهنجي ڪمري ۾ هليو آيو ۽ خوش خير عافيت ڪري، چيائين تہ، ”رباني، پنهنجا ڪي حال احوال ڏيون وٺون.“

مون انگريزي اخبار ڪڍي سندس اڳيان رکي. جرمن سفارتخاني واري خبر پڙهي حالي تہ چپ ٿي ويو. ڪجهہ دير سوچڻ کان پوءِ، رازداريءَ ۾ مون کي صلاح ڏنائين تہ، ”رباني، پنهنجو ڇا وڃي؟“

❊ ❊ ❊

هڪ دفعي ڊاڪٽر شمل الائي تہ ڪهڙيءَ سوچ ۾ هئي. مون کي چيائين تہ، ”رباني، تون منهنجن پرن تي سوار آهين.“

اهو ٻڌي، مان تہ حيران ٿي ويس! ڏاڍو ڏک ٿيم ۽ ڪئرن سان ڳالهہ ڪيم. هُوءَ بہ ڏکوئجي وئي ۽ چيائين تہ هر انسان ۾ خوبيون ۽ ڪمزوريون آهن. ڪڏهن ڪڏهن مون کي بہ ائين ڏکويو اٿس! پوءِ بہ تي مثال ٻڌايائين.

ملڪ ۾ محترمہ بينظير صاحبہ جي حڪومت آئي، تہ وزيرِ تعليم سائين غلام مصطفيٰ شاهہ هو. مون کيس چيو تہ ”هن سال، اوهان وزير تعليم جي حيثيت ۾ اسان جي اديبن جي اڳواڻ طور، چين جو چڪر ڏئي اچو. مون چيني سفارتخاني سان ڳالهائي، سڄو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.“

شاهہ صاحب خوش ٿيو ۽ هائو ڪيائين پر، جڏهن وزير اعظم سان ڳالهہ ڪيائين تہ هن چيس تہ، ”مخالف ڌر وارن جا ارادا نيڪ ناهن. سو مان سمجهان ٿي تہ اسان جي پارٽيءَ جو ڪوبہ اهم ماڻهو ملڪ کان ٻاهر نہ وڃي.“ شاهہ صاحب مون کي فون تي اها ڳالهہ ڪري چيو تہ، ”هاڻي، تون ئي وڃي اديبن کي چين گهمائي اچ.“ مان تہ اڳي ئي چين مان ٿي آيو هئس. پر، هاڻي وري وڃڻو پيو. هفتو کن تڪي، پنهنجي هڪ دوست اديب کي وفد جو ”ڊپٽي ليڊر“ مقرر ڪري، پاڻ پاڪستان موٽي آيس. پر، مان اڃا پهتو ڪونہ هئس، تہ ڊاڪٽر شمل اڳي ئي پهچي ويئي هئي. ايڪيڊميءَ جو هڪ اعليٰ عملدار ڪئبينيٽ ڊويزن مان ڪار وٺي، اسلام آباد ايئرپورٽ تي سندس استقبال لاءِ موجود هو. هُوءَ ڪار ۾ ويٺي، پر، اهو ڏسي مايوس ٿي تہ سندس گاڏيءَ جي اڳيان ۽ پٺيان هلندڙ ساين ڳاڙهين بتين وارا موبائيل ۽ سفيد

يونيفارم ۾ ملبوس پائلٽ تہ آهن ئي ڪونہ. ايڪيڊميءَ جي آفيسر جو اُن ۾ ڪو ڏوهہ ڪونہ هو. اهو سڄو بندوبست تہ مان پاڻ ڊاڪٽر شمل سان، پير صاحب مرحوم جي دوستيءَ ڪري، شخصي لڳ لاڳاپا استعمال ڪري، ڪندو هئس. پوليس موبائيل ۾ پائلٽ ڪان سواءِ تيهہ پوليس وارا گاڏين ۾ سندس اڳيان پويان هلندا هئا، جڏهن تہ ڪو "اسٽيٽ گيسٽ" وڃي رهيو آهي. کيس هميشہ اعليٰ درجي واريءَ بلئڪ مرسڊيز ۾ ويهاريندو هئس. هوائي سفر سولو ڪونہ هوندو هو تہ فرسٽ ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺندو هئس. فوج کان هيلي ڪاپٽر ڪرايي تي وٺندو هئس. "ايوانِ صدر" مان "سرڪاري مهمان" جا فرمان تہ ٻين جا ٻہ نڪرندا رهندا هئا، پر انهن کي ڪير ٿو ليکي؟ هڪ دفعي حيدرآباد دکن مان ٻہ اهڙا "سرڪاري مهمان" ٿي آيا. مون کين هوٽل ۾ ٽڪائي ڇڏيو. ماني سو سٺي ملندي هئن ٻيو ٿيو خير.

- پر، ڊاڪٽر شمل کي غير ملڪي سربراهہ وارو پروٽوڪول ڏياريندو هئس. اها ڪا سولي ڳالهہ ڪانہ هئي، پر کيس ڪڏهن ڪونہ ٻڌايم، تہ مون کي سندس دورن لاءِ ڪيڏا ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا! دل ۾ چيم تہ مان سڀ سُور پير صاحب جي صدقي سهان ٿو. تون چوين ٿي تہ، "مان تنهنجن پرن تي سوار آهيان!" هاڻي ڏسنداسون تہ ڪير ڪنهن جي پرن تي سوار آهي؟"

حُسين شاهہ جي بيگم، ادي شميم ڏاڍي سياڻي آهي، تنهن هڪ دفعي کِلي چيو تہ، "ادا، تو ڊاڪٽر شمل کي ايترو تہ مٿي چاڙهي ڇڏيو آهي، جو هيءَ مائي هاڻي سولائيءَ سان هيٺ ڪانہ ايندي."

بهرحال، ايڪيڊميءَ جو اعليٰ عملدار اسلام آباد ايئرپورٽ تان ڊاڪٽر شمل کي آفيس ۾ وٺي ويو جتي سندس مانَ ۾ ڏهہ ويهہ اعليٰ اديب چاءِ تي سڏيا هئائين. ڊاڪٽر شمل اسلام آباد ۾ ڏينهن ٻہ رهي، لاهور ويئي. اتان جو ايڪيڊميءَ جو آفيسر وري کيس خوش ڪرڻ لاءِ جانورن جي باغ ۾ وٺي ويو ۽ "نيل گانءِ" ڏيکاريائين. هن غريب جو عقل ئي ايترو هو. ڊاڪٽر شمل ڳڪ تي ڪراچيءَ ويئي. مان چين مان موٽي پاڪستان پهتس، تہ پاڻ موٽي جرمنيءَ پهچي چڪي هئي.

ٻئي سال پاڪستان ڪانہ آئي. ڪٿرن نياپو ڏنو تہ چوي ٿي تہ، "رباني مون کي پاڪستان جي دوري لاءِ پاڻ دعوت موڪلي."

ڪئرن مون سان حُجائتي هئي. چيومانس ته، ”ڊاڪٽر شمل، صدر پاڪستان جي دعوت تي هت ايندي رهي آهي. صدر پاڪستان جي فرمان مثان ايڪيڊميءَ جو ڪوبه عملدار پنهنجو فرمان جاري ڪيئن ڪندو؟ جيئن هميشه ايندي آهي، تيئن هن سال به هلي اچي. مان منهن ڏيندس، پر شڪر جو هاڻ ڪيس احساس ٿيو آهي ته سندن دورن ۾ سفرن ۾ ڪير ڪنهن جي پرن تي سوار هو؟“

حُسين شاهه راشدي انهيءَ سچيءَ حقيقت کان واقف هو ته مان سائين حسام الدين شاهه جي ڪري ئي ڊاڪٽر شمل سان اهي پير پري رهيو آهيان. سو ”سنڌ ٽي. وي“ تي هڪ انٽرويو ۾ وفات کان اڳ منهنجي خدمتن جي تعريف ڪيائين ۽ چيائين ته، ”رباني، چاچا جي قرب ۽ دوستيءَ جو حق ادا ڪيو.“

بهرحال، ڪئرن ڏک مان چيو ته، ”رباني، تنهنجي ڳالهه صحيح آهي. پر، شمل منجهيل آهي.“ پوءِ رازداريءَ ۾ ٻڌايائين ته، ”محترمه بينظير ڀٽو وزيراعظم ٿي، ته اسلام آباد ۾ ڪنهن ادبي جلسي ۾ صدارت ڪرڻ وئي. ڊاڪٽر شمل به اُنهيءَ جلسي ۾ پهرينءَ صف ۾ مون سان گڏ، سندس سامهون ويٺي هئي. جلسي هلنديءَ اوچتو ڪرسيءَ تان اٿي، اسٽيج جا ٻه ٽي ڏاڪا تڪڙي تڪڙي چڙهي، وزيراعظم وٽ پهتي. کيس هڪ ڪتاب تحفتاً پيش ڪيائين ۽ واپس اچي، پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي ويٺي. مون کي ڪَنَ ۾ سُرٻاٽ ڪيائين ته، ”ٽي. وي. ڪئميرا ته منهنجو فوٽو ڪڍيو هوندو.“

ڪئرن چيو مان ته سندس ڳالهه ٻڌي وائڙي ٿي ويس ۽ دل ۾ چيم ته ”انهيءَ خسيس ڳالهه جي توکي ڪهڙي ضرورت هئي!“

مون ڪئرن کي چيو ته، ”مان ڪاٿي هئس؟“

ڪئرن چيو ته ”تون اڃا چين ۾ هئين.“

ڪئرن چيو ته، ”محترمه بينظير صاحبه ساڻس ملي. کانئس ڪتاب ورتائين. شڪريو ادا ڪيائين، پر کيس چاءِ جي ڪوپ جي به صلاح ڪانه ڪيائين. سو شمل سڀ ڪجهه سمجهي ٿي. مان پانيان ٿي، ته هاڻي تنهنجيءَ سرڪاري دعوت ۽ بندوبست کان سواءِ هُوءَ پاڻ مرادو پاڪستان جي سرڪاري دوري تي ڪانه ايندي.“

ڪٺرن جو خيال صحيح نڪتو ڊاڪٽر شمل پاڪستان جي سرڪاري دوري تي وري ڪانہ آئي.

***

ڊاڪٽر شمل سنڌ جو آخرين ديدار وري بہ مون سان گڏ ڪيو. سو هيئن تہ مسٽر آخوند، سيڪريٽري ڪلچر سنڌ، هڪ دفعي چيو تہ، "ٻڌو اٿم تہ ڊاڪٽر شمل اقبال ايڪيڊميءَ جي دعوت تي لاهور اچي رهي آهي. حيدرآباد ۾ پاڻ وٽ بہ ليڪچر ڏئي تہ سٺو."

مون ساڻس واعدو تہ ڪونہ ڪيو پر ايترو چيو تہ، "ڪوشش ڪري ڏسان ٿو."

ڊاڪٽر شمل کي ڪٺرن جي وسيلي جرمنيءَ ۾ نياپو موڪليم. جواب موڪليائين تہ "ربانيءَ کي چئو تہ منهنجو پروگرام تہ اڳ ئي فائينل ٿيل آهي، پر تنهنجو پيغام اکين تي. هاڻي هيئن ڪنديس، تہ پروگرام کان ڏينهن بہ اڳي ڪراچيءَ ايندس، پوءِ گڏجي حيدرآباد هلنداسين."

سٽت، جرمنيءَ مان ڪراچيءَ پهتي. پنهنجو نئون ڪتاب بہ مون لاءِ تحفي طور کنيون آئي. صبح جو سوير، نواب يوسف ٽالپر پنهنجي ذاتي ڪار مون کي موڪلي ڏني. مون اڳي ئي ساڻس ڳالهہ ڪري ڇڏي هئي. اهو بہ بار رکيو هو مانس تہ، "حيدرآباد مان موٽ تي لنچ اوهان وٽ ڪائينداسون."

گوئٽي انسٽيٽيوٽ جي سربراهہ مسز زمان کي بہ ڊاڪٽر شمل جي ڪمپني ڪرڻ لاءِ چئي ڇڏيو هئم. جا بہ جرمن خاتون هئي. ڪنهن پاڪستانيءَ سان شادي ڪري هتي آئي هئي. منهنجي گهرواري ۽ ٻارڙا بہ ڊاڪٽر شمل سان ڪمپني ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ پهتا.

صبح جو اسان سڀ ٽئي واري رستي کان حيدرآباد روانا ٿياسين. ڊاڪٽر شمل ۽ مسز زمان حيدرآباد جي سفر ۾ بہ ڳالهيون دلچسپ ڪيون. پهرين ڳالهہ هيءَ تہ سامهون ويندڙ ٽرڪن کي اهي ڪاريون اڳڙيون ٻڌل چو آهن، جيڪي پري کان جهنڊين وانگر، هوا ۾ ڦڙڪنديون نظر اچن ٿيون!

مون چيو تہ، "سچي ڳالهہ اها آهي تہ مون کي بہ خبر ڪانهي، پر پانيان ٿو تہ اهو ڪاريءَ نظر کي ٽارڻ لاءِ هڪ سوڻ آهي." ٻئي مون سان متفق ٿيون. ٻي ڳالهہ اهڙي ڪيائون، جيڪا مغرب ۽ مشرق جي سوچ ۾ فرق جي نشاني

آهي.

مون چيو تہ، ”اسان وٽ ازدواجي زندگي برقرار آهي، جيڪا خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. ليڪن، مغربي معاشرو اندران ئي اندران ڀڄي ڀري، ريزه ريزه ٿي رهيو آهي. SINGLE PARENTS SYSTEM شروع ٿي چڪو آهي.“

ڊاڪٽر شمل ۽ مسز زمان ٻنهي چيو تہ ”اوهان وٽ بہ سڀ مرد ۽ زالون هڪٻئي مان خوش ڪونهن. ڪيترين ئي زالون ۽ مڙس هر ۾ جوتيل ڏاندن جي جوڙي وانگر مجبور آهن. اوهان جو فيملي سسٽم ائين برقرار آهي تہ عورت کي پنهنجا حق حقوق حاصل ڪونهن. جڏهن زال مڙس رضا خوشيءَ سان گڏ گذاري نٿا سگهن، تہ پوءِ لاچار زندگي گڏجي گذارڻ مان فائدو؟“

منهنجو خيال هو تہ مغرب ۾ طلاق جيڪا وبائي صورت اختيار ڪئي آهي، ۽ ٻارڙا SINGLE PARENTS SYSTEM جي جنهن ڏکوئيندڙ صورتحال ۾ پلجي وڏا ٿين ٿا ۽ وڏي هوندي خودغرضيءَ ۾ مبتلا ٿين ٿا، تنهن ضرور مغربي معاشري کي احساس ڏياريو هوندو تہ طلاق جو شوق کين مهانگو پيو. آسٽريليا ۾ صورتحال هيءَ آهي تہ پنجاسي سيڪڙو عورتون طلاق يافتہ آهن. پر ڊاڪٽر شمل ۽ مسز زمان ٻنهي ان جي ابتڙ راءِ ڏني.

ڊاڪٽر شمل ٿين ڳالهہ اهڙي ڪئي، جنهن جو مون وٽ ڪوبہ جواب ڪونہ هو. پڇيائين تہ علامہ اقبال پنجاب جي عظيم صوفي شاعرن جو ڪلام تہ پڙهيو هوندو. مون چيو تہ مان بہ ائين ئي سمجهان ٿو.

تڏهن وري پڇيائين تہ پوءِ پنهنجي ڪلام ۾ پشتو شاعر خوشحال خان خٽڪ کي تہ تعريف جوڳن لفظن ۾ ياد ڪيو اٿس. پر، ڪنهن بہ پنجابي صوفي شاعر جو نالو ڪونہ کنيو اٿس؟ سو ڇو؟“

حقيقت اها ئي آهي. بابا فريد، بلي شاهہ، وارث شاهہ يا شاهہ حُسين جي عظمت کان ڪوبہ انڪار ڪونهي. خيرپور ۾ سچل سيمينار ٿيو جنهن لاءِ مون خيرپور يونيورسٽيءَ کي ايڪيڊميءَ مان بہ لک رپيا ادبي امداد ڏني. سيمينار جي خاتمي تي، ”سوالن ۽ جوابن“ وارو اجلاس ٿيو. مون پنجاب مان آيل وفد جي اڳواڻ شفقت تنوير مرزا کان ساڳيو سوال ڪيو. مُنجهي پيو. اسٽيج تي آيو. ائين چئي جان ڇڏايائين تہ، ”انهيءَ سوال جو جواب تہ آگري صاحب کي اسان کي سمجهائڻ کپي. هُو وري الٽو اسان کان پڇي رهيو

آهي.“

ٻئي موقعي تي مون ساڳيو سوال جسٽس جاويد اقبال کان ڪيو. هن چيو تہ، ”علامہ اقبال شوڪتِ اسلام جو قائل هو.“

بهرحال، اسان ائين ڳالهيون ڪندا، ڪينجهر ڍنڍ وٽ اچي پهتاسين. ڪلچر کاتي VIP ريسٽ هائوس بدران، هڪ HUT ۾ بندوبست ڪيو هو. جنهن ۾ پلنگ ٻن پاون ۽ ٻن پٿرن تي بيٺل هو ڇو تہ ٻہ پاوا ڀڳل هئس. ٽي.وي. ڪيس موجود هو. ليڪن، منجهس ٽي.وي. غائب هئي. HUT جو حال بيوس جي شعر جو عڪس هو: الا، جُهري مَر شال، غريبن جي جهوپڙي!

صبر کان سواءِ ٻيو رستو ڪونہ هو. هٿ منهن ڌوئي، مانيءَ جا ٻہ گرهہ جهڙا تهڙا وجهي ڪينجهر ۾ مائيءَ نوريءَ جي تربت، مڪليءَ ۾ پير صاحب جي مزار تي حاضري ڏئي، حيدرآباد هليا آياسين.

مون حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر شمل ۽ مسز زمان جي ٽڪڻ لاءِ ”اندس هوٽل“ ۾ وي.آئي.پي. ڪمرا ورتا. مهانگا پر سنا هئا. معزز مهمانن جي رهڻ لائق هئا.

ڊاڪٽر شمل صبح سان اوچتو چيو تہ، ”رباني، شاهہ سائينءَ جي مزار تي حاضري ڏئي اچون.“ سو يڪ شاهہ هليا وياسين. شاهہ سائينءَ جي مزار مبارڪ تي حاضري ڏيئي، ريسٽ هائوس ۾ اچي لنچ ڪاڌيسون. اتي مسٽر حميد آخوند، تڏهوڪو سيڪريٽري ڪلچر پاڻ بہ اچي ڊاڪٽر شمل سان مليو. اجا اٿيو تہ ڊاڪٽر شمل اوچتو مون کي هالا هلڻ لاءِ ڪَنَ ۾ سرٻاٽ ڪيو.

مان منجهي پيس. ڊاڪٽر شمل کان ڪلاڪ کن جي اجازت ورتم. فون تي وٺ وٺان ڪري، هالن ۾ پنهنجي دوست منگهن مل جي مائٽن کي چاڻ ڪيم. جن سڀجو بندوسبت ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر شمل هالين پهتي، تہ گلن جي هارن ۽ دهلن دمامن سان سندس استقبال ٿيو. شاهي بزار گهمائين، تہ ڪيس ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا هجوم گڏ ٿي ويا. دڪانن تي چڙهي، تہ منهنجن دوستن سندس اڳيان سنڌي سوڪڙين جا ڍير ڪري ڇڏيا.

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر شمل جي دوري جا مکيہ پروگرام ٻہ هئا: هڪ ليڪچر ۽ ٻيو ڪل سنڌ خواتين مشاعري جي صدارت. ٻنهي جو انتظام سنڌي ادبي بورڊ ۽ ڪلچر کاتي گڏ ڪيو هو.

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر شمل جو دورو پورو ٿيو. تہ اسان ڪراچيءَ

موٽياسين. سڏو وچي نواب يوسف ٽالپر جي بنگلي تي لڳاسين. سندس بيگم صاحب ڪجهه سال اڳ ڊاڪٽر شمل سان متعارف ٿيل هئي، سو هيئن جو جرمنيءَ جو صدر، پاڪستان جي دوري تي آيو هو ته حڪومت پاڪستان، جرمن صدر جي اهليه جي LADY IN WAITING جا فرائض بيگم يوسف ٽالپر کي سونپيا هئا. ڊاڪٽر شمل به ان موقعي تي پنهنجي صدر جي وفد ۾ شامل هئي.

اسان يوسف ٽالپر صاحب جي بنگلي تي پهتاسين. هن ۽ سندس بيگم مرحبا ڪئي ۽ خوش خير عافيت ڪري، ميز تي ماني رکائي. جهڙي شاندار لنچ ڪارايائون، اهڙي ئي يادگار ڪچهري ڪيائون. موڪلائڻ مهل نواب يوسف ٽالپر، ڊاڪٽر شمل سان پنهنجي بيگم صاحب جي هڪ تصوير AUTOGRAPH ڪرائڻ لاءِ ڏني، جا مون ڊاڪٽر شمل کان، هوٽل تي ڪرائي، ڪين بر وقت گهر موڪلي ڏني.

ڊاڪٽر شمل اتان سڏو شيرٽن هوٽل تي هلڻ لاءِ چيو. مسز زمان موڪلائي، پنهنجي گهر رواني ٿي. مان ڊاڪٽر شمل کي سندس ڪمري ۾ پهچائي صبح جو پروگرام پڇيو. چيائين ته "اقبال ايڪيڊميءَ جي جلسي لاءِ صبح جو سوير پهرينءَ فلائيٽ ۾ لاهور وڃڻو اٿم. سو تون پلي حيدرآباد وڃ."

**ڊاڪٽر شمل سان اها منهنجي آخري ملاقات هئي ۽ سنڌ جو اهو سندس آخرين ديدار هو.**

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل ڪراچيءَ مان لاهور وئي. اتان اقبال ايڪيڊميءَ جو جلسو ڪري جرمنيءَ وئي. پر، قدرت خدا جي جو پنهنجي گهر ۾ پهتي، ته پير ترڪي ويس. ڊاڪ جو هڏو ڀڄي پيس، هوش ۾ آئي ۽ چاق ٿي ته ايران سرڪار جي دعوت تي تهران هلي وئي.

يورپ ۾ ملعون سلمان راشدي ساٽس اٽڪيو ته اسلام جي ايتري ثنا خواني چو ٿي ڪرين! پر، ڊاڪٽر شمل ماري مڃايس. سو ايراني حڪومت ڏاڍي خوش ٿي. تهران پهتي ته تمام وڏي عزت ڪيائونس. موٽي جرمنيءَ پهتي ته دوستن کي خوشيءَ جا خط لکيائين. پر، ستت وري غلسخاني ۾ پير ترڪي ويس. پيو آپريشن ٿيس. پر، ڪامياب ڪونه ٿيو. بيهوشيءَ ۾ ئي دم ڏنائين.

ڇَون ٿا تہ سڪرات ۾ هئي تہ فقط هڪ لفظ سندس چپن تي آيو: "امان" سندس ماءُ ڪي سال ٿيا جو فوت ٿي وئي هئي. ڪئرن کان اها ڳالهہ ٻڌي، دل ۾ چيم تہ مرڻ مهل بہ ڪير ياد اچي ٿو؟ ماءُ ڪيڏي نہ عظيم هستي آهي!

❊ ❊ ❊

هاڻي، جڏهن ڊاڪٽر شمل هن جهان ۾ موجود ڪانہ آهي، تڏهن سندس ڳالهيون ياد ايندڙيون اٿم. سڀ کان اول هيءَ تہ سندس وطن جرمني هئو پر پاڪستان گويا سندس ٻيو وطن هو ۽ سنڌ ٻيو گهر. هونئن، ملڪ جي چئن ئي صوبن جي ننڍن وڏن شهرن ۾ سندس بيشمار مداح موجود هئا. سنڌ جي ماڻهن سان بي پناهہ محبت هئس. پنائيءَ جي ٻوليءَ ۾ چئبو تہ:

**"سنهيءَ سٽيءَ سبيو مون مارن سين ساهہ"**

هڪ ڀيري لاهور ۾ گورنر هائوس مان ايئرپورٽ وڃي رهيا هئاسون. چيائين تہ "رباني، جهاز ۾ اڃا ڪجهہ ٽائيم آهي. پاڻ جيڪر ميان مير جي درگاهہ تي حاضري ڏئي اچون. **پنهنجو سنڌي آهي."** سندس اها ڳالهہ ياد ايندي اٿم تہ **سوچيندو آهيان** تہ سنڌ جي گهڻن ماڻهن کي اهو احساس آهي تہ **"ميان مير، اسان جو پنهنجو سنڌي آهي."**

ميان مير، ٽن مغل بادشاهن جهانگير، شاهجهان ۽ دارا جو مرشد هو. دارا سندس حياتيءَ جو احوال فارسيءَ ۾ لکيو آهي، جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿي ڇپيو آهي. مير محمد نالو هئس. سادگي پسند هو. گهڻو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندو هو. سيوهڻ ۾ رهندو هو. قلندر لعل شهباز جو عقيدتمند هو. سنڌ مان علم جي تحصيل لاءِ ملتان ۽ لاهور ويو اتي ئي ٽڪي پيو ۽ وفات ڪيائين. دارا سندس مقبري جي تعمير شروع ڪرائي، جيڪا اورنگزيب مڪمل ڪرائي. انگريزن جي حڪومت ۾ **"لاهور جي ڪئنٽ ريلوائي اسٽيشن"** ۽ **"جمخاني"** کي ميان مير جي نالي تي سڏيندا هئا. مان لاهور ويندو آهيان تہ ڪڏهن لاهور ۾ سندس مزار تي حاضري ڏيندو آهيان.

❊ ❊ ❊

هڪ دفعي مون ڊاڪٽر شمل کان پڇيو تہ سنڌ ۾ "تصوف" جيڪا غير

معمولي ڪاميابي حاصل ڪئي، اهڙو مثال اوهان ٻئي ڪنهن هنڌ به ڏٺو؟ مثلاً، سنڌ ۾ ڪي هندو مريد پنهنجي مسلمان مرشد کان وظيفا وٺي، انهن جو ذڪر ڪندا. ڪي ته وفات کان پوءِ پاڻ کي مرشد جي قدمن ۾ پوريائيندا آهن. سچل جي پيرانديءَ ۾ نماڻي فقير جي تربت آهي، جيڪا هندو عورت هئي ۽ سچل سائينءَ جي مريد هئي.“

جواب ڏنائين ته، ”ڪٿي به نه.“

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل عقيدي جي لحاظ کان عيسائي هئي يا مسلمان؟ ان باري ۾ منهنجو خيال آهي ته صوفي مزاج جي هئي. تصوف هر مذهب ۾ موجود آهي، پر هوءَ اسلامي تصوف ڏانهن مائل هئي. مولانا روميءَ، شاهه ڀٽائيءَ ۽ علامه اقبال سان وڏي دل هئس. روميءَ تي ته گهڻا ڪتاب لکيا اٿس. هميشه کيس ”اسان جو مولانا“ ڪوٺيندي هئي.

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل جي ڪوشش اها هئي ته عيسائي ۽ اسلامي تهذيبن جي وچ ۾ پل ٺاهيان، ته جيئن ٻنهي مذهبن جا پوئلڳ هڪٻئي جي ويجهو اچن. ان معاملي ۾ به پاڻ روميءَ جي پيروڪار هئي، جنهن جي روضي تي هڪ قول درج ٿيل آهي ته ”تون عيسائي آهين يا مسلمان، منهنجا دروازا تو لاءِ کُليل آهن.“

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل به ”احترام آدميت“ کي اوليت ڏيندي هئي. رب پاڪ کي ”رب العالمين“ ئي سمجهندي هئي.

❊ ❊ ❊

هڪ دفعي چيائين ته ”رباني، هر انسان وانگر مان به ڪڏهن ڪڏهن اوڪيءَ ۾ هوندي آهيان، ته تسبيح تي، رب پاڪ جي ”اسماءُ الحسنيٰ“ جو ذڪر ڪندي آهيان. ڀلا، توکي خبر آهي ته تسبيح کي انگريزيءَ ۾ ڇا چوندا آهن؟

مون چيو ته، ”نه“.

چيائين ته: ”ROSARY“.

❊ ❊ ❊

پاڪستان جي عالمن ۽ اديبن سان محبت هئس. ليڪن، پير سائين

حسام الدين راشديءَ سان پنهه دليون هئس. پير صاحب اسان کي ٻڌايو ته ارڙنهن ٻوليون ڄاڻندي هئي. جرمن ته سندس مادري زبان هئي، پر انگريزي تمام آسانيءَ ۽ روانيءَ سان ڳالهائيندي هئي ۽ ڪجهه فرينچ پڻ. هڪ حد تائين عربي به ڳالهائي ويندي هئي. عربي پڙهڻ تي مڪمل عبور هئس. ترڪي سٺي ڄاڻندي هئي. فارسي تي به وڏو عبور حاصل هئس. اردو ۽ سنڌي لکي پڙهي ويندي هئي ۽ ڪي ڪي جملا به ڳالهائي ويندي هئي.

سنڌ سان محبت پير صاحب جي ڪري ٿيس. پير صاحب سان ايڏي ته دل هئس جو هڪ پيري خواهش ظاهر ڪئي هئائين ته، "مُئي پڄاڻان مون کي پير صاحب جي پاسي ۾ دفن ڪجي." پر، قسمت سندس اها خواهش پوري ڪانه ڪئي. جرمنيءَ ۾ ٿي بيهوشيءَ جي حالت ۾ دم ڏنائين.

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل ڪراچيءَ ۾ گهڻو ڪري، پير صاحب جي گهر ٽِڪندي هئي ۽ ڪڏهن پيار علي الانا جي گهر. لاهور ۾ جسٽس جاويد اقبال جي گهر ۽ اسلام آباد ۾ جرمن سفير وٽ رهندي هئي. ڪوشش ڪري، سٺيءَ کان سٺيءَ هوٽل ۾ به ٽڪڻ کان پاسو ڪندي هئي. پر، جي هوٽل ۾ ٽڪڻو پوندو هئس، ته ڪمري ۾ داخل ٿيڻ شرط اول ايئرڪنڊيشنر بند ڪندي هئي، جو ڪيس پاڻ ۽ ڪونه پوندو هو.

❊ ❊ ❊

صدر ۽ وزيراعظم پاڪستان جي سرڪاري دعوتن ۾ يورپي لباس پائيندي هئي. مثال طور محمد خان جوڻيجي، وزيراعظم پاڪستان جي ڊنر ۾ مون سان گڏ هلي هئي. نيوي بلو رنگ جي اسڪرٽ ۽ جئڪيٽ پاتو هئائين، هونئن، پاڪستان ۾ عام طرح شلوار قميص پائيندي هئي. اسلام آباد ۾ مسز ثريا فرمان شاهه مسز قيصرا علوي ۽ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر نسرين جوڻيجو ڪيس شلوار قميص سبي ڏينديون هيون.

❊ ❊ ❊

حڪومت پاڪستان ڪيس سنہ 1966ع ۾ ”ستاره قائداعظم“ ڏنو ۽ سنہ 1997ع ۾ ”بين الاقوامي اقبال ايوارڊ“ ۽ سون جو تمغو ڏنو.

✲ ✲ ✲

اسي ورهين جي ٿي، تہ جرمنيءَ جي بون شهر ۾، (GOLDEN-BOOk) ۾ سندس نالو درج ڪيائون، جيڪو اتان جو غير معمولي اعزاز آهي.

✲ ✲ ✲

هڪ پيري سبيءَ ۾ هٿاسين تہ ڪنڌ مٿي ڪٽي، تارن پرئي آسمان ڏي نهاري، ٿڏو ساهہ پريائين.

مون چيو تہ ”ڊاڪٽر صاحب، خير؟“

ذک مان چيائين تہ ”رباني، منهنجا سڀ پيارا دوست هاڻي آسمان تي آهن!“

✲ ✲ ✲

ڊاڪٽر شمل جنوري 2003ع تي هي جهان ڇڏيو. (سندس جنم جي تاريخ 7- اپريل سنہ 1922 آهي.) سندس مان ۾، آڪٽوبر 2003ع تي لنڊن ۾ اقبال ايڪيڊميءَ جي تعاون سان هڪ بين الاقوامي سيمينار ٿيو جنهن ۾ سندس عقيدتمندن ۾ اردن جو هز رايل هاءِ نيس، پرنس حسن بن طلال، جرمن عالم هبهم، مسز پاڪيزه بيگ- وچ ايشيا جي هڪ عالم خاتون، ازبيڪستان جو پروفيسر رضا سلطانوف، ڊئوڊ ميٿيوز ۽ بين الاقوامي شهرت جا بيا ڪيترائي عالم شريڪ ٿيا ۽ کيس زبردست خراج عقيدت پيش ڪيائون. انهيءَ بين الاقوامي سيمينار ۾ پروفيسر برزائين واگمار نالي، اسڪول آف آفريڪن ۽ ايشين اسٽيڊيز يورنيوسٽي آف لنڊن جي مشهور محقق، اسلاميات جي ماهر، مصنف ۽ مترجم ڊاڪٽر شمل جي علمي خدمتن تي جيڪو مقالو پڙهيو تنهن ۾ سندس تصنيفات جو ذڪر ڪندي چيائين تہ:

”هوءَ پاڪستان سان علامہ اقبال جي تصنيف

"جاويد نامہ" جي جرمن ۽ ترڪي ترجمن ڪري متعارف ٿي. اها سنہ 1938ع جي ڳالهہ آهي.
سنہ 1958ع ۾ هوءَ پهريون دفعو پاڪستان وئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ دلچسپي ورتائين، جنهن جو مکيہ سبب، سنڌي محقق پير حسام الدين راشديءَ سان سندس دوستي هئي.
ڊاڪٽر شمل هندستان ۾ مغل دور جي ٻن وڏن صوفي شاعرن يعني سنڌ جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ (ولادت 1689ع ۽ وفات 1752ع) ۽ دهليءَ جي خواجہ مير درد (ولادت 1721ع ۽ وفات 1785) تي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب PAIN AND GRACE جي نالي سان لکيو. جنهن جو انتساب پير حسام الدين راشديءَ ڏانهن ڪيائين."
ڊاڪٽر واگمار پنهنجي مقالي ۾ "مڪلي ٽڪريءَ" تي ڊاڪٽر شمل جي ڏنل "پير حسام الدين راشدي ليڪچر" جو پڻ ذڪر ڪيو جيڪو يوروپي زبانن ۾ پنهنجيءَ نوعيت جو پهريون پهريون علمي اپياس هو.
اهڙيءَ ريت، ڊاڪٽر واگمار منهنجيءَ تجويز تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌ تي ڇپيل ڊاڪٽر شمل جي ڪتاب PEARLS FROM THE INDUS جو پڻ ذڪر ڪيو.

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر شمل جي وفات تي، سنڌ ۾ ٻہ تعزيتي جلسا ٿيا ۽ ٻئي حيدرآباد ۾ ٿيا: هڪ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي آڊيٽوريم ۾ ۽ ٻيو سنڌ ميوزيم ۾، جنهن ۾ گل محمد عمراڻي صاحب وڏو ٻهرو

ورتو پٽ شاهه سينٽر ڪوٺايو جلسو ڪوٺايو ڪيو. توڙي جو ڊاڪٽر شمل، شاهه سائينءَ تي تحقيقي ڪم ڪيو هو.

ٽيون تعزيتي جلسو پنجاب ۾ اقبال اڪيڊميءَ لاهور ۾ ڪيو. مون کي ”خاص مهمان“ طور سڏيائون. صدارت جسٽس جاويد اقبال ڪئي. سندس بيگم جسٽس ناصره صاحبه به موجود هئي، تنهن مون کي چيو ته: **”مڪليءَ تي جتي ڪيس دفن ٿيڻ جي خواهش هئي، اتي سندس ياد ۾ جيڪڏهن ڪو خوبصورت ڪتبو لڳل هجي، ته ڏاڍو سٺو.“**

تعزيتي جلسي کان پوءِ جسٽس جاويد اقبال جي گهر ۾ رات جو ميٽنگ ٿي ۽ مڪليءَ ۾ ڪتبي هڻڻ لاءِ تاريخ مقرر ٿي. ڊاڪٽر شمل جي فقط خاص خاص قريبي احبابن کي اطلاع ڏنائون. مرڪزي وزيرِ ثقافت کي سڄي انتظام لاءِ چيائون. لاهور مان جسٽس ناصره ۽ مسٽر سهيل عمر هوائي جهاز رستي آيا ۽ ڊاڪٽر شمل جي ٻين ڪن عقيدتمند دانشورن کي به وني آيا. حيدرآباد مان جويو صاحب، اعجاز قريشي، رياض آگرو محمد علي ڏيپلائي ۽ ڪراچيءَ مان آغا نور محمد پٺاڻ، محبوب صادق ۽ حضور بخش آزاد جتوئي ٿتي آيا. لنڊن مان حيدرآباد دکن جي نواب جو عزيز شهزادو محسن علي خان آيو. جرمن سفارتخاني جي نمائندگي هڪ اعليٰ عملدار ڪئي. آثار قديمه جا عملدار ۽ ٻيا ڪافي دوست آيا. اهڙيءَ ڊاڪٽر شمل جا چڱا عقيدتمند مڪليءَ تي گڏ ٿي ويا.

مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي مزار جي برڪت پرئي احاطي ۾ سندس ياد ۾ تقريرون ٿيون. آثار قديمه ڪاتي سنگ مرمر جو سٺو ڪتبو ٺهرايو هو جنهن جي نقاب ڪشائي ٿي ۽ مٿس گل پاشي ٿي. اسان مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ، پير سائين حسام الدين راشديءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي مزارن تي به حاضري ڏني.

مڪليءَ ۾ اهو ڪتبو ڊاڪٽر شمل جي سنڌ سان محبت جو هڪ سهڻو تاريخي يادگار آهي. اقبال اڪيڊميءَ انهيءَ نيڪ ڪم جو آغاز

ڪيو ۽ ان کي مڪمل ڪيو. ان سان گڏ پيو بہ سنو ڪم ڪيائين. سو هيءَ تہ ڊاڪٽر شمل جي لکيل سمورن ڪتابن جي ببليوگرافي شايع ڪيائين. گويا، وري بہ اصل ڳالهہ وڃي ٿي، ماڻهوءَ جي مزاج ۽ اخلاق جي، تہ ڪير ڪنهن سان مُئي جيئري نڀائي ٿو!

* * *

ڊاڪٽر شمل هاڻي پنهنجي آبائي وطن جرمنيءَ جي بون شهر ۾ هڪ قبرستان جي سناٽي ۾ ابدي آرام ۾ آهي. هر غم ۽ هر خوشيءَ کان بي نياز! آسمان ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي تہ ڇا ۽ جي اٺئيهينءَ جي اوندهہ هجي تہ ڇا! ڪڪر ڪارونيار ڪري اچن ۽ وڏ ڦڙا وسن تہ ڇا ۽ جيڪڏهن مينهن موتي وچن تہ ڇا!

ڏُريان ئي ڏارَ جي قضا ڪپي اڏ ڪيا،
تن سُڪن ڪهڙي سارَ تہ اُٺا مينهن
ملير ۾.

هِتِ "بقا" فقط "فنا" کي آهي، ڇو تہ هر "وجود" اڳي پوءِ "عدم" ۾ بدلجي وڃي ٿو جڻ تہ ڪڏهن هوئي ڪونہ. قرآن ڪريم جو ارشاد آهي:

**جيڪي بہ (زمين تي) آهي سو فنا ٿيڻ وارو آهي ۽ رڳو تنهنجي پالڻهار جو منهن قائم رهندو جيڪو جلال ۽ ڪرم وارو آهي.**

* * *

هن جهان جو معمو تہ نہ اڳي ڪنهن کي سمجهہ ۾ آيو هو ۽ نہ وري هاڻي ڪنهن کي ڪا ڪل آهي. سراسر راز ۽ اسرار آهي. گذريل ويهينءَ صديءَ ۾، ڊاڪٽر شمل جي ئي هڪ جرمن هم وطن سائنسدان، آلبرٽ آئنسٽائين جي دنيا تي ڌاڪ هئي. پنهنجين يادگيرين جي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ: **"هن جهان ۾ هر انسان فقط هڪ مختصر مسافريءَ لاءِ اچي ٿو. پر ڇو اچي ٿو ۽ ڇالاءِ اچي ٿو، تنهن جي ڪا بہ خبر ڪانهي؟"**

اڪثر مسافر زندگيءَ جو بار، پنهنجن ڪلهن تي کڻي، دنيا جي صحرا

۾ هلندي هلندي گمناميءَ ۾ گم تي وڃن ٿا. پر ڪي پنهنجيءَ مختصر مسافريءَ کي بہ معنيٰ ڏين ٿا: مغربي محاوري موجب "وقت جي واريءَ تي پنهنجن قدمن جا نشان ڇڏي وڃن ٿا." ڊاڪٽر شمل انهن ئي عظيم انسانن جي قبيلي مان هئي. هن زندگيءَ جي رهگذر تي، هلندي هلندي، قدم قدم تي پنهنجا يادگار ڇڏيا. يورپ جي تجلا ڏيندڙ شهرن مان هزارين ميل سفر ڪري اسان وٽ آئي ۽ هتان جي ٿرن ۽ ٻرن سان دل لاتائين، سنڌ جي ٻولي سکي، سنڌ جي شاعر، شاهہ سائينءَ ۽ سنڌي علم ۽ ادب تي ڪتاب لکيائين. سونهاريءَ سنڌ کي مشرق ۽ مغرب ۾ اُجاري سوين چراغ ٻاري ڇڏيائين.

* * *

**ڊاڪٽر شمل هاڻي هن جهان ۾ ڪانہ آهي. پر، مبارڪ آهن اهي اکيون، جن کيس ڏٺو ۽ وڏا ڀاڳ تن جا، جن سندس گفتگو ۽ گفتار ٻڌي، ليڪن، سنڌ جي ايندڙ نسلن لاءِ هوءَ، مصر جي اهرامن وانگر، هميشہ پراسرار عظمت جو هڪ لافاني يادگار تي رهندي.**

★

# ايلسا قاضي



ايلسا قاضي

28 مئي 1967ع تي سنڌ جي مايہ ناز مفڪر ۽ هر دلعزيز شخصيت علامہ آءِ. آءِ. قاضي (مدظلہ) جي رفيقہ حيات محترمہ ايلسا قاضيءَ حيدرآباد ۾ پنهنجي رهائشگاهہ بنگلي نمبر 37، سول لائين ۾ وفات ڪئي، مرحومہ گهڻن ڏينهن کان عليل هئي، ملڪ جا بهترين ڊاڪٽر سندس علاج ۾ مصروف هئا، پر جڏهن حياتيءَ جا ڏينهڙا پڄي اچن ٿا، تڏهن ڪنهن بہ ويڄ جو دارون ڪارگر نٿو ٿئي، تنهن ڪري آچر جي رات، آڌيءَ ڌاري هن پنهنجي لائق ۽ فائق رفيق حيات علامہ قاضي صاحب ۽ مڙني عقيدتمندن کان جي احترام ڪري کيس 'مدر' (امڙ) ڪوٺيندا هئا، هن جهان مان موڪلائيون ڪيون.

**ولادت ۽ ننڍپڻ:**

'مدر' جو پورو نالو هو ايلسا گرٽروڊ لائش (Elsa Gertrude Loesch)، هوءَ جرمن نسل جي هئي، سندس ولادت جرمنيءَ جي روڊل اسٽاٽ (Rudel Stadt) نالي هڪ ننڍي شهر ۾ 13 آڪٽوبر 1884ع تي ٿي. سندس والد محترم اعليٰ پايي جو موسيقار هو. هن جي مرضي هئي تہ پنهنجيءَ نياڻيءَ کي بہ موسيقيءَ جي سکيا ڏئي. پر 'مدر' جو ذهني لاڙو مصوريءَ ڏانهن هو سو هن موسيقيءَ کان وڌيڪ تصويرڪشيءَ ۾ دلچسپي ورتي. ننڍڙيءَ ڄمار ۾، هن سڀ کان اول پنهنجي ئي هڪ تصوير آئيني ۾ عڪس ڏسي، تيار ڪئي. سنت پوءِ شعر ۾ دلچسپي ورتائين ۽ جرمن زبان ۾ ننڍڙا ننڍڙا نظم ناهڻ لڳي. (موسيقيءَ سان هن جو شغف بهرحال ننڍپڻ کان وٺي پيرسنيءَ تائين قائم رهيو. درحقيقت، آخري عمر ۾، هن جو چاهہ موسيقيءَ ۾ گهڻو وڌي ويو هو.) جيئن جيئن تصويرڪشيءَ ۽ نظمن ناهڻ ۾ سندس مشق وڌندي ويئي، تيئن تيئن سندس نالو مشهور ٿيندو ويو.

**علامہ صاحب سان ملاقات ۽ شادي:**

19 صديءَ جي آخر ۾ هنن جو خاندان جرمنيءَ مان لڏي انگلنڊ آيو. هو لنڊن جي پسگردائيءَ ۾ ڊلوچ (Dulwich) ۾ گهر ڪري اچي ويٺا. اتي ئي علامہ صاحب جي پنهنجي آئينده۔رفيقہ حيات سان پهرين ملاقات ٿي. علامہ صاحب جن تن ڏينهن ۾ لنڊن ۾ بئريسٽريءَ لاءِ ويل هئا. سندن رهائشگاهہ پڻ ڊلوچ ۾ هئي. هڪ ڏينهن جيئن پاڻ بَس ۾ سوار ٿيڻ لاءِ بس اسٽاپ تي آيا، تہ ڪين سامهون هڪ نوجوان ڇوڪري نظر آئي. انگلنڊ ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا عام جام پيا هڪٻئي سان ملن ڳالهائن. تنهن ڪري بس اسٽاپ تي هڪ ڇوڪريءَ سان ملڻ سندن لاءِ هڪ رواجي ڳالهہ هئي، پر قبلہ علامہ صاحب جن جو چوڻ آهي تہ، " جيئن ئي اسان ٻنهي هڪٻئي کي ڏٺو تہ الائجي ڇو مون کي انهيءَ گهڙيءَ ئي دل ۾ ويهي ويو تہ اسان ٻنهي کي زندگي گڏ گذارڻي آهي." اڳتي هلي ٿيو بہ ائين. ان ملاقات کان پوءِ سندن ٻي ملاقات ڊلوچ جي ريلوائي اسٽِشن تي ٿي، جنهن کان پوءِ هنن جي هڪٻئي سان ڏيٺ ويٺ گهڙَي ٿي ۽ آخر ڪار هنن شادي ڪئي.

**انگريزي زبان ۾ تصنيف تاليف:**

شاديءَ کان پوءِ علامہ صاحب پنهنجي رفيقہءِ حيات کي مشورو ڏنو تہ جيئن تہ اڳتي هلي ڪين سنڌ ۾ رهڻو آهي، جتي جرمن نہ پر انگريزي زبان مروج آهي، ان ڪري هُوءَ جرمن بدران انگريزيءَ ۾ تصنيف تاليف ڪري. قبلہ علامہ صاحب جو چوڻ آهي تہ، "انهن ڏينهن ۾ ايلسا کي انگريزي زبان ايتري بہ ڪانہ ايندي هئي، جو ان ۾ آسانيءَ سان گفتگو ڪري سگهي، پر ذهين ۽ شوق واري ماڻهوءَ اڳيان ڪابہ ڳالهہ مشڪل نہ آهي. سو هن سنت ئي انگريزيءَ تي ايترو عبور حاصل ڪيو جو ان ۾ شعر چوڻ لڳي."۔ سنہ 1910ع ۾، لائيپزگ جي هڪ مشهور ناشر 'مدر' جا پنج ڪتاب: هڪ ناٽڪ جو بہ شعر جا، هڪ نثر ۾ رومانس ۽ هڪ سوانح جو ڪتاب شايع ڪيا. اهي سيئي ڪتاب سندس اوائلي جرمن تحريرن جا هئا.

**سنڌ ۾ اچڻ:**

سنہ 1911ع ۾ علامہ صاحب ۽ 'مدر' سنڌ ۾ آيا. علامہ صاحب جن جي

والد بزرگوار رئيس مرحوم قاضي امام علي صاحب پنهنجي پياري پٽ ۽ ئُنهن جي رهائش لاءِ حيدرآباد جي لائينس علائقي ۾ 3 نمبر بنگلو اگي ئي خريد ڪري ڇڏيو هو. چنانچہ هو پيئي ان ۾ ئي اچي رهيا.

حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ بعد 'مدر' پهريون دفعو پنهنجو انگريزي شعر اشاعت لاءِ اخبارن ڏانهن موڪلڻ شروع ڪيو جو ان زماني جي مکيہ اخبارن ۽ رسالن 'ڊيلي گزيٽ'، 'ايسٽ ائنڊ ويسٽ'، ڊي. جي. سنڌ ڪاليج مخزن ۽ 'ڊيلي آبزرور' ۾ شايع ٿيڻ لڳو. 'ڊيلي گزيٽ' جي ايڊيٽر تہ 'مدر' جي شعر لاءِ پنهنجيءَ اخبار ۾ هڪ خاص جاءِ مقرر ڪري ڇڏي. 'ايسٽ ائنڊ ويسٽ' ۾ 'مدر' جو پردي بابت هڪ مضمون پڻ شايع ٿيو.

1914ع ۾ جڏهن پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي تہ علامہ صاحب ۽ 'مدر' انگلنڊ هليا ويا ۽ 1914ع کان 1920ع تائين اتي رهيا. انهيءَ عرصي ۾ 'مدر' انگريزيءَ ۾ ايترو شعر لکي ويئي، جو ان جو هڪ قابل اشاعت مجموعو تيار ٿي ويو. بعد ۾ اهو حيدرآباد جي اسٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس جي مسٽر آر. ايچ. آڏواڻيءَ سهڻي نموني ۾ ڇپي پڌرو ڪيو.

ڪتاب جو نالو: "AEOLIAN NOTES OF AN OVER-STRUNG LYRE" رکيو ويو. اهو 'مدر' جو انگريزيءَ ۾ پهريون ڪتاب هو. ڪتاب جي منڍ ۾ هيءَ نظم ذئل آهي:

LOVE AND FEAR

The Crimson Secret of the rose,
Did make my heart with passion bleed;
The hoary mystery of the moon,
Did pale my heart with fear indeed.
And since I kissed the rose at morn,
And felt at night moon's eeric ray-
I love and fear, and fear and love
Until their Secrets they may say.

۽ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هيءَ دعا آهي:

PRAYER.

Thou spirit of the infinite;
Thou great, eternal, beauteous Light;
To Thee I call; I thee implore.

O give me 'Love' to love 'Thee' more.
To love all things that 'Thou' hast made;
The modest violet in the shade;
The brilliant tulip in the sun,
The shaggy thistle loved by none.
The lorn, the wretched and the old;
The stone, with heart so hard and cold.
The rose's softness and her thorn;
Life's sweetness, and life's bitter scorn.
O grant me 'Love'; aye, Love so great
That wooing turn to 'Love' all 'Hate':
That ever serves; that ever kneels;
And thus enthralled 'Thy' presence feels.

**ڪراچي، حيدرآباد، ٽنڊي محمد خان ۽ خيرپور ۾ رهائش:**

1921ع ۾، علامہ صاحب ۽ 'مدر' موتي سنڌ ۾ آيا. علامہ صاحب کي سندس عزيزن ۽ احبابن مشورو ڏنو تہ ذريعہ معاش لاءِ ڪانہ ڪا مشغولي اختيار ڪريو. علامہ صاحب جن کي ڪنهن بہ پورهئي ڪرڻ کان عار ڪونہ هو پر وڪالت ڪرڻ تي سندن دل اصل ڪانہ هئي. ساڳئي وقت ڪنهن بہ ملازمت لاءِ 'درخواست ڏيڻ' واسطي پاڻ تيار نہ هئا. سندن دوست عزيز ۽ احباب اهو ڏسي هميشہ سندن لاءِ دلپسند مشغوليون پيدا ڪندا هئا. چنانچہ علامہ صاحب جن ڪجهہ وقت ٽنڊي محمد خان ۾ سب جج رهيا، ان کان پوءِ خيرپور ۾ اول ڊسٽرڪٽ جج ۽ بعد ۾ ميرعلي نواز خان جي اصرار تي رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل ۾ هوم ميمبر جي عهدي تي رهيا، ۽ ڪجهہ وقت حيدرآباد ۾ پبلڪ پراسيڪيوٽر جي عهدي تي رهيا. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترائي دفعا انگلنڊ آيا ويا ۽ سالن جا سال اتي رهيا. اهو سمورو عرصو بهرحال 'مدر' ۽ پاڻ هر هنڌ_ ٽنڊي محمد خان ۾، خيرپور ۾، حيدرآباد ۾، ڪراچيءَ ۾ ۽ لنڊن ۾ گڏ گذاريائون. 'مدر' جا ڪيترا اهڙا نظم آهن، جن ۾ هن انهن شهرن جا نالا آندا آهن ۽ انهن جو ذڪر ڪيو آهي.___انهيءَ وقت تائين 'مدر' انگريزي زبان جي هڪ مستند شاعره ۽ اديبہ تسليم ٿي چڪي هئي. ملڪ جي ڪا اهڙي مکيہ اخبار ڪانہ هوندي هئي، جا ڪانئس تحرير نہ گهرندي هئي. ڪلڪتي جي مشهور اخبار

'استيٽسمن' هيڪر سندس هڪ نظم 'مسلم آئوٽ لڪ' تان ڪٽي شايع ڪيو ۽ ادارتي نوٽ ڏنو تہ "هن نظم جي اشاعت لاءِ اسان هڪ نئديءَ اخبار جو شڪريو مڃڻ ضروري نٿا سمجهون." اڪثر اخبارن جا ايڊيٽر 'مدر' کي پنهنجي ادارتي نوٽن ۾ "اسان جي شاعر" ڪري لکندا هئا.

1937ع ۾ علامہ صاحب ۽ 'مدر' انگلنڊ مان موٽي آيا، تہ ڪن خاندانن کين گذارش ڪئي تہ اسان جي ٻارن کي تربيت ڏيو. چنانچہ هنن ڪراچيءَ ۾ 'پستنجي هائوس'۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتي سنڌ جي گهڻن ئي خاندانن جا ٻار وٽن رهندا هئا. انهن ٻارن جي ايڏي تہ پيار سان پرورش ڪيائون، جو هنن کي پنهنجي والدين جي جدائيءَ جو احساس بہ نہ رهيو ۽ ورهيہ پوءِ جڏهن اهي ٻار جوان ٿيا ۽ خود شاديون ڪري ٻارن وارا ٿيا، تہ علامہ صاحب ۽ 'مدر' کي اڳي وانگر پنهنجي ابي امان مثل سمجهندا رهيا.

1947ع ۾ جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان قائم ٿيو تہ علامہ صاحب ۽ 'مدر' انگلنڊ هليا ويا ۽ اتي وڃي رهيا. سنہ 1951ع ۾ انگلنڊ مان موٽيا ۽ حضرت علامہ صاحب جن سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر مقرر ٿيا. سنڌ يونيورسٽيءَ کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ۽ علامہ صاحب جن ان کي هڪ "مثالي يونيورسٽي" بڻائڻ جي ڪم ۾ لڳي ويا. سول لائن جي 37 نمبر بنگلي ۾ سڪونت اختيار ڪيائون، جتي 'مدر' تادم حيات رهي.

**مکيہ شايع ٿيل ڪتاب:**

سنڌ ۾ اچڻ بعد 'مدر' جيئن جرمن زبان ڇڏي انگريزي زبان ۾ لکڻ شروع ڪيو تہ پوءِ هميشہ ان ۾ ئي لکندي رهي. سندس لکيل ڪتابن، مضمونن، افسانن ۽ شعرن جو تعداد تمام وڏو آهي. هن جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ مکيہ هي آهن:

<u>جرمن</u>

1. Das Idol-a drama in verse.
2. Steigende und fallende Saleen_a romance in prose.
3. Erhards Leben und Ideal (in verse)
4. Lyrische und andere Gedichte.
5. Neue Gedichte.

## انگريزي

1. Old English Garden Symphony — a novel dealing with English life before and through the two world wars.
2. Temptation — a drama of Sindh Life.
3. Civilization Through the Ages — dealing chiefly with History of Muslims in Europe.
4. Terrestrial and celestial echoes — dealing with local subjects as well.
5. Risalo of Shah Abdul Latif — Selections.

سنڌ جي هاڪاري شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي منتخب ڪلام جو منظوم انگريزي ترجمو سندس آخري شايع ٿيل ڪتاب آهي، جنهن جو مهاڳ جناب اي. ڪي. بروهيءَ لکيو آهي. اهو ڪم 'مدر' ۽ علامہ صاحب، سنڌي ادبي بورڊ جي استدعا تي گڏجي هٿ ۾ ڪنيو هو. ان ڪتاب جي اشاعت بعد سنڌي ادبي بورڊ 'مدر' ۽ قبلہ علامہ صاحب جي سمورن اڻ ڇپيل ۽ ڇپيل پر اڻلڀ ڪتابن کي شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو انهيءَ فيصلي موجب سردست بہ ڪتاب پريس ۾ موڪليا ويا.

**تصويرون:**

تصنيفن وانگر 'مدر' جي ناهيل تصويرن جو تعداد پڻ تمام وڏو آهي. گهڻيون تصويرون تہ 'مدر' پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي لاڳاپي وارن ملڪي ۽ غير ملڪي خاندانن کي تحفي طور ڏيئي ڇڏيون هيون، پر اڃا ڪي وڏيون (آدم قد) ۽ ڪي ننڍيون تصويرون بچيل آهن، جن سان سندن حيدرآباد واري رهائشگاهہ بنگلي نمبر 37 سول لائينس جي ڊرائنگ روم سينگاريل آهي. انهيءَ ئي ڪمري ۾ 'مدر' جو پيانو بہ رکيل آهي، جنهن تي هوءَ موسيقيءَ جي مشق ڪندي رهندي هئي.

**سياڻ ۽ سيرت:**

اڪثر ڪري ذهين ماڻهو ڪنهن هڪڙي ئي فن ۾ ڪمال حاصل ڪندا آهن، پر 'مدر' کي فنونِ لطيفہ جي مڙني مکيہ شعبن، شعر، نثرنگاريءَ، مصوريءَ ۽ موسيقيءَ ۾ ڪمال حاصل هو. اها قدرت جي ڏات آهي، جا ورلي ڪنهن خوشنصيب کي عطا ٿئي ٿي.

اين سعادت بزور بازو نيست

اهڙو همہ صفت فنڪار پنهنجي صلاحيت ۽ حاصلات تي جيترو فخر ڪري اوترو ڪيس جڳائي، پر 'مدر' جو سڀاءُ نرالو هو. هوءَ سراپا قرب ۽ نياز هئي ۽ ٻار وانگر معصوم هئي. غريبن ۽ هيٺن لاءِ هن جي دل سدائين پيار سان ڀرپور هئي. اخبار ۾ ڪا ڏک جهڙي ڳالهہ پڙهندي هئي، تہ ڏينهن جا ڏينهن ڪومايل رهندي هئي. پنهنجي بنگلي جي صحن ۾ ٻيئل وڻن هيٺ پکين لاءِ پاڻ چوڳو ۽ پاڻي رکندي هئي. هڪ برسات جي مند ۾ صحن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو جهنگلي ٻوٽو نڪتو جنهن گل ڪيا. نوڪر پنهنجي منهن، صفائيءَ جي خيال کان ٻوٽو پاڙان پٽي ڇڏيو. 'مدر' کي ان ڳالهہ ايڏو تہ رنج رسايو جو هن جي طبيعت ڪيترا ڏينهن ناساز رهي.

مون کي 'مدر' ۽ قبلہ علامہ صاحب سان ميل ملاقات جو شرف سنڌي ادبي بورڊ طرفان سندن ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ حاصل ٿيو پر هيڪر ماٺهوءَ وٽن پير پاتو تہ هميشہ لاءِ سندن قرب جي ڏوريءَ ۾ ٻڌجي ويو. ۽ پوءِ سندن خدمت ۾ حاضري 'روح جي راحت' ٿي. جي مون کان ڪڏهن وٿي پئجي ويئي، تہ قبلہ علامہ صاحب جن پاڻ فون تي ياد ڪندا. مدر تہ ناراض ٿي ويندي هئي. هنن جي انهيءَ ٿي قرب هر ڪنهن کي سندن گرويدو ڪري ڇڏيو هو.

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو!

'مدر' جي علالت وارن ڏينهن ۾ ماڻهن جو اچڻ وڃڻ بند هو. چنانچہ مان بہ زيارت کان محروم رهيس. اوچتو 28۔ تاريخ 'مدر' جي وصال جي خبر پئي. اکيون اشڪبار ٿي ويون. شام جو مان ۽ گرامي صاحب بنگلي تي حاضر ٿياسون. بہ ٽي عقيدتمند اڳيئي موجود هئا. ڊرائنگ روم ۾ قبلہ علامہ صاحب جن پنهنجي مقرر صوفي تي ويٺل هئا. سندن پرسان 'مدر' جي ويهڻ وارو صوفو خالي ۽ اداس هو مون ان صوفي ڏي چتائي نهاريو اکين اڳيان هڪ صورت آئي: ساڳيو مانوس دائمي مرڪ وارو چهرو ساڳيا سونَ چانديءَ جهڙا اڇا ڀورا وار، سنهڙو فراڪ، پاسي ۾ پکو. آهستي آهستي صورت خلا ۾ تحليل ٿي ويئي. مون تڏو ساهہ پريو. ڊرائنگ روم ۾ خاموشي ڇانيل هئي. قبلہ علامہ صاحب ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ مون ڏي نهاريو چيو "ابا، رباني، 'ماءُ' کي وري نہ ڏسندين!" انهن اکرن ۾ ڪيڏو درد ۽ سوز سمايل هئو ۽ ان منهنجي دل تي ڪهڙو اثر ڪيو سو مون کان ڪڏهن ڪونہ وسرندو. مان

خاموش رهيس. قبلہ علامہ صاحب گهڙي رکي چيو "پوين ڏينهن ۾ هُوءَ هر ڪنهن کي ايئن چنبڙندي هئي، جو ڄڻ تہ ان کان هميشہ لاءِ جدا ٿيڻ واري آهي- ڪيئن رباني؟" منهنجي اکين مان لڙڪ وهي آيا. ڊرائنگ روم ۾ وري خاموشي ڇانئجي ويئي. ڪجهہ دير بعد اسان موڪلائڻ لاءِ اٿياسين تہ هڪ ڀيرو قبلہ علامہ صاحب کي چيو "سائين، اڄ پهرين رات آهي، جو اوهان اڪيلا هوندا. جيڪڏهن اجازت هجي تہ اسان مان ڪو هت ٽڪي پئي." ڀاڻ جواب ۾ فرمايائون، "ابا، اوهين تہ ڪي ٻار آهيو. مان جڏهن ماڻهن سان هوندو آهيان تہ اڪيلو هوندو آهيان ۽ جڏهن اڪيلو هوندو آهيان تہ ماڻهن سان هوندو آهيان." اهي اکر حقيقت جا ترجمان هئا. قبلہ علامہ صاحب ۽ 'مدر' تقريباً ست سال گڏ گذاريا ۽ اهڙيءَ مثالي محبت واري نموني گذاريا، جو موت جو مفاصلو سندن وچ ۾ ويڇي وجهي ئي نہ سگهندو.

هونئن بہ موت ڪڏهن بہ اعليٰ انسانن کي ماري نہ سگهيو آهي. اهي پنهنجن ڪارنامن ۽ نيڪناميءَ سان هميشہ ياد رهندا. 'مدر' تہ اعليٰ انسانن ۾ بہ ممتاز مقام تي هئي. سندس خوبين، خصلتن ۽ نيڪ ڪارنامن جي هڪ سهڻي تصوير سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبہ اردوءَ جي صدر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان پنهنجي هڪ قطعہ ۾ چٽي آهي، جنهن مان هن جي وفات جي تاريخ پڻ نڪري ٿي:

قطع تاريخ

| | |
|---|---|
| آه آن مخدومہءِ ما 'ايلسا'، | شد بہ آن دنيا ز دنيائي سقيم، |
| حب،حق هم داشت، حب، مصطفيٰ، | بود قائم بر صراط مستقيم، |
| ماهري بوده بہ هر فنِ لطيف، | عالمي بوده بہ هر علم نعيم، |
| در نظافت بي مثال و بي مثيل، | در لطافت بي همال و بي سهيم، |
| همدم و دمسازِ "علامہ" چو بود، | واقفي بوده ز اسرار عليم، |
| رافت و شفقت بہ هر کس داشتہ، | بود بر خورد و کلان هردم رحيم، |
| "مِثلُهاَلَم يُخلَق" است از روئي امر، | ايلسا قاضي بہ جنت، شد مقيم، |
| 1386 + 1= 1387 هہ | 1967ع |
| (18_ صفر) | (28 – مئي) |

★

# سوڀو گيانچنداڻي

سنڌي زبان جو هڪ پراڻو پهاڪو آهي تہ: "لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو".

لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور واري پٽ تي قدرت جو واقعي وڏو ڪرم آهي. پنج هزار ورهيہ اڳ بہ منجهس اتي "موهن جي دڙي" جهڙو عاليشان شهر هو جنهن تي دنيا اڄ بہ اچرج ۾ آهي. اهڙا شهر جِنَ ڪونہ ٺاهيندا آهن. انسان اڏيندا آهن. سنڌ جي انهن عظيم انسانن کي جيترو ساراهجي، اوترو گهٽ آهي. پر ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ بہ لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور واري پٽ جان محمد جوڻيجي، پير تراب علي شاهہ ۽ شهيد الله بخش سومري جهڙا اعليٰ انسان پيدا ڪيا.

الله بخش سومري، انگريزن جي مرضيءَ جي خلاف مولانا عبيدالله سنڌيءَ جهڙي انقلابي اڳواڻ کي ڇتيهن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ بہ رڳو پنهنجي دليريءَ سان واپس سنڌ ۾ آندو. توڙي جو انگريز حاڪم ان ڳالهہ جي خلاف هئا.

هڪ دفعي مون رحيم بخش سومري کان پڇيو تہ، "اوهان جو والد صاحب مولانا عبيدالله جي استقبال لاءِ پاڻ ڪراچي جي بندرگاهہ تي ويو هو؟" چيائين تہ، "هائو ڇو تہ کيس انٽيليجنس وارن جي رپورٽ ملي هئي تہ انگريز گورنر کيس ڪراچيءَ ۾ لهڻ سان ئي ڀيهر گرفتاريءَ جي سازش سٽي آهي. سو بابا کي چيو ويو تہ وزير اعليٰ جي موجودگيءَ ۾ اها سازش ڪامياب ڪانہ ٿي سگهندي."

مون مولانا تي بعد ۾ جيڪو لٽريچر پڙهيو آهي، تنهن مان معلوم ٿيو تہ جڏهن مرحوم الله بخش سومري اهو احوال مولانا سنڌيءَ سان ڪيو تہ هن کيس چيو تہ، "مان پاڻ ئي انهيءَ ڳالهہ جو پهہ ڪريان ٿو." ڪجهہ ڏينهن

رکي مولانا انگريز گورنر سان پاڻ وچي ملاقات ڪئي ۽ کيس خاطري ڏنائين تہ "منهنجي موجودگي اوهان لاءِ ڪوبہ مسئلو پيدا ڪانہ ڪندي" انگريز گورنر ڪجهہ عرصو انهيءَ ڳالهہ جي خاطري ڪئي. تڏهن اطمينان ٿيو.

دهليءَ ۾ انگريزن جي خلاف هندستان جي هندن ۽ مسلمانن جي "اتحاد ڪانفرنس" جي صدارت ڪئي ۽ سندن ڏنل لقب، ورائي کين منهن ۾ هنيائين. انگريزن وزيراعليٰ جي عهدي تان برطرف ڪيس، تہ ان کي ليکيائين بہ ڪونہ. پنهنجو ڪنڌ مٿي رکيائين. آخر، شهادت جو درجو پاتائين.

محمد ايوب کهڙو بہ لاڙڪاڻي واري پٽ جي پيداوار هو. سنڌ جو چيف منسٽر هو تہ پاڪستان ٺهيو. هندستان مان مهاجر لڏي آيا. ڪراچيءَ ۾ هندن جي ملڪيتن تي قبضو ڪرڻ لاءِ فساد ڪيائون. کهڙي صاحب ڪن ڪلاڪن اندر ڪراچيءَ ۾ امن امان قائم ڪري ورتو. اهو ڏسي سازشين ماڳهن ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڪٽي ڌار ڪرڻ جي سِٽ سٽي، تہ کهڙو صاحب انهيءَ سازش جي خلاف بہ سخت مؤقف ورتو ۽ چيائين تہ "ڪراچي شهر اسان سنڌين پنهنجي خون پسيني سان تعمير ڪيو آهي."

لياقت عليءَ جي مرڪزي حڪومت جمهوريت جي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي، کيس ڊسمس ڪيو ۽ قانون ٺاهيو تہ ڪوبہ سنڌي، پنجابي پناڻ يا بلوچ يا ٻيو ڪوبہ پاڪستان جو اصلوڪو رهاڪو سنڌ جي ڪنهن بہ شهر ۾ ڪنهن بہ هندوءَ جي ڏهن هزارن کان مٿي واري جاءِ خريد ڪري ڪونہ سگهندو. پر، ڪوبہ مهاجر، اچي بہ شاهد پيش ڪري تہ کيس لکنو ۾ باغ هئا، جن جي قيمت هڪ ڪروڙ کان مٿي هئي ، تہ هندوءَ جو اهو محل انهيءَ مهاجر کي الاٽ ٿيندو ائين سنڌ جا شهر راتو رات مهاجرن کي ملي ويا. ڪيترن ڪوڙن ڪليمن جا گهٽائي ٿات ڦاتا پر، ڪوبہ داد فرياد ڪونہ ٿيو. جون ٿا تہ نيٺ ڪن پنجابي سياستدانن لياقت علي کي هٽائي پاور هٿ ڪرڻ جي سازش ڪئي. کيس راولپنڊيءَ ۾ جلسي ۾ گولي هڻي ماريو ويو. اقتدار مهاجرن جي هٿن مان نڪري، پنجابين ڏي ويو. جن 1955ع ۾ ننڍن صوبن ۾ پنهنجي ڦر لٽ لاءِ ون يونٽ ٺاهيو.

پيرزادي عبدالستار سنڌ جي مفاد لاءِ ون يونٽ جي مخالفت ڪئي تہ

پاڪستان جي مرڪزي حڪومت ڪيس بہ ڊسمس ڪيو. پيرزادي صاحب وڏ وزارت وڃائي ليڪن پيش ڪونہ پيو. هو بہ ساڳئي پٽ جو هو. سکر جو رهاڪو هو. سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي وارا شهر ساڳئي پٽ ۾ آهن.

لاڙڪاڻي جي پٽ پير علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي جهڙا ذهين اهل قلم پيدا ڪيا. ويجهي دور ۾ ذوالفقار علي ڀٽو پيدا ڪيو جنهن جي تہ اڄ بہ سڄيءَ دنيا ۾ ڌاڪ آهي.

❊ ❊ ❊

لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور واري پٽ جا مڙئي مشاهيرَ ٻينل طبقي مان هئا. پر، سندن ئي قد قامت جو ٻيو هڪ شخص بہ لاڙڪاڻي واري ڌرَ پيدا ڪيو جنهن وچولي درجي جي هڪ هندو خاندان ۾ جنم ورتو. وڏو ٿيو تہ عمر جو ڪجهہ عرصو بنگال ۾ ٽئگور جي **"شانتي نڪيتن"** ۾ تعليم ورتائين. ڪڏهن ڪڏهن اتان جون ڳالهيون ڪندو هو تہ وڻن هيٺ ڪلاس ٿيندا هئا. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙهندا هئا. وڏا وڏا پروفيسر پڙهائيندا هئا. هڪ دفعي ساليانو جلسو ٿيو. ٽئگور آيو. پر، ٻڌو ٿي ويو هو. جلسي هلندي، اهڙو ڪو ڪلام ٻڌائين، جو اڄي روئڻ ۾ پيو. سندس وڏو ادب ۽ احترام هوندو هو. چوطرف سناٽو ٿي ويو ۽ جلسو ختم ٿي ويو.

❊ ❊ ❊

سنڌ ورهاڱي کان پوءِ گهڻي قدر هندن کان خالي ٿي وئي، پر، سوڀو گيانچنداڻي پاڪستان ۾ رهيو ۽ سوشلزم جي سياست ڪندو رهيو. هاڻي ڪو شخص هندو هجي ۽ سياست ۾ بہ سرگرم رهي، تہ ڇٻو تہ شينهن جو جگر اٿس.

هڪ دفعي ڪنهن سنڌي تنظيم جي دعوت تي آمريڪا ويو. اتي سندس هڪڙو ميزبان ڪيس ريهي ريبي، ڪنهن اهڙيءَ ڌر سان ملائڻ لاءِ وٺي ويو جيڪي سقراط ۽ بقراط جي قبيلي مان هئا. گفتگوءَ ۾ ڪيس حرفت بازيءَ سان گهڻئي لَمَ ڏنائون تہ، "اوهان سنڌي پاڪستان ۾ ڏاڍي عذاب ۾ آهيو. اوهان ڪي ڇا گهرجي؟"

هي يار سڄي ڳالهہ ڪي سمجهي ويو. سو کين چيائين تہ، "سنڌي برابر مظلوم آهن. پر، کين جيڪي ڪجهہ گهرجي، سو پنهنجي ملڪ پاڪستان اندر گهرجي. سنڌي غيرن جي غلامي قبول ڪونہ ڪندا."

❊ ❊ ❊

**سوڀوگيانچنداڻي** ڏوڪري تعلقي جي ٻنڊيءَ نالي ڳوٺ جو وينل آهي مون اهو ڳوٺ ڏٺو آهي. موهن جي دڙي کان گهڻو پري ڪونهي. سوڀي جي ضمير جي ۾ گويا پنجن هزارن سالن جي سنڌي تهذيب جي سرهاڻ آهي. هاڻي لاڙڪاڻي لڏي آيو آهي. سندس وڏو ڀاءُ ڪيول، خاندان جو ٻني ٻارو سنڀاليندو هو ۽ پنهنجي گهر سان گڏ سوڀي جي گهر جي به سار سنڀال لهندو هو ڇو ته سوڀي عمر جو وڏو عرصو سياست ڪئي ۽ اڪثر جيلن ۾ گذاريو.

1958ع ۾ ايوب خان واري زماني کان ڪجهه عرصو اڳ، منهنجي ساڻس ملاقات ٿي. ڪڏهن ۽ ڪاٿي ٿي، اهو ياد ڪونه اٿم. ڪو گهڻو عرصو ڪونه گذريو ته گهرا گهاٽا ٿي وياسين. ڪو عرصو هو ڪراچيءَ جي ”سوامي نارائڻ مندر“ جي فليٽ ۾ رهندو هو. پاڻ ته سٽت گرفتار ٿي ويو. پر، سندس ٻار ٻچا پوءِ به ساڳئي فليٽ ۾ رهندا هئا.

مان ڪراچيءَ ۾ ايس. ايم. ڪاليج ۾ پڙهندو هئس ۽ گذر سفر لاءِ نوڪري به ڪندو هئس. شهر جي گهميل آبهوا مون کي سنڌڻ جو سور ڪري وڌو اهڙو جو هلڻ چلڻ کان ڇڪتو ٿي ويس ۽ بستري داخل ٿي ويس. سوڀي جي دوست ڊاڪٽر خورشيد (جيڪو ڪراچيءَ جي مشهور معروف ڊاڪٽر سعيد جو پٽ هو) جي علاج سان اٿڻ وهڻ ۾ رڙهي، آفيس وڃڻ جهڙو ٿيس. پر، ڊاڪٽر منع ڪئي ته ”گوشت کي هٿ نه لائجانءِ فقط ٻاڻيءَ ۾ اُٻاريل ڀاڄيون کائجانءِ.“

مينارام هاسٽل ۾ رهندو هئس. ڪاڏي جي سمورن ڪلبن ۾ رڳو ڇيلي ۽ ڪڪڙ جا طعام تيار ٿيندا هئا. سڀ شاگرد انهن تي هري ويا هئا. انهيءَ صورتحال ۾ سوچيم ته ڪاڏي وڃان؟ سوڀي جي گهرواريءَ ليلان سان احوال ڪيم. خاطري ڏنائين ته. ”مان بندوبست ڪريان ٿي.“ پئسا مان ڏيندو هوس. ليلان اُٻاريل ڀاڄيون ناهي مهينن جا مهينا منهنجي پٽيوالي هٿ بورڊ جي آفيس ۾ موڪليندي هئي.

❊ ❊ ❊

سوڀو خوشقسمت آهي جو وڏيءَ ڄمار ۾ گهڻن ئي سورن سهڻ کان پوءِ به سندس صحت هڪ حد تائين نيڪ آهي. ان جو هڪ سبب ته اهو آهي ته هو ذهني طرح دلير آهي. مون اڳي ئي چيو آهي ته ڪيس شينهن جو جگر آهي.

پير سائين حسام الدين شاهہ راشدي NERVES جي اهميت ٻڌائڻ لاءِ اڪثر چوندو هو تہ "ماٺهو رڳو آهي رڳون." سندس مطلب هو تہ بهادري هڪ "ذهني لاڙي" جو نالو آهي. بَدن ذهن جي هٿ هيٺ آهي. ماٺهو "ذهني طرح" جنهن ڳالهہ جو جيترو اثر وٺندو اوترو اثر سندس بدن تي پوندو.

ڪنهن جنگ ۾ ترڪن جي فوج دشمن جي چنبي ۾ اچي وئي. سندن اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال پاشا کي اطلاع مليو. هو ان مهل ٻُڪيءَ جي سور ڪري ٿٽڪي رهيو هو. پر خبر ٻڌي، فوجي يونيفارم پاتائين ۽ گهوڙي تي سوار ٿي، جنگ جي ميدان تي پهتو. ترڪ فوج کيس ڏٺو تہ منجهس بجليءَ جي لَهر ڊوڙي وئي. دشمن تي ايڏيءَ دليريءَ سان حملو ڪيائين، جو هارايل جنگ کٽي ورتائين.

بهادر ماٺهو پاڻ تہ شينهن آهي، پر ٻين لاءِ بہ وڏي ٽيڪ آهي.

سوڀي جي سٺيءَ صحت جو ٻيو سبب هي آهي تہ سندس رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو طور طريقو مقرر نيمن تي ٻڌل آهي يعني انگريزي محاوري ۾ سندس زندگي ORGANIZED آهي. ڪيس ڪا بہ اڻ وڻندڙ عادت ڪانهي. شراب ڪونہ پئي. سگريٽ ڪونہ ڇڪي. پان ڪونہ کائي. البت، سياسي سببن ڪري، جيلن ۾ وڃڻ ڪري، سندس پيٽ سدائين ٺيڪ ڪونہ رهيو آهي، چوندا آهن تہ جيلن ۾ (پوءِ اهي سياسي قيدي ڇو نہ هجن) پٿرين مليل دال کارائيندا آهن. جيل جو ماحول اهڙو آهي، جو خدا جي پناهہ! اخبارن ۾ اڪثر خبرون ايندي‌يون رهنديون آهن. سائين جي.ايم. سيد جو 'مهراڻ' رسالي ۾ مضمون "بنديخاني جا ڏينهن" ان سلسلي ۾ پڙهڻ وٽان آهي.

سوڀي جا سنگتي سڀ بااخلاق آهن. چوندا آهن تہ ماٺهو سڃاپندو آهي پنهنجي سنگت مان يا ڪتابن مان، جيڪي شوق سان پڙهندو هجي. سوڀي جي سنگت مان فقط هڪ شخص جو هڪ مثال ڏيان ٿو.

سوڀي جو هڪ يار هوندو هو نالو هئس حسن ناصر. حيدرآباد دکن مان هجرت ڪري آيو هو. هڪ وڏي خاندان جو ٻار هو. پر، سوڀي وانگر سوشلسٽ خيالن جو هو. ايوب خان جي مارشل لا ۾ سوڀي سان گڏ گرفتار ڪيائونس. سبب ڪوبہ ڪونہ هو. بس، "انڏير نگري، چرپٽ راجا." سوشلسٽ جو ٿيا، سو پڪ ئي پڪ فسادي هوندا. بس، انهيءَ الزام هيٺ ٻنهي کي لاهور واري قلعي جي بدنام جيل ۾ وجهي واڙيائون، جنهن جي تهخاني ۾

خاص خاص قيدي رکندا هئا. سوبي ٻڌايو ته ”تهخانو ايترو ته تڏو هوندو هو جو سانوٽيءَ ۾ به ڏڪندا رهندا هئاسين. شام جي ٽائيم تي قيد جي ڪوٺيءَ مان ڪڍي ڪجهه دير پنڌ ڪرائيندا هئا, ته هڪ هنڌ ويهي ويهي اتي ئي سُڪي ٺوٺ ٿي، مري ڪپي نه وڃن. حسن ناصر کي اتر کان ڏکڻ پنڌ ڪرائيندا هئا, ته مون کي وري اوپر کان اولهه. پر, اسان وکون اهڙي حساب سان ڪٽندا هئاسين, جو هڪٻئي کي ڪراس ڪرڻ جو موقعو ملي. اهو موقعو وڏي غنيمت هوندو هو. پاڻ ۾ هڪ ٻه ٽڪو ڪري ونندا هئاسين.

”انين انين ڏينهن هڪ فرعون مزاج شخص اسان کي پاڻ وٽ جدا جدا گهرائيندو هو ۽ سخت لهجي ۾ پڇا ڳاڇا ڪندو هو. غصو ته ڏاڍو ايندو هو. پر, ڪجي ته ڪجي ڇا؟ نيٺ, مان سندس ذهن کي سمجهي ويس. سو, کيس مناسب جواب ڏيندو هئس.

سوبي ٻڌايو ته مون کان هڪ دفعي پڇيائين ته, تون روسي سفارتخاني جي عملدار سان ڪار ۾ هئين ۽ مئڪلوڊ روڊ تي لٿين؟ مون سمجهيو ته ايتري ته خبر کيس آهي سو ٻڌايومانس ته, ”روزانيءَ ”نئين سنڌ“ اخبار جو ايڊيٽر هئس. اخبار لاءِ پنو ڪپندو هو پر پئسو ڪونه هو. سو ڇپائيءَ جو ڪم وڃي گهريومانس. ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ منهنجي حيثيت ڪري منهنجو لحاظ رکيائين ۽ ڇپائيءَ جو جاب ورڪ ڏنائين مان سندن سفارتخاني کان سائٽس ڪار ۾ آيس ۽ روزاني ”نئين سنڌ“ جي آفيس وٽ مئڪلوڊ روڊ تي لٿس.“

حسن ناصر انهيءَ فوجي عملدار کي ماٺهو ئي ڪونه سمجهندو هو. سو سدائين سندس اڳيان خاموش رهندو هو. تنهن ڪري اهو فرعون مزاج شخص به حسن ناصر تي سدائين ڪاوڙيل هوندو هو. آخرڪار غريب کي عذاب ڏيئي ماري ڇڏيائين.

غالباً سنه 1954ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ ٿورو عرصو منهنجي به حسن ناصر سان مختصر ملاقات ٿي هو حيدرآباد دکن جي نظام يا مير لائق عليءَ جي سڪئي سٽابي خاندان مان هو ڪپڙي لٽي جو شوقين, وجيهه ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڏاڍو مهذبُ هو مون کان عمر ۾ ٿورو وڏو هو. جڏهن ٻڌم ته هيئن بيگناهه ماريو ويو تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيم. فيض احمد فيض ياد آيم:

*ہم جو تاریک راہوں میں مارے گئے!*

❊ ❊ ❊



سوڀو گيانچنداڻي

حسن ناصر ”ترقي پسند اديبن جي تحريڪ“ جي پيداوار هو. سجاد ظهير جي مرضي هئي ته ترقي پسند اديبن جي انجمن جي ڪا شاخ حيدرآباد دڪن ۾ به ٿهي. مسز سروجني نائيڊو سڄي هندستان ۾ ممتاز شخصيت هئي. آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبر هئي. حيدرآباد دڪن جي حڪمران طبقي سان سٺا تعلقات هئس. انگريزي زبان جي مشهور اديبا ۽ شاعره پڻ هئي. مخدوم محي الدين حيدرآباد دڪن جو سيني ڪان ممتاز ترقي پسند اردو شاعر هو. سروجني نائڊو ڪانئس متاثر هئي. هن ۽ سيد سبط حسن جي ڪوشش سان مسز نائيڊو حيدرآباد جي انجمن ترقي پسند مصنفين جي سرپرست ٿيڻ قبول ڪيو هئائين. حيدرآباد ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين قائم ٿي، جنهن اڳتي هلي سبزه زار، گل ڦل ۽ وڻ ٽڻ وجود ۾ آندا جن گل گوٿنچ ۽ ڏار ڪڍيا. حسن ناصر انهيءَ ئي چمن جو ”گل سر سبد“ هو.

هو هندستان ۾ ڪيترو عرصو رهيو ۽ هتِ (پاڪستان) ڪيترو سو ٻڌائڻ غير ضروري آهي. پر، وڏن وڏن سوشلسٽ اڳواڻن مثال طور ڊاڪٽر اڏيڪاريءَ سان به گهرو گهاٽو هو. هت آيو ته محمودالحق عثمانيءَ، غوث بخش بزنجي ۽ سائين جي.ايم. سيد جيڪا نيشنل عوامي پارٽي ٺاهي هئي. انهيءَ جو سيڪريٽري ٿيو. سائين جي.ايم.سيد وٽ ئي اسان جي ميل ملاقات ٿي.

سنه 1952ع ۾، حسن ناصر لاهور ۾ سينٽرل جيل ۾ هو سو سندس پيٽ به سوپي وانگر خراب ٿي پيو هو. ليڪن، هو لاپرواهه هو. ڊاڪٽرن ڪيس ڳاڙهي مرچ کائڻ کان منع ڪئي، پر ڪونه مڃندو هو. خوبصورت نوجوان هو. صحت جي پرواهه نه ڪرڻ ڪري، جوانيءَ ۾ ئي اجڙي ويو. سوڀو جڏهن روزاني ”نئين سنڌ“ جو ايڊيٽر هو. تڏهن هُو به پيٽ جي خرابيءَ ڪري ڳاڙها مرچ ڪونه کائيندو هو. بلڪ هميشه لاءِ ڇڏي ڏنائين.

حسن ناصر جي موت جي خبر سڀ کان اڳ، نومبر 1960ع ۾، ميجر اسحاق کي پئي. ميجر اسحاق اهو ساڳيو شخص هو جنهن فيض جي ”زندان نامي“ جو مقدمو لکيو آهي. راولپنڊيءَ واري ڪيس ۾ سيد سجاد ظهير، ميجر جنرل اڪبر خان ۽ فيض سان گڏ ملوث هو. ٻڌايائين ته قلعي

وارن حسن ناصر کي ايڏو تہ بيدرديءَ سان ماريو جو اتي ئي سندس دم پرواز ڪري ويو.

ميجر اسحاق ئي وڃي هاءِ ڪورٽ جو در کڙڪايو جنهن حسن ناصر کي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو. تڏهن لاچار سرڪاري وڪيل کي ميٺو پيو تہ هو زنده ڪونهي. ڪورٽ حڪم ڏنو تہ لاش سندس ماءُ کي ڏنو وڃي. هوءَ هندستان مان لاش وٺڻ لاءِ آئي هئي. چيائين تہ قبر کوٽيائون، جنهن ۾ هڪ ننڍي قد جو ماڻهو پوريل هو. پر، پوءِ بہ مون سندس پير کولي ڏٺا. اتي حسن ناصر کي هڪ نشان هوندو هو. پر، قبر مان ڪڍيل بندري ماڻهو کي ڪوبہ نشان ڪونہ هو. مون لاش وٺڻ کان انڪار ڪيو.

حسن ناصر منو ماڻهو هو. سوڀي جو تہ يار هو.

❊ ❊ ❊

سوڀي سالن جي سنگت ۾ مون کي ڪڏهن بہ سوشلزم تي ليڪچر ڪونہ ڏنو. البت، ڪڏهن ڪڏهن لانڍيءَ جي پاسي ليبر يونين جي ميٽنگن ۾ وٺي ويندو هو. پاڻ ليڊر هو. سو يونين جا سڀ مسلمان ميمبر سندس وڏو ادب ڪندا هئا. وڏي قدڪاٺ وارا، محنتي مزدور هوندا هئا. مون ڪوبہ ڪمزور ۽ ڳريل مزدور ڪونہ ڏٺو. سڀ مذهبي طرح مسلمان هئا ۽ سوڀو نالي ۾ هندو هو. پر، سندس اڳيان پنهنجا پنهنجا مسئلا نهايت ادب سان پيش ڪندا هئا. سوڀو کين "لائين" ڏيندو هو تہ هيءُ طور طريقو اختيار ڪريو. کين هميشہ عقل واري ڳالهہ ڏسيندو هو. اجائي گوڙ ۽ وڳوڙ کان جهليندو هو. مون ڏٺو تہ انهن ميڙن ۽ ميٽنگن ۾ سوڀي جي روش وڏي پروقار هوندي هئي. پاڻ پيدائشي ليڊر (BORN LEADER) هو. منجهس آڪڙ يا وڏائيءَ جي بوءِ بہ ڪانہ هئي.

جڏهن پاڻ روزانہ "نئين سنڌ" اخبار جو ايڊيٽر هو تہ مان صبح جو سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪي ۽ شام جو اخبار ۾ سب ايڊيٽر جو ڪم ڪندو هئس. غريب ماڻهو پلا ايمانداريءَ سان گذارو ڪيئن ڪري. هڪ دفعي خبر ناهي تہ سوڀي ڪهڙي ڳالهہ ڪئي. مون ڪيس جواب ڏنو تہ "YES, BOSS". سوڀو اهي اکر ٻڌي ايڏو تہ ڏکوئجي ويو جو مون کي معافي وٺي، ڪيس پرچائڻو پيو. هو مون کي "ماتحت" ڪونہ سمجهندو هو. دوست، ساٿي ۽

سچڻ سمجهندو هو. عزت، قرب ۽ سچائيءَ وارا پير ڪٽندو هو. منافقي ۽ سچائي پري ڪان پڌريون آهن. سوپيو سنئون سڌو سچو ۽ پروسي جوڳو ساٿي آهي.

❊ ❊ ❊

هن دنيا ۾ بقاءَ واري ۽ پائدار حقيقت فقط هڪ آهي: اها هيءَ ته ته **"هن جهان جو ڪارخانو سدائين بدلبو رهي ٿو."** اسان جي ننڍڙيءَ دنيا ۾ انگريزن جي زماني ۾ سنڌ جي ڌرتي ۽ آسمان اهو ئي هو جيڪو هاڻي آهي. پر، حاڪم ۽ رعيت جي ريتِ نيتِ نرالي هئي. عام ماڻهو انهيءَ نظام ۾ خوش آهي، جنهن ۾ قاعدي ۽ قانون موجب ڪم هلي ٿو. مشهور مسلمان مفڪر شاهه ولي الله دهلويءَ چيو آهي ته. **"ماڻهو ڪفر سان پريل معاشري ۾ ته رهي سگهي ٿو. پر، ظلم سان پريل سماج ۾ بغاوت ڪندو."**

انگريزن جي ڏينهن ۾ امن امان هوندو هو. هاڻي ڏوهه عام آهي. ڳوٺن ۾ مسلمان عورتن کي "ڪارو ڪاريءَ" جي الزام هيٺ ڪهڻ ته چٽ چاموت جو فئشن ٿي پيو آهي. سنڌ ۾ هندو به رهندا هئا، ته مسلمان به رهندا هئا. پوءِ ائين چو آهي، ته هندن ۾ "ڪاري ڪاريءَ" جي رسم ڪانه هئي. هندو زالن ۽ مردن کي جنسي خواهشون ڪونه هونديون آهن ڇا؟ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ته اسان وٽ "اجتماعي زوري زنا" (GANG RAPE) جو به فئشن پيو آهي. پنجاب ۾ منهنجو دوست آهي. اجڪلهه لاهور ۾ آهي. ڳالهه ڪيائين ته لاهور شهر ۾ ڏينهن ڏٺي، جو گهرن ۾ گهڙڻ چوري ڪرڻ ۽ چوريءَ جو سامان ڪٽي وڃڻ کان اڳ ۽ گهر جي نوجوان مالڪياڻيءَ سان زوري زنا ڪرڻ عام رواج ٿي ويو آهي.

"ڊان" اخبار جي 23 مارچ واري پرچي ۾ خبر پڙهيم ته لاهور جي فلاڻي محلي ۾ ٿي چٽا گهر ۾ گهڙي ويا. گهرجو مالڪ دڪان هلائڻ ويو هو. تن لکن جي ڦر ڪيائون ۽ وڃڻ مهل، واري واري، سان تنهي ڄڻن دڪاندار جي گهر واريءَ سان زنا ڪئي. ان جو مطلب اهو ڪونهي ته هندستان ۾ اهو ڏوهه ڪونهي. خدا جي پناهه! دهليءَ جي شهر ان معاملي ۾ ايڏي ته شهرت حاصل ڪئي آهي جو ان کي ذڪڻ ايشيا ۾ "زنا جو شهر" (Rape City) جو درجو حاصل آهي. هونئن، هندستان جي ٻين ڪن وڏن شهرن ۾ به زوريءَ زنا جا ڏوهه ستر سيڪڙو وڌي ويا آهن.

انگريزن جي زماني ۾ سنڌ ۾ پڪو رستو رڳو هڪڙو هوندو هو جيڪو ڪراچيءَ مان لاهور ويندو هو. ٻيا رستا جيڪي ننڍين ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن کي ڳنڍيندا هئا، سي ڪچا هوندا هئا. مٿن مٽي ۽ سَرَ يا ڪک وجهندا هئا. جيڪي ڳري ويندا هئا، تہ رستو اچ وڃ لاءِ جڙڻ تہ پڪو ٿي ويندو هو. رستي جي ٻنهي پاسن سان ڇانوَ وارا وڏا وڻ هوندا هئا. جن جي سنڀال لاءِ مالهي مقرر ٿيل هوندا هئا. مٿن بيلدار ڇڪار ڪندا رهندا هئا. اسان جي تر ۾ انهن ”ڪئنال ٻاٺ“ جي ڪنارن سان سِنجهيءَ يا ٽالهيءَ يا شيشم جا وڏا وڻ هوندا هئا. تمام قيمتي هوندا هئا. هاڻي انهن رستن تان ماڳهن وڻ ئي غائب آهن.

ڪنڌياري تعلقي ۾ ڀٽونرن وٽان سڄو ٻيلو ڪپجي ويو آهي، هاڻي قاعدي قانون کي ڪير ليکي بہ ڪونہ ٿو. تعليم تِرين ڀر اچي پئي آهي. هاڻي تہ سنڌ لاءِ جاتي ڪاتي مشهور ٿي ويو آهي تہ تعليم ڪاتي جهڙي رشوت ڪاتي بہ ڪانهي. هونئن بہ هر هنڌ رشوت جو زور آهي. اشراف جو ڪنڌ هيٺ آهي لُچ لوفر جو مٿي آهي. چونڊن ۾ وڏيرا ئي بيهن ٿا، ڪي کٽن ٿا تہ ڪي هارائن ٿا. مسڪين ماڻهو انهن مڙني ڳالهين کان بي نياز آهن. پنهنجن ئي سورن ۾ پورا آهن. اسان کي انگريزن کان آزادي ڇا ملي، جڙ تہ ڇڙواڳي ملي. ملڪ جو وڏيرو طبقو مادر پدر آزاد ٿي ويو.

ويهين صديءَ جي شروع ۾ وڏيرڪي زندگي ڪيئن هئي، تنهن جي تصوير پير علي محمد راشديءَ ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ ڪتاب جي پهرئين جلد جي منڍ ۾ سُني چِٽي آهي. ليڪن، انگريز ويا تہ اها تصوير اڃا بہ بگڙي وئي. ائين وڃي بيني، جيئن نوابشاهہ جي نور عباسيءَ پنهنجي هڪ شعر ۾ چِٽي آهي:

**پينگ ٿي وئي آهي دلبر،**
**ٻيو مڙيو ئي خير آ.**

سوشلزم انهيءَ ئي انڌير ۾ اڀرندو آهي. چين دنيا جو وڏي ۾ وڏو سوشلسٽ ملڪ آهي ۽ هاڻي تہ دنيا ۾ ان جو ڏڏڪو آهي. خود آمريڪا بہ ان کان ڊنل آهي.

چيني سفارتخاني ۾ يانگ ينگلن، محڪمہ ثقافت جو سربراهہ هو ۽ منهنجو دوست هو. مون کي ٻڌايائين تہ تبيت ۾ چيني تسلط کان اڳ وڏيرن

۽ ٻئي مذهب جي پيرن جو زور هو پر هاڻي اتي پير يا وڏيري نالي ڪو جانور پيو تہ نهيو پر جانورن جي باغ ۾ پڃري ۾ رکڻ لاءِ بہ ڪونہ ملندو.

*　　*　　*

سنہ 1962ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيو تہ سوڀي کان جدائي ٿي. منهنجون ساڻس مجلسون وري تڏهن ٿيون، جڏهن سنہ 1963ع ۾ سندري ۽ اتم سنڌ گهمڻ آيا. سندن ميزبانيءَ ۾ مان ۽ حميد سنڌي اڳيان هئاسين. هو سکر ۾ اياز جي پراڻي گهر ۾ ٽڪيا. سوڀو لاڙڪاڻي مان آيو. هڪ ڏينهن مجلس ۾ مهاڀارت ۾ ڪرشن جي ڪردار تي ليڪچر ڏنائين. سندس سپ ويس لاهي، ڪيس اگهاڙو ڪري بيهاريائين. چيائين تہ مهاڀارت جي جنگ هندستان کي صديون پوئتي ڌڪي ڇڏيو ۽ انهيءَ تباهيءَ لاءِ جوابدار ڪرشن هو.

اهو ڪهڙو هندو هوندو جيڪو سوڀي وانگر تاريخ جي واقعن جو ايڏيءَ دليريءَ ۽ سچائيءَ سان (OBJECTIVE ANALYSIS) معروضي انداز ۾ تجزيو ڪندو! عام هندو تہ ڪرشن کي ڀڳوان ڪوٺيندا آهن. خود مولانا حسرت موهاني کيس پهتل سمجهندو هو. اردوءَ وارا حسرت موهانيءَ کي پنهنجو ڪعبو قبلو سمجهندا آهن. پاڪستان نهيو تہ ڪراچيءَ آيو پر، کيس ڪنهن ليکيو بہ ڪونہ سو پوئين پيرين هندستان هليو ويو. اتي ئي وفات ڪيائين. هاڻي، اردوءَ وارا ڪراچيءَ ۾ مٿس سيمينار پيا ڪن ۽ لک پيا لٽائن.

ٽي چار سال ٿيا، تہ سوڀو حيدرآباد آيو. مون وٽ هفتو کن ٽڪيو. مون کيس البتہ لانجهو ڏنو. سو، دوستن کي اشارو ڏنم تہ سندس دل وڻڻ لاءِ دعوتون ڪريو. بہ چار ڏهاڙا ائين ڪل خوشيءَ ۾ گذريا. هڪ ڏينهن نيرن ڪري، مون کيس آماده ڪيو تہ "پنهنجون يادگيريون رڪارڊ ڪراءِ." منهنجو ارادو مٿس مفصل مضمون لکڻ جو هو. تقريباً اڌ ڪلاڪ کن ڳالهائيندو رهيو. پوءِ چيائين تہ "هاڻي، ٿڪجي پيو آهيان. وڌيڪ ڳالهائي نٿو سگهان." ان کان پوءِ اسان چاءِ پيتي ۽ هِتان هُتان جي هلڪي سلڪي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. بعد ۾ هو وچي بورڊ جي ريسٽ هائوس ۾ آرامي ٿيو تہ مون ٽيپ رڪارڊر هلايو. سندس ڳالهيون توجهہ سان ٻڌڻ ۽ لکڻ لاءِ قلم ڪاغذ هٿ ۾ ڪنيم. پتو پيو تہ ايترو تہ آهستي ڳالهايو اٿس، جو ڪو اکر ئي سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي!

سال بہ اڳ مان پنهنجيءَ نياڻيءَ کي موهن جو دڙو ڏيکارڻ وٺي ويس. رات ماڏي ۾ اعجاز چانڊئي وارن وٽ ٽڪياسين. مکڻ ماکيءَ جهڙا مٺا ماڻهو آهن. صبح جو اعجاز پنهنجين ٻن ڀينرن کي منهنجي نياڻيءَ سان گڏ وٺي موهن جي دڙي هليو. عينيءَ سان سندس خاوند حيدر نظاماڻي بہ گڏ هو. اعجاز ۽ مان کين موهن جي دڙي جي ريسٽ هائوس وٽ لاهي لاڙڪاڻي وياسين جو مون کي سوڀي سان ملڻ جو شوق هو. شهر پهچي فون ڪئي مانس. جواب ۾ چيائين تہ، ”ڇو آيو آهين؟“ مون پنهنجيءَ سڄيءَ عمر ۾ ڪنهن بہ دوست کان آجيان جي اهڙي ڪيڪار ڪانہ ٻڌي آهي. بهرحال، سندس گهر پهتاسين، منجهند جي مهل هئي. پاڻ ان مهل غسل ڪري آيو هو ۽ ڪپڙا بدلائي رهيو هو. تازو شايد هندستان جي سير تي ويو هو. اتان جا احوال ڏنائين ۽ سيد مشاهد حسين جي چوڻ تي سرڪار ڪيس ادبي انعام ڏنو هو اهو پڻ ٻڌايائين. چاءِ جو ڪوپ پياريائين. مون سندس گهر جي ننڍي ٻارڙي کي سؤ رپيا خرچي ڏني. سوڀي مهاڀارت جو سنڌي ترجمو منهنجي گهُرَ تي تحفي طور ڏنو. اعجاز چانڊيو ذهين شخص آهي، سو مون کي صلاح ڏنائين تہ سوڀو صاحب ٿڪل آهي. منجهند جي مهل آهي، آرام ڪندو. اسان سوڀي کان موڪلائي، شهر ۾ هڪ عمديءَ هوٽل تان ماني خريد ڪئي. موهن جي دڙي جي ريسٽ هائوس ۾ آياسين. اسان جا ٻار دڙو ڏسي، گهمي ڦري ريسٽ هائوس ۾ آيا هئا. گڏجي ماني کاڌيسون ۽ پوءِ ٿي موٽياسون. اعجاز وارن کان ميهڙ وٽ موڪلائي حيدرآباد روانا ٿياسين.

سوڀي هڪ پورو پرآشوب دؤر ڏٺو آهي. هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي نهڻ ۾ الائي تہ ٻين ڪيترن اهم واقعن جو اکين ڏٺو شاهد آهي ڪي ڪتابڙا لکيا اٿس. ليڪن، هو تہ معلومات جي کاڻ آهي. گذريل ڇڳي زماني جي سڄي تاريخ سندس سيني ۾ بند آهي.

جڏهن اسان ٻئي ’نئين سنڌ‘ اخبار ۾ هئاسين، تڏهن هڪ دلچسپ واقعو ٻڌايو هئائين، تہ سرڪار ڪو انڊو اونڊو قاعدو ڪڍيو. مون نوجوانن کي احتجاج لاءِ تيار ڪيو. مقرر تاريخ تي هڪ هنڌ گڏ ٿياسين. سنگتين کي سمجهايو هئم، تہ اڳيان مان ٿيندس. نعرو هڻندس پر، پوليس مون ۾ هٿ وجهي تہ اوهان بہ پنيان ڪاهي پئجو تہ پوليس کي من مستي ڦٻي نہ وڃي!

هنن يارن ”هائو“ ڪئي. اسان گڏ ٿياسين، ته پوليس، جون لاريون به اچي پهتيون. پوليس وارا لٺيون کڻي هيٺ لٿا. هوڏانهن انسپيڪٽر اڳتي وڌيو ته هيڏانهن مان. جڏهن آمهون سامهون ٿياسون ته مون پوليس جي ڏاڍائيءَ خلاف نعرو هنيو. پنيان جو سنگتين جو ڪڙڪو ڪونه ٻڌم، ته ڪين آيارڻ لاءِ پوئتي نهاريم. اجا جو ڏسان، ته ڪاريءَ وارا ڪک! سڀ ڀڄي ويا. مون کي اڪيلو ڏسي، انسپيڪٽر ٻانهن کان وٺي، پوليس جي لاريءَ ۾ وهاريو ۽ چيو ته، ”شور کرتا ہے، دماغ خراب ہے.“

❊ ❊ ❊

حافظ شيرازيءَ جو هڪ شعر آهي ته:

موجيم کہ آسودگیٔ ما عدم ماست

ما زندہ ازانیم کہ آرام نہ گیریم۔

اسان سمنڊ جي موج وانگر متحرڪ آهيون، قرار آيو ته ختم ٿي ويندا سون. اسان زنده ان ڪري آهيون، جو آرام ڪرڻ ڪونه ڄاڻون.

پر، انسانُ بلڪ هر جاندارُ سڄي زندگي وقت جي چانوَ ۾ گذاري ٿو. مقرر وقت تي ڄمي ٿو ۽ مقرر وقت تي هيءَ دنيا ڇڏي ٿو. وقت ئي هن دنيا ۾ سندس زندگيءَ جي راهه گهڙي ٿو. وَقتَ جون پنهنجون تقاضائون (DEMANDS) آهن. وڏي عمر ۾ رڳا وار اڇا ڪونه ٿا ٿين. ڪائڻ پيڻ ۽ اٿڻ وهڻ ۾ به ڪيس احتياط ڪرڻو پوي ٿو. سوڀو به انهيءَ قدرتي قانون جي تابع آهي. ڇڱي عرصي کان گوشه نشين آهي. هڪ ته عمر وڏي ٿيو ته پوئتي نگاهه ڪري ٿو ته رُڳو ڪاريءَ وارا ڪک آهن.

چوندا آهن ته ننڍيءَ عمر ۾ ڪنهن جي ماءُ نه مري، پيريءَ ۾ زال نه مري، پر، موت ڏاڍو بيرحم آهي. سوڀي کان گهر واريءَ ليلان سان گڏ، وڏو جوان پُٽ ڪنعيو کسي ورتائين. سوڀو سڀ سورَ سهي ويو. ذهين ۽ حساس ماڻهو آهي. سو انهن ڳالهين جو مٿس وڏو اثر پيو هوندو.

❊ ❊ ❊

سوڀي سڄي زندگي سوشلزم جي تعليمَ ڏني ۽ ان کي انسانذات جي سورن ختم ڪرڻ جو سچو نسخو قرار ڏنو. سوشلزم ئي سندس دين ايمان

هو. جنهن جو ڪعبو ماسڪو ۾ هو پر، اڄ اهو ڪعبو قبلو ڍهي ڍير ٿي پيو آهي. روسُ سوشلزم تان هٿ کڻي ويو آهي. سرمايي داريءَ جي واٽ ورتي اٿس. تازه ترين اطلاع هي آهن ته سڄيءَ دنيا جي سرمايي دار ملڪن ۾ روس ٻيو نمبر ملڪ آهي، هتي گهڻا ارب پتي سرمايي دار آهن. دنيا ۾ گهڻي ۾ گهڻا ارب پتي سرمايدار آمريڪا ۾ آهن. انگلنڊ به ٽئين نمبر تي آهي، يعني روس ان کان به اڳتي وڌي ويو آهي.

چين ۾ سوشلزم کي اهڙو پترو ۽ لچڪدار ڪيو اٿس جو پتو ڪونه ٿو پوي ته ڪير ۾ پارٽي آهي يا پارٽيءَ ۾ ڪير آهي.

سوڀي انهيءَ صورتحال کي ڪيئن قبول ڪيو آهي ۽ سندس رد عمل ڪهڙو آهي، انهيءَ باري ۾ مون کي ڪجهه به معلوم ڪونهي.

تازو اخبارن ۾ سندس بيان آيو ته، ”مان ڪميونسٽ آهيان ۽ سڄي عمر ڪميونسٽ رهندس.“

ڪميونزم جي تعليم موجب ”عَمَلُ“ ڪميونسٽن جي عقيدي جو بنيادي اصول آهي. عمل کان پري رهڻ ڪفر آهي، پر سوڀو ته عملي سياسي زندگيءَ کان سالن جا سال پري ٿي ويو آهي. گوشه نشينيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي. اهم ملڪي مسئلن تي به بيان ڪونه ٿو ڏئي، سراسر خاموش آهي.

★

# شیخ ایاز

**مون کي ياد ڪجو جڏهن مان دور هجان،**
**سدائين دور، ڪنهن خاموش دنيا ۾.**
ڪرسٽينا روزريٽي

هن دنيا ۾ هر مهذب انسانُ، پنهنجي ضمير اڳيان جوابدار آهي. ضمير جو آواز الهامي ڪونہ آهي. اهو انسان جي پنهنجي اندر جو آواز آهي ۽ سندس ئي اختيار ۾ آهي: تہ ان کي ٻڌي، يا لنوائي ڇڏي.

جڏهن انسانُ هيءَ دنيا ڇڏي ٿو تڏهن سندس سڀ اختيار ختم ٿي وڃن ٿا. هو ڪنهن اهڙي هنڌ پهچي ٿو جنهن جي اسان کي ڪا بہ ڪل ڪانهي. پر، مذهبي عقيدو اهو ئي آهي، تہ مُئي کان پوءِ انسان پنهنجي خالق اڳيان جوابدار آهي ۽ هن دنيا ۾ پنهنجي قول ۽ فعل جو حساب ڏئي ٿو. پٽائيءَ جو چيو آهي تہ:

**هميرن حسابُ، ڪُهُہ جاڻان ڪهڙو ٿيو؟**

شيخ اياز جڏهن اجا زندگيءَ جي انهيءَ مرحلي ۾ هو، جو سندس مٿي جا اڇا وار سندس ڪارن وارن کان گهڻا گهٽ هئا، تڏهن هو انهيءَ نظريي جي نفي ڪندو هو. سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ ”مئي کان پوءِ سج اڀري تہ ڇا، لهي تہ ڇا.“ اياز چوندو هو تہ اها ڳالهہ اهم ڪانهي. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ مئي کان پوءِ چنڊ اڀري تہ ڇا، لهي تہ ڇا. انهيءَ ذهني ڪيفيت جو اظهار هيئن ڪيو اٿس:

**اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ**
**جيڪي آهہ هتي آ هاڻ**
**پيو سڀ پاڇي جو پيڇو**
**جاني آءَ جواني ماڻ**

پر، جڏهن پاڻ جواني ماڻي پوئتي موٽيو تہ ڪيس موت جو احساس ٿيو جنهن جو اظهار ڪندو هو. ”الوداعي گيت“ ڪتاب جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس:

”مان پنهنجن دوستن ابراهيم جويي، جمال ابڙي، غلام ربانيءَ ۽ رشيد ڀٽيءَ سان گڏ سنڌ گهميو آهيان. ڪئين سال اڳ اسان ٺٽي جي ويجهو هڪ ٽڪريءَ تي ڪنهن ريسٽ هائوس ۾ لٿل هياسين (جنهن جو نالو ياد نٿو اچي) ۽ يوناني فلسفين وانگر ڏوَ تي ڪائي پي، ڇهل قدميءَ لاءِ نڪتا هياسين. رات ڀتائيءَ جي ڪنهن بيت وانگر ٿي لڳي: آسمان ۾ چنڊ هڪ ازلي مسافر جي ڳنڍڙيءَ وانگر وڌي رهيو هو. اوچتو منهنجي پيرن اڳيان هڪ لُنڊي نڪري وئي.

غلام ربانيءَ کان رڙ نڪري وئي ۽ هن پٿر ۾ هٿ وڌو تہ مون هن کي جهليو: ههڙيءَ رات ۾ ڪنهن کي ماري رات جي جادو ڀتيءَ کي ٽڙڪائي وجهڻ برابر آهي. مرڻو آهي تہ هيءَ نہ تہ ٻي ڪا لنڊي ماريندي، ڇوتہ هن ٽڪريءَ تي نانگ بي شمار آهن. غلام ربانيءَ پٿر ڦٽي ڪري ڇڏيو. اسان بنگلي ۾ موٽي وياسين.

ڪراچيءَ ۾ بہ مون کي پڪ هئي، تہ موت هن ڀيري بہ منهنجي پيرن اڳيان ائين ئي نڪري ويندو جيئن اڳي لُنڊي نانگ نڪري ويو هو.“

❊ ❊ ❊

پر، ائين ڪونہ ٿيو. لُنڊيءَ ڪراچيءَ ۾ اياز کي ڏنگي وڌو. وفات کان بہ ٽي گهمرا اڳ تہ چڱيءَ چوکيءَ دير تائين مون سان رڳو موت جي موضوع تي گفتگو ڪئي هئائين ۽ چيو هئائين تہ، ”مون موت کي چٽي ڇڏيو آهي، تہ مون کي اجا تمام گهڻو ڪم ڪرڻو آهي:“ NO ADMISSION “ اياز جي اها آرزو انساني فطرت جي تقاضا موجب هئي. پرَ، موت جنهن جاءِ ۾ گهڙندو آهي، اتي NO ADMISSION جي تختي ڪونہ پڙهندو آهي.

اياز دل جي بيماريءَ ڪري وفات ڪئي. ان کان اڳي ڪيس پيٽ جي به ڪجھ تڪليف ٿي پئي هئي. جويي صاحب مون کي ٻڌايو ته، ”جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪاڏو ڪونه جيوري، بار ٿي پويس، تيئن شڪايت ڪندو هو.“ هڪ دفعي انهن ئي ڏينهن ۾ مان اسلام آباد منجهان ڪنهن ڪم سانگي ڪراچيءَ آيس. جمال ابڙي سان گڏ اياز سان ڪچهري ڪرڻ ويس. اٿياسين، ته فيصلو ٿيو ته رات جي ماني جمال وٽ ڪائينداسين. اياز چيو ته شام جو اول ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ ويندس، سو توهان سان گڏ رڳو سوپ پي سگهندس. پر، فون تي معذرت ڪيائين، ته اچي ڪونه ٿو سگهان.

سندس فرزند، ڊاڪٽر سليم، سندس هاضمي جي ڪمزوريءَ جي تصديق ڪندي، مون کي اهو به ٻڌايو ته اسان جڏهن بابا کي اسپتال ڪٺي وياسين ته ڪيس ساهه جي نظام ۾ ڪجھ تڪليف هئي. علاج وسيلي بهتر ٿيو. ايتري قدر جو سندس ڊاڪٽر ڪيس چيو ته سڀاڻي اوهان کي اسپتال مان گھر وڃڻ جي اجازت ڏيندس. اها خوشخبري ٻڌي، ٻين سڀني ياتين کي وڃڻ جي موڪل ڏنائين، فقط گھر واري وٽس رهي. پر، ڪيس به اڌ رات جو ائين چئي گھر موڪليائين، ته صبح جو موٽر موڪلي ڏجو ته مان گھر اچان.

پر، اسر مهل ڪيس تڪليف محسوس ٿي. بستري جي پرسان لڳل گھنٽي وڄايائين، ته اسپتال جو ملازم هڪدم وٽس پهتو. ساڻس ڳالهائي ڪونه سگهيو. رڳو هٿ سان دل ڏي اشارو ڪيائين. ڊاڪٽر ڪا دوا آڻي ئي آڻي، تنهن کان اڳي هميشه لاءِ اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. ڪيئن چئجي ته ان مهل سندس تاثرات ڪهڙا هئا؟

* * *

حيدرآباد ۾ جان آئزڪ نالي ڏندن جو هڪ عيسائي ڊاڪٽر آهي، کلڻو ملڻو سياءَ جو سلڇڻو. ڄائو نپنو حيدرآباد ۾، سو سنڌ سان محبت اٿس. هڪ دفعي مون کي ٻڌايائين ته، پهرين پهرين سنڌي - انگريزي ڊڪشنري هڪڙي انگريز ناهي. ڏاڍي محنت ڪيائين. آخر سلهه ٿي پيس، سو واپس وطن هليو ويو. اتان پنهنجن ناناڻن وٽ جرمنيءَ ويو جتي دم ڏنائين. مرڻ مهل به ٿي اکر سنڌيءَ ۾ ڳالهايائين. شايد، اهي پهريائين پهريان سنڌي لفظ هئا. جيڪي جرمنيءَ جي سرزمين تي ڳالهايا ويا. ڳوڙهن پريل اکين سان،

آسمان ڏي نهاري، خداوند ڪريم کان دعا گهريائين تہ:

**”سفر پورو ٿيو، درُ پٽِ پنهنجو.“**

اياز بہ پنهنجيءَ زندگيءَ جو سفر پورو ٿيڻ مهل، خداوند ڪريم کي اهڙي ڪا التجا ڪئي يا نہ، سا تہ خبر ڪانهي، ڇوتہ سندس ويجهو اوڏو ڪير بہ ڪونہ هو. پر، يانئجي ٿو تہ هن اوڏيءَ مهل ائين ڪونہ چيو هوندو تہ:

**اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ**

**جيڪي آهہ هتي آ هاڻ.**

اميد، انهيءَ ذهني ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا موت جي ڪارن ڪڪرن مٿان بہ چانديءَ جي لڪير وانگر چمڪندي آهي.

❊ ❊ ❊

هڪ دفعي ڊاڪٽر شمل اسلام آباد آئي. جرمن سفير وٽ ٽڪي. جنهن سندس ماني ڪئي ۽ مون کي بہ دعوت ڏني. سفير ڳالهيون ٻوليون ڪندي، مون کي چيو تہ اوهان جي ملڪ جا اترين علائقا، سهڻن سرسبز قدرتي نظارن ڪري ڏاڍا وڻندڙ آهن. پر، ڪوهہ پيما زالن ۽ مردن کي وري اهي قراقرم ۽ همالا جبلن جي ڪري، وڌيڪ وڻن ٿا.

ائين ڳالهيون ڪندي، ٻڌايائين تہ هڪ سال جرمنيءَ مان هڪ ڪوهہ پيما ٽولي آئي، جنهن جي اڳواڻ کي نانگا پربت جي سڀ کان اتاهينءَ چوٽيءَ کي سَرِ ڪرڻ جو شوق هو. شروع ۾ کيس وڏي ڪاميابي بہ ٿي. ڪافي مٿي چڙهي ويو. پر، اوچتو پير ترڪي ويس. هزارن فوٽن جي بلنديءَ تان، پهاڙ جي پاڇي ۾ اچي ڪريو. ساهہ ئي ڪونہ ڪنيائين. سندس وصيعت موجب، لاش انهيءَ ئي هنڌ دفن ڪري، باقي زالون ۽ مرد واپس موٽيا. سندس قبر تي جيڪو ڪتبو لڳل آهي، تنهن ۾ فقط ٽي لفظ آهن، پر وڏيءَ معنيٰ وارا آهن.

مون جرمن سفير کان پڇيو تہ: ”اهي ڪهڙا لفظ آهن؟“ جواب ڏنائين تہ: ONE TO ONE

اياز وفات کان پوءِ، پٽائيءَ جي پاڇي ۾ دفن ٿيو. اها تجويز سندس اهليہ محترمہ زرينہ صاحبہ ڏني. چيائين تہ اياز انهيءَ خواهش جو اظهار ڪندو هو. تنوير ٻڌايو تہ اياز جي وفات واري ڏينهن، حيدرآباد ۾ اديبن جي

تعزيتي اجلاس ۾ به مڙني جي متفقه راءِ اها ٿي بيٺي هئي. ڀٽ شاهه ۾ تدفين مان هر ڪنهن جو مقصد ڀٽائيءَ جي روضي وارو قبرستان هو.

اياز جي وفات جو اطلاع مون کي صبح سان ڪراچيءَ جي ميٽروپول هوٽل ۾ فون تي ڀهريائين مسز اڪبر راشديءَ ۽ پوءِ جمال ابڙي ڏنو. مان تڏي تي ڦهتس ته ڪي ٿورڙا ماڻهو هئا. ستت جويو صاحب به حيدرآباد مان پهچي ويو. جويي صاحب مون کي حميد آخوند سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ نٽي موڪليو جو هو مهمانن سان ڪينجهر تي ويو هو. پر، موٽ تي رستي تي ملي ويو. مون حال احوال ڏنومانس. چيائين ته، "اتي جاءِ ملڻ مشڪل آهي."

حميد آخوند، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي ايراضيءَ ۾، ڪراڙ جي ڪپ تي، اياز جي ابدي آرامگاهه لاءِ جاءِ ڏني. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، دوستن جو رايو بيٺو ته جيسين ڪا پڪي پختي مزار تعمير ٿئي، تيسين ڪا ڪچي قبر نهرائي ڇڏجي. سو هڪ ڏينهن وري جويو صاحب، جمال رند ۽ مان حميد آخوند سان صلاح ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ وياسون، ڇوته پڪي پختي قبر ۽ مٿس ڪوبه سائبان، بهرِ صورت، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي ايراضيءَ ۾ ٺهڻو هو. ڪراچيءَ ويندي، رستي تي مون ۽ جمال صلاح ڪئي ته، "**اياز يادگار ڪاميٽي يا ڪائونسل ٺاهجي.**"

ڪراچيءَ ۾ حميد آخوند سان ملاقات ٿي. چيائين ته، "مزار جي پڪيءَ اڏاوت لاءِ سرڪاري ڪاميٽيءَ کان اجازت وٺڻي پوندي، جنهن جو صدر سنڌ جو چيف سيڪريٽري آهي. **باقي ٺاهڻو اٿوَ ته اڳو پوءِ ڪو فائونڊيشن ٺاهيو.**"

اسان حميد آخوند کان موڪلائي حيدرآباد آياسين. پوءِ اسان جا روزانو ڀٽ شاهه تي پنڌ هئا. جمال رند سيني کان سرگرم هو. هڪ ڏينهن، ڀٽ شاهه تي وياسين، ته هو مون کي ريسٽ هائوس ۾ ويهاري، پاڻ ڪچيءَ قبر جي تعمير لاءِ پنهنجي دوست، مولابخش مير بحر (ڊي.جي.ڊرپ) سان ملڻ ويو. اڪيلائيءَ ۾ مون کي ريسٽ هائوس ۾ آرام ڪونه آيو سو اٿي اياز جي مٽيءَ ڀنوڙي ڏي ويس.

نماشام جي مهل هئي. سانت ۽ سناٽو اهڙو هو جو وڻ جو پن ٿي ڪونه ٿي لڏيو. اياز جي مٽيءَ ڀنوڙي تي گلن جا ڍير ڪڏهوڪو ڪومائجي ويا

هئا. مان چگيءَ چگيءَ دير تائين اتي اڪيلو ئي اڪيلو اپين پيرين بيٺو رهيس. زندگيءَ جا چاليهہ ورهيہ اياز سان گڏ گذريا هئا. سو الائي تہ ڪيترين ڳالهيون ياد آيون. مان اياز سان مخاطب ٿيس ۽ ڪيس اهي ڳالهيون ياد ڏياريم. جيڪي ٻڌي، هو کلي ڏيندو هو. دل ۾ چيم تہ جيڪڏهن ڪنهن وڻ تان ڪو پکي اڏامندو ۽ مٿي لات لنوندو تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو تہ اياز منهنجون ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيو آهي. پر، ائين ڪونہ ٿيو. منهنجي اڪيلائيءَ ۽ اداسائيءَ جو احساس جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. هونئن تہ سانت ۽ سناٽي کي بہ پنهنجي زبان ٿئي ٿي، ليڪن روح تي بار وجهي ٿي. جڏهن پانيم، تہ هاڻي روح ماندو ٿئي ٿو تڏهن لاچار ڳورين وکن سان پوئتي ريسٽ هائوس ڏي موٽيس.

جمال رند بہ موٽي آيو ۽ اسان حيدرآباد ڏانهن واپسيءَ جي تياري ڪئي. موٽر، ريسٽ هائوس مان ٻاهر نڪتي، تہ سانجهيءَ جا اونداها پاڇا ڏاڍا گهاٽا ۽ گهرا ٿي ويا هئا. انهيءَ منهن – اونداهيءَ ۾ مون وري بہ اوڏانهن نهاريو جتي اياز اڪيلوئي اڪيلو مٽيءَ جي مٽن هيٺان پوريو پيو هو. پر، ڪوبہ آواز ٻڌڻ ۾ ڪونہ آيو. البت، پنهنجي اندر ۾ هڪ آواز ٻڌم: ONE TO ONE

❊ ❊ ❊

اهي ٽي لفظ وڏي وزن وارا لڳن ٿا. زندگيءَ جي اصلي حقيقت تہ الائي ڇا آهي؟ ماڻهو هڪ مختصر مدت لاءِ هن دنيا ۾ اچي ٿو. هتان ڪاڏي وڃي ٿو سو معلوم ڪونهي. هت ڇو اچي ٿو اهو بہ معلوم ڪونهي. مذهب، فلسفي ۽ سائنس جا پنهنجا پنهنجا تعبيرَ آهن. انسان جڏهن هن ڌرتيءَ تي شعور جون اکيون کوليون، تہ سڀ کان اول شايد پنهنجي خالق جو سوچيائين، سو مذهب جو بنياد تڏهن ئي پيو. پر، فلسفو ۽ سائنس گهڻو گهڻو پوءِ اسريا، نسريا ۽ زور ورتائون.

موجوده دور ۾ سائنس وڏا وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن. خوردبينيون آهن، جي خاموشيءَ سان رت جي ڦڙي ۾ انسان جي تخليق جو عمل پيون ڳولن. ٻئي طرف ديوَن جيڏيون دوربينيون آهن، جيڪي جاسوسن وانگر، سج، چنڊ ۽ تارن جا پيرا کنيون پيون هلن. رات ڏينهن ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ ۾ راڪيٽن جي گجگوڙ آهي. آسمان ۾ رستا ٺاهي ڇڏيا اٿن.



شیخ ایاز



غلام رباني آگرو شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جويو

ڪي چنڊ تي وڃي لٿا آهن، تہ ڪي مريخ تي. رات جو آسمان جو نظارو ڏس، تہ قدرتي تارن جي وچ ۾ ماڻهوءَ جا ڇڏيل تارا پيا هلن. پنهنجين ئي اکين تي اعتبار ڪونہ ٿو اچي. پر، آهي سڀ سچ، تنهن ڪري مٺو پوي ٿو. سڄو ڪمال سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو ترڪيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال جي مجسمي جي هيٺان لکيل آهي تہ، ”هن دور ۾ ماڻهوءَ جو مرشد، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي آهي.“ مغرب ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا تہ ڏڏڪا آهن. پر، شعر ۽ ادب جو اڳيون قدرُ ڪونهي. البت، اسان وٽ، شعر شاعريءَ جون شمعون اجا اڳي وانگر روشن آهن.

سنڌُ، پنهنجيءَ سموريءَ تاريخ ۾، جيڪو وڏي ۾ وڏو شاعر پيدا ڪيو، سو شاهہ ڀٽائي هو. شخصي اخلاق توڙي شاعرانہ ذات جي لحاظ کان، عظيم انسانُ ۽ عظيم شاعرُ هو. ڪيس هيءَ جهان ڇڏئي، ڀريون تي صديون گذريون آهن، پر، ايڏو ڊگهو عرصو بہ سندس مڃتا ۾ ڪو فرق آڻي ڪونہ سگهيو آهي. مون هندستان ۾ امير خسرو سرمد ۽ غالب جي مزارن تي حاضري ڏني آهي ۽ ايران ۾ حافظ، سعديءَ ۽ فردوسيءَ. پنهنجي ملڪ ۾ علامہ اقبال، خوشحال خان خٽڪ، رحمان بابا ۽ وارث شاهہ جي ابدي آرامگاهن تي حاضري ڏني اٿم. پر، ماڻهن جا ميڙا رڳو شاهہ سائينءَ جي روضي تي آهن. سو ائين ئي چئبو تہ، **”سنڌ ۾ هر دؤر ڀٽائيءَ جو دؤر آهي.“**

هونئن، ويهينءَ صديءَ ۾ بہ سنڌُ وڏا وڏا شاعر پيدا ڪيا. شيخ اياز انهن وڏن نالن ۾ بہ وڏو نالو هو. ڪيس سنڌي زبان تي وڏو مَلڪو هو. اڳتي هلي، جڏهن پنهنجي ڪلام ۾ ڀٽائيءَ جو اصطلاح ۽ استعارو استعمال ڪيائين تہ سونَ تي سهاڳي وارو ڪم ٿي پيو. سندس هڪ مشهور ڪافي آهي:

ٽڙي پوندا ٽارئين،
جڏهن ڳاڙها گُلَ!
تڏهن ملنداسين.

علڻ فقير جڏهن اها وائي، ڀٽائيءَ واري راڳ جي رنگ ۾ ڳائيندو هو تہ اياز جو ڪلام نج سونَ وانگر تجلا ڏيندا هو. ڪنهن بہ ڪلام ۾ رنگ شاهہ ڀٽائي جو هوندو ۽ پيغام سنڌ جو تہ ٻڌندڙ موهجي ويندو. اياز بہ سنڌ جي ماڻهن کي موهي ڇڏيو. خاص ڪري، نئون نسل سندس پرستار ٿي پيو. هڪ

دفعي سکر ۾ جيل مان آزاد ٿيو ۽ پيادل گهر روانو ٿيو. موٽر ۾ ڪونہ چڙهيو جو سندس اردگرد نوجوانن جو وڏو گروهہ ڪيس جلوس جي شڪل ۾ وٺي وڃي رهيو هو. جڏهن اياز وک اڳتي ٿي کنئي، تہ انهن نوجوان پرستارن سندس قدمن جي مٽي کڻي، عقيدت طور پنهنجي نرڙ تي پئي مَلِي.

هاڻوڪي دور ۾ سنڌ جي نئين نسل ايڏيءَ عقيدت جو اظهار تہ پئي ڪنهن بہ عالم، اديب، محقق يا شاعر سان ڪونہ ڪيو آهي. اها ڳالهہ اياز جي غير معمولي ڪاميابيءَ جي نشاني آهي.

اياز جي وفات تي عام ماڻهن بہ جنهن ڏک جو اظهار ڪيو، تنهن جو بہ ڪو مثال ڪونهي. البت مٿيون طبقو يعني زميندار، پير ۽ مير بلاشڪ انهيءَ غم ۾ عوام سان شريڪ ڪونہ هئا. پر، انهن جو عوام سان ڪهڙو واسطو؟ سنڌ سان ڇا سندن واسطو؟ انهن کي تہ هميشہ پنهنجو پيٽ پرڻو هوندو آهي.

جنرل ايوب جي حڪومت ۾ جڏهن اديبن، شاعرن ۽ نوجوان شاگرد اڳواڻن ون يونٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ واريون تحريڪون هلايون، تہ سائين جي.ايم. سيد، پير حسام الدين راشديءَ، هالن جي مخدوم صاحب ۽ ٻئي صاحب کان سواءِ سنڌ جا زميندار پير ۽ مير، انهن ۾ شامل ڪونہ ٿيا. ڇو تہ هو سنڌي اديبن، شاعرن ۽ شاگرد اڳواڻن کي جيتامڙا سمجهندا هئا. ٻئي طرف، جنرل ايوب خان سان پنهنجي وفاداري ثابت ڪرڻ لاءِ وڏا وَسَ ڪندا هئا. سندس دعوتون ڪندا هئا. شڪار ڪرائيندا هئا ۽ لکين رپيا لُٽائيندا هئا. جڏهن اسان جون اهي تحريڪون ڪامياب ٿيون ۽ جنرل ايوب خان جي حڪومت جيتامڙن جي اڳيان اچي گوڏا کوڙيا، تڏهن سنڌ جا وڏيرا، پير ۽ مير وائڙا ٿي ويا. اياز جو هي شعر انهيءَ دور جو ترجمان آهي:

**اڄ لال لهوءَ جي سرگرمي تي، ٿي ڌرتي منهنجي رقص ڪري،**
**منهن هيڊ ٿيا غدارن جا، بيشرم وڏيرن پيرن جا.**

ون يونٽ جي خاتمي وقت، تہ انهن مڙني پوتارن، حيدرآباد ۾ هالن جي مخدوم صاحب جي سول لائينس واري بنگلي نمبر: 3 تي پنهنجي منهن تي دانگي گهمائي ۽ سنڌ جي ماڻهن کان پنهنجن ابن ڏاڏن پاران بہ ون يونٽ جي حمايت جي معافي ورتي هئي. جلسي جي صدارت سائين جي.ايم. سيد

ڪئي هئي. پنهنجي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ لکيو اٿس، ته:

**سردارن، وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ سيدن جو مطلب ذاتي اقتدار ۽ مفاد کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي.**

سنڌ ۾ قوميت جي تحريڪ جو روح روان سائين جي.ايم. سيد هو. پر، شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي، رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي، قاضي فيض محمد ۽ ٻين سمورن قومپرست اڳواڻن جو لڏو به ساڻس گڏ هو. اديبن، شاعرن ۽ شاگرد اڳواڻن جو به سائينءَ سان ساٿ هو. پر منجهن سرفهرست نالو اياز جو هو. جلسن ۾ نعرو لڳندو هو: ”شيخ اياز ـ سنڌ جو آواز“.

1955ع ۾ ون يونٽ به نهيو ۽ ”مهراڻ“ رسالو به نڪتو. اياز سنڌي ادب جي آسمان تي اڀريو. جيڪو شعر چيائين، تنهن سوين چراغ ٻاري ڇڏيا.

* * *

اياز سان منهنجي غائبانه ملاقات گهڻو اڳي ٿي هئي. تڏهن سنڌ ۽ هند تي اڃا انگريزن جي بادشاهي هئي. مان ڏهن ٻارنهن سالن جو ٻارُ هوندس. منهنجي والد بزرگوار کي سنڌي ۽ فارسي ڪتابن ۽ رسالن جو شوق هوندو هو. هڪ دفعي ”مهراڻ“ رسالو آندائين. منجهس شيخ اياز جو گيت: ”هاءِ پرين ياد آيا“ ڇپيل هو. ان باري ۾ اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي جلد ۾ هيئن لکيو آهي:

”مون کان اڳ هوندراج ”دکايل“ ڪجهه گيت لکي چڪو هو ۽ ڪجهه گيت هري دلگير به لکي چڪو هو. مون پهريون گيت ”هاءِ پرين ياد آيا“ ڪراچيءَ جي سنڌي سرڪل جي ڪنهن محفل ۾ پڙهيو هو. لعل چند امرڏنو مل، جيڪو ميڙ جي صدارت ڪري رهيو هو، جهومي اٿيو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ اهو گيت سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيو. تن ڏينهن ۾ ٻاڻ ’مهراڻ‘ جو ايڊيٽر هو. عثمان علي انصاري بورڊ جو سيڪريٽري هو. گيت هن ريت آهي:

رات انڌيري، واءُ تڏيري، اڀ تي تارا ڇايا،
هاءِ پرين ياد آيا.
پوئين پهر فضا گهوماتي، جهلڪي تي ٿي سرد ڏياتي،
ڪاريون ڪاريون هو گهرايون، وٺ ڪائيندي جٺن لهرايون،

دور ڦٽي ٽئن باک پليري، گرجا گهنڊ وڄايا،
هاءِ پرين ياد آيا.

ستت، ”مهراڻ“ جي ٻئي ڪنهن پرچي ۾ سندس ٻيو گيت پڙهيم:

منهنجا پرين!
او بانورا! او سانورا
گهر ۾ گهڙين،
چوري ڪرين، ڪلندو ورين،
مان لک چوان، ٻيرين پوان،
پر جو مڙين، اوشل جڙين!
منهنجا پرين!
او بانورا! او سانورا!!

”مهراڻ“ جو اهو رسالو سنڌي ادبي بورڊ جي 1941ع کان 1951ع واري شروعاتي دؤر ۾ نڪتو هو. ضخامت جي لحاظ کان ننڍو پرچو هوندو هو. انهيءَ ڪلام کان پوءِ اياز جا ٻه نثر جا ڪتاب پڙهيم: هڪ ڪهاڻين جو مجموعو ”سفيد وحشي“ ۽ ٻيو خطن جو مجموعو ”پنهل کان پوءِ.“ ڪهاڻين جي ڪتاب مان برطانوي سامراج کان نفرت جي بوءِ ٿي آئي ۽ خطن جي ڪتاب ۾ رومانيت جي رنگيني چمڪي رهي هئي. ”سفيد وحشي“ ڪتاب تڏهن ڇپيو هو جڏهن اياز اڃا ڪاليج ۾ پڙهندو هو. سندس سڀ سنگتي ترقي پسند خيالن جا هئا. گهڻا هندو هئا، ڪي ٿورڙا مسلمان به هئا. ليڪن سيئي سياسي طرح سرگرم هئا ۽ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ شامل هئا. اياز ان زماني ۾ انقلابي گيت ڇپيا، جيڪي شيخ عبدالرزاق راز جي ڇوڙ موجب، نوجوان شاگردن ۾ ڏاڍا مقبول ٿيا. هن گيت ۾ لفظ ”لوڏ سامراج کي“ ان دؤر جا يادگار آهن:

**ڏوڏ هن سماج کي،**
**لوڏ سامراج کي،**
**ناهه سو نئون نظام،**
**جو چڱو چوي عوام،**
**هي نظام آ خراب، انقلاب،**
**انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ**

اياز بہ انهن ڏينهن ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ کان متاثر ٿيو هو جيڪا سنہ 1932ع ۾ لکنؤ ۾ شروع ٿي ۽ سڄي هندستان تي اثر وڌائين. سيد سبط حسين پنهنجي ڪتاب "شهرِ نگاران" ۾ لکيو آهي تہ:

**"ترقي پسند ادب جي تحريڪ جو مقصد پڙهندڙ کي زندگيءَ جي حقيقتن کان واقف ڪرڻ هو. ترقي پسند ادب زندگيءَ جي ترجماني بہ ڪندو هو ۽ ان تي تنقيد بہ ڪندو هو."**

سنڌ ۾ بہ روس جي سوشلسٽ انقلاب جو اثر پيو. مون ڏهاڪو سالن جي عمر ۾ 1943ع ڌاران سنڌيءَ ۾ هڪڙو ننڍو ڪتابڙو پڙهيو هو. مٿس پيلي رنگ جي سنهي ڪاغذ جو ڪور هو. ڪتابڙو جتي پورو ٿيو اتي **"انقلاب زنده باد" ۽ "دنيا جي مزدورن جو اتحاد ـ زنده باد"** جا نعرا ڇپيل هئا.

پر، خالص ادبي حوالي سان ڏسبو تہ سنڌي زبان ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو ڪتاب "هارين جون ڪهاڻيون" صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند ادب جو پهريون پهريون اهم ڪتاب ليکبو. محمد امين کوسو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، سوڀو گيانچنداڻي ۽ حشو ڪيولراماڻي سنڌ ۾ ترقي پسند خيالن جا مکيہ مبلغ هئا. پر، سوشلسٽ نظريي جو بنياد وجهندڙ شخصن ۾ سرفهرست نالو غالباً جمشيد نسروانجي آهي، جيڪو پارسي مذهب جو هو. ڪراچي شهر جو معمار هو. سنڌ ۾ هاري پارٽيءَ جو آغاز ڪيائين.

محمد امين کوسي سان، جڏهن منهنجي گهري گهاٽي ياري ٿي، تڏهن تمام سخت مذهبي ماڻهو هو. عمر ۾ مون کان گهڻو وڏو هو. پر، مون سان اهڙي سڪ تي ويس، جو ڏهن ويهن صفحن جا خط لکندو هو جن ۾ مولانا **عبيدالله سنڌيءَ ۽ شهيدالله بخش سومري** جو سدائين ذڪر ڪندو هو. ڦوهہ جوانيءَ واري زماني ۾ سندس پير ۽ مرشدُ بلوچستان جو مشهور انقلابي اڳواڻ **يوسف علي خان مگسي** هو جيڪو مذهبي ۽ انقلابي ماڻهو هو پر **اسلامي اشتراڪيت جو مبلغ هو.** ڪوئيٽا واري 1935ع جي زلزلي ۾ فوت ٿيو.

محمد امين کوسو پوئين دور ۾، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي بہ ويجهو هو. ڀٽي صاحب کيس بلوچ سردارن ڏي سياسي مقصد سان موڪليو هو.

مولانا مودوديءَ سان بہ حجائتو هو. محمد امين جي چوڻ تي مان بہ هڪ دفعو لاهور ۾ مولانا مودودي صاحب سان سندس رهائشگاهہ تي مليس ۽ ٽپهريءَ جي نماز گڏ پڙهيم. وٽس ٻيا ماڻهو بہ اڳي ئي موجود هئا. سندس گفتگوءَ جو انداز عالمن وارو ڪونہ هو. سمورو وقت پيپلس پارٽيءَ ۽ ڀٽي صاحب جي خلاف ڳالهائيندو رهيو تہ، ”سنڌ ۾ ڪيس ڪير ڪونہ ٿو پڇي، پنجابي احمق آهن. جيڪي سندس پٺيان هلن ٿا.“ تڏهن اجا يحيٰ خان واريون چونڊون ڪونہ ٿيون هيون، سو ڪيس سنڌ ۾ پيپلس پارٽيءَ جي طاقت جو اندازو ڪونہ هو. محمد امين کوسو ساڻس ڏاڍي طنزيہ انداز ۾ ڳالهائيندو هو تڏهن بہ پاڻ سخت مذهبي ماڻهو هوندو هو پر هندستان جي مشهور سوشلسٽ شاعر اسرارالحق مجاز سان پوءِ بہ محبت هئس. سوشلسٽ انقلاب بابت مجاز جي هيءَ مصرع سيپ ڪان اول ڪانئس ئي ٻڌم:

*گذر بھی جا کہ تیرا انتظار کب سے ہے*

سنڌ جي نڌهوڪن ترقي پسند اديبن ۾ حشو ڪيولراماڻي وڏو نالو هو. حشو مون ڪونہ ڏٺو پر، سندس ڪيئي ڳالهيون سائين جي.ايم. سيد کان ٻڌم. 1947ع ۾ ورهاڱو ٿيو. حشو سنڌ ڇڏي، هند نٿي ويو. زور زبردستيءَ سان ٽڙي ڪيدپائونس. هندستان ۾ دهليءَ ۾ گهر ڪري ويٺو ۽ روزانہ انگريزي اخبار ”هندستان ٽائمز“ ۾ سٺي عهدي تي هو. سنڌ جا چونڊ سنڌي افسانا انگريزيءَ ۾ ڇپايائين، منجهن منهنجو افسانو ”بري هن ڀنڀور ۾“ بہ شامل ڪيائين. جيڪو پوءِ چينين پنهنجي رسالي ”شرجئي ويٽشو“ ۾ ترجمو ڪري ڇاپيو ۽ ان کي دنيا جي چونڊ ادبي شهپارن ۾ شامل ڪيو. ”شرجئي ويٽشر“ چيني زبان جو لفظ آهي، معنيٰ اٿس ”دنيا جو چونڊ ادب.“ حشوءَ کي افسانو اهڙو ڪو وڻي ويو جو مون سان پرپٺ ياري رکيائين. دهليءَ مان خط پٽ لکندو هو. منهنجو يار ٿي ويو.

ڪامريڊ عبدالقادر انڍڙ ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تہ اسان سيني جا بزرگ هئا. منهنجو ڳوٺائي، هالاڻيءَ وارو قاضي فيض محمد. قادر بخش نظاماڻي ۽ ارباب نور محمد پليجو بہ ساڳئي چمن جا ٻوٽا هئا. قادر بخش نظاماڻي بنيادي طرح ”بلوچ قومپرست“ هو. مياڻيءَ جي جنگ تي ڪتاب لکيو هئائين. انگريزن جي بادشاهيءَ ۾ لطف الله گجراتيءَ جي روزنامچي

تان سنڌ جو احوال ترجمو ڪيائين، جو پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ”سنڌ جو سفر“ نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيو جيڪو ننڍو پر اهم ڪتاب آهي.

قادر بخش مون سان ڇڱو گهرو گهاٽو هو. هڪ پيري ڪراچيءَ ۾ بلوچ قومپرست شاعر، گل خان نصير جي دعوت ڪيائين، جنهن ۾ فقط مون کي سڏيائين. اسان کي روسي بدڪون کارايائين ۽ ريڊ وائين پيارپائين. گل خان وري اسان کي ”اي بلوچان هوشيار اي تيره روچان هوشيار“ نظم ٻڌايو. قادر بخش نئينپڻ ۾ ماسڪو مان ٿي آيو هو. ڪميونسٽ خيالن جو هو. پر، انتها پسند ڪونه هو. اڪبر بگٽيءَ سان گڏجي لنڊن ويو. مون کي سفر دوران بغداد مان خط لکيائين. پوءِ لنڊن مان لکندو هو. لنڊن ۾ ڪافي وقت رهيو. پوين ڏينهن ۾ محمد امين کوسي وانگر سخت مذهبي ماڻهو ٿي ويو هو. ٻه ٽي سال ٿيا ته وفات ڪري ويو آهي.

هاڻي اهو سڄو چمن اهڙو ته اجڙي ويو آهي، جو ائين ڪٿي ڇئجي ته ”پٽي ڪٿي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي“ وارو حال اٿس. هن وقت سنڌ ۾ ان دؤر جو معتبر شاهد فقط هڪڙو بچيو آهي، سوبو گيانچنداڻي. پنهنجي ڪتاب ”وڏي وٽ هئام“ ۾، محمد امين خان کوسي بابت لکيو اٿس ته:

> ”محمد علي جوهر جو شاگرد، ڪميونسٽ ۽ ڪانگريسي هو. منهنجي ساڻس واقفيت 1941ع ۾ ٿي. سنڌ زميندار هوٽل، ڪراچيءَ ۾، مستقل مهمان طور رهندو هو. مون ان زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪنهن معمولي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو هو. سو حڪم مليو ته محمد امين کوسي وٽ حاضر ٿيان. نومبر جي هڪ شام جو مان هوٽل ۾ سندس ڪمري ۾ پهتس. پيار ۽ عزت سان اٿي مليو. هڪ ٽيبل تي رکيل چانهه جي سامان طرف وٺي هليو جتي ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ مختلف قسمن جا سُڪا ميوا پليٽن ۾ موجود هئا. مان اچا وينس ئي مس، ته پروفيسر آصف جاهه ڪارواڻي، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ عبدالقادر انڊڙ ۽ ٿهلراماڻي به اچي وارد ٿيا.

مون کي خيال آيو تہ هي سمورا شخص شايد -UNDER) GROUND) زيرِ زمين ڪميونسٽ پارٽي آف سنڌ جا اڳواڻ آهن. ڳالهہ جي شروعات پروفيسر ڪارواڻيءَ ڪئي، تہ تو شاگرد فنڪشن اندر حشو ڪيولراماڻيءَ سان دوستي توڙڻ کان نابري واري آهي، ان ڪري توکي جواب ڏيڻ لاءِ پارٽي ٽربيونل آڏو گهرايو ويو آهي.

مون چيو تہ مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو باقاعده ميمبر ناهيان. پاڻ کي توهان جي آڏو جوابدار مڃڻ کان انڪار ٿو ڪريان. مان صرف پارٽيءَ جو هڪ همدرد آهيان ۽ شاگردن جي تحريڪ ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ جي ڪردار ۽ پيش رفت کان متاثر آهيان. مان سمجهان ٿو تہ حشوءَ سان وڙهي توهان پنهنجي تحريڪ کي هرج پهچائيندؤ.

مان بعد ۾ محمد امين کوسي سان ست مهينا سکر جي جيل ۾ گڏ رهيس، تہ معلوم ٿيو تہ محمد امين کوسو خود بہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو تابعدار قسم جو رڪن نہ هو. آزاديءَ سان ان وقت جي ناميارن آل انڊيا ليڊرن، جوشيءَ ۽ ڊاڪٽر اڌيڪاريءَ سان بحث مباحثا ڪري چڪو هو. شاعرن ۽ دانشورن ۾ سندس دوستي مخدوم محي الدين (حيدرآباد دکن) ۽ اسرار الحق مجاز (لکنويءَ) سان هئي.

سکر جيل ۾ تقريبن چار پنج سؤ سياسي قيدي ۽ اٽڪل ٽي چار سؤ اخلاقي قيدي موجود هئا. اسان کي جيل ۾ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي هئي. جيل ۾ موجود اڳواڻن جيڪي اسٽڊي سرڪل ورتا، تن ۾ محمد امين کوسي پڻ ڪميونسٽ تحريڪ تي هڪ بہ ليڪچر ڏنا.“

سوڀي جو ڪتاب تمام ڪارائتو آهي، پر مختصر آهي. ”اديبن جي ترقي پسند تحريڪ“ جو تہ منجهس احوال ملي ئي ڪونہ ٿو. سوڀي کي نهيءَ تحريڪ بابت هڪ جامع (COMPREHENSIVE) ڪتاب لکڻ کپندو هو، جو تہ هاڻي فقط هو ئي هن ملڪ جي گهڻن اهم تاريخي واقعن جو معتبر

شاهد آهي، پر، افسوس آهي جو ڪافي عرصي کان زندگي مٿس نهايت نامهربان رهي آهي. اهو سندس ئي بلند حوصلو آهي، جو هو وقت سان گڏ اڳتي رڙهندو رهي ٿو. خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏئي! ”وڏي وٽ آهين، ڀاروچا ڀنڀور ۾.“

※ ※ ※

**”ترقي پسند ادب جي تحريڪ“** جو بنياد سيد سجاد ظهير وڌو هو. بلڪ، ڪانئس بہ اڳ، اختر راءِ پوريءَ اهڙن خيالن جو اظهار پنهنجي افسانن جي ڪتاب ۾ ڪيو هو.

سيد سجاد ظهير ان جو منشور لنڊن مان شايع ڪيو هو. روس ۾ آڪٽوبر 1917ع واري ”سوشلسٽ انقلاب“ جي اثر ڪري، گهڻن ئي ملڪن ۾ ”آڪٽوبر ڪلب“ نهيا. سيد سجاد ظهير هڪ آسودي گهر جو فرد هو. لنڊن ۾ پڙهندو هو اتي ”آڪٽوبر ڪلب“ جو ميمبر ٿيو. 1936ع ۾ جڏهن هندستان موٽيو تہ بئريسٽر بہ هو ۽ سوشلسٽ بہ هو. سندس ڪتاب ”روشنائي“ مشهور آهي.

هن سنہ 1935ع ۾، لنڊن ۾ پنهنجن ڪن ساٿين سان گڏجي ”ترقي پسند اديبن جي تحريڪ“ جو بنياد وڌو. 24 نومبر 1934ع تي شام جو پهرين ميٽنگ لنڊن جي نانچنگ هوٽل ۾ ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر جيوتي گهوش، ڊاڪٽر ملڪ راج آنند، پرمودسين گپتا، ڊاڪٽر دين محمد تاثير ۽ سيد سجاد ظهير شامل ٿيا. ان باري ۾، فيض احمد فيض پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو آهي تہ، ”منهنجي سوشلزم سان شناسائي ٿي تہ لينن ۽ ٻين جا ڪتاب پڙهيم. انجمن ترقي پسند مصنفين ٺهي، تہ ان ۾ شريڪ ٿيس.“

سيد سجاد ظهير ترقي پسند تحريڪ جو صحيح معنيٰ ۾ باني هو. سندس والد سر سيد وزير حسين هڪ ڪامياب بيريسٽر هو. اَوڌَ جي چيف ڪورٽ جو چيف جج ٿيو. سندس سڀ ٻار لنڊن ۾ پڙهندا هئس. سجاد ظهير بہ بئريسٽري لاءِ اتي ويو هو.

سبط حسن فيض جو ساٿي هو. سوشلسٽ هو. منهنجي ساڻس ملاقات، سٺ واري ڏهاڪي ۾، لاهور ۾ ٿي، فيروز سنز جي مال روڊ تي ڪتابن جي دڪان ۾ ملازم هو. پنهنجي ڪتاب **”شهرِ نگاران“** ۾ لکيو اٿس تہ: ”ورهاڱي

تائين، علي سردار جعفري، حيات الله انصاري، احمد نديم قاسمي، قتيل شفائي، پروفيسر احتشام حسين چغتائي، ظهير ڪاشميري، راجندر سنگهہ بيدي، خواجہ احمد عباس، پروفيسر ممتاز حسن، ساحر لڌيانوي، مجنون سلطانپوري ۽ مرزا اديب پڻ تحريڪ سان وابستہ ٿي چڪا هئا.“

ائين بہ لکيو اٿس تہ ”مولوي عبدالحق، حسرت موهاني، رابندر ناٿ ٽئگور، منشي پريم چند، سروجني نائڊو، قاضي عبدالغفار، نياز فتحپوري، جوش مليح آبادي، عبدالمجيد سالڪ، صوفي غلام مصطفيٰ تبسم، مولانا چراغ حسن حسرت، غلام رسول مهر، فراق گورکپوري ۽ مجنون گورکپوريءَ بہ ترقي پسند ادب جي تحريڪ جو خيرمقدم ڪيو هو. بلڪ، اديبن جي انهيءَ صف ۾ ڊاڪٽر رشيد جهان ۽ سعادت حسن منٽو بہ شامل هئا.“

فيض احمد فيض، اڳتي هلي، شاعر جي حيثيت ۾ ڏاڍو چمڪيو. هندستان ۽ پاڪستان جي ادبي حلقن ۾ سندس سحر اجا تائين قائم آهي. جيڏو وڏو شاعر هو اوڏو وڏو انسان هو. ايڪيڊمي آف ليٽرس جو پهريون چيئرمن ايڊمرل شفيق الرحمان سندس دوست هو. فيض سان ٻيءَ مهاڀاري لڙائي ۾ فوج ۾ شامل ٿيو هو. مون سان سندس ڳالهيون ڪندو هو. سوشلسٽ نظريي وارو ماڻهو عام طرح مذهب کان پرڀرو سمجهيو ويندو آهي، پر، فيض وفات کان اڳ پنهنجي پاڙي واريءَ مسجد جي مرامت ڪرائي هئي.

فيض کي مون پهريون ڀيرو 1945ع ۾ ڪراچيءَ جي اسلاميہ ڪاليج ۾ ڏٺو هو. مون کي نورالدين سرڪي ساڻ وٺي ويو هو. محفل ۾ پهريائين حبيب جالبَ سندس هڪ غزل ترنم سان پڙهيو پوءِ فيض سامعين کي پاڻ پنهنجو ڪلام ٻڌايو.

گهڻا گهڻا سال پوءِ، پير سائين حسام الدين راشديءَ جي چوڻ تي حيدرآباد جي مرڪزي اردو بورڊ جي آفيس ۾، مون ئي فيض جي مانَ ۾ جلسو ڪرايو هو جنهن ۾ پليجي سندس ڏاڍي ساراهہ ڪئي ۽ چيو تہ ”سائين، اوهان اسان وٽ هلي آيا، تہ زندگيءَ جو هڪ خواب پورو ٿيو.“

مان فيض کي مير صاحب جي گهران ئي جلسي ۾ وٺي آيو هئس. فيضُ، مير علي احمد خان ٽالپر جو گهرو دوست هو جيڪو پاڻ بہ ادب جو نهايت نفيس ذوق رکندو هو. مون سان محبت ٿي ويس. ڊفينس منسٽر هو.

تڏهن بہ خط پَٽُ لکندو هو. حيدرآباد ايندو هو تہ آسپاس وارن دوستن جي دعوتن ۾ بہ گڏ وڃي ويندو هو.

جڏهن فيض وفات ڪري ويو تہ مان اسلام آباد ۾ هئس. سندس تڏي تي حاضري ڏيڻ لاءِ مرڪزي سيڪريٽري تعليم، سعيد قريشيءَ کان لاهور وڃڻ جي موڪل گهريم. چيائين تہ، "اوهان ضرور وڃو ۽ سندس تدفين ۾ سرڪار جي نمائندگي ڪريو."

مان اسلام آباد منجهان رات جو لاهور فيض جي گهر پهتس. ٻئي ڏينهن فيض جي اهليہ ايليس مون کي فيض جي هڪ پياري تصوير پنهنجي نالي جي پئڊ - پيپر تي پيسٽ ڪري، تحفي طور ڏني، جيڪا مون وٽ اجا محفوظ آهي.

ايليس فيض جرمن نسل جي هئي. سندس ڀيڻ ڊاڪٽر تاثير سان پرڻيل هئي. مون ايليس ٻهريون دفعو ڪراچيءَ ۾ فيض سان گڏ، "راڪ هائوس" واريءَ راڳ جي ماهيانيءَ محفل ۾ ڏٺي، جتي ڪراچيءَ جا ڪيئي ممتاز ماڻهو ايندا هئا. سائين جي.ايم. سيد بہ انهيءَ محفل ۾ شريڪ ٿيندو هو. سشيلا مهتاڻي ڪافيون ڳائيندي هئي. جوان ۽ خوبصورت خاتون هئي. شهيد حسين سهروردي مٿس مست هو.

فيض جي جنازي نماز لاهور جي هڪ پارڪ ۾ ٿي. بيشمار اديب، شاعر ۽ صحافي آيا هئا. پنجاب جا وڏا وڏا سياسي اڳواڻ پڻ ادب ۽ احترام سان صفون ٻڌي بيٺا هئا. نماز پوري ٿي. سلام ورايوسون. ڏٺم تہ منهنجي ساڄي پاسي پنجاب جو مشهور اڳواڻ، ميان ممتاز دولتانہ بيٺو هو.

اياز جي جنازي نماز ڀٽائيءَ جي روضي جي ويرانڊي ۾ ٿي، پر، سنڌ جو ڪوبہ ننڍو وڏو ليڊر، وڏيرو يا پيرُ ۽ ميرُ ان ۾ شريڪ ڪونہ ٿيو.

**سنڌ ۽ پنجاب جي شعور ۾ ايترو فرق آهي!**

❊ ❊ ❊

اياز فيض کان تڏهن ئي متاثر ٿيو هو جڏهن اجا مئٽرڪ ۾ پڙهندو هو. آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي جلد ۾ لکيو اٿس تہ، "**مان مئٽرڪ کان پوءِ فيض جو "نقشِ فريادي" پڙهي چڪو هوس ۽ ڪافي متاثر ٿيو هوس.**"

فيض جي شاعريءَ ۾ ڏاڍي نرمي آهي. جڻ تہ گلاب جي گلن تي

ماڪ جا ٽڙا. پر، اياز ترقي پسند خيالن جو شعلہ نوا شاعر هو. توڙي جو پاڻ نڪي تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل هو ۽ نہ وري ڪانگريس ۾. هو سياسي لحاظ کان ايم اين راءِ کان متاثر هو جنهن جي پوئلڳن جو ٽولو شروع ۾ ”ليگ آف ريڊيڪل ڪانگريس مين“ ڪوٺبو هو. ليڪن، ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي سوال تي ڪانگريس سان اختلاف ٿي پين، تہ پوءِ ”ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽي“ ٺاهيائون. سنڌ ۾ جويو صاحب ۽ شيخ اياز ٻئي ڄڻا ايم اين راءِ جا پوئلڳ هئا. اياز انهيءَ ڳالھہ جو اعتراف ڪندي لکيو آهي تہ:

”آڳي قدم پريس ڪامريڊ احمد جيواجيءَ جي هٿي، جو مون ۽ جويي سان گڏ، ايم اين راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو ميمبر هو. سنڌ ۾ صوبائي اليڪشن هئي، ڪامريڊ عبدالغفور عمرڪوٽ مان وساڻ جي خلاف بيٺو هو.

اسان تن ڏينهن ۾ دنيا ڦيرائڻ جا خواب لهي رهيا هئاسين. ايم اين راءِ جيتوڻيڪ اسٽالن کان مايوس ٿي چڪو هو پر، اسان بہ هن وانگر جاگيرداريءَ ۽ سرمايہ داريءَ جا سخت دشمن هئاسين، ان ڪري مان، ابراهيم جويو ۽ ڪامريڊ وياس عمرڪوٽ وياسين ۽ سڄو ڏينهن هارين ۾ تقريرون ڪيوسين. مون هنن کي پنهنجو نظم ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ“ وري وري ٻڌايو.“

* * *

1947ع ۾ انگريز هليا ويا. هندستان ۽ پاڪستان بہ آزاد ملڪ ٿيا. انهيءَ کان پوءِ ڪيترا سال اياز جي ڪابہ سياسي تحرير سنڌ جي عوام جي اڳيان ڪانہ آئي. ان دؤر ۾ پاڻ پنهنجيءَ ادبي دلچسپيءَ ۽ سرگرميءَ بابت هيئن لکيو اٿس:

”1949ع ۾ مان ڪراچيءَ کان سکر آيس، تہ منهنجون ادبي سرگرميون اردوءَ ۾ وڌي ويون. ڇو تہ منهنجا سنڌي دوست، جي شاعر ۽ اديب هئا، سڀ هندو هوندا هئا. سوڀي کان سواءِ سڀ هندستان هليا ويا.“

اياز جون اردوءَ ۾ دلچسپيون وڏي ويون تہ پنهنجي اردو ڪلام جو ڪتابڙو پنهنجي خرچ تي ڇپايائين. جنهن جو نالو هو: "بوئے گل نالۂ بلبل" پر، اردو ادبي حلقن ۾ ان جو ڪوبہ قدر ڪونہ ٿيو. اياز مايوس ٿيو. سو گهڻو گهڻو اڳتي هلي، جيڪو نظماڻو نثر لکيائين، تنهن ۾ اردوءَ تي طنز ڪندي لکيائين تہ: **"عيد جو ڏينهن آهي، منهنجو پٽ منهنجيءَ قبر تي اردوءَ ۾ دعا گهري رهيو آهي."**

جڏهن وائيس چانسيلر ٿيو تہ اڳوڻي تلخ تجربي ۽ متئين نظماڻي نثر لکڻ کان پوءِ بہ وري پنهنجي چونڊ سنڌي ڪلام جو اردوءَ ۾ پاڻ ترجمو ڪرائي، سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڪتابُ ڇپايائين. ليڪن، اردو ادبي حلقن ۾ ان جي بہ پذيرائي ڪانہ ٿي. مون کيس مشورو ڏنو تہ "ڪن چونڊ سنڌي شاعرن جو ڪلام پڻ پنهنجي ڪلام سان گڏ ڇپاءِ." پانيم تہ جيڪڏهن هو ائين ڪندو تہ شايد ڪتاب کي انهيءَ ڪري اهميت ملندي، تہ "اهو سڄيءَ سنڌ جي موجوده برک شاعرن جو چونڊ ڪلام آهي." پر، هن انهيءَ ڳالهہ تي توجهہ ڪونہ ڏنو. وري بہ فقط پنهنجوئي چونڊ ڪلام پنجابي زبان ۾ ترجمو ڪرائي، يونيورسٽيءَ کان ڪتاب ڇپايائين. ليڪن، انهيءَ جو بہ ڪو قدر ڪونہ ٿيو. البت، سندس سمجهدار دوستن کي سندس مزاج جو پتو پئجي ويو.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، اياز جو ڇپيل نثر يا نظم ترقي پسند ادب جي نظرين جو ترجمان هوندو هو پر پاڪستان کان پوءِ اياز جي پهرئين "اردو ڪتابڙي" ۾ بہ ترقي پسند ادب جو ڪو اولڙو نظر ڪونہ ٿو اچي.

سوڀو هندو آهي، اياز کان وڌيڪ سندس هندو ساٿي هندستان لڏي ويا. سوڀو ۽ محمد ابراهيم جويو پاڪستان کان اڳ بہ ترقي پسند خيالن جا هئا ۽ هاڻي بہ آهن. اياز جا جهونا دوست بہ آهن. هو ئي ان ڳالهہ جا شاهد آهن، تہ اياز پاڪستان ٺهڻ کان اڳ تہ **ترقي پسند ادب** ۾ ايڏي دلچسپي وٺندو هو جو اليڪشن جي جلسن ۾ ويندو هو ۽ انهن ۾ انقلابي گيت ڳائيندو هو. ليڪن، **پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جڏهن سوشلسٽ خيال جا ماڻهو سرڪاري عتاب هيٺ آيا،** تڏهن سندس سوچ ۾ سوشلزم جي خلاف

اوچتو اهڙو ڦيرو آيو جو پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جي ٽئين جلد ۾ سوشلزم تي ٽوڪ ڪندي، لکيو اٿس:

"الهه وڏائي چيو ته: اسان جا دوست جهنگ جا جانور هوندا آهن. هڪ نور مري ويندو آهي ته سڀ نور ڪٺا ٿيندا آهن، پٽيندا آهن ۽ مٽي کي مٿي هٽندا آهن. پوءِ مئل نورُ کي کڏ کوٽي پوريندا آهن، ان ڪري چوندا آهن ته نور ماڻهوءَ جو ڪريل آهي. نور ماکي لاهيندو آهي. پيچ اپو ڪندو آهي، ته مکيون پڄي ونديون آهن."

"ڪامريڊ نور"، مون چپن ۾ چيو "هو ته بلڪل بالشيوڪ ٿو لڳي."

* * *

درحقيقت، اياز جي سياسي سوچ جو صحيح مطالعو ته مستقبل ۾ سندس "منصف مزاج" سوانح نگار ئي ڪري سگهندو. پر، هت اهڙي ئي ٻي ڳالهه به غور طلب آهي، جا پڻ سندس سوچ ۽ ذهني ارتقا سان تعلق رکي ٿي.

اياز زندگيءَ جي پوئين پهر ۾ نظماڻي نثر ۾ ڪي دعائون لکيون، جن جو مجموعو "تون چپر، تون چانو" نالي شايع ٿيو. انهيءَ کي پڙهڻ سان ماڻهو محسوس ڪري ٿو، ته پاڪستان نهڻ کان پوءِ، هن پنهنجن اڳوڻن انقلابي نظرين، سوشلسٽ ۽ قومي خيالن کي ترڪ ڪري ڇڏيو. ليڪن، 1955ع ۾ ون يونٽ واري زماني ۾ ته پاڻ هڪ سنڌ دوست ۽ ترقي پسند شاعر جي حيثيت ۾ ئي اڀريو هو. سندس مخالفن ڪيس "ڪارو ڪافر"، "پاڪستان جو دشمن"، "هندستان جو ايجنٽ" ۽ "دين جو دشمن" قرار ڏنو ۽ انهن ئي الزامن هيٺ، مٿس تهمتون مڙهي، ڪيس ڪيئي دفعا جيل ۾ وجهايو هو. سو اياز جي زندگيءَ جي پوئين پهرَ ۾، سندس دعائن جو ڪتاب شايع ٿيو ته ائين لڳو جڻ ته اياز نئين سر ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو آهي. نه رڳو ايترو پر هن پاڻ پنهنجن اڳوڻن دوستن تي طنز ڪئي، ته هو مٿس رڳو ان ڪري چڙيا آهن، جو هاڻي پاڻ دين ايمان جي روشنيءَ سان منور ٿيو آهي.

مان اياز کي وڏو عرصو گهڻو ويجهو رهيو آهيان. زندگيءَ جي پوئين پهر ۾ هو جسماني طرح هيٺو ۽ ذهني طرح اباڻڪو ٿي ويو هو. سندس پراڻا

دوست ڪيس ڇڏي ويا هئا. نوجوان نسل تہ سنڌ يونيورسٽيءَ واري زماني ۾ ئي ڪانئس دور ٿي ويو هو. سو انهيءَ مايوسيءَ واريءَ ذهني ڪيفيت ۾ هن مذهب جو سهارو ورتو هجي، تہ عجب ڪونهي. پر، شرعي لحاظ کان دين اسلام جي پيروي پوءِ بہ ڪونہ ڪندو هو. نماز ڪونہ پڙهندو هو. روزو ڪونہ رکندو هو. زڪوات ڪونہ ڏيندو هو ۽ غريب غربي کي خيرات ڪونہ ڏيندو هو. حج تي ڪونہ ويو.

فيض تہ پنهنجي آبائي شهر ۾ پاڙي واريءَ مسجد جي مرامت ڪرائي. اياز تہ شڪارپور ۾، پنهنجي پاڙي واري اسڪول يا اسپتال جي بہ سار سنڀال ڪانہ لڌي. تاهم، اسان کي سندس دعائيہ شاعريءَ جي معاملي تي انصاف سان سوچڻ گهرجي. مُلن وانگر امالڪ فتويٰ جاري ڪرڻ نہ کپي.

سيرت جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضرت عليءَ عہ جو ڪنهن ڪافر سان مقابلو ٿيو. ڪيس دسي، سندس سيني ۾ خنجر هنيائين، تہ هن ڪلمو پڙهيو. جڏهن حضور پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ وسلم کي اهو اطلاع مليو تہ حضرت عليءَ عہ کان پڇا ڪيائون. هن چيو تہ، ”حضور، هن ڊپ کان ڪلمو پڙهيو.“

حضور صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن فرمايو تہ: ”علي، تو سندس سينو چيري ڏٺو هو؟“

نيتن جو مالڪ فقط خدا آهي. سو جيڪڏهن شيخ اياز خلوص دل سان مذهب ڏانهن مائل ٿيو هجي، تہ ان ۾ حيران ٿيڻ نہ گهرجي. اياز جي فرزند، ڊاڪٽر سليم مون کي ٻڌايو تہ ”چاچا، هڪ ڀيري بابا کي دل جو دورو پيو. اسان کيس اسپتال ۾ داخل ڪيو. ELECTRO-CARDIOGRAM (ECG) تي هلندي هلندي، ڏگهي ليڪ اچي وئي، جنهن جو مطلب اهو ٿيو تہ دل پنهنجو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. اهو ڏسي مان روئندي، ڪمري مان ٻاهر نڪتس. مون سان گڏ جيڪو ٻيو ڊاڪٽر بيٺو هو سو ڊوڙندو ٻاهر آيو ۽ مون کي ٻانهن مان جهلي، واپس ڪمري ۾ وٺي ويو. ELECTRO-CARDIOGRAM وري نارمل نموني هلي رهيو هو. جڏهن بابا چاڪ ٿيو تہ اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو.“

مان اياز جي فرزند ڊاڪٽر سليم کي تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هو اڃا ٻار هو. سليم گفتار توڙي ڪردار ۾، نهايت مهذب انسان آهي، هن جيڪا

ڳالهہ ڪئي آهي، سا، سورنهن آنا صحيح هوندي. مان پانيان ٿو تہ پنهنجي پٽ کان اهو واقعو ٻڌڻ ۽ ٻيا اهڙا مشاهدا ماڻڻ کان پوءِ اياز مذهب ڏي مائل ٿيو هجي، تہ ان ۾ حيرت ٿيڻ نہ گهرجي.

بهرحال، وقت جي گذرڻ سان جڏهن مستقبل جو نقاد، اياز جي ڪلام ۽ پيغام کي معروضي (OBJECTIVE) انداز سان پرکيندو تڏهن هو صحيح رايو ڏئي سگهندو تہ اياز وقت ۽ واءَ کي ڏسي، پنهنجا خيال ۽ نظريا قائم ڪندو هو پر، پوءِ بہ اياز جو هر عقيدتمند اها راءِ قائم ڪرڻ ۾ حق بجانب هوندو تہ هر مفڪر کي اهو حق حاصل آهي تہ هو ڪنهن بہ داخلي يا خارجي واردات کان متاثر ٿي، پنهنجا خيال ۽ رايا بدلائي تہ پوءِ اياز کي بہ اهو حق حاصل آهي، تہ هو پنهنجا سياسي ۽ نظرياتي عقيدا بدلائي، مثال طور علامہ اقبال، پنهنجي شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ ترانو لکيو:

سارے جہاں سے اچھا ہندستاں ہمارا

هن اڳتي هلي، انهيءَ نقطي نگاهہ کي رد ڪري لکيو تہ:

چین و عرب ہمارا، ہندستاں ہمارا
مسلم ہیں ہم، وطن ہے سارا جہاں ہمارا

ابوالڪلام آزاد جيڏو وڏو ليڊر هو، اوڏو عظيم انسان هو. هن پڻ پنهنجي ڪيريئر جو آغاز هڪ مسلمان مبلغ وانگر ڪيو ليڪن، آخر ۾ هندستاني قومپرستيءَ جو نقيب ٿي ويو.

سو جيڪڏهن اياز جي سوچ بہ ارتقائي مرحلن مان گذرندي رهي، تہ ان ۾ حيرت جي ڳالهہ ڪانهي. نہ وري ڪنهن کي مٿس لقب لڳائڻ ۽ فتوي ڏيڻ جو حق آهي. هر باشعور انسان جي سوچ ارتقائي مرحلن مان گذرندي آهي.

* * *

اياز جي رومانوي (ROMANTIC) ادب ۾ دلچسپي پاڪستان ٺهڻ کان اڳي ٿوڻي پوءِ قائم رهي. ان ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو. اياز جي سوچ کي سمجهڻ لاءِ اها ڳالهہ بہ اهم آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس پهريون ڪتاب "پنهل کان پوءِ" سکر

مان"حبيب پبليڪيشنس" شايع ڪيو جنهن جو روح روان شيخ عبدالرزاق راز هو. اياز سان گڏ ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو. اياز سان سندس معاصرانہ نوڪ جهوڪ مڙئي هلندي رهندي هئي. هونئن، سندس دوست هو ۽ پري جو مائٽ پڻ. مان جڏهن بہ سکر ويندو هئس تہ دعوت ڪندو هو، جنهن ۾ اياز ۽ تنوير بہ شريڪ ٿيندا هئا. جڏهن ماهنامي "نئين زندگي" ۾ ملازم هئس، تہ مٿس زور وجهي، ڪانئس سنڌي ادبي سنگت جي پاڪستان کان اڳ واري ابتدائي دؤر بابت مضمون لکائي، رسالي ۾ قسطوار شايع ڪيم.

اياز جي ڪتاب "پنهل کان پوءِ" ۾ خط آهن، جيڪي اختر شيرانيءَ جي خطن وانگر، ڪنهن خيالي محبوبہ ڏانهن لکيل ڪونہ آهن. انهن جي مخاطب شڪارپور جي هڪ خاتون هئي. مون هڪ دفعو ڪراچيءَ جي ايس ايم لا ڪاليج ۾ ڏٺي هئي. ڪنهن شاگرد سان ڳالهائي رهي هئي. منهنجي ساٿيءَ ڪن ۾ سرپاٽ ڪيو: "روشن اها ئي." شڪل صورت ۽ قد بت جي لحاظ کان روشن هڪ وجيهہ ۽ باوقار خاتون هئي. پر، خالص نسوانيت جي خيال کان منجهس ڪابہ غير معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي. ڪيس ڏسي پراڻو پهاڪو ياد ٿي آيو تہ: "ليليٰ کي مجنونءَ جي اکين سان ڏسجي."

چڱو عرصو ٿيو جو مرحومہ روشن جي هڪ رشتيدار جو هڪ مضمون پڙهيم، جنهن مان ائين ٿي لڳو تہ اياز پنهنجي پيار ۾ سچو ڪونہ هو. حقيقت ائين ڪانهي. اهو اياز تي بهتان آهي. اياز انهيءَ خاتونءَ جو هميشہ ڏاڍيءَ سِڪ سان ذڪر ڪندو هو. سندس نالو وٺي، هڪ غزل بہ چيو اٿس، جنهن جو هيءُ شعر تہ خاص طرح توجهہ طلب آهي:

**ائين چو دور ۾ مجبور آهيون، گرچہ چاٽون ٿا،**
**تہ مان هان زندگي تنهنجي ۽ تون آن زندگي منهنجي.**

اياز کي انهيءَ خاتونءَ سان دلي پيار هو پر، حق جي ڳالهہ ڪبي تہ سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي محدود پڙهيل ڪڙهيل عورتن وانگر، روشن کي بہ اول موٽر ۽ بنگلو کپندو هو. جيڪو اياز جهڙي تڏهوڪي سُڃي سِرَ وٺ ڪونہ هو. عشق بعد جي ڳالهہ هئي. اياز "پنهل کانپوءِ" ڪتاب ۾ پاڻ روشن کي اهي ميارون ڏنيون آهن.

سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي پڙهيل ڪڙهيل ۽ خوبصورت ۽ ذهين خواتين سان شاديءَ جي خواهشمند مردن جي ڪمي ڪانهي، ان ڪري، هو ان ڳالهه جو پورو پورو فائدو وٺنديون آهن. اول ڪين پاڻ ڏي مائل ڪنديون آهن. ذاتي مطلبن لاءِ استعمال ڪنديون آهن. ڪائنن سڀ ڪم وٺڻ کان پوءِ، هٿن جون ليڪون ڏسڻ بدران سندن "بئنڪ بئلنس" ڏسنديون آهن ۽ اهو به پڇي پڪ ڪنديون آهن ته، "اوهان کي ڪو بنيءَ بارو يا باغ به هوندو؟"

انهن ڳالهين جي پڪي خاطري ڪري، ڪنهن ڏگهي قد واري مرد جي ڳچيءَ ۾ لوڪ ڪهاڻيءَ جي "حسن پريءَ" وانگر وڃي هار پائينديون آهن۔ اياز اهڙو خوشنصيب ڪونه هو!

❊ ❊ ❊

وصل ۽ وڇوڙو مجاز جا به پاسا آهن. هڪڙو باغِ بهشت مان ٿڌي واءَ جو جهوٽو آهي، ته ٻيو دوزخ جو شعلو. پر، وڇوڙو به فن جي شهپارن کي جنم ڏيندو آهي. هر عظيم فنڪار، شاهه ڀٽائيءَ وانگر خوشقسمت ڪونهي! وارث شاهه کي مجازي راهه ۾ محرومي نصيب نه ٿئي ها، ته "هير" جهڙو شاهڪار ڪيئن تخليق ٿئي ها؟ ڀٽائي ائين چوچوي ها:

**مون کي ماءِ مجاز، ڀڃاري ڀيئن ڀچيو.**

ماڻهوءَ جو ذهني سانچو ناهڻ ۾ ننڍپڻ جا نقش ڏاڍي اهميت رکن ٿا. اياز کان پنهنجو پهريون عشق ڪڏهن به ڪونه وسريو. مون اياز جي هيءَ مصرع جڏهن به پڙهي، تڏهن ائين ڀانيم، ته هو روشن سان مخاطب آهي:

**مون پرهه جي هير کي، ساجهر ڏنا تولئه سلام**

ليڪن، ائين به ڪونهي، ته اياز سڄي عمر روشن جي درد ۽ فراق ۾ گذاري ڇڏي! هن نوان نوان عشق ڪيا ۽ روسي ڪلاسيڪي اديب، ليو ٽالسٽاءِ جي نصيحت تي عمل ڪيائين:

MY BOY, YOU WILL FALL IN LOVE, AGAIN AND AGAIN

اياز پاڻ ئي آتم ڪهاڻيءَ ۾ الائي ته ڪيترن "افيئرس" جو ذڪر ڪيو آهي ۽ پنهنجي سوانح نگار، مسٽر انور فگار هڪڙي کي هدايت ڪئي اٿس،" ته **"مارل موچياڻيءَ واري "افيئر" جي گهٽي کوٽ ڪوتان نه ڪري، ڇو ته پاڻ اصلي شخصن جا نالا ڦيرائي ڇڏيا اٿس."**

❊ ❊ ❊

1955ع ۾ ”مهراڻ“ رسالو وڏي آب تاب سان شايع ٿيو. ايڊيٽر جوي
صاحب هو. تنهن اياز کي ”اسان جو شاعر“ (يعني مهراڻ جو شاعر) ڪوٺيو
اهو خطاب اياز لاءِ ئي مخصوص هو. جويو صاحب سياسي سجاڳ ذهن
رکندڙ شخص آهي. پر، 1955ع واري ”مهراڻ“ جي پهرئين پرچي ۾ اياز جو
ڇپيل ابتدائي ڪلام پڙهي ڏسبو ته منجهس سياسي رنگ سهٽيءَ اک ۾
سرمي جي لڪير برابر به نظر ڪونه ايندو. البت، رومانوي رنگ سو ڏاڍو
گهرو گهاٽو بينو آهي، پري کان پڌرو آهي:

**سڄڻ جو ساريوم، ته آيون هيرون هنج ۾،**
**جيڏانهن نهاريوم، چوڏهينءَ جي چانڊاڻ هئي**

پر، جي ڪوٽ کوٽان ڪبي، ته تصوف جو ڪو اولڙو به نظر اچي ويندو:

**اچي اوت شراب، اٿم اڄ ازل جي،**
**سندم روح رباب، سڪي پيو ڪنهن سر لئه**

هن شعر ۾ اياز جنهن شراب جو ذڪر ڪري رهيو آهي، سو، ”ڊمپل“ يا
”شواز ريگل“ جي بوتل ۾ بند ڪونهي. اهو ته ڪنهن ٻئي ميخاني مان ملندو
آهي، جنهن جو حافظ شيرازيءَ جي هڪ شعر ۾ به ذڪر آهي. اهو شعر مون
وانگر اياز کي به ڏاڍو وڻندو هو:

دوش دیدم کہ ملائک در میخانہ زدند
گل آدم بسر شتند و بہ پیمانہ زدند

(ڪالهه رات ڏٺم، ته ملائڪ ميخاني جو دروازو کڙڪائي رهيا هئا.
آدم جي مٽيءَ کي ڳوهي، منجهائس ميءِ جو پيمانو ناهي رهيا هئا.)

* * *

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري صوفيانه سوچ سان اٽيل آهي.
جيڪڏهن ان جو اونهو اڀياس ڪبو، ته منجهس ”وحدت الوجود“ واري
فلسفي جو رنگ جان تان ڇتو نظر ايندو. سنڌ جي صوفين ان کي ڪمال
ڪاميابيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي سانچي ۾ پلٽيو ۽ سنڌ جي سوچ جي
ارتقائي عمل کي اڳتي وڌايو. مٽني جو امام ٿيائي هو.

اسلامي تصوف سنڌ جي سرزمين ۾ سائي سلي وانگر ڦُٽو. سُتت گوُنچ، گُل، پن، شاخون ۽ ڏار ڪڍيائين، وڏي وڻ ٿيو. ڦل ڦول جهليائين. اسلامي تصوف سنڌ ۾ هندن ۽ مسمانن کي هڪبئي جي ويجهو آڻڻ ۾ بي مثال ڪرشما ۽ ڪارناما ڪري ڏيکاريا، جنهن جو مثال ڪاٿي ڪونهي.

سنڌ ۾ ڪيترا هندو مسلمان درويشن جا مريد هوندا هئا. منهنجي محسن ۽ مهربان دوست، نواب نور احمد خان لغاريءَ جا وڏا، جهوڪ جي صوفي بزرگ، شاهه عنايت شهيد جي درگاهه جا خليفا هئا. نواب صاحب مون کي ٻڌايو ته ڪيترا هندو پنهنجي مسلمان مرشد کان ذڪر فڪر وٺندا هئا، جنهن ۾ قرآن ڪريم جون آيتون ۽ رب پاڪ جا نالا هوندا هئا. مراقبي ۾ انهن جو ورد ڪندا هئا. ڪي ته پاڻ کي مرشد جي پيرن ۾ پورائيندا هئا.

منهنجي دوست، رحيم بخش خان سومري ڳالهه ڪئي ته، "اليڪشن ۾ بيٺس. ووٽرن کي پارت سُفارت ڪرائڻ لاءِ جهوڪ شريف ويٺو پيس. سجاده نشين بزرگ جو ٻڌو ته شهيد الله بخش سومري جو وڏو پُٽ آيو آهي، سو وڏيءَ سڪ سان اچي مليو. عين ان مهل مسجد مان بانگ آئي. ڪجهه دير کان پوءِ سجاده نشين انهيءَ بانگ ڏيندڙ شخص کي سڏ ڪري چيو ته، "تيئون مل، حويليءَ تي پيغام موڪليو ته، شهيد الله بخش سومري جو وڏو پٽ آيو آهي. ماني خاص اهتمام سان تيار ڪري موڪلن."

رحيم بخش چيو ته مون حيران ٿي، بزرگ کي چيو ته، "سائين، مسجد مان بانگ آئي. اندران تيئون مل ڪيئن نڪتو؟"

بزرگ چيو ته، "چو ادا، ان ۾ ڪهڙي غلط ڳالهه آهي؟ ماڻهن کي نماز لاءِ سڏڻ چڱو ڪم آهي. تيئون مل ته چڱو ڪم ڪيو."

* * *

سنڌ ۾ اسلامي تصوف جي اهڙن ڪرشمن جا اسباب معلوم ڪرڻ لاءِ تاريخ جا ڪيئي ورق پوئتي وراڻڻا پوندا، جنهن جي هن مضمون ۾ گنجائش ڪانهي. فقط هڪ ڳالهه ڏي اشارو ڪريان ٿو.

1989ع ۾ LEIDEN هڪڙو ڪتاب شايع ڪيو آهي. نالو اٿس: RELIGION AND SOCIETY IN ARAB SIND ڪتاب جو لکندڙ D.N.MACLEAN آهي. هو جڏهن سنڌ ۾ آيو هو تڏهن مون سان به مليو هو ۽

گهرو گهاٽو ٿي ويو هو سو ڪتاب ۾ منهنجو نالو به وڌو اٿس. هڪ دفعي ٻئي ڄڻا گڏجي، روڊ رستي سکر وياسين. رستي تي ڪن تاريخي جاين جون تصويرون ڪڍيائين. مون ۾ سيرت جي ڪتابن پڙهڻ جو شوق ڏسي، هڪ ڪتاب پڙهڻ جو مشورو ڏنائين. پر، ائين به چيائين ته، "يهودين جو لکيل آهي. احتياط سان پڙهجانءِ."

مئڪلين پاڻ جيڪو ڪتاب لکيو آهي تنهن ۾ اسلامي تصوف جي اوسر جو جائزو وٺڻ لاءِ، عربن جي فتح کان اڳ، سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي اثر جو اونهو اڀياس ڪيو اٿس ۽ چيو اٿس ته سنڌ ۾ تصوف جي اوسر لاءِ محبت جو ماحول "ٻڌ مت" اڳي ئي تيار ڪيو هو. قرآن ڪريم ۾ "ذوالقفل" مان مراد ڪپل وستوءَ وارو آهي، جيڪو گوتم ٻڌ جي ڄمڻ جو هنڌ هو. اها ڳالهه مون سان مولانا قاسميءَ ڪئي هئي. پر، ساڳي ڳالهه هاڻي موجوده دور جي عظيم سيرت نگار ڊاڪٽر حميدالله جي ڪتاب ۾ پڙهيم. سندس انگريزي اکر هي آهن:

The name of Prophet of 'Dhil-kifl' (literary meaning of kifl), which has been, Arab-cized, in surt 95 of Holy Quran, we read:

"By the fig-tree, and by the olive-tree and by the Mount sina, and by this protected city..."

There is unanimity of commentators that "this city" is Mecca, "Mount Sina" is Sina of Moses, olives refers to Jesus. As to fig-tree every body knows the "Bodi tree". Fig-tree had importance in the life of no other prophet.

(Source: Muhammad Rasulullah (P.B.U.H) by Muhammad Hamidullah "Muzfia publication", 3-A Afendi Manzil Arambagh Road, Karachi, - page 107.)

❊ ❊ ❊

اياز اسلامي تصوف جو فقط متاڃرو مطالعو ڪيو هو. سندس گفتگو ۾ اها ڳالهه پڌري ٿي پوندي هئي. مون کي چوندو هو ۽ پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ به لکيو اٿس ته مان "دهريو صوفي" آهيان. "دهريو" معنيٰ زماني جو ماڻهو." ليڪن، صوفي زماني جو ماڻهو ڪونهي. صوفي "لاڪوفي" آهي.

اياز اهڙيون ترڪيبون رڳو "زيبِ داستان" خاطر استعمال ڪندو هو.

هڪ دفعي سکر ۾ مان، ڀيڻي ۽ تنوير، سندس آفيس ۾ ويٺا هئاسين. گرميءَ جي مند ۽ ٽاڪ منجهند جي مهل هئي. اياز آفيس پهتو ته پگهر ۾ شل هو. ڪيس فل سوٽ پيل هو. اسان چيس ته، ”هن گرميءَ ۾ فل سوٽ ڇو پاتو اٿئي؟“

اسان کي جواب ڏنائين ته، ”مان گرميءَ ۾ گرم ۽ سرديءَ ۾ سرد لباس پائيندو آهيان.“

اهڙيون ڳالهيون لکندو به هو. مثال طور، پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ابنِ عربيءَ جي ڪتابن جا نالا هِتان هُتان گڏ ڪري، لکي ڇڏيو اٿس ته، ”مون هي سڀ پڙهي ڇڏيا آهن.“ پر، سندس ڪنهن به ڪتاب يا ڪلام ۾ ڪٿي به ابنِ عربيءَ جي فڪر جو پاڇو به ڪونهي!

ابنِ عربي ايڏي وڏي علمي ۽ ديني شخصيت هو، جو ڀٽائيءَ جو يار، مخدوم معين ٺٽوي، سندس فلسفي کي سمجهڻ لاءِ ٺٽي مان دهليءَ ويو هو ۽ ڪيس ورهين جا ورهيه شاهه ولي الله جي قدمن ۾ وهٽو پيو.

ابن عربيءَ جي مغرب توڙي مشرق ۾ اڄ به ڌاڪ ۽ هاڪ آهي. گائي ايٽن لکيو آهي ته، ”هن حضور پيغمبر صلي الله عليه و آله وسلم جي هڪ حديث قدسيءَ جو حوالو ڏئي، سڄي يورپ جو الاهيات تي اعتراض ختم ڪري ڇڏيو.“

تازو مصر ۾ ابنِ عربيءَ جي هڪ ڪتاب جي اشاعت کي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائون. عالم ۽ اهل قلم اٿي کڙا ٿيا. ته حڪومت ڊڄي وئي ۽ پنهنجو حڪم واپس ورتائين.

علامه اقبال گولڙي شريف واري سيد مهر علي شاهه کي خط لکي پڇيو آهي ته، ”مون کي انگلنڊ وڃڻو آهي ۽ ابن عربيءَ تي ليڪچر ڏيڻو آهي. اوهان جي ڪريمانه اخلاق ۾ اميد اٿم ته هنن سوالن جا جواب عنايت ڪندا: (1) ابن عربيءَ ”وقت جي حقيقت“ بابت ڪهڙي تعليم ڏني آهي. ان باري ۾ متڪلمين کان ڪيئن مختلف آهي؟ (2) ابن عربيءَ مذڪوره تعليم ڪهڙن ڪهڙن ڪتابن ۾ ڏني آهي؟ [حوالي لاءِ ڏسو ڪتاب ”اقبال نامو“: مرتب: شيخ عطاالله، علي ڳڙهه]

يورپ جي مختلف ملڪن ۾ اڄ به ابن عربي جي فڪر جي هاڪ آهي. سندس سوچ کي سمجهڻ لاءِ ڪيئي سوسائٽيون قائم ٿيون آهن پر، خود

سنڌ ۾ اياز جي سوچ کي سمجهڻ لاءِ گهٽيون سوسائٽيون قائم ٿيون آهن، سا بہ لکل ڳالهہ ڪانهي. اسان پڄ ڏک ڪري هڪ "اياز فائونڊيشن" ناهيو تنهنجو حال بہ پڌرو پيو آهي! هاڻي تہ ان جو نالو بہ ميسارجي ويو آهي.

سو ڏک سان چوڻو پوي ٿو تہ اياز کي ابن عربيءَ جهڙن اڪابرن لاءِ هلڪڙيون ڳالهيون "زيب داستان" خاطر ڪرڻ نہ کپنديون هيون."

ابن حيات پنوهر، اياز جو وڏو عقيدتمند هو. سندس ڪتاب "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" جا پروف عشق ۽ عقيدت سان پڙهڻ کان پوءِ هڪ دفعي مون کي ڏاڍي ڏک سان چيائين تہ، "مستقبل جو نقاد تہ اياز جي ڪَلَ لاهي ڇڏيندو."

* * *

**اياز جي سوچ جو بنيادُ "اسلامي تصوف" ڪونہ هو. جديد مغربي ادب هو. اها ڳالهہ سويي گيانچنداڻيءَ ڪيترائي ڀيرا اسان کي ذهن نشين ڪرائي هئي تہ: "اياز مغربي لٽريچر پڙهي، ان کي نچوڙي، ان جو تت، پنهنجن ڪتابن ۾ پيش ڪري ٿو."**

اياز پاڻ بہ پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ، "مان بئنڪ ۾ ايل سي کولي، آمريڪا مان "نوان ڪتاب" گهرائيندو هوس. تيرنهن ڊالرن جو ڪتاب هڪ ڊالر ۾ ايندو هو. چئن ڪتابن تي هڪ ڪتاب تحفي ۾ موڪليندا هئا."

"سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد" سندس خطن جو هڪ ڪتاب ڇاپيو آهي. جنهن جي مخاطب خاتون مينڌري سعادتيءَ کي مغربي اديبن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو مشورو ڏيندي لکي ٿو تہ:

"توکي فرصت هجي تہ تي ڪتاب ضرور پڙهہ. MOULIN ROUGE جنهن ۾ آرٽسٽ TOLOUSE LAUTREC جي زندگي آهي، هو فرانس جي IMPRESSIONIST SCHOOL OF ART جو نهايت چڱو فنڪار هو ٻيو ڪتاب آهي SOMERSET MAUGHAM جو MOON AND SIX PENCE ان ۾ بہ مصور شايد (PAUL CEZANNE) جي زندگي آهي ۽ فن لاءِ هر شيءِ صدقي ڪرڻ جو جذبو نهايت چڱيءَ طرح چٽيل آهي ۽ ٽيون آهي VINCENT VAN GOCH جي زندگي، جا IRVING STONE لکي آهي. ڪتاب جو نالو آهي LUST FOR LIFE.

ولايت مان جيڪو لٽريچر اچي ٿو. تنهن ۾ جديد دؤر جي مغربي اديبن ۽ شاعرن جي سوچ ۽ جدت آهي. زندگيءَ جا نوان نوان دلڪش عڪس آهن. اياز جي سوچ انهن مغربي اديبن ۽ شاعرن کان متاثر ٿي. منجهس ڪلام ۾ تازگي هئي. هوئنئن به، سندس شعر چوڻ جو انداز ئي آور هو. منجهس شاعرانه حُسن هو:

**جتي برج بادل ڪڏي ڳاءِ تون،**
**اتي آءٌ هوندس، نه گهبراءِ تون.**

اياز تقليدي قسم جو شاعر ڪونه هو. احساسِ محروميءَ ۾ مبتلا ڪونه هو. اردو شاعرن جي ذهني غلامي قبول ڪري، پاڻ کي "غالب سنڌ"، "ذوقِ سنڌ" ۽ "داغِ سنڌ" ڪوئائڻ ۾ فخر ڪونه وٺندو هو.

اياز کان اڳ ويهينءَ صديءَ جي پوئين دور جي سنڌي شاعري گهڻي قدر روايتي ۽ تقليدي بلڪ دقيانوسي هئي. منجهانئس ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ ايندي هئي. هڪڙا پراڻيءَ صوفيانه روايت جي پنيان هلندي، جهنگ جهر ۾ "الو ميان" ڪندا وتندا هئا. ٻيا وري اردو غزل جي طرز تي "گونزل" هڻندا هئا. لکنوي انداز ۾ مشاعرا ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾ اهڙو ڪو مشاعرو ٿيو. مان نه ڪونه ويس، حُسين شاهه راشدي ويو. موٽيو نه ٻڌايائين نه، جيڪو شاعر اچي، سو لکنوي انداز ۾، چيلهه کي لوڏي، چوي ته:

**لطف اندوز ڪرم، بند قبا هو مان نه هَسِ.**

اياز جو ڪلام ان ڳالهه تي شاهد آهي ته سندس اندر ۾ هڪ عظيم فنڪار هو. هو صحيح معنيٰ ۾ "ذات ڏٺي" هو:

**ڪٺي ڪانياٺي نڪاءِ ڪرايئه پيئه نه ڪو ڪهڪاءِ،**
**ننڊڙا نينگر، هن ڳيري کي، تو وانگر آ ماءِ.**

اياز جي شاعرانه ذات جو ٻيو هڪ مثال "دودي سومري جو موت" نالي اوپيرا آهي، دودو پنهنجيءَ ڀيڻ باگهيءَ کي چوي ٿو ته، علاؤ الدين تنهنجي ٻانهن گهري ٿو يا جنگ. ته باگهي کيس چوي ٿي:

**جي تون وڙهندي ماريو ويندين،**
**هن وستيءَ تان واريو ويندين،**
**دودا، تنهن جو ساهه نه ويندو**
**ماٺهوءَ جو ويساهه نه ويندو.**

اياز جي فن ۽ پيغام تي تحقيق جي ضرورت آهي. هو تمام وڏو شاعر ۽ باڪمال نثر نويس هو. سنڌ جي علمي، تعليمي ۽ ادبي مرڪزن ۾ اهڙيءَ تحقيق لاءِ ڪو به شوق ذوق ڪونہ آهي. اميد آهي تہ مٿس، اڳتي هلي، ڪيئي ڪتاب لکيا ويندا.

اياز جڏهن سنڌ جي آسمان تي اڀريو هو تہ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪيو هو. مولانا غلام محمد گراميءَ "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" ۾ لکيو آهي تہ: "اڄ هر طرف اياز جي عظمت جا جهنڊا ڦڙڪي رهيا آهن."

مون سندس ڪلام ننڍپڻ ۾ پڙهيو هو جو ايڏو تہ وڻيو هو جو مون کي تڏهن کان وٽي ساڻس ملڻ جي سڪ هئي. پر، اسان جي رسمي ـ ملاقات 1950ع واري ڏهاڪي جي پوئين اڌ ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي. ماهنامي "نئين زندگي" ۾ مان سندس ڪلام ڇاپيندو هئس. هڪ دفعي پاڻ مون سان ملڻ لاءِ ميئارام هاسٽل ۾ آيو. مان هاسٽل جي فرسٽ فلور تي 30 ـ نمبر ڪمري ۾ رهندو هئس، جنهن جي اوير طرف بہ وڏيون دريون هونديون هيون. شام جا ڇهہ ست وڳا هوندا، جو هيٺان ڪنهن منهنجو نالو ورتو، سڏ ڪيو. دريءَ مان نهاريم تہ اياز بيٺو هو. هيٺ لٿس ۽ ساڻس سِڪ سان مليس. پاڻ ٽڪيل تہ ڪنهن ٻيءَ هوٽل ۾ هو. پر، ڊرائيور کي ميٽروپول هوٽل هلڻ جو چيائين. جيڪا ان زماني ۾ ڪراچيءَ جي وڏي ۾ وڏي هوٽل هئي. ميٽروپول ۾ گهڙياسين، تہ سڌا "بار" ۾ وياسين. اياز بيئر گهرايو يا وسڪي، سو ياد ڪونهيم. پر، ٻہ چار گلاس پي، ڊائننگ هال ۾ ماني کائڻ وياسين. ڪيترائي ملڪي ۽ غير ملڪي بہ ماني کائڻ ۾ مشغول هئا. اسان بہ ماني کائڻ شروع ڪئي. اياز رکي رکي هيڏي هوڏي پيو تڪي، نيٺ، مون کي چيائين تہ، "هي بيرا اسان ڏانهن گهوري رهيا آهن." مون کي تہ منجهن اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نظر ڪانہ آئي، پر، اياز کان رهيو ڪونہ ٿيو سو نيٺ هڪڙي بيري کي آڱر جي اشاري سان سڏيائين. جڏهن هو وٽس آيو تہ اوسي پاسي وارين ميزن تي ويٺل ڌيهي مردن ۽ زالن ڏي اشارو ڪري، مٿن ٽوڪ ڪري چيائينس تہ، "هنن ماڻهن جا ماءُ پيءُ لنڊن ۽ روم ۾ پيدا ٿيا هئا، جو ڇرين ۽ ڪانٽن سان کائن ٿا. اسان سنڌي آهيون. اسان جي پنهنجي تهذيب آهي. اسان هٿن سان ماني کائيندا آهيون."

بيرر سندس ڳالهہ سمجهي ڪونہ سگهيو سو منجهي پيو. ڀانيائين، تہ مٿي تي نشو چڙهي ويو اٿس، سو مانڙي ڪري موٽي ويو. اها ماجرا ڏسي، مون کي ڀروسو پيا تہ "اياز جي مزاج ۾ شڪ جو عنصر مڙئي سرس آهي."

اياز ۽ منهنجي دوستي ان ملاقات کان پوءِ وڌي وڻ ٿي. اسان اهڙا تہ گهرا گهاٽا ٿي وياسين. جو جويو صاحب کان وڌيڪ هيو ڪوبہ شخص اياز کي مون جيڏو ويجهو ڪونہ هو. رشيد ڀٽيءَ سان گهٽي هوندي هئس. پر، هو بہ ڪيس ايڏو ويجهو ڪونہ هو. جيتوڻيڪ، ٻئي جٽا ساڳيا خيال رکندا هئا ۽ گڏجي ڏک ڏٺا هئائون. جيل ڪاٽيا هئائون. ٻنهي جا دوست دشمن ساڳيا هئا.

اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي سير ۽ سفر جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ پاڻ، جويو صاحب، جمال ابڙو، تنوير، رشيد ڀٽي ۽ مان اڪثر گڏ هوندا هئاسون. سير ۽ سفر جا انتظام، ڪڏهن جمال ابڙي، ڪڏهن تنوير تہ ڪڏهن ارباب نور محمد پليجي ڪيا هئا. پر، هندستان جي سفر ۾ اياز ۽ ڀٽي گڏجي ويا هئا. اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪيس سِڪ سان ساري لکيو آهي تہ:

> "رشيد ڀٽي سکر ۾ وڪالت ڪندو هو. هن جا نقرئي ٺهقا اسٽاڪ مارڪيٽ ٽرٽلي ۾ وجهي سگهندا هئا. هو مون سان نہ رڳو هندستان واري سفر ۾ ساڻ هو پر سنڌ جي سفر ۾ بہ ڪيترا ڀيرا ساڻ هو. راتين جو پورهيو ڪري، هن منهنجي ڪتاب "خط انٽرويو ۽ تقريرون" جي ڀاڱي ٻئي تي، ڏکهو مهاڳ لکي، پاڻ کي ٽڪائي وڌو. اڳ ئي هو ضيابيطش جو مريض هو پوءِ تہ هن جي شگر ليول ايترو ڪري پئي، جو ايمبولينس ۾ ڪراچيءَ پهتو مس، تہ گذاري ويو. مان هن جي موت تي ڏاڍو رنو هوس. هو منهنجو رباني‌ءَ ۽ تنوير جو گهرو دوست هو."

اياز ۽ تنوير بہ گهاٽا يار هئا، پر، ڪڏهن ڪڏهن الجهي بہ پوندا هئا. اياز پاڻ ئي ان باري ۾ ناراڻ شيام واري نظم جو واقعو آتم ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ تنوير سان پنهنجي ناتي جو ذڪر ڪندي، هنن لفظن ۾ اها ڳالهہ ڪئي اٿس:

**"ڪڏهن ڪڏهن (خيرپور ۾) ڪيس هلائي، تنوير ۽ سندس بيگم قمر عباسيءَ جو سلام پري ايندو هئس. هنن سان منهنجا تعلقات ٿڌا ٿي ويا هئا. ان ۾ سراسر منهنجو قصور آهيم ته تنوير کي ادبي دنيا ۾ منهنجي ايتري پذيرائي پسند ڪانه ايندي آهي."**

※ ※ ※

اياز جا اڪثر ڪتاب ڇپائڻ جوڻيي صاحب جي ذميواري هوندي هئي. هڪ دفعي جوڻيي صاحب اياز جا ٻه ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ ڇپائڻ لاءِ ڏنا: هڪڙو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ ٻيو "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" پر، مون کي ڇپائين ته "ناشر جو فارم تون ڀر". مون ائين ئي ڪيو. ڪتابن جا پروف پاڻ پڙهيائين ۽ مٿن نظرداري به حسب دستور ڪيائين. خرچ اياز ڀريو. مون کي ڪا به ڪل ڪانه هئي ته منجهن ڇا لکيل آهي. اڳتي هلي ڪري ڪن سنڌي سياڻن سرڪار کي چغلي هنئي، ته منجهن اسلامي وحدت يعني ون يونٽ جي خلاف مسالو آهي. سرڪار ٻئي ڪتاب ضبط ڪيا.

ڊاڪٽر بلوچ بورڊ جو ميمبر ۽ سنڌ يونيورسٽي جو پروفيسر هو. بورڊ جي ميٽنگ ۾ اعتراض اٿاريائين ته، "سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ عملدار اهي ٻئي ڪتاب سنڌ يونيورسٽي پريس مان ڇپائي شايع ڪري، يونيورسٽيءَ تي به حرف آندو آهي. سو ان معاملي جي انڪوائري ڪري، فيصلو ڪيو وڃي."

ڪتابن جو ناشر مان هئس. مون ڊاڪٽر بلوچ کي رنجش جو ڪوبه سبب ڪونه ڏنو هو. اسان جي سڄيءَ سنگت مان فقط سراج سندس ڪتاب "سنڌي ٻولي" تي سخت تنقيدي مضمون لکيو هو. ان کان پوءِ وري علي احمد بروهيءَ سندس مرتب ڪيل لوڪ ادب جي هڪ ڪتاب تي هفتيوار اخبار SUNDAY POST ۾ ان کان به سخت مضمون ڇپايو هو. اهي ٻئي مضمون بلاشبہ ڊاڪٽر بلوچ تي زوردار حملا هئا. جن سندس شخصيت کي مجروح ڪيو. پر، مان انهن ٻنهي معاملن کان دانسته پري رهيس. ان زماني ۾ بورڊ جون آفيسون ڪراچيءَ ۾ هيون. ڊاڪٽر بلوچ مون کي چوندو هو ته ڪراچيءَ جي صدر ۾ حڪيم نصيرالدين کان دوائون وٺي موڪل. مان

سندس اهي ذاتي ڪم بہ محبت سان ڪندو هئس. بورڊ جي ميمبر ۽ عالم جي حيثيت ۾ هوندن ئي هن لاءِ عزت هئم.

مرحوم محمد اسماعيل نون، ڊاڪٽر صاحب جو پيارو دوست هو. هڪ دفعي، ڊاڪٽر صاحب ملڪ کان ٻاهر هو. نون صاحب سگهڙن جي ڪچهرين ۾ مون کي ئي بدين گڏ وٺي ويو ڇو تہ نون صاحب کي خبر هئي تہ ڊاڪٽر صاحب لاءِ منهنجي دل ۾ عزت آهي.

بهرحال، ڊاڪٽر صاحب جي اٿاريل اعتراض تي، مرحوم رحيم بخش ميمڻ، ڊپٽي ڊئريڪٽر ايڊيوڪيشن حيدرآباد يونيورسٽي پريس ۾ "اياز جي ڪتابن" جي ڇپائيءَ جو انڪوائري آفيسر مقرر ٿيو. جويي صاحب جو دوست هو ان ڪري مون کي بہ ڀائيندو هو. مون کي آفيس ۾ سڏي، اياز جي ڪتابن جي اشاعت بابت ڪل خوشيءَ ۾ پڇا ڪيائين. مون ڪيس سچي حقيقت ٻڌائي. پر، پنهنجيءَ رپورٽ ۾ بچاءُ رڳو جويي صاحب جو ڪيائين. مون تي ڪرم قدرت ڪيو. ٿيو هيئن تہ سائين غلام مصطفيٰ شاهہ اوچتو سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿي آيو.

بورڊ جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي اٿاريل اعتراض وارو اسم بہ ايجنڊا تي رکيل هو پر هاڻي ڪنهن جي مجال هئي، جو سائين غلام مصطفيٰ شاهہ جي موجودگيءَ ۾ اکر ڪُڇي! ميٽنگ ۾ ميمبر تہ موجود هئا. پر، هر ڪو هيڏي هوڏي واجهائڻ لڳو جڻ تہ اهو اسم ميٽنگ جي ايجنڊا تي غلطيءَ سان اچي ويو هو. شاهہ صاحب جي هڪڙيءَ ئي هڪل سان ڳالهہ اتي جو اتي ختم ٿي وئي!

بهرحال، منهنجي جند تہ ڇٽي وئي! پر، قدرت جي ڪارخاني ۾ عجب راز ۽ اسرار آهن. اياز جي انهن ڪتابن تي بندش پئي تہ سنڌ جا اديب ۽ شاعر ٻن ڪيمپن ۾ ورهائجي ويا: "سنڌ دوست" اديب هڪ طرف ٿيا ۽ سرڪار پرست اديب (PRO ESTABLISHMENT) ٻئي طرف هئا، جي ون يونٽ جا بہ حامي هئا ۽ ان کي "اسلامي وحدت" سمجهندا هئا.

سنڌ جي بزرگ اديبن ۽ شاعرن ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولي، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، پير حسام الدين راشدي ۽ محمد ابراهيم جويو "سنڌ دوست اديبن" سان سنئون سڌو ساٿ ڏئي بيٺا. ساڳيءَ طرح، عبرت

اخبار جا مالڪ قاضي محمد اڪبر ۽ قاضي عبدالمجيد عابد پڻ اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا. سندن ايڊيٽر شيخ علي محمد تہ اسان جو دوست هو. ”عبرت“ اخبار ”سنڌ دوست“ اديبن جي ترجمان بنجي وئي.

”مهراڻ“ اخبار سنڌ دوست اديبن کي هندستاني ايجنٽ، ڪميونسٽ ۽ ڪارا ڪافر ڪوٺيندي هئي. ان جو ايڊيٽر سائين سردار علي شاهہ هو، جو ڊاڪٽر بلوچ جو پڪو دوست هو! حيدر بخش جتوئيءَ جي ڏنل نعري ”جيئي سنڌ“ لاءِ چوندو هو تہ اهو ”جئہ سنڌ“ آهي.

اديبن جي محاذ آرائي وئي زور وٺندي. 1965ع واري جنگ لڳي، سرڪار پرست اديبن اياز تي درخواستون ڪرائي، کيس هندستاني ايجنٽ قرار ڏيئي، جيل ۾ وجهايو. قدرت جي غيبي هٿن جون آڱريون هميشہ جنبش ۾ آهن. تيوائين ٿي، جيئن پيئائيءَ فرمايو آهي:

**سڪر سي ٿي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾.**

اياز جي ”مخالف اديبن“ جي انهن ئي ”ڪارنامن“ ۽ ”مهراڻ“ ۽ ”عبرت“ اخبارن جي وچ ۾ پورڻ ڪري، سنڌ ۾ اهڙو ڪوبہ شهر ڪونہ رهيو جتي اياز جو نالو نہ پهتو. بلڪ، سنڌيت جي تحريڪ سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي وئي. سوين هزارين چراغ روشن ٿي ويا. فتح آخر سنڌ ـ دوست اديبن جي ٿي!

هاڻي، اياز جا اهي بئي بندش پيل ڪتاب بيهر ڇپيا آهن. پر، ڪنهن کي مجال آهي جو اڄ انهن تي اعتراض ڪري!

گهڻا گهڻا سال پوءِ جنرل ضياءَ جي حڪومت ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ سائين سردار علي شاهہ جي گروهہ جو هڪ اهم سنڌي سياجهڙو شخص مون سان اسلام آباد ۾ اچي مليو. مان ايڪيڊميءَ جو چيئرمن هُئس. ندامت سان چوڻ لڳو تہ، ”سائين اسان کان غلطيون ٿيون، معافي ڏيو.“

* * *

اياز جي شهرت تہ آسمان تائين وڃي پهتي. هو پاڻ گهري نہ گهري، سندس مخالفن کيس ”سنڌ جي اهم سياسي شخصيت“ بنائي ڇڏيو. اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ:

”مون کي شهيد پُٽني سان گڏ، ساڳئي وارنٽ هيٺ نظربند

رکيو ويو هو. ابراهيم جويي جا منهنجن ڪتابن تي لکيل مهاڳ، انهيءَ ڳالهہ جا گواهہ آهن تہ ان دؤر ۾ منهنجي ڪيتري سياسي اهميت هئي.“

ساهيوال جيل ۾ اياز ۽ ڀُٽي جي ميل ملاقات نالي ماتر هئي، پر جڏهن ڀٽو صاحب پاور ۾ آيو تہ اياز کي ”سندس سياسي اهميت“ سببان، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيائين. ڀٽو سياسي ذهن هو. ائين ڪرڻ ۾ سندس هڪ خاص مصلحت هئي. ڳالهہ هيئن هئي، تہ پيپلس پارٽيءَ جي نهڻ کان اڳ، سنڌ ۾ (SINDHI NATIONALISTS) سنڌي نومپرستن جي تحريڪ زور تي هئي، جنهن جي قيادت سائين جي.ايم. سيد جي هٿ ۾ هئي. پيپلس پارٽي نهي، تہ هڪ ”ڪل پاڪستان سياسي جماعت“ سنڌ جي ماڻهن جي اکين اڳيان آئي، جنهن جو اڳواڻ بہ هڪ سنڌي هو. اياز سنڌي قومپرستن جي تحريڪ ۾، سائين جي.ايم. سيد کان پوءِ ٻيو نمبر حيثيت رکندو هو. اها ڳالهہ ڀُٽي صاحب کان مخفي ڪانہ هئي. سنڌ يونيورسٽي، سائين جي.ايم. سيد جي ”جيئي سنڌ تحريڪ“ جو ڳڙهہ هئي. ڀُٽي صاحب جي هڪ مخالف سياسي اڳواڻ پريس بيان ڏنو تہ، ”پاڪستان ۾ هڪ هنڌ اهڙو بہ آهي، جتي پير پائڻ جي ڀُٽي صاحب کي بہ جرئت ڪانهي.“ سندس اشارو سنڌ يونيورسٽيءَ ڏانهن هو.

هن پسمنظر ۾، ڀُٽي صاحب هڪ هوشيار سياستدان وانگر، اياز کي وائيس چانسيلر مقرر ڪيو. سندس مصلحت، گرهوڙي فقير جي ٻوليءَ ۾ اها هئي تہ **”هيءَ مڙهي ڀڳي، تہ بہ فتح فقير جي ۽ جي هُوءَ مڙهي ڀڳي تہ بہ فتح فقير جي.“** يعني جيڪڏهن شيخ اياز جيئي سنڌ جي شاگردن کي قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو تڏهن بہ مون کي فائدو ٿيندو ۽ جيڪڏهن جيئي سنڌ جي شاگردن شيخ اياز کي هيٺو ڪري وڌو تڏهن بہ سندس سنڌي قومپرستيءَ واريءَ شاعريءَ مان منهنجي جند ڇٽي پوندي.

اياز پنهنجيءَ مقرريءَ بابت پاڻ مون کي هيئن ٻڌايو تہ سکر ۾ گهر رات جي ماني پئي کاڌم تہ فون جي گهنٽي وڳي. چيائون تہ پنڊيءَ مان ڀُٽو صاحب ڳالهائيندو. ڪجهہ دير کان پوءِ ڀٽي صاحب جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

چيائين تہ ”اياز تو ۾ هڪڙو ڪم پيو آهي.“

مون چيو تہ، ”سائين، ڪرڻ جھڙو هوندو تہ ضرور ڪندس.“
چيائين تہ، ”سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلري وڃي سنڀال.“
مون چيو تہ، ”سائين، مون کي تجربو تہ ڪوبہ ڪونهي.“
چيائين تہ، ”مون کي تجربو هو جو سڄي ملڪ جي حڪومت سنڀالي اٿم؟“

اياز چيو تہ ان کان پوءِ ساڻس ڳڙهي خدا بخش ۾ وڃي مليس. چيومانس تہ، ”سائين، ڪو حڪم هدايت؟“

چيائين تہ، ”ڪرسيءَ جو خيال رکجانءِ، منجهس نشو آهي. جيسين ڪرسيءَ تي هوندين، تيسين ماڻهو توکي چوندا تہ، ”صاحب! سچ اِيري بہ تو تي ئي لهي بہ توتي ئو.“

اياز ڀٽي صاحب جي نصيحت هڪ ڪن مان ٻڌي، ٻئي مان ڪڍي ڇڏي. ڄامشوري پهتو. شام جي مهل هئي. بسترا ـ بند ۽ بئگ، سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس اڳيان ڇپر تي رکي، ڏاڪڻ تي چڙهي، اچي مليو. ڪرسيءَ تي وهڻ سان چيائين تہ، ”چاءِ ٺهراءِ“ چاءِ جو ڪوپ آيو تنهن کان اڳ ئي پاڻ حال احوال ڏيڻ شروع ڪيائين. ڳالهہ پوري ڪيائين، تہ مون چيس تہ، ”اياز تو ڪم تہ چڱو ڪونہ ڪيو آهي. يونيورسٽي سڪ جي سيج ڪانهي.“

چيائين تہ، “DIE IS CAST… DIE IS CAST”

ڊاڪٽر بلوچ کي پنهنجيءَ آمد جو اطلاع ڏنائين، جو تن ڏينهن ۾، يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر هو. هن چيس تہ، ”مون کي چارج ڏيڻ ۾ ڏينهن اڌ لڳندو ۽ ڏينهن ٻن لاءِ سرڪاري ڪار بہ کپي.“

اياز پنهنجن ڪتابن ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاڀڙي“ ۽ ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ بندش واري بيان ڪيل پسمنظر ۾ ڊاڪٽر بلوچ تي رنج هو. مون سان صلاح ڪيائين. مون کي بہ ڊاڪٽر بلوچ جي عجيب مزاج ۽ طبيعت جو چڱو تجربو ٿيو هو پر چيومانس تہ، ”ڊاڪٽر بلوچ کي اهي رعايتون ملڻ کپن ۽ جيترا ڏينهن بہ ڪار رکي، تنهن ۾ ڪيٻائڻ نہ گهرجي. وائيس چانسيلر ٿي رهيو آهي. رواداري ۽ لحاظ وڏيون ڳالهيون آهن.“ ـ اياز منهنجي ڳالهہ مڃي.

ڊاڪٽر بلوچ اسلام آباد ۾ مرڪزي ثقافتي سيڪريٽري ٿيو ته اياز کي خوش ڪرڻ لاءِ کيس روس جي دوري تي موڪليائين. پر، اياز پوءِ به سنڌس باري ۾ پنهنجي راءِ ڪانه بدلائي. هميشه ڪائنس پري رهيو.

❊ ❊ ❊

اياز سائين جي.ايم. سيد جو معتمد ساٿي هو. سو ڪن ماڻهن جو رايو هو ته کيس پيو نه ته به مصلحت خاطر ٿي سهي، پٽي صاحب وٽان وائيس چانسيلر جو عهدو قبول ڪرڻ کان اڳ، سائينءَ کان دعا وٺڻ کپندي هئي، پر، سائينءَ کي سراسر نظرانداز ڪيائين. ليڪن، سائين کيس نظرانداز ڪرڻ وارو ڪونه هو. هن جا قائداعظم سان اختلاف ٿيا هئا، ته ساڻس به الجهي پيو هو. سو اياز بابت به ڪليل لفظن ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪرڻ لڳو. هفتيوار "پرهه ڦٽي" رسالي جي 23–مارچ 1977ع واري پرچي ۾ اياز بابت هي لفظ اهم آهن:

"... شيخ اياز به ڪوششون ڪري رهيو آهي، ته سنڌ تي چار شعر لکي، هاڻي انهن جي قيمت وصول ڪري، اسان وٽ پاڻ کي وڪڻڻ وارا ماڻهو پيدا ٿي پيا آهن. ڪنهن کي ليسن کپي، ڪنهن کي سفير جي ڪرسي کپي، ته ڪنهن کي وائيس چانسيلري کپي."

سائينءَ جي اهڙيءَ گفتگوءَ جو نتيجو "نوشته ديوار" وانگر، هر ڪنهن جي اکين اڳيان هو. جيئي سنڌ جي شاگردن هڪ رات، پنهنجا ڪي مطالبا مڃائڻ لاءِ، انبوهه ڪري، وي.سي. هائوس تي ويا. اياز ساڻن ملڻ بدران، وي.سي. هائوس جا دروازا بند ڪرايا ۽ چوڪيدارن کي هوائي فائر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شاگرد ڊپ ڊاءَ ۾ تڙي پکڙي ويا. سنت اياز وي.سي. هائوس جون ڀتيون بلند ڪرايون ۽ مٿن خاردار لوهي تارن جو لوڙهو ڏياريو. بنگلي جي حفاظت لاءِ چوڪيدار هئا، پر، پوليس به طلب ڪيائين. باوجود پوليس وارا وي.سي. هائوس جي گيٽ جي ٻاهران، رات ڏينهن لڏو لاهيون ويٺا هوندا هئا. پاڻ اندر قابو ٿي، ويهي رهيو.

پٽي صاحب جي سياست ڪامياب ٿي. شاگردن، ڪئمپس جي در و ديوار تي چاڪنگ ڪري ڇڏي ته، "قيدي وائيس چانسيلر" ڪونه کپي. ان

موقعي تي جويي صاحب عقل واري ڳالهہ ڪئي ۽ هڪ بيان ڏنائين تہ:

**"يونيورسٽي جا شاگرد ٻار ڪونہ آهن. عاقل بالغ مرد هن. سائن انهيءَ ئي ليول تي مسئلا طئہ ڪرڻ گهرجن."**

اياز جي اديب دوستن، بهرحال، ڪيس اڪيلو ڪونہ ڇڏيو. ڪڏهن پاڻ سندن دعوت ڪندو هو، ڪڏهن هو ڪندا هئا. ائين ٻنهي ڌرين جي ميل ملاقات ٿيندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن نعيم دريشاڻيءَ سندس دعوت ڪئي. هو ايل.ايم.سي. ۾ ڊاڪٽر هو. تن ڏينهن ۾ پرو-وائيس چانسيلر جون پوسٽون نڪتيون هيون: هڪ سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ، ٻي انجنيئري ڪئمپس لاءِ، ٽين ٽنڊي جام واري زرعي ڪئمپس لاءِ ۽ چوٿين خيرپور ڪيمپس لاءِ.

نعيم دريشاڻيءَ اياز کي چيو تہ، "تون ڄامشوري واريءَ مکيہ ڪيمپس لاءِ ربانيءَ کي پرو-وائيس چانسيلر ڇو نٿو ڪرائين؟"

مان اياز واري ئي صوفي تي ساڻس گڏ ويٺو هوس. سڪ سان ڇڪي، پاڪر پاتائين ۽ چيائين تہ، "مون کي پاءُ تہ ڪونهي. رباني مون کي پرو وائيس چانسيلر ٿي ملي، تہ باقي ڇا کپي!"

رڳو ٺلهي ڳالهہ ڪانہ ڪيائين، پر، پڻي صاحب کي چئي، مڙسان مڙسيءَ منهنجو آرڊر ڪرايائين. بعد ۾ مون سان ڳالهہ ڪيائين تہ اسان جي ٻن ٽن سينئر دوستن بہ انهيءَ عهدي تي تنهنجي مقرريءَ جي مخالفت ڪئي هئي. مون وٽ ئي وسڪي پي رهيا هئا. رات جو يارهين بجي جو ٽائيم هو. هڪڙي ڄڻي تہ ان مهل ئي فون هٿ ۾ کڻي چيو تہ، "هينئر جو هينئر چيف منسٽر کي چئہ تہ مون کي رباني صاحب پرو وائيس چانسيلر ڪونہ کپي."

مون اياز کان پڇيو تہ، "ان جو سبب؟"

چيائين تہ، "سنڌي سڀاجهڙي جو ساڙ ۽ حسد."

اياز جي سنڌي ماڻهوءَ جي مزاج متعلق پڪي پختي راءِ هئي تہ منجهس ساڙ ۽ حسد آهي. ٻئي سنڌيءَ کي مٿي چڙهندو ڏسي نہ سگهندو آهي.

ٻئي دفعي پير علي محمد راشديءَ سان ويٺو هئس. مون سان بہ سائين حسام الدين شاهہ جي ڪري، قرب جو پير هئس. مون کيس چيو تہ، "هي روسي تہ ڪي وڏا نالائق آهن؟"

چيائين تہ، "ڇو؟"

مون چيو تہ، "اسان سنڌ ۾ ون يونٽ جي ڪري ٻاهيون ٻاريون ويٺا آهيون. اسان کي پڇن بہ ڪونہ ٿا. رات ڏينهن ويٺا ٿا ٻروچن جي مٽي تي هٿ گهمائن."

راشدي صاحب مون ڏي نهاري تمام نرمائيءَ سان چيو تہ، "بلوچ سنڌيءَ کان وڌيڪ بهادرءِ پروسي جوڳو شخص آهي."

❊ ❊ ❊

اياز ۽ شاگردن جو جهيڙو ٿيو تہ ڇگو عرصو يونيورسٽيءَ جا معاملا تعطل ۽ مونجهاري ۾ پئجي ويا هئا. مون پرو - وائيس چانسيلر ٿيڻ شرط پهريون ڪم اهو ڪيو تہ "جيئي سنڌ" جي شاگردن وٽ هاسٽلن ۾ هليو ويس. سندن ڪي جائز شڪايتون هيون. اهي دور ڪيم، تہ منهنجي سرڪاري آفيس توڙي گهر ۾ اچي ڪچهري ڪرڻ لڳا. حجت ڪندا هئا تہ چاءِ پياريو ماني کارايو. مون سندن قرب جو فائدو ورتو. آهستي آهستي ڪري، ساڻن ڳالهہ ٻولهہ ڪري سندن ئي رضامندي سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڀتين تي اياز جي خلاف ڪيل چاڪنگ صاف ڪرايم. اياز سان ڳالهہ ڪيم تہ ڏاڍو خوش ٿيو.

هڪ ڏينهن سائين امير حيدر شاهہ سن مان ڪنهن ڪم سان آيو. مون سان يونيورسٽيءَ جي سرڪاري گهر ۾ اچي مليو. مون ان مهل ئي سندس مرضيءَ موجب ڪم تہ ڪري ڇڏيو. پاڻ، خوش ٿي، چيائين تہ "جيئي سنڌ جي شاگردن ۾ ڪو ڪم؟"

مون چيو تہ، "سائين، اسان جا پنهنجا ٻچا آهن."

مسٽر پيار علي الانا سنڌ جو وزير تعليم هو. سو هڪ ڏينهن حيدرآباد آيو اسان کي سرڪيٽ هائوس ۾ سڏيائين. ڊاڪٽر ايس.ايم. قريشي، عبدالقادر انصاري صاحب ۽ مان ٽئي پرو-وائيس چانسيلر وٽس ڳڌ وياسين. مون کي چيائين تہ، "اسان کي خفيہ رپورٽون مليون آهن، تہ تون شاگردن وٽ هاسٽل ۾ ويو آهين، سندن مسئلا حل ڪيا اٿئي. اسان ڏاڍا خوش ٿيا آهيون." انگريزيءَ ۾ چيائين تہ:

"YOU HAVE BROKEN THE ICE"

اسان موٽي اچي اياز کي اها خبر ٻڌائي. پر، ڪيس ڪاٻه خوشي ڪانہ ٿي. چيائين تہ، ”مون سمجهيو تہ مان جو جيئي سنڌ جي شاگردن سان جنگ لايون ويٺو آهيان. سو سرڪار مون کي وڏيڪ پاور ڏئي، ”پاور هائوس“ ڪندي!“

اياز جا اهي حال ڏسي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪيمپس جو پرو - وائيس چانسيلر ڊاڪٽر ايس ايم قريشي ۽ ٽنڊي ڄام جي زرعي ڪيمپس جو پرو-وائيس چانسيلر ڊاڪٽر انصاري پس پرده مسٽر پيار علي الانا وزير تعليم سنڌ سان ملي ويا ۽ خاموشيءَ سان پنهنجا پنهنجا ڪيمپس سنڌ يونيورسٽيءَ کان جدا ڪرائي، پنهنجون الڳ يونيورسٽيون ٺهرائي وائيس چانسيلر ٿي ويا. اهو ڏسي، اياز واڻڙو ٿي ويو! مون کي ۽ خيرپور جي پرو-وائيس چانسيلر مسٽر بخاريءَ کي وڏيڪ محبت سان قابو ڪرڻ بدران اسان جون پوسٽون ختم ڪرائڻ جي سِٽ سٽيائين ۽ اسلام آباد جا پنڌ شروع ڪيائين.

اسان کي سندس چرپر جون اسلام آباد مان ٿي اهڙيون رپورٽون ملنديون رهيون. ابراهيم شاهہ بخاري ۽ مان ڏاڍا منجهياسين. مون کي خبر هئي، تہ اياز هر ڪنهن ۾ توڙي ويجهن دوستن ۾ بہ شڪ ڪندو آهي. ستت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بداخلاق ماڻهن کي ويجهو ڪيائين ۽ جڏا ڪم ڪيائين. مون اعتراض ڪيو تہ چيائين تہ، ”پوءِ پلا تون بہ ٽي مهينا موڪل تي هليو وڃ.“

تنوير ۽ رشيد ڀٽيءَ سان بہ صلاح ڪيم. جن چيو تہ، ”اسان تہ توکي پهرئين ئي ڏينهن جهليو هو تہ اياز سان گڏ نوڪري نہ ڪر. هو بي ڀروسو ماڻهو آهي.“ جويي صاحب سان ڳالهہ ڪيم. سندس مشوري موجب اياز کي ٻن مهينن جي موڪل جي درخواست ڏنم. خوش ٿيو. پر، وري ڪو ريچڪ آيس، سو ٻئي ڏينهن سنئون سڌو استعيفا گهريائين. جويي صاحب سان اها ڳالهہ بہ ڪيم. چيائين تہ، ”هيءَ تہ ٿيو ڪنهن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي، ڦرهو ڪيڏنو.“ (موڪل جي درخواست توٽي استعيفا. ٻنهي جا ڊرافٽ جويي صاحب تيار ڪري ڏنا). مراد علي خان نظاماڻي عارضي سيڪريٽري تعليم وٽ ويس. منهنجو يار هو. وڙهي پيو تہ استعيفا نہ ڏي! پر، مون منٿ ميڙ

ڪيس. لاچار جنرل ايس.ايم. عباسيءَ، سنڌ جي گورنر کان استعيفا جي منظوريءَ ۽ بورڊ واپس مقرريءَ جو آرڊر ڪرائي ڏنائين. گورنر عباسيءَ اهو به ٻڌايو ته اياز مون وٽ آيو هو ته پرو-وائيس چانسيلر جي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ به پوسٽ آهي، سي ختم ڪريو پر. مون سُڪو جواب ڏنس ته، ”مان ڪنهن سنڌيءَ جي نوڪري ڇو ختم ڪريان!“

اياز ڏينهن ٻن کان پوءِ اسلام آباد مان موٽيو ته ڪانئس موڪلائڻ ويس. چوڻ لڳو ته، ”بورڊ ۾ ظفر حسن شاهه ويٺو آهي. ڪيئن ڪيان؟“

مون چيس ته، ”تون ڳڻتي نه ڪر. مان پاڻ سرڪار کان استعيفا منظور ڪرائي بورڊ ۾ واپس وڃڻ جو آرڊر ڪرائي آيو آهيان.“

اهو ٻڌي پيرن هيٺان زمين نڪري ويس! سندس خيال هو ته بورڊ مان سيد ظفر حسن (مرحوم) کي پاڻ ڪونه گهرائيندو. سو مان سندس رحم ڪرم تي هوندس!

مان موٽي بورڊ ۾ آيس. سائين قاسمي صاحب چيئرمن هو. اعليٰ انسان هو. آرڊر وٺي چيائين ته، ”ادا، سيڪريٽري به تون، ته چيئرمن به تون.“ جيڪي چيائين تنهن تي، حرف بحرف عمل ڪيائين. عظيم انسان هو.

اياز پنيان اڪيلو ٿيو ته اهي ئي ڏينهن موٽي آيا، جڏهن هن شاگردن تي هوائي فائرنگ ڪرائي هئي ۽ پاڻ مهينن جا مهينا وي.سي. هائوس ۾ در بند ڪري ويٺو هو. اهو لقاءُ ڏسي، مون کي ملڻ لاءِ نياپن مٿان نياپا موڪليائين. ليڪن، سائين حسام الدين شاهه جهليو ته، ”مٿان سندس ويجهو ويو آهين. تون سندس افعال ڏسي چڪو آهين.“ مون پير صاحب جي چوڻ تي عمل ڪيو.

يونيورسٽيءَ ۾ حالتون جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ خراب ٿينديون ويون. پوليس آئي ۽ شاگردن تي ڳوڙها گئس استعمال ڪيائين. يونيورسٽيءَ جي شاگردن سان گڏ استاد به اياز تي بگڙيا. سينيٽ هال ۾ هنگامي اجلاس ٿيو جنهن ۾ سوڙهو گهٽيائونس. برگيڊيئر مسعود، ايس.ايم.ايل.اي حيدرآباد پڻ اجلاس ۾ موجود هو تنهن اياز کي چيو ته، ”الزامن جا جواب ڏيو.“

اياز خاموش رهيو. برگيڊيئر مسعود مٿي رپورٽ موڪلي ڏني. اياز جو يونيورسٽيءَ ۾ مدو ستت پورو ٿيڻ وارو هو پر، ملڪ جا فوجي حاڪم،

ساٿس سياست ڪندا، ڪيس آسري ۾ رکندا آيا. آخرين ڏينهن تي، يونيورسٽيءَ جو هڪ استاد (مسٽر ايلياس ابڙو) جنهن کي اياز پاڻ نوڪريءَ مان ڪڍايو هو تنهن کي ئي سندس جاءِ تي نئون وائيس چانسيلر ڪري آندائون، تہ اياز کي بچڙو ڪريا پر، هن وڏي اشرافت ڏيکاري ۽ سنڌ جي لڄ رکيائين.

اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي نوڪريءَ متعلق هيئن لکيو آهي:

"مان اسلام آباد ايئرپورٽ تي وي آئي پي لائونج ۾ ويس، تہ جنرل ضياءَ جو لامنسٽر، مسٽر اي ڪي بروهي ۽ هن جي رفيقہِ حيات اڳي ئي اتي ويٺا هئا. مان بروهي صاحب کي چوان ها تہ منهنجي نوڪري بچائي سگهي ها! مون سان ڏاڍو ريڏل هو ۽ پنائيءَ جي ورسيءَ تي مهمان خاص هو. جتي انگريزيءَ ۾ لکيل پنهنجو خطبو مون کي ڏئي چيائين تہ، "اياز هن جو اردو ۾ ترجمو ڪري، سنڌالاجيءَ مان ڇپائجانءِ!" مون ائين ڪيو پر، جڏهن هن کي اهو سنڌي ڇپيل ڪتابڙو ڏيڻ ويس، تڏهن جنرل ضياءَ منهنجي نوڪري اڳي ئي ختم ڪري ڇڏي هئي."

* * *

اياز جا اهي اکر شاهد آهن، تہ کيس نوڪريءَ وڃڻ جي ڪيڏي حسرت هئي!

پاڻ اڳي ئي اهو اعتراف ڪيو هئائين تہ خود پُٽي صاحب بہ کيس نوڪريءَ مان ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو هو.

جنرل ضياء، جڏهن پُٽي صاحب کي ڦاسي ڏني تہ اسان ٻئي اجا يونيورسٽيءَ ۾ گڏ هئاسين. هڪ ڏينهن رازداريءَ ۾ چيائين تہ، "وائيس چانسيلرن جو ڪو وفد ٻاهرين ملڪن جي دوري تي پئي ويو. پُٽي صاحب ڳاڙهي ليڪ ڏئي رڳو منهنجو نالو ڪاٽيو." ائين بہ چيائين تہ، "هُو تہ منهنجي نوڪري بہ ختم ڪرڻ وارو هو پر پاڻ اڳ ۾ ئي اقتدار تان لهي ويو."

بهرحال، جڏهن پنهنجي نوڪري بچائي ڪونہ سگهيو تہ يونيورسٽيءَ مان دلشڪستو ٿي نڪتو ۽ هر ڪنهن کان ڏار ٿي ويو. خاص ڪري، نئين نسل کان تہ بلڪل ڪٽجي ويو. سوڀي گيانچندڻيءَ ان موقعي تي، هڪ تاريخي جملو چيو:

**"شيخ اياز عظيم ٿيو پوءِ عظيم تر ٿيو پوءِ اڪيلو رهجي ويو."**

❊ ❊ ❊

شيڪسپيئر انگريزن جو قومي شاعر آهي. شيڪسپيئر جي هاڪارن نقادن جي فهرست ڊگهي آهي. پر، انهن ۾ بہ اي سي برئڊلي ۽ ولسن نائيٽ وڏا نالا آهن. هنن سوال اٿاريو آهي تہ شيڪسپيئر پنهنجيءَ ذاتي زندگيءَ ۾ پنهنجن ناٽڪن جي ڪردارن مثلا ليئر بادشاهہ (KING LEAR) يا مئڪبيٿ يا هئمليٽ کان وڏو ماڻهو هو يا نہ؟

اهو سوال هر ڪنهن وڏي اديب ۽ شاعر سان لاڳو ٿئي ٿو. شيخ اياز سان بہ لاڳو ٿئي ٿو تہ پتائيءَ وانگر اياز بہ پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ عظيم شخص هو يا نہ؟

اياز مسڪين ماءُ ۽ پيءُ جو اولاد هو. پر، سنڌ جي جاگيردارانہ معاشري جي ڪريل قدرن کي خيال ۾ رکي، آتم ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجيءَ غربت تي پرده پوشيءَ کان ڪم ورتو اٿس. بعضي تہ ان کي "زيبِ داستان" جو پوش پارايو اٿس. مثال طور، هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ، "سندس والد بلغاري حقو ڇڪيندو هو جنهن جي نڙ کي "چانديءَ جا ڇلا" پيل هوندا هئا."

پر، ٻئي هنڌ لکيو اٿس تہ "بابو بيمار هو شيشي کڻي، ڊاڪٽر کان دوا وٺڻ هليو. ڊاڪٽر شيشي موٽائي ڏني ۽ چيائين تہ اوهان اڳينءَ دوا جا پئسا ٿي ڪونہ ڏنا آهن."

هڪ دفعي مون کي چيائين تہ، "مان پنهنجي آتم ڪهاڻي پنهنجي ڏاڏي جي احوال سان شروع ڪندس، جو شڪارپور جي سنڌ واهہ تي سير ڪرڻ ويو. گهر موٽيو تہ پنهنجن ڪپڙن تي ڪول ڏٺائين. سو اها ڪول ڪلهي تي ويهاري، وري ان کي سنڌ واهہ تي ڇڏي آيو."

اهي سڀ "زيب داستان" واريون ڳالهيون هيون. حقيقت انهن جي برعڪس هئي، جا سندس ڪن ٿورن دوستن کي معلوم آهي. اياز جي فرزند

مونس جي والده کي گهڻي کان گهڻي معلوم آهي. ڪجهہ مون کي ٻڌائي اٿس. بهرحال، چڱو ٿيو جو اياز پاڻ پڌائڻ کان پاسو ڪيو. اهڙي قسم جون ڳالهيون، اڳتي هلي سنڌس "بد_باطن نقادن" کي مسالو مهيا ڪن ها. تاريخ جي ورقن ۾ اڄ هو عظيم شاعر آهي. پر، ائين ڪري ها، تہ ماڻهن جي نظرن ۾ ڪري پوي ها.

**اياز جي "حقيقي عظمت" اها هئي، تہ غريب جو ٻار هو. ڪيس ننڍپڻ ۾ ئي غربت جا ڏنگ لڳا. پر، هن حوصلو ڪونہ وڃايو. پنهنجيءَ محنت، سمجهہ ۽ ڏاهپ سان پنهنجي زندگي ٺاهيائين.**

اياز بہ ڪاليج واري زماني ۾ تنگدست هوندو هو. مينڌري سعادتيءَ وارن خطن جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ جڏهن وڪالت پاس ڪيائين، تہ وٽس ڊگري وٺڻ لاءِ پئسا ڪونہ هئا. ٻنيءَ جو ٽڪر هئس، جو وڪيائين. جويي صاحب کيس پي ڊبليو ڊيءَ ۾ ڪلارڪي وٺي ڏني. اياز ائين هڪ محنت ڪش ماڻهوءَ وانگر، ڪلارڪيءَ سان پنهنجو ڪيريئر شروع ڪيو. وڪالت ڪراچيءَ ۾ شروع ڪيائين. پر، اتي پوري ساري هليس، تہ سکر هليو آيو جتي پنهنجيءَ ذهانت ۽ محنت سان، سنڌ جي ڪامياب وڪيلن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

غريب ماڻهو ذڪيا سکيا ڏينهن گذاري جوان ٿئي ٿو تہ ڪيس "دل گهريي" جِيوَن ساٿي" جي آرزو ٿئي ٿي. اياز کي بہ ٿي. پر، ڪيس "محروميءَ" جي تلخي ڏسڻي پئي. سندس ڪتاب "پنهل ڪانپوءِ" جو ورق ورق سندس دل جي پڪار آهي ۽ هن حقيقت تي شاهد آهي تہ اياز کي "غمِ دوران" سان گڏ، "غمِ جانان" جو "دو آتشہ" جام بہ پيڻو پيو.

اصل ڳالهہ آهي تہ آسمان جا ستارا جڏهن انسان جي قسمت ٺاهيندا آهن، تڏهن اڳوات ساڻس صلاح مشورو ڪونہ ڪندا آهن. انگريزي زبان جي مشهور چوڻي آهي تہ:

"MARRIAGES ARE MADE IN HEAVENS"

اياز جي پهرين شادي ڪيئن ٿي؟ سو ڪجهہ قدر معلوم اٿم. ڪيس هڪ پارسا، وفا شعار ۽ نيڪوڪار گهر واري نصيب ٿي، جنهن هر ڏک سک ۾ سندس ساٿ ڏنو. اياز کي منجهانئس پٽڙا بہ ٿيا ۽ نياڻيون بہ. جيڪي هاڻي

سڀ شادي شده ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن. اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جي آخرين حصي ۾ پنهنجيءَ گهرواريءَ، محترمہ زرينہ صاحبہ جي تعريف ڪئي آهي ۽ لکيو آهي تہ، ”منهنجي شاعري، منهنجي وڪالت ۽ منهنجي ڪامياب زندگي سڀ هن جي سبب آهن.“

مان پاڻ ان حقيقت جو شاهد آهيان، تہ سکر ۾ هُوءَ نيڪ بيبي، تهہ سياري ۾ اڌ رات جو اٿي، اياز ۽ مون لاءِ تازي ماني پچائيندي هئي.

اياز ٻي شادي بہ ڪئي، جنهن منجهان بہ کيس پٽڙا ۽ نياڻي ٿي. پر، اياز ۽ سندس ٻي اهليہ، محترمہ اقبال بيگم اڳتي هلي هڪٻئي کان علحده ٿيا. هن مينڌري سعادتيءَ واري ڪتاب ۾ پنهنجي ٻيءَ اهليہ جي بہ تعريف ڪئي آهي. مون سان بہ هڪ اڌ دفعو ملي آهي. زماني جا ڏک ڏسڻ کان پوءِ بہ منجهس ڪل پوڳ جو ذوق آهي. تمام ذهين خاتون آهي.

٭ ٭ ٭

اياز ”مخصوص مزاج“ وارو شخص هو. سندس ياري دوستي تمام محدود هئي. سنڌ ۾ سندس نالي جي شهرت تہ گهڻي هئي، پر، سندس حقيقي دوست آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس هئا. هڪ دفعي سخت بيمار ٿيو. جناح اسپتال ۾ داخل ٿيو. کيس واتان رت ايندو هو. گهر جي ڀاتين مان ڪنهن کي بہ ڪونہ سڏيائين. سو جويو صاحب، جمال رند ۽ مون سندس تيمارداريءَ جو ڪم ورهائي ڪنيو. انهيءَ بيماريءَ جو بہ پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ ذڪر ڪيو اٿس:

> **”مون زرينا کي پاڻ وٽ رهائڻ نہ چاهيو ڇو تہ مون نہ پئي چاهيو تہ هوءَ منهنجي اذيت ڏسي. سو مون فون ڪري حيدرآباد مان غلام ربانيءَ کي گهرائي ورتو. اها ساري رات منهنجي وات مان رت اچي رهي هئي ۽ صبح تائين غلام رباني منهنجي مٿي کان ويٺو هو. ممڪن هو تہ ان رات مان مري وڃان ها. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ غلام ربانيءَ چيو تہ هاڻ مان هلان ٿو ۽ جويي صاحب کي موڪليان ٿو. جويو بہ ساڳئي ڏينهن شام جو مون وٽ هليو آيو.“**

دراصل، اياز ڪا طاقت جي انجيڪشن هڻائي هئي، جنهن جو ردعمل

اها بيماري هئي. اسان مان ڪنهن سان بہ سچي ڳالهہ ڪانہ ڪيائين. ڊاڪٽر هٽي هٽي ٿڪجي پيا، پر، سندس بيماريءَ جو پتو ئي نہ پوي. انهن ڏينهن ۾ مون سندس جيڪا خدمت ڪئي، سا ڪانئس ڪڏهن ڪانہ وسري.

پر، جڏهن پاڻ جيل ۾ هو تڏهن مون ان ڪان بہ گهٽي پيچ ڊڪ ڪئي هئي. سندس آزاديءَ لاءِ حيدرآباد ڪان ڪراچيءَ، اتان سکر ۽ اتان وري حيدرآباد هلي هلي ٿڪجي پيو هوس. جويي صاحب ڪان سواءِ منهنجو ٻيو ڪو بہ مددگار ڪونہ هو. ”حافظ“ مبارڪ علي شاهہ تہ اسان ٻنهي- جويي صاحب ۽ مون کي مرچ هٽي ويو. پير علي محمد شاهہ راشدي ۽ اي ڪي بروهي رڳو دم دلاسا ڏيندا رهيا. بروهي صاحب توڻي راشدي صاحب ۾ اياز کي وڏيون اميدون هيون. اياز پاڻ راشدي صاحب جو هڪ خط مون کي ڏيکاريو هو جو هيئن آهي: اصل انگريزيءَ ۾ آهي: غالباً ناشاد وٽ هجي! پڙهڻ وٽان آهي:

منهنجا پيارا شيخ صاحب!

سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ”مهراڻ“ جي تازي پرچي ۾ جپاني شعر بابت تنهنجو مضمون پڙهيم. اها ڳالهہ وري وري چوڻ بيسود آهي تہ جيڪي ڪجهہ تنهنجي قلم مان نڪري ٿو سو آفاقي (DIVINE PRODUCTION) آهي ۽ تخليقي امنگن جو لازوال سرچشمو. مون کي توکي هيءَ چوڻو آهي تہ جيسين مان هتي آهيان، تيسين تون جپان ۽ هانگ ڪانگ گهمڻ لاءِ لازمي طور- ڪجهہ وقت ڪڍي اچ. مان هتي تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ موجود آهيان. منهنجي شايد اها خودغرضي هجي، چو تہ ان طرح سان مون کي توسان ڪجهہ وقت گڏ گذارڻ جو موقعو ملندو، پر ايتري خودغرضي معاف ڪري سگهجي ٿي.

آءُ سچ پچ توکي سڪ سان دعوت ڏيان ٿو ۽ اها دعوت يقين رک تہ بي فائدي نہ هوندي. منهنجا هتي هر هنڌ دوست ۽ احباب آهن. سو هن پاسي جيڪي ڏسڻ جهڙيون شيون آهن، سي تون ڏسي سگهندين. تنهن وچ

۾ جيڪڏهن توکي هتان ڪابہ شيءِ، مثلاً ڪو ڪتاب وغيره گهرجي، تہ تون چٺيون بہ ستون لکي موڪلجانءِ. توکي هيءَ ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانہ اٿم، تہ مون کي تولاءِ نهايت احترام ۽ عقيدت آهي. ممڪن آهي، تنهنجي ڪلام مان اسان کي رهنمائي ملي وڃي.

نئين سال لاءِ نيڪ تمنائن سان

| | |
|---|---|
| هانگ ڪانگ | تنهنجو مخلص |
| 31 _ 12 _ 1963ع | علي محمد راشدي |

❊ ❊ ❊

راشدي صاحب جو هي خط اياز سان سندس سڪ جو آئينہ دار آهي. پر، جڏهن اياز جيل ۾ پيو تنهن کان اڳ هو مون سان گڏ وٺس ڪراچيءَ ملڻ هليو ۽ منٿون ڪيائينس تہ، "سائين جنگ اخبار ۾ پنهنجي ڪالم "مشرق ۽ مغرب" ۾ منهنجي باري ۾ بہ ٽي دعا جا لفظ لکو جو سکر جا اردو اخبار نويس، ورائي ويا اٿم. متان سياڻي سرڪار سندن چوڻ تي مون کي اندر ڪري" راشدي صاحب کيس دم دلاسو تہ ڏنو. پر، هڪ اکر بہ ڪونہ لکيو.

اهي محروميون ۽ مايوسيون ماڻهوءَ جي مزاج تي اثر وجهن ٿيون. اياز جي ذهن تي بہ پيا هوندا. شايد اهو سبب آهي جو سندس هڪ وڏو مسئلو ماڻهن ۾ شڪ هو. چوندا آهن تہ شڪ ۽ وهم جو علاج تہ لقمان حڪيم وٽ بہ ڪونہ هو. مون 1958ع ۾ ميٽروپول هوٽل ۾ ساڻس پهرينءَ ملاقات ۾ ئي اهو تاثر قائم ڪيوهو جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو اٿم. پر بعد ۾ ساڻس دوستي گهاٽي ۽ گهري ٿي تہ پڪو پختو ٿيو.

ميڊري سعادتيءَ جي فرضي نالي سان هڪ چوڪرو سندس دل ۾ ديد پائڻ ۾ ڪامياب ٿيو هڪ خط ۾ اهو چوڪر لکي ٿو تہ:

"اياز جي طبيعت ۾ شڪ ۽ غلطفهميءَ کي وڏو دخل آهي، هر مسئلي کي شڪ جي نظرن سان ڏسندو آهي، ايتريءَ حد تائين جو ڪانئس ڪوئي واقف پڇندو آهي تہ، "خوش آهين؟" تہ اياز سندس سوال کي ئي شڪ شبهي جي نظر سان ڏسندو آهي."

ڪنهن زماني ۾ ساهيوال ۾ جيل ۾ هو تڏهن وٽس ڪو قيدي جيل جي قانون موجب خدمت چاڪريءَ لاءِ هو جنهن ڏاڍي خدمت ڪيس. اياز خوش ٿي لکي ڏنس تہ، "بابا مان جڏهن ٻاهر نڪران ۽ ڪنهن چڱيءَ منزل تي هجان، تہ تنهنجي مدد ڪندس."

اياز وائيس چانسيلر ٿيو تہ اهو غريب شخص وڏيون اميدون رکي، پنجاب ۽ سنڌ جون سرحدون لتاڙي، اچي وي.سي. هائوس ڄامشوري پهتو. چوڪيدارن سان مليو. تڏو ٻاٽي پيتائين. ساهہ پٽيائين ۽ ساڻن حال احوال ڪيائين. هنن اياز کي اطلاع ڏنو. اياز چيو تہ، "مان ڪونہ سڃاڻانس."

هُو غريب اهو ٻڌي، ڏاڍو پريشان ٿيو. آخر ۾ اياز کي سنڌس جيل واري تحرير اندر موڪلي ڏنائين ۽ ڪنهن غريباڻي روزگار جو عرض ڪيائين. پر، اياز پوءِ بہ ڪونہ مليس. لاچار هو مايوس ٿي، پنهنجي وطن موٽي ويو.

اهو تہ ٿيو هڪ اجنبي، پر، اياز جو ماڻهوءَ جي مزاج متعلق روح ايڏو تہ ڪتو ٿي ويو هو جو بعضي تہ پنهنجي سڄيءَ عمر جي دوستن تي بہ شڪ ڪندو هو. آتم ڪهاڻي جي جلد پهرئين ۾ هيئن لکيو اٿس تہ:

"مرحوم اسد الله شاهہ حسيني "بيخود"، مخدوم "طالب المولیٰ" جي ڪافي قريب هو ۽ مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ فارسي شعبي جو ائسوسيئيٽ پروفيسر هو. هڪ دفعي، اسان وي.سي. هائوس ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئاسين. اسدالله شاهہ مون کان ڪنهن "دوست" جي باري ۾ پڇيو تہ: "اوهان جو هن جي باري ۾ ڇا رايو آهي؟"

"ڪرسٽ وانگر سڄي عمر پنهنجي صليب ڪلهن تي گهلي اٿائين." مون جواب ڏنو.

اسدالله شاهہ نهايت صاف گو انسان هو. مون کي چيائين تہ، "اوهان ڪنهن کي ڪرسٽ ٿا ڪوٺيو؟ ڪيڏا نہ سادا آهيو اوهان!"

**ڪيترو عرصو پوءِ مون جڏهن ان "ڪرسٽ" جو اصلي روپ ڏٺو تہ پنهنجي مردم شناسيءَ مان ويساهہ ئي نڪري ويو."**

 اياز ”ڪرست“ جو لقب پنهنجي هڪڙي قريبي دوست کي ڏيندو هو. اسان سڀني کي انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍو ڏک ٿيو ته هن اهو طنزيه جملو انهيءَ شخص لاءِ موزون سمجهيو جنهن کان وڌيڪ زندگيءَ ۾ سندس ڪوبه دوست ڪونه هو.

❋ ❋ ❋

ليڪن، اياز پنهنجي شڪي مزاج جي باوجود، ڪڏهن ڪڏهن بردبار به ثابت ٿيندو هو. ان جا ڪي مثال ڏيان ٿو:

پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر هو ۽ مان پرو وائيس چانسيلر. ملڪ ۾ مارشل لا لڳي چڪو هو. جنرل جهانزيب سنڌ جو گورنر ۽ يونيورسٽيءَ جو چانسيلر هو. هڪ ڏينهن اياز ڪنهن ڪم سان ڪراچيءَ ويو. شام جو موٽيو ۽ اچا مون کي حال احوال پئي ڏنائين، ته فون جي گهنٽي وڳي. گورنر هائوس ڪراچيءَ مان ڪال هئي ته، ”وائيس چانسيلر صبح جو ڏهين بجي اچي گورنر سان ملي.“

اياز ايڏو ته ٿڪل هو جو مرضي هئس، ته مون سان حال احوال ڪري، سگهو وڃي سمهي پوي. نياپو ٻڌي، چيائين ته، ”ڪهڙي صلاح آهي؟“

مون چيو ته، ”صبح جو سوير هلنداسين.“

سوچي چيائين ته، ”نه، اهو جوکو ڪير کڻندو؟ رستي تي ڪار جو پنچر ٿي پوي، ته ڏهين بجي ڪراچيءَ ڪيئن پهچنداسين؟ هل ته هينئر ئي هلون.“

ڪار ۾ ويٺاسين، ته مون کي اهو احساس ٿيو ته اياز اڄ ڏاڍو ٿڪل آهي. ڪراچيءَ ۾ نثار ميمڻ (جيڪو معين قريشيءَ واري مرڪزي وزارت ۾ وزير ٿيو) منهنجو دوست هوندو هو. پنهنجيءَ هوٽل ۾ ٽڪائيندو هو. وسڪي شاعر جي ڪمزوري ٿيندي آهي. اياز جي به هئي. نثار ميمڻ پوئين پيري ڊمپل جي بوتل آندي هئي، جيڪا اڌرڪ بچي پئي هئي. مون، ڪار ۾ وهڻ مهل، ڊرائيور کي ڏني ته اياز کي ڪراچيءَ ڪم ايندي. هن ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏي. ڪراچيءَ ويندي، رستي تي مون کي ننڊ کڻي ويئي. منهنجي اک تڏهن کلي، جڏهن ڪار بيهي رهي. ڏسان ته اونده ٿي ويئي آهي، پر، چوڌاري بجليءَ جون بتيون چمڪي رهيون آهن. ڊرائيور کان پڇيم ته، ”ڇا هي؟“

چيائين تہ ”ڪراچي اچي ويئي آهي.“
مون چيو تہ. ”پوءِ ڪار ڇو بيهاري اٿئي؟“
چيائين تہ. ”مارشل لا وارا گاڏين جي تلاشي وٺي رهيا آهن.“
اها ڳالهہ ٻڌي، ڇرڪ نڪري ويو. هيٺ لٿس، تہ هڪ سپاهي اڳي ئي اچي ڪار وٽ پهتو. تلاشي ورتائين ۽ ٿيلهي مان ڊمپل جي بوتل ٻاهر ڪڍي، پڇيائين تہ. ”هي ڇاهي؟“
ڪير جواب ڏئي!
بوتل کڻي پرسان بيٺل پنهنجي عملدار کي وڃي ڏنائين. جنهن اسان جي ڊرائيور کان چابي وٺي چيو تہ. ”جيسين اسان جو اعليٰ عملدار اچي، تيسين اوهان جي ڪار اتي ئي بيٺي هوندي“ ڏهاڪو کن ڪارون اسان کان اڳ ساڳئي ڏوهہ ۾ قطار ۾ بيٺيون هيون. اياز پنهنجيءَ سيٽ تان ڇريو ئي ڪونہ. ڇڻ تہ اتي ئي پنڊ پاهڻ ٿي ويو. ڪو ڪلاڪ ٻہ گذري ويو. نيٺ، فوج جو اعليٰ عملدار آيو. ڊرائيور وڃي ساڻس مليو پر، هن ڪيس موٽائي ڇڏيو.
اياز ڪجهہ دير صبر ڪيو. پوءِ ڪار مان لٿو ۽ انهيءَ اعليٰ عملدار وٽ ويو. ساڻس پنهنجو تعارف ڪرايائين ۽ گورنر سان صبح جو ملاقات جو احوال ڏنائين ۽ ڏاڍي ڏيرج سان چيائينس تہ. ”هيءَ غلطي تہ اسان جي ڊرائيور جي آهي، اسان تہ وسڪيءَ تي پيشاب ڪندا آهيون.“
اهو ٻڌي، فوجي عملدار کان کِلَ نڪري وئي! سپاهيءَ کان بوتل وٺي روڊ تي زور سان هنيائين، پرزا پرزا ٿي وئي. اياز کي ڪار جي چابي موٽائي ڏنائين ۽ چيائين تہ. ”اسان کي معلوم آهي تہ سڀ وڏا ماڻهو پيئندا آهن.“
بهرحال، غلطي منهنجي هئي، پر اياز مون کي ميار ڪانہ ڏني. ڪراچيءَ وياسين. جمال ابڙي سان ملياسون. ڳالهہ ٻڌي، ڏاڍو کليو ۽ ڏينهن جا ڏينهن اياز جي انهيءَ ڳالهہ تي کلندو هو تہ. ”اسان تہ وسڪيءَ تي پيشاب ڪندا آهيون.“

❊ ❊ ❊

اياز سنگت سان کل يوڳ ٻہ ڪندو هو. مولوي عبدالواحد سنڌي نئين زندگيءَ جو ايڊيٽر هو. سائيڪو سالن جو هو منهنجو بزرگ هو پر، ان کان وڏيڪ دوست هو. اياز جو ڪلام شوق سان ڇاپيندو هو. هڪ ڀيري اسان

راشدي صاحب جي لارينس روڊ واري بنگلي تي لٽل هٽاسين. هو پاڻ تہ ڪجهہ سالن کان هانگ ڪانگ ۾ هو. اسان جو ميزبان حُسين شاهہ هو. رات جي مانيءَ کان پوءِ ڪا ”غير معمولي فلم“ پروجيڪٽر تي لڳاياٿين. اياز مان ۽ نثار ميمڻ فلم ڏسڻ ويناسين، تہ عين ان مهل مولوي عبدالواحد سنڌي آيو ۽ اياز کان نئون شعر گهرياٿين. اياز چيس تہ، ”سائين، مولوي صاحب! گهڙي کن اسان سان گڏ ويهي رنگين فلم ڏسو وسڪيءَ جو ڍڪ پيئو تہ نئون شعر هينئر ئي حاضر آهي.“

مولوي صاحب چيس تہ، ”زوراور... ڏيو گلاس.“

مولوي صاحب وسڪي پيتي، ماني کاڌي ۽ اسان سان گڏ رنگين فلم ڏٺي. اياز کيس واعدي موجب نئون شعر ڏنو. مولوي صاحب خوش ٿي روانو ٿيو تہ اياز ان مهل ئي خود مولوي صاحب تي طويل نظم چيو جنهن جا ڪي شعر اڃا ياد اٿم:

چٽا چور گرم يار
ڏاڍو مولوي مزيدار
جيئن سٽ، وٽ وٽ،
وهوا جو وهنوار
ڏاڍو مولوي مزيدار
چٽا چور گرم يار.

* * *

هڪ دفعي اياز ۽ مان ڪراچيءَ وياسين. اياز اڃا وائيس چانسيلر ڪونہ ٿيو هو. جبيز هوٽل ۾ ٽڪياسين، جا ٽئين نئين نهي هئي. سائين جي.ايم. سيد نظربند هو. پر، علاج جي سانگي ڪراچيءَ آيل هو. اسان صبح سان تيار ٿي، ڪچهري ڪرڻ لاءِ سنڌس بنگلي تي وياسين. اياز ٽري پيس سوٽ پائي هليو تہ سائينءَ کي وڻندو. سائين تہ فقير ماڻهو هو. سو پاجامي ۽ ڪڙتي ۾ ئي اچي مليو. بغل ۾ ٿلهو نوٽ بڪ هئس. اچڻ سان چيائين، تہ نئون ڪتاب لکيو اٿم، ”مجازي مرحلا، عرف داستانِ دل.“ نوڪر کي چاءِ جو چئي، ڪتاب پڙهڻ وارو هو تہ مون کيس ادب سان عرض ڪيو تہ ”سائين، صدر ۾ ڪتابن جي دڪان تي ويٺو اٿم. اوهان بہ هڪ ڪتاب

گهريو هو سو شايد اڄ ملي وڃي."

چيائين ته، "جلد اڄ. منجهند جي ماني گڏجي کائينداسين."

مان "حيدر منزل" مان نڪري، صدر پهتس. ڪيفي جارج تي پيٽيز ۽ چاءِ گهرايم. پوءِ ڪتابن جي ٻن چئن دڪانن تي ويس. سائين جي ڪتاب ۽ يورپ مان آيل سنڌ جي تاريخ تي قديم ڪتابن جي پڇا ڪيم. بک لڳم ته هانگ ڪانگ چيني ريسٽارينٽ ۾ ماني کاڌم. منجهند جي مهل هئي. گرمي ٿي وئي هئي. سڌو جبيز هوٽل تي هليو ويس. ڪپڙا بدلائي، پلنگ تي ليٽي پيس. ٿڌو ڪمرو هو. ڏاڍي فرحت آئي. پر، شام جا چار ٿي ويا. اياز اڃا نه آيو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هو ڪمري ۾ داخل ٿيو. سندس هلڻ جو خاص انداز هوندو هو۔ ٽپا! ٽپا! سڌو غسلخاني ۾ هليو ويو. سوٽ لاهي، سلوار چولو پائي، اچي پلنگ تي پاڻ ستيائين.

مون چيس ته، "ڏاڍو ڪو ٿڪل ٿو ڏسجين؟"

چڙ مان چيائين ته، "اشراف، مون سان نه ڳالهاءِ."

"ڇا ٿيو؟ مان ته سڌو هيڏي هليو آيس. سائينءَ وٽ پيو ڪير آيو؟"

"ڪير ڪونه آيو." چڙ مان چيائين ته، "اهو ٻن سون صفحن جو سڄو ڪتاب مون اڪيلي کي پڙهي ٻڌايائين! شام جا پورا چار ٿي ويا!"

اها ڳالهه تڙ تڪڙ ۾ ائين ڪري ويو جو پانيم، ته اندر پريو پيو اٿس. سو چپ رهيس. ڪجهه دير کان پوءِ پڇيومانس ته، "توکي مزو آيو؟"

"مزو؟ مون کي مٿي ۾ ڇُڳهه ڪري وڌائين!"

ائين چئي، چادر مٿان وڌائين ۽ شوڪارا پرڻ لڳو.

❊ ❊ ❊

اياز کي برمهل برجستو جواب ڏيڻ تي به وڏو ملڪو حاصل هو. هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾، راشدي صاحب جي لارينس روڊ واري بنگلي تي، حُسين شاهه وٽ، جينيٽ ڪريمر نالي هڪ جوان آمريڪي خاتون ٽڪيل هئي. منيلا مان آئي هئي ۽ آمريڪا وڃي رهي هئي. ڪا سهڻي هئي! مارلين منرو جون سڪون ٿي لاٿائين. حُسين شاهه اسان جو ساڻس تعارف ڪرايو. رات جو پاڻ جينيٽ ڪريمر جي پر واري ڪمري ۾ ستو. اياز ۽ مان پريرو سامهون وارن ٻن ڪمرن ۾ ستاسين. حُسين جو مامو غلام شاهه (مرحوم

سڄي رات جينيٽ ڪريمر واري ڪمري جي در تي چوڪيداري ڪندو رهيو. صبح جو ننڊ مان اٿياسين تہ مون کي اچي سرہاڻ ڪيائين تہ، ”سڄي رات اک ڪانہ ہوٽي اٿم.“

مون کيس شاباس ڏني ۽ چيو تہ، ”ويچاري پرديسي مهمان آهي ماما، تو سندس آبرو رکي آهي. توکي اهڙيون تہ دعائون ڏيندي جو اڏي چڏيندي.“

صبح جو ناشتو سيني گڏجي ڪيو. اجا ڊائننگ ٽيبل تي ويٺا هئاسين، تہ جينيٽ ڪريمر نيم عريان لباس ۾ لڏندي لمندي آئي. انداز دلبرانہ سان پڇيائين تہ:

HOW DO YOU DEFINE A POET?

اياز چيس:

DO YOU NEED IT, WHEN YOU SEE ONE?

جينيٽ ڪريمر کلي ڏنو.

* * *

ہيڙو فقير، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ گهٽو ايندو ويندو هو. ڦليليءَ جي ڪناري تي رهندو هو. دعوت ڪيائين. اياز ۽ مان گڏجي وٽس وياسين. موٽر جو در اچي کوليائين، تہ اياز اٿنديئي چيس تہ، ”ہيڙا فقير! تولاءِ هڪ ڳجهارت آندي اٿم.“

ہيڙي فقير مشڪي چيس تہ، ”سائين فرمايو؟“

اياز چيس تہ، ”مومل چيو راڻي کي تہ مان آهيان تنهنجي ماءُ.“

ڳجهارت ٻڌي، ہيڙو فقير واٽڙو ٿي ويو! ڪا دير ڪياڙي کنهندو رهيو. رکي رکي مون کي اچي ڪن ۾ سرہاڻ ڪري تہ، ”شيخ صاحب کي اها ڳجهارت ڪهڙي سگهڙ ڏني آهي؟“

* * *

سنڌ جي سمورن سفرن ۾ ٽر ڪان سواءِ مان اياز سان گڏ هئس. اياز جي چوڻ تي انهن سفرن جو احوال ”برسات“ رسالي (1986ع) ۾ لکيو هئم. هاڻي موٽي جڏهن انهيءَ سڄي منظر تي نظر ڪريان ٿو تہ مون کي وري اها رات ياد ٿي اچي، جيڪا اسان ڪينجهر تي گڏ گذاري هئي. گرميءَ جي مند هئي. پر، بهشت جي ٿڌڙي هير پئي لڳي. رات جو ڪائي، پي، هڪ پرديسيءَ

ڪان ڪلام ٻڌاسون، تان جو اڌرات ٿي ويئي. هڪڙو ڪلام اڃا ياد اٿم:

لڏي ويا، ڇڏي ويا،

ڪينجهر جا ڪنارا،

پکيئڙا ويچارا.

صبح جو اياز اسان کي پنهنجو نئون ڪلام ٻڌايو:

نہ تــڙ تي تماچي، نہ گنڌريءَ گذارا،

آسارا آسارا، ڪينجهر جا ڪنارا.

❊ ❊ ❊

اياز وس ڪندي، منهنجو چوڻ ڪونہ موٽائيندو هو. ڪيس منهنجي سچائيءَ ۾ يقين هوندو هو. ڪن معاملن ۾ هلندو ٿي منهنجيءَ صلاح سان هو. ڪلي چوندو هو تہ، "رمز ربانيءَ جي، رعب اياز جو."

اياز کي معلوم هو تہ مون کي ساڻس ڪيڏي سڪ آهي! مون ساڻس ڪڏهن بہ رک رکاءُ ڪونہ ڪيو. جيڪي دل ۾ سو زبان تي. دوستيءَ جي تقاضا ٿي اها آهي تہ ماڻهو مصلحت خاطر هڪبئي کي ڪوڙو دلاسو نہ ڏئي. جويو صاحب منع ڪندو هو تہ تون ساڻس يونيورسٽيءَ جون اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، جيڪي ڪيس نہ وڻن. پر، مون کيس هميشہ هر ڳالهہ ٻڌائي ۽ سورنهن آنا سچي ٻڌائي.

جيڪڏهن انهن ڳالهين تي توجهہ ڏئي ها ۽ يونيورسٽيءَ ۾ لچ لوفر کي ويجهو اچڻ نہ ڏئي ها، تہ جيڪر پاڻ کي ڏکيو ڪونہ ڪري ها. پر، افسوس تہ هن پٺي صاحب جي مشوري کي وساري ڇڏيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان نڪتو تہ دل شڪستہ هو.

سکر هليو ويو. وڪالت شروع ڪيائين. پر، دل ڪانہ لڳس. بلڪ، دل جي تڪليف ٿيس. علاج لاءِ ڪراچيءَ آيو ۽ تادم حيات اتي ئي رهيو. مان حيدرآباد مان اسلام آباد اڪيڊمي آف ليٽرس ۾ هليو ويس. پر، مهيني ماسي ڪراچيءَ ايندو هئس. اياز ڪراچيءَ ۾ آتم ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي. ان ۾ تر جو احوال لکندي، مون کي سڪ سان ياد ڪيائين:

**"ربانيءَ کي سفر ۾ ڏاڍو ياد ڪري رهيا هئاسين. هن جي خوش طبعي، دوستي ۽ اجهل آجيان! مان وڪالت ۾**

چيائين تہ، "نہ."

مون چيو: "سوڀو؟"

چيائين تہ، "ڪڏهن، ڪڏهن."

مون چيو: "پراڻن دوستن مان ڪير ايندو آ؟"

چيائين تہ، "ابراهيم ۽ جمال ابڙو."

ٻئي ڄڻا خاموش ٿي وياسين. خاموشيءَ کي پنهنجي زبان ٿئي ٿي، ۽ ڏاڍي ڏکوئيندڙ!

❊ ❊ ❊

پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت اياز کي تمغو ڏنو. مون کي ڪيائين، تہ اسلام آباد ايندس. مون چيو تہ، "توکي عاليشان هوٽل رهائيندس."

چيائين تہ، "گهر ۾ چو نہ؟"

مون چيو تہ، "منهنجو گهر غريباڻو آهي. يلي اچي ٽِڪ"

اسلام آباد آيو تہ نبي بخش کوسي جي گهر ٽڪيو. هو پاڻ ڪراچي ويل هو. اياز سمهندو اتي هو ۽ ناشتو بہ اتي ئي ڪندو هو. باقي سڄو ڏينهن ۽ چڱيءَ رات تائين منهنجي گهر ۾ هوندو هو.

مان ۽ منهنجي گهر واري ساڻس گڏجي "ايوانِ صدر" ۾ تمغو وٺڻ وياسين. اها تقريب "ڪرسٽل هال" ۾ ٿيندي آهي. وڏن وڏن ماڻهن کي مدعو ڪيو ويندو آهي. سندن خوبصورت خواتين زرق برق لباس ۾ ايندين آهن چوطرف حُسن جا تجلا ۽ خوشبوءِ جون هبڪارون هونديون آهن. بجلي جي چمڪ دمڪ ۾ وڻندڙ منظر نظر ايندو آهي. تقريب پوري ٿيڻ کان پوءِ مهمان چِٽ تي چاءِ پيڻ هلندا آهن.

صدر، وزير، امير، سفير ۽ حڪومت جا اهم اراڪين بہ هوندا آهن جنرل نصيرالله خان بابر آيو ۽ اياز کي مبارڪباد ڏنائين. ڪجهہ دير کان پوءِ نواب يوسف ٽالپر اچي مليو اياز کي وڏيءَ سڪ سان مبارڪ ڏنائين ۽ مون کي ملاقات لاءِ دعوت ڏنائين. ان رات، اياز ڏاڍو خوش هو. مون اسلام آباد جي

”گريٽ وال“ چيني هوٽل ۾ سندس اعزاز ۾ ڊنر ڏني. ٻئي دفعي ڪراچيءَ ويس تہ حسبِ دستور سندس فليٽ تي ويس. گهر واريءَ کي چيائين تہ، ”بيڊ روم ۾ سڏ ڪرينس.“

اندر ويس، تہ پاڻ پلنگ تي ليٽيو پيو هو پر، هڪڙي ٽڪل، اڪيلي ۽ اداس انسان وانگر! ڪيس انهن يارن جو قرب ڪپندو هو جن سان هن سڄي عمر گڏ گذاري هئي. پنهنجي اردگرد، نوجوان شاگردن جا ٽولا ڏسڻ تي گهريائين، جن لاءِ چيو هئائين تہ: **”رُتِ آئي ڳاڙهن ٻيرن جي.“**

گهر واريءَ کي چيائين تہ، ”مون کي ماني ڏي ۽ رٻانيءَ کي چاءِ.“

گهر واري ماني کڻي آيس: گوگڙن جي پاڄي ۽ ٻہ اٽيبون ڊبڙيون. مون کي اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن سکر وٽس ويندو هوس، تہ سندس گهر واري پاپي زرينہ ماني موڪليندي هئي: ٻڪل گوشت جو ٻوڙ قيمي جون ٽڪيون، تريل مغز ڪڪڙ جو ٻوڙ سيئل مڇي، ڪوفتا، پاڄي، ڪيسري پلاءُ، ڦارهن جو شربت ۽ ميوات.

اياز ٻڌايو تہ طبيعت نيڪ ڪانهي. ڊاڪٽر فقط سائي پاڄي کائڻ لاءِ چيو آهي. مون محسوس ڪيو تہ، ”سرڪاري تمغو“ اياز لاءِ طاقت ۽ توانائيءَ جي انجيڪشن ثابت ڪونہ ٿيو.

اسلام آباد موٽيس، تہ مرڪزي حڪومت جي اعليٰ عملدار ۽ سنڌي اديب جي حيثيت ۾ نصيرالله بابر کي باضابطي سرڪاري پئڊ تي ليٽر لکيم تہ، ”اياز چاق ڪونهي. اوهان بيرون ملڪ سندس علاج جو بندوبست ڪريو ۽ ان سلسلي ۾ مهرباني ڪري محترمہ وزيراعظم صاحبہ کي سفارش ڪريو. بلڪ، منهنجو هي خط بہ موڪليوس.“

. هن چا ڪيو ۽ چا نہ ڪيو سو معلوم ڪونهي، پر، جڏهن ٻئي دفعي اياز سان مليس، تہ پهرين ڳالهہ اها ڪيائين تہ، ”ڪالهہ اوچتو عبدالله شاهہ گهر آيو ۽ تڙ تڪڙ ۾ ڪاغذ تي درخواست لکائي، ان مهل ٽي چئن لکن رپين جو چيڪ ڏئي ويو.“

اهو ٻڌي، مون بريف ڪيس مان ڪيس جنرل نصيرالله خان بابر ڏانهن

لکيل پنهنجي خط جو نقل ڪيو ڏنو. پڙهي، چيائين ته، "اڙي ياں اهو ڪم تو ڪيو هو ڇا!"

ڪنهن زماني ۾ سنڌ سرڪار وٽان به ڪيس مالي مدد ملي هئي.

ان ۾ مسز مهتاب راشديءَ جي ڪوشش شامل هئي.

پئسو گهڻا ئي غم دور ڪري ٿو پر پئسو سڀ ڪجهه ڪونهي. انسان کي حقيقي خوشي ۽ راحت وري به ٻئي انسان جي قرب ۽ محبت مان ملي ٿي. اڪيلائي وڏو عذاب آهي. حاڪم جڏهن ڪنهن تي ڪاوڙيا آهن، ته کيس "قيدِ تنهائي" جي سزا ڏيندا آهن. هڪ دفعي اياز مون کي پاڻ ٻڌايو هو ته هيمنگوي جي ڪنهن ناول ۾ ٽي باغي ڪنهن هنڌ، سرڪاري فوجن جي گهيري ۾ اچي وڃن ٿا. مشين گنون مٿن ڪڙڪنديون رهن ٿيون، پر هو پهاڙ جي دامن ۾ آهن. هڪڙو ڄڻو ڪنهن حيلي سان دشمن کان لڪي، پڇي وڃي ٿو. رات گذري ٿي. سج سنئون ٿئي ٿو، ته مشين گنون وري ڪڙڪا ڪن ٿيون. اوچتو هو موٽي اچي ٿو. سنڌس ٻه ساٿي حيران ٿي، کانئس پڇن ٿا ته، **"تون هن دوزخ ۾ وري ڇو موٽي آئين؟"**

هُو پريل گلي سان کين جواب ڏئي ٿو ته، **"اوهان کان سواءِ قرار ڪونه آيو."**

❊ ❊ ❊

هڪ ڏينهن ڪراچيءَ آيس ته اياز سان ملڻ ويس. سنڌس فليٽ کي ٻه لوهي در آهن، جيڪي بند رکندو هو.

"ڪير آن؟"

"رباني."

ٽپ ٽپ ڪندو آيو. در کوليائين. حسبِ دستور اسان سنڌس اسٽڊيءَ ۾ وڃي ويٺاسين. مون کيس اداس ڏٺو. چوڻ لڳو ته، "ابراهيم ايندو آهي، پر هن ڀيري الائي ڇو ايڏي دير ڪئي اٿس!"

ڪراچيءَ ۾ اياز جو فليٽ ڪلفٽن برج وٽ هو. اتان سمنڊ ايڏو ويجهو ڪونهي. پر، ايڏو پري به ڪونهي. اياز ڳالهائي رهيو هو ته مون سمنڊ جو آواز

اهو ردعمل رڳو نوجوان نسل جو ڪونہ هو پر اياز جا جنم جنم جا ساٿي ب ان صدمي سٽي وڌا هئا. ظفر ڪاظمي ۽ تنوير عباسي، سڄي رات پٽ شاهہ تي گذاري. تربت لاءِ موزون هنڌ جو انتخاب ڪيائون ۽ پوءِ ڪنهن ب پيشيور گورڪن کي اها سعادت ڏيڻ بدران، تاج جويي، پنهنجي هٿن سان کوڏر کڻي، زمين هموار ڪئي ۽ اياز جي ابدي آرامگاهہ درست ڪئي. هو ان معنيٰ ۾ هاڻي تاريخ ـ ساز شخصيت آهن.

اياز جو جنازو ڪراچيءَ مان کڻي آيا تہ حيدرآباد جي ٽول پلازا تي مان دوستن سان گڏ اڳي ئي سوڳوار قافلي جو منتظر هئس. پٽ شاهہ پهتاسين تہ يارن جي وڏي هجوم ۾ سندس جسم لحد ۾ لاهڻ لاءِ اڳتي وڌيس. ماڻهوءَ کي پنهنجي يارن سان مٺي جيئري نڀائڻ کپي.

پٽ شاهہ مان غم جا ڪارا ڪڪر، سڄت سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ آسمان تي پکڙجي ويا. ٻئي ڏينهن اخبارون نڪتيون تہ پُورب ۽ پڇم مان رڳو آهون ۽ دانهون هيون. سندس چاليهي جي موقعي تي ڪن اخبارن "اسپيشل ايڊيشن بہ" ڪڍيا، جن ۾ سدا بهار گلابي گلن جي خوشبوءِ هئي.

جمال ابڙي مون کي اها ڳالهہ ڪري ڏک سان چيو تہ، "جي وڏ جن سونهن، سي وڏ سي ئي ڪن. هن دور جي سنڌي صحافت جي جڏهن تاريخ لکبي تہ تڏهن هر ڪنهن جا پرڪار پڌرا ٿيندا. تاريخ ڪنهن کي بہ معاف ڪانہ ڪندي." جمال جي ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو سوز هو.

ليڪن، سنڌي اديبن پاڻ ملهايو. نصير مرزا اهڙو ڪتاب شايع ڪيو جنهن ۾ چانديءَ جي چمڪ هئي. بيدل مسرور اياز جا لافاني نغما ڳائي، اياز جي عقيدتمندن کي وري وري رئاريو. احمد سولنگيءَ وڏيءَ دل سان سڄيءَ سنڌ مان پٽ شاهہ ۾ آيل سوڳوار احبابن جي ميزباني ڪئي. هزارين رپيا خرچ ڪيائين.

مدد علي سنڌيءَ، سنڌ جي وزيراعليٰ، سنڌ جي گورنر ۽ وفاقي ۽ صوبائي وزيرن کي اياز جي مزار تي وٺي ويو جن مٿس گلن جون چادرون چاڙهيون. اياز جي دوستن پاڻ ملهايو.

❋ ❋ ❋

جمال ابڙو پوين ڏينهن ۾ اياز کي گهڻو ويجهو هوندو هو. اياز ۽ مون کي ساڻس سڪ هئي، سو مهراڻ رسالي لاءِ ڪيس مضمون واسطي چيم. چيائين ته، "ادا، اياز تي ڪير لکي سگهي ٿو؟" اهو جواب ٻڌي اول مان منجهي پيس، پر پوءِ محسوس ڪيم ته، "جمال جي جواب ۾ حقيقت کان وڏيڪ محبت آهي."

هڪ دفعي، چيني اديبن جو وفد پاڪستان جي دوري تي آيو. حسبِ دستور مان کين اسلام آباد مان ڪراچيءَ، لاهور ۽ ڪوئيٽا گهمائڻ ويس. سرينا هوٽل ۾ ٽڪياسين. منجهند جو گورنر لنچ ڪئي. رات جو ڪنهن مهل دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٻڌم. هڪ چيني اديب بيٺو هو. اک جي اشاري سان پنهنجي ڪمري ڏانهن سڏيائين. هٿ منهن ڌوئي اتي ويس. سڀ چيني اديب ويٺا هئا. وفد ۾ ٻه چيني ڇوڪريون به هيون. اهي پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي هيون. ادب ۽ شعر شاعريءَ جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون. هنن مون کي چيني شعر ٻڌايا. جڏهن محفل گرم ٿي ۽ سڀ ڪيف ۽ سرور ۾ آيا، ته منجهانئن هڪڙي جٽي، گرجدار آواز ۾، ڪو نظم پڙهيو. محفل کي اهڙو ته لوڏي ڇڏيائين، جو ڇڱي ڇڱي دير سناٽو ٿي ويو. مون مترجم کي آهستي ڪن ۾ چيو ته، "مون کي انهيءَ نظم جو ترجمو ٻڌاءِ." هن منهنجو سوال چيني زبان ۾ ورجايو. جنهن شاعر اهو نظم پڙهيو هو تنهن جذباتي آواز ۾ زور سان چيو ته، "هن نظم جو ترجمو ٿي نٿو سگهي!" ڪجهه دير کان پوءِ، مترجم مون کي ڪن ۾ سرپاٽ ڪيو ته، "چيئرمن مائوءَ جو نظم آهي."

مائوءَ کي وفات ڪئي ڪو زمانو گذري ويو هو پر، چين جي دانشورن تي اڃا به سندس وڏو رعب هو. مون مسئلي تي ويچار ڪيو ته ڀلا جيڪڏهن ماڻهن انجيل مقدس ۽ قرآن پاڪ جا ترجما ڪيا آهن، جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ ۽ ٽيناٽيءَ جي ڪلام جا ترجما ڪيا آهن ته پوءِ مائوءَ جي ڪلام جو ترجمو ڇو نٿو ٿي سگهي؟ ماڻهوءَ کي حقيقت پسند ٿيڻ گهرجي- نه رڳو حقيقت پسند، ليڪن انصاف پسند. سو سمجهيم ته جمال ابڙي جو جواب جذباتي آهي.

اياز سنڌ ۾ ويهينءَ صديءَ جي مکيہ مشاهيرن مان هو. مشاهيرن جو الميو اهو هوندو آهي، تہ سندن وفات کان پوءِ ماڻهو سندن تربتن جي مٿان سونين ۽ روپين تارُن سان طلسمي پيچرا ٺاهيندا آهن. سندن غيرمعمولي عظمت جا داستان بيان ڪندا آهن. بعضي تہ ڪانيون، ڪرامتون ۽ معجزا بہ بيان ڪندا آهن. اياز جي دعائن جو ڪتاب ڇپيو تہ هڪ اديب دوست مون کي چيو تہ، "اڳي تہ ڪير چا بہ سمجهندو هجي، پر هاڻي تہ ثابت ٿي ويو تہ اياز ولي هو." مون کيس تہ ڪوبہ جواب ڏيڻ مناسب ڪونہ سمجهيو. پر، اهو احساس ٿيو تہ ڪن اديب دوستن پنهنجن مضمونن ۾ حق تي ڌانهن ڪئي هئي تہ،"اياز کي پِيرُ نہ بنايو."

اياز سان ۽ سنڌ جي ايندڙ نسلن سان انصاف ائين ٿيندو تہ هڪ تہ ڪي پبلڪ پارڪ، روڊ رستا، اسڪول ۽ اسپتالون سندس ياد ۾ قائم ڪجن. ٻيو تہ اياز جا پراڻا سنڌي دوست ساڻس محبت وارو پير هيئن ڪٽي سگهن ٿا تہ جنهن يار، دوست، ساٿيءَ، اديب ۽ شاعر جيئن کيس ڏٺو هجي، تيئن سندس ذڪر ڪري، مٿس مضمون لکي، ڪتاب لکي ۽ سندس ڪلام تي تحقيق ڪري. ليڪن، اصول اهو ئي اڳيان رکي، جيڪو اياز پاڻ بيان ڪيو آهي:

اکيون ساهميون
ڳڻن جي ڳڻيءَ ۾ سدا تور پوري
خيانت نہ ڪن، لاشعوري شعوري،
اکيون ساهميون.

★

# جمال ابڑو



جمال ابڙو

اسان جي ٿهيءَ وارا لکندڙ گهڻو ڪري ويهينءَ صديءَ جي ٻئي يا اڪثر ٽئين ڏهاڪي جي پيداوار هئا. پاڪستان ٺهڻ سان اڳيون وايو منڊل بدلجي ويو. سنڌ تي بہ اثر پيو. سنڌي هندو ليکڪ لڏي ويا. اجتماعي زندگيءَ سان گڏ انفرادي زندگي بہ متاثر ٿي. اياز ۽ جمال آرٽسٽ تہ وڏا هئا، پر پنهنجين پنهنجين حالتن ۽ مجبورين جي تابع بہ هئا. اياز تہ صاف لکيو آهي تہ ”آزاديءَ بعد منهنجا هندو ساٿي اديب هندستان هليا ويا، تہ مون چڱو عرصو لکڻ ئي ڇڏي ڏنو.“

آزاديءَ کان پوءِ صحيح معنيٰ ۾ پهريون اهم ادبي رسالو ماهنامو ”نئين زندگي“ ليکبو پر انهيءَ جي بہ شروعاتي پرچن کي ڏسبو تہ منجهس ادبي تحريرون نالي ماتر نظر اينديون. گهڻو ڪري مرڪزي ۽ صوبائي وزيرن جون تقريرون ۽ تصويرون ڏسڻ ۾ اينديون. سرڪاري رسالو هو. ليٿو ۾ ڇپبو هو. ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي هو. ذات جو انڍڙ هو. ننڍپڻ ۾ سنڌ مان لڏي دهليءَ ويو هو. غريب جو ٻار هو سو ڊاڪٽر ذاڪر حسين سنڌس مٿي تي ٻاجهہ پريو هٿ رکيو. ڊاڪٽر صاحب اول جامعہ مليہ دهليءَ جو وائيس چانسيلر هو. پوءِ هندستان جو صدر ٿيو. سنڌس پاڇي هيٺ مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جو جامعہ مليہ ۾ وقت سٺو گذريو. اتي ئي شادي ڪيائين. اولاد ٿيس. سنڌس وڏو فرزند آصف جيلاني هاڻي B.B.C تي اردو نشريات ۾ سٺي عهدي تي آهي. اڳي هت ڪراچيءَ ۾ ”امروز“ اخبار ۾ ڪم ڪندو هو. جتي مون سان گاهي ماهي ملاقات ٿيندي هئس.

مولانا عبدالواحد سنڌي هندستان مان ٻين مهاجر ڀائرن سان گڏ لڏي سنڌ ۾ آيو هو. سنڌن ئي مدد سان کيس حڪومت پاڪستان جي وزارت اطلاعات ۽ نشريات جي شعبي پاڪستان پبليڪيشن ۾ ”نئين زندگي“ رسالي جي ايڊيٽري ملي. مرڪزي حڪومت رسالي تي ”نئين زندگي“ نالو آزاديءَ جي نسبت سان رکيو تہ هاڻي انگريز ويا، اسان آزاد آهيون نئين زندگي شروع ٿي آهي. انهيءَ لحاظ کان، رسالي ۾ شروعات ۾ رڳو وزيرن جون تصويرون ۽ تقريرون ڇپيون هيون. مولانا عبدالواحد سنڌي صاحب آهستي آهستي رسالي ۾ ادبي رنگ آندو. هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو ”نئين زندگي“ نج سنڌي ”ادبي رسالو“ ٿي ويو ۽ ان جي اشاعت ان زماني ۾ بہ ڇهن

هزارن کي وڃي پهتي. همعصر اردو رسالي ”ماه نو“ جو علائقو سڄو پاڪستان هو ۽ ”نئين زندگي“ رسالي جو علائقو فقط سنڌ هئي، جنهن جون سرحدون ڪراچي ۽ ريتيءَ تائين محدود هيون. پر، مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي ”نئين زندگي“ رسالي سان عشق ۽ عقيدت ۾ انهن ڳالهين جي اهميت گهٽ هئي. هو انهيءَ اصول جو هو تہ رسالو وقت تي نڪري تہ اشاعت ازخود وڌندي ائين ئي ٿيو.

مون کي پاڻ مينارام هاسٽل ڪراچيءَ مان ٻانهن ۾ هٿ وجهي ساڻ وٺي ويو. وزارت نشريات ۽ اطلاعات جي اعليٰ عملدار کان منهنجو آرڊر ڪرايائين. مهينو مس گذريو هوندو جو رسالي جي ايڊيٽريءَ جو ڪم مون کي سونپيائين جڏهن تہ مان سنڌس معاون ڪونہ هئس، پر پاڻ هو. مون اهڙا بهشتي انسان بہ ڏٺا. بہ سال گڏجي دل ۽ جان سان ڪم ڪيوسون. دوستي اهڙي تہ پڪي ٿي وئي، جو پوءِ پنهنجي خانگي زندگيءَ جي نهايت نازڪ معاملن ۾ مون سان مشورو ڪندو هو. مثال طور سنڌس نياڻين جون شاديون. توڙي جو مان ڪانئس ويهہ ورهيہ ننڍو هئس.

”نئين زندگي“ کان اڳ يا ساڳئي دؤر ۾ سنڌ ۾ ادبي ۽ نيم ادبي ماهوار رسالا ڀيا بہ نڪرندا هئا: مثال طور، ”تقاضا“، ”ڳوٺ سڌار“، ”روح ادب“، ”فردوس“ ۽ ”ادا“ وغيره پر انهن گهڻو جٽاءُ ڪونہ ڪيو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جهڙيءَ عظيم شخصيت جي سرپرستيءَ ۾ ”شاعر“ رسالو شايع ٿيو. مولانا غلام محمد گرامي ايڊيٽر مقرر ٿيو پر اهو بہ گهڻو عرصو ڪونہ هليو. گرامي صاحب موٽي بورڊ ۾ آيو. ’مهراڻ‘ رسالي جو ايڊيٽر ٿيو. ”نئين زندگي“ رسالو مسلسل هلندو رهيو. جڏهن ون يونٽ ڊهي ويو تہ، سرڪار نامدار، سنڌي پڙهندڙن تان بار هلڪو ڪرڻ لاءِ ’نئين زندگي‘ رسالو بند ڪري ڇڏيو.

اها ڳالهہ سبق آموز آهي ۽ سوچڻ جهڙي آهي

* * *

جمال ابڙي ۽ شيخ اياز جهڙا عظيم آرٽسٽ مٿي ذڪر ڪيل ادبي ۽ نيم ادبي رسالن ۾ گهٽ لکندا هئا، پر ”نئين زندگي“ ۾ لکندا هئا. انهيءَ ڳالهہ جو ان وقت هڪ سبب تہ ”نئين زندگي“ رسالي ۾ منهنجي موجودگي ۽

ساڻن دوستي هئي، پر پيءُ ۽ مکيه سبب هو ”سنڌي ادبي سنگت“ جو قائم ٿيڻ. البت، ”مهراڻ“ نڪتو ته ان ۾ لکڻ هر ڪنهن لاءِ فخر جي ڳالهه هئي.

”سنڌي ادبي سنگت“ يا ”سنڌي ساهت سنگت“ آزاديءَ کان اڳ هڪ ادبي تنظيم هوندي هئي، جنهن ۾ نوجوان هندو ۽ مسلمان اديب ٻئي شامل هوندا هئا. اياز ۽ جمال به موتين جي انهيءَ لڙهيءَ جا داڻا هئا.

هڪ طرف ادبي سنگت نهي ۽ زور ورتائين، ته ٻئي طرف سنڌي ادبي بورڊ 1955ع ۾ وڏي آب تاب سان ”مهراڻ“ رسالو ڪڍيو. جويو صاحب ايڊيٽر ٿيو. سنڌ ۾، هر هنڌ، جديد سنڌي افساني ۽ شعر شاعريءَ جون شمعون روشن ٿي ويون.

جمال ۽ اياز سان منهنجي گهرائپ ٿي، ته ستت تڪڙيون تڪڙيون ميل ملاقاتون ٿيون. هڪ دفعي مان ۽ رشيد ڀٽي رڳو جمال سان ملڻ لاءِ ڪراچيءَ مان شڪارپور وياسين. جتي هو جج هو. سياري جو زمانو هو. وٽس رات ٽڪياسين. ٻئي دفعي مان وٽس ٽنڊي الهيار ويس.

جڏهن جمال حيدرآباد ۾ جج هو ته لطيف آباد ۾ پنهنجي پيڻ جي گهر ۾ رهندو هو. جنهن جي پاسي ۾ سندس ننڍي ڀاءُ ڪمال جو بنگلو هو. سندس وڏو ڀاءُ شمس لاڙڪاڻي ۾ رهندو هو. جمال جي ڪري منهنجي سندس ٻنهي ڀائرن سان نيازمندي ٿي. جمال جي هڪڙيءَ نياڻيءَ کي ننڍي هوندي مٽي تي وار گهٽ هوندا هئا. سو اسڪول ۾ ڇوڪريون ڇيڙائيندڀون هئس. الله ڪيو جو نياڻيءَ کي وار اچي ويا. پر، جمال اهي سڀ ڳالهيون کلي ڪندو هو. وڏي حوصلي وارو شخص هو. سندس همت ۽ حوصلي جو اندازو ان ڳالهه مان ڪجي ته جڏهن کيس دل جو دورو پيو ۽ سمجهيائين ته هاڻي زندگيءَ جو سج لهڻ وارو آهي، تڏهن گهر واريءَ کي مرڪي چيائين ته، ”سائين، هاڻي خدا حافظ!“

مون سان ڳالهه ڪيائين ته، ”ادا، بس ان کان پوءِ ايترو ياد اٿم، ته اها دعا پڙهيم، جيڪا بابي رحلت وقت پڙهي هئي. پوءِ ڪا خبر ڪانه پيم. جڏهن هوش حواس ۾ آيس، ته ڏٺم ته اڃا جهان آب و گل ۾ موجود آهيان.“

جمال ۽ مان ٻئي والدين جي اثر ڪري سموريءَ ترقي پسنديءَ جي باوجود هميشه ذهني طور مذهبي رهياسين. جمال ته ٻه ٽي عمرا ۽ حج به

ڪري آيو. اسان جوان ڳالھ ۾ اصل يقين ڪونہ ھو تہ:

اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ جاني آءَ، جواني ماڻ.

چاچو علي خان ابڙو جيڪو جمال جو والد صاحب ھو سو غالباً سنڌ جو پھريون گريجوئيٽ ھو ۽ تعليم کاتي ۾ اعليٰ عملدار ھو. قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي سان گڏ سنڌي زبان ۾ بہ ڪيترا ڪتاب لکيائين، جي تڏھوڪي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ شايع ڪيا. قرآن مجيد جي سنڌي ترجمي جو تہ نئون ڇاپو بہ نڪتو آھي.

ڊاڪٽر ڪريم عباسي، جمال جي دل جي بيماريءَ جو علاج ڪندو ھو. منھنجو ننڍپڻ جو يار ھو. جمال کي چيائين تہ رات جي مانيءَ وقت دوا طور تون ٿورڙي وسڪي وٺندين تہ تولاءِ سٺي آھي. جمال دوا تہ پابنديءَ سان وٺندو ھو پر انھيءَ نسخي تي بہ عمل ڪندو ھو. جڏھن مان وٽس ھوندو ھئس تہ بہ گلاس ڀاھيندو ھو. مون انھيءَ پاڻيءَ کي اڳ ڪڏھن بہ ھٿ ڪونہ لاتو ھو پر جمال گلاس ۾ ھڪ ڍڪو بہ وڌيڪ ڪونہ وجھندو ھو. دوا وانگر استعمال ڪندو ھو.

جمال ۽ مان سيئي ڳالھيون ڪندا ھئاسين. عمر جي ٿوري گھٽي فرق جو حجاب بہ ڪونہ ھوندو ھو. سندس مزاج ۾ رڳي سنجيدگي ڪانہ ھوندي ھئي. کل ڀوڳ ۾ بہ بي نظير ھو.

ڳالھ ڪيائين تہ ڪو جوابدار ڪورٽ ۾ آيو. آرام سان چيومانس تہ "مٿي جوابدارن جي پڃري ۾ ٿي ويھ!"

گھڙيءَ کان پوءِ جو ڏسان تہ پڃري ۾ گھڙي، ان جي ڪاٺ جي ڪٽھڙي تي لانگ ورائي، ايا مٿي پيو چڙھي! حيران ٿي چيومانس تہ، "اڙي، اھو ڇا ٿو ڪرين؟"

چيائين تہ، "سائين، اوھان جو چيو تہ مٿي چڙھي ويھ!"

چيائين تہ، "ڪورٽ ۾ وينو ھئس. پر، اھو ٻڌي ايڏي تہ کل آيم، جو چيمبر ۾ ھليو ويس."

ڪورٽن جا تجربا ٻڌائيندي چيائين تہ، "شڪارپور جي پاسي ھڪ ڪيس آيو. ڪنھن ھاريءَ جي زال شڪي حالتن ۾ مئي. ڪيس ھليو. پتو

پيو تہ پاڻ ڪنهن رن سان ڪريل هو. سانجهيءَ جو منهن اونداهيءَ ۾ گهر ۾ آيو ۽ ڪٽ تي ليٽي زال کي چيائين تہ "اندر پاري مان ٻيڙيون ۽ باڪس ڪڍي آڻي ڏي."

هوءَ ويچاري اوندهہ ۾ اندر وئي ۽ هٿوراڙيون ڏئي، پارو ڳولي لڌائين. ڍڪڻ لاهي اندر ٻيڙين لاءِ هٿ وڌائين. هاريءَ پاري ۾ ڪو نانگ وجهي ڍڪڻ ڏئي ڇڏيو هو تنهن امالڪ ڏنگ هنيس. مائي اتي ئي مري وئي. روج راڙو ٿيو تہ نيٺ ڳالهہ ڦاٽي تہ هيئن زال کي مارڻ لاءِ اها ترڪيب سوچي هئائين."

پيو قصو ٻڌايائين تہ "هڪڙا هاري پوڙهي پيءُ جي چوڻ تي ڪيس پاڻ ماري، فرياد ڪڍي آيا تہ فلاڻن ماريو آهي." اصل ۾ دشمن کان پلاند وٺڻ لاءِ اهو ڊرامو رچيو هئائون، پر ظاهر ٿي پيا." اهڙا ڪيئي قصا ٻڌايائين.

ظاهر آهي تہ ماڻهن جي منافقين جو سندس ذهن تي بہ اثر پيو هوندو. ازحد حساس طبيعت جو تہ اڳي ئي هو. نتيجو اهو نڪتو تہ سندس ساڄي هٿ لکڻ ڇڏي ڏنو. ماڻهن جو مزاج منافقي ڏسي، فتوائن لکڻ کان معذور ٿي ويو.

مون سان ڳالهہ ڪيائين تہ، پاڻيءَ سان ڀريل بالٽي کڻي ٿو وڃان، پر قلم ۾ هٿ وجهان ٿو تہ اڳتي رڙهي ئي نٿو! گهڻئي ڏس پنڌ ڪيائين. نيٺ فتوائن لکڻ لاءِ ٽائيپ رائيٽر استعمال ڪرڻ لڳو پوءِ هوريان هوريان کاٻي هٿ سان لکڻ جي پريڪٽس ڪيائين. ائين قلم ڪتاب ۽ ڪاغذ سان حياتيءَ جي آخر تائين ياري نڀايائين. ليڪن سندس حوصلي کي شاباس هجي جو پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جو احوال ايڏي تہ باريڪ بينيءَ ۽ جذيات سان ويهي لکيو اٿس. جو ڪير ڪونہ مڃيندو تہ هن شخص کي ڪڏهن بہ لکڻ ۾ ڪا هٻڪ ٿي هوندي.

وفات کان مهينو ماسو اڳ حيدرآباد آيو هو. سرڪيٽ هائوس جي انيڪسيءَ ۾ فيمليءَ سميت ٽڪيو هو. فون ڪيائين. شام جو ائين ڏاران وٽس ويس. نائين بجي ڪيس شاديءَ جي دعوت ۾ وڃڻو هو. سڀ ڪچهري ڪئيسون. پڇيومانس تہ لکڻ ٿئي ٿو چيائين تہ "هائو ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندو رهان ٿو."

جمال، جوانيءَ ۾ خاڪسار تحريڪ کان متاثر هو ان جون ڳالهيون ڪندو هو. ٻيون گهڻيون ڳالهيون ڪندو هو سنڌ جي مير صاحبن جون، جن مان گهڻن سان گهري گهاٽي دوستي هئس.

جڏهن ايوب خان جي حڪومت ۾ شيخ اياز ڏکين ڏينهن ۾ آيو ته مون کيس پٽيءَ سميت ڪراچيءَ ۾ پنهنجي دوست نثار ميمڻ جي ڪڪري گرائونڊ واريءَ هوٽل ۾ لڪايو. ٻه ٽي ڏينهن ساڻن گڏ هئس. پوءِ موڪل پوري ٿي ته لاچار حيدرآباد هليو آيس. هو ٻه ڏينهن ٻيا به ٽڪيا پوءِ حيدرآباد آيا. منجهند جي ماني ٻنهي ڄڻن فاران هوٽل تي اچي کاڌي، اتان مون کي فون ڪيائون ته تو وٽ اچون ٿا. عين ان مهل ”عبرت“ اخبار مان فون آئي ته ايوب سرڪار يارهن ڄڻن جي گرفتاريءَ جا وارنٽ ڪڍيا آهن. جن ۾ سنڌ مان اياز ۽ مير رسول بخش به شامل آهن. ايتري ۾ اياز ۽ پٽي فاران هوٽل مان مون وٽ پهچي ويا. پانيان ٿو ته ديوان پرمانند (جيڪو ڪوئيٽا ۾ انڪم ٽيڪس جي وڪالت ڪندو هو ۽ اياز جو پراڻو دوست هو) به ساڻن گڏ هو. مون کين عبرت جي آفيس مان آيل خبر ٻڌائي. صلاح ڪري ڪنهن دوست کي موڪليوسون، ته تصديق ڪري اچي. هن موٽي اچي چيو ته خبر اکر به اکر درست آهي. ايتري ۾ ڪو اوپرو ماڻهو آيو. مون اياز کي چيو ته، ”هتان هلون، هيءَ جاءِ ويهڻ لاءِ موزون ڪانهي.“ ڪار ۾ ويناسون. حيدر چؤنڪ کان لنگهياسون ته مير رسول بخش کي گرفتار ڪري وٺي پئي ويا. گاڏيون اسان جي اڳيان لنگهيون. مير صاحب کي ڳچيءَ ۾ گلن جا هار پيا هئا.

مان يارن کي سڌو جمال رند وٽ وٺي هليس، جو پبلڪ اسڪول لطيف آباد ۾ رهندو هو. سو پاسيري هنڌ تي هو. جمال رند کي سڄي ڳالهه ٻڌائيسون، پر ان کي ليکيائين به ڪونه! وڏيءَ گرمجوشيءَ ۽ خنده پيشانيءَ سان استقبال ڪيائين. گهر ۾ ٻارڙن کي هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ موڪلي، اسان کي ڊرائنگ روم ۾ وهاريائين. چاءِ پاڻيءَ کان پوءِ اياز لاءِ شام جي مهل گهربل سامان جو بندوبست ڪيائين. اياز پنهنجي ڊرائيور کي موڪليو ته هِت هت هوٽل تي چاءِ پي ڪن ڏئي، ته سندس گرفتاريءَ بابت ماڻهو ريڊئي جي خبر تي ڇا ٿا چون؟

ڊرائيور ويو ته ڪلاڪ ٻه ڪلاڪ گم. اسين ڏاڍا پريشان ٿياسين!

اياز شڪي طبيعت جو ماڻهو هو. سو ڊرائيور موٽيو ته مٿس گارين جو وسڪارو لاتائين. چيائين ته، ”هي حرامي پوليس کي پاڻ جاڻ ڪرڻ ويو هوندو ته فلاڻي جي گهر ۾ لڪو ويٺو آهي.“

جمال رند جو گهر ايڏو وڏو ڪونه هو جو سندس يار منجهس سمهن، ته اياز جهڙو معزز مهمان، ديوان پرمانند ۽ ڊرائيور به اتي ٽڪن. سو خيال ڪيوسون ته ”ڪاڏي وڃون؟“ اوچتو خيال آيو ته ”جمال ابڙو“.

اياز کي ان ڳالهه ۾ به شڪ پيو ته جمال رند مون کي گهر ۾ رات ٽڪڻ نه ٿو ڏئي، ان ڪري جمال ابڙي وٽ ٿو موڪلي. ڪنهن ڪتاب ۾ ائين لکيو به اٿس. اهو پڙهي جمال رند کي ڏاڍو ڏک ٿيو. اڄ اياز ۽ جمال رند هن جهان ۾ ڪونهن. مان ڏاڍي ڏک سان هي حرف لکان ٿو.

جمال ابڙي جو گهر گدوءَ جي پاسي ۾ هو يا G.O.R ۾ هو. نيٺ ڳولهي لڌوسون. اياز ۽ مان اها رات جمال جي گهر ۾ ٽڪياسين. پلنگن تي ايڏيون ته سهڻيون رلهيون وڇايل هيون، جو مون کي اڃان تائين ياد آهن. جمال کان پڇيم ته چيائين ته، ”ميرپور بٺوري جي پاسي جون آهن.“

جمال تمام سٺو مهمان نواز هو. وٽس گهڻائي دفعا ٽڪيا هونداسين، پر تاريخي پسمنظر ۾ اها رات به يادگار آهي.

جمال جڊيشريءَ مان سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو سيڪريٽري ٿيو. تيسين منهنجي وٽس اچ وڃ رهي. پوءِ سندس نوڪريءَ جي نوعيت اهڙي ٿي وئي، جو اسان جي ميل ملاقات دير دير سان ٿيڻ لڳي. جڏهن سندس فرزند بدر کي پوليس قابو ڪيو تڏهن فوراً وٽس ويس. سڄو احوال ٻڌايائين. سندس آفيس ۾ ئي ڪچهري ڪئيسون.

اسان جون ميل ملاقاتون وري تڏهن شروع ٿيون، جڏهن اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ٿيو ۽ مون کي پرو وائيس چانسيلر ڪرايائين. جمال ۽ نثار ميمڻ کي سنڊيڪيٽ ۽ سليڪشن بورڊ جو ميمبر ڪرايائين. جمال سان اهي ڏينهن به ڏاڍا سٺا گذريا.

❋ ❋ ❋

1984ع ۾ مان اسلام آباد هليو ويس، ته جمال سان ميل ملاقات وري گهٽجي وئي، جمال به اسلام آباد ۾ فيڊرل سروس ٽربيونل جو ميمبر مقرر ٿيو

هو. پر، مون کي ياد ڪونهي تہ اسان ڇو ڪونہ گڏياسون.

جڏهن جمال رٽاير ڪري ڪراچيءَ ۾ ڊفينس ۾ گهر وٺي رهڻ لڳو تہ مان گاهي ماهي، سندس حاضري ڏئي ايندو هئس، يا وري اسان جي ملاقات اياز جي ڪلفٽن واري فليٽ تي ٿيندي هئي. ان زماني ۾ بہ جمال جي دل سخت زخمي هوندي هئي. پر هو ان جي گهٽي دانهن ڪونہ ڪندو هو.

انهيءَ زماني ۾ هڪ دفعي عبدالله ميمڻ واٽر ۽ پاور جو وزير ٿي اسلام آباد آيو. مون سان بہ گهري گهاٽي ياري هئس، پر جمال جو ڇوڙ هو تہ سندس گهاٽو يار هو. مون جمال کي چيو تہ، ”تون مون سان گڏجي اسلام آباد هل تہ توکي دل جي ڪنهن ماهر کي ڏيکاريان ۽ عبدالله ۾ منهنجو ڪم آهي، اهو بہ چئونس.“

جمال هليو ۽ منهنجي غريباڻي گهر ٽڪيو. شام جو عبدالله جي آفيس ۾ وياسون. اڌ ڪلاڪ P.A جي آفيس ۾ انتظار ڪرايائين. پوءِ بہ اندر ڪمري ۾ ڪونہ سڏايائين. اوچتو پاڻ P.A جي ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ چيائين تہ، ”صبح جو ڪنهن غير ملڪي گروپ اڳيان هن موضوع تي ”پيشڪش“ ڪرڻي اٿم، سو واندو ڪونہ آهيان. پر ڪم ٻڌايو؟“

اسان چيس تہ، ”ڪيڏيءَ مهل ڪم مان واندا ٿيندا؟“

چيائين تہ، ”رات ائين ڏاران.“

اسان چيس تہ، ”اسان جي گهر هليا اچو. اتي ماني گرهہ بہ وجهون ۽ ڪچهري بہ ڪريون.“

نهڪر ڪونہ ڪيائين. ائين بہ ڪونہ چيائين تہ، ”جمال آيو آهي اسلام آباد، سو مانيءَ گرهہ تہ اوهان ٻنهي کي مون کي ئي کارائڻ کپي.“

چيائين تہ، ”چڱو.“

اسين موٽي گهر آياسين تہ جمال چيو تہ، ”عبدالله مڙئي سرڪي پريندو آهي.“

دل ۾ چيم تہ آفيس ۾ تہ اسان کي چاءِ جي ڪوپ جي سڪٽي صلاح بہ ڪانہ ڪيائين. بهرحال، مان مانيءَ جو انتظام ڪري، عبدالله جي سرڪيءَ جو بندوبست ڪرڻ ويس.

عبدالله ائين وڳي گهر آيو. آرام سان ٿي ويٺو. آفيس جو ڪم لاهي آيو

هو. سرڪي پريائين. مانيءَ جو گرهہ بہ مڪمل اطمينان سان وڌائين. ڪم جي باري ۾ اسان کان خبر چار ورتي، واسطيدار ماڻهوءَ کي چٺي بہ چڱي لکي موڪليائين. پر انهيءَ جي پوئواري اصل ڪانہ ڪيائين. جمال، ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکاري ڪراچيءَ موٽي ويو.

بعد ۾ مون رمز سان عبدالله ميمڻ کي ڪڏهن گل موڪليا ۽ ڪڏهن ڪيڪ، تہ من اسان جي عرض جي ڪا يادگيري پويس. پر مڙئي خير. هيو تہ نهيو مون کي ياد آهي تہ جمال کان اهو بہ ڪونہ پڇيو هئائين تہ، ”ڪڏهن ڪراچيءَ موٽڻ جو ارادو آهي؟“

راولپنڊيءَ ۾ آرمڊ فورسز جي دل جي بيمارين جي اسپتال جي سربراهہ، جنرل ڪيانيءَ مون سان ”دل جي هڪ ماهر“ جي تعريف ڪئي هئي. مان جمال کي وٽس وٺي ويو هئس. ڊاڪٽر جو مون ۾ ڪم هو جمال کي چڱيءَ طرح تپاسيائين. ڪانئس سوال بہ ڪيائين، پر ڪيس دم دلاسو ڏيئي، مون سان پاسيرو احوال ڪيائين ۽ چئن لفظن ۾ چيائين تہ، ”تنهنجو دوست دل جو نازڪ مريض آهي. خيال رکجو.“

جمال ڪراچيءَ موٽي ويو. مان اسلام آباد مان ڪراچيءَ ايندو هئس، تہ جمال سان ميل ملاقات ٿيندي رهندي هئي، يا وري ٻئي ڄڻا اياز وٽ ملندا هئاسين. پر هر دفعي مون لاءِ مسئلو اهو هوندو هو تہ ڪچهري ساڻس ڪهڙي موضوع تي ڪريان؟ ٿوري گهري سندس دل جي حالت اکين اڳيان ايندي هئي. اسلام آباد ۾ ڊاڪٽر ڪرنل اشفاق جا چيل اکر ياد پوندا هئا. سو ساڻس هتان هتان کل پوڳ جون ڳالهيون ڪندو هئس يا وري مذهبي ڳالهيون ڪندو هئس.

هڪ دفعي اياز وٽ عبدالله ميمڻ جي تعريف ڪيائين ۽ تصديق لاءِ مون کان پڇيائين تہ، ”رباني ڪيئن ٿو پائنئين سندس قرب.“

مون صاف صاف چئي ڏنو تہ ”جمال ڇا ڪيائين؟ تون تہ ڪراچيءَ مان مون سان هليو هئين. ہہ ڪلاڪ آفيس ۾ وهاري مليو. ڪم تہ ڪونہ ڪيائين پر، چاءِ جي صلاح بہ ڪانہ ڪيائين.“ جمال چپ ٿي ويو حقيقت اها هئي.

جمال جو اولاد سندس فرمان ۾ هو. اها وڏي ٽيڪ آهي. ماڻهو اڪيلو ۽ تنها ڪونہ ٿو ٿئي. غمگين ڪونہ ٿو ٿئي. يار دوست ڇڏي وڃن ٿا تہ اياز

وانگر اڪيلو ۽ اباڻڪو ڪونہ ٿو ٿئي.

جمال اولاد جي پيار جي ڇانوَ ۾، هڪ پڪيئڙي وانگر آخري عمر ۾ داڻو پاڻي چڳندو رهيو سندس پويان ڏينهن ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان گذريا.

هڪ رات، سومهاڻيءَ جي مهل، اوچتو ڪنن ۾ ازلي ٻانگ پڏائين:

اوڏڙ اوري آءَ، توکي لاکي ڪوٺيو
لهي تو مٿاءَ، سندو متيءَ مامرو.

"لبيڪ" چيائين ۽ هميشہ لاءِ اکڙيون ٻوٽي ڇڏيائين.

★

## ڈاکٹر جی. ایم. مہکری

ڊاڪٽر صاحب جڏهن بہ ڪنهن سان ملندو هو تہ پنهنجو تعارف "جي.ايم. مهڪري" لفظن سان ڪرائيندو هو. مضمونن ۾ بہ پنهنجو نالو ائين ئي لکندو هو. هونئن، سندس سچو نالو غلام محي الدين هو۽ ذات جو مهڪري هو. ذڪر هندستان ۾ ميسور جي پاسي جو ويٺل هو.

هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ٻين مهاجرن وانگر ڪراچيءَ ۾ لڏي آيو هو. پر، ان کان اڳي بہ شايد 1941ع ڌاران ڪراچيءَ آيو هو. اڪائونٽس ۽ آڊٽ کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو. پير علي محمد راشديءَ ۽ حشو ڪيولراماڻيءَ جون مون سان ڳالهيون ڪندو هو. محمد امين کوسي کي بہ سڃاڻندو هو، جو بہ ڪنهن زماني ۾ حشو ڪيولراماڻي ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ وانگر سوشلسٽ خيالن جو ماڻهو هو. آخري عمر ۾ سخت مذهبي ٿي ويو هو. آزاد خيال ماڻهن سان گهري گهاٽي لهہ وچڙ رکندو هو.

بهرحال، انهن مڙني سببن ڪري، ڊاڪٽر مهڪريءَ جي سنڌ سان محبت هئي.

مون سان سندس ملاقات ڪڏهن ٿي ۽ ڪٿي ٿي، سو ياد ڪونهيم. پر، جلد ئي پاڻ ۾ ڏاڍا گهرا گهاٽا ٿي وياسين. مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽري هئس، تہ ڄامشوري ۾ بورڊ جون جايون، نهيون هيون. سائين غلام مصطفيٰ شاهہ وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي، سائين ميران محمد شاهہ ۽ آغا عبدالنبي "بلڊنگ ڪاميٽي" ۾ چيئرمين ۽ ميمبر هئا. ليڪن انهن جاين ٺهڻ کان اڳ ۾ گاڏي کاتي جي "امين منزل" ۾ بورڊ جي آفيس هوندي هئي. مون کي چٽي يادگيري آهي تہ اُتي ڊاڪٽر مهڪري ڪڏهن بہ مون وٽ مهمان ٿي ڪونہ آيو هو. پر، مان ڄامشوري ۾ آيس، تہ مهيني ماسي

اچي نڪرندو هو. پاڻ نہ پهتو تہ مان ڪيس ڪراچيءَ مان وٺي ايندو هوس.

بورڊ عالمن، اديبن لاءِ هڪ ننڍڙو مهمان خانو (GUEST BED UNIT) ٺهرايو هو. جنهن مان بہ ٿي ماڻهو گهڻو مستفيد ٿيا: سائين شاهہ محمد شاهہ ۽ ڊيوڊ چيزمئن (DAVID CHEESEMAN). انهيءَ مهمان خاني ڪي نوازڻ وارو ٽيون ماڻهو ڊاڪٽر مهڪري هو.

منهنجو مهمان هوندو هو تہ مون وٽ ئي ماني کائيندو هو. پر مهمانن وانگر ڪونہ کائيندو هو. گهر جي ڀاتيءَ وانگر کائيندو هو. حجاب ڪونہ ڪندو هو. ڪڏهن گوشت تہ ڪڏهن دال ڀاڄي. جيڪي گهر ۾ هوندو هو سو بسم الله. البت ڪتابن جو ڏاڍو شوقين هو. ميسور جي پاسي ڪتاب گهڻي کائيندا آهن.

هاڻي جو اچڻ وڃڻ لاءِ سهوليت آهي تہ حيدرآباد کان ڪراچي پري پنڌ ڪونهي، پر ڪڏهن هفتو تہ ڪڏهن ڏهہ ڏينهن مون وٽ ٽڪيو پيو هوندو هو. گهر واريءَ کي تسلي ڏيڻ لاءِ فون ڪري چڙنيندو هو تہ، "تاجَ، مان رباني صاحب وٽ آهيان. ڪابہ ڳڻتي نہ ڪجانءِ." ڀلا جي ڪيس مون وٽ ڏهن ڏينهن کان بہ وڌيڪ عرصو ٿي ويو تہ پوءِ سندس گهر واري فون ڪندي هئي تہ، "هاڻي موڪليوس."

ڊاڪٽر مهڪري ڪراچيءَ ۾ پنهنجو غريباڻو گهرڙو ٺاهيو هو. پر، نوڪريءَ ۾ آيو تہ پنهنجي سڄي عمر هڪ سرڪاري گهرڙي ۾ گذاريائين. رٽايرمينٽ کان پوءِ ڪا معمولي پينشن ملندي هئس. سندس گهر واري بہ ڪنهن آفيس ۾ نوڪري ڪندي هئي. ڏکيو سکيو سندن وقت مڙئي پيو گذرندو هو.

مون کي گهڻو گهڻو پوءِ پتو پيو تہ ڪراچيءَ ۾ سندس بہ سڳا ڀائر بہ رهندا هئا، جن سان پوت ڪانہ هئس، جو تہ مهڪريءَ هٿ پير هڻي جيڪو پنهنجو غريباڻو گهر ٺهرايو هو انهيءَ ۾ سڪ سان ڀائرن کي بہ وٺي آڻي گڏ رهايائين، پر، هنن ئي اڳتي هلي، ساڻس جهيڙو ڪيو ۽ گهر تي قبضو ڪيو. نيٺ. گهر وڪامي ويو. ڊاڪٽر مهڪري شريف ماڻهو هو. سور پي ويو. شريف ماڻهوءَ کي ٿي پيٽو پوي ٿو.

اسان ٻنهي جي سنگت جو بنياد "سوچ جي آزادي" هئي. منهنجو هڪ مائٽ ڪنهن اسلامي جماعت سان وابستہ هو. اٿيءَ ويٺيءَ ٽوريءَ گهڻيءَ

ڳالهہ ۾ عباسين ۽ اموين جي زماني جو ڪو مثال ڏيندو هو. اورتي پير ٿي ڪونہ رکندو هو. هڪ ڀيري، مون وٽ مهينو ماسو مهمان هو. انهن ٿي ڏينهن ۾ ڊاڪٽر مهڪري بہ مون وٽ ٽڪيل هو. منهنجا ٻارڙا ڳوٺ ويل هئا. گهر خالي هو. هو ٻئي ڄڻا ڀاڻ ۾ گهرا گهاٽا ٿي ويا. پر، مون وارو مائٽ سوچ جي لحاظ کان اتر قطب تي، تہ ڊاڪٽر مهڪري ڏکڻ قطب تي! ٻنهي جو ڀاڻ ۾ ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ اتفاق ڪيئن ٿئي؟ بحث ڪري ڪري، جڏهن ٻئي ڄڻا ساٽا ٿين، تہ اڌ رات ڌاران وڃي ڪٽن تي ڪرن.

صبح جو آءُ ننڊ مان اٿان، تہ چاءِ ناهي ڀاڻ بہ پيان ۽ هنن ٻنهي کي بہ ڪوپ ڪوپ ڏيان. پر، اڃا ڦهرين سرڪي مس پرن، تہ ڄڻ ڪڪڙن کي ويڙهہ لاءِ ڦوهارو مليو. بحث وري شروع. هڪ ڏينهن صبح سويري سويري اهڙي هڪ بحث مباحثي ۾ مون واري مائٽ پنهنجي تاريخي معلومات موجب حجاج بن يوسف جو سندس ڪارنامن جو فخر سان ذڪر ڪيو تہ، هي هي ملڪ فتح ڪيائين!

ڊاڪٽر مهڪريءَ چڙ مان چيس تہ، ”ماڻهو موٽر ۽ ٽيليفون ناهن هوائي جهاز جوڙن، ريل گاڏي ناهن، ڪمپيوٽر ڪڍن، چنڊ تي لهن. پر، اسان هزار سالن کان وٺي حجاج بن يوسف جهڙي شخص ۾ هٿ وجهي، چنبڙيا پيا هجون!“

مون وارو مائٽ اهو طعنو سهي نہ سگهيو. ڊاڪٽر مهڪريءَ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنائين. بہ چار ڏهاڙا تہ گهر ۾ ڏاڍي ٻوسٽ رهي، پر پوءِ مون ڊاڪٽر مهڪري ۽ ڀاڻ واري مائٽ کي پرچائي ڇڏيو. ٻنهي ڄڻن پوءِ بحث ڇڏي ڏنو. رڳو منڊ ۽ موسم جون ڳالهيون ڪندا هئا. يا ان ڳالهہ تي گفتگو ڪندا هئا تہ ”سنڌڙي“ انب کائڻ ۾ وڌيڪ لذيذ آهي يا پنجاب جو ”انور – رٽول؟“

ڊاڪٽر مهڪري مڪمل ۽ ڀرپور آزاديءَ واريءَ سوچ جو قائل هو. منافقيءَ ۽ جهالت جي خلاف ”جهاد“! سندس مذهب هو. چوندو هو تہ ”مُلو“ ڪو شخص نہ آهي. اهو هڪ ذهنيت جو نالو آهي. مون ڪيس ٻڌايو تہ سنڌ جي ڏاهن چيو آهي تہ ”ملو مجاور، ڪانوَ ٽئي اکڙ هڪڙو.“ تنهن تي ڀاڻ چيائين تہ، ”لا مذهب ملو“ تہ وري مذهبي ملي کان بہ بچڙو آهي. ڪُتِي

جڏهن گُلر ڏيندي آهي تہ انهن جون اکيون بند هونديون آهن. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ کلنديون اٿن. پر "لا مذهب مُلو" عقل جو اهڙو تہ انڌو هوندو آهي، جو سندس اکيون سڄي عمر ڪونہ کلنديون آهن." ڪميونزم جو تہ سخت دشمن هو. چيائين تہ روس ۾ ڪميونزم جو جنازو ڪڍي قبرستان ۾ دفن ڪري آيا. چين ۾ سوشلزم جي پوست ڪي ختم ڪرڻ لاءِ در دروازا کولي ڇڏيائون ۽ ان کي "OPEN DOOR POLICY" نالو ڏنائون. پر، اسان جي ملڪ ۾ ڪامريڊ يعني لا مذهب ملا اجا انهن ڏڱن وانگر پيا ڳـَهن، جيڪي نار ۾ جوٽيل هوندا آهن. اکين تي کوپا چڙهيل هوندا اٿن، تہ ڏسي نہ سگهن! ڳچيءَ ۾ جيڪا ٽلي ٻڌل هوندي اٿن ان جي آواز تي پيا هلن."

چيائين تہ "عقل جا اهڙا انڌا ملا شايد اجا يورپ ۾ گهٽا آهن." تازو هڪ رسالي ۾ ڪارٽون ڏٺم، تہ روس ۾ وڏي ۾ وڏو بجلي گهر ڊهي ڍير ٿي پيو هو. اتان جيڪا بجليءَ جي تار پري پري ٿي ويئي، سا ڪن ٽنڍين تي اچا ٽنگي پئي هئي. هڪڙو شخص، تمام پري پنڌ تي، ٽيليفون ڪن تي رکي، رڙيون ڪري رهيو هو: "ڪامريڊ، هتي بجلي ڪانہ ٿي پهچي، قصو ڪيئن آهي؟ نسوري اوندهہ لڳي پئي آهي. هلو... ڪامريڊ.... هلو... منهنجو آواز ٻڌو ٿا؟... جواب ڇو نٿا ڏيو؟ ڪامريڊ، ڪهڙن خيالن ۾ آهيو؟"

مون کيس ٻڌايو تہ جلال الدين روميءَ "مُلي جي ذهينت" جو انهيءَ کان بہ وڌيڪ مؤثر ڪارٽون ڪڍيو آهي. پنهنجي ڪتاب "فيهہ ما فيهہ" ۾ لکيو اٿس تہ، "هڪ ڏينهن ڏٺم تہ بزار ۾ جاءِ جي دري کلي. هڪڙو انڌو شخص، منهن ٻاهر ڪڍي، اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ ڪير ڪاڏي وڃي رهيو آهي؟"

ڊاڪٽر مهڪري پاڻ بہ پنهنجين تحريرن، تقريرن ۽ مضمونن ۾ اهڙا ئي ڪارٽون ڪڍندو هو. ڪراچيءَ ۾ شام واريءَ هڪ روزاني انگريزي اخبار ۾ ڪالم لکندو هو. هڪ دفعي منجهس ڪو ڪالم لکيائين، جيڪو ڏسي، اخبار جو مالڪ ڊڄي ويو تہ متان سرڪار ڪاوڙجي. شام جو ڊاڪٽر مهڪري جيئن ئي سندس آفيس ۾ گهڙيو تہ مٿس چڙهي ويو. سٽ سريون ٻڌايائينس. ڊاڪٽر مهڪريءَ اخباري ڪالم ئي لکڻ بند ڪري ڇڏيا. اهو ڏکوئيندڙ داستان مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هئائين.



ڊاڪٽر جي ايم مهڪري

سندس اهي اخباري ڪالم ڪتابي صورت ۾ ڇپيا. پر، متن پيش لفظ اهڙو لکيل هو جو ڊاڪٽر مهڪري خاموش ٿي ويو. البت، هڪ ڏينهن حسين شاهه راشديءَ سان ڳالهه ڪيائين. هن چيس ته بچاءَ لاءِ پبلشر تي ڪيس وجهو ته سرڪاري الزام اوهان تي ڪونه ايندو. ڊاڪٽر مهڪري ڊڄي ويو ۽ حسين شاهه کان منٿون ميڙون ڪري ڪيس ٺهرايائين. پر، پوءِ خبر ڪانهي ته ڇا ٿيو؟

❊ ❊ ❊

ڊاڪٽر مهڪريءَ کي مزاج جو نهايت نفيس ذوق هو. جڏهن موج ۾ ايندو هو ته اهڙو کلندو هو اهڙو کلندو هو جو باغن ۾ گل ٽڙي پوندا هئا. سائين غلام مصطفيٰ قاسمي هڪ ڀيري اسان کي پراڻن هالن ۾ پنهنجي دوست قاضي غلام محمد قريشيءَ وٽ وٺي هليو. قاضي صاحب پنهنجي بنيءَ ٻاري وارو هو. قدرت مٿس مهربان هئي. علم جي دولت سان نوازيائينس. باغ بستان ڏنائينس ۽ اولاد صالح عطا ڪيائينس. وٽس ڏاڍي سهڻي لئبرري هئي. سنڌ جي مهمان نوازيءَ جون روايتون ويهين صديءَ ۾ ڄام ڪانڀو خان زنده رکيون. پر اسان جي زماني ۾ نواب نور احمد لغاري سندس نقشِ قدم تي هليو. پر، سنڌ ۾ سکيا ستابا ته ٻيا به گهڻا هئا. پر وٽن رُڃي ٻڪ هئي. بقول حفيظ قريشي: "اسان وٽ ڪي ڪينهي."

هر سال، هڪ ڀيرو سائين قاسمي صاحب سان گڏ، اسان پنج ست ڄڻا ـ جن ۾ ڊاڪٽر مهڪري ۽ مظهر يوسف اڪثر ڪري هوندا هئا ـ قاضي صاحب وٽ ويندا هئاسون. سانجهڙيءَ ڏاران هالين پراڻين پهچندا هئاسون. اهي مجلسون اڪثر ڪري سرءُ يا سياري جي مند ۾ ٿينديون هيون. قاضي صاحب سان اهي مجلسون رات جي مانيءَ کان پوءِ ٿينديون هيون.

رات جي ماني جنهن ميز تي لڳندي هئي، سا ننڍي هوندي هئي. سو ان تي پليٽ رکڻ جي گنجائش ڪانه هوندي هئي، ڇو ته سڄي طرح طرح جي طعامن سان ڀريل هوندي هئي. مختلف قسم جا ٻوڙ پلاءَ، ڪباب، چانپون، ڪوفتا، ٽانڊن تي پڪل ٻوٽيون، جيرا، ٻڪيون، پاڄيون، زردو مٺي ۽ خالص ماهئي کير جون چونئريون. الائي ته ڇا ڇا هوندو هو. پر، ان سموري کاڌي جو سواد ۽ لذت هڪ طرف ۽ قاضي غلام محمد صاحب جي مٺي مرڪ ٻئي

طرف! الله سائينءَ سونهاريءَ سنڌ ۾ ڪيڏا نہ مٺا ماڻهو پيدا ڪيا.

قاضي غلام محمد صاحب جي ڊاڪٽر مهڪريءَ سان ڏاڍي دل تي ويئي. توڙي جو ٻنهي جي خيالن ۽ عقيدن ۾ زمين آسمان جو ضد هو. پر، ٻنهي ۾ هڪ ڳالهہ ساڳي هئي- "ذهن ۽ فڪر جي آزادي"

ڊاڪٽر مهڪريءَ جي پنهنجي وطن ميسور سان ڏاڍي محبت هئي. اونهاري جي چوماسي ۾، جڏهن حيدرآباد ۽ ڄامشوري جي آسمان تي ڪڪر وسڻ جا ويس ڪري ايندا هئا ۽ مان ڊاڪٽر مهڪريءَ کي چوندو هوس تہ، "اڄ ڪهڙي نہ پياري موسم آهي!" تڏهن تڏو ساهہ پري چوندو هو تہ، "هائو ميسور جي موسم آهي." ڪڏهن چوندو هو تہ، "هائو بئنگلور جي موسم آهي."

ميسور ۽ بئنگلور جي موسم وانگر اتان جي ميون جو بہ گهڻو ذڪر ڪندو هو. قاضي غلام محمد صاحب وٽ هڪ سٺو باغ هوندو هو. هڪ دفعي اسان کي ان جو سير ڪرايائين. قاضي صاحب پنهنجي باغ جي ميون جو ذڪر ڪيو تہ، "هي ميوو سٺو ٿئي ٿو پر منجهس اها لذت ڪانهي، هيءُ ميوو تمام مٺو ٿئي ٿو."

تڏهن ڊاڪٽر مهڪري پڇيس تہ، "اوهان وٽ ڏُريانُ بہ ٿئي ٿو؟"

قاضي صاحب حيران ٿي چيس تہ، "اسان تہ ان جو نالو ئي ڪونہ ٻڌو آهي!"

ڊاڪٽر مهڪريءَ انهيءَ تي ڏُريان جون خوبيون بيان ڪيون. اسان سڀ متوجهہ ٿياسين. ڊاڪٽر مهڪري چوڻ لڳو تہ ڏُريان جي سڀ کان اول هيءَ خوبي آهي تہ "مردانا طاقت" لاءِ اڪسير آهي. سٺ ورهين جو مرد کائيندو تہ سورنهن ورهين جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪندو ۽ کيس تمام خوش رکندو. دريان کائڻ ۾ وري اهڙو آهي جو جڻ تہ اوهان انب جي وڻ مان لٽل تازي ماکي لاهي وات ۾ وڌي.

اهو ٻڌي قاضي صاحب جو ڏُريان لاءِ اشتياق وڌي ويو ۽ چيائينس تہ، "ڊاڪٽر صاحب، ڪيئن بہ ڪري دريان جو ٻج وٺي ڏيو."

تڏهن ڊاڪٽر مهڪريءَ آهستي چيو تہ، "البت دريان ۾ هڪ عيب آهي، سو هيءُ تہ انهيءَ جي بدبوءِ ڏاڍي بڇڙي آهي. اوهان کائڻ لاءِ ڪپيندا،

نہ سڄو گهر ڏونڊيءِ تي ويندو. سو هوائي جهازن وارا دُريان ڪٽڻ کان انڪار ڪندا آهن. پيو تہ دُريان ڪپي کائبو تہ ڦاڪ وات ۾ وجهڻ مهل، نڪ کي جهلي بند ڪرڻو پوندو. ليڪن، جڏهن بہ اوڳرائي ايندي تہ اثين پائبو تہ پيٽ ۾ ڪو مئل ڳئو پيو آهي.“

قاضي صاحب اهو ٻڌي، موڪلائڻ مهل ڊاڪٽر مهڪريءَ کي نرڙ ۾ گهنج وجهي ڪن ۾ سرباٽ ڪيو تہ ”دريان جو ٻج نہ موڪلجو.“

❊ ❊ ❊

مان ڊاڪٽر مهڪريءَ کي، موقعي ملڻ تي، سنڌ گهمائڻ وٺي ويندو هوس. کيس سنڌ سان هوندي بہ ذاتي محبت هوندي هئي.

هڪ دفعي کيس خيرپور ۾ سچل سيمينار تي وٺي ويس ۽ ٻئي دفعي سکر بئراج جي جشن ۾ ٽئين دفعي وري شڪارپور جي جشن ۾ وياسين. اتي جلسي جو صدر مان هئس. سو جلسي ۾ کانئس تقرير بہ ڪرايم. موٽ تي لاڙڪاڻي مان لنگهياسين ۽ اتان ڪينيڊي مارڪيٽ مان ماهوتن جي مشهور زيتونن جو ڪارو ورتوسون. رستي تي زيتون کائيندا، اچي سيوهڻ پهتاسين ۽ سڪندر بادشاهہ واري پراڻي قلعي جي مٿان ريسٽ هائوس ۾ رات رهڻ جو فيصلو ڪيوسون.

اسان جو اهو يادگار سفر هو. نماشام جو ريسٽ هائوس ۾ پهتاسين. ڊرائيور جو نالو ياد ڪونهيم پر پانيان ٿو تہ محمد بخش مڱريو هو. هٿ منهن ڌوتوسون، تہ ريسٽ هائوس جو ڪيپر ٻاهر اڱڻ ۾ ڪرسيون ۽ ميز رکي ويو. اسان سولا ٿي ويٺا سون، تہ گرم گرم پڪوڙا ۽ چانءِ کڻي آيو.

ريسٽ هائوس جو مٿي قلعي تي آهي تہ نگاهہ پري پري پوي ٿي. آسمان ۾ مينديءَ رتا ڪڪر ست سرمائي ويس ڍڪڻ لڳا ۽ سيوهڻ جون بتيون روشن ٿيون تہ قلندر لعل شهباز جي روضي جو گنبذ تجلا ڏيڻ لڳو. سامهون درياہ جو پريون پار نظر ڪونہ ٿي آيو.

ڊاڪٽر مهڪري چانءِ پي اٿيو. آهستي آهستي هلندو قلعي ۾ سيمنٽ جي ٿلهي تي وڃي ويٺو. مان ڪرسيءَ تي ئي ويٺو رهيس. چڱيءَ چڱيءَ دير کان پوءِ موٽيو تہ سندس اکيون آليون هيون.

مان حيران ٿي ويس. چيو مانس تہ، ”ڊاڪٽر صاحب، خير تہ آهي؟“

چيائين تہ. ”ڪهڙي خبر تہ هڪ ڏينهن سڪندر اعظم هن قلعي ۾ هيٺن هن هنڌ بيهي، سامهون نهاريو هوندو. هو دنيا جو فاتح هو. مان فقير آهيان.“

* * *

ڊاڪٽر مهڪريءَ کي اولاد ڪونہ ٿيو سو ڪيس ٻارن سان ڏاڍي محبت هئي. منهنجي نياڻي قرة العين تڏهن ننڍڙي ٻہ ڪانہ ڪندي هئي. مان ڪيس هنج ۾ کڻي ريسٽ هائوس ۾ ڊاڪٽر مهڪريءَ سان ڪچهري ڪرڻ ويندو هوس. ڊاڪٽر صاحب عينيءَ کي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريندو هو جا سندس عينڪ، پين، ڪنجين ۽ کيسي ۾ پيل سڪن سان راند ڪندي رهندي هئي.

منهنجي ننڍي پٽ مجيب سان تہ ڏاڍي دل هئس. کيس ”ترڪ“ ڪوئيندو هو. ڪڏهن ”بهادر“ سڏيندو هوس. جڏهن مان اسلام آباد بدلي ٿي ويس تہ مجيب لاءِ هڪ تاريخي دوربين تحفي طور موڪليائين ۽ پنهنجيءَ ڪئميرا سان ڪڍيل سندس تصوير پنهنجي ڪنهن مضمون ۾ ”ڊان“ اخبار ۾ ڇپايائين.

منهنجو وڏو پٽ عزيز ٽئين درجي انگريزيءَ جي ڪچي امتحان ۾ فيل ٿيو. اسڪول مان موٽيو تہ ڊوڙندو آيو ۽ مون سان اها ڳالهہ ڪيائين. مون سندس ڳڻتي لاهڻ ۽ خود اعتمادي بحال ڪرڻ لاءِ کيس ڀاڪر ۾ کڻي، چمي ڏني ۽ چيو تہ. ”ڪا ڳالهہ ناهي، تون پڪي امتحان ۾ پاس ٿيندين.“

اهو ڏسي ڊاڪٽر مهڪريءَ اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مون کي ڌڪ مان چيائين تہ. ”منهنجي پيءُ مون کي ڪڏهن بہ ائين پيار ڪونہ ڪيو.“

هڪ دفعي اسلام آباد ۾ سندس سڪ لڳم. ڪنهن ادبي سيمينار جو پروگرام هو. کيس ۽ مظهر يوسف کي جهاز جون ٽڪيٽون موڪليم. ٻہ ٽي ڏينهن ٽڪيا، ڏاڍيون رهاڻيون ڪيونسون.

ڊاڪٽر مهڪريءَ جو دنيا جهان ۾ هڪ ئي دوست هو- مظهر يوسف! ٻيءَ مهاڀاريءَ لڙائيءَ واري زماني ۾ پهريون دفعو شملي ۾ مليا هئا. شملو جو اونهاري جي مند ۾ هندستان وائسراءِ جي گاديءَ جو هنڌ هوندو هو. سياري ۾ گاديءَ جو هنڌ دهلي هوندي هئي. مظهر يوسف چيو تہ انهيءَ ملاقات ۾ دوست ٿي وياسون. وري دهليءَ ۾ ملياسون. هندستان پاڪستان ٿيو تہ ڪراچيءَ ۾ گڏياسون. ان کان پوءِ قسمت ٻنهي جو ساٿ سنهيءَ سئيءَ سان سبي ڇڏيو. سنڌ جي سمورن دوستن سان ڊاڪٽر مهڪريءَ جي ملاقات مظهر يوسف جي معرفت ٿي.

مظهر يوسف چوندو هو تہ ڊاڪٽر مهڪريءَ ڪي هندو ديومالا تي وڏو
ملڪو هوندو هو. هڪڙي دفعي، شيخ اياز ڊاڪٽر مهڪري، مظهر يوسف ۽
بيا ڪي دوست مياٽيءَ واري ريسٽ هائوس ۾ وياسين. سڄو ڏينهن اتي
رهياسين. ڊاڪٽر مهڪري ڳالهائيندو رهيو. اسان ٻڌندا رهياسين. هن
رامائڻ ۽ مهاڀارت مان ڪي ٽڪرا بيان ڪيا ۽ جن ۾ علم ۽ اعليٰ اخلاق
جي تعليم ڏنل هئي.

هونئن، تہ ڊاڪٽر مهڪري سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تعليم جي
تلقين بلڪ تبليغ ڪندو هو. پر، ساڳئي وقت، غير سائنسي علمن جو بہ
ڪوڏيو هوندو هو. E.S.P ۾ بہ ڏاڍي دلچسپي رکندو هو. COFEE CUP
READING ۾ سندس يقين هو.

هڪ دفعي حيدآباد ۾ هڪ صوفي بزرگ وٽ مون سان گڏجي هليو.
انهي جي گفتگوءَ جو مرڪزي موضوع "ڪشف" هو. ٻئي دفعي مون سان
گڏجي مبين اسحاق جي زيارت لاءِ ملاڪاتيار هليو. ڪليل ذهن، ڪليل دل ۽
ڪليل دماغ وارو شخص هو. ڪيس ڪنهن بہ "ازم" سان وابستہ ڪرڻ سائنس
وڏي ۾ وڏو ظلم ٿيندو. صحيح معنيٰ ۾ "صوفي لا ڪوفي" هو.

مان اسلام آباد مان جڏهن ڪراچيءَ ويندو هوس تہ مظهر يوسف مانيءَ
تي سڏيندو هو. ڊاڪٽر مهڪري بہ اچي شريڪ ٿيندو هو. پوئينءَ ملاقات ۾
چيائين تہ هن کان پوءِ شايد پاڻ وري ملي نہ سگهون.

مون چيو. "ڇو؟"

چيائين تہ "مان هن جهان ۾ ئي ڪونہ هوندس."

مون چيو "ڊاڪٽر صاحب ائين نہ چئو."

سال کن پوءِ ڪراچيءَ ويس تہ مظهر يوسف ڳالهہ ڪئي تہ ڊاڪٽر
مهڪري چاق ڪونهي. هڪ تہ سنڌن جو سور هيو تہ سڄو وقت بستري تي
ليٽيو پيو آهي. سو ڪا ڳالهہ مزو ئي ڪانہ ٿي ڏئيس. مون چيو تہ "ٻئي دفعي
گڏجي وٽس هلنداسون." مان موٽي اسلام آباد هليو ويس. اهو ٻيو دفعو
ڪڏهن بہ ڪونہ آيو.

هڪ ڏينهن شام جو فون جي گهنٽي وڳي تہ ڪراچيءَ مان ڪال آهي.
فون تي آيس تہ مظهر يوسف هو. پريل گلي سان چيائين تہ "ڊاڪٽر

مهڪري اڄ ھي جھان ڇڏي ويو.“

مون ڪيس ڇا ڇيو ۽ ھن ڇا ڇيو سو ھاڻي ياد ڪونھيم. پر ايترو ياد اٿم، تہ جڏھن مظھر يوسف سان ڳالھائي، موٽي پنھنجي ڪمري ۾ آيس، تہ دريءَ وٽ بيھي، اسلام آباد مان اداس نگاھن سان سنڌ ڏي ڏٺم.

ڊاڪٽر مھڪري سيوھڻ واري قلعي ۾ سيمنٽ جي ٿلھي تي سڪندر بادشاھہ سان گڏ ويٺو ھو. ھڪ دنيا جو فاتح ھو ۽ ٻيو فقير ھو. ٻئي ڇٽا ڪري سفيد پرن وارن پُراسرار پکين کي ڏسي رھيا ھئا، جي اڏامندا اڏامندا، ”درياءَ جي پرئين پار؟“ آسمان جي نيراڻ ۾ گم ٿيندا پئي ويا:

سامي ڪٽي سنک، وڃائي واٽ ٿيا

★

# شيخ حفيظ



شیخ حفیظ

ڪالهوڪو ڏينهن آهي، جو نوشهري فيروز مان مئٽرڪ جو امتحان ڏئي، حيدرآباد ۾ اچي، ڦليليءَ واري ڪاليج ۾ داخلا ورتي اٿم. ڪاليج جي داخلا تہ سولي، پر، ان جي هاسٽل جي داخلا ڏاڍي ڏکي. ڄڻ تہ ٽڪر ٽاڪي، شيرين سان ملڻو هو. فرهاد ٽڪر ٽاڪيندي مري ويو. مان لڪ لنگهي پار پيس ۽ ڦليلي ڪاليج جي پراڻيءَ هاسٽل جي ڇهين نمبر ڪمري ۾ وچي واڻ جي کٽ رکيم. پنج ڇٽا اڳ ئي پنهنجون ڪٿون وجهيون ويٺا هئا. پهرينءَ رات ننڊ مزي جي ڪانہ آئي. کٽ تہ نئين هئي، پر، آس پاس اورين ڪٿن مان منگهڻ اچي پهتا. بت ۾ ڪرڙو پئجي ويو. سڄي رات ننڊ ڪانہ آئي.

صبح جو اجا اوباسيون پئي ڏنم، تہ هاسٽل جي واردن جو ماڻهو آيو. تڙ تڪڙ ۾، منهن تي ڇنڊو هڻي، سندس آفيس ۾ پهتس. ڳاڙهين اکين، جهنڊولن وارن ۽ بڇڙن افعالن واري هڪ نوجوان تي نظر پيم. واردن چيو تہ، "هن کي وٺي وڃ ۽ سمهڻ لاءِ هنڌ بسترو ڏيئينس."

هاسٽل منهنجي اوطاق ڪانہ هئي ۽ نہ وري ان جو نگران هئس. اهو ڪم اسان جي هڪڙي پروفيسر جي ٻلي هو. پر هن بار مون تي رکيو. نوجوان کي ڪمري ۾ وٺي آيس. کيس پنهنجي کٽ ۽ هنڌ ڏنم. پاڻ ڪاليج هليو ويس. ڪاليج جا پيرڊ ختم ٿيا، تہ ڪينٽين تي منجهند جي ماني کائي، اتان ئي پرڀاهرو شهر هليو ويس. رات جو اٺين نائين بجي موٽيس، تہ اهو بدافعالو نوجوان بہ ننڊ مان جاڳيو هو. هٿ منهن ڌوئي، منهنجي بستري ۾ سولو ٿي ويٺو هو. ڪو ڪتاب وٺي پڙهيائين. ڄڻ تہ کيس منهنجو ئي انتظار هو. سو جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿيس، تہ پاڻ اٿيو. وارن کي ڦٽي بہ ڪانہ ڏنائين. بوٽ پائي، کهيون ڇڪي ٻڌائين ۽ پوءِ سگريٽ دکائي

چيائين ته. "مان هلان ٿو. ڪو پڇڻ اچي ته چئجوس ته صبح جو ڏهين بجي ايندو."

رات جو يارهين بجي ڌاران هڪ فوجي سفيد يونيفارم ۾ آيو. غالباً، نيويءَ ۾ هو. چيائين ته. "حفيظ شيخ آهي؟"

مون چيو ته. "صبح جو ڏهين بجي ايندو."

اهو ٻڌي چيائين ته. "اچي ته چئجوس ته ڪيپٽن قدوس آيو هو." (بعد ۾ خبر پئي ته سندس پيٽوپيو هو.)

مون چيو ته. "اوهان کي خبر ڪانهي، ته هينئر ڪاٿي هوندو؟"

چيائين ته. "ويچاري جو ڪو گهر گهاٽ ئي ڪونهي!"

غريبن ۽ مظلومن سان مون کي محبت آهي. پوءِ اهي ڪير به هجن. ڪٿان جا به هجن. سو وڏيڪ تعارف جو ڪو ضرور ئي ڪونه هو. حفيظ ۽ مان گهرا گهاٽا يار ٿي وياسين. سندس ڳالهين مان سمجهيم ته يار ڪجهه اتڪلي به آهي. ڳالهه ڪيائين ته مون کي خبر هئي ته هاسٽل ۾ داخلا سولي ڪانهي. سو لاڳيتيون ٻه راتيون ننڊ ڪانه ڪيم. ٽئين ڏينهن، جاٺي ٻجهي، صبح سان ڳاڙهين اکين ۽ بجڙن افعالن سان، پرنسيپال جي آفيس ۾ هليو ويس ۽ چيومانس ته اوهان جي ڪاليج جو شاگرد آهيان. ٻن راتين کان سمهيو ڪانه آهيان. دل ڪچي ٿي رهي آهي. پانيان ٿو ته الٽي اچي رهي آهي. مهرباني ڪري ڪجهه دير آرام لاءِ ڪو بندوبست ڪري ڏيو."

پرنسيپال منهنجي منهن ۾ نهاريو. منهنجون ڳاڙهيون اکيون ڏٺائين ته هڪدم گهنٽي وڄايائين. هاسٽل جي وارڊن کي گهرائي چيائين ته. "هن شاگرد جي آرام ۽ رهائش جو هڪدم بندوبست ڪريو." (وارڊن وري اهو بار مون تي رکيو هو).

پرنسپال ڊاڪٽر ائڊرين ڊيوآرٽ هو. عيسائي هو. اصل ۾ گوا جو باشندو هو. ملائڪن کي جو آدم کي سجدي ڪرڻ جو حڪم مليو هو سو ان ڪري جو جهان جي خالق ۽ مالڪ کي معلوم هو ته آدم جي اولاد ۾ ائڊرين ڊيوآرٽ جهڙا سدورا پٽ پيدا ٿيندا. هو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڄمي ها، ته هاڻي سينٽ ائڊرين ڊيوآرٽ سڏجي ها. سڄي عمر سنڌ جي تعليم ڪاٿي ۾ گذاريائين. اسان جا انگريزيءَ جا ڪلاس وٺندو هو. جيڪو پهرين پهرين

سبق ڏنائين، سو مون کي اجا تائين ياد آهي. ان جو پهريون جملو هو تہ "انسانذات هن مهل تائين جيڪو بہ تهذيبي سفر ڪيو آهي، ان جو پهريون قدم "سهپ" (TOLERENCE) هو."

ڊاڪٽر ڊيوآرٽ رگوڪاليج ڪونہ هلايو. سنڌ تي عاليشان ڪتاب بہ لکيائين. پر، سرنديءَ وارا سنڌي سياجهڙا پاڻ کي قلم ۾ ڪتاب ڪان پري رکندا آهن. انگريزن جي ڏينهن ۾ منجهن جان تان لحاظ هو. ان دؤر جو ٽنڊي باگي واري مدرسي جو مير صاحب، ڊيري وارو سائين الهہ آندو شاهہ جنهن نوشهري مدرسي هاءِ اسڪول جو بنياد وڌو يا حسن علي آفندي صاحب، جنهن سنڌ مدرسو ناهيو ۽ مرحوم نور محمد وڪيل جنهن حيدرآباد وارو هاءِ اسڪول قائم ڪيو سي سڀ وڏا نالا آهن. پر، هاڻي سنڌ جي تاريخ جا اڳواڻ آهن.

* * *

حفيظ منهنجي همتائڻ تي ڏهين ريپين واري واڻ جي ڪٽ وٺي آيو ۽ پاسي ۾ اچي وڌائين. وٽس بجليءَ جو هيٽر هو جنهن تي چانهہ جي ڪٽلي چاڙهيندو هو. پوءِ رات جو اسان جي ڪچهري ٻين ٽين بجي تائين هلندي هئي. ائين وقت گذرندو رهيو. سڄو سال حفيظ ۽ مان گڏ رلندا رهياسين. سائنس پڙهڻ جو شوق نہ ڪيس هو نڪو مون کي. حفيظ کي اقبال جا الاهي شعر ياد هئا، سي مون کي ٻڌائيندو هو ۽ اهو بہ ٻڌايائين تہ سندس ننڍپڻ ڪيئن گذريو.

سندس پيءُ گمبٽ جي پاسي وٽنري ڊاڪٽر هو. سندس والده غير سنڌي هئي. حفيظ اجا ٻار هو تہ گهران ڀڄي ويو. ڇو ڀڄي ويو سو مون کي ڪونہ ٻڌايائين. البت، ايترو ڏسيائين، تہ پيٽ گذر لاءِ اول بوٽ پالش ڪيم پوءِ پيا ڏنڌا ڪيم ۽ آخر ۾ کيسا ڪترڻ سکيس. هڪ دفعي بمبئيءَ ۾ ڪنهن دڪان جي اڳيان بيٺو هوس، تہ ڪنهن جيب ڪتري پنيان اچي کيسي کي ڪينچي هنئي. ڪڇيم پڇيم ڪونہ جيئن بيٺو هئس، تيئن آرام سان بيٺو رهيس. تمام آهستي پنهنجو هٿ جيب ڪتري جي هٿ تي رکي چيم تہ "استادن سان!"

جيب ڪترو ڦري اڳيان آيو ۽ پيرين پئي، معافي ورتائين. پاسي واريءَ هوٽل تي وٺي هليو. ڏاڍي سٺي دعوت کارايائين.

اهو بيءُ مهاڀاري لڙائيءَ جو زمانو هو. حفيظ چيو تہ "موقعو مليو تہ ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿيس. ناگپور جي پاسي موڪليائون. ڪجهہ عرصو رهيس،

پوءِ جان ڇڏائي آيس. مزو ڪونہ آيو.“

پاڪستان ٺهڻ کان ستت اڳ پاڻ حيدرآباد آيو. اول گاڏي کاتي ۾ سائيڪلن جي پنچرن ڳنڍڻ جو دڪان کوليائين. پوءِ انڊس گلاس فئڪٽريءَ واري علائقي ۾ ڪنسٽرڪشن ۽ ريزڪي سامان جو دڪان کوليائين. اتي هڪ خاتون سان عشق ڪيائين، جا پوءِ سندس هڪ دوست سان پرڻي. هڪ دفعي، حفيظ مون کي ڏيکاري ڏاڍي سهڻي هئي!

انهيءَ زماني جا سندس ٽي گهاٽا دوست هئا. جي ٽئي مون سان ملايائين. هڪ يونيورسٽيءَ ۾ استاد ٿيو. ٻيو محمد اسماعيل، جو زميندار هو ۽ ٽيون ولي محمد. جو مذهبي ماڻهو هو. اشراف انسان هو. ٽنهي جو ساڻس ذاتي تعلق هو. هڪ دفعي حفيظ ۽ مان ولي محمد جي ڳوٺ وياسين. حيدرآباد شهر کان ڇڳو پري هو. اسر سان پنڌ پياسين. نيرن وٽس وچي ڪئيسون. مکڻ، ماکيءَ، ڪڪڪ جي اوڦراتن ۽ گرم گرم چاءِ ڏاڍو مزو ڏنو.

❊ ❊ ❊

حفيظ کي ٻہ ڀائر هئا. حميد سيني ۾ وڏو هو ۽ الڳ رهندو هو. سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪندو هو. سدائين انگريزي ڳالهائيندو هو. فليٽ هئٽ پائيندو هو ۽ چروٽ ڇڪيندو هو. ٻنهي ننڍين ڀائرن سان ڪونہ ڳالهائيندو هو. ٻئي ڀاڻس جو نالو بشير هو حفيظ کان ٻہ ننڍو هو. مير غلام علي خان ٽالپر جو پي.اي ٿيو جنهن ڪيس ٽيڪسٽائيل انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما لاءِ انگلستان موڪليو. اتان ڊپلوما جي بدران اها اسڪيم کڻي موٽيو، تہ سنڌ جي هارين کي سڌارڻ لاءِ ڪين مشيني هر وني ڏجن. اسڪيم هلي ڪانہ سگهي، سو انگلستان موٽي ويو. پوءِ ڪاڏي ويو، تنهن جي اڄ تائين ڪا خبر ڪانهي.

حفيظ کي ڀينر بہ هيون. هڪ پنهون خان سان پرڻيل هئي، جو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سپرنٽنڊنٽ هو. نهايت شاندار ماڻهو هو. ٻي ڪيپٽن قدوس سان پرڻي. ٽين شايد عالماڻين ۾ پرڻي.

حفيظ هڪ دفعي اوچتو منهنجي ڳوٺ اچي نڪتو. ڳوناٽي زندگي ڏکيري آهي، مون کي چيائين تہ، ”اڄ مون کي خبر پئي آهي تہ تون ڏسڻ وائسڻ ۾ تہ ڏاڍو نرم ۽ نازڪ آهين. ليڪن، ڏک سک تي هريل آهين.“

❊ ❊ ❊

حفيظ سال کن حيدرآباد جي ڪاليج ۾ مون سان گڏ پڙهيو. پوءِ ڪراچيءَ هليو ويو. خط لکيائين تہ تون بہ ڪراچيءَ هليو اچ. مان ڪراچي پهتس. پاڻ ميناارام هاسٽل ۾ رهندو هو. پاڻ بہ خيرپور رياست جو هو سو خيرپوري شاگردن کان سندن ہن تن ڪمرن جون چاٻيون وٺي ڇڏيون هئائين، جو ڪاليجن ۾ وئڪيشن هئي. هو ڳوٺ هليا ويا هئا. هڪڙي ڪمري جي چاٻي مون کي ڏنائين ۽ درخواستن جو ٿهو ٽائيپ ڪرائي ڏنائين. پوءِ سمجهايائين تہ، "صبح جو نيرن ڪري، نڪر. سنڌ سيڪريٽريٽ جي هڪ هڪ آفيس ۾ وڃ ۽ فقير وانگر سئن هٽي، ٻچ تہ ڪا ڪلارڪيءَ جي جاءِ خالي آهي؟ ڪٿي نہ ڪٿي ملي ويندئي."

پاڻ بہ ائين ئي ڪلارڪي هٿ ڪئي هئائين.

مون سندس نسخو آزمايو. هڪ ڏينهن ڊئريڪٽر انڊسٽريز سنڌ جي آفيس ۾ ويس. آفيس سپرنٽنڊنٽ تہ الائي ڪير هو. پر، وڏو بااخلاق شخص هو. وچوليءَ عمر جو هو. ان زماني ۾ سنڌي ماڻهن ۾ اجا لحاظ هو ۽ رشوت جو مرض ايڏو ڪونہ پکڙيو هو. صبح جو اچڻ لاءِ چيائين. ٻئي ڏينهن مون کي ڪلارڪيءَ جو آرڊر هٿ ۾ ڏنائين. عيد ٿي وئي! حفيظ سان ڳالهہ ڪيم. ڏاڍو خوش ٿيو. پر، ائين بہ چيائين تہ، "هفتي کن ۾ خيرپوري شاگرد موٽندا. پنهنجا پنهنجا ڪمرا والاريندا. تنهنجا ٽپڙ ڪٽي ٻاهر اڇلائيندا."

اهو ٻڌي، مان تہ ڏاڍو پريشان ٿيس. پر، حفيظ تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. ميناارام هاسٽل ۾ مان ڪل ہہ مهينا رهيو هئس. انهيءَ عرصي ۾ نبي بخش دائودپوٽي سان سنگت ٿي وئي هئي، تنهن چيو تہ، "مون سان اچي رهہ" اول سائٽس ۽ پوءِ مقبول سومري سان گڏ وڃي رهيس، جو ٽيهين نمبر ڪمري ۾ اڪيلو رهندو هو. ان ڪمري ۾ رهائش جي يادگيرين جو مضمون لکيو اٿم، جيڪو "مهراڻ" ۾ ڇپيو آهي. گهڻن کي وڻيو آهي.

حفيظ بہ هاسٽل ۾ رهندو هو. پر، سندس گهڻو تڻو وقت 29 نمبر ڪمري ۾ گذرندو هو جتي ڊاڪٽر هاشمي رهندو هو. ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سيڪريٽري جنرل هو. جيڪا ليفٽيسٽ خيالن جي شاگردن جي جماعت هئي. 1953ع وارا فساد انهن ڪرايا هئا جن ۾ نواب مشتاق احمد گرماڻي، وزيرِ داخلا حڪومت پاڪستان جي ڪار سازي وئي هئي. دائودپوٽو انهيءَ ڏينهن

شام جو مون کي اُنهيءَ هنڌ وٺي ويو هو. سڙيل ڪار پوليس ڪڍائي وئي. پر، هر هنڌ هٿياربند پوليس بيٺي هئي. سخت خوف ۽ هراس هو.

* * *

هڪڙي ڏينهن هاسٽل ۾ حفيظ وٽ ويس، ته ڪجهه ويٺي لکيائين. مون چيس ته، ”ڇا ٿو لکين؟“

جواب ڏنائين ته، ”افسانو.“

جڏهن حيدرآباد ۾ هو ته هڪ دفعي سندس موجودگيءَ ۾ سندس هڪ نوٽ بڪ کڻي پڙهڻ وينس، جنهن ۾ ڪي افسانا لکيا هئائين. سڀ رومانوي طرز جا هئا. اها ڳالهه ياد هئم. سو پڇيومانس ته، ”ڇا جي لاءِ؟“

چيائين ته، ”ڪراچيءَ جي سنڌي ادبي سنگت افسانن جي چٽاڀيٽي ڪرائي آهي، انهيءَ لاءِ لکي رهيو آهيان.“

مون چيو ته، ”مان به لکان؟“

چيائين ته، ”ڀلي لک.“

مون افسانو لکي کيس ڏنو. سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو سيڪريٽري هو عبدالغفور انصاري ۽ جج هئا بيگم زينت عبدالله چنا، پير حسام الدين راشدي ۽ عثمان علي انصاري. تڏهن منهنجو منجهانئن ڪير به واقف ڪونه هو.

ڏهن ڏينهن کان پوءِ عبدالغفور انصاري مليو ۽ ٻڌايائين ته ٽنهي ججن پهرين ستن افسانن ۾ تنهنجو افسانو شامل ڪيو آهي. اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس. رزلٽ نڪتي ته منهنجي ئي افسانې کي پهريون نمبر مليو. حالانڪ جمال ابڙي جهڙو وڏو افسانه نگار به چٽاڀيٽيءَ ۾ شريڪ ٿيو هو.

انهيءَ کان پوءِ مان سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ باقائدگيءَ سان وڃڻ لڳس، جنهن جا ڀيا مکيه ميمبر هئا: نورالدين سرڪي، اياز قادري ۽ دادا موتي رام. حفيظ مٿن هميشه تنقيد ڪندو هو ۽ کين سنڌي ادبي سنگت جي ”تمورتي“ ڪوٺيندو هو.

ٻين سينئر ميمبرن ۾ احسان بدوي شامل هو جيڪو ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ باقاعدي ايندو هو. عبدالغفور انصاريءَ جي دلچسپي جيئن پوءِ تيئن گهٽبي وئي. سويو لاڙڪاڻي رهندو هو سو قسمتي ايندو هو. جويو

صاحب پيرو پريندو رهندو هو. هر ڪو سندس لحاظ ڪندو هو. حفيظ رشيد پٽي، رشيد آخوند، جمال رند، خواجه سليم، حسين عادل ڪتري، اياز قادري ۽ ٻيا ڪيترائي سرگرم ڪارڪن هئا.

اياز قادري ڪجهه عرصي کان پوءِ سنگت جو سيڪريٽري ٿيو ته گڏجاڻيون سنڌ مدرسي بدران سندس جاءِ 6- ڊني رام بلڊنگ تي ٿيڻ لڳيون. انهن گڏجاڻين ۾ ادبي ڳالهيون ته خير خوبيءَ سان ٿي وينديون هيون. پر، انتظامي ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي گڏجاڻين ۾ حفيظ شيخ هر آئٽم تي اختلاف ۽ واڪ آئوٽ ڪندو هو. خواجه سليم سندس ساٿ ڏيندو هو. منهنجي راءِ موجب سليم جون ساڻس پٺيهه دليون هيون. حفيظ تي مضمون لکڻ جو حق کيس ئي جڳائي ٿو.

خواجه سليم ۽ جمال رند سان حفيظ جا دوستانه لاڳاپا خيرپور رياست جي پسمنظر ۾ هئا. خواجه سليم خيرپور جو ويٺل هو. پر، جمال رند اتان جي رڳو ناز هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو هو.

❊ ❊ ❊

حفيظ 1962-1963ع ۾ سنڌ جا وڻ ڇڏي، لاهور هليو ويو. اتي اي.پي.پي. ۾ نوڪري مليس. پر، انهيءَ کان اڳ هت سنڌ ۾ خانبهادر کهڙي جو پرنسپل ڪلارڪ مقرر ٿيو. پگهار طئي ڪرڻ کان اڳ کهڙي صاحب کي فقط هڪ شرط وڌو هئائين ته، ”نيرن تي ڪڪڙ جا ٻه آنا کائيندس. هڪ ملندو ته نوڪري ڇڏي ويندس.“

کهڙي صاحب شرط ٻڌي، کلي ڏنو. سندس شرط قبول ڪيائين ۽ بورچيءَ کي ان مهل ئي اهڙو آرڊر ڏنائين. اها ڳالهه اسان کي خانبهادر کهڙي جي اخبار ”نواءِ سنڌ“ جي ايڊيٽر، مولوي عبدالغفور سيتائيءَ ٻڌائي. مولوي سيتائيءَ کي حفيظ سان ڪچهري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. ساڻس چرچا گهڻا ڪندو هو. سندس نيوز ايڊيٽر غلام قادر لاڪير کي رونشو لڳندو هو. سو غلام قادر ۽ مقبول سومرو هيڪاري محفل کي مچائيندا هئا. مقبول سومرو لاڪير سان گڏ ”نواءِ سنڌ“ ۾ سب ايڊيٽر هوندو هو. پوءِ بئنڪ جي نوڪري ڪيائين ۽ آخرڪار ترقي ڪري حبيب بئنڪ ۾ سڄي پاڪستان جو صدر ٿيو. سون جهڙو سچو ماڻهو آهي.

حفيظ اجا سنڌ بلڪ ڪراچيءَ ۾ هو تہ "ون يونٽ" نهيو. حفيظ ان تي هڪڙو طنزيہ افسانو لکيو جنهن جو عنوان هو. "اچو تہ گهر گڏيون." تمام سٺو افسانو لکيو هئائين. سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏيارڻ جي تحريڪ ۾ تمام سرگرم رهيو. پٽين تي، سنڌي ٻوليءَ جي حمايت ۾ لوهي پليٽن سان نعرا ڇاپڻ ۾ ڪمال ڪري ڇڏيائين. مون کي هاڻي چٽي يادگيري ڪانهي، پر انهيءَ ڪم ۾ مرغوب بخاري ۽ منصور عباسي سندس ٻانهن ٻيلي هئا. ٻئي عجب انسان هئا. جيڪر مٿن دل کولي مضمون لکجي، هاڻي هو ٻئي هي جهان ڇڏي ويا آهن.

حفيظ جي يارن ۾ هڪڙو ٻيو نوجوان بہ هو قادر صديقي، جيڪو جوڻي صاحب جي دوست جمال صديقيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو. پر، سنت حفيظ سان چرچا گهڻا ڪرڻ لڳو سو سندن ياري ٽڙي تي ويئي. البت، قادر صديقيءَ جي مون سان گهري گهاٽي سنگت ٿي ويئي. اڳتي هلي، سنڌ سرڪار جو سيڪريٽري قانون ٿيو. اسان جون ڇٽيون پاٽيون ملاقاتون ٿينديون رهيون. پوءِ مان اسلام آباد هليو ويس. جوڻي صاحب ٻڌايو تہ تنهنجو يار هي جهان ڇڏي ويو آهي. ڏاڍو ڏک ٿيو. قادر سان ملي ۽ سندس ڳالهيون ٻڌي ڪيٽس (Keats) جو هاڻي انگريزي ڪلاسيڪي لٽريچر ۾ وڏو نالو آهي.

❊ ❊ ❊

حفيظ اي.پي.پي. جي نوڪريءَ جي سلسلي ۾، لاهور مان سکر بدلي ٿي آيو. سن ۽ سال ياد ڪونهي. ان کان اڳ شيخ اياز کي ادبي ناتي ڪري ڏاڍا پيار پريا خط لکندو هو. ڪيس "مبن يار"، ڪوٺيندو هو. مبن مان سندس مطلب مبارڪ هو جو شيخ اياز جو اصلي نالو هو. پر، سکر آيو تہ ٻنهي جي دوستي دشمنيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. حفيظ سندس خلاف طنزيہ افسانو لکيو ۽ اياز وري مٿس هجو جا شعر لکيا.

❊ ❊ ❊

حفيظ پوئين نوڪري پاپوليشن پلاننگ ۽ ٻين ڪن کاتن ۾ بہ ڪئي. ڪجهہ عرصو رحيم يار خان ۾ بہ رهيو. هڪڙي مائي انهيءَ کاتي ۾ ملازم هئي، تنهن سان (يا سندس همشيره) سان شادي ڪيائين. پوءِ سکر بدلي ڪرايائين. بئراج جي پاسي ۾، بہ ٽي جريب زمين جا مائٽاڻي ورثي ۾ ملي

هئس. اتي جهوپڙي اڏايائين ۽ منجهس رهڻ لڳو. صبح جو سرڪاري گاڏي کيس آفيس ڪٽي ويندي هئي ۽ شام جو موٽائي ڪٽي ايندي هئي. ٻڪرين جو هڪ ڌڻ رکيائين. جو ڪنهن صلاح ڏسن ته ٻڪري ڦر گهڻا تي ڏئي. ماڻهو ڌڻ ڏاري، ته جيڪر الاهي پيسا ڪمائي. اهي پيسا ته ڪمايائين الائي ڪونه. پر ڪنڊ پاسي سان پنهنجو وقت پئي گذاريائين. دنيا کي پاڻ وساري ڇڏيائين ۽ دنيا به کيس وساري ڇڏيو. وقت گذرڻ سان سندس سڀ اصول ۽ آئيڊيل بدلجي ويا. سنڌي ادبي سنگت، سنڌي لٽريچر، سنڌي ٻوليءَ ۽ خود سنڌ تان ئي دل کڄي وئي هئس. پوراليءَ طبيعت جو هو.

❊ ❊ ❊

هڪ ڏينهن مان حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ وينو هئس، ته حفيظ جي ماڻهن جي گهران فون آئي، ته ”فوري پهچ“. مان رڪشا تي چڙهيس ۽ سڌو لطيف آباد ۾ ٻڌايل ايڊريس تي پهتس. ٻڌايائون ته حفيظ گذاري ويو آهي. سندس لاش سکر مان ڪڻائي آيا آهن. جڏهن گهر ۾ گهڙيس، ته کٽ تي اڇيءَ چادر سان ڍڪيل هڪ لاش نظر آيو جنهن جي پرسان ڪي عورتون روئي رهيون هيون. سندس ماڻهن گويا مون تي ذميواري وڌي ته، ”تون ئي سندس دوست هئين. هاڻي تون ئي معاملي کي منهن ڏي.“

مون حفيظ جا ٻيا ڪي ساٿي ۽ دوست گڏ ڪيا، جن ۾ نياز همايوني به شامل هو. اميدن پرئي قبرستان ۾ هڪ هنڌ پاڻ وچي قبر کوٽيسون. ڪچيون سرون هٿ ڪري، حفيظ جو لاش سندس ماڻهن جي گهران ڪٽي آياسون، جنهن کي پنهنجن هٿن سان لحد ۾ لاهي، دفن ڪري، ڪچيءَ قبر جي بناوت به پاڻ ڪئيسون.

❊ ❊ ❊

هاڻي انهيءَ ڳالهه کي ورهيه وري ويا آهن. حفيظ جي قبر جو ڪو نشان به بچيو آهي الائي نه! هڪ ڀيري مان اڪيلو ئي اڪيلو اميدن پرئي قبرستان ۾ ويس. پر، قبر هٿ ڪانه آئي. جڏهن قبرستان مان موٽيس ته هڪ ڳالهه ياد آئي، جا ننڍپڻ ۾، ڳوٺن ۾ ٻڌي هيم، ته جڏهن سڪندر بادشاهه مري ويو ته ماڻس پنڊيءَ ۾ ڪٽڪ جون به مانيون ۽ لوٽي ۾ کير کڻي قبرستان ۾ وئي. ڳوڙهن ڀريل اکين سان واڪو ڪيائين، ”او ابا سڪندر؟“

قبرستان مان جواب آيس ته، ”مائي، تون ڪهڙي سڪندر کي سڏين تي؟ هت ته سوين سڪندر پوريا پيا آهن.“

❊ ❊ ❊

سڪندر کي هڪ چٽو پٽو مقصد اکين اڳيان هو تہ کيس زندگيءَ مان ڇا گهرجي؟ هن روءِ زمين جو بادشاهہ ٿيڻ پئي گهريو. سو ڪيئي ملڪ فتح ڪيائين. پر، دنيا جو ڪاروبار سڪندر بادشاهہ ۽ ملڪ پاڪستان جو ڪاروبار سڪندر مرزا کان سواءِ هلندو رهي ٿو. شايد ان ڪري ئي سياڻي سعديءَ چيو آهي تہ.

"خليفا ايندا ويندا، دجلو درياهہ وهندو رهندو."

حفيظ غريب کي تہ سڪندر جهڙو سوداءُ متي ۾ ڪونہ هو. شايد "ماڻهوءَ جو مقدر" سندس حالتون ناهي ٿو. نہ تہ پلا سڪندر مرزا سرڪاري ملازم مان ملڪ جو صدر ڪيئن ٿئي ها؟

حفيظ غريب جو پار هو ۽ سڄي عمر غريبن وانگر گذاريائين. ڪنهن زماني ۾ پنهنجي افسانن جو ڪتاب ڇپائڻ جو شوق هئس، پر پوءِ تہ سنڌي ادب ۾ ئي دلچسپي ڪانہ رهيس. لاهور ويو تہ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن بہ ويس.

❊ ❊ ❊

لاهور ۾ اي.پي.پي. ۾ ملازم هو تہ مان هڪ دفعي اتي بہ وٽس ويس. پر، سنڌ ۾ ڪنهن بہ ادبي دوست ۽ سنگتيءَ جو ڪونہ پڇيئاين. مون کي بيڊن روڊ تي "امرتسر لنچ هوم" ۾ منجهند جي ماني کارايائين ۽ چيائين تہ "الحمرا آرٽس ڪائونسل ۾ شام جو بيوٽي پئريڊ ڏسڻ هلنداسون، جا شاهہ ايران جي راڻيءَ ملڪہ فرح ديبا جي اعزاز ۾ ٿي رهي آهي. لاهور جون چونڊ حسينائون ايندريون. اسان بہ دل پشوري ڪنداسين."

شام جو گڏجي اهو پروگرام ڏٺوسون. هڪ خاتون فوڪر فرينڊ شپ هوائي جهاز جيتريءَ ڊگهيءَ ڪار مان سبز رنگ جي ساڙهيءَ ۾ لٿي. چوڌرف ڇڻ تہ خوشبوءِ جون هبڪارون ٿي ويون. زندگيءَ ۾ گهٽيون ئي حسين زالون ڏٺيوسين، پر، اها خاتون بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي.

*وه آئے اور پھر چراغوں میں روشنی نہ رہی*

علم ۽ فن کي اظهار جي ضرورت آهي. پر، سونهن ۽ سرهاڻ پنهنجو اثر پاڻ ڪنديون آهن.

❊ ❊ ❊

جن هر ڪنهن ساڻ رهائي ڪئي،
تن پنهنجي پاڻ رهائي ڪئي
جن سهڻن ساڻ سچائي ڪئي،
سي ڪنهن سان ڪين وڃائي ويا.

❊ ❊ ❊

حفيظ کي هي جهان ڇڏئي ڪيئي سال گذري ويا آهن. اڄ هو ڪنهن کي ياد بہ ڪونهي. پر، نصير مرزا، حفيظ جهڙو اشراف انسان آهي. سيني سان سان نيائيندو آهي. "بامسلمان الله الله، بابرهمڻ رام رام." هن هڪ تہ سنڌي زبان جي مبينہ اولين افسانہ نگار مرزا نادر بيگ جا افسانا گڏ ڪري، ڪتاب ڇپايو. ٻيو تہ حفيظ کي ياد ڪيائين. سندس افسانا ۽ مٿس سندس همعصرن اديبن کان مضمون لکائي، سهڻو ڪتاب شايع ڪيائين. ڪتاب جو نالو آهي: "اڃو پکي واءَ ۾."

هي ڪتاب ڇپائي نصير مرزا هڪ عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هڪ طرف حفيظ شيخ جي مٿن مائٽن ۽ دوستن جون دليون ٺاريون اٿس تہ ٻئي طرف سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ پنهنجي غيرمعمولي ڪاميابيءَ وسيلي اها حقيقت هڪ دفعو وري ثابت ڪئي اٿس: "Room at the top is always vacant."

سنڌي ڪلچر ۾ دوستيءَ جو مفهوم اهو آهي تہ ماڻهو پنهنجي يارن سان مُئي جيئري نيائي. حفيظ انهيءَ معنيٰ ۽ مفهوم ۾ منهنجو دوست هو. سندس هڪ تربت تہ اُها آهي جنهن ۾ مون، نياز همايونيءَ ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن سان گڏجي کيس ڳوڙهن ڀريل اکين سان پوريو هو ۽ ڪچين سرُن جي گاري سان لنباوت ڪري، جوڙي راس ڪئي هئي. سندس ٻي تربت اُها آهي جيڪا منهنجي دل ۾ موجود آهي. 'صائب' جي لفظن ۾ اُن جو بيان سهڻو لڳي ٿو:

بعد از وفات تربت ما، در زمين مجوي،
در سينهاي مردم عارف مزار ماست.

(وفات کان پوءِ منهنجي تربت زمين ۾ نہ ڳولهہ،
منهنجي مزار اهلِ دل انسان جي سينن ۾ آهي.)

تاهم مون کي انهيءَ حقيقت جو اعتراف آهي تہ سنڌ جي بيقدر معاشري ۾ حفيظ غريب پنهنجي سموريءَ سچائيءَ ۽ سچي زندگيءَ جي جدوجهد کان پوءِ بہ اهڙو کو اعليٰ مقام هٿ ڪري ڪونہ سگهيو هو جو کيس موضوع سُخن بنائي ۽ سندس مُئي کان پوءِ ماڻهو سندس گمنام مزار تي کو تاج محل تعمير ڪري سگهي. پر نصير مرزا ڪري ڏيکاريو! جيڪڏهن نصير مرزا ڪتابن ڇاپڻ جو ڪاروبار ڪندو هجي هان تہ مون کي ان ڳالهہ تي عجب اصل ڪونہ ٿئي ها. تہ هن ايڏو سهڻو ڪتاب ڪيئن ڇاپيو. ڪتاب جي ڇپائي جُز بندي ۽ جُلد بندي ۽ سرِورق جي وٽندڙ تناسب کي ڏسي مون کي سمجهہ ۾ آيو تہ دنيا جي ڏاهن خوبصورتيءَ (Beauty) جي بنيادي وصف 'تناسب' (Symmtery) کي ڇو قرار ڏنو آهي. پر هر شئي جو 'وجود' سندس 'جوهر' مان ئي پرکبو آهي، ڇوتہ سهڻا ٿُوهہ تہ پٽن ۾ بہ پيا آهن، تڏهن تہ سچل سائينءَ فرمايو هو:

صورت ۾ جاءِ دم جي،
دم ري نہ صورت ڪم جي
دم ۾ جا لذت غم جي،
وہ واهہ ڳالهہ خاصي.

نصير انهيءَ اصول کان واقف آهي سو هن وڏي قابل ڪاريگر وانگر سونَ جي مُورتيءَ مٿان ورهين جي مٽيءَ جا تهن مٿان تهہ هٽائي اُن کي صاف ڪري سينگاري پنهنجي مسيحائيءَ سان منجهس جوت جاڳائي، دنيا جي طلسم ۾ ائين آڻي رکيو آهي، جو ڀانئجي ٿو تہ شيخ حفيظ ٻيو جنم ورتو آهي.

هن اچي اُجري ڪتاب جي اشاعت جي اُميد ان ڪري بہ ڪانہ هئي، جو سنڌي معاشري جون حالتون ڏينهون ڏينهن ابتر تي رهيون آهن. جڏهن ڪنهن بہ قوم، قبيلي يا فرد تي حد کان وڌيڪ ظلم ٿيندو آهي، تڏهن سندس 'حِسَ' ختم ٿي ويندي آهي. استحصالي طبقا وڏي ڪاميابيءَ سان سنڌين کي ريڍ انڌين ۾ تبديل ڪري رهيا آهن. پر سنڌن اصل ڪمال اهو آهي تہ هنن سنڌين جي ميس ماري ڇڏي آهي. هاٽي آرام ۽ فرحت سان اهو

نظارو ڏسي رهيا آهن تہ خود سنڌي سنڌين جي ڏاڙهي ڪيئن پٽي رهيہ
آهن! اهڙي اونداهي ماحول ۾ جيڪڏهن سنڌ جو ڪوبہ محقق، اديب يہ
دانشور، وڏو وس ڪري ڪا روشن شمع ڪري تہ بلاشبہ اهو عظيم ڪارنامو
چئبو. نصير مرزا کي قدرت اها ڏات ڏني آهي. ڪيس اهو ڏانءُ بہ آهي، تہ اهل
دل انسان ڳولهي، پنهنجي يارن ۽ احبابن جو حلقو وڏائيندو وڃي. پسمانده ۽
مظلوم قومن جا عظيم فرزند پنهنجي قافلن کي ائين ئي اڳتي نيندا آهن.
عشق جي راهہ تي هلندي کين ضرور ڪي مشڪلاتون درپيش اينديون
هونديون، پر زهر پياڪ عاشق انهن جي پرواهہ ڪونہ ڪندا آهن:

ڪس ڪو شڪوه هي گر شوق ڪي سلسلي
هجر ڪي قتل گاهون سي، سب جاملي
قتل گاهون سي چُن ڪر هماري عَلم
اور نڪلينگي عشاق ڪي قافلي
جن ڪي راه طلب سي هماري قدم
مختصر ڪر چلي درد ڪي قافلي.

* * *

پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ اڇو پکي واءُ ۾ پرڙا هٽي هٽي تڪجي پيو هو.
سو آرام ۽ اوٽ لاءِ ڪنهن وڻ تي وڃي ويٺو هو. هاڻي تہ نڪي انهيءَ پکيءَ
جو پتو آهي، نہ وري وڻ جو ڪو نالو نشان آهي. هيءَ دنيا انهيءَ دردناڪ
ماجرا جو ڏاڍو ڏکو داستان آهي.

★

# نور الدين سركي



نورالدين سركي

سنڌ جي تاريخي شهر شڪارپور ۾ ڄائو. روزانه "ڊان" ڪراچيءَ ۾ ڇپيل خبر موجب سندس عمر اسي ورهيه ٿي. انهيءَ حساب سان سن 1927ع ۾ ڄائو هو. اسڪولي تعليم شڪارپور ۾ ورتائين. ڪاليجي تعليم لاءِ ڪراچيءَ آيو جتي گذر سفر لاءِ نوڪري به ڪندو هو ۽ تعليم به جاري رکيائين. "ايم.اي" سان گڏ "لا" جي ڊگري به ورتائين، پر وڪالت ڪجهه عرصو پوءِ شروع ڪيائين. سالن جا سال اسلاميه ڪاليج ۾ ليڪچرار طور پڙهائيندو رهيو.

ماڻهوءَ جي نفسيات ناهڻ ۾ نسلي اثر وڌيڪ اهم آهي يا ماحول جو اثر، اهو متنازعه مسئلو آهي. اسان جي اڳوڻن عالمن ۾ ابن خلدون، هاڻوڪي دؤر جي مشرقي عالمن ۾ ابوالڪلام آزاد ۽ مغربي عالمن ۾ آلبرٽ آئنسٽائن انهيءَ راءِ جا هئا، ته "ماڻهو جيڪي ڪجهه آهي، سو پنهنجي ماحول موجب آهي." جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه کي ڪسوٽي قرار ڏبو ته پوءِ نورالدين سرڪيءَ جي شخصيت کي شڪارپور شهر جي پسمنظر ۾ به ڏسڻو پوندو.

شڪارپور جي شهر کي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت ۾ خاص اهميت حاصل آهي. ڪنهن زماني ۾ مکيه تجارتي مرڪز هو. روس مان واپاري قافلا بخارا ۽ تاشقند مان ٿيندا، افغانستان ٽپي اچي شڪارپور ۾ منزل انداز ٿيندا هئا. ايران ۽ عراق مان واپاري قافلا بولان لڪ ٽپي ايندا هئا. هندستان جا واپاري قافلا اوپر مان ايندا هئا. اسان وٽ اتر ۾ ملتان ۽ ڏکڻ ۾ حيدرآباد مکيه مارڪيٽ هئا. ملتان جو مالُ درياهه مان ٻيڙين رستي ايندو هو ۽ حيدرآباد جو خشڪيءَ جي قافلن وسيلي. خشڪيءَ وارن قافلن ۾ اُٺن تي مال ڪٽي ايندا هئا. انهن قافلن جي هڪ سٺي تصوير سکر ايئرپورٽ جي عمارت ۾

ڏسي سگهجي ٿي. پاسي ۾ بار بردار ٻيڙين جي تصوير بہ ڏاهي اٿن. جيڪي واپاري وڪر ڪٽي، درياھ رستي اچي رهيون آهن. نيٺ واپاري ٻوليءَ ۾ چئبو تہ "شهر جو وڏو چلتو هو." ايڏي اهم تجارتي مرڪز هئڻ ڪري، شڪارپور گهڻين ئي ثقافتن جو سنگم ٿي پيو.

شڪارپور اهو اوڄ ۾ اقبال پورين بہ صديون ماڻيو. انگريزن جي حڪومت شروع ٿيڻ کان پوءِ بہ شڪارپور جي وڏي لئہ هئي. برطانوي دؤر ۾ چيپيل گزيٽيئرن ۾ لکيل آهي تہ "سڀني ۾ سٺيون ۽ مهانگيون لعلون يا برما ۾ ملنديون هيون يا وري شڪارپور ۾."

انگريزَ اسان ماڻهن کان گهڻو وڌيڪ سياڻا هئا. مُٺ جيترن گورن پنهنجي عقل ۽ لٺ ٻاڻي سان هندستان جي ڪروڙين ماڻهن کي سَٽي ڪُٽي مٿن صديون حڪومت ڪئي.

سنڌ جي فاتح سر چارلس نيپئر جي عقابي اکين کان نڪي تہ شڪارپور مخفي هئي ۽ نہ وري حيدرآباد ليڪن، هن سوچي سمجهي، پنهنجيءَ حڪومت جي گاديءَ لاءِ مهاڻن جي هڪ ڳوٺڙي جو انتخاب ڪيو سو هن ڪري جو سمنڊ جي ڪناري تي هو ۽ وڏو سامونڊي بندر ٿيڻ لاءِ موزون هو. ڪولاچي سنڌ جي هڪ ذات آهي. سندن ڳوٺڙا ميرپورخاص کان ڪچھ مفاصلي تي آهن، مثلاً ٽنڊو ڪولاچي، تعلقي ڪنڊياري، نوشهري فيروز ضلعي ۾، اسان جي ڳوٺ آگرن کان ميل ڪن تي بہ ڪولاچين جو ڳوٺ آهي.

لسانيات جو ڪو ماهر، مثلاً اسان جو ڊاڪٽر الانا ٻڌائي سگهندو تہ ائين چو آهي تہ صوتي اثرات جي سبب ڪري يا ٻئي ڪنهن ڪارڻ ڪري، "لام" جو اُچار بدلجي "ر" جي شڪل وٺي ٿو. ڪولاچيءَ مان ڪراچي چو ٿيو؟ "بوٽ بيسن" وٽ اڄ بہ "مائي ڪولاچي روڊ" جو بورڊ، انهيءَ حقيقت جي ثابتي آهي تہ ڪراچيءَ جو اصلوڪو نالو "ڪولاچي" آهي.

ساڳيءَ طرح "ر" جو اُچار بدلجي "لام" جي صورت وٺي ٿو سو ڇو؟

مان حڪومت پاڪستان طرفان اديبن جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ چين جي سرڪاري دوري تي ويس. چيني ميزبانن منهنجي انهيءَ منصب ڪري،

وڏيءَ عزت ۽ احترام سان هر هنڌ مون کي سر، غلام لباني ڪوٺيو. سرڪاري تقريبن ۾، توڙي غير رسمي دعوتن ۾، نانچنگ، بيجنگ، شانگهائيءَ سوچو ۽ ڪئنٽن جي چيني اديبن سان تعارف ڪرائيندي، مون کي سر، "غلام لباني" ڪوٺيائون. يعني هر هنڌ "ر" جي جاءِ تي "لام" جو اُچار ڪيائون.

ماهوتا بہ سنڌ جي هڪ ذات آهي. اسان جي ڳوٺ کان مني ڪوهہ جي پنڌ تي ماهوتا وينا آهن. ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي ثقافت جو هڪ وڏو مرڪز قائم ڪيو اٿن. ليڪن، پنهنجيءَ اڻ ڄاڻائيءَ ڪري انهيءَ جاءِ کي "موهاٽا پئليس" ڪوٺن ٿا.

علامہ قاضي صاحب انهيءَ ڳالهہ تي احتجاج ڪندو هو تہ سنڌي ٻوليءَ جي صورت ۽ گرامر نہ بگاڙيو. مثال ڏنائين تہ ائين ڪونہ چئبو تہ، "مان مورو کان ٿو اچان." چئبو تہ "موري مان ٿو اچان."

سرچارلس نيپئر ڪراچيءَ کي سنڌ جي گادي ڪيو تہ شڪارپور جي اهميت ازخود گهٽجي وئي. بلڪل ختم تہ ڪانہ ٿي، پر شڪارپور کان سکر ئي زور وٺي ويو. هونئن، تاريخي لحاظ کان حقيقت اها آهي تہ جڏهن بکر جو قلعو اوڄ تي هو، تڏهن کان سکر بہ ساهہ پٽي کنيو. ڪراچيءَ لاءِ سر چارلس نيپئر جيڪا اڳڪٿي ڪري ويو سا حرف بحرف صحيح ثابت ٿي، تہ "تون مشرق جي راڻي ٿيندينءَ." هاڻي مهاڻن جي اُنهيءَ ڳوٺڙي جي آدمشماري لڳ ڀڳ هڪ ڪرور پنجاهہ لک ٿي وئي آهي.

هر وڏي شهر ۾ ڪيئي شهر ٿين ٿا. گلستانِ جوهر، فيصل ڪالوني، ناظم آباد، ڊفينس سوسائٽي، سنڌ مسلم سوسائٽي، لالو کيت، نئون آباد، چاڪيواڙو، لياري ۽ ٻيون الائي تہ ڪيتريون قديم ۽ جديد بستيون ڪراچيءَ ۾، "شهر در شهر" جا مثال آهن. ليڪن، انهيءَ جغرافيائي تقسيم کان سواءِ، هر شهر ۾ ٻي بہ هڪ اهم تقسيم ٿئي ٿي، جا ان کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿي: هڪڙا امير ٻيا غريب. هڪڙا سُڄا ٻيا ساوا. هوند وارن جو جهانُ. اڻ هوندَ وارن کان جدا ٿئي ٿو.

سرڪي، شڪارپور ۾ پيدا ٿيو پليو ۽ جوان ٿيو. انهيءَ ئي شهر ۾ پاڪستان کان سؤ سال اڳُ، سنڌ ورڪي سيٺين جي گهرن ۾ سنگمرمر جا صحنَ ۽ ڪمرن ۾ بخارا جا قالين هوندا هئا. پر، سرڪي غريباڻي گهر ۾

پيدا ٿيو. سندس ماما ڏکڻ هوندا هئا. سرڪيءَ کي سندس امڙ پورهيا ڪري پاليو. غريبيءَ جو داغ دل تي دائما رهي ٿو. ماڻهو وڏو ٿئي ٿو پوءِ بہ ننڍ ۾ چرڪ پيري ٿو. پر، انهيءَ هوندي بہ سرڪي ”مينارام هاسٽل“ ۾ اسان سان جڏهن ننڍپڻ جون ڳالهيون ڪندو هو تڏهن سندس اکين ۾ شڪارپور جي اڳوڻي اوڄ ۽ اقبال جو عڪس نظر ايندو هو ۽ شهر جي گهٽين ۾ ننڍپڻ جي ڏينهن جي اڪير ليئا پائيندي هئي. چوندو هو تہ ”لکي در“ تي روز شام جو ميلو متل هوندو هو. راڌي جون چاپون ۽ سِڪَ جي قلفي ڪنهن ڪان وسرندي؟ ڪيئن سنڌ واهہ تي پڪنڪ ڪرڻ ويندا هئاسين! ننڍيءَ ۽ وڏي عمر وارا مرد ۽ زالون، هندو توڙي مسلمان، پنهنجن گهرن مان کاڌا پچائي کڻي ايندا هئا. انبن ۽ کجور جا کارا آڻيندا هئا. سنڌ واهہ جي ڪپن تي گهاٽن وڻن جي هيٺان، ڪاٺي هڪڙا تاس جي پتن کي ٺاپي پيا ڏيندا هئا، تہ ٻيا يڪتاري جي تارَ ۽ چپير جي چمڪي تي بيدل ۽ بيڪس جا ڪلام پيا ڳائيندا هئا. نوجوان ڳائڻا هڪڙو ڪلام تہ وڏيءَ سڪ سان ڳائيندا هئا:

شڪارپور جون چوڪريون، او شڪارپور جون چوڪريون!
ڪنڌُ، پتاشا، ماکيون مصريون کائن ڪارائِن!

ايران جي تاريخي شهر اصفهان ۾ هڪ عاليشان ڍَڪ بزار آهي. مثان خوبصورت نموني ۾ ڪاٺ سان ڍڪيل آهي. انهيءَ وانگر، شڪارپور ۾ بہ ڪجهہ ننڍي ”ڍڪ بزار“ آهي. مون بہ ڏٺيون آهن. پاڪستان کان اڳي، شڪارپور جي ڍَڪَ بزار ۾ رات جو دير دير تائين ماڻهن جي پيهہ هوندي هئي. انگريزن جي زماني ۾ شهر ۾ بجلي ڪانہ هئي. گولا ٻرندا هئا. بزار جي دڪانن تي جيڪا پيهہ پوڪرداس جي دڪان تي هوندي هئي، سا ڏسڻ وٽان هئي. پوڪرداس هو تہ برابر ڪتابن جو هڪ واپاري، پر سنڌي ادب ۽ ثقافت جي اهم انسٽيٽيوشن هو.

سرڪي تڏو ساهہ پيري چوندو هو تہ شڪارپور جون اُهي سڀ رونقون سنڌي هندو پاڻ سان گڏ کڻي هليا ويا.

سرڪيءَ سان منهنجي ملاقات سنہ 1954ع ۾ ٿي. مان بہ هن وانگر ڪراچيءَ ويس. اتي پڙهندو بہ هئس ۽ گذر سفر لاءِ نوڪري بہ ڪندو هئس.

اول سنڌي اخبارن "الوحيد"، "نئين سنڌ" ۽ "نوائي سنڌ" ۾ صحافي ٿيس. پوءِ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري مليم. وڏن سورن سان مينارام هاسٽل ۾ رهائش لاءِ ڪمرو مليم. ڪمرو نمبر ٽيهه فرسٽ فلور تي هو. سرڪي گرائونڊ فلور تي رهندو هو. سرڪيءَ جي ڪمري ۾ شاگردن جا ميڙا متل هوندا هئا. قسم قسم جا پکي اچي گڏ ٿيندا هئا: طوطا، ڳيرا، ڪبوتر، ڪاٽ ڪتا، ڪانوَ من موسڙا، چيها، جهرڪَ، ٻٽير ۽ تتر وغيره. پر، محفل جو مور نورالدين سرڪي هوندو هو. انسانن جي انهيءَ قبيلي مان هو جيڪي زندگيءَ ۾ رڳو دوست ناهيندا هئا. سندس دوستن جي انهيءَ هجوم ۾ جيڪڏهن مان سرفهرست هئس، تہ ٻئي نمبر تي نالو شمس سومري جو ايندو. شمس کي طوطو ڪوٺيندا هئا. هو شڪارپور جي پرسان ڇڪَ شهر جو ويٺل هو جتي ابو شوڪت حمزي نالي وڏو ڪو مجاهد "خلافت تحريڪ" ۾ ساماٽو هو. پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. شمس ڊاڪٽري پڙهندو هو. سندس دلپسند موضوع عورت ذات ۽ جنسيات هوندا هئا. سيڪس تي سڄيءَ دنيا ۾ مڃيل ماهرَ ۽ عالمَ هيولاڪ ايليس کي مرشد جو مان ڏيندو هو.

سرڪيءَ جي ڪمري ۾ هڪ وڏي وال- پينٽنگ Wall-Painting هوندي هئي، جنهن لاءِ سندس چوڻ هو تہ اهو شاهڪارُ ڪنهن هندو شاگرد جو يادگارُ آهي، جو پاڪستان کان اڳ انهيءَ ڪمري ۾ رهندو هو. پينٽنگ هڪ عورت جي هئي، جا پريءَ جهڙي سهڻي هئي. رنگين ۽ نفيس لباس ۾ پاسيري ويٺل هئي ۽ ڪو ساز وڄائي رهي هئي. سندس زلف پريشان هئا ۽ اکيون اهڙيون خماري، جو ڏسڻ سان مير تقي مير جو شعر چپن تي پئي آيو:

میر ان نیم باز آنکھوں میں
ساری مستی شراب کی سی ہے۔

سرڪيءَ جي محفل ۾ گفتگو جا موضوع مختلف هوندا هئا. انهن ۾ ادب، صحافت ۽ سياست وڏي بحث مباحثي جو باعث بڻبا هئا. پر، جڏهن شمس سومرو ايندو هو تہ موضوع بدلجي ويندو هو. شمس "عورت جي

عظمت“ ۽ ”جنسيات“ تي عالمانہ انداز ۾ ڳالهائيندو هو. سڀ دوستَ سندس گفتگو وڏي چاهہ سان ٻڌندا هئا. شمس جڏهن ڳالهائي بس ڪندو هو تہ اُجايل اکڙين سان پينٽنگ واريءَ حسينہ ڏانهن نهاري، ڏاڍي سوز سان هڪ ڪلام ڳائيندو هو:

مشتاقن جي مارڻ لئہ
ناز سکيو آهين نوان نوان.

مينارام هاسٽل ۾ ڪاڏي لاءِ شاگردن جون ڪيئي ڪلبون هونديون هيون. سرڪي، شمس ۽ مان ولي محمد واريءَ ڪلب جا ميمبر هوندا هئاسين. جو وڏو بورچي هوندو هو. طرح طرح جا طعام تيار ڪندو هو. آچر ڏينهن شام جو سڀ ڪلبون بند هونديون هيون. بورچي موڪل ڪندا هئا. سرڪي، شمس ۽ مان صدر ۾ ”ڪيفي جارج“ تي ويندا هئاسين. هميشہ آمليٽ ۽ ڊبل روٽي کائيندا هئاسين. بل سدائين سرڪي ڀريندو هو. اتان اتي ”زيلنس“ ڪافي هائوس ۾ ويندا هئاسين، جنهن جي ڪافي مشهور هوندي هئي. ڪنهن زماني ۾ ”انڊيا ڪافي هائوس“ ڪوٺيندا هئس. جڳاڌري اردو اديبن جو مرڪز هوندو هو. سرڪيءَ جي نامور نقادَ ممتاز حسنَ سان دوستي هوندي هئي، هونئن حبيب جالب سان بہ دعا سلام هئس. هڪ دفعي سرڪيءَ واري اسلاميہ ڪاليج ۾ فيض احمد فيض آيو. سرڪي مون کي بہ ساڻ وٺي هليو. مخصوص ماڻهن جي نشست هئي. اول حبيب جالب فيض جو ڪلام "اب يہاں کوئی نہيں، کوئی نہيں آئيگا" ايڏي تہ دلسوز ترنم سان ٻڌايو، جو محفل ۾ موجود گهڻن ئي ماڻهن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. ان کان پوءِ فيض پنهنجو ڪلام ٻڌايو. مون فيض احمد فيضُ پهريون دفعو ائين ڏٺو ۽ ٻڌو.

سرڪي leftist خيال جو هو. شڪارپور ڇڏي ڪراچيءَ اچڻ کان پوءِ سندس سرگرميون ڪهڙيون هيون. تن جو ذڪر ڪڏهن ڪونہ ڪيائين، پر، ايترو ٻڌائيندو هو تہ ڪجهہ عرصو Under Ground هليو ويو هو جو ٻڌو هئائين، تہ سندس گرفتاريءَ جا آرڊر ٿيا هئا. لاڙ جي پاسي، هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ٻہ ٽي مهينا لڪل هو. جڏهن حالتون سازگار ٿيون تہ موٽي ڪراچيءَ آيو.

"صداقت" سنڌي هفتيوار اخبار سان وابستہ ٿيو جا سرمايہ داريءَ جي سخت مخالفت ڪندي هئي. ان جون گهڻيون ڳالهيون ڪندو هو. مون کي پڪ ڪونهي تہ هو پارٽيءَ جو باقاعده ميمبر هو يا نہ. ليڪن "صداقت" اخبار کان پوءِ هن "سنڌي ادبي سنگت" نالي لاءِ تحرڪ ورتو ۽ ان ۾ ڪامياب ٿيو.

"سنڌي ادبي سنگت" جو خيال ڪيس ڪيئن آيو اها سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي. مون کي ائين سُجهي ٿو تہ هو Leftist خيالن جو تہ هو. پاڪستان کان اڳ ڪا "سنڌي ساهت سنگت" هوندي هئي. شيخ اياز شيخ عبدالرزاق راز ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند مالهي ۽ ٻيا ترقي پسند اديب ۽ شاعر ان جا سرگرم ڪارڪن هوندا هئا. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ سجاد ظهير 1936ع ۾ جڏهن هندستان ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ جو بنياد وڌو تہ ان جو اثر سنڌ تي بہ پيو. "سنڌي ساهت سنگت" غالباً ائين ئي هئي. سرڪيءَ انهيءَ سان ڪجهہ قدر وابستہ هو. هن پسمنظر ۾ Leftist هئڻ ۽ "صداقت" اخبار سان وابستہ رهڻ کان پوءِ ڪيس "سنڌي ادبي سنگت" نالي جو خيال آيو هوندو.

مون شيخ عبدالرزاق راز کان سنڌي ساهت سنگت واري دور جو احوال لکائي، 1956ع ۾ ماهنامي "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپايو هو. رسالي جو ايڊيٽر مولانا عبدالواحد سنڌي هو. مان سندس معاون هئس. شيخ عبدالرزاق راز، مقبول صديقيءَ، تنوير عباسيءَ ۽ رشيد ڀٽيءَ سان گهرو گهاٽو هئس. شيخ اياز سان سنگت جو آغاز ٿيو هو پر، گهرا گهاٽا ڪونہ ٿيا هئاسون. سرڪي بہ انهن سڀني جو دوست هو. بلڪ، پاڻ ئي سڀ کان اول مون کي شيخ اياز سان ملايو هئائين.

سرڪيءَ اهو ڪڏهن بہ ڪونہ ٻڌايو تہ سنڌي ادبي سنگت نالي جو خيال ڪيس ڪيئن آيو؟ اهو تہ پڌرو پيو آهي تہ اها ترقي پسند ۽ روشن خيال نوجوان اديبن ۽ شاعرن جي تنظيم آهي، جن جي اڪثريت Nationalist & Socialist آهي، سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن سان محبت اُن جي سوچ جو بنيادي انگ آهي.

بهرحال، سنڌي ادبي سنگت ڏاڍي مؤثر تنظيم ثابت ٿي ۽ سنڌي ادب ۾

نوان لاڙا آندائين. سرڪيءَ جڏهن ڪراچيءَ ۾ ان جي ابتدا ڪئي، تہ ڪيس تمام سٺي موٽ ملي. سندس ساٿين ۾ عبدالغفور انصاري، احسان بدوي، دادا موتيرام راموائي، اياز قادري، پوهو مل، رشيد ڀٽي، جمال رند، شيخ حفيظ، خواجہ سليم، رشيد آخوند هن وقت ياد پون ٿا. هونئن، بيشمار دوست ۽ ساٿي هئا ۽ سڀ سرگرم هئا. اسان جون هفتيوار ادبي گڏجاڻيون ٿينديون هيون، جن ۾ شعر، افسانا ۽ مضمون پڙهندا هئاسين، جن تي حاضرين محفل تنقيد ڪندا هئا ۽ انهن جي خوبين ۽ خامين کي اجاگر ڪندا هئا. جوہو صاحب ۽ سوڀو گيانچنداڻي بہ ڪڏهن ڪڏهن پيرو پرينداا هئا. سڀ سندن احترام ڪندا هئاسين. سنڌي ادبي سنگت جو روح روان، بهرحال، نورالدين سرڪي ئي هوندو هو. سالن جا سال، "اهو ادبي محاذ"، اسان جي سرگرمين ۾ اوليت جو درجو رکندو هو.

ليڪن، جڏهن سرڪيءَ ازدواجي زندگيءَ ۾ پير پاتو ۽ وڪالت شروع ڪيائين تہ پاڻ ئي سنڌي ادبي سنگت کان پاسيرو ٿي ويو. بلڪ، ائين ڪٿي چئجي تہ دوستن جي سڄي لڏي کان پريرو ٿي ويو. خانگي زندگيءَ کي اوليت ڏنائين. اجتماعي زندگيءَ کي سراسر نظرانداز ڪيائين. مثال طور سنڌ مدرسي ۾ "سنڌي ٻوليءَ جو ڏينهن" ييڪيدار نموني ۾ ملهايو ويو. سرڪي ايڏي وڏي اجتماع ۾ بہ ڪونہ آيو. نوڙهي ڦاٽڪ تي سنڌي شاگردن کي دردناڪ حادثو پيش آيو. حسين شاهہ راشدي، حفيظ لاکي ۽ ڪراچيءَ جي ٻين وڪيلن سنڌي شاگردن جو ساٿ ڏنو پر سرڪي سندن ويجهو ڪونہ آيو. پير حسام الدين راشديءَ ۽ شيخ اياز جي وفات تي سندن تڏي تي ڪونہ آيو. ٻيو تہ ٺهيو سائين جي.ايم.سيد جي رحلت تي ئي، تڏي تي غائب هو. توڙي جو اسان سڀ سن پهچي وياسين. وٽس موٽر بہ هئي ۽ ڪراچيءَ کان سن ايڏو پري بہ ڪونہ هو. سندس اها روش ڏکوئيندڙ هئي. مون ڪنهن مضمون ۾ سڪ سان سندس ذڪر ڪيو ۽ اڳوڻين سرگرمين جو ذڪر ڪندي لکيو تہ:

"Not for Bread Alone"

سرڪي ڪٿي اهو مضمون پڙهيو هوندو يا ڪنهن ساڻس ڳالهہ ڪئي هوندي، جا سندس دل ۾ رهي.

بورڊ 1962ع ڌاري جڏهن حيدرآباد ۾ ڪجهي آيو ۽ سول لائينس جي بنگلي نمبر 3 ۾ ان جي آفيس هئي، تہ سرڪي ڪنهن ذاتي ڪم سان حيدرآباد آيو ۽ مون وٽ رات رهيو. اسان جي پوئين ملاقات سال ڏيڍ اڳ ٿي هئي. مون کي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان ملڻ جي ضرورت ٿي پئي، جو وڪالت جي پيشي سان وابستہ هجي ۽ قانوني راءِ ڏئي. حسين شاهہ راشديءَ سان وٽي مليس. چڱي دلچسپي ورتائين. ساڻس ملي، وري وڃي سرڪيءَ سان مليس. وٽس پراڻي زماني جي بلوچ ڪامريڊ عبدالله خان جمال دينيءَ جو ڀائيٽو يا ڀاڻيجو ويٺو هو. ساڻس ڪوئيا ۾ وئڪيشن جا ڏينهن فرحت سان گذارڻ جو پروگرام ٺاهي رهيو هو. مون سان قرب سان مليو. حالي احوالي ٿياسون. پاڻ تہ منهنجي مسئلي ۾ هٿ ڪونہ وڌائين، پر ڪنهن دوست کي فون ڪيائين، ۽ مون کي چيائين تہ ”وڃي ملينس.“ پر، مان ان شخص سان ڪونہ مليس. مون کان پنهنجي ڪنهن بہ اڳوڻي دوست جو ڪونہ پڇيائين. البت، پاڻ شمس سومري جو سو تمام مختصر ذڪر ڪيائين، پر، ان ۾ بہ خبر ناهي تہ ڇو مٿس ڪو ڪل پوڳ ڪيائين! مون کي سندس انهيءَ روش ڏاڍو ڏکويو. ان ڪري بہ جو شمس هي جهان ڪڏهوڪو ڇڏي ويو هو. موڪلائڻ مهل، ڪل پوڳ جي نموني ۾ مشڪي وري مون کي بہ چيائين تہ:

"Not for bread alone"

مون ڪيس ڪا بہ ورندي ڪانہ ڏني، پر، سندس بدليل طرزِ زندگيءَ بابت بہ پنهنجي راءِ ڪانہ بدلايم. مون کي پنهنجيءَ راءِ تي محڪم رهڻ لاءِ سبب بہ هو. ڏاهن جو چوڻ آهي تہ ”جسماني آسودگي بلاشبہ تمام وڏي ڳالهہ آهي. پر، انسان لاءِ حقيقي خوشيءَ جي ڳالهہ ذهني تسڪين آهي.“

سرڪيءَ پنهنجن آئيڊيلس کي جسماني آسودگيءَ خاطر قربان ڪيو. ٽتيءَ ٽڏيءَ ڪاهڻ بدران، چَنَ جي چانوري کي پسند ڪيو.

سالن کان هاڻي منهنجو اهو نيم ٿي ويو آهي، تہ ننڊ مان اٿي، ڏندڻ ڪري، هٿ منهن ڌوئي، ٽيپ رڪارڊر تي قاري عبيدالرحمان جي آواز ۾ قرآن شريف جي تلاوت ٻڌندو آهيان ۽ چاءِ پيئندو آهيان. ايتري ۾ هاڪر ”ڊان“ اخبار ڏئي ويندو آهي. اخبار کوليم تہ اندرئين صفحي تي خبر پڙهيم:

”نورالدين سرڪي رات گذاري ويو.“ اخبار هٿن مان ڇڏائجي ويم ۽ ڪجھ دير لاءِ هٿ پير ٺري ويم. اهو سڄو ڏينهن ڏاڍو اُداس گذريو. سانجهيءَ جو غم غلط ڪرڻ لاءِ جويي صاحب وٽ هليو ويس. ڪافي دير روح رهاڻ ڪئيسون ۽ نورالدين سرڪيءَ جون ڳالهيون ڪيوسون. غالباً ٻئي ڏينهن ساڳيءَ ”ڊان“ اخبار ۾ شمشير الحيدريءَ جو بيان آيو. ممڪن آهي ته ٻين ڪن اديبن شاعرن ۽ سنڌي ادبي سنگت جا بيان به آيا هجن، پر مون ڪونه ڏٺا.

هفتي ڏيڍ کان پوءِ اتفاق سان وري ساڳي ”ڊان“ جي پرچي تي نظر پئي. سرڪيءَ جي رحلت جي خبر ورائي پڙهيم. سرڪي آسودو ٿيو ته ڊفينس ۾ گهر ورتائين يا نهرايائين ۽ هاءِ ڪورٽ سان لاڳيتو وڪالت جي آفيس ٺاهيائين. ڪيترن ئي ملڪن جا چڪر ڏنائين. هندستان ۾ سينيئر سنڌي اديبن سان به ملي آيو. ننڍڙو ڪتابڙو به ڇپايائين. ولايت به ويو. تازو آمريڪا مان موٽيو هو، پر، انهن مڙني ڳالهين جو ”ڊان“ واريءَ خبر ۾ ذڪر ته ڇا، معمولي اشارو به ڪونه هو. فقط ايترو لکيل هو ته ”هن سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو هو.“ نورالدين سرڪيءَ جي اسي سالن جي ڄمار ۾ ”ڊان“ جي رپورٽر کي ڪمَ جي ڳالھ اها ئي نظر آئي، ٻيو ٿيو ڦلو.

مون اخبار رکي، دل ۾ چيو ته ڳالھ ته وري به آئيڊيل جي ٻيٺي. سوين سال اڳ ڀلارو ڀٽائي ڪيڏي نه وڏي ڳالھ ڪري ويو هو:

”دلبر! هن دنيا ۾ ويچي رهندو واسُ“

★

# تنوير عباسي

تنوير عباسيءَ جو سنڌي ادب ۾ وڏو درجو آهي. سندس صحيح تعارف اهو آهي تہ سنڌ دوست شاعر هو.

خيرپور رياست ۾ صوبي ديري جو وينل هو. پر، پنهنجي والد چاچي گل حسن جي ڪراچيءَ ۾ ملازمت ڪري، اتي "اين.جي.وي. هاءِ اسڪول" ۾ تعليم ورتائين ۽ مئترڪ پاس ڪيائين. سندس ٻن هم ڪلاسين جا نالا مون کي سجهن ٿا: هڪ نارو شاهہ جي پرسان ڳوٺ اڇي مسجد جو وينل رحمت الله قاضي، جنهن کي "ڦاڙهو" ڪوني چيڙائيندو هو ۽ ٻيو امين ٻبري، جيڪو ڪراچيءَ ۾ جاٿو نپنو. پر، وڏو ٿيو تہ بئنڪ ۾ نوڪريءَ ڪري، ڪراچيءَ مان بدلي ٿي حيدرآباد آيو ۽ تنوير سان گڏ رهندو هو. امين ايڏو تہ سادو هو جو نياز همايوني کيس چوندو هو تہ "سنڌ جي ڳوٺن ۾ بہ، بنگال وانگر، وڻن تي اهڙا طوطا هوندا آهن، جيڪي ماڻهن وانگر ڳالهائيندا آهن. پر، ماستر چندر جو هيءَ ڪلام تہ ڏاڍي سُرَ سان ڳائيندا آهن:

**"منهنجو هاڻي سهڻن کي آهي سلام."**

اهو ٻڌي امين جو حيرت ۾ وات ڦاٽي ويندو هو. تنوير جو ٽيون دوست، رشيد آخوند هو جو اڳتي هلي ايس.ايم. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ منهنجو بہ دوست ٿيو. وڏي سنڌي نقاد جون سڀ خوبيون هئس. پر، وڪيل ٿيو تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب وساري ڇڏيائين. هو تنوير کي "نور" ڪوٺيندو هو ڇو تہ تنوير جو اصل نالو نور نبي هو.

تنوير، ننڍپڻ ۾ پنهنجي نانيءَ جي ڀاءُ (مرحوم) امام الدين "ضامن" کي شعر شاعري ڪندي ٻڌو هو جنهن جا پاڇا سندس ذهن تي پيا هئا. سو پاڻ بہ وڏو ٿيو تہ شعر شاعري ڪرڻ لڳو. "مغموم" تخلص هئس. لفظ "مغموم"

نٺيپڻ ۾ سندس ذهني مزاج جي عڪاسي ڪري ٿو. "تنوير" تخلص گهڻو پوءِ اختيار ڪيائين.

مون سان ميل ملاقات 52-1951ع ۾ ٿيس، جڏهن مئٽرڪ پاس ڪري حيدرآباد آيو ۽ ڦليليءَ جي ڪڙ تي، ڊي.جي. ڪاليج ۾ اسان ٻنهي داخلا ورتي. هم ڪلاسي ٿياسين، تہ هڪٻئي جي ويجها آياسين. عبدالله شاھ بہ اسان جو هم ڪلاسي هو. گهرو گهاٽو دوست هو. وڏو ٿيو تہ وڪالت سان گڏ سياست ڪيائين. سنڌ جو چيف منسٽر ٿيو پر ڪرسيءَ جو اثر ٿيس، سو اڳي وانگر گهرا گهاٽا دوست ڪونہ رهياسين. وزارت تان لٿو تہ ولايت پهچي ويو. موٽيو تہ سخت بيمار هو. ڏک ٿيو غريب ڪو ٿورڙو عرصو زنده رهيو.

تنوير انهن ڏينهن ۾ ئي شعر شاعريءَ جي شوق ۾، حيدرآباد جي "بزمِ خليل" ۾ ويندو هو. جتي منظور نقويءَ، سرور علي سرور ۽ مظفر حسين جوش سان دوستي ٿيس، جن سان پوءِ مون کي بہ ملايائين. جڏهن پاڻ ۾ گهرا گهاٽا ٿياسين تہ هيڪر، مون کي بہ "بزمِ خليل" ۾ وٺي ويو. چو تہ مان بہ پڙهندو تہ سائنس هئس، پر شوق لٽريچر ۾ هئم. "بزمِ خليل" ۾ جيڪو شعر پڙهيائون، تنهن ۾ مون کي تہ مزو ڪونہ آيو. سمورا ڪلامَ پوءِ اهي گيت هئا، غزل هئا، توڙي نظمَ هئا، جڻ تہ ڪمند جون چوسيل ڳريون هيون. البت، شعر شاعريءَ کان پوءِ جليبيون ۽ پڪوڙا کارايائون. اهي سٺا هئا.

اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن کان پوءِ موجوده دور ۾، سنڌي شعر شاعريءَ جو حق ڪنهن بہ ادا ڪيو آهي تہ اهو شيخ اياز ۽ سندس هم خيال ۽ هم سخن شاعرن ادا ڪيو آهي. تنوير سنت ئي بزمِ خليل کي خدا حافظ چئي، سنڌ دوستيءَ جي واٽ ورتي. سندس بہ مکيہ همسفر شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي هئا.

تنوير ننڍپڻ ۾ ئي هڪ دفعي مون کي خيرپور رياست ۾ پنهنجي ڳوٺ صوبي ديري بہ وٺي ويو. اتي سندس نانو مرحوم عيسيٰ مون سان اچي مليو ۽ پڇيائين تہ: "ذات جو آڳرو آهين؟"

مون چيو تہ، "هائو"

چيائين تہ، "منهنجو مائٽ آهين. توهان جي ڳوٺ ۾ وڏيري محمد خان جي خاندان ۾ منهنجون بہ ماسيون پرڻيل هونديون هيون."

ڳوٺ ويس، تہ وڏيري چاچي الاهي بخش خان سان ڳالهہ ڪيم. ڪلي ڏنائين. چيائين تہ ڳالهہ صحيح آهي، پر اهو وڏيرو محمد خان اسان جي والد مرحوم جو بہ ڏاڏو هو. اهو بہ چيائين تہ انهن ٻن ماين مان هڪڙي مائي وڏي پڙهيل هئي. انهيءَ زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڇوڪرين کي سنڌي ۽ فارسي پڙهائيندي هئي. سندس نالو هاڻي تنهنجيءَ گهر واريءَ تي رکيل آهي. جا بہ ساڳئي وڏي وڏيري محمد خان جي خاندان مان آهي.

تنوير سان حيدرآباد ۾ مليس ۽ ساڻس ڳالهہ ڪيم تہ ڪلي چيائين: ”حق تي چوندا آهن تہ دنيا ڪيڏي نہ ننڍي آهي!“

اسان تنوير جي صدر واري گهر ۾ رات جي ماني ڪائي، ڪاليج جا نصابي ڪتاب پڙهي ٿَڪُ پيجڻ ۽ چاءِ پيئڻ واسطي ”ڪراچي هوٽل“ ۾ ويندا هئاسين. هوٽل جي اندرئين هال ۾ هتِ هُتِ ميزون رکيل هونديون هيون، جيڪي نهيل تہ ڪاٺ جون هونديون هيون، پر مٿن ٽاپ (TOP) سنگ مرمر جا رکيل هوندا هئا. آزاد بڪ ڊيپوءَ جو مالڪ پير محمد، ڏنل شاهہ، سرائي اميد علي، عبرت اخبار جو ايڊيٽر شيخ علي محمد ۽ ”مهراڻ“ رسالي جو ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي هڪڙيءَ ميز تي چونڪڙي لايو ويٺا هوندا هئا. سندن سنگتي ايوب ڪشميري، مچيءَ وانگر وچون تري ڪائيندو هو ڪڏهن ڪڏهن خود سيٺ ممن صاحب، ڪراچي هوٽل جو مالڪ بہ دخل تان اُٿي، اچي سندن مجلس ۾ شريڪ ٿيندو هو.

ڪراچي هوٽل هاڻي بند ٿي وئي آهي، پر، انهيءَ زماني يعني 1953ع ۾ حيدرآباد جي سڀ کان سٺي هوٽل هوندي هئي.

مٿيان سڀ سنگتي تڏهن چاليهارو ورهين جي پيٽي ۾ هوندا هئا. سندن ڪچهريءَ جا موضوع مختلف هوندا هئا. جڏهن محفل رنگ تي ايندي هئي، تہ ڪڏهن ڪڏهن تنوير ۽ مان بہ آهستي آهستي، ڪرسيون ريڙهي، وٽي سندن ويجهو وهندا هئاسين. شروع ۾ خاموشيءَ سان سندن ڳالهيون ٻڌندا رهندا هئاسين. جڏهن ساڻن گهائل مائل ٿي وياسين، تہ هڪ دفعي مون مهل ۽ موقعو ڏسي، ڪانئن سوال ڪيو تہ: **”انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا هي؟“**

هنن کي ارڙهن اڻويهن ورهين جي نوجوان مان اهڙي ڏکئي سوال جي

توقع ڪانہ هئي. سو حالي تہ محفل ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. گهڙيءَ کن کان پوءِ مولانا گراميءَ کنگهي، نڙي صاف ڪئي ۽ گفتگو شروع ڪئي، پر، لفظ گهٽ، معنيٰ ۽ مطلب ٿورو. ان ۾ سندس ڏوهہ ڪونہ هو. سوال ئي اهڙو اٿاريو هو. گرامي صاحب جي گفتگوءَ ۾ عقل جي ڳالهہ ڪل هيءَ هئي تہ: **"زندگي هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن جا اڳيان ۽ پويان ورق ڦاٽل آهن."**

پر، اها بہ سندس سوچ ڪانہ هئي. اهو فارسي زبان جو هڪ مشهور شعر آهي، جيڪو ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن هندستان جي اڳوڻي صدر جي ڪتاب جي "پيش لفظ" جي آغاز ۾ لکيو آهي. ڪتاب انگريزيءَ ۾ آهي. پورو نالو اٿس:

A HISTORY OF EASTERN AND WESTERN PHILOSOPHY

* * *

حيدرآباد جي ڦليلي ڪاليج ۾، مان تنوير وانگر شيخ حفيظ سان بہ گهرو گهاٽو ٿيس. انٽر سائنس ۾ هئس، تہ حفيظ جي صلاح تي ڪراچيءَ هليو ويس. اتي ادبي دلچسپيءَ جي ڪري، سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج ۾ داخلا ورتم. پر تنوير ڦليلي ڪاليج مان انٽر سائنس جو امتحان پاس ڪري، لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتي. هفتي ٻن ۾ ڪراچيءَ رڳو مون سان ملڻ ايندو هو يا وري مان وٽس حيدرآباد هليو ويندو هئس.

تنوير ذهين شاگرد هو. پڙهڻ ۾ مون کان وڌيڪ هوشيار هو. ٻيو تہ محنت ڪندو هو. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ بہ ڪم ڪيائين: هڪ تہ M.B.B.S جي ڊگري ورتائين ۽ ٻيو تہ عشق ڪيائين. انگريز اهڙي عشقيہ معاملي کي AFFAIR ڪوٺيندا آهن. سندن عشق شايد 'معاملي' تائين مختصر ۽ محدود هوندو آهي. ليڪن مشرقي روايت موجب، عشق ان کان مٿيرو آهي. ناصر علي شاهہ دهلويءَ، عشق جي ڪيفيت هيئن بيان ڪئي آهي:

**بنام خداوند ناز آفرين،**
**جگر هاي عاشق گداز آفرين.**

* * *

تنوير جي پهرين شادي ماٽن ننڍپڻ ۾ ڪرائي هئي. انهيءَ اهليہ، اديءَ نور بيبيءَ مان هڪ نياڻي بہ ٿيس، روبي. ليڪن تمام ننڍيءَ عمر ۾ ٻلڪ بي



تنوير عباسي

سمجهائيءَ واري جمار ۾ ٻارن جون شاديون نہ ڪرائڻ ڪپن. اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي، پر روبي تمام پياري هئي. معصومڙي، سهڻي ۽ ڏاڍي ڏاهي هئي.

ڪاليج ۾ عشق ۾ ڪاميابيءَ ۽ شاديءَ کان پوءِ، اديءَ قمر مان ٻہ نياڻيون، پارس ۽ مارئي ۽ هڪ پٽڙو تيس. نالو رکيائينس سرمد، جيڪو امريڪا مان اعليٰ تعليم وٺي موٽيو آهي ۽ پنجاب ۾ ڪنهن اداري ۾ آهي.

تنوير ڊاڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪري حيدرآباد ۾ پريڪٽس شروع ڪئي. رهندو تنديءَ آغا ۾ هو. 1962ع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جون آفيسون سرڪار جي حڪم هيٺ حيدرآباد ڪچي آيون، سو مون لاءِ بہ پنهنجي گهر جي پاسي ۾، ڪرائي تي ڪمرو ورتائين. ٿورو عرصو ماني بہ سندس گهران ايندي هئي. ادي نور بيبي رڌ۔ پچاءَ جي ڪاريگر هئي. صحيح معنيٰ ۾ سگهڙ زال هئي.

اديءَ قمر سان سندس نڪاح جي تقريب بسنت هال حيدرآباد ۾ ٿي. مخدوم امير احمد صاحب نڪاح پڙهايو. تنوير، نڪاح نامي ۾، منهنجو نالو شاهد طور لکايو. ادا عبدالنبي گهر جي وڏي جي حيثيت ۾ تقريب ۾ شريڪ ٿيو.

تنوير جي وفات کان پوءِ مون شوڪت جماڻيءَ جي مدد سان سندس ياد ۾ تعزيتي اجلاس بہ بسنت هال ۾ ڪوٺايو ۽ ان جي صدارت بہ ادا عبدالنبيءَ ڪئي. قدرت جي ڪارخاني ۾ عجب اسرار آهن!

ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ تنوير مستقل پريڪٽس ۽ رهائش لاءِ سوچي سمجهي خيرپور ميرس جو انتخاب ڪيو. اديءَ قمر سان گڏجي، "سنڌ ـ اسپتال" نالي هڪ خانگي شفاخانو کوليائين. جاءِ جي اڏاوت، پنهنجي حال آهر، وڏي ذوق شوق سان ڪرايائين ۽ مٿس "سرمد جو گهر" نالو رکيائين. جاءِ جي اولي تي "سنڌي اجرڪ" جي ڊزائين تي سيمنٽ جي ڄاري ٺهرايائين. سندس ضمير جو خمير سنڌ جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان ڳوهيل هو.

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ تنوير ۽ قمر ڪيڏي ذوق ۽ شوق سان جاءِ جوڙائي هئي ۽ ڪيڏي آرام سان ان کي ڇڏي ويا. قليچ بيگ چيو آهي:

هي محل ماڙيون ۽ بنگلا،
خواب آهي يا خيال!

---

* سچو ۽ صحيح شعر شايد هيئن آهي:

ڇا ڪندو ڪو اهل تي يا نسل تي پنهنجي غرور،
هي بزرگيون باغ بنگلا، خواب آهي يا خيال؟

سنڌ اسپتال جي پٺئين پاسي، ڇبر جو ٻارو ۽ ان جي پاسن سان گلڙا رکايائين. اسپتال جي عمارت مير واهه جي ڪَڙَ تي ٺهرايائين، جتي وڏا ساوا وڻ، وهندڙ پاڻيءَ جي مٿان ڇانوَ ڪري بيٺا آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته حافظ شيرازيءَ جي سنت ادا ڪيائين:

ڪنار آب رڪناباد، گلگشت مصليٰ را

مون ايران ۾ حافظ جي مزار تي حاضري ڏني آهي ۽ "رڪناباد" ڏٺي آهي. ميرواهه ته وڏو ويڪرو وهندڙ واهه آهي. "رڪناباد" ان جي اڳيان هڪ وهندڙ ڪسي آهي.

تازو هاڻي هڪ دفعي خيرپور وڃڻ ٿيو. ڏٺم ته تنوير جي ٺهرايل "سنڌ اسپتال" واري عمارت اڃا به بيٺي آهي. ميرواهه به وهندو رهي ٿو. گويا، مڪان موجود آهي. پر، مڪين منجهس موجود ڪونهن. دل ۾ چيم ته انسان جون مسرتون ۽ حسرتون ڪيڏيون نه عارضي آهن!

تنوير، خيرپور کي مستقل پريڪٽس ۽ رهائش لاءِ شعوري طرح ان ڪري منتخب ڪيو هو جو سندس آبائي شهر سوڀوديرو اتان گهڻو پري ڪونهي. سنڌ جي روايت موجب، اهو ئي شهر سندس ذهن کي ويجهو هو جتي سندس وڏڙا آسوده خاڪ هئا. پر، جيئن اڳ عرض ڪيو اٿم ته قدرت جي هن ڪارخاني ۾ عجب اسرار آهن. حيرت جي ڳالهه آهي ته وفات کان پوءِ سندس مٽيءَ پنوڙو وڃي اسلام آباد ۾ نهيو!

خيرپور ۾ ميڊيڪل پرئڪٽس ڪيائين ته گذر سفر لاءِ وٽس ڪجهه پئسو ٿيو. انهيءَ تي ئي قناعت ڪيائين. اعليٰ تعليم لاءِ ولايت ڪونه ويو. اهو عقل جو ڪم ڪيائين، يا چڪ ڪيائين؟ ڪيئن چئجي! ماڻهوءَ جي قسمت الائي ڇا آهي؟

هڪ دفعي، مان اسلام آباد مان وٽس، خيرپور ويس، ته سچل جو سجاده نشين، صوفي قبول محمد مون کي دعوت ڏني، درازين وٺي ويو. قرب پري ڪچهري ڪيائين ۽ پنهنجي لئبرري ڏيکاريائين. موڪلائڻ مهل، فرانس جي معروف دانشور مارسينو جو منصور حلاج تي لکيل مشهور ڪتاب ۽ هڪ خوبصورت نيڪ۔ ٽاءِ تحفي طور ڏنائين.

درازن مان خيرپور موٽي آيس، ته تنوير چيو ته، "نيڪ ٽاءِ ڏاڍي سهڻي

آهي، اٿليءَ جي نهيل آهي، پر، اها تون رک، مارسينو جو ڪتاب مون کي ڏي.“ منصور حلاج تڏهن سندس مطالعي جو موضوع هو. ٻين به گهڻن جي مطالعي جو موضوع رهيو آهي. عالم اسلام کان علاوه مغرب ۾ به مٿس ڪيئي ڪتاب لکيا ويا آهن. پر، تازو هڪ اهم ڪتاب پڙهيو اٿم، جنهن جي مصنف جو منصور حلاج بابت لکيل احوال مروجه روايتن جي خلاف آهي. ڪتاب جو نالو: ”الفخري“ آهي. تاليف محمد علي ابن علي ابن طبابا جي آهي.

تنوير، گهر ۾ سهنڊڙي لئبرري ٺاهي هئي جنهن ۾ تصوف، تاريخ، تذڪري، ادب، شعر ۽ فلسفي تي ڪتاب جمع ڪيا هئائين. ڪنهن موقعي تي، مون کي ٽئگور جو ڪتاب ”گيتانجلي“ ڏيکاريائين ۽ ان جي پڙهڻ جو شوق ڏياريائين. سندس اهو احسان عمر ڀر ياد رهندو. مون ورهين کان پوءِ بنگله ديش جي ”ڍاڪا شريٽن هوٽل“ ۾ گيتا نجليءَ جون به ڪاپيون ڪتابن جي دڪان تان خريد ڪيون. رات جو بستري ۾ ليٽي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم ته اُسُرَ جو پورو ڪيم. تيسين بستري جو وهاڻو منهنجن اکين جي ڳوڙهن سان آلو ٿي ويو هو.

ٽئگور وڏو شاعر آهي... تمام وڏو شاعر آهي! ڪيس پنهنجي عظمت جو احساس هو. ڪنهن ڪتاب ۾ سندس هڪ قول پڙهيم ته، ”مون کي ته شيڪسپيئر به ٻارُ لڳي ٿو.“

* * *

خيرپور ۾، سانجهيءَ جو جڏهن آسمان مان شفق جا ڪڪر غائب ٿيندا هئا ۽ تارا چمڪڻ لڳندا هئا، تڏهن مئي جو جام ۽ ٽئگور جو ڪلام، تنوير جي ڪيفَ ۽ سرور جو سامان هوندو هو. سندس ذهني عياشي اها ئي هئي. انتها درجي جو اشراف انسان هو. سندس شخصيت ۾ محبت جي ماکي هئي. نفيس ۽ نرم مزاج هو. وير ته ڪونه ونندو هو. پر ميار به ڪونه ڏيندو هو. گلا غيبت ڪونه ٻڌندو هو پر، ڀلا جي ڪو شخص ڪٽي سندس اڳيان اهڙي ڪا ڳالهه ڪندو به هو ته چوندو هئس: ”وتائي فقير جو پراين ڳالهين ۾ ڪهڙو ڪم؟“

پنهنجي اهڙي اعليٰ اخلاق، قرب ۽ اخلاص سان، بيشمار دوست ۽ مداح پيدا ڪيائين، جن ۾ پير حسام الدين راشديءَ جهڙا هاڪارا عالم به

شامل هئا: سچل جي ميلي تي، راتين جون راتيون وٽس وچي تڪندا هئا، رشيد ڀٽي، شوڪت جماليءَ مان سندس گهر جا ڀاتي هئاسون.

سنو دوست خدا جي نعمت آهي. سندس دوستن ۾ هونءَ ته گهڻا ئي آبدار موتي آهن، پر شوڪت جماڻي کيس ٻين کان وڌيڪ ويجهو هو. تنوير ئي مون کي اهڙو تاثر ڏنو هو. شوڪت جماڻيءَ جي خصوصيت سندس ”غيرمعمولي ذهانت“ آهي. هو بزنيس بدران سياست ۾ ڀير پائي ها، ته اڄ ملڪ جي ليڊرن ۾ مٿاهون مقام حاصل ڪري ها. وزارت ته هن لاءِ خسيس ڳالهه آهي.

مون کيس تڏهن وڌيڪ ويجهو ڏٺو جڏهن حيدرآباد ۾ ”لساني جهڳڙن“ جي ڪري، ڪرفيو لڳو هو. لطيف آباد ۾ گهر ورتو هئائين. شام جو ڪلاڪ ٻن لاءِ ڪرفيو لهندو هو ته ڪار ڪٽي، باز وانگر اڏامندو مون وٽ گاڏي ڪاتي ۾ ايندو هو. پنهنجي گهر وانگر، منهنجي گهر لاءِ به سايون ڀاڄيون، بصر، پٽاٽا ۽ ٽماٽا وٺيون ايندو هو. چاءِ جو ڪوپ به ڪونه پيئندو هو. خير خيريت جو حال احوال ڏيندو ونندو هو. ڪرفيو شروع ٿيڻ کان ويهه پنجويهه منٽ اڳ اٿندو هو ۽ وري باز وانگر اڏامندو پنهنجي گهر پهچندو هو.

اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي. ڪجهه عرصو اڳ، منهنجي گهر واري بيمار ٿي پيئي. سندس علاج لياقت نيشنل اسپتال ڪراچيءَ ۾ ٿيندو هو. سو اچڻ وڃڻ جو مسئلو هوندو هو پر شوڪت مون کي ڪراچيءَ مان پنهنجي ايئرڪنڊيشنڊ ڪار موڪليندو هو. سو مون کي ڪابه ڏکيائي ڪانه ٿي. منهنجي گهر واري صحتمند ٿي، ته اسان جي اعزاز ۾ پنهنجي گهر وڏي شوق سان ڊنر ڪيائين. ڀاڄائيءَ ناهيد، ڪاڏي جي ميز تي طرح طرح جا طعام رکايا. ديسي به، ولائتي به، پر، جڏهن اسان ماني کائي، ڀڳ ڪيو ۽ ڪاڏي جي ميز تان اٿڻ وارا هئاسين، ته شوڪت جي اندر ۾ ”ستل سنڌي“ ڪر موڙي جاڳيو. سو بورچيءَ کي چيائين ته، ”هاڻي اسان کي ٻُسري پچائي ڏي.“

سنڌ ۾ ٻُسري سياري ۾ نيرن تي کائيندا آهن. ان مهل رات جا ٻه اڍائي ٿي ويا. مون گهر واريءَ جي صحت جي ڪمزوريءَ ڪري کائڻ موڪل ورتي.

* * *

تنوير، جڏهن اسلام آباد ۾ بيمار ٿيو ته شوڪت ئي سڀ کان اول مون کي اهو اطلاع ڏنو. پوءِ جيئن ڪنهن VIP جي باري ۾ ڪلاڪ ڪلاڪ کان

پوءِ بليٽن جاري ٿيندي آهي، تيئن مون کي مسلسل سندس طبيعت بابت واقف ڪندو رهيو. پوئين فون ڏاڍي ذڪاري لهجي ۾ ڪيائين:

"سانجهيءَ جو اسلام آباد ۾ اسپتال جي پرسان مسجد وٽ جنازي نماز ٿيندي، جهاز جون ٻه ٽڪيٽون وٺي ڇڏيون اٿم. سگهو ڪراچي پهچ. مان ايئرپورٽ تي تنهنجي انتظار ۾ اُيين پيرين بيٺو هوندس."

وڏيڪ ڳالهائي ڪونه سگهيو. سندس گلو ڀرجي آيو. اسلام آباد ۾ اسان ٻنهي کان سواءِ سنڌ مان تنوير جو ٽيون دوست ڪير ڪونه آيو. هاڻي، سندس ياد ۾ جيڪي جلسا ٿين ٿا، تن ۾ انهن کي صدارت لاءِ سڏين ٿا، جن تنوير کي زندگيءَ ۾ ڏاڍا ڏک ڏنا.

اسلام آباد ۾ جنازي نماز کان پوءِ جڏهن تنوير جو منهن ڏيکاريائون، ته شوڪت اوڇنگارون ڏئي رنو. مون ۾ همت ڪانه هئي جو تنوير جو منهن ڏسي سگهان. ڏک ۾ پري بيٺو رهيس. دوستن ۾ قرب جو ايڏو جذبو ته ڪو غيرمعمولي ماڻهو جاڳائي سگهي ٿو. تنوير جيڏو وڏو شاعر هو انهيءَ کان گهڻو تمام گهڻو وڏو انسان هو.

تنوير جو شوڪت کان به اڳ پيارو دوست رشيد ڀٽي هو جيڪو پوءِ شوڪت جو به پيارو دوست ٿي ويو. ٻنهي ڄڻن ۾ تنوير جي دوستيءَ جو اولين شرف ڀٽيءَ کي آهي. هونئن ڪيئي دوست هئس. شعوري طرح هر ماڻهوءَ کي "موتي جو داڻو" سمجهندو هو. پر، حقيقت ائين ئي آهي جيئن شاهه سائينءَ بيان ڪئي آهي:

**"ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي."**

هر ڪو ماڻهوءَ موتيءَ جو داڻو ڪونهي. وفات کان اڳ تنوير کي به ان ڳالهه جو احساس ٿيو. حيدرآباد ايندو هو ته مون وٽ ئي مهمان هوندو هو. هڪ دفعي رات جي ماني کائي، گلاس پيئندي، ڪچهري ڪندي، ڪن ويجهن دوستن جي شڪايت ڪيائين ته هنن سنڌي ادبي بورڊ ۾ سندس هڪ ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ جاٽي واٽي، ورهين جا ورهيه رنڊڪون وڌيون. تڏهن مان بورڊ ۾ ڪونه هئس. اسلام آباد "پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس" ۾ هئس. ائين ڳالهيون ڪندي، دوستن ۽ عام ماڻهن متعلق هڪ

”عجيب تاثر“ ڏنائين. دوستن جو ذڪر ڪري، ڏاڍي ڏک سان چوڻ لڳو ته، ”هو دوستيءَ جي لائق نه هئا. مون وٽ خيرپور ۾ راتين جون راتيون اچي ٽڪندا هئا. مان سندن الائي ته ڪيتريون خدمتون ڪندو هئس.“

پوين ڏينهن ۾ ته خيرپور ۾ رهندي، پنهنجي هڪ تمام پراڻي ادبي دوست سان سخت اٽبٽت ٽيس. ان حقيقت جي گهٽو ڪري، سندس سمورن دوستن کي خبر آهي. انهيءَ دوست جي همنام هڪڙي اڻ-پڙهيل، ليڪن سنڌ سرڪار جي هڪ ڪاموري سان ته سخت نفرت هئس.

پر، ڪي دوست پڇاڙيءَ تائين ساڻس سچا رهيا. انهن مڙني ۾ رشيد ڀٽيءَ جو نالو نمايان آهي. تنوير ۽ ڀٽيءَ جي سنگت سات ۾ مون کي هڪ ٻه اهڙو واقعو ڪونه ٿو سُجهي، جو هڪٻئي کان رنج ٿيا هجن. جيئن وقت گذرندو ويو تيئن سندن سنگت ۾ صندل جي سرهاڻ وانگر واڌارو ٿيندو ويو. تنوير ڪيترا دفعا، مون سان پرپٺ، ڀٽيءَ جي اخلاق جي ڏاڍي نيڪي ڪئي. ڀٽي سکر رهندو هو ۽ تنوير خيرپور. پر، ملندا روزانو هئا. ڀٽي جاگيراڻي محلي ۾ رهندو هو. ڳالهه ڪيائين ته هڪ ڏينهن ڪورٽ تي ويس، ته هڪ مائيءَ چڙ سان اچي چيو ته، ”ادا ڀٽي اهو ڪير آهي، جو روزانو اچا شام مس ٿئي ٿي، ته اچا لٽا پائي، موٽر ڪنيو ”پان“ ”پان“ ڪندو پمپ وڄائيندو سڏو تو وٽ تو اچي؟“

”پان“ ”پان“ تي ياد آيم ته هڪ دفعي مان ۽ تنوير نو لکي واهه جي ڪپ سان صوبي ديري کان منهنجي ڳوٺ پٽي وياسين ته ڪئنال پاٽ تي مينهون ويٺيون هيون. رستو بند هو. ميهار چوڪري ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر، اُٿن ئي ڪونه. جڏهن وس ڪري ٿڪجي پيو ته ڪار ڏي اشارو ڪري، تنوير کي چيائين ته، ”دانهن ڪرائينس.“

تنوير مس مس ڳوٺ پڳي ته چوي ٿو ته، ” هارن ڏي “

تنوير ۽ ڀٽيءَ ۾ گهٽيون ڳالهيون هڪ جهڙيون هيون. ٻئي ”سنڌ دوست“ هئا. غريبن جا همدرد هئا. ٻئي خيالن ۾ PROGRESSIVE هئا. ڀٽي تنوير کان وڌيڪ LEFTIST هو. ٻنهي کي مُلن واريءَ مذهبي تنگ نظريءَ توڙي ڪامريڊن واري ٻاڻ کي ”عقلِ ڪُل“ سمجهڻ واريءَ ذهنيت کان بچان ايندي هئي. هونئن ٻئي جٽا، هر ڪنهن جي عزت ڪرڻ وارا، انتهائي

اشراف، ياروبس، مهمان نواز ۽ دل جا ڪليل هئا. اندر ۾ هڪڙي تہ ٻاهر ۾ ٻي يعني سنڌ ڀري مثالي عالمن جي منافقيءَ واري پاليسيءَ کي، عملي طرح ننديندا هئا. پٽي دشمن کي معاف ڪرڻ وارو نہ هو. تنوير دشمن کي بہ درگذر ڪرڻ وارو هو. سندس زندگيءَ ۾ "لحاظ" (GRACE) کي سڀ کان وڏي اهميت هئي.

مان ورهين جا ورهيہ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي قدمن ۾ ويٺو آهيان. هن ٿي مون کي اهو سبق ڏنو هو تہ انساني تهذيب ۽ تمدن جو روح هڪڙي لفظ ۾ سمايل آهي. اهو آهي: لحاظ (GRACE). الله سائينءَ، تنوير کي انهيءَ نعمت سان نوازيو هو.

هندستاني اديبہ، سندريءَ بہ مون کي اهو تاثر ڏنو هو. هوءَ غالباً سنہ 1964ع ۾، اتم سان گڏ سنڌ گهمڻ آئي هئي. ٻئي سنڌ جو دؤرو پورو ڪري، لاهور وڃي رهيا هئا. سکر ۽ خيرپور جي اديبن جو چڱو هجوم، ڪين روهڙي ريلوي اسٽيشن تي خداحافظ چوڻ هليو. منجهن اياز تنوير، پٽي ۽ ٻيا شامل هئا. پليٽ فارم تي بيٺا هئاسين، گاڏي آئي تہ سندري اوچتو مون کي ٻانهن کان جهلي، پاسيرو وٺي وئي ۽ چيائين تہ:

**"رباني، ڪي ماڻهو ننڍا آرٽسٽ پر وڏا انسان هوندا آهن.**
**۽ ڪي ماڻهو وڏا آرٽسٽ، ليڪن ننڍا انسان هوندا آهن."**

تنوير جي "لحاظ" ۽ اياز جي "ڪلام" کيس ڏاڍو متاثر ڪيو هو. پر اياز جي شخصيت کان اوترو ئي مايوس ٿي. خود اياز کي بہ ان ڳالهہ جو احساس هو. مون کي پاڻ ئي ڪي رازدارانہ ڳالهيون ٻڌايون هئائين، جي مان هت لکي نٿو سگهان. ليڪن، پاڻ ئي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو اٿس، تہ "هندستان ۾ فلاڻيءَ دعوت ۾ هيٺ لٿاسين، ڏٺم تہ سندري منهنجو انتظار ڪرڻ کان سواءِ ئي گهر هلي وئي هئي."

ڇو هلي وئي؟ گهر ۾ پاڻ پڇائڻ هلي وئي. يا اياز جي بي لحاظيءَ ڪري، سندس روح ڪٿو ٿي ويو هو؟ اياز پاڻ ئي مون کي ان جا سبب ٻڌايا هئا ۽ مڃيائين تہ، "ڏوهہ سندس هو."

اياز جي وفات تي اتم پنهنجي رسالي "نئين دنيا" جو "خاص نمبر" ڪڍيو جنهن ۾ مهڙ تي اياز جي تصوير ڏنل آهي ۽ پٺ تي سندري ۽ اتم سان گڏ رشيد ڀٽي، مغل ستار ۽ منهنجي تصوير آهي. اندر رسالي ۾ هند

سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جا مضمون ڏنل آهن. پر رسالي ۾ ڪاٿي به سندريءَ جو ڪو مضمون ته ڇا، رڳو به سٽون به تاثر طور ڏنل ڪونهن. ان ڳالھ جو ڪو ته سبب هوندو؟ سندري معمولي لکندڙ ته ڪانهي. سنڌي زبان جي اعليٰ اديبہ آهي. غالب چيو آهي ته:

بے رخی بے سبب نہیں غالب۔

❊ ❊ ❊

پڇيءَ ۽ شوڪت وانگر، تنوير جو مون سان به وڏو قرب هو. هڪ اڌ مثال ڏيان ٿو. هڪ دفعي، حيدرآباد ۾ ٻڪيءَ جي سور جي سخت تڪليف ٿيم. حيدرآباد ۾ سٺا ڊاڪٽر هئا ۽ منهنجا يار هئا، پر فون تنوير کي خيرپور ڪيم. ان مهل، رات جا ٽي وڄي رهيا هئا. چيائين ته صبح سان تو وٽ پهچي ويندس.

بعد ۾ خيرپور ۾ سندس اسپتال جي نرس ٻڌايم ته، "ابا، تنهنجي فون آيس، ته اکين مان ننڊ اڏامي ويس. چوڻ لڳو ته، "ماسي دعا ڪر، منهنجو ياءَ چاق ڪونهي، وڏيءَ فجر جو توڏي آيو" حيدرآباد آيو ته ڏينهن جو ته ڪاڏي ڪونہ ويندو هو. پر رات جو به آڌيءَ تائين بعضي اسر تائين جيسين مون کي ننڊ اچي، تيسين پاسي ۾ ڪرسي وجهي ويٺو هوندو هو. مان چاق ٿيس، ته هفتو ڏهہ ڏينهن کن پوءِ به مون وٽ هو. حيدرآباد ۾ بيشمار دوست هئس، پر ڪنهن ڏي ڪونہ ويو.

اسلام آباد ۾ به مون کي اهڙو ڪو صحت جو مسئلو ٿيو ته اتي به پهتو. چاق ٿيس، ته بيماريءَ جي ڪري، ڪجھہ ڏينهن ضعيف هئس، سو روز شام جو هٽ ڪان وٺي مون کي پنڌ ڪرائيندو هو.

قدرت جي ڪارخاني ۾ عجب اسرار آهي. ڪهڙي خبر ته مان پندرنهن سالن کان پوءِ اسلام آباد مان سنڌ ۾ موٽي ايندس، ته پاڻ سنڌ ڇڏي، اتي ئي ويندو ۽ هميشہ لاءِ قبر جي لحد ۾ ليٽي پوندو!

سندس پٽڙو سرمد آمريڪا مان موٽيو ته قائداعظم يونيورسٽيءَ ۾ سٺي نوڪري مليس. خيرپور ۾ بيا به ڪي ڊاڪٽر آيا هئا. چار مريض انهن وٽ به ويندا هوندا. سو تنوير جي آمدنيءَ تي اثر پيو. سندس گهر جي آمدنيءَ جو مکيہ ذريعو وڃي اديءَ قمر جي ڊاڪٽري پريڪٽس بيٺي!

اسلام آباد سندس لڏي وڃڻ جو ظاهري سبب سرمد جي قائداعظم

يونيورسٽيءَ ۾ مقرري ٿي. تنوير سوچيو تہ پنڙي سان گڏ ساڳئي گهر ۾ رهبو. پاڻ ۽ ادي قمر خانگي اسپتالون کوليندا. تہ چار مريض وٽن بہ ايندا رهندا. خير جو وقت پيو گذرندو. هو اها ڳالهہ صفا وساري ويٺو تہ کيس ڪجهہ سال اڳ دل جو دورو پيو هو ۽ ڦڦڙن تي بہ سگريٽ نوشيءَ جو خراب اثر پيو هو. لنڊن مان علاج ڪرائي آيو هو. اسلام آباد جو سيارو تمام سخت ٿئي ٿو. کيس پانءِ ڪونہ پوندو.

ڪيترو عرصو اسلام آباد ۾ رهيو سو ياد ڪونہ آهي. پر سال کن کان وڌيڪ ڪونہ هوندو. مان اوچتو ڪنهن دوست جي سڏ تي ٻن ڏينهن لاءِ اتي ويس. منهنجو دوست منسٽري آف ايڊيوڪيشن ۾ جائنٽ سيڪريٽري هو. ٽئين ڏينهن واندو ٿيس تہ تنوير کي موٽر موڪليم. ڇو تہ پهرئين ڏينهن اطلاع ڪيانس ها. تہ ان مهل ئي گهر وٺي وڃي ها. دوست جو ڪم رهجي وڃي ها. آيو تہ پنهنجي دوست سان متعارف ڪرايومانس. ٻئي شاعر هئا. ٻنهي جي شعر شاعريءَ ۽ ڪيف و سرور جي محفل اڌ رات تائين هلي. زور پريائين تہ "گهر هل".

مون چيو تہ "اڌ رات ٿي وئي آهي. سخت سيءُ آهي. صبح جو ايندس."

صبح جو منهنجي دوست جو ڊرائيور نئون هو جنهن کي تنوير جي گهر جي خبر ڪانہ هئي. مون کي سڌو آٽي هوائي اڏي تي لاٿائين. لاچار حيدرآباد هليو آيس. وچ تي ڏهاڙو ئي هڪڙو گذريو جو مائٽ شوڪت اطلاع ڏنو تہ تنوير اسپتال ۾ آهي ۽ سخت بيمار آهي. مان توکي ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ فون ڪندو رهندس. اديءَ قمر بعد ۾ ٻڌايو تہ تنوير منجهند جو گهر جي پاسي نانوائيءَ وٽان نان خريد ڪرڻ ويو. موٽيو تہ ٿڪاوٽ جي دانهن ڪيائين. ڊيٽس چيو تہ "الشفا" اسپتال پاسي ۾ آهي. اتي هلون. ڊاڪٽرن تنوير کي تپاسي، اديءَ قمر کي تشويشناڪ رپورٽ ڏني. هُوءَ گهبرائجي وئي ۽ اسلام آباد جي PAKSITAN INSTITUTEE OF MEDICAL SCIENCES اسپتال ۾ ڪٺائي ويس. دل تہ اڳي ئي زخمي هئس. پر، ڦڦڙن تي بہ سگريٽ نوشيءَ جو تمام خراب اثر پيو هئس. اسپتال ۾ ڏينهن بہ نيڪ هو. پوءِ هيٺي حال ٿيو ۽ جان انهيءَ جي حوالي ڪيائين، جو "جان آفرين" آهي. هاڻي انهيءَ ئي قبرستان ۾ ابدي آرام ۾ آهي، جتي منهنجو پيو پيارو يار صديق سالڪ ستل آهي. آسپاس، جوش مليح آبادي ۽ پروين

شاڪر جون تربتون آهن.

*خاک میں کیا صورتیں ہونگیں کہ پنہاں ہو گئیں*

تنوير مکڻ ماکيءَ جهڙو مٺو ماڻهو هو. الله سائينءَ جو نوازيل ڀانهو هو سنگت سان ۾ حقيقي خوشي ۽ لطف محسوس ڪندو هو. سندس اصول هو. "همہ ياران بهشت".

اسلام آباد ۾ پاڪستان ايڪيڊمي آف ليٽرس ۾ هئس ته هڪ نه ٻئي سال ملڪ جي اديبن جو وفد چين جي دؤري تي ويندو هو. هڪ ڏينهن تنوير مون وٽ آفيس ۾ موجود هو. مون کي چيائين ته, "چڏ انهيءَ فائيل کي. اٿ ته ڪنهن دوست سان ملي اچون."

مون چيو ته, "بس, پنج منٽ ترس. اديبن جو وفد چين وڃي رهيو آهي. ان باري ۾ ڪا صلاح سباب به ڏي. سنڌي اديبن شاعرن مان تنهنجو لکان؟"

جواب ۾ چيائين ته, "تون هلندين؟"

مون چيو ته, "مان ٻه دفعا چين گهمي آيو آهيان. تون ڏسي اچ. چين ڏسڻ وٽان آهي."

چيائين ته, " شرط آهي, ته تون به هلندين, ته مان به هلندس. اڪيلو وڃي ڇا ڪندس؟" مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو ته من "هائو" ڪري, پر, سندس "نه" کي نوَ ڪوٽ هئا.

تنوير جي پيٽ ۾ لاهور جو هڪ جغادري اردو اديب ۽ شاعر ۽ ناٽڪ نويسُ, جنهن جو نالو ٻڌي هتِ اسان جا گهڻا سنڌي اديب ۽ شاعر سندس دهشت ۾ بيهوش ٿي ويندا آهن. سو پٺَ فقير وانگر منهنجي درَ تي صبح شام سئن هٽي بينو هجي, ته "مون کي چين موڪل." مون چيو ته وفد تشڪيل ڏئي ڇڏيو اٿم. ليڪن جِنُ ڇڏي پوت ڇڏي پر جغادري اردو اديب نه ڇڏي لاچار چيني سفير کي چيم, جنهن سنڌس نالو اضافي اديب طور وفد ۾ شامل ڪيو.

* * *

ون يونٽ جي خلاف مهم هلائڻ مذاق ڪانه هئي. شينهن جو جگر ڪپندو هو. پر, انهيءَ مهم ۾ توڙي سنڌي ٻوليءَ جي بحاليءَ واريءَ تحريڪ ۾ تنوير جو رول سونهري اکرن ۾ لکڻ لائق آهي. هڪ دفعي تنوير مون وٽ مهمان هو. ان دؤر جون ڳالهيون نڪتيون. چيائين ته "تون اهو سچو داستان

لک، تہ اسان ڪيڏي جدوجهد ڪئي.“ پر، تنوير وانگر مون کي بہ احساس هو تہ، سنڌ جي تاريخ ”ابتو پاسو“ ورائي چڪي آهي. بيشمار ڀڳهہ پڪي، نقلي ڀڙ پائي، هنج ٻنجي ويا آهن. ڪاري ءِ ڪميٽي ڪنڌ مٿي ڪنيو آهي. ماٺ پلي آهي. سو وقت جو انتظار ڪجي. ڀٽائيءَ بي سبب تہ ڪونہ چيو هو:

آڇو پاٽي لڙ ٿئو ڪالوڙيو ڪنگن،
ايندي لج مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.

* * *

ون يونٽ واري ئي زماني ۾ خبر ناهي تہ ڪنهن چيو تہ اسان رات ڏينهن ”سنڌ سنڌ“ پيا ڪيون. پر سنڌ گهمي ڏسون تہ سهي. ائين سنڌ گهمڻ جو پروگرام ٺهيو. اونهاري ۾ سول ڪورٽن کي وئڪيشن ملندي آهي. اياز ۽ ٻئي وڪالت ڪندا هئا. سي سکر مان ايندا هئا. تنوير خيرپور مان. جويو صاحب ۽ مان حيدرآباد مان. جمال ابڙو جتي بہ هوندو هو اتان ايندو هو. سڀ ڄڻ تہ هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي هوندا هئاسين. هڪ نئون ساٿي بہ پاٽمرادو اچي اسان سان شريڪ ٿيو. ارباب نور محمد پليجو. اسان کي جاتيءَ جي پاسي گهمائڻ وٺي ويو. رستي تي مومل جي ماڙيءَ، راجا نند جي ”ڪوٽ“ جا قديم آثار ڏٺاسين. سخت گرمي هئي. واپسيءَ تي ٺٽي وٽان درياهہ ٽپي ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي اچي منزل انداز ٿياسين. اتي هڪ HUT ۾ رات رهياسين. جيڪا نواب ڪالا باغ گورنر اولهہ پاڪستان واسطي سينگاريل هئي. پر، هو ڪينجهر تي اچڻ بدران سڌو ڪراچيءَ هليو ويو هو. تڏي تڏي هير پئي لڳي. ڪينجهر جي ڪپ تي گذاريل اها رات عمر ڀر ياد رهندي.

ٻئي سال ”ڪارو ڇاڙ“ ڏٺوسون. اتي ئي سنڌو درياهہ سمنڊ ۾ پوي ٿو. پر، سمنڊ ۾ ڪرڻ کان اڳ هٿ جي ترڙيءَ مان نڪتل آڱرين وانگر، شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هر شاخ جو الڳ الڳ نالو آهي. ڪاري ڇاڙ ۾ رات رهي، ٻيڙيءَ رستي، حجامڙي درياهہ جي شاخ ڏئي، ڪيٽي بندر روانا ٿياسين. ڪيٽي بندر ۾ سيٺ نور محمد جي اوطاق تي رات ٽڪياسين. اوطاق سادي سودي هئي. ڪاٺ مان ٺهيل هئي. چانئٺ تي فوٽ اوچي هئس. لانگ ورائي اندر گهڙندا هئاسين. ٻڌايائون تہ سامونڊي پوسل وارو علائقو آهي. آهستي آهستي ڪاٺ جون پٽيون زمين ۾ هيٺ ٿينديون وينديون. ڪجهہ سالن

ڪان پوءِ چائٹ نظر بہ ڪانہ ايندي.

سيٹ نور محمد وارن ٻڌايو تہ ڪيئي سال ٿيا جو اوهان جي آرين پارين هڪڙو پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو هن اوطاق ۾ رهي ويو آهي، پر اهو سياسي ڪم سان آيو هو نالو هئس: پير علي محمد راشدي.

ڪيٽي بندر ۾ درياهہ مان پيئڻ جو ڇڙيو پاڻي ٻيڙين تي ايندو هو. مٿيءَ جهڙو ميرو اوطاق ۾ بہ اهو ئي ٿتڪي هٽي استعمال ڪندا هئا. پر، ڪيٽي بندر وٽ سمنڊ جي بيچ جو نظارو ڏاڍو سهڻو هو. تنوير ۽ مان سانجهيءَ جو سمنڊ جي ڪناري تي وياسين. مون بنگلاديش ۾ ڪاڪس بزار واري دنيا جي مشهور بيچ بہ ڏٺي آهي، پر، ڪيٽي بندر واري بيچ (BEACH) پڻ سهڻي آهي.

سانجهيءَ جو اولهہ طرف سڄو آسمان شفق جي ڪڪرن سان ڍڪيل هو. سج سونيءَ ٿالهيءَ وانگر، آهستي آهستي سمنڊ جي ڇولين ڪي ڇُهي رهيو هو. رات ۽ ڏينهن جي ميلاپ جو عجيب منظر هو. قدرت جو هڪ شاهڪار هو. تنوير ۽ مان دير دير تائين اهو منظر ڏسندا رهياسين!

❊ ❊ ❊

ٻئي سال تنوير اسان کي دادو ضلعو گهمائڻ وٺي هليو. سندس وڏو ڀاءُ ادا عبدالنبي، اُتي انجنيئر هو. اسان جي سير سفر جو سڄو بندوبست پرفڪيٽ رکيو هئائين. انهيءَ سفر ۾ اسان پهريون پهريون دلچسپ نظارو ٻوڪن ۾ ڏٺو جتي ڀنگ پوکيندا آهن. رستي جي پاسن سان بيشمار طوطا وڻن جي هينيان ڪريا پيا هئا. پاپونسون تہ مُئل آهن. چيائون تہ، ”نشي ۾ آهن. جاڳندا، تہ اڏامي وڻن تي ويهندا. بُک لڳندن تہ هيٺ لهي ايندا ۽ ڀنگ چُڳندا. پوءِ وري وڻن تي وڃي ويهندا. نشو جو چڙهندن، تہ ٻٽڪو ڏئي اچي پٽ تي ڪرندا. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ائين ئي پيا هوندا. جيئن هينئر ڏسو ٿا. پڪا موالي ٿي ويا آهن.“

تنوير کِلي چيو تہ، ”پوءِ تہ پڪا سنڌي آهن.“ سندس ڳالهہ ٻڌي مون سنڌ تي نگاهہ وڌي: ڏٺم تہ واقعي منهنجيءَ مٺيءَ سنڌ جا منا ماڻهو ٻوڪن جي طوطن وانگر صدين کان وٺي، ڪنهن نشي ۾ ٻُتيا پيا هئا. ڪي ميرن تہ ڪي پيرن ۽ پوتارن جي اوطاقن ۾، ٻوڪن جي طوطن وانگر ٻُکن ۽ بيمارين ۾ ستيا پيا هئا. سندن ڏٺي سائين ڪير بہ ڪونہ هو.

انهيءَ سفر ۾ اسان نئينگ وياسين. اتي سائين صالح شاهه پنهنجيءَ اوطاق تي قربائتي ڪچهري ڪئي. نئينگ جي خصوصيت هڪ قدرتي چشمو آهي. اسان سڀ ان ۾ وهتاسين. تنوير جي ننڍي ڀاءُ الطاف اسان جي تصوير ڪڍي. نئينگ جي باغات، وڻڪار سونهن ۾ ساوڪ انهيءَ چشمي جي ڪري ئي آهي. الائي ته ڪيتري زماني کان اهو علائقو انهيءَ چشمي جي ڪري آباد آهي. ايتريقدر جو آثار قديمه به آهن. اسان انهن ۾ رڳو لاکي لکمير جي ماڙي ڏسي سگهياسين. ٻيو سندس نياڻيءَ جو ديدار ڪيوسون، جيڪا ايامن کان پنڌ پاهڻ آهي. چو ته منع جي باوجود ڪنڌ ورائي پوئتي ڏٺو هئائين.

سنڌ جي ڳوٺن ۾ هاري ناري ڳالهيون ڪندا آهن. چوندا آهن ته ٻوءِ سبز پريءَ چيس ته ”ڪنڌ پوئتي ورائي ڏسندين ته پنڌ پاهڻ تي ويندين.“ سنڌي ڏاهن جو مطلب آهي ته پوئتي نهارڻ بدران، اڳتي مستقبل تي نگاهه رکڻ کپي.

منڇر جو ديدار به انهيءَ ئي سفر ۾ ٿيو. ڇوته تا ته سنڌ ۾ انساني تهذيبي سفر جو آغاز جن آڳاٽن هنڌن ماڳن تي ٿيو هو تن ۾ منڇر اهم آهي. منڇر جي ڪناري تي اسان شاهه حسن واري بنگلي ۾ منزل انداز ٿياسين. تڏهن منڇر پنهنجي عروج تي هئي. هاڻي پنجاب جي ڪارخانن جي زهريلي پاڻيءَ سان ڀريل آهي اتان اهو زهريلو پاڻي سنڌ جي ماڻهن جي پيٽ ۾ وڃهن ٿا. ڊاڪٽر دانهون ڪري ٿڪجي پيا آهن. ٻڌڻ وارو ڪير ڪونهي! سنڌ ۾ وڏيرن جي حڪومت آهي. اهي ته غسل لاءِ به منرل واٽر استعمال ڪندا آهن.

نئين گاجَ واري بنگلي تي به ڪي ڪلاڪ لٿاسين. جتي ون يونٽ جي گورنر، نواب ڪالاباغ جي حڪومت ۾ بلوچستان تي هميشه وانگر ڏاڍو ظلم ٿيو هو. سو مينگل قبيلي جا ماڻهو انهيءَ بنگلي تائين ڪاهي آيا هئا ۽ ڦر ڪري ويا هئا.

تنوير جي ڀاءُ ادا عبدالنبيءَ، انهيءَ بنگلي ۾ اسان جي ضيافت جو خاص اهتمام ڪيو هو: قسم قسم جا طعام ۽ سڀا پهاڙي ڇيلا پچرايا هئائين. پهاڙ تي ڪيترن ئي قسمن جون جهنگلي ٻوٽيون ٿين ٿيون. حيدرآباد ۾ منهنجو بورچي هڪ دفعي گوشت وٺي آيو. ان جي ٻوڙ ۾ ڪو سواد هو. ٽاٽي بولا خان مان ڪو ڇيلو مارڪيٽ ۾ وڪامڻ آيو هو. ان جو گوشت هو. نئين گاج جي ڀڪل ڇيلن ۾ ساڳيو سواد هو. ڇيائون ته اهو ان

ڪري آهي. جو ڇيلن ڪي خوشبودار جهنگلي ٻوٽين ڪاڏيون آهن.

تازو مان خليفي حڪيم عبدالحميد چانڊيئي ۽ سندس فرزند حڪيم اعجاز چانڊيي ۽ سندن ٻين احبابن سان گڏ وري ساڳئي بنگلي تي ويس. ڏيهرو ڪيوسون. نئين گاج جو پاڻي سچو سال وهي ٿو. پر، گهڻي پاڻي ضايع ٿئي ٿو. عقل کان ڪم ونجي ته جيڪر سچو ڪاڇو سرسبز ٿي وڃي. انگريز سرڪار سکر بئراج ٺاهيو ته سنڌ سڌري پئي. سو سکر بئراج کي "سنڌ - سڌار" به ڪوٺيندا هئا. انگريز هليو ويو. هاڻي سنڌ جي سڌارڻ جو ته ڪنهن کي به اونو ڪونهي. سنڌ جا مالڪ وڏيرا آهن ۽ سڀ رڳو پنهنجو پيٽ پرڻ وارا آهن

نئين گاج ڏسڻ کان پوءِ، ڪاڇي ۾ هڪ عجيب قبرستان ڏٺوسون. اسان باتصوير ڪتاب ۽ رسالا ته گهڻا ڏٺا هئا، پر زندگيءَ ۾ "باتصوير قبرستان" اڳي ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. سنڌ ۾ اهڙا قبرستان ٻين هنڌن تي به ٻڌجن ٿا، پر، سنڌي سياڻن کي انهن ۾ ڪا به دلچسپي ڪانهي. سنڌ جي ڪنهن به مثالي عالم انهن تي مضمون ڪونه لکيو آهي. البت، ڊاڪٽر شمل سئزرليند مان شايع ٿيندڙ رسالي "فڪر و فن" ۾ انهيءَ قبرستان تي هڪ سٺو مضمون لکيو آهي.

ڪاڇي واري قبرستان ۾ قبرن تي، گلن ٻوٽن جي رنگين چٽسالي هئي. اسلامي روايت ۾ قبرن تي ته ڇا، هونئن به ساهواري جي تصوير ڪڍڻ جي منع ٿيل آهي. پر، قبن ۾ اندر ته عجيب نظارا چٽيل هئا. ڪاٿي اُٺ، گهوڙا، هاٿي ۽ ماڻهن جا انبوهه شڪار تي پئي ويا. ڪاٿي رقاصائن جي راڳ ۽ ناچ جي شاندار محفل پئي هلي. سڀ رنگين نظارا هئا ۽ ڏاڍا سهڻا هئا.

انهيءَ ئي سير سفر ۾ اسان لڪيءَ جا چشما ڏٺا ۽ انهن ۾ غسل ڪيو. سيوهڻ ۾ قلندر شهباز ۽ باغبان ۾ مخدوم بلال جي روضن جي چانئٺ چميسون. آخر ۾ سن اچي سائين جي.ايم.سيد جي حاضري ڏنيسون. وٽس رات رهياسون. ڪيس پيرين پئي، روح کي فرحت آئي. پٽائي ياد آيو:

**پسندي چام پنهونءَ کي، اچي اکين آرام.**

❊ ❊ ❊

تنوير جي شعر ۽ شاعريءَ جا گهڻا ڪتاب هاڻي ڇپجي ويا آهن. نصير مرزا مون کي ٻڌايو ته شاهه سائينءَ تي تنوير جي تحقيق تمام وڏو وزن

رکي ٿي. پر، ميجتا وري ڪن مثالي عالمن کي مليي آهي. مون ٿي شاهه سائينءَ تي تنوير جي تحقيق جو اهو ڪتاب سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي شاهه لطيف ڪائونسل کان ڇپايو هو. تنوير کي خوش خير محمد فقير ۽ سچل سائينءَ جي نانڪ فقير تي تحقيق جو ڪم پڻ بورڊ کان منظور ڪرائي ڏنو هئم. تنوير خوش ٿيو. واقعي وڏو تحقيقي ڪم ڪيائين. پر، مثالي عالم اهڙن ماڻهن کي ايرڻ ڪونه ڏيندا. هو کين ڇوڪرو ۽ شيخ اياز جهڙن عظيم شاعرن کي **"پوڳائي مڙس"** ڪوٺيندا هئا. کين مرڻ کان پوءِ به ڪونه بخشيو اٿن. تفصيل نصير مرزا کي معلوم آهي.

تنوير جي پنهنجي ڪلام جو پهريون پهريون ڪتاب "رڳون ٿيون رباب" نالي سان شايع ٿيو هو. ڪلام جو سڄو مسودو منهنجي حوالي ڪري، چيو هئائين ته."ڪلام جو انتخاب تون ڪر." اها 1950ع واري ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. پيش لفظ ۾ لکيو اٿس ته:

**"ڪلام جي چونڊ جو سڄو بار ربانيءَ تي آهي،**
**جنهن جي راءِ منهنجي لاءِ ڳريءَ قيمت واري آهي."**

پيش لفظ ۾ اڳتي هلي، شعر شاعريءَ جي مقصد ۽ هن جهان ۾ انسان جي وجود بابت لکيو اٿس ته:

"هن جڳ ۾ انسان متعلق هڪ تعبير هيءَ به آهي ته جڻ ڪيس بيهوش ڪري ڪنهن ڪاڪ محل ۾ پهچايو ويو هجي ۽ هوش ۾ اچڻ سان سندس دل تان سموريون گذريل يادگيريون ميٽجي ويون هجن ۽ هو واٽڙو ٿي هيڏي هوڏي واجهائي، هن ڪائنات جي مانداڻ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. واقعن، تجربن ۽ مشاهدن جڏهن انسان جي ذهن تي ڪي اڻ متجندڙ عڪس وڌا، تڏهن هن چاهيو ته اهي عڪس هو ٻين جي ذهنن ۾ پلٽائي ۽ ائين شاعري وجود ۾ آئي."

❊ ❊ ❊

مستقبل جو محقق، تنوير جي زندگيءَ تي نگاهه وجهندو ته کيس اها ڳالهه نوشته ديوار وانگر نظر ايندي، ته "مانجهاندي جي ماڳ" ۾، تنوير

پنهنجيءَ حياتي اجري گذاري. آخر اوڏانهن ويو جيڏانهن هر ڪنهن کي هلڻو آهي. پنهنجو دامن داغدار ڪونہ ڪيائين. گلاب جي گل وانگر سڄي عمر سرهو رهيو. قدرت مٿس مهربان رهي ڪيس هر نعمت نصيب ڪيائين. والدين جو فرمانبردار پٽ هو ۽ پنهنجي اولاد جو شفيق پيءُ هو. مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن سان آخر تائين نڀايائين. سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ ماڻهن سان پيار ڪيائين. سدائين پاڻ چوندو هئو:

**جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير**

**تيئن مون من ماروئڙن سين!**

مون سان سندس دوستيءَ جو عرصو پنجاهہ سالن کان بہ مٿي هو. ڪيئي ويرا اچن ٿا. ماڻهو ڪن دوستن سان عارضي طرح يا هميشہ جيئري ئي ڇڄي بہ ٿو. پير علي محمد راشديءَ هڪ خط ۾ سائين جي.ايم. سيد کي لکيو آهي تہ "دلين کي درياهہ جون سيرون بہ ڏار ڪري ڪونہ سگهنديون." قدرت تنوير ۽ منهنجي دلين جي تارَ بہ ائين ڳنڍي ڇڏي هئي.

تنوير سنهيءَ ڪل وارو ماڻهو هو. جڏهن هر شخص کي "موتيءَ جو داڻو" سمجهڻ ۽ ڪوٺڻ ڪان پوءِ بہ، سنڌ ۾ وک وک تي بي وفائي ۽ حسد ڏٺائين، تہ پريءَ محفل مان ماٺ ميٺ ۾ اتي هليو ويو. الائي ڪاڏي ويو؟ ڏاڍو ڪو پري هليو ويو! انگريزي محاوري ۾ ان کي چئبو آهي تہ

HE — WENT — THAT — FAR - AWAY

مان تہ ڏاڍو اڪيلو ٿي پيو آهيان. ڪيس ڳولي ڳولي ٿڪجي پيو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ چوندو آهيان تہ "من، هڪ دفعو ڪيس ڏسان. خواب ۾ ئي ڏسان!" راڻيپور جي سائين صالح شاهہ هيءَ ڪافي الائي تہ ڪهڙيءَ ذهني ڪيفيت ۾ چئي هئي:

**متامارو الله آڻئي، دلين جا داغ وڃ ڌوئي!**

★

# حميد سندي

عبدالحميد ميمڻ جو ذڪر ڪبو تہ ماٺهو منجهي پوندو پر حميد سنڌي ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ڪونهي. پاڻ کي "سنڌي" چوسڏايائين، ان بابت، مان تہ ايترو چئي سگهان ٿو تہ ڪانئس گهڻو گهڻو اڳ بين ڪيترن اڪابرن بہ پاڻ کي "سنڌي" ڪوٺايو هو جن جي لسٽ چڱي ڊگهي آهي. ليڪن، مڙني ۾ مشهور نالو عبيدالله سنڌي آهي. پير علي محمد راشديءَ پنهنجي ڪتاب "اهي ڏينهن اهي شينهن" ۾ کيس پنهنجي دؤر جي سنڌي مشاهيرن ۾ اوليت جو درجو ڏنو آهي ۽ اعتراف ڪيو آهي تہ "اسان جي دؤر ۾ سندس سوچ ئي سيني ۾ صحيح هئي."

عبيدالله سنڌي اصل ۾ پنجابي هو ۽ سک ڌرم جو هو. ٻاراڻيءَ عمر ۾ اسلام ڏانهن مائل ٿيو ۽ سنڌ آيو. ڀرچونڊيءَ ۽ امروٽ جي بزرگن سندس مٿي تي شفقت جو هٿ رکيو. کيس پنهنجي اولاد وانگر پاليو. مٿس عبيدالله نالو رکيو. اڳتي هلي، پير جهنڊي جي بزرگن کيس پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. سو انهيءَ پسمنظر ۾ پاڻ کي شعوري طرح "سنڌي" ڪوٺايائين.

هونئن، عام طرح سان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پرديس ۾ "سنڌي" سڏيندا آهن، ڇوتہ سنڌ سان سندس نسبت هوندي آهي: مثال طور ابومعشر سنڌي سندس خاندان سنڌ جي ڪهڙي شهر مان ڪهڙي زماني ۾ عربستان ويو سو تہ معلوم ڪونهي، پر عرب دنيا ۾ ايڏو تہ نالو پيدا ڪيائين، جو وفات ڪيائين، تہ اسلامي دنيا جي هاڪاري خليفي هارون رشيد خود سندس جنازي نماز پڙهائي.

ابو معشر سنڌي بغداد ۾ دفن ٿيو. بين اسلامي علومن ۾ تہ اڪابر هو. پر، حضور پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي اولين سيرت نگارن ۾ بہ

سندس نالو اهم آهي. ”مغازي“ جي نالي سان سيرت رسول ﷺ لکي هئائين، جا هاڻي ناياب آهي. جرمن عالم، جوزف هورو وٽس پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو اردو ترجمو نثار فاروقي، ”سيرت نبوي کی اولين کتابيں اوران کے مؤلفين“ نالي سان دهليءَ مان شايع ڪيو آهي.

❊ ❊ ❊

مون هڪ دفعي هڪ ڏج عالم کان پڇيو ته، ”اسان به ڪو وڏو ماڻهو پيدا ڪيو آهي؟ يا هر هنڌ لپي هيٺان واري آهي.“

هو حيدرآباد آيو هو. دهليءَ ۾ قرآن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي، واپس موٽيو هو. مون سان ۽ قاسمي صاحب سان مليو هو. چيائين ته، ”اوهان شاهه ولي الله دهلوي پيدا ڪيو آهي، جيڪو واقعي وڏو ماڻهو هو.“

اها ته هر ڪنهن کي خبر آهي. پر، تورن کي هيءَ خبر هوندي ته شاهه ولي الله ننڍپڻ ۾ جڏهن قرآن ڪريم حفظ ڪيو هو تڏهن سندس استاد هڪ ”سنڌي“ هو. محمد فاضل نالو هئس. ايڏو ته وڏو عالم هو جو شاهه عبدالرحيم دهليءَ ۾ پنهنجي پٽ کي قرآن پڙهائڻ لاءِ کيس ئي منتخب ڪيو. جڏهن شاهه ولي الله پاڻ وڏو ٿيو ۽ درس تدريس شروع ڪيائين، ته سنڌ جي سائين، شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پڳ مٽ يار، مخدوم معين ٺٽوي وٽس علم پرائڻ لاءِ اٺن ۽ گهوڙن تي سفر جا ڏک ڏاکڙا برداشت ڪري دهليءَ ويو ۽ ورهين جا ورهيه سندس قدمن ۾ ويهي ابن عربيءَ جو فلسفو سمجهيائين. مون ’مهراڻ‘ 2003ع ۽ 2004ع جي رسالن ۾ مخدوم معين ڏي شاهه ولي الله جا لکيل خط ۽ مخدوم معين جو هڪ دستاويز شايع ڪيا آهن.

❊ ❊ ❊

پاڪستان ٿيو ته هندستان مان جيڪي شخص مهاجر ٿي سنڌ ۾ آيا، تن ۾ مولانا عبدالواحد ”سنڌي“ به شامل هو. عمر جو وڏو حصو جاميه مليه، دهليءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسيلر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي سرپرستيءَ هيٺ گذاريائين، جو پوءِ هندستان جو صدر ٿيو. مولانا عبدالواحد پاڪستان ۾ هجرت ڪري آيو ته دهليءَ جي سندس مهاجر دوستن پاڪستان ٺهڻ جي نسبت سان کيس ”نئين زندگي“ رسالي جو ايڊيٽر مقرر ڪرايو. عمر ۾ مون

ڪان ويهه ورهيه ڪن وڏو هو. پر، اهڙي محبت تي ويس، جو مون کي پاڻ ئي نئين زندگيءَ ۾ مقرر ڪرايائين ۽ رسالو منهنجي حوالي ڪيائين. مون کان وڏيڪ دوست ڪير به ڪونه هئس. نياڻين جي شادي ۾ به مون سان ئي صلاح ڪيائين.

نئين زندگيءَ ۽ ڪن ٻين رسالن ۾ منهنجون جيڪي شروعاتي تحريرون ڇپيون، تن ۾ مان به پاڻ کي "سنڌي" لکندو هئس. ليڪن، ڪجهه سالن کان پوءِ فقط سنئون سڌو پنهنجو نالو لکندو هئس.

اسان جي ٽهيءَ ۾ سنڌ جي محب وطن اديبن ۾ حميد نالو ڪڍيو ۽ شعوري طرح پاڻ کي "سنڌي" ڪوٺايو. هونئن، عمر ۾ مون کان ۽ رشيد ڀٽيءَ توڙي تنوير کان ڪجهه سال ننڍو هو پر گڏ وهندا هئاسين، ته اهو فرق محسوس ڪونه ٿيندو هو. چرچا گهڻا ۽ هِتان هتان جون ڳالهيون ٻوليون ڪندا هئاسين. هر معاملي ۾ حجائتا هوندا هئاسين. حميد سنڌيءَ کان به اڳ سنڌ ۾ شيخ عبدالمجيد "سنڌي" مشهور هوندو هو. پر، هو بزرگ سياستدان هو ۽ حميد سنڌي نوجوان اديب.

❊ ❊ ❊

حميد سنڌيءَ جي والد بزرگوار ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تان رٽاير ڪيو. پر، حميد سنڌيءَ پنهنجي زندگي پاڻ ناهي. جڏهن سندس عمر ۾ اجا چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ هئي، تڏهن ئي زندگيءَ جي غم جو "دو- آتشو" جام پيٽو پيس. مون کي پاڻ ئي پنهنجي جوانيءَ جي "غمِ روزگار" ۽ "غمِ جانان" جو سربستو احوال مختلف موقعن تي ٻڌايائين، پر انهن ڏکن ڏاکڙن هوندي به هڪڙو ڪم ڪيائين، جو اسان مان ڪير به ڪري ڪونه سگهيو. ماهوار "روح رهاڻ" رسالو ڪڍيائين. اها معمولي ڳالهه ڪانه هئي. هونئن ته سنڌي زبان ۾ خانگي طرح ماهوار رسالا ٻين به ڪڍيا هئا ۽ حميد کان اڳ ڪڍيا هئا، پر سندن قبلو ڪونه هو. هر قسم جو ويس ڍڪيندا هئا. سندن ڀيٽ ۾، حميد سنڌيءَ هڪ اهڙو رسالو ڪڍيو، جنهن جو خاص مقصد هو: "سنڌ جي حقن جي حفاظت."

جنرل ايوب خان ۽ سندس ٽولي ون يونٽ واري زماني ۾، مارشل لا کي لٺ باٺي وانگر استعمال ڪري، ڪوٽڙي بئراج توڙي سکر بئراج ۾ سنڌ جي زمينن جي ڦرلٽ ڪئي. سنڌ جا مير، پير ۽ وڏيرا ته سدائين چڙهندڙ سج جا

پوڄاري هوندا آهن. اهي سندس بہ ٻڌا ٻانها هئا. ڪيس سنڌ ۾ شڪار ڪرائيندا هئا ۽ لک لٽائيندا هئا. تن ڏينهن ۾ ايوب خان جي هڪ هڪ شڪار تي گهٽ ۾ گهٽ اڌ لک رپيا خرچ ايندو هو. مون کي هڪڙو شخص سُجهي، جنهن شڪار جي خرچن کي منهن ڏيڻ لاءِ حيدرآباد ۾ پنهنجو بنگلو اڍائن لکن رپين ۾ وڪيو. ٻيو وڏيرو هو جنهن ڪا تمام ڀلي مينهن، ايوب خان کي تحفي طور راولپنڊيءَ موڪلي. سوچ ويچار ڪري، مينهن جي سڱن ۾ سون جو قيمتي هار وجهي موڪليائين.

سنڌ جي محب وطن اديبن سنڌي وڏيرن جي انهيءَ ڪريل ذهنيت کي ڀرپور انداز ۾ ننديو ۽ سندن ڇوڏا لاٿا. پر، مٿن ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيو جو هو نود هئا. جمال ابڙي پنهنجي ڪتاب "توهر ۾ ٻاڙها گل" ۾ انهيءَ دور جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

> "مان 1965ع کان وٺي 1969ع تائين حيدرآباد ۾ پريا چار سال رهيس. سنڌ ۽ سنڌين لاءِ تمام نازڪ ۽ هنگامي دؤر هو. هڪ تہ جنرل ايوب جي مارشل لا، مٿان وري ون يونٽ جو ڳٽ، هندوستان سان لڙائي، تاشقند ٺاهہ، پٽني جي وزارت تان استعيفا ۽ ٽپال جي لفافي تي ايڊريس وجهڻ مهل لفظ "سنڌ" جي استعمال تي بندش. حيدر بخش جتوئيءَ جو جيئي سنڌ جو نعرو ۽ سائين جي.ايم. سيد جو سنڌو ديش جو اعلان، بزم صوفياءِ سنڌ جي تحريڪ، "روح رهاڻ" رسالو ۽ حميد سنڌي وارن جي باهڙي دڪائڻ ۽ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ. پٽني صاحب ۽ شيخ اياز جو قيد ٿيڻ. ڪمشنر مسرور جون ڏاڍايون ۽ فرعونيت. شاگردن جو ڇوٽين مارچ وارو هنگامو... ڏاڍو پُر آشوب دؤر هو.

جمال ابڙي اڳتي هلي لکيو آهي:

> **اياز سان ملڻ جا گهڻا موقعا بہ حميد سنڌيءَ پيدا ڪيا. ڪيس جس هجي، جو "ميمڻ هوندي بہ نفعي نقصان کان بي نياز ٿي" باهہ سان کيڏندو رهيو. اهڙي ڏکئي دؤر ۾ بہ هڙان وڙان خرچ ڪري ڪانفرسون ڪوٺائيندو هو.**

سنڌ جي هڪ هڪ ضلعي مان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا.
مير مجلس شيخ اياز هوندو هو. اهڙو هڪ شاندار جلسو
31_ مئي 1967ع ۾ بسنت هال ۾ ڪوٺايائين جنهن ۾ اياز
پنهنجو مشهور نظم پڙهيو:

هيءَ سڌ نہ ڏيندي چين، اٿي ڏس ڪوئي آيو آ
پيارا، هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئڻ اجايو آ پيارا.

ماڻهو جهڙوڪر منڊجي ويا. سڄو نظم پڙهي، آخري بند
پڙهيائين تہ:

هيءَ پنهنجي ڪرڻي پرڻي آ، پر سنڌ اياز نہ مرڻي آ،
آخر تہ رات گذرڻي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا.

هال ۾ تاڙين جا ڦهڪا ٿي ويا. ماڻهو جوش ۾ اٿي بيٺا ۽
جيئي سنڌ جا نعرا لڳا.“

❋ ❋ ❋

جمال پُرآشوب دؤر جو جيڪو نقشو ڪڍيو آهي، انهيءَ دؤر ۾ ايوب سرڪار اڃان بہ طاقت جي انڌ ۾ هئي، سو هڪ ٻيو بہ ٻڇڙو ڪم ڪيائين. سندس تعليمي سيڪريٽريءَ شريف خان سنڌي ٻوليءَ جي نڙيءَ تي ننهن ڏنو. ايوب خان کان اعلان ڪرايائين تہ اڳتي هلي وقت گذرڻ سان هڪ نئين ٻولي ازخود نهي ويندي، جيڪا ”هندستاني“ وانگر ”پاڪستاني“ ڪوٺبي. سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچي ازخود ختم ٿي وينديون. سندس اصل مقصد هو تہ سنڌيءَ کي چٿيان ۽ اردوءَ کي زور وٺايان پاڪستاني ۽ هندستاني ٻولين جا بهانا پئي ورتائين.

گويا، اهو بيان بنگالين کي بيوقوف بنائڻ ۽ اولهہ پاڪستان جي علاقائي ٻولين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڇيائين. بنگالي شاگردن مظاهرا ڪيا. پوليس مٿن گوليبازي ڪئي. شهيدن جا منارا ٺهيا. نفرت زور ورتو. اوير پاڪستان جي جدائيءَ جو ٻج پيو.

سنڌ ۾ بہ ايوب خان جي انهيءَ بيان باهہ تي پيٽرول وارو ڪم ڪيو. غصي ۾ مچريل سنڌي عالم، اديب ۽ شاگرد باهہ تي اٿيا. ايڏي تہ زوردار تحريڪ هلايائون، جو آخرڪار فيلڊ مارشل جي حڪومت سندن آڏو اچي گوڏا کوڙيا.

انهيءَ تحريڪ توڙي ”روح رهاڻ“ جا ساليانا جلسا حيدرآباد جي

بسنت هال ۾ ٿيندا هئا. جن جو روح رؤان حميد سنڌي هوندو هو ۽ سمورا سنڌ دوست اديب سندس مددگار هوندا هئا. مکيہ مهمان، شيخ اياز هوندو هو. جنهن پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ انهن جلسن جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

”حميد سنڌيءَ جي رسالي ”روح رهاڻ“ ئي ون يونٽ خلاف، صحيح معنيٰ ۾ باهہ ڀڙڪائي هئي. هن بسنت هال حيدرآباد ۾ ٿيل جلسن جا احوال، منهنجون تقريرون ۽ تر بابت منهنجا ٿي ڳنڍڪا، ”هي گيت اڄايل مورن جا“ ۽ ”جل جل، مشعل جل جل“ ۽ ”رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ شايع ڪري، سنڌي قوميت جو ڪلمر ڪلا پرچار ڪري، حڪومت جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون.“

❊ ❊ ❊

ون يونٽ واري دور، ”روح رهاڻ“ رسالي ۽ بسنت هال ۾ ساليانن جلسن بابت خود حميد سنڌيءَ جا پنهنجا تاثرات هي آهن:

”ون يونٽ جو پاور پلانٽ الائي تہ ڪيترا يونٽ ساڙي چڪو هو. ايوب خان جي مارشل لا ۾ ٽپال جي لفافي تي ايڊريس ۾ ”سنڌ“ نہ لکڻ جو حڪم، سنڌ جي زبان بندي، عام بيروزگاري ۽ سرڪار جي ٻين اهڙن ڪڌن ڪمن، ماڻهن ۾ سخت احساس محرومي پيدا ڪيو هو.

سنڌ جي محب وطن اديبن ۽ شاعرن پاڻ ملهايو ۽ سنڌ جو ساٿ ڏنو. هنن اهڙو ادب تخليق ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو سنڌ ۾ سجاڳيءَ جو سبب بڻجي. ان سلسلي ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي ”مهراڻ“ سجاڳيءَ جي شمع جو ڪم ڪيو. مهراڻ جي شروع ڪرڻ ۽ هلائڻ ۾ هونئن تہ ڪيترن ئي سنڌ جي سڄڻن جو هٿ هو پر، سائين جي.ايم.سيد، ميران محمد شاهہ، محمد ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، مولانا گراميءَ، شمشيرالحيدريءَ ۽ امداد حسينيءَ جا نالا هن وقت ياد اچن ٿا.

ٻيو اهم رسالو ماهوار ”نئين زندگي“ هو. مولانا عبدالواحد



حميد سندي

سنڌي انهيءَ جو ايڊيٽر هو. هن سرڪاري ملازم هوندي بہ رسالي جي وسيلي، سنڌ ۾ سماجي، سياسي ۽ اقتصادي بيچينيءَ جو کليل اظهار ڪيو. وڏو مجاهد ماڻهو هو.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو رسالو ”انسان“ ماڻهن ۾ عام سجاڳيءَ ۽ بيگم زينت چنا جو ماهوار ”مارئي“، عورتن ۾ سجاڳي آڻڻ جو واحد ذريعو هو جنهن جي وسيلي ڪيتريون ئي سنڌي لکندڙ خواتين مثال طور ثميره زرين، ڊاڪٽر درشهوار سيد ۽ ٻيون اڳتي آيون. انهن سمورن مردن ۽ خواتين لکندڙن جي سوچ هئي، ”سنڌ ۾ ذهن ۽ فڪر جي آزادي“ اهڙو اقتصادي نظام جو سنڌ جي عام ماڻهن کي حق ملن ۽ انصاف پلئہ پوي.

اها ڳالهہ من ۾ رکي، ڪي دوست مون وٽ آيا ۽ هڪ آزاد ماهوار رسالي ”روح رهاڻ“ ڪڍڻ لاءِ چيائون. رسالو ڪڍڻ تمام وڏو ڪم هو. هر ڪنهن مدد جو واعدو ڪيو پر، 1960ع کان 1969ع تائين پورن نوَن سالن جي عرصي ۾ هڪ رُپئي جي بہ مدد ڪانہ ملي.

سنہ 1960ع ۾ ”روح رهاڻ“ رسالو ائين نڪتو پر، ٽي چار پرچا نڪرڻ سان ئي منهنجي مالي حالت سقيم ٿي وئي. مون وليج ايڊ کاتي ۾ نوڪري ڪري پرچي کي بچايو. سڄو سال هليو. پر، اسان جو ڊڪلئريشن رد ڪيو ويو. سرڪار چيو تہ وري نئون ڊڪلئريشن فائيل ڪيو.

هفتيوار انسان، ماهوار مارئي ۽ ماهوار روح رهاڻ جون نوَن ڊڪليئريشن لاءِ درخواستون ڪيئي ورهيہ بي دريافتون پيون هيون. جڏهن اسان واسطيدار آفيسن ۾ ڪامورن جا هٿ سٽيا ڪرايا، تڏهن مس مس وڃي ”روح رهاڻ“ کي ٻن سالن بعد مارچ 1963ع ۾ ڊڪليئريشن مليو. پر، رسالي لاءِ پئسا ڪونہ هئا. مٿان منهنجو ايم.اي جو امتحان هو. غياث جوڻيجو ۽ مان گڏ پڙهندا هئاسين.

هن سؤ رپيا ڏنا، جيڪي مون کي اڄا ياد آهن.

"روح رهاڻ" لڏندي لمندي پئي هلي. منهنجيون نوڪريون ۽ پورهيا بہ جاري هئا، 1965ع کان پوءِ "روح رهاڻ" پنهنجي خاص مقصد سان ظاهر ٿي بيٺي. هاڻي "روح رهاڻ" سنڌيت جي هڪ تحريڪ هئي، جا سڄيءَ سنڌ ۾ ڦهلجي وئي. "جشنِ روح رهاڻ" رڳو هڪ ساليانو ميڙ ڪونہ هو. پر، سنڌ جي نئين فڪر کي فروغ ڏيارڻ جو ذريعو هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان سوين ليکڪ ساليانن جلسن ۾ اچي مڙندا هئا. شيخ اياز هي نظم اهڙي هڪ جلسي ۾ پڙهيو هو:

ماروئڙن کان منهڙو ڦيريان؟
ڏاهپ ہي ڪا ڏس ميان.

اياز جا ٽي شعري مجموعا، "جل جل مشعل جل"، "هي گيت اڃايل مورن جا" ۽ "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي." ماهوار "روح رهاڻ" ۾ ڪيترائي پيرا وري وري ڇپيا.

"روح رهاڻ" جو ڪم ڪنهن بہ اڪيلي جڻي جي وس کان مٿي هو. مولا گهڻا مددگار پيدا ڪيا. ڪنهن جا نالا ڳڻي، ڪنهن جا ڪٽان؟ پر، سائين عبدالله چنا، بيگم زينت چنا ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين وڏي سرپرستي ڪئي. هم قلم سائين ۾ اشفاق قاضيءَ، ناصر مورائيءَ، غلام رباني آگري، غلام محمد گراميءَ، تنوير عباسيءَ، امداد حسينيءَ، خواجہ سليم، نياز همايونيءَ ۽ خاص طرح انڊس پرنٽرز جي مالڪ مطيع الرحمان جا نالا منهنجي دل تي اڄ بہ نقش آهن. ٻيا بہ ڪيئي محسن هئا.

پير حسام الدين راشديءَ هڪ موقعي تي چيو تہ، "حميد سنڌيءَ جا ايڊيٽوريل دشمن جي دل تي داغ آهن." پير صاحب ڏاهو شخص هو. سندس ڳالهہ هڪ ڏينهن صحيح ثابت ٿي. سرڪار کي آخرڪار "روح رهاڻ" تي

بندش وجهڻي پئي.

* * *

حميد سنڌيءَ "روح رهاڻ" رسالو ڪڍيو ۽ "زندگي پبلڪيشنس" قائم ڪيائين، جنهن سنڌي ڪتاب شايع ڪيا. پنجاهہ ۽ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ سنڌي افسانہ نگار اڀريا. جمال ابڙو شيخ حفيظ رشيد آخوند، ابن حيات پنهور، اياز قادري، رشيد ڀٽي، خواجہ سليم، جمال رند، ثريا ياسمين، جميلہ نرگس، ثميره زرين، رشيده حجاب ۽ ٻيا ڪيئي نمايان نالا هئا. حميد سنڌيءَ اول جمال ابڙي جو ڪتاب "پشو پاشا" ڇاپيو ۽ پوءِ منهنجو ڪتاب "آب حيات ۽ ٻيا افسانا" شايع ڪيائين. حميد ۽ منهنجيءَ دوستيءَ جو آغاز ائين ٿيو.

اياز قادريءَ جي افسانن جو ڪتاب "بلو دادا" غالباً ٻئي ڪنهن ناشر ڇاپيو. خواتين لکندڙن ۾ ثميره زرين جي افسانن جو ڪتاب "هي گيت اڃايل مورن جا" پڻ ٻئي ڪنهن ناشر ڇاپيو. البت، حميد پنهنجو ڪتاب "اداس واديون" ۽ ناصر مورائيءَ جي افسانن جو ڪتاب "راتيون جاڳن جي" ڇاپيو. سندس ڇاپيل سڀ ڪتاب سندس چوڻ موجب "هٿئون هٿ کپي ويا." حميد سنڌيءَ جا ڇاپيل اهي افسانوي مجموعا هاڻي سنڌي ادب ۾ هڪ خاص دور جا تاريخي يادگار آهن. پر، انهن تاريخي يادگارن جي حفاظت شمشيرالحيدريءَ ڪئي، جنهن ماهنامي "نئين زندگيءَ" ۾ ڇپيل جملي سنڌي افسانن جو هڪ نهايت سهڻو انتخاب شايع ڪيو. ان زماني ۾ سنڌي افسانو عروج تي هو. ڳوٺاڻي زندگيءَ جي تصوير عبدالقادر جوڻيجي ۽ شهري زندگيءَ جي تصوير غلام نبي مغل پنهنجن افسانن ۾ اهڙي تہ ڏانوَ سان ڪڍي، جو پڙهندڙن کي آسمان ۾ اندلٺ جا سمورا رنگ نظر اچي ويا. پوءِ تہ سنڌيءَ ۾ ڪيئي اعليٰ پايي جا افسانہ نگار پيدا ٿيا، جن جي افسانن جا مجموعا هاڻي سنڌي افسانہ نويسيءَ جا سنگ ميل آهن.

* * *

سماجي ۽ سياسي جماعتن ۽ تحريڪن ۾ ڪيئي دوست ۽ ساٿي اچي گڏ ٿين ٿا. پر، جڏهن اهو دؤر گذري وڃي ٿو تہ هو هڪٻئي کان اهڙو تہ وڇڙي وڃن ٿا، جو ڄڻ تہ ڪڏهن گڏ ٿيا ئي ڪونہ هئا. مثال طور، "ون يونٽ" واري زماني ۾ ميرپور بٺوري جو عبدالفتاح اسان جو ڏاڍو ويجهو ساٿي هو. هاڻي

سالن کان سندس نالو ئي ڪونہ ٿو ٻڌجي. اسان ٻئي ڄڻا سائين جي.ايم سيد جي ”بزمِ صوفياءِ سنڌ“ جو سچو لٽريچر وڏيءَ محنت ۽ محبت سان شايع ڪندا هئاسين. مان سرڪاري نوڪري ڪري، هر هنڌ ڪتابڙين مان پنهنجو نالو ڪڍي ڇڏيندو هئس. عبدالفتاح اهو ڏسي ڏاڍو کلندو هو. ڪيسر ڪويہ ڊپ ڊاءُ ڪونہ ٿيندو هو. وڏو مجاهد ۽ مخلص انسان هو.

⁂ ⁂ ⁂

حميد سنڌي نوشهري فيروز جو ويٺل آهي ۽ مون بہ نوشهري جي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي. اها حميد سنڌيءَ ۽ منهنجي دوستيءَ جي ٻي نسبت آهي. حميد نوشهري جو ويٺل آهي ۽ مان ڪنڊياري جو.

پاڪستان نئون نئون ٺهيو تہ روڊن تي بس ۽ ويگن سروس عام ڪونہ هئي. ٻئي ڄڻا، عيد جهڙن موقعن تي، ريل ۾ سفر ڪري، پڊيا روڊ اسٽيشن تي وچي لهندا هئاسين. اڳتي نوشهري ۽ ڪنڊياري وچڻ هڪ مسئلو هوندو هو ٽئڪسين ۾ ايڏي تہ رش هوندي هئي، جو انهن ڏي پير پائڻ جي همت ڪانہ ٿيندي هئي. حميد سان سندس بيگم ۽ مون سان منهنجي گهر واري گڏ هونديون هيون. حميد هر پيري پنهنجي والد صاحب کي تڪليف ڏيندو هو. چاچو (مرحوم) دادوءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر هوندو هو. جيپ موڪليندو هو. اول حميد ۽ سندس گهر واري نوشهري لهندا هئا. پوءِ اها ئي جيپ مون کي ۽ منهنجيءَ گهرواريءَ کي اسان جي ڳوٺ لاهي ايندي هئي.

حميد سنڌيءَ ڪنڊياري جي پرسان هالاڻيءَ جي هڪ معزز ميمڻ خاندان مان شادي ڪئي. هالاڻي اسان کان ڇهہ ميل پري آهي ۽ ڪنڊيارو بہ هالاڻيءَ کان اوتري ئي پنڌ تي آهي. بيگم حميد جا ڪي بزرگ، درياءَ جي پرئين پاسي لڏي وچي دادوءَ ۾ سڪونت پذير ٿيا هئا. واپار ڪندا هئا. سيٺيون سڏبا هئا. مون سيٺ شمس الدين ۽ سيٺ يعقوب جا نالا ننڍپڻ ۾ ٻڌا. منهنجن وڏن جا سيٺ شمس الدين ۽ سيٺ يعقوب سان لاڳاپا هوندا هئا. ان جو مکيہ سبب اهو هو جو اهي ميمڻ بزرگ اسان جي وڏي ڏاڏي مخدوم محمد دائود آگري جا نهايت عقيدتمند هوندا هئا. جنهن جي ابدي آرامگاهہ هالاڻي شهر جي ٻاهران نيشنل هاءِ وي جي ڪپ تي آهي.

مخدوم محمد دائود عظيم انسان هو. پير صاحب پاڳارن جي متبرڪ خاندان جي مؤسس اعليٰ، پير سائين روضي ڌڻي، سيد محمد راشد رحمتہ الله

عليہ ڪونڙي ڪبير جي مدرسي ۾ هم درس هو. اهو مدرسو ان زماني ۾ سنڌ جي وڏي درسگاهہ هو. انهيءَ سبب سان ٻنهي ڄڻن جي سڄي عمر پاڻ ۾ محبت رهي.

هڪ دفعي منهنجي والد مرحوم جو ڊاڪٽر دائودپوٽي ۾ ڪو ڪم پيو جو تڏهن سڄيءَ سنڌ جو ڊي پي. آءِ. هو. انگريزن جو زمانو هو. منهنجو چاچو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي درياهہ پار ڪري دادوءَ ويو. سيٺ محمد يعقوب يا سيٺ شمس الدين سان حالي احوالي ٿيو. هن هڪدم ڊاڪٽر صاحب مرحوم جي والد صاحب کي پاڻ وٽ سڏايو جنهن پنهنجي فرزند سان احوال ڪيو. ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب فوراً ڪم ڪيو.

❊ ❊ ❊

سنڌ جي مشهور تاريخ نويس، مير علي شير قانع پنهنجيءَ تاريخ "تحفة الڪرام" ۾، مخدوم محمد دائود آگري جي والد مخدوم عبدالله آگري کي پنهنجي دؤر جي سنڌ جي چوند مشاهيرن ۾ شمار ڪيو آهي. تڏهن ريل گاڏيون ڪونہ هيون. تار ۽ ٽيليفون ڪانہ هئي. ٽپال جو ئي انتظام ڪونہ هو. پوءِ بہ مخدوم عبدالله آگري جي دينداريءَ جي شهرت سنڌ جي هاڪاري تاريخ نويس مير علي شير قانع تائين ٺٽي ۾ پهتي! هاٽوڪي دؤر جي ڪنهن محقق، وري ٻي هڪ اهم روايت بيان ڪئي آهي تہ "شاهہ ڀٽائي کهڙن ڏانهن ويندي، مخدوم عبدالله آگري وٽ رات رهندو هو."

نثار احمد آگري ٻڌايو تہ شاهہ ڀٽائي چمڙي جو هڪ ٿيلهو مخدوم عبدالله آگري کي ڏئي ويندو هو جنهن ۾ سندس شعر ڪاغذن تي لکيل هوندا هئا. تہ ڏسي پڪ ڪري ڏيو تہ ڪنهن بہ شعر ۾ شريعت جي خلاف ڪا ڳالهہ تہ ڪانهي. واپسيءَ تي وري اهو ٿيلهو ساڻ کڻي ويندو هو. غالباً، شاهہ ڀٽائي ٻين ڪن عالمن کي بہ ساڳئي مقصد سان پنهنجو ڪلام ڏسڻ واسطي ڏيندو هوندو. ٿورا سال ٿيا، جو ڪنهن سوال ڪيو تہ ڪيئن خبر پوي تہ ڪهي ڪلام شاه سائينءَ جو آهي؟ ڪنهن عالم اتي جو اتي ئي ٺهہ پهہ جواب ڏنو تہ "جيڪو شعر شريعت مطابق نہ هجي، سو شاهہ سائينءَ جو ڪونهي."

نثار احمد آگري اهو بہ ٻڌايو تہ "جڏهن شاهہ ڀٽائيءَ هي جهان ڇڏيو تہ ان وقت جي دستور موجب، سندس قريبي حلقي ۾ مخدوم عبدالله آگري کي بہ اطلاع ڪيائون. هن هڪدم پنهنجن طالبن جو تعزيتي اجلاس ڪوٺايو ۽ دعا گهرڻ کان پوءِ فرمايو تہ "سنڌ هڪ الله واري کان خالي ٿي وئي."

❊ ❊ ❊

هن پسمنظر ۾ هالائيءَ جا سادات ۽ ميمڻ خاندان جا برک ماڻهو مخدوم محمد دائود آگري سان دلي صدق رکندا آهن. دادوءَ مان بيگم حميد سنڌيءَ جا مٽ مائٽ مون کي اسلام آباد ۾ خط پٽ لکي، تاڪيد ڪندا رهندا هئا، تہ ”مخدوم محمد دائود آگري جو احوال لکي ڇپايو.“ دادوءَ وارن انهن بزرگن جي اولاد مان محمد يوسف سان منهنجي سڪ رهي آهي. پاڻ اسلام آباد ۾ رهندو هو. ڪجهہ وقت جرمنيءَ ۾ ڪنهن اعليٰ عهدي تي ويل هو. بيگم حميد سنڌيءَ جو ويجهو مائٽ آهي.

❊ ❊ ❊

حميد سنڌي هڪ اديب جي حيثيت ۾ قومي خيالن جو ماڻهو ۽ سنڌ جي روشن مستقبل جو آرزومند آهي. مٽيءَ جي خوشبو ۽ ڌرتيءَ جي ڪشش تہ پيرن ۽ پيغمبرن کي بہ متاثر ڪيو آهي. سو حميد جو پاڻ کي ”سنڌي“ ڪوٺائڻ سمجهہ ۾ اچي ٿو.

هونئن، حميد جو ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي ڪري، ڪنهن سان بہ ڪو بہ متڀيد ڪونهي. 1963ع ۾ اياز ۽ رشيد ڀٽي هندستان گهمي آيا، تہ سال پوءِ اتم ۽ سندري سنڌ گهمڻ آيا. هندستان ۽ پاڪستان جا تعلقات تڏهن خوشگوار ڪونہ هئا. هڪ خاص مذهبي جماعت سان وابستہ سنڌي اديب، هتان جي سنڌ دوست اديبن تي هندستان جي ايجنٽيءَ جو الزام هڻندا هئا ۽ سدائين مٿن چغلخورن وانگر درخواست ڪندا هئا. هنن هڪ دفعو شيخ اياز کي حيدرآباد ۾ هڪ جلسي جي صدارت ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ شهر نيڪالي پڻ ڏياري هئي. پنهنجين اهڙين سنڌ دشمن حرڪتن ۾ ڪين شرم حياءُ تہ ڪونہ ٿيندو هو بلڪ انهن حرڪتن کي ئي عين ”اسلام“ سمجهند اهئا.

ٻئي طرف، ان زماني ۾ سرڪاري آفيسن ۾ سنڌ دشمن تہ سٽيا پيا هوندا هئا، تن کي هر ڳالهہ ۾ صوبائي تعصب جي بوءِ ايندي هئي. سو اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ، ٻنهي ڄڻن کي، ”هند - ياترا“ جي ڪري، ڪجهہ عرصو جيل وجهو پيو. هن پسمنظر ۾ سنہ 1964ع، جڏهن اتم ۽ سندري سنڌ گهمڻ آيا تہ سندن آڌرڀاءُ سڄيءَ سنڌ ۾ وري بہ فقط سنڌ دوست اديبن ڪيو. حميد سنڌي انهن ۾ سرفهرست هو. اسان جا هاڻوڪا ”سڀاجهڙا سنڌي اديب“ تڏهن ايڏو تہ ڊڄندا هئا، جو سؤ ڪوهن جي مفاصلي تي بہ نظر ڪونہ ايندا هئا. سندري ۽ اتم حيدرآباد آيا، تہ سڄو انتظام حميد سنڌيءَ، مون ۽ جمال رند ڪيو. حيدرآباد ۾ حميد سندن رهائش جو انتظام بيگم زينت چنا جي گهر ۾

ڪيو. ڪراچيءَ ۾ حسين شاهه راشدي ڪيو ۽ سکر ۾ اياز پٽي ۽ تنوير ڪيو. ڪراچيءَ ۾ سائين جي.ايم. سيد ۽ پير حسام الدين راشديءَ، حيدرآباد ۾ سائين مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ سچل ڪاليج جي روح روان محترم شيخ صاحب ۽ محبوب علي چنا سنڌن دعوتون ڪيون. سکر ۾ مغل عبدالستار ۽ ٻين سنڌ دوستن ڪيون. پر، ڪوبه سرڪار پرست سنڌي عالم سنڌن ويجهو ڪونه آيو.

❊ ❊ ❊

حميد جڏهن ٽنڊي ڄام زرعي يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر ٿيو ته مان اسلام آباد ۾ هئس. فون تي ڪيس واجبي ڪم ڪار جي تڪليف ڏيندو هئس. اوڏيءَ مهل ئي ڪري ڇڏيندو هو. اتان خيرپور وائيس چانسيلر ٿي ويو ته اتي به منهنجي چوڻ تي ڪيئي قرب ڪيائين. خيرپور ايندو هئس، ته ڳوٺ وڃڻ لاءِ موٽرون ته ڏيندو هو پر، خيرپور، روهڙيءَ ۽ شڪارپور جون مشهور مٺايون ۽ تازي لٽل کجور به تحفي طور موڪليندو هو. سنڌس ننڍو ڀاءُ شمس اوڏيءَ ئي سِڪ سان ملندو هو.

هڪ دفعي حميد ۽ مان شمس سان سکر ملڻ وياسين. شمس، شام جي چاءِ لاءِ ٻيو ته سڀ اهتمام ڪيو ليڪن پنجهتر ميلن جي مفاصلي تان، خاص نموني سان پڪل ڪڪڙ به گهرايائين ۽ ڪاٺڻ پيڙ جي ٻئي مال ۽ مٺاين سان گڏ اسان جي اڳيان چاءِ جي ميز تي رکيائين.

ٻئي دفعي حيدرآباد ۾ مان حميد سان ملڻ ويس، جو عيد جو موقعو هو. پاڻ ۽ سنڌس بيگم نوشهري مان عيد ڪري آيا هئا. حميد گهر ڪونه هو. پر، سنڌس بيگم هئي. دستور موجب نوڪرياڻيءَ بسڪوٽ، پاپڙ ۽ پاڻي آڻي، منهنجي اڳيان رکيو. مون ٽڏو ساهه پري چيو ته، "نوشهري ۽ هالاڻيءَ جي ميٺڻ مون سان ڪانه نڀائي. عيد جي موقعي تي به ڪير پڙا ڪونه مليا. اهو ئي واٽڪو رڳو پاپڙ پاڻي مليو."

بيگم حميد اهو ٻڌي اچي ٺهڪن ۾ پئي. نوڪرياڻيءَ کي دٻ ڪڍيائين، هُوءَ تڪڙي تڪڙي، نوشهري فيروز جا "ڪير پڙا" ڪڍي آئي.

حميد سان اها ڳالهه ڪيم ته چيائين ته نوشهري فيروز جي ڪيرپڙن وانگر اتان جو "ملڪ روز" به مشهور هوندو هو. پر، هاڻي اهي ماڻهو ڪونه رهيا. ملڪ ۾ "مٺائي" ۽ "ملڪ روز" ته نهيو محبت ۽ سچائي به ڪانه رهي.

حميد اهلِ دل انسان آهي. سورنهن آنا سچ چيائين. برابر سڀ ماڻهو

هڪجهڙا ڪونهن. پر، سندس فرزند ارشد سونَ جهڙو سچو ماڻهو آهي.

1947ع ۾، اسان جي تعليم واري زماني ۾ نوشهري فيروز ۾ پير نول گهوٽ جو ڏاڍو نالو هو. چون ٿا تہ سنڌ ۾ تمام وڏو حڪيم هو. انهيءَ کان اڳ واري زماني ۾ وري شاهہ نصير جو نالو هو. هاڪارو شاعر هو، جنهن جي ڪلام جون هي بہ سٽون عاشقن جي دلين تي نقش آهن:

ڪن کي دين مليو ڪن کي دنيا،
عشق اصل ڪنئون انعام ڏئي وئين، يار اسان کي،
يار اسان کي، دوست اسان کي.

* * *

زمانو سدائين هڪ حال تي ڪونهي. حميد سنڌيءَ ۽ سندس بيگم صاحبہ جي صحت، سکئي ستابي گهر، آرام ۽ آسائش جي باوجود صحيح ڪانہ ٿي رهي. پر، زماني کي منهن ڏيڻ ۽ پراون بلڪ انهن کان وڌيڪ پنهنجن جا زخم کائڻ جي باوجود، مون ڪڏهن بہ سندن قرب ۽ محبت، اخلاص ۽ اخلاق ۾ ڪمي ڪانہ ڏٺي. بيگم حميد جيتريءَ وڏيءَ همت ۽ حوصلي واري آهي، اوتري ئي ذهين ۽ شگفتہ مزاج آهي. پر، شابس آهي حميد کي جو ناساز طبيعت هوندي بہ هن زماني ۾ هر ڪنهن سان پير کڻي ٿو. تازو دل جي بيماريءَ جو آپريشن ڪرايو اٿس. پر، مجال آهي جو ملول هجي. هر وقت سرهو ۽ سهڻو.

ايران جي هاڪاري شاعر حافظ شيرازيءَ کي "لسان الغيب" ڪوٺيندا آهن. ايرانين ايڏو بلند رتبو پنهنجي ٻئي ڪنهن بہ شاعر کي ڪونہ ڏنو آهي. حافظ جو هڪ شعر آهي تہ:

خلل پذير بود هر بناکہ مي بيني
بجز بنائي محبت کہ خالي است

يعني هن جهان ۾ جيڪا بہ شيءِ ڏسين ٿو تنهن ۾ نيٺ خلل
پوي ٿو سواءِ محبت جي، جو اها خلل کان خالي آهي.

مسلمان جي گهر ۾ ٻار ڄمندو آهي، تہ سڀ کان اول سندس ڪن ۾ ٻانگ چوندا آهن. حميد ڄائو هو تہ ماڻهن سندس ڪن ۾ ٻانگ ڏيڻ سان گڏ، حافظ جو اهو شعر بہ پڙهيو هو جيڪو سڄي عمر کانئس ڪونہ وسريو آهي.

★

# جمال رند

جمال رند سان پهرين ملاقات ڪراچيءَ ۾ سنڌ مدرسي جي هاسٽل ۾ ٿي. ٻئي ڄڻا سنڌي ادبي سنگت جا ڪارڪن هئاسين. جنهن جي جمعي جمعي جي ڏينهن، مدرسي جي هاسٽل ۾ احسان بدويءَ وٽ هفتيوار ”گڏجاڻي“ (MEETING) ٿينديون هيون. انهيءَ زماني ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ ڪراچيءَ واري ادبي سنگت ئي سرگرم هئي، جنهن جو ”روح روان“ نورالدين سرڪي هو. حيدرآباد ۾ بہ ادبي سنگت ڪنهن حال ۾ هئي پر، ڪڏهن اهو پڪيءَ طرح ياد ڪونهي. ان جو روح روان وري مقبول پٺي هوندو هو. محب وطن ماڻهو هو ۽ هفتيوار يا پندرنهن روزه ”وطن“ اخبار ڪڍندو هو. انهن ٻن ڪان سواءِ ٻيو ڪاٽي بہ ادبي سنگت ڪانہ ٻُڌبي هئي. پر اڳتي هلي، سنڌ جي ڇٽيهن شهرن ۾ ادبي سنگت جون شاخون نهيون. ايترو بہ ياد اٿم تہ هالن جو معصوم هالائي وڏو سرگرم ڪارڪن هوندو هو. ”سنڌ سنگت“ جو نهڻ تہ جمعو جمعو اڻ ڏينهن اڳ جي ڳالهہ آهي.

سنڌ مدرسي جي هاسٽل ۾ ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻين ڪوناڻ جو سبب رڳو منجهس مرحوم احسان بدويءَ جي رهائش هئي. سڀ گڏجاڻيون سندس ئي ڪمري ۾ ٿينديون هيون. مرحوم احسان سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پڙهائيندو هو ۽ ان جي مدرسي واريءَ هاسٽل جو نگران بہ هوندو هو. سنڌ مسلم ڪاليج جو پرنسيپال پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ هوندو هو. جنهن جو مٽس راز هوندو هو. احسان مرحوم کي سنڌي ادب ۾ دلچسپي پنهنجي والد لطف الله بدويءَ کان ورثي ۾ ملي هئي. مرحوم احسانُ هونئن ئي قربائتو شخص هو پر، منهنجين ادبي صلاحيتن کي ڏسي، مون کي ”سنڌ مسلم ڪاليج مئگزين“ جي سنڌي سيڪشن جو ايڊيٽر مقرر

ڪيائين. سو هڪبئي کي وڏيڪ ويجها ٿياسين.

جمال رند وانگر منهنجو ٻيو پيارو دوست رشيد ڀٽي بہ سنڌ مدرسي جي هاسٽل ۾ رهندو هو ۽ ادبي سنگت جو ACTIVE ميمبر هو. اها سنہ 1954ع جي ڳالهہ آهي. مان وري نورالدين سرڪيءَ وانگر مينارام هاسٽل جي ٽيهين نمبر ڪمري ۾ مقبول سومري سان گڏ رهندو هوس. هاسٽل جي انهيءَ ڪمري تي هڪ مضمون بہ لکيو اٿم. ناشاد "مهراڻ" ۾ ڇاپيو آهي.

احسان بدوي ۽ نورالدين سرڪي اسان کان عمر ۾ ڪجهہ وڏا هئا ۽ سنڌي ادبي سنگت جا سينئر ميمبر پڻ هئا. ٻئي ڄڻا شڪارپور جا وينل هئا. احسان بدوي خاموش طبيعت هو پر سرڪي رلڻو ملڻو ۽ مجلسي مزاج جو هو. اسان جي سڄي گروپ ۾ هردلعزيز هو. مينارام هاسٽل ۾ سندس ڪمري ۾ سڄو ڏينهن دوستن جو ميڙو متل هوندو هو. ڪي سائنس پڙهندا هئا, تہ ڪي آرٽس, پر سڀ سندس گرويده هئا. زندگيءَ جي گرميءَ ۽ سرديءَ جي باوجود مون کيس هميشہ خوش مزاج ڏٺو. سڀني دوست جون سڀ خوبيون هئس. پر, جڏهن "ازدواجي زندگيءَ" ۾ پير پاتائين ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ درس تدريس ڇڏي, وڪالت جو ڌنڌو اختيار ڪيائين, تڏهن سنڌي معاشري ۾ وچولي طبقي جي معيار مطابق آسودو تہ ٿيو پر, سمورن دوستن کان توڙي پبلڪ لائيف مان صفا ڪٽجي ويو. مينارام هاسٽل تہ شاديءَ کان پوءِ ڇڏي ويو هو. اڳي ادب, سياست ۽ صحافت ۾ دلچسپي هئس. پوءِ اهي سڀ شوق ۽ شغل ختم ڪري ڇڏيائين. فارسيءَ ۾ چوندا آهن تہ, لوڻ جي کاڻ ۾ جيڪو گهڙيو سو پاڻ بہ لوڻ ٿي ويندو." سرڪيءَ جو بہ اهو ئي حال ٿيو. جيڪڏهن اڳي وانگر پبلڪ لائيف ۾ پنهنجي دلچسپي قائم رکي ها, تہ سنڌ جو وڏو ليڊر ٿئي ها. قدرت کيس قيادت جي سمورين لياقتن سان نوازيو هو. کيس ماڻهن کي پاڻ سان گڏ رکڻ جو وڏو ڏانءُ هو.

❊ ❊ ❊

شهرن ۾ خوبصورت گلن ۽ سرسبز ٻوٽن جون نرسريون (NURSERIES) هونديون آهن. سنڌي ادبي سنگت ڪراچي بہ نئينءَ ٽهيءَ جي اديبن ۽ شاعرن جي نرسري هئي. اڳتي هلي, جڏهن "سنڌ سنگت" ٺهي تہ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جو مؤثر آواز ۽ ترجمان ٿي پئي. روشن خيالي, ان جي اظهار جي

آزاديءَ سماج ۾ اقتصادي انصاف لاءِ جدوجهد ان جا بنيادي اصول هئا. ان ڪري سنڌ جي رجعت پسند دقيانوسي اديبن، عالمن ۽ شاعرن لاءِ ڪک جو ڪانُ هئي.

اسان ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ افسانا ۽ شعر پڙهندا هئاسين، جن جي سامعين کليءَ دل سان چنڊڇاڻ ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪراچي ادبي سنگت سڄي سنڌ ۾ افسانن جي چٽاڀيٽي ڪرائي. غالباً 1954ع جي ڳالهه آهي. حفيظ ۽ مان بہ اُن ۾ شريڪ ٿياسين. انهيءَ چٽا ڀيٽي ۾ جملي پنجاهه ڀيا افسانا نويس بہ شريڪ ٿيا. جن ۾ جمال ابڙو بہ پڻ شريڪ هو. ٽي جج هئا. هڪ بيگم زينت چنا، ٻيو عثمان علي انصاري ۽ ٽيون پير حسام الدين راشدي. هنن منهنجي افساني کي ٻهريون نمبر ڏنو پر سنگت وٽ پئسا ڪونہ هئا. سو مون کي اعلان ڪيل انعام ڪونہ مليو. البت، حوصلہ افزائي وڏي ٿي. اهو بہ ياد اٿم تہ انهيءَ ئي زماني ۾ رشيد ڀٽيءَ ”ٻُڙ“ افسانو لکيو هو جيڪو ”مهراڻ“ ۾ ڇپيو. وڏي معيار جو افسانو آهي. جمال رند لکڻ ۾ سست هو پر ”مانيءَ ڳيو“ نالي شاندار افسانو لکيائين، جنهن کي وڏي مڃتا ملي. جمال رند عمر ۾ مون کان سال بہ ننڍو ۽ رشيد ڀٽيءَ کان سال بہ وڏو هو.

1958ع واري ايوب خان جي مارشل لا کان پوءِ ايس.ايم. ڪاليج جي شاگردن کي هاسٽل خالي ڪرڻ لاءِ چيائون، جو تہ مينارام هاسٽل ڊي جي. سائنس ڪاليج جي شاگردن لاءِ هوندي هئي. رشيد ڀٽي اڳيئي ڪن گهريلو سببن ڪري، ڪراچي ڇڏي، سکر هليو ويو هو. سنڌ مدرسي جي هاسٽل ۾ جمال رند اڪيلو ٿي ويو. 1958ع واري مارشلا کان پوءِ سراج گانڌي گارڊن جي ڀرسان ڪرائي تي فليٽ ورتو. مان، جويو صاحب ۽ جمال رند بہ ساڻس گڏ وڃي رهياسين. سنت سراج جي بدلي ٿي وئي. جويو صاحب هڪ ڇوڪرو پنهنجي ڳوٺان وٺي آيو. سو روزانو گوبيءَ جي ڀاڄي چاڙهيندو هو جا مون کي توڙي جمال کي اصل ڪانہ وڻندي هئي. سو اسان ڪو بهانو بنائي، جويي صاحب کي چوندا هئاسين تہ. ”اوهان ماني کائو. اسان پوءِ ٿا کائون.“ جويو صاحب ماني کائي ليٽندو هو تہ جمال هيٺ وڃي، ايراني ريسٽارنٽ تان ”چڪن اسٽو“ جون بہ پليٽون وٺي، انهن ۾ مکڻ جون بہ ٽڪيون وجهائي، بيري کان کڻائي ايندو هو. ”شو مارڪيٽ“ واري انهيءَ فليٽ ۾ سالن جا سال مون ۽ جمال ائين ”چڪن اسٽو“ جا مزا ورتا. بعد ۾ سالن کان پوءِ حيدرآباد ۾ بہ گڏجي ماني کائڻ ويندا هئاسين، تہ جمال رند

هوٽل ۾ پري کان چوندو هو تہ، ”ڇڪن اسٽوُ ـ بہ پليٽون!“

”مست جتي بہ ويندا آهن، اتي ميخانا ساڻ کڻي ويندا آهن.“ سو جمال پڻ حيدرآباد پهچڻ شرط دونهيون دکايون. غالب جو هيءُ شعر سندس دل جي ڦرهيءَ تي لکيل هو:

ايڪ هنگامي پہ موقوف هي گهر کي رونق

جمال سونَ جهڙو سچو ماڻهو هو. سخن ڏنائين تہ پاڙيندو پوءِ پلي مٿس ڪَرَتَ ڇو نہ وهي وڃن! يارن جو يار ۽ دشمنن لاءِ ڪُک جو ڪانُ هو. سنڌ جو محب وطن تاريخ نويس سندس نالو سنڌ دوست اديبن جي ”پهرينءَ صف“ ۾ لکندو. ليڪن اهو بہ ممڪن آهي تہ بي قدري سنڌ کيس صفا وساري ڇڏي، سنڌ اهڙا ڪيئي ڪِيسَ ڪيا آهن.

جمال، اجايون سجايون ڳالهيون ڪرڻ بدران پڪو پختو ڪم ڪندو هو. ڪمَ ڪهڙو بہ ڏکيو ڇو نہ هجي، پاڻ ان کي سرانجام ڏيڻ لاءِ وڏو وس ڪندو. ڪراچيءَ واري زماني ۾ کيس سيني کان ويجهو دوست خواجہ سليم هو جيڪو پاڻ بہ سنو لکندڙ ۽ ادب جو پارکو آهي. نهايت قربائتو شخص آهي. منهنجو بہ پيارو يار آهي. پر، شيخ حفيظ کي اسان سيني کان وڌيڪ ويجهو هوندو هو. نيت جو نيڪ، هر ڪنهن جو خير گهرندڙ ڳالهائڻ تورڙو، ڪم گهڻو نهايت سچو انسان ـ اها خواجہ سليم جي سڃاڻپ آهي. افسوس آهي جو دوستن سان سچائيءَ ۽ پنهنجين مڙني خوبين ۽ نيڪين جي باوجود زندگي مٿس نامهربان رهي آهي.

جلسن ۾ جمال رند هڪڙي لولي سُرَ سان ڳائيندو هو جنهن جي هڪ سٽ هيئن هوندي هئي:

**اسان ناڙي نہ ڇلسون، ناڙي ڏاڍيان دا ڏيهہ هي!**

حقيقت اها آهي تہ سنڌ ڏاڍن جو ڏيهہ آهي. هتي سٺي ماڻهوءَ کان سٺي ڪُڪڙ ۽ ڪتي جو قدر وڌيڪ آهي!

* * *

جمال رند سنڌي ادبي سنگت ۾ اسان سيني کان ACTIVE هو. سنڌ جي حقن جي حفاظت لاءِ هڪ طرف اسان سان گڏ هلندو هو تہ ٻئي طرف وري سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌ دوست استادن خاص ڪري محمد عمر ميمڻ ۽ محمد حسن ٻُٽي سان ڏاڍو گهرو گهاٽو هو. شاگرد اڳواڻن ۾ يوسف لغاريءَ

۾ يوسف ٽالپر سان سنگت هئس.

يوسف ٽالپر مرڪزي وزير ٿيو. گهڻن گهڻن سالن کان پوءِ، اسان جي "ايوانِ صدر" ۾ ملاقات ٿي. ٿيو هيئن ته اياز کي ادبي خدمتن جي اعتراف ۾ تمغو مليو هو. اياز اسلام آباد آيو ته چارئي پهر مون سان گڏ هوندو هو. رات جو البت، نبي بخش کوسي جي جاءِ تي وڃي سمهندو هو. ماني ته ٽئي ويلا مون وٽ ئي کائيندو هو. مقرر ڏينهن تي چيائين ته، "گڏجي هل ته تمغو وٺي اچون." تمغن واري تقريب "ايوانِ صدر" جي ڪرسٽل هال ۾ وڏي ٺٺ سان ٿيندي آهي. تقريب پوري ٿيڻ کان پوءِ سڀ مهمان ٽريس (TERRACE) تي، صدر ۽ وزيراعظم سان گڏ چاءِ پيئندا آهن. وڏي وقار وارن مردن ۽ خوبصورت خواتين جو وڏو هجوم هوندو آهي.

اياز ۽ مون خوشبوءِ جي هبڪارن ۾ چاءِ پئي پيتي، ته يوسف ٽالپر آيو ۽ سڪ سان اچي ڀاڪر پائي مليو. مٿس وزارت جي واءُ جو نالي ماتر به اثر ڪونه ٿيو هو.

اياز ڏينهن به اسلام آباد ۾ ترڪي، ڪراچيءَ موٽي ويو پر يوسف ٽالپر سان اسلام آباد ۾ منهنجي ميل ملاقات ٿيندي رهي. ڪڏهن سندس گهر ته ڪڏهن سندس وزارت واريءَ آفيس ۾. وڏو عهدو وسڪيءَ کان وڏيڪ نشو ڏيندو آهي. منهنجن ڪن دوستن کي چئن ڏينهن لاءِ ٿورا گهڻا چڱيرڙا عهدا مليا، ته هوش مان نڪري ويا. ڪن وٽ چار پئسا ٿيا، ته منجهانئن ماڻهن ماڻهپو ئي موڪلائي ويو. جڏهن شاگرد اڳواڻ هوندا هئا تڏهن ڪن جون ته مجلسون ۽ محفلون مون سان ئي هونديون هيون. نوجوان شاگرد اڳواڻن کي جنهن ڳالهه سنڌ ڏيئڻ جي ويجهو آندو هو سو هو سنڌ کي "ون يونٽ" مان آزاد ڪرائڻ! ڪم ڏاڍو ڪيو هو. پر، الله سائينءَ اسان سڀني کي سوڀ ڏني. ون يونٽ چٽ ٿي ويو.

ڪنهن زماني ۾ ته ون يونٽ جو هوائي جهاز وانگر آسمان ۾ غوغاءُ هو. سڪندر مرزا ون يونٽ کي "اسٽيم رولر" ڪوٺيو. روڊ تي پٿر وڇائي مٿان سٽيم رولر گهمائيندا آهن، ته پٿر ريزه ريزه ٿي ويندا آهن. سڪندر مرزا جو طلب هو ته جيڪي به ون يونٽ جي مخالفت ڪندا، سي واريءَ جا داڻا ٿي ويندا. پر اسان سنڌ جي محبت ۾ سرشار هئاسين ڀٽائيءَ جو بيت اسان جي لين جو ترجمان هو:

**"جي تون پهڻ پٻ، ته لڳ به منهنجا لوهه جا"**

"ون يونٽ" پنجاب جي ڪن بدنام سياستدانن ناهيو هو جن ۾ غلام محمد منڊو ممتاز دولتانہ ۽ مشتاق گرماڻي ٻين کان وڌيڪ اڳيرو هئا. مودودي لاهور ۾ رهندو هو سو ڪيس بہ "ون يونٽ" مان "اسلامي وحدت" جي خوشبو آئي. ليڪن، "ون يونٽ" تہ سنڌ ۽ بلوچستان جي حقن تي سنئون سڌو ڌاڙو هو. سو حيدر بخش جتوئيءَ "جيئي سنڌ" جو نعرو هنيو! مودوديءَ کي ڳالھ ڪانہ وڻي، سو ڪيس اُتر ڏنائين تہ "جيئي سنڌ" جي معنيٰ آهي "مري پاڪستان."

پر، خدا جي ڪرم سان اڄ بہ سنڌ ۽ پاڪستان ٻئي قائم آهن. البت "ون يونٽ" جو مثال هاڻي انهيءَ ناجائز ٻار وارو آهي، جنهن جو پيءُ سڃاڻڻ لاءِ ڪير بہ تيار ڪونهي.

سنڌي ليڊرن مان سائين جي.ايم. سيد ون يونٽ جي ولادت کان اڳ ئي ڪاٽ ۾ پيو هو تہ متان ڪا حرڪت ڪري ۽ ون يونٽ جو ڪچو ٻار ڪيرائي وجهي! سيد تہ ٿيو سوگهو پر پيو بہ هڪ سنڌي ليڊر ساماڻو... ذوالفقار علي ڀٽو جنهن بہ "ون يونٽ" جي خلاف پنهنجن هم عمر ساٿين سان گڏجي دليريءَ سان فرنٽ ناهيو ۽ ڀهريون ڀهريون انگريزي ڪتابڙو ڇپايو:

"PEOPLE AND PRESS OF SINDH,

OPPOSE ONE UNIT TO ONE MAN."

پر، اڳتي هلي ڀٽو صاحب مرڪز ۾ وزير ٿيو تہ "ون يونٽ" جي خلاف ڳالهائڻ ڇڏي ڏنائين. دلي طرح تہ هو ون يونٽ جي سخت خلاف هو پر مرڪزي وزير هوءِ حڪومت ون يونٽ جي حق ۾ هئي.

جڏهن "ون يونٽ" جي خلاف نفرت پڙڪي پڙڪي پيڙ تي پئي تہ مودوديءَ بہ ون يونٽ جي خلاف وات مان ٻڙڪ ڪڍي اهو ڏسي، ڀٽي صاحب کي بہ ون يونٽ جي مخالفت ڪندي دير ئي ڪانہ لڳي. هي سڀ تاريخي حقيقتون آهن، جن جي تصديق ڪري سگهجي ٿي.

* * *

"ون يونٽ" ختم ٿيڻ کان ڪي سال اڳ، هڪ ڏينهن جمال رند مون وٽ آيو تہ يونيورسٽيءَ جا استاد، عمر ميمڻ وارا چون ٿا تہ، "سائين جي.ايم سيد سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تون اسان سان گڏجي سن هل." ڪين خبر هئي تہ منهنجي سائينءَ سان گهڻي نيازمندي آهي. سومهاڻيءَ جي مهل هئي. جڏ



جمال رند

ڏهه ٻارنهن ڄڻا حيدرآباد مان ويگن ۾ چڙهياسين ۽ وچي ڪلاڪ ٻن ۾ سن پهتاسين. سائينءَ کي اطلاع ٿيو. مانيءَ جو بندوبست ڪري، بنگلي تي آيو. دير تائين ڳالهيون ٻوليون ٿيون. فيصلو ٿيو سڀ گڏجي جدوجهد ڪن، ڇو ته سڄيءَ سنڌ جو ڇوٽڪارو "ون يونٽ جي خاتمي" ۾ آهي. اڌ رات تائين ڳالهيون ڪري، مانيءَ گرهه وجهي، اسان وڏي اسر مهل، سائينءَ کان موڪلايو ۽ حيدرآباد روانا ٿياسين. مان ويگن جي دريءَ جي ڀرواريءَ سيٽ تي ويٺس. ويگن ڀراٽي هئي، سا سن کان لوڏا لما کائيندي رڙهندي رهي. هاٽوڪو شاندار روڊ تڏهن اجا ڪونه ٺهيو هو. رات جو پويون پهر ٿي ويو. ٿڌڙي هير پئي لڳي ڪنهن مهل اوچتو منهنجي نگاهه اوڀر طرف رات جي اونداهيءَ ۾ چنڊ تي پئي جيڪو آسمان ۾ چڪيل ڪمان وانگر چمڪي رهيو هو. دل کي ڇهندڙ اهو منظر ڄڻ ته قدرتي نويد هئي ته "اوهان جون دعائون قبول! ون يونٽ ڇٽ ٿي ويندو."

تاريخي طرح ون يونٽ يحيٰ خان جي ايامڪاريءَ ۾ ختم ٿيو. هڪ ٻيو ٻه سنو ڪم ٿيو جو پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آزاد چونڊون ٿيون. اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ کٽيو ۽ اولهه پاڪستان ۾ پيپلس پارٽيءَ.

ليڪن، اڪثريت ۾ بنگالي چونڊجي آيا. سندن ليڊر شيخ مجيب هو. پر، يحيٰ خان جي بدنام ٽولي کي کين اقتدار ڏيڻو ڪونه هو. سو شيخ مجيب کي پاور ڏيڻ بدران قيد ڪيائون.

پاڪستان ايڪيڊمي آف ليٽرس ۾ ايڊمرل شفيق الرحمان منهنجو چيئرمين هوندو هو. چوندو هو ته "يحيٰ خان ڏاڍو سنو جنرل هوندو هو پر پاور مليس، ته خراب ٿي پيو."

مون اڳ ۾ ئي عرض ڪيو آهي ته پاور جو نشو وسڪيءَ کان وڌيڪ هوندو آهي. هونئن ته ڪوبه ماڻهو بشري ڪمزورين کان آجو ڪونهي. يحيٰ خان به پاور ملڻ کان اڳ سنو شخص هوندو. ليڪن، اوڀر پاڪستان ۾ بنگالين کي هيسائڻ لاءِ مٿن فوجي ائڪشن ڪرايائين ۽ جماعت اسلاميءَ کي پاور جي آڃ ڪيائين. جنهن "هائو" ڪئي، جماعت اسلامي چونڊن ۾ ٻئي نمبر تي ووٽ کنيا هُئا، پر بنگالي ڇتا ٿيا وينا هئا. سو جماعت کي پاور به ڪونه مليو ۽ بدنامي به ڏاڍي ٿي.

پٽو صاحب ان وقت اوپر پاڪستان ويو هو. اتان جڏهن اولهه پاڪستان ۾ پهتو تہ بيان ڏنائين تہ ”ملڪ بچي ويو“. ملڪ بچي ڪونہ ويو. بہ ٽڪر ٿي ويو اهو دردناڪ داستان ڊگهو آهي. هت تفصيل ۾ وڃڻ نامناسب آهي.

يحيٰ خان جون ذاتي ڪمزوريون بہ هيون. هڪ اعليٰ درجي جي وسڪي ۽ ٻي خوبصورت ليڪن بَدن ۾ ڀريل عورت. وسڪيءَ جي ڪهڙي برانڊ کيس پسند هئي سو تہ معلوم ڪونهي. پر، عورتن جي باري ۾ هر ڪنهن کي معلوم آهي تہ اداڪاره راڻيءَ ۽ ملڪ ترنم نورجهان تي مست هو. سو ڪنهن محفل ۾ پري کان اهڙي ڪا عورت نظر ايندي هئي، تہ جمال رند واڪو ڪندو هو تہ. ”وارو ڪريو جنرل يحييٰ خان کي اطلاع ڪيو!“

❊ ❊ ❊

جمال رند ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ پمفليٽن جي پنارڪ ساڻ کڻندو هو. ڪو سنگتي ساٿي ساڻ ڪري ريل ۾ چڙهندو هو. رستي تي جنهن جنهن شهر ۾ دوست هوندا هئس، اتي پمفليٽون ورهائيندو هو لاڙڪاڻي ۽ سکر کان ڦرندو حيدرآباد اچي بوڇڻ ڇنڊيندو هو.

مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي حيدرآباد جي ڪابہ پريس اهڙي قسم جون پمفليٽون ڇپڻ لاءِ تيار ڪانہ هئي. مرحوم عمر ميمڻ ڪو ڪيمياگر ڳولهي لڌو جنهن نسخو ڏنس، تہ هڪ چوڪنڊياري ٿين جي ٿن چئن انچن واري ايڪپري پليٽ کڻو. ان کي رجيل ميڻ سان ڀريو. جڏهن ميڻ ٺري وڃي، تہ ڪاغذ تي مواد لکو ان تي چنبڙايو ۽ جلدي لاهي وٺو. ڪاغذ تي اکر ٺهي پوندا. پوءِ ان تي پنا رکي ڪيندا وڃو. الاهي ڪاپيون ٺهي وينديون. اسان اٿين ڪيو. ڪجهہ ڪاميابي ٿي. محمد حسن پٽي، جمال رند ۽ مون اِهي پنا رات جي اونداهيءَ ۾ گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ ڀتين تي هنيا. پري کان ڪو پوليس وارو ايندو ڏسندا هئاسين، تہ ڪجهہ دير لاءِ پاسيرا ٿي ويندا هئاسين.

مان فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر هئس تہ پرائيم منسٽر صاحبہ پوليس ۾ سڌارن لاءِ ڪاميٽي ٺاهي. چئن ئي صوبن جا انسپيڪٽر جنرل پوليس، ايف. آءِ. اي جو ڊائريڪٽر، وزارت داخلا جو سيڪريٽري ۽ ايسٽبلشمينٽ سيڪريٽري ان جا ميمبر هئا. پبلڪ سروس ڪميشن مان مون کي ميمبر ڪيائون. ميٽنگ ۾ ويٺو هئس، تہ گاڏي ڪاتي ۾ ڀتين تي پنا چنبرائڻ ۽ پوليس وارو ڏسي، ڪانئس لِڪڻ وارا ڏينهن ياد آيا!

❊ ❊ ❊

ڪو ڪو تيندو آهي.

هڪ رات اياز تمام سيريس هو ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ وات مان رت پئي آيس. مون اها سڄي رات ننڊ ڪانہ ڪئي. مٿانئس وينو رهيس. گهڙيءَ گهڙيءَ ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي وٺي تي آيس. اياز پنهنجي ڪتاب ۾ پاڻ ئي ذڪر حرف بحرف ڪيو اٿس. جمال بہ انهيءَ ئي محبت ۽ سڪ سان اسپتال ۾ سندس خدمت چاڪري ڪئي. سنڌ ۾ هن وقت جيڪي جغادري اديب سڏجن ٿا، تن مان ڪير بہ ڪيس ويجهو ڪونہ آيو. بهرحال اياز چاق ٿيو تہ اسپتال ڇڏي گهر ويو.

اياز يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر ٿيو تہ پٽي صاحب کي چئي مون کي پرو- وائيس چانسيلر ڪرايائين. چيائينس تہ "مون کي SECOND IN COMMAND منهنجو دوست ڏيو." اهڙيءَ ريت جمال رند کي بہ سٺو عهدو ڏنائين. مطلب هئس، تہ "ٽيم ورڪ تي ڪم ڪجي." جوئي صاحب کي وڏو عهدو ڏنائين پر هن پاڻ ڇڏي ڏنو. نثار ميمڻ، سراج ۽ جمال ابڙي کي سنڊيڪيٽ جو ميمبر ڪرايائين. ڪن استادن کي اياز جي مقرري پسند ڪانہ هئي، سو سندس خلاف چرپر ڪيائون. اياز ويو سو پٽي صاحب کي وڃي ڳالهہ ڪيائين. پٽي صاحب وزير اعليٰ سنڌ جتوئيءَ کي چيو تہ "ڪين نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏ." هن ائين ئي ڪيو. انهن ۾ هڪ ڄڻو جمال رند جو گهاٽو دوست هو. اڳتي هلي، اياز جمال تي الزام هنيو تہ هو درپرده انهيءَ شخص جي معرفت سندس خلاف سازش ۾ شامل هو. سو ڪيس سڏي چيائين تہ "تو مون کي پٺيءَ ۾ ڇرو هنيو آهي. اشرافت سان استعيفا ڏئي هليو وڃ." حقيقت اها هئي، تہ جمال سراسر معصوم هو ۽ اياز جو ورهين جو يار هو. سُورُ پي ويو. ڪڇيائين ڪجهہ ڪونہ اياز کي استعيفا ڏيئي گهر هليو ويو.

جڏهن ڳالهہ ٽري ۽ مهينو بہ گذري ويا، تہ مون اياز کي سندس غلطيءَ جو احساس ڏياريو. اول تہ ڪيس جمال جي معصوم هجڻ تي اعتبار ئي ڪونہ اچي، پر آخرڪار غلطي قبول ڪيائين. جمال جو ڪو عزيز فوت ٿي ويو هو. مان فاتحہ ڏيڻ جي بهاني سان اياز کي وٺي جمال جي جاءِ تي ويس. پر، غلام فريد جي ٻوليءَ ۾:

**رٺي يار ڏاڍي اوکي منيندي،**

لياقت جتوئي سيني جو مٿو ڪُوڙي ويو.

اياز جي دوستن ۾ سڀ سچا ڪونہ هئا. ڪي آسودا بہ هئا. پر، جيتريقدر مون کي معلوم آهي تہ اياز جي مقبري ٺهرائڻ لاءِ فقط نثار ميمڻ، جويي صاحب کي ڏهاڪو هزار رپيا امداد ڏني. اها ڳالهہ مون سان نثار پاڻ ڪئي هئي. ٻيو ٽيو پلو.

فائونڊيشن پڳڙن جي مُٺ تي ڪونہ هلندا آهن. انهي کي هلائڻ لاءِ پئسا کپن اهي اسان وٽ ڪونہ هئا. تنهن هوندي بہ فائونڊيشن اياز جا ٻہ چار ڪتاب ڪڍيا ۽ جلسا ڪيا. مون هٿ پير هڻي، جنرل معين الدين حيدر گورنر سنڌ سان ملاقات ڪئي ۽ڪائنس پنجاهہ هزار رپيا وٺي فائونڊيشن کي ڏنم. جنهن مان اياز جي "آتم ڪهاڻي" جو آخرين جلد ڇپجي ويو.

فائونڊيشن ٺهيو هو تہ جويي صاحب اياز جا چوند دوست چونڊي ويهارو کن ڄڻا ميمبر ڪيا هئا. پر، آهستي آهستي سڀ پوئتي ٿيندا ويا. نيٺ، رڳو ٽي چار ڄڻا وڃي بچياسون. اهو ڏسي مون جويي صاحب کي مشورو ڏنو تہ ٽي چار نوجوان کڻون، تہ ڪجهہ ڪم اڳتي هلي، پر هن ائين ڪونہ ڪيو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ مس مس هڪ اهڙي ڄڻي جو نالو کنيائين، جنهن نڪي تہ اياز ڏٺو هو ۽ نہ وري ڪيس سڃاڻندو هو. بلڪہ، فائونڊيشن ۾ سندس ڪا دلچسپي ئي ڪانہ هئي. نتيجو اهو نڪتو تہ فائونڊيشن ۾ اهي ئي ٽي چار ڄڻا رهياسين.

اڳتي هلي فائونڊيشن جو هڪ بہ جلسو ٿيو جنهن جو مورڳو مون کي بہ اطلاع ڪونہ مليو توڙي جو فائونڊيشن جو سيڪريٽري جنرل مان ئي هئس. ائين جمال رندؔ وانگر منهنجو روح بہ فائونڊيشن مان ڪٿو ٿي ويو. نيٺ، فائونڊيشن جا ٽپڙ پورا ٿي ويا.

سالن کان پوءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ شيخ اياز ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ اياز جو فقط نالو استعمال ٿيو.

فائونڊيشن جي خاتمي کان اڳ، جمال رند جي هڪ ڳالهہ ياد ٿي اچي تہ سال کن لاڳيتو دانهون ڪيائين تہ لوهہ هينئر تتل آهي، پبلڪ کي اياز فائونڊيشن جي مدد لاءِ اپيل ڪجي، تہ ڪم هلائڻ لاءِ چار پئسا ملندا ۽ انهن مان ڪونہ ڪو چڱو ڪم ٿي ويندو. پر، الائي ڇو جويو صاحب ان ڳالهہ جي

سخت خلاف هو. سو ڳالهہ ٺڏي ٿي وئي. بلڪ مري ٺري وئي. ان کي ڪيئي سال گذري ويا. هڪ دفعي جويي صاحب جمال ۾ مون کي چيو تہ، ”هاڻي پبلڪ کي چندي لاءِ اپيل ڪريو.“

اسان تہ واٽڙا ٿي وياسين ”مري پڙ سال ۾ پنجي هن سال“ واري ڳالهہ ٿي! پر جوئي صاحب جمال کي چيو تہ دير نہ ڪريو. اپيل جاري ڪريو سندس زور ڪري لاچار ڪئيسون. پائي بہ ڪانہ ملي.

اهو بہ شڪر جو اياز جي عزت آبروءَ واري تربت ٺهي ويئي، جنهن ۾ وڏو ڪنٽريبيوشن حميد سنڌيءَ جو آهي. سندس ننڍي ياءِ شمس وڏيءَ سڪ سان قبر تي ڪاشيءَ جي جڙاوت ڪرائي، پر، سنڌ جي ڪنهن بہ سماجي تنظيم، سياسي جماعت يا ادبي اداري يا سنڌ جي ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ، ڪا بہ دلچسپي ڪانہ ورتي. مدد علي سنڌي چيف منسٽر هائوس ۾ ملازم هو. ڪا پنهنجي ڪوشش ڪيائين، پر اسان سان صلاح سباب ئي ڪانہ ڪيائين.

اياز هن دؤر ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو پر مئي پڄاڻان اهو ٿيو! سندس تازو جم جو ڏينهن هو سو هڪڙيءَ اخبار ٽوڪ ڪري لکيو تہ نڪي تہ ڪلچر کاتي سندس قبر تي ڪو گل رکيو ۽ نہ وري سندس اولاد مان ڪو تربت تي حاضري ڏيڻ ويو.

ماڻهن جا اهي پرڪار ڏسي، جمال رند جي پوين ڏينهن ۾ سياست، صحافت ۽ ادب ۾ نالي ماتر دلچسپي وڃي بچي. مذهبي ماڻهو هو. پر، ان جي نمائش ڪونہ ڪندو هو. سندس مامو مرحوم غلام عباس اهل تشيعت هو جنهن جو مٿس وڏو اثر هو. هن ئي پاليو پڙهايو هئس. جمال صبح جي نماز پابنديءَ سان پڙهندو هو. مون تي ٽوڪ ڪندو هو تہ، ”تون سست آهين. رڳو سانجهيءَ جي نماز پڙهين ٿو.“ جڏهن خبر پيس تہ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن فجر ۽ جمعي جي نماز بہ پڙهان ٿو تہ ڏاڍو خوش ٿيو.

مان سانگهڙ ضلعي ۾ ہہ دفعا سندس ڳوٺ ويس نالو رکيو هئائينس: ”سهڻي ڌرتي“ سندس ڳوٺ جي ٻاهران سندس اوطاق هئي. اتي ڪچهري ڪئيسون. اوطاق جي ٻاهران وڏو جهنڊو لڳل هو. ٻئي دفعي يا ٽئين دفعي سندس ڀاڻيجي الطاف رند جي دعوت تي وياسين. ايڪڙن ۾ شاميانو هڻايو هئائون. غالباً شاديءَ جي ڪا تقريب هئي. موٽرون ۽ پجيرا گاڏيون بيٺيون

هيون. جمال جو ڀاڻيجو وڏو آسودو ماڻهو هو پر جڏهن ننڍو هو تہ جمال رند پبلڪ اسڪول ۾ استاد هو. وٽس رهندو هو. سو مون سان جمال جي پٽ قائم وانگر گهرو گهاٽو هو.

جمال زندگيءَ جي پوئين پهر ۾، پنهنجي ڏنڌي، روزگار تي توجهہ ڏنو. حيدرآباد ۾ پنهنجي جاءِ جوڙايائين. ٻني ٻاري ڏي نگاهہ ڪيائين. پبلڪ اسڪول تہ ڪڏهوڪو ڇڏي ڏنو هئائين. اول ونڊبسر هوٽل وٽ ۽ پوءِ قاسم آباد ۾، پنهنجو خانگي اسڪول کوليائين. اهو جهڙو تهڙو هلي رهيو هو تہ بيماريون وٺي ويس. شگر جو گهڻي زماني کان مريض هو پوءِ دل جو عارضو بہ ٿيس. علاج ڪندو رهيو. پوين ڏينهن ۾ اڪثر ناچاق هوندو هو. اسان ٻنهي جي ميل ملاقات ۾ ڪڏهن بہ ناغو ڪونہ آيو. سو سدائين ٻڌائيندو هو تہ "رات بہ بخار آيو هو. اڄ بہ طبيعت خراب آهي."

مون ڏاڍيون منٿون ڪيس تہ اهي ڳالهيون سڀ ڳٽيءَ جون ڳالهيون آهن. تون هڪ ڀيرو ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کي ڪراچيءَ ۾ پاڻ ڏيکار. مون کي جواب ڪونہ ڏنائين. پوين ڏينهن ۾ فقط مان، جمال ۽ حسن پٺو وچي پاڻ ۾ گڏ رهياسين.

قدرت تہ پنهنجو حساب ڪتاب پورو رکي ٿي. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "زندگيءَ جي گهڙيال کي چابي رڳو هڪ دفعو ايندي آهي. انهيءَ جا ڪانٽا هلي هلي، آخر ڪٿي تہ بيهندا." نيٺ اهو ڏينهن آيو. مان ڪراچيءَ ۾ هئس ۽ ڪنهن صاحب سان ذاتي مجبوريءَ ڪري ملڻ تي ويس. اڃا گاڏي سندس گهر جي دروازي وٽ مس پهتي، تہ حيدرآباد مان منهنجي گهران فون آئي تہ "جمال رند اڄ هيءُ جهان ڇڏي ويو!" غم ۾ ٻڏي ويس. اکين جا ڳوڙها لڪائي، صاحب موصوف سان مختصر ڳالهہ ڪري، موٽي پنهنجي ريسٽ هائوس ۾ آيس ۽ سڄو ڏينهن ڏک ۾ گذاريم. ڪمري مان ڪاڏي ڪونہ نڪتس. جمال جي فاتحہ پنهنجي پاڻ کي ڏنم.

★

# استاد اظهار حسین

نوشهري فيروز جو مدرسو هاءِ اسڪول، ڊيري جي سخي مرد، سيدالله آندي شاهہ ٺهرايو هو. انهيءَ کان اڳي سنڌ ۾ مسلمان شاگردن لاءِ فقط حسن علي آفنديءَ جو ڪراچيءَ ۾ ٺهرايل ”سنڌ مدرسو“ هوندو هو. هونئن تہ سنڌ ۾ هاءِ اسڪول گهڻا هئا. پر، هندن جي تسلط هيٺ هئا، جن ۾ مسلمان شاگردن کي داخلا ملڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ هئي.

نوشهري مدرسي کي ٺهئي هاڻي سو سال ٿي ويا آهن. سو سائين الله آندي شاهہ جي پوٽي، سيد ظفر علي شاهہ ڪجهہ عرصو اڳ، انهيءَ جو ”سو سالہ جشن“ ملهايو. جنهن جي صدارت ملڪ جي تڏهوڪي صدر فاروق لغاريءَ ڪئي. ڊاڪٽر دائودپوٽي سميت مدرسي جي پيدا ڪيل ڏهاڪو کن ذهين شاگردن کي شيلڊون ڏنائون: جنهن ۾ منهنجو نالو بہ شامل ڪيائون ۽ ”شليڊ“ مون کي اسلام آباد ڏياري موڪليائون. مان انهن ڏينهن ۾ اتي پاڪستان ايڪيڊمي آف ليٽرس ۾ چيئرمين هئس.

جڏهن نوشهري مدرسي ۾ پڙهندو هئس تڏهن اظهار حسين ڪاظمي منهنجو استاد هو. هندستان جي يو.پي. پرڳڻي ۾ ڪنهن ڳوٺ جو وينل هو. اتي ٿي بي.اي ۽ ايم.اي ڪيائين. 1947ع ۾، پاڪستان ٺهيو تہ ٻين مهاجرن وانگر هجرت ڪري آيو ۽ نوشهري فيروز ۾ ماستر مقرر ٿيو. قد جو ڊگهڙو. بت ۾ پورو پنو. رنگ جو ڪجهہ سانورو. پر، منهن مهانڊي وارو ۽ ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ چست چالاڪ. چهري تي اڪثر مرڪ هوندي هئس. محبتي ماڻهو هو. غريبن سان همدردي هئس لٽي ڪپڙي ۾ سادو پر، پڙهائڻ ۾ هوشيار هو. قلم ۽ ڪتاب سان دل هئس.

❊ ❊ ❊

1947ع ۾ هندو استادن جي هندستان لڏي وڃڻ ڪري ساهتي پرڳڻي جا اڪثر انگريزي هاءِ اسڪول، مثال طور هالاڻيءَ، ڪنڊياري ۽ ڀرين وارو بند ٿي ويا. سو انهن اسڪولن مان گهڻا ئي شاگرد اچي نوشهري مدرسي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيا. مان به انهن ۾ هڪڙو هئس. نوشهري مدرسي ۾ وڏي سهوليت اها هئي، ته اسڪول سان گڏ رهائش لاءِ سني هاسٽل به هئي. ڀرين تاريخ جي چنڊ جي شڪل ۾ ٺهيل هئي.

جڏهن مون نوشهري مدرسي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي تڏهن هيڊ ماستر ڪير ٿي. ننڊا هو جو سک هو. پر، اهو به سٽت هندستان هليو ويو. فقط سنڌي مسلمان ماستر رهيا ۽ هندستان مان ٿي مهاجر استاد اسڪول ۾ آيا: استاد اظهار ڪاظمي آخر ۾ آيو.

❊ ❊ ❊

اظهار حسين ڪاظمي به ٻين مهاجرن وانگر اڪثر ڪري، ڪڙتو پاجامو ۽ ڏان ڪاري شيرواني پائي اسڪول ۾ ايندو هو. سندس مادري زبان اردو هئي. پر، انگريزي تمام سني ڄاڻندو هو. اسان کي اردو انگريزيءَ کان وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهه ۾ ايندي هئي، سو اردوءَ ۾ پڙهائيندو هو سنڌ ۾ اردو اڃا عام ڪانه ٿي هئي ۽ نڪي وري ڪڙتي پاجامي ۽ شيروانيءَ جو لباس رائج ٿيو هو. اڃا به ڪونه ٿيو آهي. پر، شاگرد سندس لباس نظرانداز ڪري، استاد اظهار حسين ڪاظميءَ جي شخصي اخلاق قرب ۽ اخلاص ڪري، شاگرد رفته رفته ساڻس مانوس ٿيندا ويا. ڪين ذهني طرح هوشيار ڪرڻ لاءِ، نصابي ڪمن کان علاوه، ڊبيٽنگ ـ سوسائٽي ٺاهي، جنهن جي بحث مباحثن ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. سو اسڪول ۾ سندس مقبوليت روز بروز وڌندي وئي. هو اسان کي ڪلاسن ۾ ته ڪڏهن به ڪنهن غير نصابي موضوع تي ڪوبه نه ڏيو وڌو سبق ڪونه ڏيندو هو. پر، ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ ۾ بحث مباحثي جا موضوع مختلف هوندا هئا. سو عام شاگرد نصابي ڪتابن کان علاوه علمي معاملن ۽ زندگيءَ جي ٻين ڳالهين ڏانهن به متوجهه ٿيا. اهو سڀ استاد اظهار ڪاظميءَ جي محنت جو نتيجو هو.

نوشهري مدرسي جي هاسٽل ۾ رهندڙ شاگردن لاءِ مفت ڪاڏي جو انتظام هوندو هو ۽ نماز لاءِ مسجد هوندي هئي، جنهن ۾ حاضريءَ جو رجسٽر رکيل

هوندو هو. جيڪو شاگرد نماز ڪونہ پڙهندو هئا، سي، معتوب ٿيندا هئا. هاءِ اسڪول جي مٿين ڪلاسن ۾ تہ عربي ۽ فارسي بہ پڙهائي ويندي هئي. عربيءَ جو استاد مولانا جان محمد پيٽو هوندو هو جو بہ استاد اظهار ڪاظميءَ وانگر شاگردن ۾ ڏاڍو مقبول هوندو هو. سخن جو سچو ۽ دلير شخص هو. اڳتي هلي پڌرو ٿيو تہ مولانا جان محمد پيٽو جماعت اسلاميءَ جو ڪارڪن هو. هڪ ڏينهن اوچتو ماٺ ميٺ ۾ سرڪاري ملازمت ڇڏي هليو ويو. جماعت اسلاميءَ جي قائم ڪيل منصوري واريءَ درسگاهہ ۾ وڃي منتظم ٿيو.

استاد اظهار حسين ڪاظميءَ لاءِ وري عام رايو اهو پڌرو ٿيو ايندو هو تہ مذهبي معاملن ۾ ماڳهن آزاد آهي. شهر جي وڌيري ڊاڪٽر سان دوستي اٿس، جيڪو بہ پنهنجن آزاد ۽ سوشلسٽ خيالن ڪري، نوشهري فيروز جهڙي ننڍڙي شهر ۾ مشهور هوندو هو. روزانو شام جو ٻئي ڄڻا ميل بہ ميل شهر کان ٻاهر پنڌ ڪرڻ ويندا هئا.

استاد مولانا جان محمد پيٽو ۽ اظهار حسين ڪاظمي، ٻئي ڄڻا، مون کي ذهين شاگرد هئڻ ڪري ڀانئيندا هئا. مولانا پيٽو جماعت اسلاميءَ جا ننڍا ننڍا سنڌي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. گهڻا گهڻا سال پوءِ 1976ع ۾ مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرووائس چانسيلر ٿيس، تہ جماعت اسلاميءَ سان وابستہ ڪن شاگردن ڪو مسئلو اٿاريو. مون مولانا جان محمد پيٽي کي منصوري ۾ ماٺهو موڪليو پاڻ ڄامشوري آيو ۽ شاگردن کي اهڙي هدايت ڪري ويو جو هنن وري ڪڏهن بہ ڪو مسئلو ڪونہ اٿاريو. مولانا پيٽو صاحب منهنجن مائٽن ۽ دوستن جي دعوت تي ٻہ چار دفعا منهنجي ڳوٺ بہ آيو هو. وڏو لائق انسان هو.

اظهار ڪاظمي صاحب، مولانا پيٽي وانگر مون کي ڪتاب تہ ڪونہ ڏيندو هو. پر، چوندو هو تہ "ترقي پسند اديبن" ۽ شاعرن جا ڪتاب پڙهڻ کپن، مثلاً فيض جو اردو ڪتاب "نقش فريادي" ۽ ملڪ راج آنند جو انگريزي ڪتاب "ڪولهي" تمام سٺا آهن. اهڙيءَ ريت، اظهار صاحب منهنجي دل ۾ ترقي پسند ادب ڏانهن رغبت پيدا ڪئي ۽ پروڙ پيم تہ **"ترقي پسند ادب جو پيغام، سماجي ۽ اقتصادي انصاف لاءِ جدوجهد آهي."**

❊ ❊ ❊

مان اڃا نوشهري ۾ مئٽرڪ جي ڪلاس ۾ پڙهي رهيو هئس تہ هڪ دفعي استاد اظهار صاحب کي سرڪاري طرح لاهور مان ڪراچيءَ اچڻ جو موقعو مليو. واپسيءَ تي سڏو لاهور موٽڻ بدران پڊعيدن اسٽيشن تي لٿو جتان نوشهري ۾ آيو ۽ پنهنجي دوست وٽ ڊاڪٽر وٽ رهيو. مون لاءِ تحفي طور، چارلس ڊڪنس جو ٻارن لاءِ هڪ ڪتاب وٺي آيو. ساڻس ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

اظهار صاحب ڪجهہ عرصي کان پوءِ لاهور مان راولپنڊيءَ بدلي ٿي ويو. اتي ريڊيو جي ڊرامن ۾ حصو وٺڻ لڳو جن ۾ عورتون ۽ مرد ٻئي شريڪ ٿيندا هئا. اتي هڪ ڇوڪريءَ سان سندس دعا سلام ٿي، جنهن سان آخرڪار شادي ڪيائين. سندس پنهنجا والدين لاهور ۾ هوندا هئا، جيڪي ٻڍا ٿي ويا هئا. هڪڙي ڀيڻ هئس، جنهن جي شادي ڪرائي ڇڏي هئائين. اهي سڀ ڳالهيون پاڻ ئي مون کي خطن ۾ لکيون هئائين.

❊ ❊ ❊

مان نوشهري فيروز مان مئٽرڪ پاس ڪري، اول حيدرآباد ۽ پوءِ ڪراچيءَ ويس. سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي اديبن سان لڳ لاڳاپو ٿيم. تڏهن ادبي سنگت فقط ڪراچيءَ ۾ ئي هئي. شروع شروع ۾ افسانا لکيم، جن جو مرڪزي موضوع ”اقتصادي انصاف“ هو. حميد سنڌيءَ انهن افسانن جو مجموعو ”آب حيات“ شايع ڪيو جنهن جو انتساب اظهار صاحب کي ئي ڪيم. خوش ٿيو. نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيائين.

پر، حيدرآباد جي ڪاليج ۾ پڙهندي، آهستي آهستي احساس ٿيم، تہ اسان جي ورهين کان هلندڙ خط و ڪتابت آهستي آهستي ڇٽي ڇاتي ٿيندي ٿي وئي. جڏهن مون وٽان پنج ست خط ويندا هئا، تڏهن استاد صاحب وٽان جواب ۾ هڪڙو خط ايندو هو. هڪڙي خط ۾ لکيائين، تہ ”هاڻي تون پاڻ عاقل ۽ بالغ آهين. توکي ڪنهن بہ درس تدريس جي ضرورت ڪانهي.“

تاهم، مان اڳي وانگر ڪيس پابنديءَ سان خط لکندو هئس، جن ۾ اڳي وانگر ڪيس هر ڳالهہ لکندو هئس. ساڻس جيڪا عقيدت هئم، ان ۾ رتيءَ برابر بہ فرق نہ آيو.

هڪ دفعي، قسمت سانگي مون کي ڪنهن سرڪاري ڪم سان لاهور

وڃڻ ٿيو. موٽ تي رڳو اظهار صاحب سان ملڻ لاءِ لاهور لٿس. ڇاڪاڻ ته
سال کن ٿيو هو جو پاڻ بہ پنڊيءَ مان وري لاهور بدلي ٿي ويو هو. لاهور ۾ مال
روڊ تي ”انڊس هوٽل“ ۾ ٽڪيس. اتي آيو. هوٽل ۾ ڪچهري ڪئيسون
چيائين تہ. ”صبح جو توکي ايئرپورٽ تي ڇڏي ويندس. پر هينئر ماني کائڻ
لاءِ گهر هلون ٿا.“ ”انڊس هوٽل“ جي ماني عمدي هئي. پر. سندس خواهش
موجب. ڪار ۾ ويناسون. مون رستي تي کيس ٻڌايو تہ. ”ڪن مهينن کان
گڙدي جي تڪليف ۾ مبتلا آهيان. جنهن جو سور ايڏو تہ سخت ٿئي ٿو جو
اصل ڪهڪائجي ويو آهيان. سو ڪاڏي پيتي ۾ سخت پرهيز ڪريان ٿو.“
اظهار صاحب جو گهر چڱو پريرو هو. هو منهنجي ڳالهہ تہ ٻڌندو رهيو
پر. هلندي هلندي. هڪ هنڌ ڪار بيهاري. رستي جي فٽ پاٿ تان هڪڙي
ڪبابيءَ کان درجن کن ڪباب ورتائين. ڏيڳي جي گوشت جا هوندا. سندس
گهر پهتاسون. منجهند جو رکيل ساڳ ۽ سبزي ماني کٽي آيو. مان مسڪين
ماٺو آهيان. جائي جواري جيڪا آئي. سا بسم الله. فٽ پاٿ تان جيڪي
ڪباب ورتا هئائين. تن کي تہ مون رڳو سندس دل رکڻ لاءِ نالي ماتر هٿ
لاتو. پوءِ بہ اڌ رات جو اچي ٿو هوٽل ۾ گڙدي جو سور پوي! نہ اوهي. نہ واهي. نہ
دوا نہ درمل. بس. الله ڏئي ۽ بندو سهي. سڄي رات ڦٿڪندو رهيس. اظهار
صاحب صبح جو آيو. ساڻس ڳالهہ ڪيم. فقط خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو
پيو تہ نهيو همدرديءَ جو اکر بہ ڪونہ چيائين. البت ايئرپورٽ تي سو ڇڏي
ويو.

❊ ❊ ❊

1976ع ۾ مان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پرو - وائيس چانسيلر مقرر ٿيس. تہ
ايران سرڪار مون کي پير سائين حسام الدين راشديءَ جي مشوري موجب
پنهنجي ملڪ جي ثقافتي دوري جي دعوت ڏني. جنهن ۾ تهران. اصفهان
شيراز ۽ مشهد گهمڻ جو پروگرام شامل هو. انهيءَ سفر ۾ پيو همسفر منهنجو
دلنواز دوست ۽ محسن نواب نور احمد خان لغاري هو. پاڻ اڪثر ڪري
سعودي عرب ايندو ويندو هو. پر. منهنجو اهو پهريون پهريون غير ملڪي
دورو هو. نواب صاحب مشورو ڏنو تہ اسلام آباد وڃي. ايراني سفارتخاني مان
ويزا پاسپورٽ ٽڪيٽ وغيره جو سڄو ڪم ڪار لاهي اچو تہ ”الاتوهار“

اظهار صاحب سان ميل ملاقات کي هاڻي ويهن ورهين کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي. پر، ڪيس وساري ڪونہ سگهيو آهيان. مون کي سندس ڪوبہ احوال معلوم ڪونهي. پر، سندس آواز ٻڌڻ جي ڏاڍي سڪ اٿم. شايد پاڻ ڪن مسئلن ۾ مبتلا آهي. پر، مسئلا ڪنهن کي ڪونهن؟ هر ڪو سورن ۾ ورتل آهي. هڪبئي سان حال ڀائي ٿيڻ سان ئي هيانءُ هلڪو ٿيندو آهي.

**جيڪڏهن اصول اهو ئي آهي تہ هر شخص کي پنهنجو صليب پاڻ پنهنجن ڪلهن تي کڻڻو آهي، تہ پوءِ تہ دنيا ۽ دوزخ ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي. پر، پاپان ٿو تہ حقيقت ائين ڪانهي. ماڻهوءَ جي ڀئي ماڻهوءَ ۾ اميد ٿيئي ٿي. مهر ۽ محبت ۾ عجب خوشبو آهي، بلڪ، اها ئي زندگيءَ جو روح آهي. هونئن پلا، ماڻهوءَ ۽ جيڻوءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟**

★

# ارنیست ترمپ

ڪي عام ڪرڻ ۾ سنڌ جي عوامي ڳائڻن ۽ فنڪارن وڏو رول ادا ڪيو. ليڪن، سنڌس ڪلام صحيح ۽ مقدس نموني ۾ ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ سڀ کان قابلِ تعريف ڪردار سنڌس فقراءَ جو آهي، جي درگاهه ۾ رات جو سومهاڻيءَ مهل مخصوص سياهه لباس پائي مخصوص ساز تي سنڌس ڪلام ڳائيندا آهن. ايڏو ته دلپذير هوندو آهي، جو ٻڌندڙن جون اکيون آليون ٿي وينديون آهن. جنهن هڪ دفعو اهو نظارو ڏٺو هوندو، تنهن جي دل تي سو هميشه نقش رهندو. اهڙو دلگداز منظر مون ته پنهنجيءَ سڄيءَ عمر ۾ ٻيءَ ڪنهن به درگاهه تي ڪونه ڏٺو آهي. اسان وٽ درگاهن جو تقدس وري به ڪنهن حد تائين قائم آهي. پر، ايران ۾ شيخ سعديءَ جي ابدي آرامگاه تي ماڻهن جي نازيبا روش ڏسي مون کي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. حافظ ۽ فردوسيءَ جي مزارن تي وري به صورتحال بهتر هئي. دهليءَ ۾ غالب جي مزار تي صفا سُڃ هئي!

شاهه سائين پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي LEGEND ٿي ويو هو. شهيد عبدالرحيم گرهوڙي سنڌس همعصر هو. شريعت جو صاحب، پرهيزگار، نيڪوڪار درويش، عالم، اديب ۽ تمام وڏو شاعر هو. مولانا قاسمي صاحب مون کي ٻڌايو ته شاهه سائينءَ سان ايڏي ته سڪ هئس، جو فرمايو اٿس ته:

پلو آهي پٽ ڏٺي ساروئي سبحان،
جوڙي جنهن قرآن سنڌيءَ ۾ صحي ڪيو.

* * *

سنڌ هڪ مهذب ملڪ آهي، جنهن جي قديم تهذيب چين، مصر ۽ عراق جي تهذيبن جيتري پراڻي ۽ شاهوڪار آهي. پر، عام طرح سان اها موهن جي دڙي جي زماني کان شمار ڪئي ويجي ٿي، يعني اڄ کان تقريباً پنج هزار ورهيه اڳ. پر سوال آهي ته خود موهن جي دڙي واريءَ تهذيب کي اسرڻ ۽ نِسرڻ ۾ گهٽيون صديون لڳيون هونديون؟ هينئر ته اسان آمريءَ ۽ مهر ڳڙهه جا نالا ڪڻون ٿا. پر، انهيءَ دور جو وري ڪو بيو پراڻو اهم دڙو کوٽيندا ته صورتحال بدلجي ويندي.

درياهه شاهه جي هڪ طرف جڏهن موهن جي دڙي جهڙو عاليشان شهر هوندو، ته ٻئي طرف صفا سُڃ ته ڪانه هوندي! هاڻي، آثار قديمه جي ماهرن

پاڪستان ۾ موهن جي دڙي جا اڍائي سو همعصر پراڻا ماڳ ڳولي لڌا آهن، جيڪي ثابت ڪن ٿا، تہ سنڌ ان زماني ۾ بہ ڪيڏي آباد ۽ مهذب هئي.

موهن جي دڙي جو هيٺيون حصو شهر جي پاسي سان وهندڙ سنڌو درياھ جي اثر، گپ ۽ چڪ جي ڪري، ماهر کوٽي ڪونہ سگهيا آهن. تنهن ڪري، ڪاڪي ڀيرو مل "قديم سنڌ" ڪتاب ۾ چيو آهي تہ، "سنڌ جي تهذيب ڀيو نہ تہ بہ ڏهاڪو هزار سال تہ قديم آهي."

اهڙيءَ قديم تهذيب ڪيترا نہ وڏا معمار ۽ فنڪار پيدا ڪيا هوندا. پر اسان کي انهن جي ڪابہ خبر ڪانهي. روئڻ ۽ ڳائڻ هر ماڻهوءَ کي ايندو آهي. ماڻهو بہ خوشيءَ جي موقعن تي ڳائيندا وڄائيندا ۽ ڏک جي موقعي تي غم جو اظهار ڪندا آهن. سنڌ جي قديم تهذيب جا خوشيءَ ۽ غم جا اهي گيت شاعرن جوڙيا هوندا، جن ۾ ڪي رگ ويد جي رشين جهڙا عظيم انسان هوندا. پر، انهن مڙني مشاهيرن جي بہ اسان کي خبر ڪانهي.

هن ڳالهہ جو مطلب اهو هرگز ڪونهي، تہ اسان اکيون ٻوٽي تصور ڪريون تہ ان زماني ۾ بہ شاهہ سائينءَ جهڙو بلند پايہ شاعر پيدا ٿيو هوندو. شاهہ سائينءَ سان اسان جو عشق آهي. عشق سان ڪوبہ دليل ڪونہ لڳندو آهي. علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي گهرواريءَ مڌر ايلسا قاضيءَ جو هڪ شعر آهي تہ:

"قدرت هر قوم کي هادي ۽ رهبر موڪليو
جڏهن سنڌ جو وارو آيو تہ لطيف جي ڇيڄ جهليائين."

پر، حقيقت اها آهي تہ موهن جي دڙي جي زماني کان وٺي سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم ۽ هندو ڌرم جي حڪومتن تائين سمورو زمانو اونداهيءَ ۾ آهي. "موهن جي دڙي" تي البت ڪي معياري ڪتاب موجود آهن. مثلاً

1. THE SKY-GRAMENT: A STUDY OF HARRAPPAN (MOHAN-JO-DARO) RELIGION BY ASKO PARPOLA, HELSINKI-1985.

2. FORGOTTEN CITIES ON THE INDUS

Early civilization in Pakistan from the 8th century to the 2nd Millennium BC edited by Michael Jansen, Maire Mulloy and Gunter Urban (Germany).

ٻيا بہ ڪيئي ڪتاب هوندا. ليڪن، انهن ڪتابن ۾ گهڻو ٿڪو احوال موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تمدن جو آهي. موهن جي دڙي کان اڳ يا پوءِ واري زماني جو پيرائتو احوال موجود ڪونهي تہ سنڌ ۾ ڪهڙيون قومون ۽

پڙهي وئي آهي. آسڪو پارپولا "CORPUS OF INDUS SEALS" نالي ڪتاب ڇاپيو آهي ته مُهرن کي پڙهڻ ۾ سولائي ٿئي. پر، ان ۾ دهليءَ جي ميوزيم ۾ رکيل مُهرون شامل ڪونه آهن. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان "جريده" رسالو نڪري ٿو. منجهس ٻن پرچن ۾ ابو جلال ندويءَ جا مضمون ڇپيا آهن جن ۾ انهن مهرن کي پڙهڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. خبر ناهي ته سراج ۽ ڊاڪٽر الانا کي ابو جلال ندويءَ جي تحقيق سان ڪيتريقدر اتفاق آهي؟

موهن جي دڙي جي لپيءَ ۾ لکت پڙهت ڪيترو وقت هلي؟ اها به خبر ڪانهي! انهيءَ لکت پڙهت جا ڪنهن به قسم جا دستاويز: نڪر تي يا ٻين ڪن پڙڇن تي يا ڪي به پنا، پستڪ، پوٿيون ۽ عام لکٽيون ڪاٿي آهن؛ اهي املهه تاريخي اوراق ڪيئن ناس ٿيا؟ ڪنهن ڪيا؟ سنڌ جي انهيءَ تهذيبي تباهيءَ جو جوابدار ڪير هو ۽ هاڻي ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

اهي سڀ ڳالهيون اڃا تائين جواب طلب آهن. فضل برمڪيءَ جي دربار ۾ ڪو سنڌي وفد ويو. زماني جي دستور موجب وفد ۾ سنڌ جو شاعر به شامل هو، جنهن سندس شان ۾ قصيدو پڙهيو ته:

"اسان وٽ چڱاين ۽ ڀلاين جو جڏهن به ذڪر ٿئي ٿو ته اوهان جو نالو مثال طور بيان ٿئي ٿو."

روايت هيءَ آهي ته شاعر جا اصل لفظ هي آهن:

**بره ڪنڪره، ڪراڪري مندره**

سنڌ جي شاعر اهو قصيدو ڪهڙي ٻوليءَ ۾ پڙهيو؟ عربيءَ ۾؟ ته پوءِ ته اها عربي ڪانهي. سنڌيءَ ۾؟ ته پوءِ سنڌي زبان جي اها صورت اهڙي آهي، جو هڪ اکر به سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي. خود چچ نامو عربيءَ ۾ لکيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي لفظ، اول "معرب" ٿي ويا هوندا ۽ پوءِ "مسخ" ٿي ويا هوندا. هاڻي، ڏيهي ۾ نڪريون آهن.

چچ نامي ۾ خود راجا ڏاهر جا به ٻه لفظ آيل آهن، ته جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي لشڪر کي چيائين ته، "نسي من، نسي من"، يعني "مان هت آهيان، هت آهيان." عام عقل جي ڳالهه آهي ته هن اهي لفظ اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ چيا هوندا، جيڪي سندس لشڪر وارا ٻڌن ۽ سمجهن. پر، اهي اکر اڄ به سمجهه ۾ ڪونه ٿا اچن.



ارنیست ترمپ

چچ نامي پڙهڻ سان تہ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ عربن جي فتح کان پوءِ سنڌيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ کي جڻ تہ ٻنجو اچي ويو هوندو. عربن جي فتح ۽ طلوع اسلام کان پوءِ بہ سنڌ ۾ صدين جون صديون تصنيف تاليف ٿيندي رهي. پر، سنڌي زبان ۾ لکيل ڪنهن بہ ڪتاب جو ڪو سراغ ئي ڪونہ ٿو ملي.

سچيءَ سنڌ ۾ حضور پيغمبر ﷺ جن جي خطن جو پهريون پهريون مبارڪ مجموعو ديبل جي هڪ عالم مرتب ڪيو. عربيءَ ۾ آهي. سنڌ جي ڪنهن بہ عالم يا اداري مجموعو هٿ ڪري سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي. چون ٿا تہ دمشق جي ڪتبخاني "ظاهريہ" ۾ قلمي نسخي جي صورت ۾ رکيو هو. تازو حضور ﷺ جن جي ٻين خطن سان گڏ، ڇپجي ويو آهي.

پر، ان مان ايترو تہ ثابت ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ بہ سنڌ ۾ وڏا وڏا عالم موجود هئا. انهن ۾ ڪي اصل نسل ۾ سنڌي هوندا. ڪي نو مسلم سنڌي هوندا، تہ ڪي عراق ۽ ايران يا ٻين مسلم ملڪن مان هجرت ڪري آيا هوندا ۽ ممڪن آهي تہ ٿوري گهڻي سنڌي بہ ڄاڻندا هجن. اهڙو هڪ عالم "عجائب الهند" وارو عراقي عالم آهي، جنهن تي اسان جي محققن تهمت مڙهي هئي تہ هن سچي قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، ڪشمير جي پاسي تاڪيہ رياست جي راجا کي ڏياريو هو. اهو راجا بہ شايد ڊاڪٽر شمل وانگر ارڙنهن ٻولين ڄاڻندو هو جن ۾ سنڌي بہ شامل هئي! اهو ترجمو هاڻي ڪاٿي آهي؟ ڪوبہ جواب ڪونهي.

عربن جي نئين ٻڌايل ڳاديءَ جي شهر منصوري جي قاضين، فقہ ۽ ٻين موضوعن تي، عربيءَ ۾ ڪتاب تصنيف ۽ تاليف ڪيا. انهن جو لاهور جي اداري ثقافت اسلاميہ جي ڇپايل ڪتاب "فقهائي هند"۾ تفصيل سان ذڪر آهي.

هنن ڳالهين جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌ ۾ عربيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم تہ ٿيندو رهيو پر سنڌي ٻولي جڻ تہ هڪ "متروڪ" زبان ٿي وئي. اڄ ان زماني جو ڪوبہ سنڌي ڪتاب ڪونهي.

ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ سان ساڳي جُٽ جاري رهي. تڏهن وري عربيءَ جي جاءِ فارسيءَ ورتي. بلاشڪ، قاضي

قاضن، مخدوم نوح رح، شاهه عبدالڪريم رح بلڙيءَ واري جهڙا ڪيئي اهلِ دل انسان سنڌيءَ ۾ شعر چوندا هئا (۽ سندن زبان پڪي پختي سنڌي آهي) جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي، ته هو سنڌ جي ماڻهن سان مخاطب هئا ۽ اهي سنڌي ڳالهائيندا هئا.

ليڪن پهريون پهريون قابلِ صدِ احترام باڪمال شاعر (Committed Artist) شاهه عبداللطيف ڀٽائي پيدا ٿيو جنهن هڪ غير تمند "فرزندِ زمين" (Son of the Soil) وانگر احتجاج ڪيو ۽ فرمايو ته:

جي تون فارسي سکيو ته گولو توءِ غلام،
اُجيو تان "آب" گهري، بکيو تان "طعام"،
هي عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿيو.

ٺٽي شهر ۾ مير علي شير قانع جهڙا مشاهير موجود هئا. تن به جيڪا تصنيف ۽ تاليف ڪئي، سا رڳو فارسيءَ ۾. مير علي شير قانع جي فقط هڪڙي ڪتاب "مقالات الشعراءَ" ۾ ست سؤ شاعرن جو ذڪر آهي. اهي سنڌي شاعر پنهنجي پنهنجي علم جا درياءَ فارسيءَ ۾ وهائيندا هئا. جن تي اڄ ڪو نگاهه وجهڻ وارو به ڪونهي.

مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" جهڙي اهم تاريخ لکي، "شاهه عبداللطيف تارڪ" جي باري ۾ صفحو به مس لکي ٿو. سنڌ جي عظيم ترين شاعر جي سنڌ جي عظيم تاريخ نويس وٽ به ميجتا ۽ اهميت اها هئي!

سنه 1960ع ۽ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ تهران جو هڪ وڏو ڪُتب فروش، اسدي هت حيدرآباد آيو. مون سندس دعوت ڪئي ۽ ادبي بورڊ جي فارسي ڪتابن جو سيٽ ايران ۾ وڪري لاءِ ڏنو. ٻن ٽِئن سالن کان پوءِ اسدي مون کي تهران ۾ مليو. چيائين ته آغا، اهو سيٽ سامهون ڪٻٽ ھيٺان ائين ئي رکيو اٿئي. ڪتابن جي زبان اهڙي ته فضول فارسي آهي. جو هت ته ڪير اهڙو ڪتاب وٺڻ وارو ئي ڪونهي. تڏو ساهه پيري دل ۾ چيم ته، "سنڌ جا عالم ڊنگرن تي اٽو هاري ويا."

سنڌ جي ڪن اهلِ دل انسانن اوائلي ڏينهن ۾ شاهه سائينءَ جي ڪلام جا قلمي نسخا نهرايا. مون سان مير علي احمد خان ٽالپر ڳالهه ڪئي ته اڳي سنڌ جي وڏن خاندانن ۾ اها روايت هوندي هئي ته نياڻيءَ کي ڏاج ۾ ٻئي

سنڌ جي فاتح سر چارلس نيپئر، مستقبل ۾ ڪراچيءَ جي وڏي شهر ٿيڻ ۽ يوروپي ۽ ايشيائي تجارت ۾ آمد و رفت جو مرڪز بنجڻ جي پيشن گوئي ڪئي هئي، پر جڏهن ارنيسٽ ٽرمپ ڪراچيءَ پهتو ته ان بابت نيپئر جي پيشن گوئي اجا هڪ خواب خيال هئي.

ٽرمپ لکيو آهي ته ڪراچي شهر تمام ردي هو منجهس اڌ لک ماڻهو هئا. پر، آبهوا خراب هئي ۽ پاڻي اهڙو ته کارو هو جو پيٽ شرط ماڻهو سوريءَ جي مرض ۾ ڦاسي ويندو هو. ازانسواءِ، گرميءَ ۽ مڇرن جو آزار هو. ماڻهو منگهي پير تي آسائش لاءِ ويندا هئا، جتي هڪ وڏو تلاءُ هو جنهن ۾ سؤ کن مانگر مڇ هوندا هئا. ڪين ڏسڻ سان ٽرمپ کي ڪراهت ايندي هئي.

سنڌ ڏسي ٽرمپ کي ڪا به فرحت ڪا نه آئي. لکيائين ته سخت ڪاڙهو تتو آهي. سڄو ملڪ هڪ سُڃو بُٽ آهي، جنهن ۾ هر هنڌ بيشمار بلائون ۽ نانگ آهن.

ڪراچي، ٽرمپ جهڙي نوجوان محنتي محقق لاءِ موزون ڪا نه هئي. ڪيس وري وري يورپ جو علمي ماحول ۽ ڪتبخانا ياد آيا. سنڌ جو قديم علمي شهر ٺٽو سؤ سال اڳ اجڙي ويو هو. حيدرآباد جو بنياد غالباً 1768ع ۾ پيو. پر، عربي سمنڊ کان ايتري ته پري هئي، جو انگريزن جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ سامونڊي تجارت ۾ ڪو به رول ادا ڪري ڪو نه سگهي. چوڌاري بمبئيءَ جو ڏڏڪو هو جيڪا برطانوي تجارت جو مرڪز هئي (سڄي سنڌ به انهيءَ جي تسلط هيٺ هئي). ڪراچي آهستي آهستي اُسري رهي هئي.

حيرت آهي ته انهن مڙني مشڪلاتن جي باوجود، ٽرمپ جلديءَ ۾ سنڌي ڪيئن سکي ويو؟ فقط هڪ سال جي عرصي اندر سنڌي ڪتابُ "سنڌي ريڊر" لکي ورتائين. نه رڳو ايترو پر، پنهنجيءَ اورچائيءَ سان انگريزن ۾ سنڌين ۾ مشهوري حاصل ڪري ورتائين ۽ سنڌيءَ تي سموري توجهه جي باوجود، هڪ منشيءَ کان فارسي به سکي ورتائين، ڇو ته هندوستان جي دانشورن جي تصنيف ۽ تاليف جي زبان اجا به فارسي هئي.

ستت، ٽرمپ جي محنت رنگ لاتو ۽ بمبئيءَ جي گورنر، ايلفنسٽن (جنهن

جي نالي تي اڄ بہ ڪراچيءَ جي صدر ۾ مکيہ بزار "ايلفنسٽن اسٽريٽ" سڏجي ٿي) کيس "بمبئي شهر جي آزاديءَ جو تمغو" عطا ڪيو.

ٽرمپ کي ڪراچيءَ جي آبهوا جو بيمار ڪري وڌو هو سو عيسائين جي سوسائٽيءَ کيس علاج لاءِ فلسطين موڪليو. اتي هن عربيءَ ۾ وڏيڪ مهارت حاصل ڪئي.

2 _ آڪٽوبر 1856ع تي صحتياب ٿيڻ بعد ٽرمپ سئزرلئنڊ جي هڪ نوجوان خوبصورت خاتونءَ سان شادي ڪري، ڪراچيءَ موٽيو تہ سونپيل ڪم وجي پورو ڪريان. انهيءَ زال مان هڪ پٽ ڄائس. پر، سندس گهر واري ڏاڍي ڪا نازڪ ۽ نفيس هئي، سا، ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي آبهوا برداشت ڪري ڪانہ سگهي. آڻي باقي جو هندوستان ۾ بلوي جي خبر پڌائين، تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ دم ڏنائين. ٽرمپ لاءِ ننڍڙي ٻار کي پالڻ بہ مسئلو ٿي پيو. سو ولايت مان وري ٻي شادي ڪري آيو.

ٽرمپ پنهنجي تحقيقي اشاعتن جو سلسلو سنڌي ٻوليءَ سان شروع ڪيو سنڌيءَ سان سندس سدائين اُنس رهيو توڙي جو بعد ۾ هن ٻين ٻولين جو ابياس بہ ڪيو ۽ انهن تي ڪتاب لکيا. هندوستاني زبانن ۾ سندس پهريون پهريون ڪتاب "سنڌي ريڊر" هو جيڪو "عيسائي تبليغي سوسائٽيءَ" عربيءَ ۽ سنسڪرت ٻنهي ٻولين جي اکرن ۾، لنڊن مان 1858ع ۾ ڇپايو. ٽرمپ سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجا رايا اول "سنڌي ريڊر" ۽ پوءِ پنهنجي ٻئي ڪتاب "سنڌي گرامر" ۾ ظاهر ڪيا. سندس گرامر جي ڪاپي تہ اڃا بہ شايد ڪٿان نہ ڪٿان ملي وڃي، پر، "سنڌي ريڊر" جرمنيءَ ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ بہ اڻلڀ آهي.

سنڌي ٻوليءَ بابت سندس راءِ هئي تہ، "سنڌي ڪا سولي زبان ڪانهي. ڏاڍي ڏکي آهي بلڪ پنهنجين ٻين پراڪرت ڀينرن کان بہ ڏکي آهي. پر، زبانن جي ماهر PHILOLOGIST کي سندس محنت جو ڀرپور اجورو ڏئي ٿي.

ٽرمپ ڪراچيءَ مان پشاور ويو. ريل گاڏيءَ جي سهوليت رڳو ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين هئي. پوءِ لاهور تائين ست سو پنجاهہ ميلن جو سفر درياهہ رستي ڪيائين، جيڪو ڏاڍو ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ هو. ايڏو تہ

ڪڪ تي پيو جو پويان ڏيڍ سو ميل سفر ڊگهي گاڏيءَ ۾ ڪيائين. اڳتي ته سفر هيڪاري ڏکيو هو پر، پشاور پهتو ته ڏاڍو خوش ٿيو. پشاور ۾ ڪيس رونق ۽ رنگيني نظر آئي. قصه خواني بزار ته ڏاڍي وڻيس.

پشاور ۾ هن پشتو گرامر تي ڪم ڪيو ۽ ان کي مڪمل ڪيائين. ٽرمپ جي صحت هندوستان جي ڪنهن به شهر ۾ سلامت ڪانه رهي. ڪيس ٽيڙُ تپُ ايندو هو جنهن سندس صحت کي لوڏي ڇڏيو. پر، انهيءَ ڪمزور صحت هوندي به هو هندوستاني ٻوليون سکيو ۽ انهن جا گرامر لکيائين. ڪمال ڪري ڇڏيائين. سنڌيءَ، پنجابيءَ، پشتو گجراتيءَ، مرهٽيءَ، هنديءَ ۽ ٻين ٻولين جي گرامر تي تحقيقي ڪم ڪيائين. ڪانئس اڳ ڪئپٽن اسٽئڪ سنڌي ٻوليءَ جي ڊڪشنري ٺاهي هئي. ٽرمپ وري سنڌي گرامر ٺاهيو.

ٽرمپ، شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جو ڪم سنڌ جي محسن ۽ هردلعزيز ڪمشنر سربارٽل فريئر جي همٿائڻ تي هٿ ۾ ڪنيو. سربارٽل فريئر جو نالو تاريخ ۾ سونن اکرن ۾ لکڻ لائق آهي. پر، سنڌ ۾ سياسي طرح بااثر ماڻهو وڏيرا آهن، جيڪي انهن چڱن ڪمن کان بي نياز آهن. سوڍا بي ميار آهن.

ٽرمپ، شاهه جي رسالي ايڊٽ ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻڻ کان اڳ سورٺ راءِ ڏياچ جي ڪهاڻيءَ تي جرمن زبان ۾ تحقيقي ڪم ڪيو هو جيڪو هڪ طرح خود شاهه جي رسالي تي به سندس "تعارف" چئي سگهجي ٿو. رچرڊ برٽن جو ذڪر ڪيائين ته:

> رچرڊ برٽن، مشهور سياح، جنهن سنڌي زبان جو اڀياس ڪيو هو ۽ "سنڌ ۽ ان جي ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون" ڪتاب لکيو هو. تنهن هڪ رمارڪ ڏنو هو (جنهن تي اختلاف به ٿيو هو) ته "انگريزن جي فتح وقت هندوستان ۾ ڪوبه اهڙو ملڪ ڪونه هو جنهن ۾ سنڌي زبان کان وڌيڪ اصلوڪو ادب (ساهت) هجي!

---

* برٽن جو اهو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇاپيو آهي. اسان ڪتاب مان ڪجهه ٽڪرا ڪڍيا هئا، جن ۾ برٽن سنڌي عورتن بابت شرارت واريون ڳالهيون لکيون هيون. ڪيس اهڙين ڳالهين لکڻ ۾ مزو ايندو هو.

ٽرمپ جو خيال هو تہ هندوستاني ٻولين تي اڳتي هلي جيڪو علمي اڀياس ٿيو آهي، ان جي روشنيءَ ۾ برٽن جو رمارڪ صحيح ثابت ٿيو ۽ بيشمار اصلوڪا ڪلام هٿ آيا آهن. هن مثال ڀڏايو تہ مون پاڻ جٽن جي ٻوليءَ تي تحقيقي ڪم ڪندي سوين هزارين ناياب بيت هٿ ڪيا آهن ۽ سنڌ جي ڀٽن فقيرن وٽان بہ قديم تاريخ بابت اهم بيت حاصل ڪيا اٿم.

ٽرمپ سنڌ جي سائينءَ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

"شاهہ جي باري ۾ مشهور آهي تہ 1161 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين. هاڪارو صوفي هو ۽ پنهنجي رياضت ۽ پرهيزگاريءَ لاءِ مشهور هو. ڪيس صوفياءِ ڪرام جي عظيم مشائخن ۾ شمار ڪيو ويجي ٿو.

چون ٿا تہ ڪنهن بہ ملا ۽ مڪتب وٽان ظاهري تعليم ڪانہ ورتائين. پر، بلاشڪ پاڻ باڪمال شخصيت هو. بيشمار ماڻهو سندس مريد هئا. ڪي تہ سندس ايڏا عقيدتمند هئا، جو جڏهن شاهہ صاحب جي رحلت جي خبر پين، تہ صدمو سهي نہ سگهيا ۽ پاڻ بہ هي جهان ڇڏي ويا. شاهہ جي تربت تي هڪ شاندار قبو اڏيل آهي، جتي هر سال سندس وفات جي ڏينهن ميلو لڳي ٿو.

شاهہ صاحب عام مشهور لوڪ داستانن کي ڪٿي منجهن تصوف جي تعليم ڏني آهي. مون کي حيرت لڳندي آهي تہ منهنجا منشي جڏهن شاهہ جا بيت نقل ڪندا آهن، تہ هُو ڪن ڪن بيتن ۾ شاهہ جي شاعرانہ ذات ڏسي وجد ۾ اچي ويندا آهن."

ٽرمپ جي حيرت جو سبب غالباً اهو هو تہ پاڻ "اسلامي علومن" کان اڻ

---

** "مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ سنڌ جي راجا جندرٿ جو ذڪر آيو آهي. اهو بہ جٽن ۽ ميدن جو راجا هو. گويا، سنڌ جا جٽ ۽ ڀٽ فقير، جيڪي قديم قصا ڪٿندا هئا، سي سنڌ جي قديم تاريخ معلوم ڪرڻ جو اهم ذريعو هئا. پر، شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽي کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ تاريخنويس يا لوڪ ادب (Folklore) جي ماهر ان طرف توجهہ ڪونہ ڏنو، سو، اهو خزانو تباهہ ٿي ويو.

واقف هو. کيس عربيءَ جو گرامر تہ ايندو هو پر، قرآن ڪريم جي تعليم جي ڄاڻ ڪانہ هئس ۽ نہ وري حضور پيغمبر ﷺ جن جي حديث ۽ سنت جي ڪا خبر هئس. اسلامي تصوف کان ئي سراسر اڻ واقف هو. هوڏانهن، شاهہ سائينءَ جي ڪلام جو تاڃي پيٽو اسلامي تصوف سان اُٽيل آهي. جيڪو شخص اسلامي تصوف جي "الف ـ ب" بہ ڪونہ ڄاڻندو هوندو سو لازمي طرح شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي آفاقي پيغام کان آشنا ڪونہ ٿيندو. جلال الدين روميءَ تڏهن تہ فرمايو آهي:

**تا نہ گردي آشنا زين پرده رمزي نشوي**
**گوش نامحرم نہ باشد جاي پيغام سروش**

شاهہ جا شارح ۽ محقق اڄ بہ پنهنجي اپياس ۾ ڊاڪٽر سورلي کي تہ وڏيءَ عقيدت ۽ احترام سان ياد ڪن ٿا ۽ سندس ڪتابن مان حوالا ۽ اقتباس ڏين ٿا. سو ان ڪري جو سورلي "اسلامي تصوف" جو اونهو اپياس ڪيو هو. پر، ٽرمپ جو نالو ئي ڪونہ ٿا کڻن، ڇو تہ هڪ اعليٰ پايي جي محقق جي حيثيت ۾ سندس ڪشڪول ۾ وري بہ ويدانت جي فلسفي جا داڻا ڪڻا تہ ملي ويندا. پر، اسلامي تصوف نالي ماتر بہ نظر ڪونہ ايندو. هن جو خيال هو تہ اسلامي تصوف ويدانت مان نڪتو آهي. ليڪن اها سندس ڀُلّ هئي. تصوف دنيا جي سمورن مذهبن ۾ آهي ۽ ان بابت معياري ڪتاب پڻ موجود آهن. پر پوءِ بہ خبر ناهي تہ اهڙو غلط نظريو ڪيئن قائم ڪيائين؟ هڪڙو ڪتاب مون بہ خريد ڪيو هو. هڪڙو سائين جي.ايم.سيد لاءِ بہ ورتم. نالو هئس:

CREATIVE IMMAGINATION IN THE PHILOSOPHY OF IBN-E-ARABI

ليڪن، شاهہ جي محققن وٽ ٽرمپ جو نالو هميشہ عزت ۽ احترام سان کنيو ويندو ڇو تہ هو ئي اهو شخص هو جنهن شاهہ جو رسالو وڏيءَ محنت ۽ مشقت سان سڀ کان اول سهڻيءَ سنڌي ٽائيپ ۾ ڇپايو جيتوڻيڪ ان ۾ بيشمار غلطيون بہ ڪيائين. مثلاً ٽرمپ جي رسالي جي سُر سورٺ ۾ هڪ بيت بہ پنهنجي صحيح هنڌ تي نظر ڪونہ ايندو.

ٽرمپ، شاهہ جو رسالو جرمنيءَ جي ليپزگ شهر مان سنہ ١٨٦٦ع ۾ هيٺئين عنوان سان شايع ڪرايو:

Sindhi Literature. The Divan of Shah Abdul Latif, known by the name of 'Shah-Jo-Risalo'. 739 Pages, Printed by F.A.B. Brockhus, Leipzig, 1866.

[سنڌي ادب: شاهہ عبداللطيف جو ديوان (جيڪو "شاهہ جي رسالي
جي نالي سان مشهور آهي)، 739 صفحا. ڇپيندڙ: ايف. اي. بي.
بروڪحس، ليپزگ. سنہ 1866ع]

* * *

آخر ۾ هڪ اهم سوال هيءُ آهي تہ ٽرمپ کي آخر ڪهڙو لاچار پيو هو جو شاهہ جو ڪلام گڏ ڪري، ان کي ترتيب ڏئي، ڇپائيءَ لاءِ ولائت ۾ وڃي، سنڌي ٽائيپ ٺهرائي ۽ ڪيئي ڏک ڏاکڙا سهي؟ رسالي جي ڇپائي عيسائين جي تبليغي پروگرام ۾ تہ شامل ڪانہ هئي.

منهنجي خيال موجب سوال جو جواب هيءُ آهي، تہ ٽرمپ بااخلاق شخص هو. اخلاقي لحاظ کان اها ڳالهہ هن لاءِ روحاني تقويت جو باعث هئي تہ مان شاهہ جهڙيءَ برگزيده شخصيت جو رسالو ڇپائي، هڪ مقدس ۽ غيرمعمولي ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهيان. هن انهيءَ ئي جذبي هيٺ پنجاب ۾ سک ڌرم وارن جي گرنٿ صاحب تي بہ تحقيقي ڪم ڪيو هو جنهن جي اڄ بہ وڏي تعريف ڪئي وڃي ٿي. البت، سکن کي انهيءَ ڳالهہ تي سخت چڙ ايندي هئي، تہ هو سندن مقدس ڪتاب، گرنٿ صاحب تي تحقيقي ڪم ڪندي، سگريٽ بہ ڇڪيندو رهندو هو.

سنڌ ۾ جڏهن کيس سربارٽل فريئر جهڙو محسن ۽ هردلعزيز ڪمشنر مليو جنهن ڇيس تہ "شاهہ جي رسالي" جي اشاعت جو ڪم هٿ ۾ کڻ، تہ مان توکي سموري مالي مدد ڏيندس، تہ پوءِ تہ ٽرمپ لاءِ هڪ غيرمعمولي ڪارنامو سرانجام ڏيڻ لاءِ خدا جي رحمت جا سڀ دروازا کُلي پيا. اهڙيءَ ريت، سنڌي زبان جو لافاني شاهڪار "**شاهہ سائينءَ جو رسالو**" پهريون دفعو جرمنيءَ مان ڇپجي شايع ٿيو.

ڪنهن بہ سنڌي محبِ وطن عالم ۽ اديب اڄ ڏينهن تائين ارنيسٽ ٽرمپ جو اهو احسانُ ڪونہ وساريو آهي.

★

# دئوِد چیزمئن



ډئوډ چیزمین

مون چيو تہ، ”فرانس ۾ آلجيريا ڇو ويو هئين؟“

چيائين تہ، ”روزگار جي لاءِ ويو هئس. پر، فرانس ۾ مزو ڪونہ آيو سو آلجيريا هليو ويس. اتي ماستري ڪيم. انگريزي پڙهائيندو هيس.“

مون چيو تہ، ”ڊئوڊ اڃا تہ تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ آهي. پر، انهيءَ هوندي بہ ٻڌاءِ تہ تو پنهنجي آزمودي مان ڪهڙو سبق پرايو آهي؟“

چيائين تہ، ”مسٽر رباني، مون هن عمر ۾ ئي ڏاڍو ڏکُ ڏٺو آهي، آلجيريا ۾ پگهار مان پورت ڪانہ پوندي هئي. بک تي ويلا گذرندا هئا. پر، مان پانيان ٿو تہ، ڪنهن بہ معاشري ۾ سڀ ماڻهو نڪي تہ ڀلا آهن ۽ نہ وري بڇڙا ـ چڱا ۽ برا شخص هر هنڌ موجود آهن. بلڪ مان تہ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ ماڻهوءَ جو مزاج ۽ معاشرو هر دؤر ۾ ساڳيو رهيو آهي. اڳي چنگيز خان اڳرائي ڪري، رتو چاڻ ڪندو هو ۽ هاڻي مغربي ملڪن مان ڪونہ ڪو سندس نقشِ قدم تي هلي ٿو. امن جي نالي ۾ ماڻهو ماري ٿو.

سو اهو چوڻ اجايو آهي تہ اڳي زمانو سونو هو. هاڻي اسان اڄي ڪلجڳ ۾ ڦاٿا آهيون. اڳيون زمانو سونو هجي ها، تہ پوءِ مسيح کي صليب تي ڇو چاڙهن ها؟“

مون چيو تہ، ”اها تہ تو وڏي ڳالهہ ڪئي.“

ڪِلي چيائين تہ، ”عيسائين جي ديول ۾ آچر ڏينهن ڪنهن پادريءَ واعظ پئي ڪيو. آخر ۾ دعا گهريائين ۽ معاشري جا عيب بيان ڪري چيائين تہ، ”او مسيح، جلدي موٽي اچ ۽ اسان کي وري ڌوئي پوئي، پاڪ ڪري وڃ.“

اهو ٻڌي، پنيان هڪڙي شخص زور سان دانهن ڪئي تہ، ”مسيح، متان موٽيو آهين. هي حرامي توکي وري صليب تي چاڙهيندا.“

* * *

ڊئوڊ ۽ منهنجي سنگت ڏينهون ڏينهن گهري گهاٽي ٿيندي وئي. هو هر موضوع تي دل کولي ڪچهري ڪندو هو. هڪ ڏينهن ٻڌايائين تہ، ”لنڊن ۾ هڪ بنگالي ڇوڪريءَ سان گڏ پڙهندو هئس. ساڻس محبت ٿي ويم. هاڻي شادي ڪنداسين. هفتي ڪن ۾ لاهور وينداس. اتان وري انڊيا وينداس، پر، ٽڪندس ڪونہ. سڌو ريل رستي بنگلاديش هليو وينداس.“

ڪتاب پڙهيم، تہ ڊئوڊ جي ڇهري جو ٻيو خوبصورت روپ نظر آيو. هو ايڊورڊ براڱون جهڙن اعليٰ محققن جي قبيلي مان هو جنهن ايران جي باري ۾ LITERARY HISTORY OF PERSIA جهڙو شاهڪار ڪتاب لکيو هو. ايڊورڊ براڱون جو موضوع ايران هو جتي عالمن جو قدر آهي. ڊئوڊ جو موضوع "سنڌ" هئي. سنڌ جي جاگيردارانہ معاشري ۾ اديبن ۽ عالمن جو قدر ڪونهي. هڪ دفعي مان هڪ وڏي سنڌي وڏيري وٽ مهمان هئس. مون سان ڏاڍو گهرو گهاٽو هو. ميز تي ماني لڳي تہ مون شوڪيس ۾ رکيل سندس بندوقون پئي ڏٺيون. چيائين تہ "اچ تہ ماني کائون. بندوقن ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم؟ تنهنجو ڪم قلم ۽ مَسُ ڪُپڙيءَ سان."

قلم سان محبت قرآن جي تعليم آهي. پر، سنڌ جي وڏيري کي ان ۾ دلچسپي ڪانهي. البت، رڇ ڪُتي جي ٻچ تي اٿس.

❊ ❊ ❊

ڊئوڊ ڪتاب جي منڍ ۾ پنهنجن محسنن جي لسٽ ڏني آهي، جنهن ۾ ويهارو کن نالا هئا. منجهن مسٽر الاهي بخش سومري ۽ جام صادق علي ۽ ٻين جا نالا بہ شامل آهن. پر، پاڻ پهرئين نمبر تي ڪراچيءَ جي هوٽل "اواري ٽاورس" جي پارسي مالڪ جو نالو رکيو اٿس ۽ ٻئي نمبر تي منهنجو نالو. مون کي رڳو اهو اعزاز ڪونہ ڏنو اٿس، پر ڪتاب ۾ اندر پڻ سنڌ جي جاگيردارانہ طبقي بابت پنهنجيءَ ڳالهہ جي پٺيرائيءَ ۾ منهنجي هڪ افساني مان اقتباس ڏنا اٿس.

ڊئوڊ سنڌ جي روز بروز ڪرندڙ حالتن ۽ مفلوڪ الحال ماڻهن جي مفلسيءَ ۽ مسئلن جو سبب "سنڌ جو جاگيردارانہ نظام" قرار ڏنو آهي.

ڪتاب ۾ انگن اکرن سان وڏي معلومات ڏني اٿس. ويهين صديءَ جي سنڌ تي اهم تاريخي دستاويز تيار ڪيو اٿس. ڪتاب پڙهي پورو ڪيم، تہ ڊئوڊ ڏاڍو ياد آيو. پر، ايڊريس ڪانہ هئم، سو ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهيس.

هڪ ڏينهن اسلام آباد ۾ ورهين کان پوءِ وري اهو ئي ساڳيو پاڪستاني مهاجر پروفيسر لنڊن مان آيو ۽ مليو جنهن جو ڊئوڊ شاگرد تي رهيو هو. چيائين تہ "انگلستان ۾ اڄڪلهہ نئون رواج پيو آهي، تہ ننڍا ننڍا پروجيڪٽ ناهن تا ۽ ذهين ۽ محنتي شاگردن کي اسڪالرشپ ڏئي

ڪنهن نہ ڪنهن پروجيڪٽ تي ڏارين ملڪن ۾ تحقيق لاءِ موڪلن ٿا. ڏئوڊ اهڙي ڪنهن پروجيڪٽ تي آفريڪا جي ڪنهن ملڪ ۾ ريسرچ ڪرڻ ويو آهي. وڌيڪ ڪابہ خبر ڪانهي ۽ نہ وري سندس ايڊريس معلوم آهي.“

* * *

گهر آيس، تہ ڏئوڊ کي ياد ڪري احساس ٿيم، تہ کيس سنڌ تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جو وڏو شوق هو. انگريزن سنڌ تي سؤ سال حڪومت ڪئي هئي. شايد هن ان بابت ڪي ڪتاب پڙهيا هئا، سو سنڌ ۾ اچڻ جو سوچيائين. ولايت مان تہ ڪنهن طرح مقرر مدي لاءِ مالي مدد وٺي هٿ پهتو. معاملي ۾ ڪوبہ مونجهارو ڪونہ هو. پر، منهنجي مرحوم دوست سنڌ سرڪار جي عملدار کي خواهہ مخواه چرڪ ڏنو تہ اهو انگريز ڪا وڏي آفت آهي! لارينس آف عريبيا جي قبيلي مان آهي. خبر ناهي تہ ڪهڙو خُلم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو آهي؟ اسان سرڪار کي خاطريءَ وارو جواب موڪليو. سو انهيءَ يار جو اٿاريل افواهہ تہ اتي ئي ختم ٿي ويو پر هو هٽ چام صادق عليءَ جي ٽيڪ تي هو. جيڪو ملڪ ۾ مارشل لا لڳڻ بعد ڪسڪي لنڊن هليو ويو هو. سو پاڻ ئي ڪم کي مختصر ڪيائين ۽ لنڊن هليو ويو. ائين سونهاري سنڌ اعليٰ پايي جي هڪ انگريز محقق جي تحقيقي ڪم جي تڪميل کان محروم رهجي وئي.

هڪ مغربي محقق جي ڪتاب ۾ ڏئوڊ جو ذڪر ڏٺم. اهو ڪتاب ”سنڌ ورڪين“ تي لکيل آهي. لکندڙ جو نالو ڪلاڊو مارڪو وٽس آهي. ڪتاب جو سنڌي ترجمو حسين بادشاهہ ڪيو آهي. روشني پبليڪيشن، ڪنڊياري، جي مالڪ ان کي سهڻي نموني ۾ ڇپائي شايع ڪيو آهي.

مون کي گهڻي عرصي کان سنڌ ورڪين تي مستند معلومات هٿ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. پر، ڪتان بہ ڪانہ ٿي ملي. ”سنڌ ورڪي سنڌ جا اهي ئي واپاري هئا، جن کي شاهہ سائينءَ جي زماني ۾ وڻجارا ڪوٺيندا هئا. پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ هڪ هنڌ فرمايو اٿس تہ:

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نہ پلئين،
تہ پڻ آيو هاڻ ٿو وچڻ جون وايون ڪري

خيرپور يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر نيلوفر شيخ "موهن جي دڙي" جي واپار بابت تحقيق ڪئي آهي. ايامن ڪان سنڌ جو واپار ڏيساورن سان هلندو هو. سنڌ جا وڻجارا الائي ته ڪاٿي ڪاٿي واپار ڪرڻ ويندا هئا.

ڪلارڊو مارڪو وٽس پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ته هو نيپلز جبرالٽر قاهره (مصر) الجزائر، يوڪوهاما، سينگاپور منيلا، اليگزينڊريا، چين، هانگ ڪانگ، سيرالون، پورٽ سعيد، جاوا، ڪولون، تيونس، مالٽا، پاناما، شڪارپوري سنڌورڪي تاشقند ۽ بخارا ته گهٽو ايندا ويندا هئا. ڪي ته عربي، اسپئنش، لاطيني ۽ ٻيون ٻوليون به ڄاڻندا هئا.

هندستان مان هڪ سنڌ ورڪي فيملي سائگان وئي ۽ اتان لڏي اول فرانس ۽ پوءِ وري بمبئيءَ آئي. انهيءَ فيمليءَ جي ڪا پروفيسر پونا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندي هئي. مون کي اسلام آباد ۾ اوچتو هڪ ڏينهن سندس خط اچي مليو ته، "مس مس اوهان جي ايڊريس ملي اٿم." ڳالهه هيءَ آهي ته اوهان سان ڪا واقفيت ته ڪانهي. پر، عرض آهي ته ڪيئن به ڪري مون کي سنڌي پهاڪن تي ڪتاب وٺي موڪليو جو منهنجي ماءُ پيءُ جو زور آهي ته سنڌي پهاڪن تي فرينچ ۾ پي.ايچ.ڊي ڪريان. چون ٿا ته اوهان پڪا سنڌي (SOLID SINDHI) آهيو. (خط انگريزيءَ ۾ لکيو هئائين).

مون کيس ڪجهه ڪتاب هٿ ڪري موڪليا. ائين اسان جي غائبانه دعا سلام شروع ٿي. ڪجهه گهرا گهاٽا ٿياسين ته مون کانئس پڇيو ته، "سنڌ ورڪي ڪير آهن؟ ڪين "سنڌ ورڪي" چوٿا ڪوٺن؟"

جواب ۾ پنهنجي تصوير موڪليائين ۽ لکيائين ته، "اجهو هي آهن. عجائب گهر ۾ رکڻ جهڙي ڪا عجيب مخلوق ڪانه آهن. مان پاڻ هڪ سنڌ ورڪي فيمليءَ جي آهيان. سائگان ۾ ڄاوس. ماءُ پيءُ اتي واپار ڪندا هئا. اتان پئرس آيا. مون فرينچ ۾ تعليم ورتي ۽ ايم.اي ڪيم. ياٺرن شاديون ڪري وڃي ڪئنري ٻيٽن ۾ دڪان کوليا. اهي ٻيٽ سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ۽ مهانگا آهن. منهنجا ماءُ پيءُ بمبئي هليا ويا. مون کي يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري

ملي.“

اسان جي دعا سلام ڏينهون ڏينهن گهري گهاٽي ٿي ۽ خطن مان ڦري ٽيليفون تي پهتي. پوءِ تہ هوءَ پنهنجي ذاتي معاملن ۾ بہ مون کان مشورو وٺڻ لڳي. سندس تصوير مان ٿي لڳو تہ هوءَ نوجوان ۽ خوبصورت خاتون آهي، پر چهري مان ڏاڍي غمزده ٿي لڳي.

ڪنهن پيري مان سرڪاري ڪم سان ڪوئيٽا ويس. اسلام آباد ۾ سندس خط آيو هو سو ڪيس ڪوئيٽا جي سرينا هوٽل مان فون ڪيم ۽ ساڻس خوش عافيت ڪري چيم تہ، ”وري ٻئي دفعي.“

اهو ٻڌي ڪومائجي وئي ۽ ليلائڻ لڳي تہ، ”ٻيلي اهو تہ مناسب ڪونهي. مون سان ڪا گهڙي تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪر. اڄ سڄو ڏينهن آسمان جهڙ سان ڀريو بيٺو هو. مان ڏاڍي اداس آهيان. مون کي معلوم آهي تہ تون رڻ پٽ جي هڪ ڪناري تي آهين ۽ مان ٻئي تي آهيان. تون مون کي اتان مدد لاءِ هٿ ۾ هٿ تہ ڏئي ڪونہ ٿو سگهين. پر، اهڙي ڪا ڳالهہ تہ ڪر، جو منهنجو من سرهو ٿئي.

اها خاتون بہ مون کي سنڌ ورڪين تي ڪو مستند ڪتاب ڏسي ڪونہ سگهي. البت، ڪلاڊو مارڪو وٽس جي ڪتاب ۾ گهربل معلومات مليم. لکيو اٿس تہ:

> ”حيدرآباد سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. صوبي جو انتظامي ڪاروبار عاملن جي هٿن ۾ هو. اهي ٻن آکهين ۾ ورهايل هئا. خدا آبادي عامل ڪلهوڙن جي گاديءَ خدا آباد مان لڏي آيا هئا ۽ ٻيا غير خدا آبادي هئا، جن جو رتبو خدا آبادين کان ٿورو گهٽ هو. شهر ۾ ڀائيبند ۽ واڻيا بہ هئا. واپاري بينڪار کي سنڌ ۾ تهيل سامان جو وڪرو ڪندا هئا. انهيءَ ۾ ننڍڙا واپاري ترقي ڪري، مٿي اڀريا.“

ارڙهينءَ صديءَ جي پوئين اڌ ۾ پنج هزار سنڌ ورڪي سڄيءَ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ واپار ڪندا هئا ۽ جام پئسو ڪمائيندا هئا. هڪ سؤ سال

پوءِ بہ يعني هندستان جي ورهاڱي کان ڪي سال اڳي، سنڌ ۾ هڪ عام چوڻي هوندي هئي تہ، ”جيڪي ويا جاوا، سي وچي ٿيا ساوا.“

جاوا ۽ سوماترا ڏور۔ اوير ۾ انڊونيشيا جي پاسي مشهور ٻيٽ آهن.

سنڌ ورڪين جي آمدني يا پئسي ڪمائڻ جو ذريعو وياج هوندو هو. مختلف ملڪن ۾ جيڪي فرمون قائم ڪيون هئائون، تن مان ڪن جو ڪاروبار انهيءَ زماني ۾ لکن ڪروڙن ڊالرن ۽ پائونڊن ۾ هلندو هو.

ڪتاب ۾ ڪلارڊومارڪو وتس، چيزمئن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ”وڻجارا“ جي عنوان هيٺ لکيو آهي تہ:

> ”ڊئوڊ چيزمئن سنڌ ۾ وياج توڙي ڪاروبار تي تفصيل سان لکيو آهي. پر، پنهنجيءَ تحقيق جو دائرو اڻويهينءَ صديءَ تائين محدود رکيو آهي. چيزمئن جو دليل هي آهي تہ واڻيا بنيادي طور واپاري هئا. ماڻهن کي قرض ڏئي ڪانئن زرعي پئداوار وياج جي عيوض وٺندا هئا. وياج جي اصل رقم (مُوڙ) ۾ دلچسپي ڪونہ رکندا هئا، ڇو تہ کين وڌيڪ فائدو زرعي پئداوار مان هو. ٻيو تہ هو ڦڏن، جهيڙن، ڇڪتاڻ ۽ عدالت کان پري رهندا هئا.“

ڪلارڊو مارڪو وتس وڌيڪ لکيو آهي تہ:

> ”ڊئوڊ چيزمئن جي هيءَ چند چاڻ نيلا دري پٺاچاريا طرفان پنجاب جي صورتحال بابت ڪيل تحقيق سان ٺهڪندڙ آهي. ڊئوڊ اڻويهينءَ صديءَ جي سنڌ بابت جيڪا تحقيق ڪئي آهي، تنهن جو بنياد سرڪاري دستاويزن تي آهي، پر سندس خيال سرڪاري عملدارن کان الڳ آهن.“

مون کي ڊئوڊ چيزمئن ۽ ڪلارڊو مارڪو وتس ٻنهي جا ڪتاب وڻيا. يورپي محققن جي خاص خوبي اها آهي تہ جنهن بہ تحقيقي ڪم ۾ هٿ وجهندا آهن، ان کي ڪوشش ڪري، هر طرح مڪمل ڪري، ”شاهڪار“ بنائي ڇڏيندا آهن. اسان وٽ هينري پاٽنجر، پوسٽنس، ريورٽي، جيمس

برنس، سورلي، لئمبرڪ، ڪئپٽن ايسٽ وڪ، ارنيسٽ ٽرمپ، رچرڊ برٽن، مڏر ايلسا قاضيءَ، ائنيمري شمل ۽ هاڻي ڊئوڊ چيزمئن قابلِ قدر اضافو ڪيو آهي.

ڪلارڊو مارڪو وٽس انهيءَ ڳالهہ تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي، تہ ڊئوڊ چيزمئن پنهنجو ڪتاب* اڻويهينءَ صديءَ جي سنڌ تائين محدود رکيو آهي. ويهينءَ صديءَ ۾ پير ڪونہ پاتو آهي، پر، منهنجو رايو آهي تہ ان لاءِ ڊئوڊ تي ڪا بہ ميار ڪانهي.

ڊئوڊ جو ڪتاب سنڌ تي تحقيق جو تازه ترين شاهڪار آهي.

★

---

* "Landlord Power and Rural Indebtness in Colonial Sind", 1865-1901, By David Cheesman, first published in 1997 by Curzon Press, St. John's Studios, Church Road, Richmond Surrey, TW9 2QA, Great Britain.

# ليدي دايانا



ليدي دايانا

ڊايانا شاهي محل جي پابندين کان آجي ٿي، پر ٻاهر نڪتي ته سڪ جو ساهه پوءِ به کڻي ڪانه سگهي. سندس مثال انهيءَ ڊنل هرڻي وارو ٿي ويو جيڪا عجائب گهر جي پڃري مان نڪري ڪنهن جهنگل ۾ اچي ڦاسي پئي. هر وقت شڪارين جي اک ۾ هجي. سندس ساهيڙيءَ روزا مانڪٽن، ”ڊايانا منهنجي دوست“ نالي سان هڪ مضمون لکيو آهي، جنهن جا شروعاتي اکر هي آهن:

”روزا، هي شڪار آهي شڪار! تون مون تي مضمون لکي خلق کي ٻڌاءِ ته شڪاري مون اياڳيءَ کي ڪيئن شڪار ڪري رهيا آهن.“

روزا لکيو آهي ته اهي (ذڪويل) لفظ منهنجي پياري دوست شهزادي ڊايانا جا هئا، جيڪا انگلستان جي ولي عهد جي ماءُ ۽ ويلس جي شهزادي هئڻ ڪان پوءِ به سڄي دنيا جي اکين اڳيان، هڪ ڊنل هرڻيءَ وانگر شڪارين کان لڪي رهي هئي، پر شڪارين کي جهلڻ پلڻ وارو ڪير ڪونه هو. اهي شڪاري گهٽا ئي هوندا پر، سرفهرست ست اخبارن جا مالڪ ۽ سندن فوٽو گرافر هئا.

ولايت ۾ هڪڙا فوٽوگرافر آهن، جن کي انگريزي ۾ ”PAARAXI“ (پاپارازي) ڪوٺيندا آهن. اهي هر هنڌ ڊايانا جون تصويرون ڪيندا هئا. اخبارون اهي تصويرون وڏي ملهه سان خريد ڪري ڇاپينديون هيون، ڇو ته جنهن به اخبار ۾ ڊايانا جي ڪا نئين تصوير ڇپبي هئي ته اها ڏاڍي وڪامندي هئي.

پاپارازي فوٽوگرافرن جو هوئڻ به ڏنڌو ئي اهو آهي ته نالي واري مردن ۽ عورتن جون خاص خاص تصويرون ڪڍي، اخبارن ۽ رسالن کي وڪڻن. ماڻهو ڪڏهن ڪيئن وينو آهي ته ڪڏهن ڪيئن! ڪڏهن مناسب لباس ۾ آهي ته ڪڏهن بي خيالي ۾ وينو آهي. هاڻي جي ڪو فوٽوگرافر هميشه موقعي جي تلاش ۾ هجي ۽ گاهه بيگاهه ڪنهن عورت جون اهڙيون تصويرون ڪيندو رهي، جيڪي زيبائتيون نه هجن، ته انهن جي ڇپجڻ سان مسئلو ٿيندو پلا جي اها عورت وڏ گهراڻي هجي، جوان هجي ۽ حسين هجي ته هيڪاري وڏو مسئلو ٿيندو. پر جي اها عورت ماڳهين شهزادي هجي ۽ ڪنهن ملڪ جي ولي عهد جي ماءُ هجي ته پوءِ اهڙي تصوير انهيءَ عورت لاءِ

باهہ ٻاري وڃهنديا پاپارازي فوٽوگرافرن بہ ڊايانا لاءِ باهہ ٻاري وڌي.

ڊايانا جتي بہ ويندي هئي، پاپارازي فوٽوگرافر، نوس نوس ڪندا ڪانئس اڳي ئي اتي پهچي ويندا هئا. هو ڪارن، ريل، هوائي جهاز هيلي ڪاپٽر رستي سفر ڪندا هئا. ڊايانا ڪنهن باغ ۾ سهيلين سان گڏ گهمڻ ويندي هئي، تہ باغ جي وڻن جي پنن ۾ لڪي، پنهنجون ڪئميرائون بندوقن وانگر سڌيون جهليون وينا هوندا هئا. ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ ويندي هئي، تہ پٿين جي اوٽ ۾ ڇپيا وينا هوندا هئا.

پر حقيقت اها آهي تہ ڊايانا جي اوچتي موت سڄيءَ دنيا کي اداس ڪري ڇڏيو آهي. ڪن لکيو آهي تہ ماڻهن کي ان ڪري بہ ڊايانا سان عقيدت هئي، جو هوءَ خير خيرات جي ڪمن ۾ دل کولي حصو وٺندي هئي. ڪن لکيو تہ ڊيانا کي ماڻهن جي شعور تي مسلط ڪرڻ ۾ پريس جو وڏو هٿ هو. جنهن کيس هڪ اهڙي طلسمي شهزادي بنائي ڇڏيو جنهن جي حسن ماڻهن جو عقل چرخ ڪري ڇڏيو.

پر اڪثر مغربي مبصرن جو خيال آهي تہ سيني راين جو تجزيو ڪرڻ ڪان پوءِ ڊايانا جي جيڪا شخصيت ابري ٿي، سا هيءَ آهي تہ هو ايڏي تہ سهڻي هئي، جو هڪڙي ئي مرڪ سان ڪنهن بہ ڏاڍي ڪان ڏاڍي مرد کي ڍاهي، ڍير ڪري ڇڏيندي هئي.

❊ ❊ ❊

ڊايانا جون آخرين رسمون ”ويسٽ منسٽر ايبي“ ۾ ادا ڪيائون. غمزده ماڻهن جو هجوم ايڏو تہ وڏو هو جو ديول ڪان ٽپي، هائيڊ پارڪ ۽ هارٽس گاردنس پئريڊ تائين وڃي پهتو هو. برطانيا جي اخبارن لکيو تہ 1945ع واري ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ جرمني جي شڪست ۽ انگريزن جي فتح واري جشن واري هجوم ڪان پوءِ هي وڏي ۾ وڏو هجوم هو. ٻنهي ۾ فرق رڳو اهو هو تہ اهو خوشي جو هجوم هو ۽ هي ڏک جو.

هر طرف درياءَ جي لهرن وانگر ماڻهو ئي ماڻهو هئا. ڊايانا جي ياد ۾ گلدستا کڻي آيا هئا. انهي ڪان علاوه انهن لکين ڪروڙين ڏکويل انسانن جو ڳاڻاٽو تہ ڏاڍو مشڪل آهي. جيڪي ڌرتيءَ جي گولي تي، ڊايانا جي جنازي تي. وي جي پردي تي ٽمندڙا اکين سان ڏي رهيا هئا.

ِلٽن جان، ڊايانا جي ياد ۾ ”الوداعي گيت“ ڳايو جنهن جو عنوان هو:
انگسلتان جا گلابي گُل، الوداع!“ سندس گيت جا لفظ ڏاڍا دل کي ڇهندڙ هئا:

YOU LIVED YOUR LIFE LIKE A CANDLE IN THE WIND

تو پنهنجي زندگي ائين گذاري، جيئن طوفان ۾ ڪا شمع ٻرندي هجي!

AND YOUR FOOT-STEPS WILL AWYAS FALL HERE.
ALONG ENGLAND'S GREENEST HILLS.

تون سدائين هتي ئي پير رکندينءَ
انگلستان جي سبز ٽڪرين تي.

ايلٽن جان جو الوداعي گيت ٻڌي، ماڻهن جا هيانءَ ڦِسي پيا. ڪليل فضا
۽ تيز هوا ۾ هزارين شمعون جلي رهيون هيون! حد نگاهه تائين، ماڻهن جي
هجوم جي هٿن ۾ گلدستا هئا ۽ اکين ۾ ڳوڙها. ديول جي اندر ڊايانا جو ننڍڙو
ڀَڙو هيري، سڏڪا ڀري رهيو هو. ايلٽن جان ڏک ڀرئي آواز ۾ ڳائي رهيو هو:

YOUR CANDLE'S BURNT OUT.
LONG BEFORE YOUR LEGEND WILL LIVE.

تنهنجي (زندگيءَ جي) شمع ٻري وئي،
پر تنهنجون ڳالهڙيون ياد رهنديون.

YOU LIVED YOUR LIFE
LIKE A CANDLE IN THE WIND.
LIKE A CANDLE IN THE WIND.

تو پنهنجي زندگي ائين گذاري،
جيئن طوفان ۾ ڪا شمع ٻرندي هجي،
جيئن طوفان ۾ ڪا شمع ٻرندي هجي!

❊ ❊ ❊

ڊايانا جي زندگيءَ جو آخري سفر لنڊن کان ستهتر ميل پري، سندس
پيڪن واري اسپينسر خاندان جي رهائشگاهه تي پورو ٿيو. اتي هڪ ننڍڙي
ڍنڍ ۾ هڪ ننڍي ٻيٽ تي، گهاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾، ڪيس دفن ڪيائون.
سندس قبر تي جيڪو ڪتبو هنيائون، تنهن ۾ ايلٽن جان جي لفظن ۾ کيس
”انگلستان جو سونهري ٻار“ لکيائون.

❊ ❊ ❊

ڊايانا جي پيڪن واري اسپينسر خاندان، سندس تدفين کان پوءِ

سندس آخرين آرامگاهہ تي حاضري ڏيڻ جي واسطي ماڻهن جي سهولت لا
بہ سؤ ٽيليفون لائينون لڳايون تہ واري واري تي نمبر وٺي اچن. حاضري ڏ
وڃن. پر، ٽيليفون لائينن جي ڪلرڪ جو اعلان ٿيو تہ سڄت ٽيليفون آپريٽر
اعلان ڪيو تہ ”پهرئين ڪلاڪ جي اندر ئي هڪ لک ٻاونجاهہ هزار ماڻه
بڪنگ ڪرائي ورتي آهي. سو جڏهن اهي ڊايانا جي ابدي آرامگاهہ تہ
حاضري ڏيئي موٽندا، تہ پوءِ ٻين کي وارو ملندو.“

پر، جن ماڻهن کي پهرئين ڪلاڪ ۾ وارو مليو سي بہ انهيءَ ٻيٽ تہ
وڃي ڪونہ سگهندا، جتي ڊايانا جي تربت آهي. البت، هو پري کان انهي
ٻيٽ تي ٻيٺل سرسبز وڻن ٽڻن جي جهڳٽي جو ديدار ڪري سگهندا، جن
جي ٽڏيءَ ڇانوَ هيٺ، ڊايانا هيئنئر قدرت جي هنج ۾ ابدي آرام ۾ آهي.

* * *

اسپينسر خاندان وارن تدفين کان پوءِ ٻئي ڏينهن ئي پنهنجي
ڪمپائونڊ وال جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ڇڏيو. تاهم، روزانو بيشما
ماڻهو ڊايانا جي ياد ۾ رنگ برنگي گلدستا کڻي اچن ٿا ۽ بند ٿيل دروازي جي
جارين ۾ چنبڙائي وڃن ٿا. ڪن گلدستن تي اهڙا تہ دل کي ڇهندڙ ”الوداع
لفظ“ لکيل آهن، جن کي پڙهي ماڻهن جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي وڃ
ٿيون.

★

# پگت کنوَر رامُ



پگت کنور رام

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ، سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ "ڀڳتِ" جو عام رواج هوندو هو. جو تہ ڀڳتَ سڀ هندو هوندا هئا. مون ڪنهن بہ مسلمان ڀڳتَ جو نالو ڪونہ ٻڌو. پر، ڀڳتِ ۾ راڳ روپ جو مزو وٺڻ لاءِ هندو توڙي مُسلمانَ سڀُ شريڪ ٿيندا هئا. راڳ روپ جون مجلسون تہ اجا بہ اسان جي ڳوٺن ۾ ٿين ٿيون پر، اهي ڀڳتِ کان نرالي نوع جون آهن.

"ڀڳتِ" جو خاص مقصد اهو هوندو هو تہ راڳ روپ وسيلي، عام ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، محبت ۽ ميناج سان نيڪ ڪمن جي نصيحت ڪئي وڃي. هاڻوڪين راڳ جي مجلسن جو مکيہ مقصد رڳو وندر ورونهہ آهي.

ڀڳتن جو لباسُ بہ نرالو هوندو هو. گيڙو رنگ پسند ڪندا هئا. ڊگها جاما ۽ پڙا پائيندا هئا. مٿي سان پڳڙي ٻڌندا هئا. ڀڳت ۾ ڪانہ ڪا ڳالهہ ڪڍندا هئا جا سر ۽ لئہ سان ٻڌائيندا هئا. سندن آواز مٺو ۽ سريلو هوندو هو ساز جو استعمال ان ۾ هيڪاري دلڪشي پيدا ڪندو هو. ڳالهہ بيان ڪندي ڪلام چوندا هئا. جيڪي اڪثر مسلمان صوفي شاعرن جا هوندا هئا.

مون بہ ننڍپڻ ۾ هڪ ڀڳتِ ڏٺي. عمر ڏهہ ٻارنهن سال هوندي. "قومي شاهراهہ" تي ساهتيءَ پرڳڻي ۾ هالاڻي نالي ننڍو شهر آهي. جيڪو اسان جي ڳوٺ کان ڇهہ ميل پري آهي. سڄيءَ سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو عاليشان مندر هالاڻيءَ ۾ آهي، جتي ويساکيءَ جو ميلو لڳندو آهي.

مون کي اهو مندر گهمڻ جو موقعو مليو. ٻاهران عمارت عاليشان آهي، پر، اندر منجهس ڪو گهڻو ڪجهہ ڏسڻ لاءِ ڪونہ آهي. البت ٿهيل سٺو آهي. غالباً منجهس گرو نانڪ جو گرنٿ هڪ سهڻي ننڍي هندوري ۾ پڙهڻ

لاءِ رکيل آهي. ڪن پٿين تي موڙتون نهيل آهن. جي ڌرمي شخصيتن جون آهن. مندر جي ٻاهران ڪجهه هندو خاندان رهن ٿا. پر، ٿورو پرڀرو الڳ ايراضيءَ ۾ ڪن مسلمان خاندانن جا گهر به آهن. سموري ايراضي مندر جي ملڪيت آهي.

اهو مندر هندو ڌرم جي هڪ مهاپرش نهرايو هو جو ٽنڊي الهيار جي باني ميرَ صاحب سان گڏجي، غزنيءَ (افغانستان) مان سنڌ ۾ آيو هو. مير صاحب جي ساڻس ايڏي ته عقيدت هئي، جو ٽنڊي الهيار ۾ سندس رهائش ۽ عبادت لاءِ منڊلي ۽ ننڍو مندر نهرايائين. گهڻن سالن کان پوءِ انهيءَ سنت کي سنڌ گهمڻ جو شوق ٿيو. ٽنڊي الهيار مان پيادل نڪتو. ڪجهه چيلا (پوئلڳ) ساڻ هئس. درياهه جو اولهه وارو پاسو گهمندو مانجهند ۽ سن وٽ وڃي پهتو. پيڙين جي وسيلي درياهه پار ڪيائين ته دولتپور جي ويجهو اچي لٿو. اڳتي وڏيو ڪنڊياري پهتو پر، هالاڻيءَ ويندي، کيس وڏي جهنگ مان لنگهڻو پيو. سو پاڻ ۽ سندس چيلا جهنگ ڪپيندا، رستو ٺاهيندا، اڳتي هليا ۽ نيٺ اچي هالاڻيءَ وٽ پهتا. پر، اهڙو ٽڪجي پيا جو اتي ئي ڪکن پنن کي صاف ڪري، ڇپر ۽ ڇانوَ لاءِ جهوپڙي اڏيائون. سنت، هر طرف هندو مهاپرش جي هاڪ پکڙجي وئي. ماڻهن جا ٽولا سندس درشن ۽ دعا لاءِ ايندا رهيا. هالاڻي وٽ ئي حياتيءَ جا باقي ڏينهن گذاريائين. سندس وفات کان پوءِ اتي اهو عاليشان مندر نهيو. جنهن ۾ وقت بوقت مختلف سنت شيواداري ٽيندا رهيا. هڪڙو اسان جي پاسي، ڳوٺ ساجن شاهه جو سنت به هو. "ساجن شاهه" اسان جي ڳوٺ کان فقط اڌ ميل جي پنڌ تي آهي.

ڪنڊيارو تعلقو انهيءَ زماني ۾ شايد خيرپور جي مير علي مراد جي رياست ۾ هوندو هو. مير صاحب هالاڻي آيو ۽ مندر لاءِ زمين وقف ڪري ڏئي ويو. سندس پوٽي، وري اها زمين لکت پڙهت ڪري، شيوادارين کي ڏني ۽ خرچ پکي لاءِ ٻيا ڪي ايڪڙ زمين به ڏني.

هيءَ ننڍڙي ڳالهه انهيءَ وڏيءَ حقيقت جي نشاني آهي، ته مير الهه يار خان ۽ مير علي مراد ٽالپر جي زماني ۾ به سنڌ ۾ هندن ۽ مسلمانن ۾، هڪٻئي جي نيڪ مردن لاءِ ڪيڏي نه محبت ۽ عزت هوندي هئي.

هالاڻيءَ ۾ هر سال، ويساکي جو ميلو اچا به لڳندو آهي، هڪڙي سال،

اسان جي ڳوٺ مان ويهن پنجويهن ورهين جي جوانن جو تولو ميلو ڏسڻ هليو. مڙئي منهنجا مِٽ مائٽ هئا. مان ۽ ٻه ٽي ٻار به ساڻن گڏجي وياسين. ميلي ۾ هر طرف رنگ برنگي جهنڊين واريون بزاريون هيون. جن ۾ ماڻهن جي ڏاڍي پيهه هئي. هر طرف کاڌي پيتي جا دڪان هئا، جن ۾ کائڻ پيئڻ جو سامان ۽ مٺايون رکيون هيون. اسان به ناريل جي مٺائيءَ جو مزو ورتو.

اسان جي وڏن رات جو"ڀڳتِ" ڏسڻ جو فيصلو ڪيو. اسان به ساڻن گڏ وياسون. وهڻ لاءِ ڪرسيون رکيون هيون.

"ڀڳَت" رات جو سومهاڻيءَ کان پوءِ شروع ٿي. ٻه "ڀڳت" هئا، واري واري سان ڳالهه ڪٺي رهيا هئا ۽ ڳالهه ڪندي، ڪلام ڳائي رهيا هئا. ڏاڍو وڻندڙ ماحول هو. سازن جي ڇمڪي ۽ ڏڪڙن جي ڌڌڪي ان ۾ هيڪاري جان وڌي. ڀڳتن سان تيرنهن چوڏهن سالن جو هڪڙو خوبصورت ڇوڪرو به گڏ هو جنهن کي عورتن وانگر سبز رنگ جي ريشمي ساڙهي پاتل هئي ۽ پنين ۾ ڇير ٻڌل هئي. جڏهن ڪنهن به شخص ڪنهن ڪلام کان متاثر ٿي، پنجن ڏهن رپين جو نوٽ ٿي ڏنو ته اهو ڇوڪرو نچندو، ڇير ڇمڪائيندو، انهيءَ شخص کان نوٽ وٺي ٿي آيو ۽ ڀڳتن جي اڳيان ٿي رکيائين. ڇوڪري کي "ڇيهو" ٿي ڪوٺيائون. ڇيهي گهڻي رقم گڏ ڪئي، سا ته خدا کي خبر. پر، ڀڳتِ سڄي رات هلندي رهي. ماڻهو ڪرسين تي ويٺا رهيا. اسان جي مائٽن کي فڪر ٿيو ته متان ٻارن کي ننڊ اچي. پر، اسان سڄي رات ڀڳتِ ڏسندي گذاري.

صبح جو نانوائيءَ جي هوٽل تي وڃي ناشتو ڪيوسون. ڪاڏو لذيذ هو. ڏاڍو مزو آيو. پر، ڀڳتِ ۾ وڌيڪ مزو آيو. ڀڳتن جيڪي ڪلام ڳايا، تن ۾ دريا خان ۽ شاهه سائينءَ جا هئا. ڪنهن به هندو شاعر جو ڪلام ڪونه ڳايائون. ڀڳت هندو هئا ۽ ڀڳتِ به مندر جي پاسي ۾ وڌائون. پر، نالي ڪاڻ ڪٺي ساميءَ جو ڪو سلوڪ ڳائن، سو به نه.

هاڻي پنجاهه ورهين کان پوءِ ان ڳالهه تي سوچيندو آهيان ته ان جو سبب ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ سوچي سوچي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان، ته ساميءَ جي سلوڪن جي ٻولي اڌ سنڌي ته اڌ هندي آهي. سو سنڌس شاعري سنڌي عوام ۾ عام ڪانه ٿي سگهي. ڪتابن تائين محدود رهي. اسان جي

ئي ڪن دوستن، شاهه سچل ۽ سامي "تمورتي" ناهڻ لاءِ پاڪستان کان پوءِ بہ ڪيئي ڪتاب ڇپايا. پر، پوءِ بہ عام ماڻهن ۾ فقط شاهہ ۽ سچل ئي مقبول آهن.

❊ ❊ ❊

هالاڻيءَ واريءَ انهيءَ ڀڳتِ جهڙيون ڀڳتون سنڌ ۾ عام جام پونديون هيون. ڪڏهن ڪاٿي تہ ڪڏهن ڪاٿي. ڀڳت بہ جام هئا. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ رهندا هئا. آسپاس توڙي پري پنڌ تي بہ ڀڳتِ وجهڻ ويندا هئا. ڪن جو وڏو نالو هو، تہ ڪن جو گهٽ هو.

ڪوئل پنهنجيءَ مٺيءَ ڪُوڪَ ڪري مشهور آهي، مورُ مڙني پکين ۾ سهڻو سڏبو آهي ڪنور رام بہ ڀڳت جي فن ۾ ائين ئي مشهور هو. سندس مٽ ثاني ڪونہ هو. قدرت کيس سنو سياءُ ۽ مٺو آواز ڏنو هو. جنهن ۾ عجب تاثير هو. ماڻهن تي جادو ڪري ڇڏيندو هو.

اتر سنڌ ۾ جروار نالي، هڪ ننڍي ڳوٺ جو ويٺل هو مان هڪ دفعي الاهي بخش سومري صاحب سان گڏجي، زماني جي ڪنهن ڪم ڪار سان ميرپور ماٿيلي جي طرف لنڊ قوم جي سردار نورمحمد خان سان ملڻ ويس. تڏهن الاهي بخش صاحب تجارت ۽ صنعت جو مرڪزي وزير هو.

سانوڻ جي مند هئي. منجهند جي مهل هئي، پر مينهوڳيءَ جي موسم هئي. آسمان ۾ اڇا، ڪارا ۽ ڀورا بادل پئي تريا. تڏي تڏي وٽندڙ هوا پئي لڳي. الاهي بخش صاحب موٽر هلائي رهيو هو. منجهس فقط بہ ڄڻا هئاسون. رستو صاف ۽ سنو هو پر ور وڪڙ هئس، سو ڪنهن مهل ڦرندو گهرندو هڪ ننڍي ڳوٺ مان اچي لنگهيو. الاهي بخش صاحب چيو تہ "ڀڳت ڪنور جو ڳوٺ اهو اٿئي. نالو اٿس جروار."

مون تي هڪ سمو طاري ٿي ويو! چوطرف سڪايل اکين سان نهاريم. ڪچا پڪا گهر. ڪاٿي ڪاٿي لوڙها. بزار جو نالو نشان ڪونہ. هيو تہ نهيو چاءِ پيئڻ جي ڪا ننڍي وڏي هوٽل بہ ڪانہ. البت، هتِ هُتِ سيڏي جا دڪان نظر آيا. چون ٿا تہ ڀڳت ڪنور جو بہ هڪ سيڏي سامان جو دڪان هوندو هو. پئسي ڏوڪڙ ۾ غريب هو پر، دل جو امير هو.

وڏو ٿيو تہ پري پري ڀڳتِ وجهڻ ويندو هو. مشهور آهي تہ لڙيءَ

سومهاڻيءَ مهل ۾ بعضي اڌ رات کان پوءِ ڀڳتِ وجهندو هو. آسپاس وارن شهرن ۾ ڳوٺن مان ماڻهن جا هشام اچي مڙندا هئا. ڪنور رام به ٻين ڀڳتن وانگر، ڏگهو جامو پائيندو هو. گيڙو رنگ جو پٽڪو ٻڌندو هو. نماڻو ۽ درويش صفت انسان هو. جهڙو ٻاهر، تهڙو اندر. حَدَ درجي جو نهٺو هو. ٻئي ٻانهون ٻڌي ڳالهائيندو هو. سنڌ جي هندن ۾ جيڪڏهن ڪنهن به شخص ۾ مذهبي پيد ياءُ ڪونه هو ته اهو ڪنور هو. ماڻهن جو منجهس ويساهه ڪونه هو ساهه هو. جڻ ته سندن پيرُ هو پر، حق جي ڳالهه اها آهي ته پاڻ مڙني جو فقير هو. سنڌ ڪنور جهڙا اعليٰ انسان ٿورڙا پيدا ڪيا.

ڪنور جڏهن ڀڳتِ وجهندو هو ته راڳ عبادت جو روپ وٺندو هو. اول رب پاڪ جو منو نالو وٺندو هو "**شل ڪا ٻاجهه پوئي**" جي اکرن سان ڳائڻ شروع ڪندو هو:

نالي الک جي، ٻيڙو تار منهنجو
ندر آهيان نماڻي، تون آڌار منهنجو
نالي الک جي، ٻيڙو تار منهنجو

ڪنور گهڻو ڪري شاهه ڀٽائيءَ ۽ درياخان جا ڪلام ڳائيندو هو. ڪلام ڳائيندي، سندس پنهنجون اکڙيون به مينگهه ملهار ٿي ويندڙيون هيون. جڏهن شاهه ڀٽائيءَ جو نالو کڻندو هو ته عقيدت جي ڪري بيحال ٿي ويندو هو. سندس اکين مان ڳوڙها مينهن وانگر وسندا هئا ۽ چپن تي آلاپ هوندا هئا:

ڪين وڃن، او ڪين وڃن،
تنهنجون ماڙيون بنگلا.

ڪين وڃن، او ڪين وڃن
سون، ڪڙيون، ڪنمال.

آ. ڪانگا ڪر ڳالهه
مون سان تن مارئڙن جي

مارئڙن جي او سانگيئڙن جي،
آ. ڪانگا ڪر ڳالهه

ڪنور تہ دنيا جهان کان بيخبر، موج ۽ مستيءَ ۾ ڳائيندو رهندو هو. پر، ماڻهن جا هيانءَ ڦِسي پوندا هئا. ڪي سڏڪا ڀريندا هئا، تہ ڪي اوڇنگارون ڏئي روئندا هئا.

جيڪڏهن ڀڳتِ ”ڀڳتي تحريڪ“ جي پيداوار هئي ۽ ان جو اصل مقصد الله جي مخلوق کي محبت جي لڙهيءَ ۾ پوئڻ هو تہ پوءِ سونهاريءَ سنڌ جي هندن ۾ ڪنور کان وڌيڪ اهو حق ٻئي ڪنهن بہ ادا ڪونہ ڪيو.

ڪنور سڄي رات ڀڳتِ وجهي، پرڀات مهل جهولي جهليندو هو. ماڻهو مٿس فدا هئا. سوين هزارين رپيا سندس جهوليءَ ۾ پوندا هئا. ليڪن ڪنور سڄي رقم مسڪينن، بيواهن، محتاجن ۽ غريبن ۾ ورهائي، بوڇڻ ڇنڊي اٿندو هو. حرام جو ڪا پائي بہ پنهنجي لاءِ رکي!

جيڪڏهن ڪو مسڪين سيد سڱورو وٽس لنگهي ويندو هو ۽ ساڻس حال پائي ٿيندو هو تہ نياڻي اٿارڻي اٿم، پر پلئہ ۾ پائي بہ ڪانهي، تہ ڪنور کيس دلجاءِ ڏيندو هو. جهوليءَ ۾ پيل رقم مان نوٽن جون مٺيون ڀري سڀ کان اول انهيءَ مسڪين سيد کي ڏيندو هو. جيڪو کيس دعائون ڪندو ويندو هو. سيدن جو سدائين وڏو ادب ۽ احترام ڪندو هو ۽ مسجدن جي اڏاوت لاءِ بہ پئسا ڏيندو هو. سندس مذهب انسانيت هو ۽ راڳ سندس عبادت هئي.

❊ ❊ ❊

سنڌ جا هندو گهڻو ڪري نانڪ پنٿي آهن، يعني گرو نانڪ جا پوئلڳ آهن. ڪنور پاڻ بہ هڪ نانڪ پنٿي هو. گرو نانڪ صوفي هو. نہ رڳو ڪاشي ۽ مٿرا جا تيرٿ ڀيٽي آيو هو پر مڪي شريف مان بہ ٿي آيو هو.

لاهور ۾ جسٽس جاويد اقبال مون سان ڳالهہ ڪئي، تہ سيالڪوٽ ۾ گرونانڪ جي مزار آهي، جنهن جا مجاور گرو نانڪ کي مسلمان مڃيندا آهن. سيالڪوٽ جسٽس جاويد اقبال جو آبائي شهر آهي، جو علامہ اقبال اتي ڄائو هو.

گرو نانڪ جو ڇويهون گادي نشين مهندر سنگهہ بيدي هندستان سرڪار جو ٻارنهن ڄڻن جو ادبي وفد وٺي، پاڪستان جي سرڪاري دوري تي آيو هو. حڪومت پاڪستان مون کي وفد جو سرڪاري ميزبان مقرر ڪيو. بيديءَ هڪ دفعي ٻڌايو تہ اسان سک بہ هڪ خدا کي مڃيندا آهيون.

ٻين ٻہ گهڻين ڳالهين ۾ هندن کان وڌيڪ مسلمانن کي ويجها آهيون. مثلاً، اسان بہ اوهان وانگر پنج وقت عبادت ڪندا آهيون.

ڀڳتي تحريڪ ۾ گرو نانڪ کي تہ سک ڌرم جو پيشوا ليکيو وڃي ٿو پر، ميران ٻائي، ڀڳت ڪبير، خود دادو ديال بہ ڀڳتي تحريڪ جا آبدار مڻيا هئا.

شاهہ سائينءَ ۽ ٻين عظيم صوفي شاعرن سنڌي مسلمانن جي ذهن کي متاثر ڪيو تہ هندن کي وري ڀڳتي تحريڪ ماڻهپي جو سبق ڏنو. سنڌ جا ڪيترا هندو، تعصب ڇڏي، مسلمان درويشن جا مريد ٿيا. ڪي مرشد جي سيکاريل ذڪر فڪر موجب، رب پاڪ جي "اسماءُ الحسنيٰ" جي تسبيح پڙهندا هئا. هندو زالون توڙي مرد مرڻ کان پوءِ ساڙيا ويندا آهن. پوربا ڪونہ آهن. ليڪن، سچل سائينءَ جي قدمن ۾ سندس عقيدتمند هڪ هندو عورت جي قبر آهي.

تاجپور جو نواب نور احمد خان لغاري بہ منهنجو گهرو گهاٽو دوست ۽ محسن هو. اسان ٻئي ايران سرڪار جي دعوت تي تهران، شيراز اصفهان ۽ ٻين شهرن ۾ وياسين. ايران جو دورو پورو ڪري، پنهنجي خرچ تي دبئيءَ وياسين. اتي نواب صاحب جا هندو الاهي مريد هئا. نواب صاحب پاڻ بہ گادي نشين هو ۽ جهوڪ شريف جي درگاهہ جو پانڌيئڙو هو. دبئيءَ ۾ نواب صاحب جي مريدن پنهنجي مرشد کي ڪنهن بہ سٺيءَ هوٽل ۾ ٽڪائڻ بي ادبي سمجهي. پنهنجي گهر ۾ ٽڪايائون. مون پنهنجين اکين سان ڪين نواب صاحب جي هٿن ۽ پيرن کي چمندي ڏٺو.

* * *

ڀڳت ڪنور جنهن سونهاريءَ سنڌ ۾ اکيون کوليون، ان جو ماحول ائين هو. منجهس تعصب ڪونہ هو. سندس پيءُ جو نالو ٻائي تاراچند هو ۽ ماڻس جو نو شريمتي تيرٿ ٻائي. ڪنور سترامداس نالي هڪ درويش جي دعا سان ڄائو. سو ماڻس ۽ پڻس پنهنجو پٽڙو وڃي درويش جي گود ۾ وڌو. هو ڀڳت هو ۽ ڪلام چوندو هو. سندس اثر ڪنور تي پيو هوندو. ڪنور پنهنجي پيءُ جي چوڻ موجب، هاسارام نالي هڪ شخص کان "راڳ وديا" جي تعليم ورتي، جو ڳوٺ حيات پتافيءَ ۾ هندن جي دربار جو شيوا ڌاري هو.

هندن جي مذهب ۾ راڳ عبادت آهي. هندو ڌرم جا پاڪ ڪتاب مثال طور، ”رگ ويد“ به گهڻي قدر قدرت جي حمد ۽ ثنا جا گيت آهن: اسان جي عقيدي موجب پڻ نبين ۾ حضرت دائودؑ جو آواز ڏاڍو مٺو هوندو هو. لحن دائودي حُسنِ يوسف وانگر مشهور آهي. هندستان جي مسلمانن ۾ چشتي سلسلي جا بزرگ راڳ ۽ سماع جا شوقين هوندا هئا.

اسان جو شاهه سائين به راڳ جو شوقين هو. چون ٿا ته هڪ ڀيري ننڍي جي مُلن جو هڪ وفد وٽس ويو ۽ ادب سان عرض ڪيائين ته، ”سائين اوهان ته پاڻ هيڏا پرهيزگار بزرگ آهيو. پوءِ راڳ ۽ ساز جي وندر ورونهن ڪيئن ٿا ڪريو؟“

شاهه سائينءَ ڪين محبت سان جواب ڏنو ته، ”ادا، منهنجي اندر ۾ هڪ وڻ آهي. جڏهن راڳ ٻڌان ٿو ته ان ۾ گوُنچ ۽ گل ڦل ڦٽن ٿا، پر، جي نٿو ٻڌان، ته گل ڦل ۽ گوُنچ ڪومائجي وڃن ٿا.“

شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ مولانا جلال الدين روميءَ کي ساراهيو آهي. هو عالمِ اسلام جو سڀني کان هاڪارو شاعر هو. راڳ ۽ سماع جو شوقين هو. ڪيس انهيءَ رنگ ۾ رڱڻ وارو بزرگ، شمس تبريزي هو. ساڻس ملاقات کان اڳ مولانا رومي شريعت جو جيد عالم هو. جڏهن ٻاهر نڪرندو هو ته سوين ماڻهو سندس اڳيان ۽ پويان ادب سان پيادل هلندا هئا. مولانا رومي عبا ۽ قبا سان وڏي شان شوڪت سان ايندو ويندو هو. سندس وڏو رعب هو. هڪ دفعي وعظ پئي ڏنائين، ته ماڻهن جي ميڙ ۾ پراڻن ميرن ڪپڙن ۾ ويٺل هڪ فقير، ڪيس چيو ته، ”اوهان جيڪا ڳالهه هيئن بيان ڪئي، سا ته هوئن آهي.“

روميءَ ڏانهس نهاريو ۽ فرمايو ته، ”فقير هيءَ ڳالهه تنهنجي سمجهه کان مٿي آهي.“

اهو ٻڌي، فقير روميءَ جي بي بها قلمي ڪتابن جي ڍير ڏي نهاريو ته منجهائنئن دونهان نڪرڻ لڳا. روميءَ دانهن ڪئي ته، ”فقير تو هي ڇا ڪيو؟“

فقير جواب ڏنس ته، ”اها ڳالهه وري تنهنجي سمجهه کان مٿي آهي.“

ٻي روايت هيءَ آهي ته روميءَ ڪنهن چمن ۾، وهندڙ ڪسيءَ جي ڪناري تي واعظ پئي ڏنو ته ڪنهن فقير کانئس ڪو سوال ڪيو.

روميءَ چيس تہ، ”فقير، هيءَ ڳالهہ تنهنجي سمجهہ کان مٿي آهي.“

فقير ڇا ڪيو جو رومي جي پاسي ۾ رکيل قلمي ڪتابن مان هڪڙو کڻي وهندڙ کسيءَ ۾ اڇلايائين. روميءَ دانهن ڪئي تہ، ”فقير، توهي ڇا ڪيو؟“

فقير کسيءَ ۾ هٿ وجهي، ڪتاب ڪڍي روميءَ جي اڳيان رکيو. مٿس پاڻيءَ جو هڪ قطرو بہ ڪونہ هو. رومي اها ماجرا ڏسي، واٺڙو ٿي ويو.

اهو ڏينهن ۽ اهو شينهن! روميءَ عبا ۽ قبا ڦٽي ڪئي. شمس تبريزيءَ جو ٻڌو ٻانهو ٿي ويو. کانئس معرفت جا سبق ورتائين. اڳتي هلي، شمس تبريزي غائب ٿي ويو. ڪن ماڻهن جو خيال آهي تہ جلال الدين روميءَ جي فرزند کيس لڪ چوريءَ مارائي ڇڏيو ڇو تہ روميءَ اڳوڻو عالمانہ ”مخرج“ ڇڏي ڏنو هو. فقيري اختيار ڪري راڳ ۽ سماع شروع ڪيو هو.

روميءَ جي راڳ ۽ سماع جو اهو سلسلو اڄ تائين هلندو اچي ٿو. فارسيءَ ۾ ان کي ”رقصِ درويشان“ ۽ انگريزيءَ ۾ ”Dancing Derveshes“ ڪوٺيندا آهن. روميءَ کي شمس سان عشق ۽ عقيدت هئي. کيس سڪ سان ساري، فرمايو اٿس:

مولوی ہرگز نہ شُد، مولائی روم،
تا غلامِ شمس تبریزی نہ بود.

❊ ❊ ❊

مان جڏهن ڏهن ٻارنهن ورهين جو ٻار هئس تہ بابا سائينءَ سان گڏ پنهنجي ڳوٺ آڳرن کان ڇهن ستن ميلن تي ڪنڊياري جو شهر گهمڻ ويندو هئس. تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. ضلعو تڏهن نوابشاهہ هو ۽ هاڻي نوشهرو فيروز آهي. ڪنڊياري ۾، چاچي محمد هاشم ميمڻ وٽ پراڻي پرائمري اسڪول ۾ ٽڪندا هئاسون. اسڪول وڏي دڙي جي مٿان ٺهيل هو. ڪچين سرن جي ٺلهين پٽين سان اُڻويهين صديءَ جي آخر ۾ اڏيو هو. اڏاوت جو ڪتبو ڪاشيءَ جي سرن سان پٽ تي لڳل هو. سن 1880ع هو يا ڪو ٻيو. پر، منو سؤ سال گذرڻ جي باوجود اسڪول اڃا ڏاڍو بيٺو هو. اسڪول جي اتر ۾ هندن جو ٽڪاڻو هو. رات جو سومهاڻيءَ مهل ٽڪاڻي ۾

راڳ ۽ ساز شروع ٿي ويندا هئا. چوندا هئا تہ ”اها هندن جي عبادت آهي.“

راڳ گهڻن ئي قومن ۾ خدا جي عبادت آهي. هن دنيا جا انسانَ، پوءِ اهي کهڙي بہ دين ڌرم جا هجن، پنهنجيءَ پرِ ۾ رب پاڪ کي مٺي آواز ۾ ياد ڪندا رهن ٿا. بيوس کهڙو نہ سٺو چيو آهي:

ساھہ اندر جو ساھہ ڪجي ٿو
بيوس سائينءَ ناد وڄي ٿو
نوبت نينهن نقارا
سڀ ڪن تنهنجي ساراھہ
پيارا قدرت وارا

هندستان جي هاڪاري عالم ابوالڪلام پنهنجي مشهور ڪتاب ”غبارِ خاطر“ ۾ لکيو آهي تہ:

”رگ ويد جي فڪري زمزمن جو مواد ان وقت تيار ٿيڻ لڳو هو جڏهن اڃا تاريخ جو صبح بہ رات جي تاريڪيءَ مان ظاهر ڪونہ ٿيو هو. مصرين انهيءَ ئي زماني ۾ خدا کي طرح طرح جي مٺن نالن سان پڪاريو هو حتيٰن ۽ ريڪيءَ اعلامين پنهنجي تصوري عبادتگاهن جا نقش و نگار بہ ڪونہ ناهيا هئا. انساني تهذيب ۽ تمدن اڃا جوانيءَ ۾ پيرُ بہ ڪونہ پاتو هو تہ ڪالڊيا جي ڪاريگرن مٽيءَ جي ڪچين سرن تي رب جي حمد ۽ ثنا جا اهي ترانا لکيا هئا، جيڪي اڳين قومن کان کين ورثي ۾ مليا هئا.“

ابو الفضل ڪشمير ۾ جيڪو عبادتخانو ٺهرايو هو ان تي هي ڪتبو هنيو هئائين:

*الٰہی بہ ہر خانہ کہ می نگرم جویائے توانہ،*
*و بہ ہر زبان کہ می شنوم گویائے تو!*

ڪنور جو راڳُ بہ انهيءَ رنگ ۽ روپ ۾ رب پاڪ کي سڪ جا سڏڙا هئا:

**نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجوا**

❊ ❊ ❊

رحيم بخش خان سومرو شهيد الله بخش سومري جو وڏو فرزند منهنجو چاليهن سالن جو دوست هو. سو پاڻ ۾ گهرا گهاٽا هئاسين. ڪراچيءَ ڪار شڪارپور ويندي ۽ موٽندي، مون وٽ ٽڪندو هو. پراڻي دؤر جي اهم واقعن جو ذڪر ڪندو هو.

هڪ دفعي مون سان ڳالهه ڪيائين ته، ”جن بابا کي ماريو هو تن پوءِ پڇتايو هو. هر سال انهيءَ تاريخ تي بابا جي تربت تي اچي، توبهه تائب ٿيندا هئا ۽ قرآن شريف جو ختمو ڪيندا هئا. ختمو ڪري، امان کي پيرين پئي هر پيري معافي وٺي، واپس ويندا هئا. ڪل چار ڄڻا هئا. هڪ مري ويو ته ٽي ايندا هئا، ٽيون مري ويو ته ٻه ايندا هئا. آخر ۾ هڪڙو ڄڻو بچيو. جيسين جيئرو هو، تيسين ايندو هو.

❊ ❊ ❊

**سوڀو گيانچنداڻي** سنڌ ۽ هند ۾ گذريل اڌ صديءَ جي اهم واقعن ۽ سياسي لاهن چاڙهن جو معتبر شاهد آهي. هن لکيو آهي ته: ”جنهن وقت ڪنور ڀڳت شهيد ٿيو ان وقت مان ٽئگور جي **شانتينڪيتن** ۾ پڙهندو هئس. اتي خبرون پهچنديون هيون ته سنڌ ۾، خاص ڪري سکر ضلعي ۾ قتلِ عام تي رهيو آهي. جن شهرن ۾ هندن جي گهڻائي آهي، اتي مسلمان ماريا وڃن ٿا، جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي، اتي هندو ماريا وڃن ٿا.

سوڀي لکيو آهي ته مسلم ليگ، جو بنياد 1906ع ۾ پيو هو. جنهن جو هڪ وفد ان وقت جي هندوستان جي وائسراءِ ”لارڊ منٽو“ سان مليو ۽ زور ڏئي، اها ڳالهه ڪيائين ته، ”مسلمان هڪ جدا قوم آهن مسلمانن جا ووٽ جدا ڪيا وڃن.“

ان زماني ۾ سياسي تحريڪون ايڏيون طاقتور نه هيون. پر، ڪانگريس جي اڳواڻيءَ ۾، 1881ع کان جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي هئي، سا، ويهين صدي جي شروعات تائين طاقتور ٿي وئي هئي.

سوڀي ان دؤر جي سياسي منظر جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته: ”1921ع ۾ گانڌيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ”عدم تعاون“ جي تحريڪ هلي، جيڪا اهنسا تي ٻڌل هئي. اهنسا جو مطلب آهي ته ”رتوڇاڻ نه ڪريو.“ ساڳئي وقت، ”خلافت تحريڪ“ هلي. خلافت تحريڪ ۾ هزارين مسلمان شريڪ ٿيا.

مسلمان علمائن ڳوٺن اندر پرچار ڪيو تہ حڪومت سان تعاون ڪرڻ ڪفر آهي. اسلام جي خلاف آهي. فوج جي اندر جيڪي مسلمان آهن سي ڪِريل آهن، منڪر آهن. انهن کي کپي تہ انگريزن جي حڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪن. مهاتما گانڌيءَ بہ خلافت تحريڪ جي پٺڀرائي ڪئي. هندن ۽ مسلمانن جي انگريزن جي خلاف گڏيل تحريڪ جيتوڻيڪ هلي صرف ٽي سال، پر انگريزي سلطنت جا بنياد لڏي ويا.

انگريزن وري ان جو توڙ اهو ڳوليو جو هنن بہ مذهبي تحريڪون شروع ڪرايون. مثال طور هندن ۾ شڌي ۽ سنگٺن جون تحريڪون، مسلمانن ۾ انگريزن جي ڪن وظيفي خور مولوين تحريڪ شروع ڪئي. اهڙيءَ ريت ساري هندوستان ۾ ننڍا وڏا فساد ٿيا. اخبارن غلط پروپيگنڊا ڪئي. سو هندن ۽ مسلمانن ۾ نفرت وڌندي ويئي. هندوستان جو جيڪو ماحول هو تنهن جو اثر سنڌ جي سياست تي بہ پيو. سنڌ اسيمبليءَ جي سٺ ميمبرن مان ستاويهہ هندو ۽ ٽي خاص چيمبر آف ڪامرس يا زميندارن جا نمائندا هئا. سنڌ جي هڪ مستحڪم حڪومت بنائڻ توڙي ڊاهڻ ۾ سنڌ جي انگريز گورنر جو وڏو هٿ هوندو هو.

الله بخش سومري کي ڪانگريس جي ميمبرن جي سپورٽ هئي. هن انگريزن کان مليل لقب ساڻن نفرت ڪري واپس ڪيا هئا، سو سندن مٿس وڏي ڪاوڙ هئي، ٻيا بہ ڪيئي ڪارڻ هئا. مثال طور هن انگريزن جي حڪومت ۾ سندن مرضيءَ جي خلاف مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي جلاوطني ختم ڪري کيس غالباً ڇٽيهن سالن کان پوءِ واپس سنڌ ۾ آندو. هن پسمنظر ۾ ٺڏوڪيءَ سنڌ مسلم ليگ کيس ڪيرائڻ ۽ هندو-مسلم ڇڪتاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ رٿ ڪئي تہ هندن جو ڪو معتبر ماڻهو ماريو وڃي. ڀڳو ڪنور جي نالي نڪتو.

سنڌ ۾ ائين فساد ٿيا. هاسارام پمنانيءَ جو قتل هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهائڻ جي پاليسيءَ جو منطقي نتيجو هئو الله بخش سومري کي شهيد ڪيو ويو. ڪنور جو قتل بہ ان ئي سلسلي جي هڪ مکيہ ڪڙي هو.

"بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائي" جي تحريڪ ڪري بہ سنڌ ۾ هندو مسلم ڇڪتاڻ گهٽي وڌي ڇو تہ هندن سنڌ جي آزاديءَ جي مخالفت ڪئي.

❋ ❋ ❋

سوڀي گيانچند چنداڻيءَ سياسي منظر بيان ڪرڻ کان پوءِ پنهنجو رايو ڏنو آهي تہ، صوفين جو اثر سنڌ ۾ گهٽجي وقت کان وٺي آهي ۽ اجا گهڻو وقت رهندو. انهن صوفين ۾ اسان جا امر شاعر لطيف، سچل ۽ سامي اچي وڃن ٿا. انهن سان گڏ اسان جي ڳائڻن ۽ ڪلاڪارن بہ وڏو رول ادا ڪيو. جيڪي صوفيانہ ڪلام ڳائيندا هئا. صوفين جو اثر ايترو ٿيو جو هندو ۽ مسلمان گڏجي ويا. ڪيترن ئي هندن مسلمانن جون درگاهون ساڳيون ۽ مرشد ساڳيا هئا. شاهہ لطيف سيني سنڌين لاءِ اکين جو نُور هو. هندن ۽ مسلمانن کي هڪجهڙو پيارو هو. هندن ۽ مسلمان محققن سندس ڪلام تي عشق ۽ عقيدت سان ڪم ڪيو. پر، پوءِ بہ سڄي هندستان جي سياست جو اثر سنڌ تي پوندو رهيو. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ڇڪتاڻ وڌندي وئي. نيٺ هندستان ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو.

سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان اڄ بہ ڪنور کي ياد ڪن ٿا، ڇوتہ پنهنجي ملڪ سان محبت ۽ پنهنجن ماروئڙن ۽ سانگيئڙن سان پيار ڪرڻ سنڌ جي قديم ڪلچر جي شاندار روايت آهي.

* * *

ڪنور جو قتل 1857ع واريءَ بغاوت کان پوءِ انگريزن جي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" واريءَ پاليسيءَ جو نتيجو هو. سنڌ ۾ ڪي مسلم ليگي اڳواڻ انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪري رهيا هئا. انگريز سرڪار ڪين سر، خانصاحب ۽ خانبهادر جا لقب بي سبب ڪونہ ڏيندي هئي.

الله بخش جي وزارت مضبوط هئي، سو انهيءَ کي ڪيرائڻ لاءِ فساد ضروري هو. ڪن بہ ٻن ڌرين ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جو مؤثر طريقو هي آهي تہ ڪين پاڻ ۾ ويڙهائجي.

★

# حُسين شاهہ راشدي

حسين شاهہ ۽ منهنجيءَ دوستيءَ جو عرصو پنجاهہ سال آهي. انهيءَ عرصي ۾ ڪيئي لاها چاڙها آيا، پر، دلين کي درياهہ جون سيرون بہ ڏار ڪري ڪونہ سگهيون.

هئي جڏهن سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهندا هئاسون. عمر چوويهہ پنجويهہ ورهيہ هوندي.

اسان جو ٽيون دوست علي محمد گمبواٽي هوندو هو جو آمريڪن سفارتخاني ۾ ملازمت ڪندو هو ۽ پڙهندو سنڌ مسلم ڪاليج ۾ هو. اڳتي هلي، سندس سنگت ڪري، حسين شاهہ بہ آمريڪن سفارتخاني ۾ نوڪري ورتي جتي ڪرسٽافر ۽ ورنر نالي ٻن آمريڪين سان دوستي رکيائين ۽ کين مون سان بہ متعارف ڪرايائين. هئي آمريڪي گهرا گهاٽا يار ٿي ويا. ايتريقدر جو بہ سال پوءِ بورڊ جون آفيسون بدلي ٿي حيدرآباد آيون، تہ هئي آمريڪي دوست پنهنجين زالن ۽ حسين شاهہ سان گڏ مون وٽ هر آچر ڏينهن حيدرآباد ايندا هئا. حيدرآباد اچڻ مان سندن مکيہ مقصد -WEEK END تي ڪراچيءَ جي گوڙ گهمسان مان نڪري، OUTING ڪرڻ لاءِ نئين واري رستي سان ڳوٺن، باغن، پوکن ۽ ڍنڍن جو نظارو ڪرڻ ۽ حيدرآباد اچي بہ ٽي ڪلاڪ مون سان گڏ گذارڻ هوندو هو. حيدرآباد ۾ تڏهن سٽي ۾ سٽي هوٽل "رٽز" هوندي هئي منجهس ڪاڏي جو هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو بہ هوندو هو. جنهن ۾ بيئر ملندو هو. آمريڪي دوست لنچ کان اڳ بہ ٽي گلاس پيئندا هئا. پر، حسين شاهہ ان کي هٿ بہ ڪونہ لائيندو هو. جڏهن مان ڪراچيءَ ويندو هئس تہ ڪڏهن ورنر تہ ڪڏهن ڪرسٽافر ڊنر ڪرائيندا هئا. ورنر ۽ سندس زال سخي هئا. هڪ دفعي ڪراچيءَ مان منهنجي

BIRTH-DAY تي، گهر ۾ وڏو نهايت وٽندڙ ”فروٽ ڪيڪ“ ناهي، ان کي هڪ خوبصورت باڪس ۾ وجهي کڻي آيا. مان سندن قرب کان ڏاڍو متاثر ٿيس. حجاب کان کين اهو ڪونه ٻڌايم ته مون ته پنهنجي فيملي ميمبرن سان به ڪڏهن BIRTH DAY ڪونه ملهايو هو. اسان وٽ اهو رواج ئي ڪونهي.

٭ ٭ ٭

حسين شاهه جو والد سائين علي محمد شاهه راشدي مرڪزي وزير اطلاعات هو. سو مون کي ائين سمجهڻ لاءِ واجبي سبب هو ته حسين شاهه سنڌ جي ”حڪمران خاندانن“ ”RULING FAMILIES“ سان تعلق رکي ٿو. پر، هڪ دفعي چيائين ته، ”ادا، اسان لوئر مڊل ڪلاس جا ماڻهو آهيون“ مان اها ڳالهه ٻڌي، منجهي پيس. سو وضاحت لاءِ به تي ڳالهيون ٻڌايائين. چيائين ته، ”هاڻي ته خوشحال آهيون پر، پاڪستان ٺهڻ وقت جڏهن بابا ”سنڌ آبزرور“ (SIND OBSERVOR) جو ايڊيٽر هو ۽ سندس وڏو نٽ نانگر هو تڏهن هڪ ڀيري امان موڪليو ته، ”پيءُ کان ڏهه روپيا وٺي اچ، جو گهر ۾ ٻوڙ ڀاڄيءَ لاءِ پيسو ڪونهي“. بابا وٽ آفيس وڃڻ لاءِ بس جو ڪرايو ڪونه هو سو پيادل جمشيد روڊ کان گهڻو پري سندس آفيس ۾ ويس. ڳالهه ٻڌي، تڙ تڪڙ ۾ سڪو جواب ڏنائين، ”مون وٽ پئسا ڪونهن.“ موٽي اچي، امان کي احوال ڏنم.

حسين شاهه جي والده صابرين خاتون هئي. سائين حسام الدين مون سان ڳالهه ڪئي ته، ”منجهند جي ماني پچائي، بورچيخاني ۾ پير پاسي سان تڏي وڇائي، اُتي ئي آهلي پوندي آهي.“

حسين شاهه ننڍپڻ جو ڪو ٿورو عرصو والد سان گڏ گذاريو. سائين حسام الدين راشدي کي اولاد ڪونه هو. سو حسين شاهه ۽ ڀيڻس حسنا بيبيءَ کي پٽ ۽ ڌيءُ ڪري، ناز ۽ نعمت سان پاليائين. سندن والده به حسام الدين راشديءَ جي گهر ۾ رهڻ لڳي تڏهن حسام الدين شاهه ۽ علي محمد شاهه جي والده گوهر بيبي به ساڳئي گهر ۾ رهندي هئي. ٻيڙي عورت هئي. هڪ دفعي مون کي حيدرآباد مان سڏائي ڪو ڪم چيائين. سندن مقعطيدار کين پورو فصل ڪونه ٿي ڏنو.



حسين شاهہ راشدي

حسين شاھہ جو نئينپڻ سچو ئي ڪراچيءَ ۾ گذريو ھو. ڏاڍيءَ جي واتان ڪٽڪ جي فصل جون ڳالھيون ٻڌي، جڏھن اسان ٻئي ڄڻا سنڌن گھران ٻاھر نڪتاسين، تہ مون کان پڇيائين تہ:

**"ڪٽڪ جو وڻ وڏو ٿيندو آ؟"**

⁂ ⁂ ⁂

ڪاليج ۾، حسين شاھہ بي.اي ڪري "لا" جو امتحان پاس ڪيو ۽ چاچي جي مشوري موجب پريڪٽس لاءِ دادوءَ ھليو آيو. علي محمد راشدي اتي ڪرايي تي گھر ورتو ھو جو ديھہ ڦڪن ۾ فارم ھئس. حسين شاھہ کي چيائين تہ "مون واري فارم تي بہ نظرداري ڪجانءِ"

بورڊ جون آفيسون غالباً 1962ع ۾ حيدرآباد ۾ آيون ھيون ۽ ڳاڏي کاتي جي، "امين منزل" ۾ ھيون. حسين شاھہ، دادوءَ ۾ رھائش دوران ڏھين پندرھين ڏينھن حيدرآباد ايندو ھو. منھنجي آفيس ۾، لئبرريءَ جي وڏيءَ ميز تي ھنڌ وڇائي سمھندو ھو. ماني سدائين "اورينٽ ھوٽل" ۾ کائيندو ھو. مون وٽ رڳو صبح جي چاءِ پيئندو ھو. اسان جا ڪجھہ سال ائين گڏ گذريا. تن ڏينھن ۾ رات جو يارھين بجي ھڪ ريل گاڏي ڪراچيءَ مان دادوءَ ويندي ھئي، ان ۾ ويندو ھو. ھڪ دفعي مان کيس ڪوٽڙي اسٽيشن تي اماڻڻ ويس. سامان گارڊ جي ڪمري ۾ رکيائين، جيڪو تمام ننڍو ھو. وھڻ لاءِ رڳو ھڪ سوڙھي پر گدي واري بينچ ھئس. بينچ جي اڳيان منجھس فرش کان ڇت تائين ھڪ ٿلھو اسٽيل جي پائيپ جو ايو ٿنيو ھو. حسين شاھہ بت ۾ تڏھن بہ پريل ھو. ٻڌايائين تہ "بينچ تي پاسو ڏڪائي، ٿنڀي کي مٿان ٻنھي ھٿن سان جھليندو آھيان. ريل گاڏي، رڙھندي رھندي آھي. نيٺ ائين اڌ رات جو وڃي دادوءَ پھچندو آھيان."

منجھس جفاڪشيءَ جي وڏي صلاحيت ھئي. اھا ڳالھہ ان جو ھڪ مثال آھي.

مون سنہ 1969ع ۾ شادي ڪئي تن ڏينھن ۾ ون يونٽ جي خلاف سنڌ جي تحريڪ ۾ سرگرم عمل دوستن سان گھڻو وقت گڏ گذرندو ھو. دوستن جي قطار اڻ ڪٿ ھئي. ڳوٺ ۾ کين ٽڪاڻڻ جو خاطر خواہ بندوبست ڪونہ ھو. سوچي سمجھي ڪنھن بہ دوست کي شاديءَ جو ڪونہ ٻڌايم. رڳو حسين شاھہ سان ڳالھہ ڪيم. شاديءَ واريءَ رات مان تہ وڃي آرامي ٿيس. حسين

شاهہ بنا ڪنهن اطلاع جي اوچتو دادوءَ مان جيپ ڪٽي نڪتو رات جو اوچتو هڪ ٻي بجي، الائي تہ ڪٿان ڪٿان منهنجي ڳوٺ جي پڇا ڳاڇا ڪندو اچي نڪتو. رات جي ماني ڪائي، اسان جي اوطاق ۾ لٽ ڏيئي سمهي پيو. مون ڪي صبح جو ٻڌايائون. ناشتو گڏجي ڪيوسون.

سندس شادي سائين حسام الدين ڪرائي پر، ان معاملي ۾ فقط مون سان صلاحي هو. سائين علي محمد راشدي سان بہ ڪا ڳالهہ ڪونہ ڪندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ ٻہ عيدن جي پاسي بہ وياسين. بهرحال، بيگم چنا جي معرفت معاملو راس ٿيو تڏهن اسان جو مشترڪ دوست حميد سنڌي بہ ان معاملي ۾ شريڪ ٿيو اهڙيءَ ريت حسين شاهہ ۽ حسنا بيبيءَ جون شاديون پير غلام رسول شاهہ جيلانيءَ جي خاندان ۾ ٿيون.

هڪ دفعي ادي شميم جو سڪ سان ذڪر ڪندي مون کي چيائين تہ، ”شميم سان منهنجي شادي ڪونہ ٿئي ها تہ منهنجو گهر ڪونہ نهي ها“.

ادي شميم سنڌي محاوري موجب، صحيح معنيٰ ۾ ”سگهڙ عورت“ آهي. گهر تہ هلائي ٿي. پر، سائين مرحوم حسام الدين شاهہ جا سوين ڪتاب، تاريخي خط ۽ تصويرون ايڏي تہ سليقي سان محفوظ ڪيون اٿس، جو جڻ تہ پاڻ سڄي عمر ڪتبخانن ۾ گذاري اٿس. ٻارن کي پڙهايائين ۽ بعد ۾ سندن شاديون ڪرايائين. مون کي ان ڳالهہ تي خاص خوشي ٿي تہ علي رضا کي نماز پڙهائڻ تي بہ هيرايائين.

❊ ❊ ❊

حسين شاهہ دادو ڇڏي ڪراچيءَ وڪالت ڪرڻ لڳو. سکيو ستابو ٿيو. نهايت ذهين ۽ محنتي هو. سائين حسام الدين جي وفات کان پوءِ ”الحمرا سوسائٽي“ وارو گهر وڪڻي، ڊفينس سوسائٽيءَ ۾ بنگلو ورتائين. اعليٰ درجي واري فرنيچر سان آراستہ پيراستہ ڪيائينس. گذريل دفعي بنگلي جي پورچ ۾ قيمتي ڪارون هڪٻئي پٺيان قطار ۾ بيٺل ڏٺم.

❊ ❊ ❊

حسين شاهہ پيءُ ۽ چاچي ٻنهي جي شخصيتن جو اثر ورتو. علي محمد شاهہ سندس والد، سياست ۾ هو. پاڻ بہ سينيٽر ٿيو. سائين حسام الدين ادب ۾ هو تہ پاڻ بہ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ٿيو. سائين حسام الدين شاهہ

مهيني ماسي سنڌي ۽ اردو اديبن جون پروقار دعوتون ڪندو هو. حسين شاهه چاچي جي اها سنت به جياري، والد ۽ چاچي جون ورسيون وڏي اهتمام سان ملهائيندو هو. هن پيري سائين علي محمد شاهه جي ورسيءَ جي تقريب جو بندوبست "جيو" (GEO) جي آڊيٽوريم ۾ ننڍي ڀاءُ عادل شاهه راشديءَ سان گڏجي ڪيائين. منهنجو وڏو مانُ ڪيائين جو تقريب جو "مهمان خصوصي" ڪيائين. پوءِ رات جو گهر دعوت لاءِ وٺي هليو. جنهن ۾ فقط سنڌس خاندان جا مرد ۽ خواتين هئاسين. ان موقعي تي سنڌس لئبرري به ڏٺم. نفيس احمد ناشاد ورسيءَ جي تقريب ۾ ته شريڪ ٿيو. پر، پوئتي موٽڻو هئس. سو حسين شاهه جي گهر دعوت ۾ هلي ڪونه سگهيو.

ستت حسين شاهه سنڌي ادبي بورڊ جي تعاون سان حيدرآباد ۾ سائين حسام الدين شاهه جي ورسيءَ جي تقريب رکي ۽ مون کي ان جو تاڪيد ڪيائين. مان ته هونئن ئي سائين حسام الدين جو عقيدتمند آهيان. حاضر ٿيس. انهيءَ تقريب ۾ به مون کي "مهمان خصوصي" جو اعزاز ڏنائين. اڄ ڪنڌ ورائي پوئتي ڏسان ٿو ته ڪالهوڪو ڏينهن آهي.

حسين شاهه تقريب لاءِ ڪراچيءَ مان اچي ڪونه سگهيو جو اوچتو عليل ٿي پيو. پر، ٻئي ڏينهن، فون تي جلسي جو احوال ورتائين. سنڌس علالت ڪري، ڪيس فون ڪندو رهندو هئس. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ ڪڙو تڙو هو. پوئين پيري چيائين ته "سڀ ٽيسٽون صحيح آيون آهن اڄ آخرين ڪرائڻ وڃان ٿو."

ٻن ڏينهن کان پوءِ فون ڪيم ته ٻڌايائون ته، "علي رضا لنڊن کان آيو هو سو اسپتال ۾ ڪٺائي ويو اٿس."

اسپتال مان خبر پئي، ته ڏينهون ڏينهن حالت سڌرڻ بدران بگڙي رهي آهي. هفتي کان پوءِ امجد شاهه جيلانيءَ ڪراچيءَ مان اطلاع ڏنو ته "ادا حسين شاهه اڄ آچر ڏينهن صبح جو هي جهان ڇڏي انهيءَ جهان ۾ ويو جيڪو هتان کان بهتر آهي." اکيون پرجي آيون. ڪراچيءَ جنازي نماز لاءِ روانو ٿيس.

حسين شاهه 15 جنوري 1938ع تي ڄائو هو. ان حساب سان لڳ ڀڳ ستر ورهيه عمر ماڻيائين. اهو چڱو وڏو وقت آهي. وقت نه رڳو ماڻهوءَ جي زندگيءَ جا سڀ معاملا طئي ڪري ٿو بلڪ سنڌس وجود جو "تسلسل" برقرار رکي ٿو. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته انسان جي تخليق جو مقصد

پنهنجي نسل جو تسلسل قائم رکڻ آهي. پر، دنيا جي هاڪاري سائنسدان آئنسٽائين چيو آهي تہ اسان انسان مختصر مسافريءَ لاءِ هِن گپ چِڪ جي جهان ۾ اچون ٿا. پر، اها خبر ڪانهي تہ ڇو اچون ٿا؟“

ڏاهن انسانن جو چوڻ آهي تہ ماڻهوءَ جي مسافري، موت سان ختم ڪانہ ٿي ٿئي. اها جاري رهي ٿي. موت تہ هڪ ”مرحلو“ آهي. اها سوچ اڄ ڪلهہ جي ڪانهي. پنج هزار ورهيہ اڳ، مصر ۾ نهيل هڪ بادشاهہ جي اهرام (مقبري) مان هٿ آيل هڪ تحرير هٿ آئي آهي، جنهن ۾ لکيل آهي تہ:

THOU HAS DEPARTED BY LIVING

THOU HAS NOT DEPARTED BY DYING

هزارين ورهيہ اڳ ڏاهن جون بہ ستون بہ انسان جي هن دنيا جي زندگيءَ ۽ پوءِ واريءَ زندگيءَ جي تسلسل جو تصور پيش ڪن ٿيون

اها صورتحال جيڪڏهن هر انسان سان لاڳو آهي تہ سائين حسين شاهہ سان بہ لاڳو آهي. هو سنڌ جي هاڪاري راشدي خاندان جو چشم و چراغ هو جنهن جو موسس اعليٰ پير سائين محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله عليہ، ٻنهي جهانن جي سردار، حضور پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جي متبرڪ خاندان جي سدا بهار درخت جي سر سبز شاخ هو.

هاڪاري سيرت نگار، مارٽن لِنگس، حضور پيغمبر صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي سيرت تي پنهنجي تاريخي ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ ”پاڻ سڳورن جي اُمتين کي اها اميد نہ پر يقين آهي، تہ هو هڪ ڏينهن وري ساڻن آبِ ڪوثر جي ڪناري تي ملندو.“ ڀٽائي صاحب انهيءَ ئي پسمنظر ۾ فرمايو آهي تہ:

**پاڻان چوندئي پيءُ، پري جام جنت جو.**

اسان عاصين کي بہ اميد آهي، تہ اسان سڀ اتي پاڻ سڳورن صہ جي رحمت جي ساييءِ هيٺ گڏ هونداسين ۽ سائين حسين شاهہ اسان جي وچ ۾ هوندو.

بيشڪ قدرت جي لاءِ اها ڪابہ وڏي ڳالهہ ڪانہ آهي! جيڪو موت ۽ حياتي ڏئي ٿو سو هر ڳالهہ تي قادر آهي.

★

# پروین شاکر

صفحا ڪٽي آئي. پڇيائين تہ "ڪنهن گهريا آهن؟"
مون چيو تہ "فلاڻي ملڪ ۾ اسان جي سفارتخاني."
چيائين تہ "ماڻهوءَ جو نالو معلوم آهي؟"
مون فائيل گهرايو ۽ ڪيس نالو ٻڌايم. ڏاڍي بڇان لڳس. چڙ مان چيائين تہ "توبهہ اهو اتي ڪيئن پهتو؟"
ٻہ چار مهينا گذريا هوندا، تہ اڪيڊميءَ جي نئين چيئرمن مون کي فون ڪئي تہ "اوهان ۽ ضمير جعفري ايڊيٽر "ادبيات"، يارهين بجي صبح منهنجي آفيس ۾ اچو جو فلاڻي ملڪ ۾ اسان جو سفير صاحب پاڻ وٽ اچي رهيو آهي."
سفير صاحب آيو. ساڻس گڏ ڪيڪ پيسٽري ڪاڏيسون. سندس ڳالهين ٻولين مان مون کي شڪ پيو سو ڪيس چيم تہ "اوهان ڪجهہ عرصو اڳ، اسان کان ادبي مواد گهرايو هو؟"
چيائين تہ "هائو تمام سنو هو پر، ڪن شاعر عورتن ۽ مردن جون تازيون تصويرون بہ موڪليو ها تہ چڱو. اوهان وٽ آهن، تہ هاڻي بہ ڏيو. پروين شاڪر جي تہ ضرور ڏيو."
مون ميز تان ڪاغذ جي پرچي ڪنئي ۽ ان تي ڪجهہ لکي جعفري صاحب کي هٿ ۾ ڏني. جڏهن سفير صاحب موڪلائي ويو تہ جعفري صاحب اسان جي چيئرمن کان پڇيو تہ "سفير صاحب اوهان سان پنهنجو تعارف پوريءَ طرح ڪرايو هو؟"
چيئرمن منجهي پيو. جعفري صاحب کي چيائين تہ "سفير ڪير آهي؟"
جعفري صاحب مرڪي چيس تہ:
یکے از عاشقانِ پروین

* * *

چون ٿا تہ پروين شاڪر اجا ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي، تہ شعر شاعريءَ ۾ نالو ڪڍيائين هڪ شاگرد سان معاشقو ڪيائين، جنهن لاءِ چيو هئائين تہ:
تم کو دیکھا تو خدا یاد آیا

اڳتي هلي ڪنهن سبب ڪري ٻئي ڄڻا هڪٻئي کان الڳ ٿيا.

ٻارڙو پروين کي مليو پروين C.S.S جي امتحان ۾ ويٺي ۽ ڪامياب ٿي اول ڪراچيءَ ۾ مقرري ٿيس، پوءِ پاڻ اسلام آباد بدلي ڪرايائين. ڪوڙين ڪنين ٻڌڻ ۾ آيو ته سي.ايس.ايس. جي امتحان ۾ عمر جو مسئلو هئس صدر پاڪستان جي پريس سيڪريٽريءَ صديق سالڪ اها رنڊڪ دور ڪري ڏنس ۽ اسلام آباد بدليءَ ۾ به مدد ڪيائينس. سالڪ سان به اڳتي هلي، اڻبڻت ٿيس. اهو هڪ جدا داستان آهي.

هڪ ڏينهن مان پنڊي ايئرپورٽ تان ڪو سرڪاري ڪم لاهي سالڪ جي آفيس ۾ ويس. ڪافي پيتيسون. مون موڪلائڻ جي ڪئي، ته هن ويهڻ لاءِ زور ڪيو. چيائين ته "گڏيا تا هلون. مون کي اسلام آباد ايوانِ صدر وڃڻو آهي." رستي تي هڪ لفافو ڏنائين ته "هن ۾ اخبار آهي. اها پڙهي ڏسجانءِ"

مون گهر اچي، اها اخبار پڙهي، ته منجهس پروين شاڪر جي خلاف هڪ خبر ڇپيل هئي. ڪنهن ڪسٽم ايجنٽ مٿس الزام هنيو هو ته، "هن مون سان شادي ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ هيترا پئسا ڦريا اٿس. هاڻي مون سان شادي نٿي ڪري."

پروين تن ڏينهن ۾ اسلام آباد ايئرپورٽ تي ڪسٽم ۾ نوڪري ڪندي هئي. مون کي اخبار جي خبر پڙهي ڪاوڙ لڳي هئي ۽ بي آرامي ٿي هئي. ٻئي ڏينهن سالڪ مليو ته مون ڪيس چڙ مان چيو "اها فضيلت ڪانهي، جو اسان جي معاشري ۾ ويچاري ڪا عورت اچا ڪنڌ مٿي ڪڍي ٿي، ته توهان مٿس گند اڇلايو ٿا."

سالڪ چيو ته "تون هن عورت کي ڪونه سڃاڻين. هوءَ سخت مطلبي ۽ خود غرض آهي."

ضمير جعفري به ڪار ۾ گڏ هو. هن به منهنجو پاسو ڪنيو سالڪ ڏاڍو ڏکوئجي ويو. پريل گلي سان ايترو سو چيائين ته، "هڪ ڏينهن منهنجي ڳالهه سچي ٿيندي. اوهان ٻئي به مون سان متفق ٿيندا."

❊ ❊ ❊

پروين شاڪر به چار سال اڳ مون سان ڪراچيءَ جي هڪ اردو مشاعري ۾ متعارف ٿي هئي. سو هيئن ته هندستان مان ٻارهن اديبن جو

هڪ وفد پاڪستان جي دوري تي آيو هو. سندن پروگرام ۾ ڪراچيءَ، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ اردو ڪتابن جون نمائشون ڪرڻ ۽ پارت ۾ اردوءَ جي ترقيءَ بابت تقريرون ڪرڻ شامل هيون.

وفد ظاهر ۾ ادبي هو. پر، ان جي دوري جو اصل مقصد "سياسي" هو. ان ڪري سالڪ، صدر پاڪستان کي ذهن نشين ڪرايو تہ معاملو نازڪ آهي. ڪاموڙڪيءَ ۽ ڪلارڪيءَ ذهنيت جو آفيسر يا هندستان جي لابيءَ جو ڪو ايجنٽ اسان کي ڪم ڪونہ ايندو. سالڪ کي خبر هئي تہ ايڪيڊميءَ جهڙن ادارن کان وٺي، ملڪ جي وزارتن ۾ بہ هندستاني ۽ آمريڪي ايجنٽ موجود هوندا آهن.

صدر کي چيائين تہ، "هن ڪم لاءِ اسان کي آگري جهڙو تجربيڪار ۽ ملڪ سان وفادار ماڻهو گهرجي." صدر ساڻس متفق ٿيو. مون کي هندستاني وفد جي سرڪاري ميزبان جو آرڊر مليو ۽ خفيہ هدايتون مليون تہ، "پرڏيهي معاملن جي وزارت جي ڪا آفيسر اوهان کي بريفنگ ڏيڻ ايندي."

ڏينهن ٻن کان پوءِ هڪ خوبصورت خاتون فارين آفيس مان آئي. مون سان اڪيلائيءَ ۾ ملي. ٻڌايائين تہ "هندستان ۾ اردوءَ کي ڪير پڇي بہ ڪونہ ٿو. هت پاڪستان ۾ ائين لڳي ٿو تہ اسلام ۽ مسلمانن جو رڳو نالو هو. دراصل، هي ملڪ اردوءَ کي زور وٺائڻ لاءِ نهيو هو. هندستان ۾ هندستاني مسلمانن جي اڪثريت ڪانگريس کي ووٽ ڏئي ٿي. جڏهن بہ ڪو هندستاني مسلمان هت پاڪستان ۾ اچي ٿو تہ اردو زبان جي لئہ ڏسي، حيران ٿئي ٿو. واپسيءَ تي هندستان ۾ پنهنجن مٽن مائٽن توڙي يارن دوستن سان اها ڳالهہ ڪري ٿو جا، منجهن، "احساسِ محرومي" پيدا ڪري ٿي. چو تہ اتي اردوءَ کي ڪير پڇي بہ ڪونہ ٿو. نتيجي طور، ڪانگريس کي هر سال ملندڙ مسلمانن جا ووٽ هر سال گهٽبا وڃن ٿا. ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ انهيءَ سبب ڪري هيءُ وفد اسان وٽ اردوءَ جي ترقيءَ بابت هندستان سرڪار جي ڪوششن ۽ اردوءَ ۾ ڇپايل ڪتابن جون نمائشون ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي، تہ هت بہ مهاجر سمجهن تہ ڪانگريس سرڪار هندستان ۾ اردوءَ کي هٿي ڏيارڻ لاءِ وڏا وس ڪري رهي آهي."

مون چيو تہ، "مون لاءِ ڪهڙو حڪم ۽ هدايت آهي؟"

رازداريءَ ۾ چيائين تہ ”هندستاني سفارتخاني جا اسان جي ملڪ ۾ پگهاردار ايجنٽ آهن. وفد جي ميمبرن کي انهن سان ملڻ نہ ڏجو.“

مون چيو تہ ”اهو ڪم ڪيئن ٿيندو؟“

چيائين تہ ”اسان جي جاسوسن جي اک ٺي پهرَ وفد تي چوڪسي هوندي، سو هندستاني سفارتخاني جا ايجنٽ وفد جون پنهنجن گهرن ۾ دعوتون ڪندا، تہ ساڻن اڪيلائيءَ ۾ ڪين ڪا ڳالهہ ڪرڻ جو موقعو ملي. پر اهڙين دعوتن جي منظوري ڏيڻ يا نہ ڏيڻ جو اختيار اوهان وٽ آهي. اوهان ٺي سرڪاري ميزبان آهيو. ڪين اهڙي موڪل اصل نہ ڏجو.“

مون کيس آخرين سوال ڪيو تہ ”مون کي انهن هندستاني ايجنٽن جا نالا ٻڌائي سگهو ٿيون؟“

کلي ڏنائين. چيائين تہ ”مون کي ٻڌائڻ ۾ اعتراض ڪونهي، ڇو تہ ايوانِ صدر کي اوهان تي مڪمل اعتماد آهي. اوهان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ مون کي حڪم مليو آهي. وفد جي دوري کان پوءِ صدر پاڪستان پاڻ بہ اوهان سان اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪندو ۽ احوال وٺندو. اهو اسان جو سرڪاري دستور آهي.“

هن ان کان پوءِ مون کي ٽيهارو کن نالن جي لسٽ ڏيکاري. چيائين تہ ”هي شخص پڪا هندستاني ايجنٽ آهن.“ مون کان هاڻي اهي نالا وسري ويا آهن. ڪي مري بہ ويا آهن. پر، ايترو چٽيءَ طرح ياد اٿم، تہ انهن ۾ ڪنهن بہ عورت جو نالو ڪونہ هو ۽ ڪو بہ سنڌي شخص ڪونہ هو.“ ۽ اهو بہ ياد اٿم تہ انهن ۾ هڪ اردو شاعر جو نالو سرفهرست هو. جنهن سنڌ ۾ اردو- سنڌي لساني فساد ڪرائڻ ۾ ڪراچيءَ جي هڪ اردو اخبار ۾ وڏو ڀهرو ورتو هو ۽ چيف منسٽر هائوس ۾ ڪوٺايل اعليٰ سطح تي هڪ ميٽنگ ۾ سرڪار کي مشورو ڏنو هو تہ ”جيئي سنڌ جا ٽي سئو ورڪر گوليون هڻي ماري ڇڏجن تہ سنڌ ۾ ڪو مسئلو ئي ڪونہ رهندو.“

حسين شاهہ راشديءَ مون کي ٻڌايو تہ هڪ مهاجر شاگرد کيس قتل ڪيو هو جو شاعر جون عادتون گنديون هيون.

❊ ❊ ❊

مون هندستاني وفد جو ڪراچي ايئرپورٽ تي استقبال ڪيو. منجهن ڊاڪٽر ذاڪر حسين، صدر هندستان جو ڀائٽيو بہ هو جو صحيح معنيٰ ۾



پروین شاکر

وڏو اسڪالر هو. هندستان ۾ اردوءَ جي ترقيءَ جي اداري جو سربراهه خليق انجم به هو. وفد جو اڳواڻ ڪنور مهندر سنگهه بيدي هو. جيڪو گرونانڪ جو ڇويهون جانشين هو. پر "اصل شخص" گوپي چند نارنگ هو جيڪو بلوچستان جو هندو آهي. هندستان ۾ سندس مقابلي جو ٻيو اردو اديب ڪونهي. مون کي مير تقي مير تي پنهنجو ڪتاب "اسلوبيات مير" تحفي طور ڏنائين. جيڪو سندس علم ۽ دانش جو ثبوت آهي. جهڙو سٺو لکي ٿو. اهڙي سٺي ادبي تقرير ڪري ٿو. مون کي صدر پاڪستان لاءِ ملاقات لاءِ عرض ڪيائين پر. سالڪ چهليو ته سندس نالو ئي نه ڪٽجانءِ. هن جا آمريڪي توڙي روسي ايجنسين سان لڳ لاڳا آهن. مون سالڪ جي چوڻ موجب، خاموشي اختيار ڪئي.

مون ٻهرئينءَ ئي رات سائين غوث علي شاهه چيف منسٽر سنڌ کي "خاص مهمان" ڪري، وفد جي اعزاز ۾ ڊنر تي سڏيو ۽ مشاعرو ڪرايم. جنهن ۾ پروين شاڪر سان پهرين پهرين ملاقات ٿيم. سهڻي ته اڳي ئي هئي پر، مشاعري لاءِ هيڪاري ٺهي ٺُڪي آئي هئي. جيڪو ڪلام ٻڌايائين، ان تي ڪيس سيني کان گهڻو داد گوپي چند نارنگ ڏنو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ پروين ڪراچيءَ مان بدلي ٿي اسلام آباد آئي، ته شام جو آفيس مان واپس موٽندي، روزانو مون وٽ ايڪيڊميءَ ۾ ايندي هئي. ڪڏهن چاءِ ته ڪڏهن سيون-اپ پيئندي هئي. ڪلاڪ ڪن ادب ۽ ڪتابن تي ڪچهري ڪري گهر ويندي هئي. هڪ دفعي لنڊن وئي، ته اتان به مون لاءِ ڪو تحفو وٺي آئي.

❋ ❋ ❋

آمريڪي سفارتخاني ۾ ڪلچرل اتاشيءَ هيلن سان منهنجي دوستي هئي. مون هڪ دفعي هاٽوڪيءَ ميرٽ هوٽل ۾ سندس اعزاز ۾ "سروس ڊنر" ڪئي. پاڻ اڳي ئي منهنجي دعوت ڪئي هئائين. هيلن ڊپلومئٽ ڪئي، سو چيائين ته "توتي ڇڏيو اٿم ته دعوت ۾ ٻيو ڪنهن کي سڏين ٿو."

مون پروين شاڪر ۽ انجم رياض الحق ڊنر ۾ سڏيون. ٻئي هڪٻئي کان وڌيڪ خوبصورت هيون ۽ نهايت ذهين ۽ باوقار خواتين هيون. ٻه مجلس شورا جا ميمبر به سڏيم: هڪ پنجاب مان ۽ ٻيو سنڌ مان. مون

پانيوتہ پروين جي هيلن سان دوستي تي ويندي ۽ محفل ۾ بہ جان وجهندي پر. حيرت ٿيم جو پروين محفل ۾ هڪ اکر بہ ڪونہ ڪڇيو. سڄو وقت خاموش رهي، چڙ تہ هيلن کان هيسجي وئي. گهٽ تہ پاڻ بہ ڪانہ هئي، پر هيلن وڏي رعب تاب سان آئي. جواني، حسن ۽ وڏي ملڪ جي سفارتخاني ۾ وڏو عهدو. محفل تي ائين ڇانئجي وئي جو چئجي تہ:

وہ آئے اور پھر چراغوں میں روشنی نہ رہی

❊ ❊ ❊

هڪ ڏينهن پروين حسب دستور مون وٽ آفيس ۾ آئي تہ سائنس نظرياتي لحاظ کان سوشلزم تي علمي بحث ٿيو. مون چيو تہ. "اوهان چين يا روس ڏسي اچو تہ اتي سوشلزم ڪيئن آهي؟"

هوءَ ٿورڙي دير تہ خاموش رهي، پوءِ معنيٰ خيز مخصوص نموني ۾ مرڪي چيائين تہ. "آگرا صاحب! اوهان ائين ٿا چئو؟"

مون سندس مطلب سمجهي ورتو. پر وات مان اکر بہ ڪونہ ڪڇيم. ڇو تہ چوندا آهن تہ. ACTOINS SPEAK LOUDER THAN WORDS.

ايڪيڊمي اديبن جا وفد چين موڪليندي هئي. ٻئي سال پاڪستاني اديبن جو وفد چين ويو. تہ مون مهتاب اڪبر راشديءَ ۽ پروين شاڪر کي وفد ۾ شامل ڪيو. ايڪيڊميءَ جي نئين چيئرمن ضد ڪيو تہ ٻنهي مان هڪ کي رکو. پر. مون چيو تہ "وڃن تہ ٻئي وڃن." منهنجي ڳالهہ مٿي منظور ٿي. وفد چين گهمي واپس آيو. پروين اڪيلائيءَ ۾ ملي تہ چيائين تہ اوهان تمام چڱو ڪيو جو اسان ٻنهي کي موڪليو. چين ۾ مون اوهان جي ذهانت جو دل ٿي دل ۾ داد ڏنو. موٽ ڪلائڻ مهل ايڪيڊميءَ جي رسالي "ادبيات" لاءِ "چيني گڏي" عنوان سان پنهنجي نظم ڏنائين جنهن جو مطلب هو تہ:

"چين ۾ رهندڙ ڇوڪريءَ کي چئجو تہ سندس
هڪ گهر هماليہ جي هن پاسي بہ آهي."

❊ ❊ ❊

سال کن گذريو تہ ثقافتي معاهدي موجب چيني وفد پاڪستان جي دوري تي آيو. مان ڪئبينيٽ ڊويزن مان موٽرون گهرائي، اسلام آباد

ايئرپورٽ جي VIP لائونج تي ويس. چيني مهمان اڃا ٻاهر نڪتا ئي ڪونہ هئا، تہ اوچتو پروين کي ايئرپورٽ جي مکيہ عمارت مان VIP لائونج ڏي ايندو ڏٺم. هوءَ اتي نوڪري ڪندي هئي. ڏاڍو خوش ٿيس، دل ۾ چيم تہ، "چڱو ٿيو. چينين جي استقبال لاءِ بہ چڱا ٿي پياسين. گذريل سال هوءَ پاڻ بہ چين مان ٿي آئي آهي. ڳالهہ ٻڌندي تہ خوش ٿيندي ۽ وفد جي سامان ۾ CUSTOM CLEARNCE ۾ مدد بہ ڪندي"

ويجهي آئي، تہ هٿ سان اشارو ڪري، پري کان پڇيائين تہ، "اوهان هت ڪيئن؟"

مون کيس چيني وفد جي اچڻ جي ڳالهہ ٻڌائي. چرڪ ڀري، يڪدم چيائين تہ، "منهنجي ڳالهہ اصل نہ ڪجون." ائين چئي، تڪڙي تڪڙي ڪنهن پاسي هلي وئي. مان تہ سندس روش تي حيران ٿي ويس. سندس نظم ياد آيو تہ:

"چيني چوڪريءَ کي چئجو تہ سندس
هڪ گهر هت پاڪستان ۾ بہ آهي."

مان انهيءَ ئي وفد کي ڪراچيءَ بہ وٺي ويس. مسز مهتاب راشديءَ کين پنهنجي گهر وڏي سليقي سان چاءِ پياري. چينين مون سان سندس اخلاق جي تعريف ڪئي.

❊ ❊ ❊

ٻہ ٽي سال گذريا، تہ پروين، پاڪستاني شاعره جي حيثيت ۾ ڍاڪا ۾ "ايشيائي شاعريءَ جي ميلي" ۾ وئي. علائقائي ٻولين مان ڪوبہ اديب وفد ۾ شامل ڪونہ ڪيائون. سڀ اردوءَ وارا شريڪ ڪيائون. مان ايڪيڊمي ڇڏي، فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ويو هئس. سرڪار جڏهن مون کي وفد جو اڳواڻ ڪري ساڳئي شاعري ميلي ۾ ڍاڪا موڪليو هو تہ مان ملڪ جي قومي ۽ علائقائي ٻولين جي ادبي ترجمن جي اسڪيم منظور ڪرائي آيو هئس. بنگلاديش جي سرڪار مون کي پنهنجو "سرڪاري مهمان" بہ قرار ڏنو هو ۽ ميلي پوري ٿيڻ کان پوءِ مون کي چاٽگام ۽ ڪاڪس بزار جو دورو ڪرايو هو. صدر بنگلاديش جنرل ارشاد مون کي GOLDEN-PEN تحفي طور ڏني هئي.

پروين شاڪر وارن جو وفد جڏهن بنگلاديش مان موٽيو تہ هڪ رات هوٽل پي.سي. ڪراچيءَ ۾ ترسيو. ساڻن منهنجو ڪو واقفڪار اديب مليو جنهن بعد ۾ مون سان ڳالهہ ڪئي تہ ناشتي تي گڏ ويٺا هئاسين تہ ڍاڪا جون ڳالهيون نڪتيون. چيائون تہ، "بنگالين ترجمن واريءَ ڪاميٽيءَ ۾ آگري صاحب جو نالو لکيو هو پر اسان ڪاٽائي ڇڏيو. سو هاڻي، فقط اردو زبان جا ادبي ترجما بنگلاديش موڪليندا سين. مؤج ٿي وئي."

مون پنهنجي دوست کي چيو تہ، "پروين بہ ائين چيو؟"

چيائين تہ "ٻيو ڪو ڏڪير هو جنهن کي اوهان ڪونہ سڃاڻو. وڏو واهيات شخص آهي! رانوڙ جهڙي شڪل اٿس. ليڪن، پروين سندس پاسي ۾ ويٺي هئي لنگور جي پاسي ۾ حور وارو مثال هو. سيڪجهہ آرام سان ويٺي ٻڌائين."

مون کي صديق سالڪ جا اکر ياد آيا.

❈ ❈ ❈

پروين ڪافي زمانو ايڪيڊميءَ ۾ تقريباً روزانو مون وٽ ايندي رهي هئي، تہ اتي ڪو آفيسر کيس ڏسندو هو جيڪو ڪنهن زماني ۾ ساڻس گڏ ڍاڪا ۾ پڙهندو هو. کيس فون ڪري تنگ ڪندو هو تہ "اوهان جو ٻار خوش آهي؟ هن وقت ڇا ڪري رهيو آهي؟"

هوءَ غريب آفيس مان نڪري، پريشان ٿي، اسڪول پڄندي هئي. ٻارڙو تہ خوش باش ويٺو هوندو هو. هڪ ڏينهن ڪڪ ٿي، آرميءَ وارن کي دانهن ڏنائين. هنن مون کي چيو. ٻئي ڏينهن پروين آئي تہ ڳالهہ ڪيمانس. مون کيس چيو تہ "توهان نيڪ ڪيو پر جنهن آفيسر جو نالو ڪنيو آهي، سو تہ شريف ماڻهو آهي."

چيائين تہ "مان بہ ائين سمجهان ٿي. پر جيڪو شخص فون ڪري ٿو اهو پنهنجو نالو اهو ٻڌائي ٿو."

مون چيو تہ "اوهان سمجهو ٿا تہ اسان جي آفيس مان فلاڻو شخص ٿي سگهي ٿو؟"

ڪلي چيائين تہ "هائو."

مون کي معلوم هو تہ هو غريب بہ "عاشقان پروين" جي لسٽ ۾ شامل آهي. سو مهل موقعي سان ساڻس دوستانہ نموني ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪيم. چپ ٿي ويو ۽ پروين جي شڪايت هميشہ لاءِ ختم ٿي وئي.

❈ ❈ ❈

مان ايڪيڊمي ڇڏي، فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ويس، تہ آهستي آهستي پروين شاڪر سان ميل ملاقات پڻ گهٽبي وئي. هڪ دفعي سو ڪم پيس تہ فوراً فون ڪيائين. C.S.S جي امتحان ۾ ڪنيل مارڪن جي لسٽ کپندي هئس. ونبي ڏنيمانس. پر، سندس "سرد مهري" ڏسي، محسوس ٿيو تہ جڻ تہ ڪڏهن واقف ئي ڪانہ هئي. مرحوم صديق سالڪ جا لفظ وري وري ياد آيا تہ **"هيءَ خاتون سخت خودغرض آهي. هڪ ڏينهن منهنجي ڳالهہ سچي ٿيندي ۽ اوهان بہ مون سان متفق ٿيندا."**

❊ ❊ ❊

انهيءَ کان ڪجهہ عرصو اڳ، مان اڃا ايڪيڊميءَ ۾ هئس تہ اردوءَ جي هڪ ڪالم نگار پروين جي ايڪيڊميءَ ۾ آمدورفت بابت مٿس توڪ ٺهول جو ڪالم لکيو ۽ مون کي بہ ان ۾ ملوث ڪيو. ڪالم پڙهي، آفيس مان مون وٽ آئي.ڏاڍي ڏک مان چيائين تہ: "آگرا صاحب، اسان کي اوهان جو شهر اسلام آباد بہ راس نہ آيو."

اسلام آباد منهنجو شهر ڪونہ هو مان تہ پاڻ نامي گرامي اردو اديبن شاعرن جي وچ ۾ اچين هئس، جيئن ٻٽيهن ڏندن جي وچ ۾ زبان، پر انهيءَ اخبار جي مالڪ محترم مجيد نظاميءَ سان دعا سلام هئم. کيس خط لکي ڏوراپو ڏنم. هن جواب ۾ مون کي تہ ڪجهہ ڪونہ چيو پر پنهنجي اخبار بلڪ اردو صحافت جي اهڙي آبرو رکيائين، جنهن جو مون کي مثال ئي ڪونہ ٿو سجهي. پنهنجي پنڊيءَ واري ايڊيٽر کي فون تي حڪم ڏنائين تہ "انهيءَ ڪالم نگار جو فوٽو ڏيئي هيٺان لکوس تہ: "هن حرامزادي جو اڄ کان وٺي اسان جي اخبار سان ڪو بہ تعلق ڪونهي."

مان ڏاڍو خوش ٿيس. اخبار جي ڪاپي پروين شاڪر کي موڪلي ڏنم. سندس منهن مٺي ٿيو ليڪن پاڻ رسمي طرح شڪريي جا ٻہ اکر بہ ڪونہ چيائين. مٿس ٻيا بہ اهڙا بلڪ ان کان بہ وڏيڪ احسان ڪيا هئم جيڪي لکڻ مناسب ڪونہ ٿو سمجهان. چو تہ هوءَ ويچاري هاڻي هن جهان ۾ ئي ڪانهي!

❊ ❊ ❊

پروين جوانيءَ ۽ شهرت جي اوج تي هئي، تہ کيس دردناڪ حادثو پيش آيو. چون ٿا تہ صبح جو سوير گهران تيار ٿي، ڪار ۾ چڙهي آفيس تي وئي.

سندس ڪار گهٽيءَ مان نڪري روڊ تي چڙهي ته پري کان ڪا تيز رفتار وڏي گاڏي تي آئي. سا سندس ڪار سان زور سان ٽڪرائي ۽ ان کي چڳي پنڌ تائين گهليندي ويئي. پروين موت جو پيالو پيتو.

اسلام آباد جو اهو ڏينهن ڏاڍو اداس هو. دردناڪ خبر باهه وانگر سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي. ڏسندي ڏسندي، آسمان ڏک جي ڪارن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو. مون انهيءَ ڏينهن ڪن اديبن سان ملاقات ڪئي، سڀ اداس هئا. هڪڙي جي چپن تي فيض جي هيءَ مصرع ڏاڍي ڏکويل لهجي ۾ هئم:

*تم کیا گئے کہ روٹھ گئے دن بہار کے*

مان پاڻ به ڪومائجي ويس. سندس ڏک ڀريا لفظ وري وري ياد آيا:

**"آگرا صاحب، اسان کي اوهان جو اسلام آباد شهر به راس ڪونه آيو."**

* * *

پروين شاڪر ملڪ جي نامور شاعره هئي ۽ ڪانئس گهڻا متاثر ٿيا. پر، پاڻ وري هڪ ايراني شاعره کان متاثر هئي، جنهن جو نالو هو قرت العين "طاهره". انسان جو مزاج شايد ائين آهي ته جنهن کان متاثر ٿئي ٿو تنهن جي زندگيءَ جا سندس نشست برخواست تي به اثر پون ٿا. قرت العين ۽ پروين ۾ هڪجهڙائي هڪ ته اها هئي ته ٻئي خوبصورت خواتين هيون ۽ ٻئي باڪمال شاعر هيون.

پروين مڙس کان علحده ٿي، ته اڪيلي ٿي وئي. ليڊي ڊايانا جي دردناڪ موت تي هاڻي متفقه رايو اهو بيٺو آهي ته مرد جي بالادستيءَ واري معاشري ۾ اهڙيءَ عورت جو مثال هرڻي وارو آهي جا شڪارين جي ور چڙهي وڃي!

هڪ دفعي، پروين شاڪر پاڻ به چيو هو ته، "بگهڙن جا ولر پنيان اٿم."

قرة العين هڪ نيٺ مذهبي عالم جي گهر ۾ پيدا ٿي هئي. ننڍيءَ عمر ۾ علم ۾ نالو ڪڍيائين. قسمت ڦتل هئس، سو بابي فرقي جي ڪنهن عالم جي چڪر ۾ اچي وئي. ايران ۾ بابي فرقي وارا ائين آهن جيئن اسان وٽ قادياني. مٿن ڪات ڪهاڙا هئا. ملڪ تي قاچاري خاندان جي حڪومت هئي. بادشاهه سندس حُسن جي هاڪ ٻڌي ته چوائي موڪليس ته، "مون سان

شادي ڪر، تہ توکي ايران جي راڻي ڪيان.“

قرة العين جواب ڏياري موڪيلس تہ:

تو و ملڪ و جاه سڪندري
من و رسم و راه قلندري
اگر آن نکوست تو در خوري
و گر اين بد است مرا سزا

بادشاهہ تہ پوءِ بہ کيس بخشي ڇڏيو ۽ چيائين تہ، ”خوبصورت آهي، ڇڏي ڏيوس.“ پر، ايران ۾ بہ پاڪستان وانگر دين جا ٺيڪيدار ويٺا هئا. تن فتويٰ ڏني تہ ”سنگسار“ ڪيوس.

پڇاڙيءَ بي سبب تہ ڪونہ چيو هو:

ملو مجاور، ڪانءُ، ٽئي اکر هڪڙو.

14 سيپٽمبر جي تاريخي رات هئي. قرة العين غسل ڪري، سفيد ريشمي لباس پاتو. عطر عنبير مکيا. گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ کان سڪ سان روئي موڪلايو ۽ پوءِ اڌ رات تائين، هڪ بند ڪمري ۾ ويهي خدا کي ٻاڏايو. اسر مهل، پوليس وارا آيا جي کيس پاڻ سان وٺي ويا. جلاد تيسين شراب پيئندو رهيو. جڏهن کيس خبر پئي، تہ قيديءَ کي وٺي آيا آهن، تڏهن نشي ۾ مست اٿيو هو. قرة العين جو ريشمي رئو يا حجابُ، سندس مٿي تان لاهي، نوڙيءَ وانگر وٽي، کيس ڳچيءَ ۾ وجهي زور سان اهڙو تہ گهوگهو ڏنائين، جو هُوءَ هيٺ ڪري پئي ۽ ڦٿڪڻ لڳي. جلاد کيس زمين تان مٿي کنيو ۽ سڪل کوهہ جي تري ۾ زور سان اڇلايو. پوءِ پاڻ کوهہ جي مٿان بيهي کيس پٿرن سان تيسين ڪٽيندو رهيو جيسين هن ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏنو.

* * *

قرة العين جي، موت ايران کي لوڏي ڇڏيو. پر، ٻين ملڪن ۾ بہ گهڻا ئي اهل دل انسان متاثر ٿيا، جن ۾ سرفهرست پاڪستان جو قومي شاعر علامہ اقبال آهي. چيو اٿس تہ:

غالب و حلاج و خاتون عجم
شورها افگنده در جان حرم

قرة العين جي ٻين مداحن ۾ قرآن ڪريم جي مشهور تفسير ”روح

المعاني“ جو مفسر سيد محمد آلوسي، هندستان جو وائسراءِ لارڊ ڪرزن، دنيا جو هاڪارو عالم ۽ ايراني ادب جي تاريخ جو بي مثال محقق ۽ مصنف ايڊورڊ براَئون، ترڪيءَ جو هاڪارو شاعر سليمان نظم بيگ ۽ فرانس جو ممتاز دانشور ينگ هيڊ تہ گهڻو مشهور آهن.

* * *

پاڪستان ۾ پروين شاڪر بہ قرة العين جي مشهور پرستار هئي. سندس اهو غزل، جيڪو علامہ اقبال ’جاويدنامي‘ ۾ شامل ڪيو آهي، سو پروين شاڪر جو ورد زبان هو:

گر بتو افتدم نظر چهره بہ چهره رويرو
شرح دهم غم ترا نکتہ بہ نکتہ مو بہ مو

از پي ديدن رخت هم چون صبا فتاده ام
خانہ بخانہ در بدر کوچہ و کوچہ کو بہ کو

در دل خويش طاهره گشت ونديد جز ترا
صفحہ بہ صفحہ لا بہ لا پرده بہ پرده تو بہ تو

* * *

قدرت جي هن ڪارخاني ۾ عجب راز ۽ اسرار آهن. قرةالعين ۽ پروين ڀوهہ جوانيءَ ۾ پنهنجي حُسن ۽ هاڪَ ۽ عروج تي هيون، تہ دردناڪ نموني ۾ موت جو پيالو پيتائون!

قرة العين کي جلاد پٿرن سان تيسين ڪٽيندو رهيو جيسين هن پکيئڙي وانگر ڦٿڪي ڦٿڪي دم ڏنو.

پروين شاڪر کي تيز رفتار گاڏي، پٿرائين روڊ تي تيسين بيدرديءَ سان گهليندي رهي، جيسين ڇِيچڙجي وئي ۽ آخرين ساهہ پساهہ کنيائين!

★

داكتر نجم الاسلام

قدرت مون کي جن اعليٰ اديبن، نامور محققن ۽ بااخلاق شخصن جي زيارت ۽ صحبت نصيب ڪئي، تن ۾ ڊاڪٽر نجم الاسلام به هڪ منفرد شخصيت جو مالڪ هو: خاموش مزاجُ ۽ خلوت پسند هو. شيخ سعديءَ جو قول آهي تہ ”جمالِ همِ نشين“ جي اثر سان مِٽي به مشڪ ٿي ويندي آهي. ڊاڪٽر نجم الاسلام اسان جي دؤر جي وڏي ۾ وڏي اردو عالمَ، اديبَ ۽ محقق ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي علمَ ۽ اخلاق جي سرهاڻ سان واسيل هو.

ڊاڪٽر نجم الاسلام سان منهنجي ملاقات غالباً سنہ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ٿي. تڏهن مان سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشوري ۾ سيڪريٽري هئس. بورڊ جي ڪتبخاني (لئبريءَ) ۾ تقريباً چار سؤ عربي ۽ فارسي قلمي ڪتاب رکيل هئا، جن جو ڪوبہ ”ڪئٽالاگ“ نهيل ڪونہ هو. سو ڪا خبر ڪانہ هئي تہ منجهن علمَ جا ڪهڙا ڪهڙا خزانا پوشيده آهن؟ اهي قلمي ڪتاب 1950ع ۽ 1960ع وارن ٻن ڏهاڪن ۾، پير سائين حسام الدين راشديءَ، ڊاڪٽر بلوچ ۽ محمد ابراهيم جويي گهڻي قدر ٺٽي جي قديم خاندانن جي هاٺوڪن وارثن ليڪن مسڪين حال ماڻهن کان ملهہ تي ورتا هئا. گهڻو ڪري، ٽالپرن، ڪلهوڙن ۽ مغلن جي زماني جا آهن. گهڻي قدر فارسي زبان ۾ آهن. ڪي عربيءَ ۾ بہ آهن. سنڌيءَ ۾ هڪ بہ ڪونهي. نہ وري اردوءَ ۾ آهي. انهيءَ جو مطلب تہ انهيءَ زماني جي عالمن ۽ اديبن جي تصنيف ۽ تاليف جي زبان سنڌي ڪانہ هئي. اردو تہ ليکي ۾ ئي ڪانہ هئي. اها عام مروج روايتن موجب، پوين مغل بادشاهن جي دؤر ۾ دهليءَ جي آسپاس وارن علائقن جي مقامي ٻولين ۽ فارسي زبان جي ميل ميلاپ وسيلي، اُسري ۽ نسري. تڏهن سنڌي عالمن جي تصنيف ۽ تاليف جي زبان پڻ سچي

عمل قلمي فارسي نسخو نئي مان ڪونہ مليو هو. پير صاحب کي حيدرآباد
کن جي ڪنهن عالم تحفي طور ڏنو هو. ٻيا فارسي ۽ عربي ڪتاب بہ
سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ ها، تہ سٺو ٿئي ها. پر، ائين ڪونہ ٿيو. البت، مخدوم
مير احمد صاحب سنڌ جي تاريخ جي ٽن بنيادي ڪتابن: چچ نامي، تاريخ
معصوميءَ ۽ تحفة الڪرام جا سنڌي ترجما ڪيا. جيڪي ڊاڪٽر بلوچ
صاحب جي ڪوشش سان بورڊ شايع ڪيا.

قلمي نسخا ڳولڻ، خريد ڪرڻ، انهن جي جلد بندي ڪرائڻ، ڪين
پڊٽ ڪرڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ وڏو خرچ کپي. اها رقم مرحوم ممتاز حسن بورڊ کي
مدد طور ڏني. هو مرڪزي حڪومت جو مالي سيڪريٽري هو ۽ پير صاحب
جو گهرو گهاٽو دوست. ايٽريقدر جو پنهنجين نياڻين جون شاديون پير
صاحب جي مشوري موجب ڪرايائين. علم دوست ماڻهو هو ملڪ جي
لائي تہ ڪيترن علمي ۽ ادبي ادارن جو صدر يا سرپرست هو. پر، سنڌي ادبي
ورڊ جو خاص طرح معترف هو. انهن عربي ۽ فارسي قلمي نسخن جي لاءِ
سرڪاري قانون جي پورائي ڪرڻ ۽ مالي مدد ڏيڻ لاءِ هڪ باضابطہ
سڪيم ٺهرايائين. جنهن کي ثاهڻ ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب مخدوم امير
حمد صاحب جي مدد سان قابل قدر محنت ڪئي، پر ممتاز حسن رٽاير
ڪري ويو تہ مرڪزي حڪومت جي نون عملدارن جي هن سنڌي اداري مان
دلچسپي گهٽجي وئي.

مرحوم ممتاز حسن بورڊ کي چئن لکن جي امداد ڏني هئي. پوءِ سائين
پيران محمد شاهہ ۽ مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي. تڏهن مس مس مرڪزي
حڪومت ڏيڍ لک رپيا وڌيڪ منظور ڪيا. اهي کپي ويا. تہ حڪومت ٻيا
پئسا ڏيڻ کان جواب ڏنو. عربي ۽ فارسي ڪتابن جي ڇپائي رڪجي وئي.

پير صاحب جي وفات ۽ جويي صاحب جي ڪوهاٽ بدلي ٿيڻ کان پوءِ
مان ڏاڍو اڪيلو ٿيس. مخدوم صاحب بورڊ جو چيئرمن ۽ سرپرست هو. پر،
وڏو ماڻهو هو ۽ سياست ۾ بہ پيرُ هئس. هونئن بہ اداري جو انتظامي عملدار
سيڪريٽري هوندو هو. سو روزمره جي مسئلن کي منهن ڏيڻ پنهنجو فرض
هو. هڪ ڏينهن ڳٽپ ڪري، سائين قاسمي صاحب سان وڃي مليس، هو
تڏهن بورڊ جو اسڪالر هو چيئرمن ڪونہ ٿيو هو. ڪيس عرض ڪيم تہ

عربي ۽ فارسي قلمي نسخن جو ڪئٽالاگ ناهيون. ڳالهه ٻڌائين، پر، دلچسپي ڪانه ورتائين ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي رٽايرڊ لئبررين قاضي محمد علي سان مليس. سندس وڏي هاڪ هئي. بورڊ ۾ آيو. ڪتاب به ڏنائين. پر، ڪئٽالاگ ناهڻ ۾ ڪابه دلچسپي ڪونه ورتائين. سراسر مايوس ڪيائين. يونيورسٽيءَ جي ٻئي هڪ رٽايرڊ سنڌي سڀاجهڙي پروفيسر به مايوس ڪيو توڙي جو پاڻ فارسيءَ جو ماهر هو.

هن پسمنظر ۾ ڏاڍو منجهس. ٻيو ڪو سنڌي عالم ڪونه ٿي سُجهيو. هڪ ڏينهن يونيورسٽيءَ ۾ اردوءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان وٽ هليو ويس. نوڪريءَ مان رٽاير ڪيو هئائين. اولڊ ڪئمپس ۾ رهندو هو. اسان ٻنهي جي لڳ لاڳاپن جو ذريعو علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب هو. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ به مون وانگر سندس معتقد هو. ڳالهه ٻڌائين ۽ بورڊ ۾ اچي قلمي نسخا ڏسڻ جي حامي ڀريائين. نياز نوڙت جو ته پاڻ مثال هو. پر، سندس علمي مان مرتبي جي خبر مون کي تڏهن پئي، جڏهن اسلام آباد ۾ ايڪيڊمي آف ليٽرس ۾ ويس. لاهور جو وحيد قريشي ۽ ڪراچيءَ جو مشفق خواجه ته سڄي پاڪستان ۾ اردوءَ جا مڃيل محقق هئا. ڊاڪٽر جميل جالبي ۽ ڊاڪٽر فرمان فتحپوري به ايڏائي وڏا محقق هئا. مان سيني سان گهرو گهاٽو هئس. پر، سڀيئي ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جو نالو وڏي ادب ۽ احترام سان ڪٽندا هئا. قرآن شريف جي مخدوم نوح واري فارسي ترجمي جو پهريون پارو به سڀ کان اول ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ئي شايع ڪيو هو. خود سنڌي ادبي بورڊ به انهيءَ اهم قلمي نسخي ڏي توجهه گهٽو گهٽو پوءِ ڏنو. پوين ڏينهن ۾ پاڻ تصوف ڏي مائل ٿي ويو ۽ سندس مريدن ۽ معتقدن جو تعداد هزارن ۾ وڃي پهتو پر علامه صاحب واري لڳ لاڳاپي ڪري، مون سان هميشه محبت سان ملندو هو. منجهس وڏائيءَ جي بوءِ به ڪانه هئي. وڏي علم، اخلاق ۽ اخلاص جو صاحب هو.

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري جو علائقو سنگلاخ آهي. سانوڻ جي مند ۾ گرمي نيڪ ٺاڪ جلوو ڏيکاريندي آهي. هڪڙو مکيه سبب اهو به آهي ته يونيورسٽي ڪيمپس تي وڻُ ٽڻُ ڪو نالي ماتر آهي. جڏهن يونيورسٽي ٺاهڻ لاءِ اهو هنڌ چونڊيائون، تڏهن جيڪڏهن جاين جي تعمير کان اڳ سموري

علائقي ۾ ڪثرت سان وڻ پوکي ڇڏن ها ۽ پوءِ جاين جي اڏاوت ڪن ها تہ، جيڪر ساوڪ جي ڪري، يونيورسٽيءَ جي ماحول تي سٺو اثر پوي ها. پر ائين ڪونہ ٿيو.

اهو وقت تہ گذري ويو ليڪن هاڻي بہ جيڪڏهن سنڌ يونيورسٽي جي ڪئمپس تي، باضابطہ نموني "شٽل بس سروس" هلي، تہ گرميءَ جي مند ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي هڪ عمارت کان ٻيءَ عمارت تائين اچ وڃ جي جيڪر وڏي آساني ٿئي، ڇو تہ يونيورسٽيءَ جون مختلف عمارتون هڪٻئي کان چڱي مفاصلي تي پري آهن.

سانوڻ جي اهڙيءَ ئي مند ۾ هڪ ڏينهن ٽاڪ منجهند جو ڪا رڪشا اچي بورڊ جي عمارت اڳيان بيٺي. منجهائنس ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان لٿو. پٽيوالي مون کي جاڻ ڪونہ ڪئي. سڌو ئي سڌو ڪيس وٺي، منهنجيءَ آفيس جي ڪمري ۾ آيو. مان تڪڙو تڪڙو وڃي ساڻس ادب سان مليس. وينو. ساهي پٽيائين. پگهر سڪايائين. ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس پيتائين. چيائين تہ "قلمي نسخا ڏسون."

اسان اتي لئبريءَ ۾ آياسين. ڪجهہ نسخا ڏٺائين. موٽي منهنجيءَ آفيس ۾ آياسين. شربت جو گلاس پيتائين. چيائين تہ، "انشاءَالله، آپ ڪي حڪم ڪي تعميل هوگي". منهنجي پيٽ ۾ ساهہ پيو. جتي سنڌي عالمن مايوس ڪيو هو اتي اردو عالم ڪم آيو. ڪيس ڏاڍيون دعائون ڏنم.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ وري ساڳيءَ رڪشا ۾ حيدرآباد روانو ٿيو. بس وچ تي ڏينهن ئي هڪڙو گذريو تہ مون وٽ بہ ملاقاتي آيا: ڊاڪٽر نجم الاسلام ۽ پروفيسر صغير. ٻئي سنڌ يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي ۾ استاد هئا. چيائون تہ، "ڊاڪٽر صاحب جي حڪم جي تعميل لاءِ آيا آهيون."

. مون کين بي سبب ملاقات ڪونہ ڪوٺيو آهي. پر، هن ڳالهہ جي وضاحت کان اڳ، ٻي هڪ ڳالهہ ڪرڻ گهران ٿو. 1957ع جي آڪٽوبر مهيني ۾ بورڊ ۾ منهنجي مقرري بطور اسسٽنٽ سيڪريٽري ٿي. پگهار مان پورت ڪانہ پوندي هئي، سو شام جو ريڊيو پاڪستان تي انگريزي خبرن کي سنڌي بليٽن لاءِ ترجمو ڪرڻ واسطي پارٽ ٽائيم جاب ڪندو هئس. انگريزيءَ ۾ خبرون غالباً ايرڪ ورنر نالي ڪو انگريز پڙهندو هو. هڪ

دفعي مون کي چيائين تہ، ”مسٽر رباني! تون گهرين ٿو تہ ماڻهو تنهنجي عزت ڪن؟“

مون چيو تہ، ”هائو“

چيائين تہ، ”پوءِ ڪڏهن بہ واعدو نہ ڪندو ڪر. پر، جيڪڏهن واعدو ڪرين، تہ پوءِ آنڌاري اچي، طوفان اچي، وڏ ڦڙو وسي، ڳڙو پوي يا زمين ۾ زلزلو اچي- هر حالت ۾، پنهنجو واعدو پاڙيندو ڪر. ائين ڪندين، تہ ماڻهو چوندا تہ تنهنجو سُخنُ لوهہ تي ليڪو آهي. هنڌين ماڳين تنهنجي عزت ٿيندي“

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان مون سان هڪڙي ڏينهن واعدو ڪري ويو تہ ٻئي ڏينهن ئي ان تي عمل ڪيائين. ڊاڪٽر نجم الاسلام ۽ صغير صاحب قلمي نسخا ڏسي هليا ويا ۽ مون کي چئي ويا تہ، ”سڀاڻي کان ڪم شروع ڪنداسون.“

ٻئي ڏينهن، منجهند جو اڍائي بجي ڌاران آيا. غالباً بورڊ جي آفيس جي پرسان اسٽيشن روڊ تي، يونيورسٽيءَ جي بس مان لٿا ۽ آفيس ۾ پيادل پهتا. مون سندن آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ چاءِ شربت جو پڇيو. چيائون تہ، ”ماني کائينداسون ۽ اها اسان کي ساڻ آهي. رڳو هڪڙو ڪمرو ٽيبل ۽ بہ ڪرسيون ڏيو.“

مون آفيس ۾ مخدوم صاحب لاءِ هڪ ڪمري ۾ پلين غالچو وڇايو هو ۽ ايئرڪنڊيشن هڻايو هو. اهو ڪمرو سندن حوالي ڪيم. ٻنهي کي پنهنجي آندل مانيءَ جي الڳ الڳ ڳنڍ ڪپڙي ۾ ٻڌل هئي. تڏي پاڻيءَ جا بہ گلاس گهريائون. پر، خالي پليٽون بہ نہ ورتائون. هڙ مان ماني ڪڍي، ميز تي، پراڻيءَ اخبار تي رکي کاڌائون. ڪا سبزي ۽ بہ بہ اٽيون مانيون ساڻ هئن. ماني کائي، پاڻي پي، پٽيوالي کي چيائون تہ لئبرريءَ مان بہ چار قلمي نسخا ڪڍي اچ. بہ هڪڙي ڪنيا ۽ بہ ٻئي. دروازو بند ڪري ڪم ۾ لڳي ويا. شام جو پنجين سادي پنجين بجي اٿيا ۽ وري پيادل اسٽيشن روڊ تي وڃي، يونيورسٽيءَ جي بس ۾ ويٺا ۽ شهر روانا ٿيا. اهڙيءَ طرح، هو آچر کي ڇڏي، باقي هر ڏينهن بورڊ ۾ ايندا هئا. سندن ڪم ڪرڻ جو طريقو اهو ئي هوندو هو. ڪاڙهو تتو هجي تہ چا، برسات هجي تہ چا، يونيورسٽي جي بس سروس بند هجي تہ چا، ٻئي ملائڪ سڳورا ٺيڪ اڍائي بجي منجهند جو بورڊ ۾



داکتر نجم الاسلام

پھچندا هئا ۽ ڪم ۾ هٿ وجھندا هئا. ٽن سالن جي عرصي ۾ ڪئٽلاگ ٺاهي پورو ڪيائون.

هڪ ڏينهن، انڊيا آفيس ۽ برٽش ميوزيم جي ڪئٽالاگ، باڊلين لئبررين جي ڪئٽالاگ ۽ رامپور لئبرري (انڊيا) جي ڪئٽالاگ جا نمونا کڻي آيا. مون سان باضابطہ ميٽنگ ڪيائون. سيني ڪئٽالاگن کي ڏسڻ کان پوءِ هڪڙو نمونو طئي ڪيوسون. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ فل اسڪيپ سائيز ۾، ڪاري جلد جو هڪ ضخيم ڪئٽالاگ آڻي، منهنجي اڳيان رکيائون، جو سوين صفحن ۾ هو. هر صفحي تي پين سان قلمي نسخي ۽ ان جي لکندڙ جو نالو ۽ قلمي ڪتاب جو سڄو تفصيل هو. چيائون تہ هاڻي هن کي ڇپائڻ بورڊ جو ڪم آهي. ٻنهي اشرافن سنڌيءَ اڻ سڌيءَ طرح پنهنجيءَ محنت ۽ معاوضي جو اڪر بہ ڇپن تي ڪونہ آندو.

1984ع ۾ منهنجي اسلام آباد بدلي ٿي وئي ۽ مرڪزي سرڪار وٽان هڪدم اتي چارج وٺڻ جو حڪم مليو. سنڌ سرڪار حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيو. مخدوم صاحب بورڊ جو چيئرمن ٿيو هو ۽ مون کي ميمبر نامزد ڪيو هئائين. سو مان اسلام آباد مان بورڊ جي ميٽنگ ۾ ايندو هئس. هڪ ميٽنگ ۾ پڇيم تہ، ”ڪئٽالاگ جي ڇپائيءَ جو ڇا ٿيو؟“ ڪنهن کي ياد بہ ڪونہ هو وري پڇيم تہ ”ڊاڪٽر نجم الاسلام ۽ صغير صاحب کي ڪو معاوضو مليو؟“ جواب ڪونہ مليو. سو مون مخدوم صاحب کي سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هن هڪدم ڏهہ هزار رپيا معاوضي طور ادا ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. آفيس کي ڪئٽالاگ جي اشاعت جي هدايت ڪيائين.

جڏهن مان اسلام آباد مان موٽي بورڊ ۾ اعزازي سيڪريٽري مقرر ٿيس تہ خبر پئي تہ ڪئٽالاگ کي ڪنهن وري ڏٺو بہ ڪونہ هو. ڊاڪٽر نجم الاسلام کي احوال ڏنم. هن اشراف ڪئٽالاگ جو ٽائيپ ٿيل نسخو ڇپائيءَ لاءِ موڪلي ڏنو. مون سڄو نسخو لئبرريءَ ۾ رکائي، فقط شروعاتي پنجاهہ صفحا پريس جي هڪ ڪمپوزر جعفريءَ کي ڪمپوزر ڪرڻ لاءِ ڏنا. جعفري صاحب ڪم کي رلائي ڇڏيو. سُتت پاڻ هي جهان ڇڏي ويو.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر بلوچ صاحب بورڊ جي آفيس ۾ آيو ۽ چيائين تہ سنڌي لغات جي ڪم کي ON GOING PROJECT ڪريو. اسان سندس

چوڻ موجب ڪلچر کاتي سان ڳالهه ڪئي، جو بورڊ تڏهن ڪلچر هيٺان هوندو هو. ڪلچر کاتي جي واسطيدار عملدار چيو تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي چئو تہ P.C.I فارم ڀري ڏئي تہ وڏيڪ ائڪشن کڻون.“

P.C.I فارم ڊاڪٽر بلوچ صاحب موڪلي ڪونہ سگهيو. ليڪن، اوچتو پتو پيو تہ 'سنڌي لغات' سنڌي لئنگيج اٿارٽيءَ بورڊ کان اجازت وٺڻ کان سواءِ ئي ڇپائي ڇڏي آهي. سنڌي لغات جا سمورا حق حقوق تہ بورڊ وٽ محفوظ هئا. بورڊ ئي ان کي تيار ڪرائڻ تي لکين رپيا خرچ ڪيا هئا. ڇپائيءَ تي جدا خرچ ڪيو هو. بورڊ جي انهيءَ ڪوشش ۽ ڪاميابيءَ کان پوءِ سنڌي زبان اٿارٽي ان تي قبضو ڪيئن ڪيو؟

ڪنهن زماني ۾ بورڊ ۾ ڪنهن خانگي پبلشر جو ليٽر آيو تہ بورڊ اسان کي اجازت ڏئي تہ سندس اڌ لپ ڪتاب ڇاپيون ۽ ڪجهہ رايلٽي بہ کڻي ڏيون. ميمبرن جي مشوري تي مون ڪاپي رائيٽ جي رجسٽرار کان راءِ ورتي.

هن ڪراچيءَ ۾ پنهنجي آفيس ۾ مون سان ميٽنگ رکي ۽ پڇيو تہ بورڊ انهن ڪتابن جي تيار ڪرڻ تي ڪيتري رقم خرچ ڪئي هئي؟ مون ڪيس ٻڌايو تہ سنڌي لغات تي هيترا لک. لوڪ ادب تي هيترا لک ۽ هنن ڪتابن تي هيترا. تڏهن واڻڙو ٿي ويو. ڇپائين تہ "انهيءَ زماني ۾؟" مون چيو تہ "هائو." قانوني راءِ ڏنائين تہ "هاڻي جيڪو پبلشر بورڊ کي مڪمل رايلٽي ادا ڪرڻ کان سواءِ اهي ڪتاب ڇاپيندو سو اڳي پوءِ جيل ۾ ويندو ۽ سندس ساٿي بہ ڏنڊ ڀريندا. مون کي اج ئي درخواست ڏيو.“

مون موٽي اچي ميمبرن کي احوال ڏنو. ڪن تہ ڪنن جي پاپڙين ۾ هٿ وجهي چيو تہ "اسان توبهہ ڪئي". بس انهيءَ ڳالهہ کي اتي ڇڏيو.

* * *

ڊاڪٽر نجم الاسلام کي گهر ٻار جا الاهي مسئلا هئا. سندس اهليہ دائمي مريضہ هئي. ڊاڪٽر صاحب کي ذاتي زندگيءَ ۾ سک ڪونہ هو. پر سچل سائينءَ چيو آهي تہ:

"عاشقن کي سور سختيون، مُحِبَ مهمانيون مُڪيون!“

ساڻس منهنجي آخري ملاقات ائين ٿي ته پاڪستان جو هڪ وڏو محقق لاهور مان مون وٽ مهمان ٿي آيو ۽ هڪ ڏي فرمائش ڪيائين ته ڊاڪٽر نجم الاسلام جي زيارت ڪرڻ گهران ٿو. مون ڊاڪٽر کي اطلاع ڏنو. چيائين ته اوهان وٽ حاضر ٿيندس. مون کيس گاڏي موڪلي ڏني ۽ رات جي ماني ۽ جو هر طرح انتظام ڪيو. آيو صحت جي ضعف ڪري، ماني ۽ جو ته گرهه به وجهي ڪونه سگهيو پر، لاهور واري محقق ۽ مون سان سندس اها ڪچهري زندگيءَ جو حسين ترين يادگار آهي. ڪيڏا نه منا ماڻهو هئا! الائي ڪاڏي هليا ويا؟

هڪ دفعي مون کي هڪ ڪتاب هٿ لڳو جنهن ۾ شاهه ولي الله دهلويءَ جا مخدوم معين ٺٽويءَ ڏانهن خط هئا. حيرت لڳم ته ايترو زمانو اهي خط محفوظ ڪيئن رهيا؟ ياد آيم ته مخدوم معين انهيءَ زماني ۾ ابن عربيءَ جي ڪتابن ۽ خاص طرح وحدت الوجود جي مسئلي کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ زماني جا سفر جا ڏک ڏاڪڙا سهي، دهليءَ ويو هو ۽ سڄا سارا ڏهه ورهيه شاهه جي قدمن ۾ وينو هو. اها ته هر ڪنهن کي خبر آهي ته مخدوم معين، شاهه ڀٽائيءَ جو ڀڳ مٽ يار هو. سو اهي خط چپائڻ ثواب جو ڪم سمجهيم. انهي ئي زماني ۾ مخدوم معين جي هڪ تحرير هٿ آيم، جنهن تي مخدوم معين جون مهرون لڳل هيون. ان کي غيبي تائيد تصور ڪري، مضمون ۾ هٿ وڌم. مون مخدوم معين واريءَ انهيءَ تحرير کي نقل ڪرڻ ۽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو ڪم يونيورسٽيءَ جي هڪ رٽايرڊ سنڌي پروفيسر کي سونپيو هو. پر، هن سڳوري جيڪو ترجمو ڪري موڪليو سو ضعيف هو. مون کي بهر صورت مخدوم معين وارو اهو تاريخي دستاويز فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائڻو هو. سو هڪ ڏينهن ڊاڪٽر نجم الاسلام کي فون ڪيم. پڌو هئم ته سندس صحت ٺيڪ ڪانهي. چيائين ته، "اوهان جو حڪم اکين تي. تاريخي دستاويز موڪلي ڏيو." اهڙو ته عاليشان ترجمو ڪري موڪليائين، جو پڙهي اکيون ٺري پيون. الله سائين، ڪن انسانن کي علم ۽ اخلاق سان ڪيڏو نه نوازيو آهي. خدا ڪيو ته مخدوم معين ڏانهن شاهه ولي الله جا اهي تاريخي خط مهراڻ ۾ ٻن قسطن ۾ ڇپجي ويا. ان ڳالهه ۾ مون "مهراڻ" رسالي جي ايڊيٽر ناشاد کي شابس ڏني ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب وري مون کي شابس

ڏني. مون سندس خط "مهراڻ" رسالي ۾ ڇپائي ڇڏيو.

ڊاڪٽر نجم الاسلام رحلت ڪري ويا، ان جو مون کي پتو ڪونهي. رحلت کان پوءِ سندس ڪن دوستن کي چڱي من ۾ پيئي. تن سندس ياد ۾ ڪتاب ڪڍيو. مون کان بہ مضمون ورتائين، ان ۾ وڌائون. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو مضمون بہ وڌائون. هاڻي جڏهن ڊاڪٽر نجم الاسلام ياد ايندو اٿم تہ اهو ڪتاب ويهي پڙهندو آهيان.

ڊاڪٽر نجم الاسلام جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازم هو تہ سنڌي زبان جي ڪن سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جو ڪلام اردوءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي خرچ تي ڇپايو هئائين. مون کي بہ انهن ڪتابن جي تحفي سان نوازيائين. پيا ڪي ڪتاب بہ اسلام آباد موڪليائين. "تحقيق رسالو" ڪڍندو هو. اهو بہ عنايت ڪندو هو. جنهن شخص کي اهو سمجهڻ جو شوق هجي تہ علمي ادبي تحقيق ڇاکي چئبو آهي؟ سو انهيءَ "تحقيق" رسالي جا پرچا هٿ ڪري پڙهي. ڪو بہ پرچو ٻن ٽن سؤن صفحن کان گهٽ ضخامت جو ڪونهي. رسالي ۾ مختلف عنوانن تي مضمون آهن.

منهنجي چاچي مرحوم کي فارسي ڪتابن جو شوق هوندو هو. سندس ڪتابن مان نولشڪور جو ڇپايل "ديوان مخفي" مون وٽ اڃا محفوظ آهي، جيڪو عام طرح اورنگزيب جي ڌيءَ زيب النساء جو سمجهيو ويجي ٿو. تحقيق رسالي پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿيم تہ اهو سڄو مفروضو آهي. "ديوان مخفي" دراصل ايران جي هڪ مرد شاعر جو ڪلام آهي، جيڪو هندستان بہ بخت آزمائڻ آيو هو. پر، قسمت ساٿ ڪونہ ڏنس. موٽي ويو. سندس سڄو احوال تاريخي ثابتين سان "تحقيق" رسالي ۾ ڇپيل آهي. زيب النساء سان "ديوان مخفي" جي نسبت سراسر افسانو آهي.

★

محمد حسن پتو

عمر خيام جي رباعيءَ جي هڪ مصرع آهي:

اين قافلہ عمر، عجب مي گذردا!

جنهن جو مطلب آهي تہ "زندگيءَ جو هيءُ قافلو عجب نموني ۾ هلي ٿو." محمد حسن ڀٽي ۽ منهنجي زندگيءَ تي عمر خيام جي هيءَ مصرع صحيح ۽ صادق اچي ٿي.

مان نوشهري فيروز ضلعي جو ويٺل آهيان ۽ محمد حسن لاڙڪاڻي ضلعي جو آهي، جتان سندس والد حيدرآباد لڏي آيو. سندس سفر جو ذريعو ملازمت هو. جڏهن مون کي چاچي رضا محمد ڀٽي جي نيازمنديءَ جو شرف حاصل ٿيو تڏهن پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ خزاني آفيسر جي عهدي تي فائز هو. يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس ۾ پڪا گهرڙا نهيل هئا، جي علامہ آءِ آءِ قاضيءَ يونيورسٽيءَ جي ملازمن کي مناسب اگهہ تي وڪرو ڪري ڏنا هئا. اهڙو هڪڙو گهرڙو چاچي مرحوم کي بہ مليو جنهن ۾ فيمليءَ سميت رهندو هو.

علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي ڪوبہ ماڻهو چاچي رضا محمد ڀٽي مرحوم کان وڌيڪ ويجهو ڪونہ هو. علامہ صاحب جي گهر جو سڄو خرچ پکو چاچو رضا محمد هلائيندو هو ۽ ڪيس پائيءَ پائيءَ جو حساب ڏيندو هو. علامہ صاحب سندس ديانتداريءَ ۽ اشرافت کان ايڏو تہ متاثر هو جو هڪ هنڌ نوٽ هنيائين تہ:

MEN LIKE RAZA MUHAMMAD BHUTTO ARE NOW TO BE FOUND ONLY IN HISTORY BOOKS.

علامہ صاحب جي زندگيءَ ۾ هر ڳالهہ جو پيمانو مقرر هوندو هو. سول لائينس ۾ سندس بنگلي تي جيڪي مسڪين خيرات وٺڻ لاءِ ايندا هئا، تن لاءِ ربيا ڪليا ڪرائي "ريزو" يا "ريجو" رکندو هو. جمعي جمعي ڏينهن هڪ

فقيرياڻي ايندي هئي، تنهن کي ٻه آنا ڏيندو هو. هڪڙو لنگڙو فقير ايندو هو کيس به ٻه آنا ملندا هئا. ڪنهن کي آنڪ ملندي هئي. مطلب ته هر ڪنهن لاءِ خيرات جو ماپو مقرر هو.

علامه صاحب جي گهر ۾ کاڌي پيتي جو سڄو سامان: بصر، پٽاٽا، سبزي، انڊا وغيره چاچو رضا محمد پٽو وٺي ايندو هو. ڪنهن پيري ڪو انڊو خراب نڪتو ته پوءِ علامه صاحب انڊن تي پين سان خريداريءَ جي تاريخ ۽ صحيح وجهندو هو ته مدي خارج انڊا بورچيخاني ۾ استعمال نه ٿين! پٽاٽا خريد ٿي آيا، ته توربا هئا. ڪنهن دفعي چاچو رضا محمد صاحب وٽي ڪونه سگهيو سو محمد حسن تي اهو ڪم رکيائين. هو ڏاهو آهي. سير بدران پنج پاءُ پٽاٽا وٺي ويو. علامه صاحب تور ڪرائي، ته پٽاٽن جو سير سنوالو نڪتو. علامه صاحب محمد حسن کي پٽاٽن جا پئسا ڏئي، فرمايو ته "ابا، واپارين ۾ اجا ايمان آهي. تورَ سٺي ڏين ٿا، پر ڪامورن جو ته اڄو منهن آهي. رڳو حرام جي ڪمائيءَ تي زور اٿن." محمد حسن ادب سان جواب ڏنو ته، "قبلا سائين، ائين ئي آهي."

علامه صاحب، چاچي رضا محمد جي سڄي اولاد کي گهر جي ڀاتين وانگر ڀائيندو هو. مثلاً سندس نياڻين لاءِ عيد جي خرچي مقرر هوندي هئي ربيو يا ٻه رپيا. اهي نياڻيون وڏيون ٿيون. پرڻجي ويون. پنهنجا گهرڙا آباد ڪيائون. ڪين ٻار ٻچڙا ٿيا. پر، پوءِ به عيد عيد جي ڏينهن علامه صاحب وٽان هر نياڻيءَ لاءِ ربيو يا ٻه رپيا اڳي وانگر خرچي ايندي رهي. هت قابل توجهه ڳالهه اها آهي ته سڄيءَ يونيورسٽيءَ ۾ اهو اعزاز فقط چاچي رضا محمد پٽي لاءِ هو.

چاچو رضا محمد پٽو ملائڪن جهڙو معصوم هو. گندمي رنگ، سنهڙي مشين سان لٽل سنهاري، شام جي مهل، سفيد سلوار ۽ سنهو چولو پائيندو هو. گهر جي اڳيان ننڍي چبر تڪر تي ڪرسيون رکيل هونديون هيون. مون اتي ئي سندس ديدار ڪيو. ٻاجهاريءَ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو. هڪ دفعي سنڌي ادبي بورڊ جي BUDGET ESTIMATES لاءِ سرڪار ڪي انگ اکر گهريا جيڪي مون کي سمجهه ۾ ئي نه اچن. شام جو چاچي وٽ فائيل ۽ ڪاغذ کڻي ويس. سڄو PROFORMA پري ڏنائين ۽ پوءِ هڪ هڪ FIGURE ڪلاڪ کن ويهي سمجهايائين. اڄ اهڙا نيڪ انسان ڪٿان ملندا؟



محمد حسن پثو

ان زماني ۾ بورڊ جا حساب ڪتاب هر سال آڊٽ ٿيندا هئا. سو ڊاڪٽر بلوچ، ڍڪڻ صاحب کي بورڊ جو آڊيٽر مقرر ڪرايو. هن اهڙو ته سهڻو ڪم هلايو جو ڪڏهن سرڪاري عملدار کي اسان کان اونڌو ابتو سوال ڪرڻ جي ضرورت پيش ڪانه آئي. بلڪ، جڏهن ڪين خبر پئي ته ڍڪڻ صاحب اسان جو آڊيٽر آهي، تڏهن سڀ آڊيٽر ادب سان سندس نالو کڻندا هئا ۽ چوندا هئا ته ڍڪڻ صاحب وڏو قابل ۽ لائق انسان آهي. اهڙي لائق شخص کي انهيءَ عهدي تان هٽائڻ ڏاڍي ڏک جي ڳالهه هئي، پر اهو "ڪارنامو" حميد آخوند سرانجام ڏنو مون کي سبب ۽ تفصيل معلوم ڪونهن، جو مان بورڊ ڇڏي ٻئي اداري ۾ ويل هئس غالباً، تن ڏينهن ۾ مسٽر حميد آخوند جي ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان پوَت پوري ساري هئي. سو ڊاڪٽر صاحب جو مقرر ڪرايل آڊيٽر ڪيس پسند ڪونه پيو. پر آخوند صاحب بورڊ سان پيا به اهڙا گهڻا پال پلايا. آخرڪار جويي صاحب پڪو پهه ڪيو. ڪلچر کاتي جي وزير بئريسٽر شاهده جميل کي صحيح صورتحال کان واقف ڪيائين. هن ميٽنگ ڪوٺائي، پر هن وزير صاحب کي به سنوَت ڪانه ڏني. بئريسٽر شاهده جميل ڏاهي هئي، هن اسلام آباد ۾ ڪنهن سگهاريءَ ڏر سان ڳالهايو جنهن جي ابروءَ جي هڪڙي ئي اشاري سان مسٽر آخوند وڃي ڪنڊ پاسي ۾ ويٺو مس مس وري نوڪريءَ تي چڙهيو.

جڏهن سنڌ "ون يونٽ" جي پنجوڙن ۾ قابو هئي. ته ساليانو گرانٽ سو تيسين جاري ڪانه ٿيندي هئي، جيسين مان لاهور وڃي، پٽيوالي کان وٺي اعليٰ عملدار تائين پاڻ فائيل ڪونه ڪڍائيندو هئس. پر سنڌي ادبي بورڊ جي گرانٽ، هڪ لک مان وڌائي ساليانو ٻي لک ڪرائڻ وارو عملدار سنڌي ڪونه هو. هڪ پنجابي هو. تڏهن مان ئي بورڊ جو سيڪريٽري هئس. حيدرآباد ۾ ٽي ڏينهن ٽڪيو. ڪتاب، فائيل، بجيٽون، آڊٽ رپورٽون سڀ ڏسي مون کي چيائين ته، "اوهان لک رپين جي ساليانيءَ گرانٽ مان هيڏا ڪتاب ڪيئن ڇاپيا آهن؟"

مون کيس چيو ته "اسان اداري کي مسجد وانگر مقدس سمجهندا آهيون."

اسان جي ڪم کان ايڏو ته خوش ٿيو جو سرڪار کي اهڙي ڪا رپورٽ ڏنائين جو 1951ع کان ويهن ورهين جي عرصي ۾ پهريون دفعو بورڊ جي

ساليانو گرانٽ هڪ لک مان وڌي ٽي لک ٿي. بورڊ سان اهو پال پلائي، "نيڪي ڪري درياهہ ۾ وجهہ" وانگر اسان تي ڪوبہ احسان ڪونہ جتايائين. اڄ گهڻن کي سنڌس ناليءَ جي بہ خبر ڪانہ هوندي، هن اهو ڪارنامو 1960ع کان پوءِ سرانجام ڏنو هو.

بورڊ ۾ اسان رڳو سنڌي ادب ۽ زبان جي خدمت ڪونہ ڪندا هئاسون، پر، "ون يونٽ" جي خلاف بہ رات ڏينهن دونهيون دکائيندا هئاسون. ان ڪم ۾ بنيادي طرح ٻہ گروهہ سرگرم هوندا هئا. هڪ سنڌي اديب (تڏهن گاسليٽي اديب اجا ڪونہ ساماڻا هئا، جن سرڪاري نوڪرين ۾ ڪئي لک ربيا رشوت ورتي. بقول شيخ اياز کين "سنڌي ثقافت" جي بيماري ٿي پئي!) ٻيو گروپ سنڌ يونيورسٽيءَ جا استاد هئا. ٻنهي گروپن جو پاڻ ۾ گهرو گهاٽو لاڳاپو هو. محمد حسن پٽو يونيورسٽيءَ جي استادن ۾ "ون يونٽ" خلاف سرگرم عمل هوءِ مان اديبن جي لڏي ۾. سو محمد حسن پٽوءِ مان هڪٻئي کي وڌيڪ ويجها ٿيندا وياسين.

اهڙي دوستي فقط تڏهن ٿي سگهي ٿي، جڏهن ماڻهو سخن جو سچو هجي. هڪٻئي ڏانهن نيڪ نيت هجي. محمد حسن پٽي کي اهي خوبيون پنهنجي والد بزرگوار کان ورثي ۾ مليون. پنهنجي والد بزرگوار وانگر سنڌس وڏي وصف اها آهي، تہ سنڌس زندگي ORGANIZED آهي. هو وڏي کان وڏيءَ ۽ ننڍي کان ننڍيءَ ڳالهہ جو توجهہ سان خيال رکندو آهي.

جڏهن اسان "ون يونٽ" جي خلاف ٻاهيون ٻاريون ويٺا هوندا هئاسين، تڏهن اڪثر ائين ٿيندو هو تہ حيدرآباد ۾ سانجهيءَ جو پنج ست دوست، سنڌ جا پوسٽر ورهائي ۽ ٻيو ڪم ڪار لاهي، محمد حسن جي گهر ننڍڙيءَ لان تي اچي گڏ ٿيندا هئاسين. جيڪڏهن مان اڳي پهتس، تہ محمد حسن مون کي ساڻ ڪري، تڪڙو تڪڙو گاڏي ڪاٽي هلندو هو جتان هو پنهنجي والد لاءِ "ديسي انب" وٺندو هو چو تہ چاچو مرحوم فارمي انب سنڌڙي، سرولي، لنگڙو چورسو انور رٽول وغيره کائيندو ئي ڪونہ هو. موٽي ايندا هئاسون. تہ ٻيا دوست بہ پهچي ويندا هئا. محمد حسن پٽو چانورن جي ڊش ۽ دال جو ڍاڪون ڀري ڪڍي ايندو هو. سڀ دال پٽ گڏ کائيندا هئاسون. اهو اسان جو روزانو دستور نيم هو.

هڪ دفعي ماني کائي بس ڪئيسون ۽ هٿ ڌوتاسون. محمد حسن ٽانوَ ڪٽي اندر ويو. موٽيو ته سگريٽن جو پاڪيٽ ۽ ماچيس آٽي، منهنجي اڳيان رکيائين. پاڻ سگريٽ ڪونه ڇڪيندو هو. مون ڏانهس حيرت ۾ ڏٺو. چيائين ته "يار اج بابا لاءِ ديسي انب وٺي موٽيس، ته ياد آيم، ته تون سگريٽ ڇڪيندو آهين." سندس قرب ڏسي منهنجي دل پرجي آئي. اج دوستن لاءِ انهن ننڍين ڳالهين جو لحاظ ڪير ٿو ڪري!

اسلام آباد ۾ هئي اعليٰ عهدن تي هوندا هئاسين. پر، هو پنهنجيءَ محبت ڪري، ڪڏهن ميوو ته ڪڏهن مٺائي منهنجي گهر موڪليندو رهندو هو. ته فلاڻي دوست پشاور مان موڪليو آهي. مون چيو ته مان اڪيلو ڪاڏي ڪندس. پنهنجو حصو پاڻ وٽ رکي، باقي توکي موڪلي ڏنم.

هڪ دفعي منهنجو پٽ مجيب سکر ڪنهن امتحان ۾ ويٺو. مان اسلام آباد ۾ هئس. مجيب کي امتحان جي سينٽر ڏي اچڻ وڃڻ لاءِ ٽرانسپورٽ کپندو هو. محمد حسن سان رڳو ڳالهه ڪيم. جيترا ڏينهن مجيب جو امتحان هو، اوترا ڏينهن ڪار جو بندوبست ڪيائين. بلڪ امتحان پورو ٿيس، ته محمد حسن جو هڪ آفيسر ڪار ۾ وهاري لاڙڪاڻي وٺي ويس ۽ موهن جو دڙو ڏيکاري آيس!

محمد حسن اسلام آباد ۾ ڪجهه عرصو اليڪشن ڪميشن جو سيڪريٽري هو. مان فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر هئس. روز منجهند جو ڪار موڪليندو هو. لنچ سندس آفيس ۾ گڏجي ڪندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن قومي اسيمبليءَ جو سيڪريٽري- جنرل، گورايو به اچي شريڪ ٿيندو هو. محمد حسن جو تمام ويجهو دوست آهي. ان ڪري مون سان به محبت ٿي ويس.

محمد حسن جي پريت رڳو مون سان ڪانه هئي! جمال رند هجي ته ڇا، محمد عمر ميمڻ هجي ته ڇا، مرحوم ظفر الله قريشي هجي ته ڇا، راول ورياماڻي هجي ته ڇا، غلام قادر ڊڪڻ هجي ته ڇا، بلڪ نواب يوسف ٽالپر هجي ته ڇا... سڀني سان سندس قرب جو تعلق ائين ئي هو جيئن پٽائيءَ فرمايو آهي ته:

سنهيءَ سئيءَ سبيو مون مارن سين ساهه.

اسلام آباد ۾ ڪڏهن ڪڏهن گذريل ڏينهن جون ڳالهيون ڪندا هئاسين. هڪ دفعي کيس ٻڌايم، ته وزير اعظم پوليس ۾ سڌارن لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي آهي، جنهن جو چيئرمن مسٽر رانوڻ مرڪزي

سيڪريٽري داخلا ڪي ڪيو اٿس، ۽ ميمبرن ۾ چئن ئي صوبن جا آءِ.جي. ۽ ايف. آءِ.اي جو ڊائريڪٽر جنرل، ايسٽبلشمينٽ سيڪريٽري ۽ مان فيڊرل ڪميشن پاران ڪاميٽيءَ تي ميمبر آهيان.

محمد حسن ڪلي ڏنو ۽ چيائين ته، ”اهي ڏينهن ياد ٿئي، جو گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ ون يونٽ جي خلاف پتين تي ڪاغذ چنبڙائيندا هئاسين ۽ امالڪ ڪو پوليس وارو پري کان نظر ايندو هو ته ڊڄي پري تي ويهندا هئاسين.“

محمد حسن پاڻ تمام وڏن وڏن عهدن تي رهيو آهي. انهن ئي عهدن ڪري، پاڻ دنيا جا اڌ ملڪ به گهمي آيو آهي. ولايت ۾ ڇا نتو ٿئي، پر ڪتان به ڪو غلط اثر ڪونه ورتائين، سو ان ڪري جو خدا جو خوف اٿس. پنج وقت نماز پابنديءَ سان پڙهندو آهي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو آهي، پر، پنهنجي ڪم ۾ ٻيجا مداخلت به برداشت ڪونه ڪندو آهي. هڪ دفعي پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت ۾، سنڌ جي هڪ چيف منسٽر تڏهوڪيءَ وزيراعظم صاحب کي پاڻ وٽائڻ لاءِ رپورٽ ڏني، ته هيترا لک ڪوڙا ووٽر ته ڪراچيءَ ۾ ويٺا آهن! محمد حسن اليڪشن ڪميشن جو سيڪريٽري هو. اتي جو اتي وزيراعظم کي چيائين ته، ”سچن ۽ ڪوڙن ووٽرن جون لسٽون ته اسان جو ڪم آهي. هن صاحب اهي انگ اکر الائي ڪٿان آندا آهن؟“

محمد حسن جي هڪ وصف خوش مزاجي به آهي. الائي ته ڪيترا لطيفا ياد اٿس. هڪ ڀيري ولايت جو هڪ لطيفو ٻڌايائين ته، ”هڪ مندم پنهنجي مڙس جي دوست سان رات جو همبستر هئي، ته اوچتو فون جي گهنٽي وڳي. فون کنيائين. ”جي ها“، ”جي ها“ چئي بند ڪيائين.

همبستر شخص پڇيس ته، ”جاني، ڪير هو؟“

چيائين ته، ”منهنجو مڙس“.

”ڇا چيائين؟“

مندم آرام سان جواب ڏنس ته ”اطلاع ڏنائين ته اڄ رات گهر ڪونه ايندو جو توسان گڏ مڇي مارڻ لاءِ ڪار ۾ تمام پري ڪنهن تلاءَ تي وڃي رهيو آهي.“

تازو محمد حسن ۽ مان ٻئي ڄڻا ڪنهن دوست وٽ حاضري ڏيڻ لاءِ وياسون. رستي تي مون کي چيائين ته، ”وتائي فقير جو قبو هن روڊ تي آهي؟“

مون چيو ته، ”مون کي خبر ڪانهي.“

چيائين، ”فقير صاحب جا لطيفا ايترا ڀيرا ته ٻڌا اٿئون جو هاڻي ياد تي ويا آهن.“

مون چيو تہ، ”اهو صحيح آهي.“

❊ ❊ ❊

محمد حسن جا بہ عشق مون کي معلوم آهن: هڪڙو سنڌ سان ۽ ٻيو ڪتابن سان. سنڌ سان عشق تہ غالباً والد صاحب کان ورثي ۾ مليس، جنهن جو ڪنهن بہ سياسي جماعت سان تہ واسطو ڪونہ هو پر اٿي ويهي، رهڻي ڪهڻي سراسر ”سنڌي“ هئس. ائين ڪٿي چئجي تہ، ”سنڌي ڪلچر“ جو مثالي نمونو هو. سندس نفسياتي اثر محمد حسن جي ذهن تي پيو هوندو. ٻيو سبب هي ٿي سگهي ٿو تہ محمد حسن يونيورسٽيءَ ۾ ”پوليٽيڪل سائنس“ جو استاد هو. ڪو بہ مخلص ماڻهو پوليٽيڪل سائنس جا ڪتاب پڙهي تہ انساني حقن جي ڳالهہ ڪندو. سنڌي بہ هجي ۽ سنڌ جا حق بہ سندس اکين اڳيان پائمال ٿيندا رهن، تہ پوءِ خاموش ڪيئن رهندو؟ ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ سرگرم حصو وٺڻ لاءِ محمد حسن وٽ ٻيا بہ ڪيئي ڪارڻ هوندا، پر مون کي اهي بہ مکيہ سُجهن ٿا.

محمد حسن کي ڪتابن پڙهڻ ۽ سنڌ سان محبت جي ترغيب ڏيڻ ۾ محمد عمر ميمڻ جو بہ وڏو هٿ هو پر ماڻهوءَ ۾ پنهنجا لڇڻ نہ هجن، تہ پوءِ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. اصل ڳالهہ آهي ماڻهوءَ جو پنهنجو اخلاق.

يوسف ٽالپر صاحب مرڪزي وزير ٿيو پر سندس دل ۾ سنڌ جي محبت جي شمع اڳي وانگر روشن رهي. هونئن ڪيئي ماڻهو قومي اسيمبلي جا ميمبر، سينيٽر ۽ صوبائي ميمبر ٿيڻ تي ئي ترڙي ڪڪڙ وانگر آڪڙيل نظر ايندا آهن.

هڪ دفعي اسلام آباد ۾ محمد حسن مون کي چيو تہ، ”سنڌ جي ذاتين تي هڪ ناياب ڪتاب هٿ ڪيو اٿم. تون ايڊٽ ڪر تہ ڇپايون. مون ڇپائيءَ جو بندوبست ڪيو آهي.“ مون ان ڪتاب جو رڳو نالو ٻڌو هو.

انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تہ جيڪب آباد ضلعي وٽ بلوچن جي سرحدي قبيلن کين تنگ ڪيو. سو انهن بروچ قبيلن جو احوال گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪمشنر شڪارپور جي صادق علي انصاري صاحب تي جاچ جوچ جو ڪم رکيو. هن جيڪو احوال تاهي موڪليو سو سرڪار کي اهڙو وڻيو جو ڇپائونس تہ هاڻي سڄيءَ سنڌ جي قومن، قبيلن ۽ ذاتين جو احوال لکي ڏي سنڌ جي ڪليڪٽرن کي سندس مدد ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ڪتابُ سنہ 1901ع ۾ انگريزيءَ ۾ ڇپيو.“

انگريزن سنڌ 1843ع ۾ مسلمانن کان فتح ڪئي هئي. سنڌي هندن جي اڪثريت سيٺ نائونمل جي نقش قدم تي هلندي، سرڪاري نوڪريون

ورتيون ۾ انگريزي پڙهڻ تي زور ڏنو. هنن کي ائين ڪرڻ لاءِ سبب بہ هو جو ڪلهوڙن ۾ ٽالپرن جي ڏينهن ۾ سندن آدمشماري مسلسل گهٽجي وئي هئي، سڀ هندو خاش خوشيءَ مسلمان ڪونہ ٿيندا هئا. ڪي مجبورين ڪري بہ ٿيندا هئا. انگريزن کي هندن کان خوف خطرو ڪونہ هو. پر، مسلمانن ۾ پروچن مان گهڻو ڊپ ڊاءُ هئن. سو صادق علي انصاريءَ ڪتاب ۾ رڳو سنڌ جي مسلمان ذاتين: سيدن، پٺاڻن، پروچن ۾ سماٽن جو احوال ڏنو. سائين جي.ايم. سيد انهيءَ ڪتاب جي ڳولا ڪئي، پر ڪونہ مليس، جو گهڻو گهڻو اڳي ئي اٽليپ تي ويو هو. محمد حسن پٺي اهو ئي ڪتاب هٿ ڪيو ۽ مون کي ايڊٽ ڪرڻ لاءِ ڏنو. ڪتاب پڙهيم. منجهس سٺي معلومات ڏنل آهي. وڏي ڳالهہ تہ ان موضوع تي ٻيو ڪوبہ ڪتاب ڪونہ ڇپيو آهي. مون انهيءَ ڪتاب تي ڇهہ مهينا محنت ڪئي ۽ دوباره ڇپائيءَ لاءِ نئون ايڊيشن تيار ڪيو. اتفاق سان حيدرآباد آيس، تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب مليو جنهن چيو تہ، ”اهو ڪتاب 1958ع ۾ دوباره ڇپيو هو پر سنڌ جي بلوچن ان تي اعتراض اٿاريو سو ڇپيل ڪتاب مارڪيٽ ۾ ڪونہ آيو.“

مون اسلام آباد وڃي محمد حسن سان ڳالهہ ڪئي. هو بہ منجهي پيو. ٻنهي جي صلاح بيٺي، تہ ڪتاب جي ڇپائي في الحال شروع نہ ڪجي. جڏهن اسان اسلام آباد ڇڏي سنڌ ڏي موٽياسين، تہ مون کي ڪراچيءَ ۾ هڪ مهاجر ڪتب فروش دوست مليو جيڪو سنڌ تي پراڻا ڪتاب دوباره ڇاپيندو آهي. ساڻس ڳالهہ ڪيم. ڪلي چيائين تہ، ”مون اهو ڪتاب بہ ٽي سال اڳ ڇپايو آهي. گهڻي قدر وڪامي ويو آهي. سنڌ ۾ بلوچ تہ اڳي وانگر ويٺا آهن، پر ڪنهن بہ اعتراض ڪونہ ڪيو آهي!“

مون محمد حسن سان اها ڳالهہ ڪئي. چيائين تہ، ”ادا، پوليٽيڪل سائنس ۾ ماڻهوءَ جي مزاج بابت ڪتاب پڙهائيندا آهن، تہ ڏاڍو پيچيده آهي“. سياڻي، جيڪڏهن ڪنهن بہ سنڌيءَ کي ڪتاب جي ڇپائيءَ تي اعتراض ٿئي، تنهن کان بهتر آهي تہ ڪڏهن ڪونہ ٿا ڇپايون. محمد حسن نيڪ شخص آهي. جيڪي ڳالهہ صحيح سمجهيائين، اها ئي ڪيائين، اها اعليٰ انسان جي وصف آهي.

★

# اعجاز قریشي



اعجاز قريشي

اعجاز قريشيءَ جو مختصر تعارف ڪرائبو تہ ائين چئبو تہ هُو "فرزندِ زمين (SON OF THE SOIL) آهي." منهنجي سچي عمر اهڙن شخصن سان ساٿ سنگت ۾ گذري آهي، جيڪي سنڌ جي عوام ۽ زمين سان محبت ڪندا آهن. اعجاز جو نالو انهن ۾ نمايان آهي.

منهنجي ساڻس ميل ملاقات 1960ع واري ڍاڪي ۾ ٿي. تڏهن هاڻوڪو پاڪستان ايترو هو جيترو تڏهوڪو "ون يونٽ."

ون يونٽ مصنوعي معاملو هو. ماڻهن کي ٺڳڻ جو ناهہ هو. جنهن جي ناهڻ وارن جو هڪڙو مقصد اوير بنگال جي رهاڪن کي سنڌن حقن کان محروم ڪرڻ هو ۽ ٻيو مقصد اولهہ پاڪستان ۾ ننڍين صوبن جي ڦرلٽ ڪرڻ هو.

ڪجهہ عرصو قاضي فضل الله "ون يونٽ" ۾ هوم منسٽر مقرر ٿيو هو. هڪ دفعي مان ۽ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب لاهور وياسين. سنڌي ادبي بورڊ جي ساليانِي گرانٽ وٺڻ. مخدوم صاحب انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ترڪيو ۽ مان اورينٽ هوٽل ۾. مخدوم صاحب مون کي چيو تہ، "مون قاضي فضل الله کي سڀاڻي صبح ناشتي تي سڏيو آهي. اوهان سوير اچي ڪيس هوٽل جي دروازي تي هٿ ڏجو ۽ لفٽ ۾ چاڙهي، ڪيس منهنجي ڪمري ۾ وٺي اچجو."

ناشتي تي ويناسين تہ قاضي صاحب پنهنجا قصا بيان ڪندي، مخدوم صاحب کي چيو تہ هڪ دفعي ڪلري ڍنڍ تي منزل ڪيم. مون کي اچي ٻڌايائون تہ ماهيگيريءَ جي تربيت لاءِ چوويهہ نوجوان ڪلري ڍنڍ

۾ تربيت وٺڻ لاءِ ڍنڍ جي ڪناري تي HUTS ۾ ٽڪيل آهن. اوهان کي سلام ڪرڻ ۽ ملڻ اچن ٿا.

مون کين اجازت ڏني. جڏهن هر هڪ کان نالو پڇيم ته ڪٿان جو وينل آهين؟ تڏهن جواب ڏنائين ته "ڪئمبلپور جو."

مان حيران ٿي ويس ته ڍنڍ سنڌ جي. پر، منجهس ماهيگيريءَ جي تربيت وٺڻ لاءِ (سا به سرڪاري اسڪالر شپ تي) هڪڙو به سنڌي نوجوان ڪونهي! ۽ سڀ ڪيمبلپور جا وينل آهن! پوءِ خبر پيم ته ڍنڍ تڏهن A.D.C وارن وٽ هئي، جنهن جو سربراهه جنرل حق نواز هو. جيڪو ڪئمبلپور جو وينل هو. سو چوويهه ئي ڄڻا پنهنجي ڳوٺان پرتي ڪري آيو هو.

ون يونٽ ۾ تڏهن صوبن جي ڦر لٽ ائين جاري هئي. "ون يونٽ" هڪ مصنوعي معاملو هو ۽ ملڪ ۾ اوندهه انڌڪار جو چٽو مثال هو. مولانا مودوديءَ کي البت ان مان "اسلامي وحدت" جي خوشبوءِ آئي هئي. سو اهڙو بيان جاري ڪيو هئائين. پر، آخرڪار، انهيءَ اسلامي وحدت تان پنهنجو مؤقف بدلايائين. ڪو به مصنوعي معاملو گهڻي دير هلي ڪونه سگهندو آهي. ون يونٽ به انهيءَ ڪري ٽٽي ويو پر ان جي ٽٽڻ جو سبب اهو هو ته ماڳهن پاڪستان جا بنياد لوڏي رهيو هو.

سنڌ ۾ ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ سڀ کان اول نوجوان اديبن جي موتين واريءَ مالها ۾ هڪڙو آبدار موتي پريو کان پڌرو هو. سندس نالو هو اعجاز قريشي. دادوءَ جو وينل آهي. اسان جو عقيدو آهي ته آدم مٽيءَ مان خلقيو ويو هو سو آدميءَ جي مٽيءَ سان محبت هڪ قدرتي ڳالهه آهي. اعجاز جي به ان سبب ڪري، دادوءَ جي مٽيءَ سان محبت هڪ قدر تي ڳالهه آهي.

پير علي محمد راشديءَ دادوءَ کي جادو ڪوٺيو آهي.

دادوءَ ۾ ڪنهن زماني ۾ شايد جادوگر رهندا هئا. جن حيرت انگيز ڪارناما ڪيا. مثال طور دادوءَ ۾ "رني ڪوٽ" نالي هڪ قلعو آهي

جيڪو چون ٿا تہ دنيا ۾ وڏو قلعو آهي. اهو فيصلو اچا ڪونہ ٿيو آهي تہ کهڙيءَ حڪومت ٺهرايو هو پر رازا، ڪاريگر ۽ مزدور تہ دادوءَ جي ٿَرَ جا هوندا. اهي تہ چين، جپان يا يوروپي ملڪن مان ڪونہ آيا هوندا؟ وڌ ۾ وڌ ڪي انجنيئر آيا هوندا.

ڳالهہ پئي هلي دادوءَ جي جادوءَ جي.

اعجاز مون کي گهڻا گهڻا سال اڳي دادوءَ وٺي ويو هو. مان تڏهن بورڊ ۾ نائب سيڪريٽري هئس ۽ گڏوگڏ ٻارن جو رسالو "گل ڦل" بہ اعزازي طرح ڪيندو هئس. ان جون سڄيءَ سنڌ ۾ شاخون قائم ڪيون هيون سون. دادوءَ جي شاخ جلسو رکيو هو. ريل ۾ وياسون ۽ ريل ۾ آياسون. ان موقعي تي اعجاز جي والد بزرگوار سائين علي احمد قريشيءَ جي زيارت بہ نصيب ٿي. جهڙو ٻاڻ نيڪ آهي، اهڙو اولاد ڄڻيو اٿس. اعجاز جو ننڍو ڀاءُ ظهير بہ منهنجو دوست ٿي ويو. نيويءَ يا مرچنٽ نيويءَ ۾ هو. هاڻي ڪجھ عرصي کان ملاقات ڪانہ ٿي آهي.

اعجاز وڏو باهمت ۽ بااصول انسان آهي. سنڌ سان محبت سندس دين ايمان جو حصو آهي. ڪتاب پڙهڻ جو شوق اٿس. لکندو بہ آهي. مون ڪڏهن بہ کيس ملول ڪونہ ڏٺو.

کري کوٺي جي وڏي پرک اٿس. ماڻهو هجي يا ڇيڻو جنهن نالي جو ڦهريون اکر "ڪاف ڪتو" هوندو اعجاز قريشي انهيءَ کان هميشہ پري رهندو. هوندئن، سندس خاص خوبي اها آهي تہ يارن جو يار آهي.

هر انسان پنهنجي زندگي اميد ۽ خوف جي وچ ۾ گذاري ٿو. اهو اصول اعجاز سان بہ لاڳو آهي. يونان جي ڏاهي افلاطون چيو آهي تہ، "جڏهن طوفان لڳي. اوندهہ ۽ انڌوڪار ٿي وڃي، تہ ڏاهي ماڻهوءَ جو ڪم آهي، تہ گهر جا سمورا در، دروازا ۽ دريون بند ڪري، اندر محفوظ ٿي ويهي."

اعجاز کي احساس آهي، تہ سنڌ وڏي زماني کان دشمنن جي نرغي ۾ آهي. سو هن ڪڏهن بہ هوڙيائي ڪانہ ڪئي آهي، مهل ۽ موقعو ڏسي

سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيئي ڪم ڪيا اٿس. مثال طور ون يونٽ واري زماني ۾ جڏهن گهٽا ٽٽا گهر ويٺي خيالي پلاءَ پچائيندا هئا، تڏهن اعجاز راولپنڊيءَ ويو. شيخ مجيب سان مليو ۽ ڪانئس ون يونٽ ٽوڙڻ جو وچن وٺي سنڌ ڏي موٽيو. هن خاموشيءَ سان اهڙا ڪيئي ڪارناما ڪيا آهن. هو صحيح معنيٰ ۾ فرزند زمين آهي. سنڌ جو مٽس سلام آهي.

★

# غلام علي

غلام عليءَ سندس ساٿين ڪجهه عرصو اڳ منهنجي مشوري تي ۽ خود پنهنجي تجربي جي آڌار تي، پريس جي يونين ختم ڪري ڇڏي هئي. پر ان کان ڪافي عرصو اڳ، پاڻ بورڊ جي پريس جي ورڪرن جي يونين جو صدر هو ۽ ان حيثيت ۾ گاهي به گاهي مون سان پريس جي مسئلن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ايندو هو. ڪجهه مسئلا ته اسان ڳالهين ٻولين وسيلي کُتائي ڇڏيندا هئاسون، پر ڪي مسئلا نااتفاقيءَ ڪري، ڪورٽن ۾ وڃي پوندا هئا. پر هڪ ڳالهه هئي ته اسان هڪٻئي لاءِ هميشه قرب ۽ عزت کي مقدم رکيو ۽ اها ئي ڳالهه انساني تهذيب، ڪلچر ۽ شائستگيءَ جو روح آهي. سنڌ جو مفڪر علامه آءِ. آءِ. قاضي چوندو هو: "ابا، اکين جي لڄ نه وڃائجي، سدائين ساٿ سڪجي." غلام عليءَ ڪي سندس امڙ پنهنجي ٽيج ۾ ساٿ جي سُٽي وڌي هئي.

ڪالهه مان اسلام آباد مان هوائي جهاز وسيلي جيئن ئي ڪراچيءَ جي ايئرپورٽ تي لٿس، ته محمد بخش ڊرائيور ملڻ شرط چيو "سائين غلام علي گذاري ويو."

خبر ٻڌي منهنجا لڱ وسامي ويا. ورهين جي ساٿين ۽ يارن جي هميشه هميشه لاءِ جدائي ڏاڍي ڏکوئيندڙ ٿئي ٿي. غلام عليءَ جو چهرو منهنجن اکين اڳيان آيو. جڏهن کِلندو هو ته سندس ڏند جرڪندا هئا. هو موڪلائڻ مهل هميشه مون کي کِلي چوندو هو: "مون لاءِ ڪو به ڪم ڪار؟" - هاڻي اهي لب هميشه لاءِ خاموش ٿي ويا.

انساني زندگيءَ جو داستان ڪيڏو نه المناڪ آهي!

بورڊ ۾ ٻيڙو نيڪ مرد ميان علي بخش ورهين جا ورهيه پريس هلائيندو

رهيو. اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ دنيا جي هر موضوع تي ڪچهريون ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن گلستانِ ادب جي چهڪندڙ اها بلبل هميشه لاءِ خاموش ٿي ويئي.

مرحوم گرامي صاحب سان ورهين جا ورهيه گڏ گذاريا. اهو ڪهڙو موضوع هو جنهن تي گرامي صاحب سان گفتگو نه ٿي هئي! سنڌي علم ۽ ادب جو اهو ڪهڙو نُڪتو هو جنهن تي اسان پهرن جا پهر ڪچهري نه ڪئي هئي.

گرامي صاحب جون ادبي جلسن ۾ تقريرون، خاص طرح ون يونٽ واري زماني ۾ ”روح رهاڻ“ جي جلسن ۾ گجگوڙون، ڪنهن کان وسري سگهنديون؟

هڪ ڏينهن اهو 'ببر شير' هميشه لاءِ ابدي آرام ۾ ڏنو ويو.

سائين اسد الله شاهه حسيني! هزار ڳالهيون، هزار داستان! ڪچهريون، قول، قرار محبتون، مجلسون، ڪِل پوڳ، ٺهڪ! اڄهو جڻ ته ڪالهوڪو ڏينهن آهي! ڪيڏو نه محبوب ماڻهو هوا اهي سڀ ڪهڙا نه مِنا ماڻهو هئا! ڪيڏانهن هليا ويا؟ ۽ ويا ته وري ڪنهن هِن طرف منهن ورائي ڪونه ڏٺو. شايد هيءَ دنيا اهڙي ئي اياڳي جاءِ آهي. هڪ ڀيري مخدوم صاحب (طالب المولي) ۽ مان ڪنهن سرڪاري ڪم سان لاهور ٿي وياسين. جهاز ۾ ڪرسيون گڏ مليون. قبله علامه قاضيءَ جو ذڪر نڪتو. مخدوم صاحب به شعر ٻڌايا، جي هاڻي وسري ويا اٿم، پر هڪ جو مفهوم اڃا ياد اٿم:

”عدم جي راهه ڪيڏي نه هموار آهي، جنهن ان تي
پير رکيو سو ايڏيءَ آسانيءَ سان اڳتي ويو
جو وري پوئتي نظر ورائي نه نهاريائين.“

شال الله پاڪ انهن مڙني محبوبن، يارن، دوستارن کي رحمت ۽ مغفرت سان نوازي ۽ غلام علي مرحوم کي جنت ۾ جايون ڏئي:

مَتي ٿَر رهي، ويا گُذاري ڏينهڙا!

★

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ڀاڙي، ڪانئر، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)